# اهي ڏينهن، اهي شينهن

(جلد پهريون)



پير علي محمد راشدي

سنڌي ادبي بورڊ

جلد پهريون

# اُهي ڏينهن، اُهي شينهن

[ٽن جلدن ۾]

”جنهن جي رات، تنهن جو ڏينهن ،
جنهن جو مدن، تنهن جو شينهن.“
_مدن فقير.

پير علي محمد راشدي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2009ع

هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | جنوري 1966ع | تعداد 1000 |
| ڇاپو ٻيو | جنوري 1774ع | تعداد 2000 |
| ڇاپو ٽيون | جولاءِ 1987ع | تعداد 2000 |
| **ڇاپو چوٿون** | **جنوري 2009ع** | **تعداد 1000** |

**قيمت: ٻه سؤ ٽيهه رپيا**
**[Price Rs: 230 -00]**

**خريداري لاءِ رابطو:**
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ انچارج مئنيجر محمد رحيم نوحاڻيءَ ڇپيو ۽ پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

هن ڪتاب جي مطالعي ڪان پوءِ خبر پوندي، تہ راشدي صاحب هن ڪتاب 'اهي ڏينهن اهي شينهن' (جلد-1) ۾ هڪ دؤر جي پڪار لکي آهي، ان جي هن دور ۾ بہ ضرورت آهي، پير علي محمد راشدي هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هو، تنهنڪري ان جا رُخ بہ گهڻا آهن، جن تي ڏار ڏار لکي سگهجي ٿو. هو ڪامياب سياستدان هو، صحافي هو ۽ سنڌي صحافت جي بانيڪارن مان هو. هو اعليٰ پائي جو ليڪڪ ۽ تاريخدان بہ هو، پر هن زندگيءَ جو گهڻي ڪان گهڻو حصو سياست کي ڏنو. تنهنڪري هن جي سياسي زندگي عوامي زندگي تي گهڻو حاوي ٿي وئي آهي، جنهنڪري راشدي صاحب جي عوامي زندگيءَ جي جهلڪ رهجي وئي آهي. هن جي ذهن تہ بادشاهن ۽ سياستدانن سان گڏجي سياست ڪئي، پر سندس دل جي تنوار مدن فقير جهڙن صوفي منش ماڻهن سان هروقت ريڏل هئي. هيءَ ڪتاب راشدي صاحب ذهن سان نہ پر دل سان لکيو آهي، تنهنڪري هيءُ ڪتاب هر سنڌي ماڻهوءَ کي پڙهڻ گهرجي. هن ڪتاب ۾ ادب، تاريخ، صحافت، سياست ۽ نجي زندگي وغيره جا ڪيترائي رنگ ملندا. تنهنڪري هيءُ ڪتاب زندگيءَ جي گهڻ پاساون رُخن تي پرپور روشني وجهي ٿو. هن ڪتاب جي اپياس ڪان پوءِ تاريخ بابت جيڪو تاثر جڙي ٿو، اهو اِهو آهي، تہ تاريخ بادشاهن جي ذڪر ڪرڻ سان مڪمل نہ ٿيندي آهن، پر اها مڪمل ۽ سچي تاريخ تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن اُن ۾ عوامي رنگ پرجي ٿو. سچي تاريخ بہ اهائي آهي، جيڪا عوام جي صحيح تصوير ڪشي ڪري، جنهن ۾ عوامي ريتن رسمن، اٿڻي ويهڻي سميت پوري ڪلچر جي جهلڪ هجي.

اميد ٿي ڪجي تہ هيءُ نئون ڇاپو پڙهندڙ حضرات جي خدمت ۾ پهرين ڇاپي وانگر پنهنجي مقبوليت ماڻيندو.

**پروفيسر سيد زوار حسين شاهہ نقوي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو
خميس، 3 محرم الحرام 1430هہ
1- جنوري 2009ع

# فهرست


عرض حال 7

وڏيرڪي زندگيءَ جي تصوير 9

سنڌ جون ڪي شخصيتون:

خيرپور 77-39

عام حال.

مير علي نوازخان - شيخ محمد قادر مرحوم- خانصاحب امجدالله خان- بابو غلام محمد - ديوان گيانچند - راءِ صاحب منگهارام - خانصاحب گل حسن خان - ميان محمد بچل. فاريسٽ آفيسر - غلام حيدر دفعدار- پير محمد صالح شاهه رحہ - پير ميان خميسل شاهه مرحوم- مولوي غلام محمد مهيسر رحہ - خانصاحب غلام رسول شاهه- سرائي ڏنل خان مرحوم- ملڪ شيردل خان مرحوم- شيخ محمد حفيظ الله خان مرحوم - وڏيرو مير محمد خان گهمرو مرحوم - ميان عابد علي شاهه ۽ ٻيل شاهه - حڪيم غلام حيدر- ڊاڪٽر راجا خان - سرائي حسو خان.

شعر شاعري ۽ شاعر: مير بشارت حسين زيدي - مير علي مراد خان- مير علي نواز خان - سها - حفيظ جالنڌري ۽ حڪيم احمد شجاع لاهوري - پيرل

سکر 190-78

عام حال.

سرڳواسي ٽيڪچند ماڪيجاڻي - آغا نظر علي خان مرحوم - خانبهادر ميان پير بخش مرحوم - پير ميان ڪرم علي شاهه مرحوم - ميان عبدالرحمان پيرزادو - ديوان پوڄسنگهه پهلاجاڻي- ديش ڀڳت ويرومل بيگراج - مسٽر عبدالحميد خدادا خان - ڊاڪٽر محمد يامين - ديوان صاحب سنگهه وڪيل - ديوان بهادر ايسرسنگهه - ديوان ڪندنداس - ديوان بسنترام - ديوان ڪرمچند وڪيل - ميان فتح شاهه - ٻاپو گل- ميان فضل محمد سومرو - سردار بهادر قيصر خان بوزدار.

**سکر جا اخبار نويس:** ديش ڀڳت ويروَمل بيگراج (هفتيوار "سنڌي") - شيخ محمد سليمان(هفتيوار"الحق")- شيخ عبدالعزيز(هفتيوار "الحق") ميان عبدالحڪيم ( هفتيوار "الحق") شمس الدين"بلبل"(هفتيوار "آفتاب سنڌ") - ماستر عبدالوهاب(هفتيوار "سنڌ زميندار")- ڀائو امرداس (هفتيوار"ڌرم وير")- آرت مل پنجابي (هفتيوار "هندو ليگ گزيٽ").

**مسلمان قومي ورڪر:** ابو شوڪت حمزو - مولانا عبدالڪريم چشتي - ميان محبوب علي شاهه - مولانا تاج محمد امروٽي رحہ - مولانا عبدالغفور همايوني رحہ.

**ڪي وقتي عملدار:** ڪرنل ميهو - مائسي صاحب - مانٽگمري- اومني صاحب - اٽوراتفيلڊ - ڊاڪٽر سارلي - مسٽر هوڊ - ايچ. ايم پٽيل- مسٽر يو. ايم ميرچنداڻي- شيخ يعقوب - ڪوٽا والا - جماندار دريا خان - محمد بخش صوبيدار- صوبيدار جمعو خان - علي بخش خان ماهوٽو - غلام اڪبر خان.

پيڙ فقير- مير علي نواز علوي - هيمو ڪالاڻي- سردار بهادر امام بخش جتوئي.

**ڪوٽ مير محمد جا مير صاحب:** مير محمد خان ۽ پيا.

**سکر ۽ روهڙيءَ جا تاريخي خاندان:** مرحوم سردار سيد ثابت علي شاهه- مرحوم سيد صادق علي شاهه

## شڪارپور 191 - 203

### عام حال

خانبهادر الله بخش مرحوم - ڪريم بخش ٽانوري.

## جيڪب آباد 204 - 276

### عام حال

سردار شيرمحمد خان بجاراڻي- مسٽر محمد امين ڪوسو-سردارعبدالرحيم خان ڪوسو - خانبهادر دلمراد خان ڪوسو - سردار بهادر صحبت خان گولو -

خانبهادر چاڪر خان سهرياڻي - آزاد خان جکراڻي - حڪيم قائم الدين مرحوم - مولوي محمد حسين مرحوم - محمد اسلم اچڪزئي ۽ برڪت علي آزاد - خانصاحب سهراب خان سرڪي- چاچو ميان الله بخش - چاچو ميان نبي بخش خان سرڪي- سر غلام حسين هدايت الله مرحوم.

ڊڪڻ: غلام مصطفيٰ خان - غلام صديق خان - خانبهادر شاهنواز خان- حوالدار احمد - منشي علي بخش - خانبهادر محمد پناهه خان.

## لاڙڪاڻو 276 - 416

نئين ديري جا مشاهير: وڏيرو رسول بخش خان پنهور- سردار واحد بخش خان پنهور - نبي بخش خان پنهور.

رتوديرو: گلو ۽ جيسو.

پنجو ديرو: ديوان تولا رام - ديوان جوتو مل - حاجي بيگ - ڀائي ڏاسو مل- قادر بخش- اُڌل - سائينداد - سکيو - پوت خروس - ليلومل - پريو مرحيات.

استاد: مولوي سومر بوهڙو - مولوي محمد صديق - ماستر محمد رفيق- چيتانند نارومل هگوراڻي - ماستر ڪشنچند.

وڏيرو سائين: وڏيرو جان محمد خان ابڙو.

طيب جا ديوان: راءِ صاحب مولچند - ديوان اُتمارام - ديوان جيوتراءِ.

خيرو ديرو: اُتمارام - الله بخش خان هڪڙو - راءِ صاحب گوڪلداس ميولداس - حاجي علي نواز خان گهانگهرو- علي حسن خان گهانگهرو.

لاڙڪاڻي تعلقي جون مقتدر شخصيتون: وڏيرو شير خان ڪيهر مرحوم- وڏيرو صاحب خان جوڻيجو- مرحوم حاجي امام بخش خان ماهوٽو - ميان نورمحمد شاهه بقاپوري.

لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو.

پير تراب علي شاهه راشدي رحمة الله عليه.

●

# عرض حال

عيسوي ويهين صديءَ جو پهريون اڌ خاصي گوڙ گهمسان ۽ ڦيرڦار جو زمانو ٿي گذريو آهي. ان زماني ۾ ٻه عالمگير جنگيون لڳيون، بادشاهين ۾ ٽاڪوڙا پيا، ڏڪٽيٽر اپريا ۽ ٽنگيا، ائٽم بم ڦاٽا، هند ۽ سنڌ مان فيل مست فرنگي موڪلائي ويو، هند کي سوراج ۽ سنڌ کي پاڪستان جڙيو، مُلڪان مُلڪ ذهني ۽ تهذيبي "مَهيءَ ولوڙو" شروع ٿيو، مڙسن سُنهاريون صاف ڪرائي ڇڏيون، سَتُر وندين چادريون چيري ٻاهر نڪري آيون، اڳ ڇڙا ڪدڙا نچندا هئا، پر ڦيري آئي، ته دولهه دريان خان ۽ هوش محمد جا جاءِ نشين ٻه رمبا ۽ سمبا ۾ جنبي پيا. اهو زمانو ڪنهن پر منهنجين اکين اڳيان گذرندو رهيو آهي. آءٌ اکين ڏٺو شاهد آهيان ڪيترن واقعن ۽ ڦيرين ڦارين جو.

اڄڪلهه پراڻيءَ تاريخ جي ڳولا ۽ ترتيب ۾ وڏي دلچسپي ورتي پيئي وڃي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي جيارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ پڻ ڪوششون پيون ٿين. پر جن شين کي اهڙي ذوق شوق هوندي ٻه وساريو پيو وڃي، سي آهن اُهي واقعا، جيڪي اسانجين پنهنجين اکين اڳيان ٿيندا رهيا آهن، ۽ جن کي قلمبند ڪري ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ وڏي تاريخي خدمت ٿئي ها. وقت گذرندو پيو وڃي، ڪاغذ ڦاٽندا ۽ شاهد مرندا پيا وڃن - ڪجهه عرصي بعد ٻنهي خانو ئي خالي رهجي ويٺو آهي.

هن وقت منهنجو ارادو سنڌ جي مڪمل تاريخ مرتب ڪرڻ جو ڪو نه آهي. هن ڪتاب لکڻ مان مراد محض اها اٿم، ته پنهنجي زماني جا ڪجهه اکين ڏٺا واقعا بيان ڪريان، ڪن اهڙن ماڻهن جو ذڪر ڪريان، جن کي ڏسڻ جو وجهه مليو، ۽ ڪن اهڙين حقيقتن کي واضح ڪريان، جن جي وسيلي سنڌين جي پراڻن ۽ نون نمونن جي وچ ۾ جو فرق آهي، سو ظاهر ٿئي. وڌ ۾ وڌ هيءَ ڪَچو ۽ اڻ راس ٿيل مواد آهي، جنهن کي آئندي لاءِ محفوظ رکڻ جي نيت سان قلمبند ڪري رهيو آهيان، اهو ڪم ايندڙ زماني جي مؤرخن جو ٿيندو ته هو ان مواد کي سوهي سموهي منجهانئس ڪم وٺن. نه وري آءٌ ڪو پنهنجي دل ۽ دَماغ جا سارا دفتر، پنهنجي زماني جا سارا قصا ۽ واقعا هن محدود صحبت اندر سمائي سگهان ٿو. ان لاءِ نه هي موقعو آهي، ۽ نه ايتري فرصت اٿم.

منهنجي پنهنجي حياتي ائين پئي گذري آهي، جيئن واچوڙي جي وچ ۾ ڪو ڪک. نہ واچوڙو ڇڏيس، نہ ڪک قرار وٺي:

واڳ پرين جي وس، آءُ ڪا پاڻ وهيٽي!

گهڻا قصا بنهہ وسري ويل اٿم. ڪيترن قصن جا تفصيل دماغ جي ڦرهيءَ تان ميسارجي ويل آهن. ڪي ڪاغذ ناس ٿي ويا آهن، ۽ ڪي ٻين ماڻهن جي قبضي ۾ آهن. يادگيريءَ ڪي تازي ڪرڻ لاءِ ڪو انتظام ڪو نہ رهيو آهي. سڄو بار هينئر آهي ٻ نهنجي حافظي تي - ۽ انساني حافظو هرويرو اهڙي شي نہ آهي، جنهن کان وقت جو ڪاريگر لغزش ڪرائي نہ سگهي.

اڃا ٻيو هڪ مونجهارو بہ سامهون هو - يعني تہ هيءَ ڪهاڻي ڪٿان شروع ڪري، ڪهڙي دور تي ختم ڪجي. جيڪڏهن سلسلي ۽ تاريخن جو لحاظ رکيو ٿي ويو تہ تمام گهڻي محنت ڪرڻي ٿي پيئي، جنهن لاءِ نہ وقت هو نہ سهولتون. هن ڪتاب جي شروعات ڊسمبر 1956ع ۾ ڪيم، ۽ اڄ فيبروري 1965ع آهي. ان وچ ۾، اڌ جهان اندر رلندو ڦرندو رهيو آهيان - يورپ ۾، عرب دنيا ۾، فلپائن ۾، ويتنام ۾، جاپان ۾، چين ۾، هانگ ڪانگ ۾. ان رولڙي هلندي، جتي ۽ جيئن فرصت پئي ملي اٿم ۽ پراڻا قصا ياد پئي پيا اٿم، ات ۽ ائين انهن کي لکندو ويو آهيان. پڙهندڙ معاف فرمائين، جيڪڏهن ڪين ربط ۽ سلسلو صحيح نظر نہ اچي.

علي محمد راشدي

239- پسٽنجي اسٽريٽ،
ڪراچي
28 - فيبروري، 1965ع

# وڏيري زندگيءَ جي تصوير

[نوٽ: جنهن زماني سان هن قصي جو تعلق آهي، سو زمانو پهرين عالمگير جنگ (1914ع کان 1918ع) جو هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ تي ڪامورا ۽ انهن جا چاڙتا، وڏيرا ڇانيل هوندا هئا. قصو خيالي آهي، ۽ نالا سمورا فرضي، ڪتاب جي مهڙ ۾ هن قصي ڏيڻ جو مقصد هي آهي ته پڙهندڙن جي اکين اڳيان ان زماني جي عام حالتن جي هڪ تصوير رهي.]

(1)

انگريزن جو ڏاڍو زور هو. "جناب ڪليڪٽر صاحب" ضلعي جو حاڪم هوندو هو." جناب ڪمشنر صاحب بهادر مالڪ ممالڪ سنڌ" جو ته قصو ڪرڻ کان ئي ٻاهر. سنڌ هوندي هئي بمبئي پرڳڻي جو هڪ ڏورانهون حصو. تنهن ڪري "جناب نواب گورنر صاحب بهادر بمبئي" سال ۾ فقط هڪ ڀيرو ايندو هو، سو به شيل شڪار خاطر. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ زميندارن وٽ وڏيون ڍنڍون هونديون هيون، جيڪي گورنر ۽ ڪمشنر جي شڪار لاءِ محفوظ رکيون وينديون هيون. صاحبلوڪن جي آمد وقت زميندارن طرفان وڏا بندوبست ٿيندا هئا. اکيچار مهمانيون ۽ بيحساب خاطريون ۽ تواضع - بلڪ انهن وڏيرن جي عيد اها هئي، ته گورنر يا ڪمشنر صاحب اچي سندن مهمان ٿئي. ان ڪري مقامي عملدارن ۽ راڄ جي ماڻهن تي سندن رعب رهندو هو. ٻيا انعام اڪرام، لقب ۽ سرڪاري رعايتون ان اپرانڌ. ان زماني ۾ ڪمشنر يا گورنر ڪنهن وڏيري تي مهربان ٿيو، ته ٻيڙائي پار: آني - ٻٽي في ايڪڙ مالڪاڻي تي هزارين ايڪڙ زمين جا بطور بخشيش جا ملندا هئا، معمولي کان معمولي ماڻهو گهڙيءَ پل ۾ وڏين ايراضين جا مالڪ بڻجي ويندا هئا. "خان صاحبيون " "خان بهادريون "، درٻارين ۾ تراريون، لُنگيون ۽ آفرين ناما تنهن کانسواءِ.

جناب نواب گورنر صاحب بهادر بمبئيءَ جي تشريف آوري هميشه سياري جي موسم ۾ ٿيندي هئي، پر اطلاع سانوڻ ۾ ئي اچي ويندا هئا. مثلاً جنهن به زميندار جي ڍنڍ تي شڪار ٿيڻو هوندو هو، ان تي تعلقي مختيار ڪار صاحب جي جاري ڪيل "روبڪاري". حد جي ٽپيدار ذريعي ڪئين مهينا اڳ تعميل ٿيندي هئي، جنهن جو مضمون هوندو هو:

"مانَ وارو (خانصاحب، يا خانبهادر، يا نلهو وڏيرو) فلاڻو.... جيئن ته ... جناب ڪليڪٽر صاحب بهادر لاڙڪاڻي ضلعي جن جي

حڪم نمبر.....مورخ..... موجب اوهان کي اطلاع تو ڏجي تہ تاريخ ...... جو عاليجناب نواب گورنر صاحب بهادر بمبئي جن جا، اوهان جي ڊنڊ تي بدڪن جو شڪار ڪرڻ فرمائيندا، تنهن ڪري توهان کي هر طرح جو بندوبست ۽ انتظام اڳواٽ ڪرڻ جڳائي. توهان جي سُڌ لاءِ هيءَ روبڪاري جاري ڪئي ويئي."

روبڪاريءَ جي پهچ باقاعدي صحيح ڪرائي ورتي ويندي هئي، ڇڻ تہ ڪو قانوني دستاويز هو. جيڪو تپيدار اها روبڪاري کڻي ايندو هو، تنهن جو شان تہ شاهاڻو هوندو هو. گهڻي گاهہ داڻي جي آسري تي، سندس گهوڙو پري کان ئي هڻڪندو ايندو هو. تپيدار جي پنهنجي مٿي تي ڊبل طري سان ريشمي پڳ، بدن تي ململ جو چولو، ان مٿان الپاڪي جو ڪارو نندو ڪوٽ، پٽڻي جي ڏهہ والي ڏوبيءَ ڌوتل سٿڻ، سيم لڳل جُتي، کيسا ڪاغذن سان پُر، هٿ ۾ گهٽو ڪري نيٽ جو سنهو لڪڻ، جنهن تي سيم جڙيل، توبري ۾ نقشا، جن جا بوٽ باهر. فائونٽين يا "اندبي پندبي" قلم اجا رائج ڪو نہ ٿيا هئا، تنهن ڪري توبري ۾ هڪ وڏي قلمدان جو انتظام بہ هوندو هو. قلمدان اندر مس واٽڪي، جنهن ۾ اڳڙين جو نائو وڌل، "مَـسچڻي" جي جاءِ تي واريءَ سان پريل دٻلي، قلم ڪانهن جا، ۽ هڪ - اڌ اسٽيل، ڪجهہ پينسلون، ۽ هڪ هالا جو جنڊيءَ لٿل رنگدار رول، زير ويچار لکپڙهن يا ٻُـڪارن جي درخواستن جا ٻہ - ٽي بستا بہ ساڳئي توبري جي پيٽ ۾ پيل رهندا هئا.

تپيدار سان گڏ ڪوٽوار جو هجڻ بلڪل لازمي هوندو هو. ڪوٽوار جي اک، تپيدار تہ ڇا، پر مختيارڪار کان بہ وڌ ڪرڙي هوندي هئي. ڳوٺاڻن کي ڊيڇارڻ، ڪڪڙ کهائڻ، گيهہ مکڻ گڏ ڪرڻ، ۽ رسائيءَ جو انتظام رکڻ سندس ڪم هو. تپيدار کي ڪهڙيون جسماني بيماريون لڳل آهن، ڀوڙ ۾ گيهہ وڌو وڃي يا مکڻ، ڳاڙها مرچ استعمال ٿين يا ڪارا، گوشت ڪڪڙ جو هجي يا نندي کير پياڪ ليلي جو، تن ڳالهين جي خبر پڻ سندس ذريعي ئي پئجي سگهندي هئي.

(2)

هينئر تپيدار صاحب جي تشريف آوري تي ٿئي - ان جو نظارو ڏسو ۽ احوال ٻڌو.

وڏيرو ڪڪائيڻءَ اوطاق ۾ ويٺو آهي ڪٽ تي. هيٺ تڏا ۽ منجيون پيل آهن. تڏي تي ويٺل آهن عام ماڻهو، هاري ناري، نوڪر چاڪر ۽ منجين تي وڏيري جا پنهنجا غريب مائٽ يا پسگردائيءَ جا ننڍڙا ڪاتيدار. ڪچهري لڳي پيئي آهي. چوطرف ڪجهه شڪاري ڪتا ڪير ۾ منهن وجهو ستا پيا آهن، ۽ ڪجهه ويڙهو ڪڪڙ پيا گند ڪوڻين. ايتري ۾ پري کان گهوڙي جا هٽڪار اچن ٿا. وڏيري جا ڪن ڪڙا ٿي وڃن ٿا - ۽ ڪچهري خاموش.

وڏيرو(نوڪر کي) - ماڪوڙا! پـڄ تـ....ڏس، ڪير آهـي. ڪـو هفيسر(آفيسر) تـ نـ آهي؟

ماڪوڙو- جئين تون، هٽڪ تہ جماندار (پوليس) واري مشڪيءَ جي آهي.

وڏيرو- ڪبر(خبر) نـ آهي، جماندار صاحب ڇو ٿو اچي. ڪُدا (خدا) ڪئر (خير) ڪري!

ماڪوڙو- نـ سائين، جماندار نـ آهي. تپيدار صاحب، منشي ڪُدابهڪ ڪان (خدابخش خان) آهي.

وڏيرو- ڊوڙ، وڃي گهوڙو وٺ!

وڏيرو- ڪبڙ(ٻيو ڪامي) ڊوڙ، بنگلي مان ڪرسي ڪڍي اچي رک! [بنگلي جي معنيٰ ڪچيـن سـرن مـان ٺهيـل ڪوٺـو، جنهـن ۾ ڪـاٺ جـون ٻـ - ٽـي ڪرسيون، اُنن جا پاڪڙا، گهوڙن جا هنا، گاهہ، داڻي جو اَن، ڇنـل ڪنـون، ۽ مسافرن لاءِ رلهين جا انبار پيل آهن.]

[خدا بخش خان لڏندو پيو اچي. ڪيس ڏسي سڄي ڪچهري اٿي بيهي ٿي.]

خدابخش خان - سلاماليڪم!

وڏيرو ۽ سڄي ڪچهري - ماليڪم سلام! ڀلي آيا، ڪُدابهڪ ڪانَ! ويهو سائين ڪرسيءَ تي... اڳتي سرو... ويجها ٿي ويهو.

وڏيرو- ڪدابهڪ ڪانَ، ڪُش آهيو؟ چڱا ڀلا، عزت آبرو، دين ايمان، روزو نماز، رزق مال... ٻيو سڀ ڪئر؟ الله جي مهرباني، امن امان، ڏٽيءَ جا ٿورا، توهان دوستن جون دعائون!

[ايتري ۾ ملهار خان ڪوٽوار بہ اچي پهچي ٿو.]

وڏيرو (ملهار کي) - تون ڪُش آهين؟ چڱو ڀلو؟ ٻيو سڀ ڪٿر؟
ملهار خان (وڏيري کي) - سائينءَ جي سربَڪَتَ (بخت) جو ڪٿر! سائينءَ کي دعائون پيا ڪريون.

وڏيرو - ناڪومل! [واٽيو مودي، جيڪو اندر حويليءَ ۾ به اچي وڃي پيو.] ٻچ، ٽڪر ٽاپ جو وڃي چٺ..... هنڌ ڪڻ به بنگلي ۾ وڃهراءِ.

ناڪومل (ملهار ڪوٽوار کي ٻاهر ڪڍي وڃڻ بعد) - ملهار ڪانَ! ڇا ڪرايون ٽپيدار صاحب لاءِ؟

ملهار ڪوٽار - تَبا (طبع) نيڪ ڪا نه ٿي رهيس، گهٽو ڪو نه ٿو کائي سگهي. ننڍڙي ليلڙي کي ڪري سير وڃهاءِ. ڦوٽي جي داڳ سان ڳنڍڻ هجي، ٻه - ٽي ٻوٽيون ڪري سڳداسين ۾ به وڃهراءِ. طبيب جو چوڻ اٿس ته ڪم ڪاڪتيءَ (ڪم طاقتيءَ) ڪري ڇيلي جو ميڇالو ضرور کائي، سو اهو به ڪري ترائجانءِ. ڇهر لاءِ جيرن بـُڪين جا ٽڪر به ڪري هجن. ڏندن جو مڙئي ڪَچو آهي، سو مکڻ ۾ تريل نرم اُڦراٽي کان سواءِ بنهه کائي ڪو نه سگهي، پر سٽيپ ذرو سرس هجي. پر جيستائين ماني تيار ٿئي، تيسين ڪجهه سريت (شربت) ته آڻ. بيمار هو، اچڻ جهڙو ٿي ڪو نه هو. پر راءِ صاحب (مختيارڪار) زور ڪري موڪليو اٿس. لاٽ صاحب (گورنر صاحب) ٿو اچي وڏيري وٽ. شڪار لاءِ! ساري ملڪ ۾ هولچو مچي ويو آهي. راءِ صاحب ڊوڙايس ته وڃي وڏيري کي هڪدم ڪبر (خبر) ڏي. مڙئي سرڪاري ڪفا (خفا) آهن. هڪ ٿي بلا لهي، ته ٻي ٿي اچي منهن ڪڍي. ڪاڏي وڃن ويچارا هافيسر.... مان پاڻ به چاڪ ڪو نه آهيان. پر اڪيلو ڪيئن ڇڏيانس؟ مون کي پاڻ کي ڏس مليل آهي ڪنگهه ۽ بلگم (بلغم) جو. منهنجي لاءِ ڪري هڪ "بُسري" دانگيءَ ۾ وجهراءِ پر ڳُڙ نه هجيس - ڪُٽيل سچي مصري، ۽ گيهه بدران ڳائو تازو مکڻ. ڦوٽن جا ٻه - ٽي داڻا ضرور هجنس - باديءَ جو ڪَلل (خلل) لڳل آهي. ڇا ڪريون، پيرسنيءَ به اچي ورتو آهي. پائي ناڪومل، تون ته يار آهين، ورهين کان سڃاڻين!

[اندر ڪچهري جاري آهي]

وڏيرو - ڪدابهڪ ڪانُ، ڪريو ڪبرون ڪٿر جون؟

خدابخش خان - الله رسول ڪوڻ پيا خير گهرون. راءِ صاحب وٽ ڪالهه ڪليڪٽر صاحب وٽان اچي حڪم پهتو... لاٽ صاحب

ڊسمبر مهيني ۾ سائين جن وٽ شڪار تي اچڻ جي دعوت قبول ڪئي آهي. راءِ صاحب کي خيال ٿيو ته وڏي خفي جهڙي ڳالهه تي پيئي... هزارين رپيا رسائيءَ تي خرچ ٿيندا، سڄي سنڌ اچي هٿ ڪٽرڪندي: گورنر صاحب، گورنر صاحب جا مهمان، ڪمشنر صاحب، ان جا آڙي ڪاپ ۽ منبر صاحب ۽ بيو عملو، ڪليڪٽر صاحب ۽ ان جو عملو، ڊپٽي صاحب، پوليس ڪماني — مطلب ته سڄي سرڪار اچي هٿ سهڙندي. زميندارن جو به اڄڪالهه حال ڪو نه آهي. ڪي ٿورا خاندان وڃي بچيا آهن، اوهان جهڙا. مون ته راءِ صاحب کي خاطري ڏني ته ڪو فڪر نه ڪريو: "بار ڪڻندا باري، ناهي ڪم ڪـَچن جو!" وڏيري سائينءَ جو سر سلامت هجي ته تعلقي جي عملي کي ڪا ڪاڻ ڪا نه آهي، سمورا بار وڏيرو صاحب پاڻ ڪڻندو. آخر لاٽ صاحب به ته سندس مهمان ٿي ٿو اچي، ڪنهن بئي ڏي ته واجهائي ها! اهي آهن حال، اهي احوال. هيءَ روبڪاري آهي، تنهن تي ڪري سائين جن صحيح وجهن، يا مهر هڻن.[ وڏيرو اٽپڙهيل آهي، تنهنڪري منڊيءَ ۾ لڳل مُهر هڻندو آهي.] وقت ڪان اڳ سائين جن راءِ صاحب سان ملي، صلاح مصلحت پڻ ڪن ته انتظام ڪيئن ٿيندو - ڪهڙو سامان گهرائبو ڪم جي ونڊ ورچ ڪيئن ٿيندي، نيٺ نندي ڳالهه ته نه آهي، ملڪ جو بادشاهه ٿو اچي!..... جيءَ پنهنجا حال؟

وڏيرو - يلي آيا، جي آيا! ڪدابهڪ ڪانَ، اسان جا حال سڀ ڪٿر جا آهن. اسان کي پاڻ تنهن ڏينهن ڪليٽر (ڪليڪٽر) صاحب جي شيشدار (سرشتيدار) نياپو موڪليو هو - ته لاٽ صاحب هيڏي اچڻو آهي. يلي اچي، جي اچي! اڳئين سال به مهرباني ڪئي هئائين، هيلهه به اچي ٿو ته سيو ڪجهه ٿي پوندو.

ڪچهريءَ جا بيا ماڻهو - وڏيري سائينءَ جو ته يار آهي، ايهو گورنر! پرسال ته ليندي (گورنر جي ليڊي) به هر هر کِلي پئي وڏيري سان ڳالهايو!

وڏيرو - لاٽ صاب ۽ ليندي صاب بئي اسان جا يار آهن. مـُمبئيءَ (بمبئي) اچڻ جون به بنهي چٺن دعوتون ڏنيون آهن. پر اسان کي ٻاهر جو پاڻي پانءِ ڪو نه ٿو پئي، تنهن ڪري ڪاڏهن نڪري ڪو نه ٿا سگهون.

ڪاراچيءَ(ڪراچيءَ) ڪماشنر (ڪمشنر) گهرايو، تہ بہ ڏاڍي ڏکيائي تي هئُر.... ادا ڪدابهڪ ڪانَ، راءِ صاحب کي ڪاتري (خاطري) ڏج. مڙيو ئي چڱي ٿي پوندي. سيو ڪجهہ ڪري وجهنداسين ..... پيو ڪـُلئي ڪير؟ ڪُش چڱا پلا، پيو سپ ڪٺر؟

[وڏيرو روبڪاري وٺي، هيٺان مٿان اٿلائي، ڏسي، ويڙهي، پنهنجي صدريءَ جي اندرئين ڪيسي ۾ وجهي ٿو. صدريءَ جي ڪيسي ۾ ناس جي دبلي، ڳاڙهو نڪ اگهڻ جو رومال، ۽ ڪجهہ نوٽ بہ پيل آهن. صدريءَ جي ٻاهران ڏورئي جو ڊگهو چولو چڙهيل آهي.]

(3)

[خدابخش خان بنگلي ڏانهن اُٿي وڃي ٿو، ۽ باقي ڪچهريءَ ۾ گفتگو جو سلسلو جاري رهي ٿو.]

اڪ (راڄ جو هڪ ماڻهو)- سائين، گذريل ڪـَميس(خميس) رات منهنجا ڊڳا لوڙهو پٽي ڪڍي ويا آهن. قرآن کهمائي ٿڪجي پيو آهيان، سائين ڪا واهر ڪري.

وڏيرو- ڪو ڇـَڪ ڇـُبو؟ (شڪ شبهو)

اڪ - موڻ جا پير تہ اتري ڏي ويا. شابڙاڻن جي واندِ وٽان وڃي ريل جي بند تي چڙهيا، پوءِ پتو ڪو نہ پيو.

مينهون خان (پاڙي جو ننڍو ڪاتيدار) - جئين تون، اهي شابڙاڻي پاڻ وڏي پاٽاري وجهو وينا آهن! آئي وئي چور چڪار جي دُئي لڳي پيئي آهي. نہ تا چڱي مـَني کي منهن ڏين، ۽ نہ وسيلي(قرآن) کي مڃين، سڦا(صفا) نڪر آهن.

رسولو (ڳوٺ جو ڪنيار) گـُلان نبيءَ(غلام نبي)جون مينهون بہ قادوءَ شابڙاڻيءَ موٽايون، ڏيڍ سؤ يـُڳ وٺي. ڏهي ڏهي، پيڙان ڪري ڇڏيون هٿائون. گلان نبيءَ جي ماءُ مـُساڦ (مصحف) ڪڻي وين تہ بہ ڪو نہ ليکيائون.

ڏنو (ڪمدار) - کهڙا آهن شابڙاڻي؟ نہ سڌ صلح ڏين، نہ اٿيءَ ويٺيءَ ۾ مدارت(مدد) ڪن. چوريون ڪري ملڪ ناس ڪري ڇڏيائون. گـُهراماڻن جا ديرا پيجي ول ڪٽي ويا. ٽيڪومل ڪان اڳواٽ پئسا وٺي مڪڻ ڏيڻ ڪون جباب(جواب) ڪڍي ڏنائون. چيڙفقير (لنگهي) واري زال بہ انهن جي چـُرچ

ورهہ لابارن جي موسوم (موسم ) ۾ ابوءَ سان وتو هئائون. پوءِ ڪبر(خبر) آئي الهداد ڪانَ(خان) ڇا ڪري گذريو؟ بروقت تہ ابو پڇي ويو هو. پوءِ دڦيدار (دفعدار) ڪي گهرائي، ڍڳو ڪڍ لارائي، ڇهہ مهينا ٽيپ ڏياري ڇڏيائينس. مرندو مري ويو، وري ڪنهن جي ٽانير بہ نہ لتاڙيائين! رن ڪي بہ گهرائي، پهريائين تہ چوٽيون پٽارايائينس، پوءِ اگهاڙو ڪرائي، هٿ پير ٻڌارائي، رات جو ڏڪڻين تلاءَ جي وٽ سان ڪري اڇلارايائينس. اڇي پٽيس مڇرن – دانهن تي دانهن ڪوڪ تي ڪوڪ! پوءِ بہ رن جي ماءَ اڇي پير جو پلاند وڌس، تڏهن ڇڏيائينس. وري ڪنهن ڏي جو ڪٽي رن واجهائي بہ! ڇڻ ڪتيءَ ڪن وڍايا!...
هاڻي تہ وڏيري جي ٽڏائيءَ ڪري، انڌي جي جوءِ الله جي آمان آهي. ڇا ڪريون؟ اسين بہ دانهون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون. اڇا جڏهن اُٺي!

مينهون خان – وڏيرو سائين بہ شينهن لڳو پيو آهي. سندس مُندبو ڪير پٽي سگهي؟ صوبيدار (پوليس صوبيدار) ڪي چٺي ڪري، بدماڇيءَ (بدمعاشيءَ) ۾ ڏيونِ. لڄ لوڦر پلي ڍيچار ڪائيندو وڃي. تنهن ڏينهن مان پاڻ ٽاٽي تي ويو هوس، گل محمد ڪانَ سوار ٻڌايو تہ مٿائون جا حڪم اڇي ويا آهن، جلد بدماڇن جون لسٽون ڪلنديون.

وڏيرو– ٻڌوسين تہ صوبيدار نئون اڇٹو هو؟

مينهون خان – ڪڏهانڪر اڇي ويو آهي. مان پاڻ سلام تي ويو هوس. ڪانپور(خانپور) واريءَ ڦر جي جانچ ۾ گست (گشت) تي چڙهيل هو، هاڻي موٽي آيو هوندو.

وڏيرو – (ٺاڪومل سان) ٺاڪومل، تون پرينءَ ٽاٽي تي وڃجانءِ، نئين صوبيدار صاحب ڪي مهماني ڏيئي اڇجانءِ ۽ چئجانس تہ اسين بہ جلد سندس سلام تي ايندا سين، تبا(طبع) اڇڪالهہ ڪجهہ ڪراب (خراب) آهي، سو ماڦ(معاف) ڪري. پر ٺاڪومل، منهن چڱيءَ طرح ڏجانس، مڙس مڙيوئي کهرو پيو ٻڌجي. ڏني ڪمدار ڪي ساڻ ورتيو وڃج. انهن لچن جا نالا بہ ڏيو اڇجو تہ پل هاڻي ئي بدماڇيءَ(بدمعاشي) جي قلم هيٺ رينگدا وڃن.

ٺاڪومل – مهماني ڇا ڏيونس؟

وڏيرو– جيڪا رشم (رسم) پنهنجي آهي، سا پوري ڪج.

ناڪومل - هزار رپيو روڪ، پنج ڳوٺيون چانور، پنج ڳوٺيون ڪٽڪ، چار ڏٻا گيهه جا، هڪ سوٽا مينهن، ٻه ڇيلا... پر گهوڙي جو ڇا ڪجي؟ وهڻ کهڙو ڏيونس؟ هت ته ڪو ڇَسَ جهڙو وهڻ بيٺل ڪو نه آهي.

مينهون خان - ڪو نه ڪو وهڻ ضرور ڏبس. پنهنجو ڇان (شان) آهي. ڪم ڪاريون ٻه پيا پون. پنهنجو وڏيرو وهڻ نه ڏيندس ته صالح ڪانُ (خان) ڊوڙي وڃي پنهنجو مُشڪي گهوڙو اڳيان جهليندس. صالح ته جهڳي ڦُرائيندي بنهه دير ڪا نه ڪري، جيئن مڙيو ٿي ڪامورن اڳيان اڳ اڳيرو هجي.

وڏيرو - ته پوءِ ڏيهه تان مڪڙي گهوڙي گهرائي ڪري ڏجوس..

[ڪچهري برخواست ٿئي ٿي. ٻئي ڏينهن ناڪومل، ڏني ڪمدار سان گڏ، مهمانيءَ جو سارو سامان ڪٺي وڃي صوبيدار وٽ پهچندو. ڏنو، شيطاني ڪري، گهٽن ئي حقي ناحقي ماڻهن جا نالا بدمعاشن جي لسٽ ۾ لکائي ڇڏيندو. جنهن ٻه ماني نه کارائي هوندس يا آڏو جواب ڏنو هوندس، تنهن جو نالو لسٽ ۾ هوندو، جيئن سندس ڌاڪو ساريءَ پسگردائيءَ اندر قائم ٿي وڃي. "مهماني" ڳِڙڪائڻ ڪانپوءِ، صوبيدار به مرڻ جيئڻ جي ڪا نه ڪندو. ڪوڙا شاهد ۽ ڪوڙا پاڳيا بيهاري، لسٽ ۾ ڏنل نالن وارن سمورن ماڻهن کي 110 قلمر هيٺ گرفتار ڪري، ڪورٽ اڳيان رجوع ڪري ڇڏيندو. جيڪي رجوع ٿيندا، سي ٻه پوءِ پيا ڪيس ڪارائيندا پيارينداٰ، ڇو ته صوبيدار جي سفارش ۽ تعلقي مختيارڪار جي تصديق کان سواءِ ته ڪنهن جو ڪَچو ضامن ٻه ٿيڻو ڪو نه هوندو. پَٽ ڪاءُ جي ان هنگامي اندر، آڪ جا ڏانڊ ۽ ڇيڙ جي رن بدستور غائب رهندا.]

## (4)

وڏيري کي گورنر صاحب جي مهمان ٿي اچڻ جي روبڪاري ڇا ملي، ڇڻ چريءَ کي چڙا پيا. سڀ ڪان پهرين وڃي حويليءَ ۾ خبر ڪيائين. پاڻ ته پڙهيل ڪو نه هو، سو ناڪومل کي سڏي، روبڪاري پڙهاراياڻين. وڏيءَ وڏيريءَ فقط هيتري ٽيڪاٽپڻي ڪئي: "مٺا وري ڦُري لُٽي هليا ويندا. هن سال ته ڇوڪرن جا طوهر ٻه ڪو نه ٿي سگهندا!" پوءِ وڃي دالان ۾ ديڳڙن تي ويٺي. ناڪومل وڏيري کي همت وڌائي. چي، "سائين، پئسو ايندو ويندو، دشمنن جو ته منهن ڪارو ٿيندو. گهٽ ۾ گهٽ وڏيري صالح جا ته ڪُنائي اونڌا ٿي ويندا!"

ٺاڪومل جي تہ الله ٻڌي هئي. سارو خرچ سندس هٿان نڪرڻو هو. چئين آني جي شيءِ آڻيندو تہ ڪاڳر تي چار رپيا چاڙهي ڇڏيندو.

جيستائين ناتال اچي ۽ گورنر صاحب جي تشريف آوري ٿئي، وڏيرو اها تاريخي روبڪاري هر شخص کي ڏيکاريندو رهندو. ڪاغذ ڳرڻ لڳندو تہ هيٺان ڪپڙو چاڙهائيندس. غرض تہ جهنگ جهر ۾، شهر بحر ۾، ريل ۽ مسافر خاني ۾، لاٽ صاحب جي آمد جو ذڪر جاري رهندو، ۽ ثبوت ۾ روبڪاري صدريءَ جي اندرئين کيسي مان نڪري پيش ٿيندي رهندي.

(5)

ڪجهہ ڏينهن رکي، وڏيرو وجي لاڙڪاڻي رسندو. اڳئين ڏينهن تي، تيل - ميٽ سان، ڪليل غسل ٿيندو. ساريءَ اوطاق ۾ ممڻ متو پيو هوندو. نوڪر چاڪر ڊڪندا ڊوڙندا وتندا. "چپ ڪريو! ميان توهان کي تہ سڌ ئي ڪا نہ ٿي پوي.... سڀاڻي سوير ڪليڪٽر صاحب سان ملاقات اٿس، اڄ وار پيو آلا ڪري... ٻيو، لوٽو اڳي ڪر، ڪونجي ڪڻ، گهڙا پاڻيءَ جا وڌاءِ"- مطلب تہ آيو ويو ٽرتلي ۾ هوندو. غسل بعد، وڏيرو ساڳئي آڳر ۾ اس تي ويهي وار سڪائيندو، ۽ آئي وئي سان ڪچهري بہ پيو ڪندو. گفتگو جي شروع خواهہ پڄاڻي انهيءَ هڪ ئي نقطي تي پئي ٿيندي:" چا ڪريون، هڦيسر(آفيسر) گهر ويهڻ ئي ڪو نہ ٿا ڇڏين. ممبئيءَ(بمبئي) وارو لاٽ صاحب هيلهہ بہ چِڪار(شڪار) تي اچي ٿو. سڀاڻي ڪليڪٽر صاحب سان ملاقات آهي. مڙئي انهيءَ ڊڪ ڊوڙ ۾ لڳا پيا آهيون. ٻيو مڙيو ئي سڪ."

ساڳئي ڏينهن لاءِ نئون وڳو بہ سبرائي رکيو ويو هوندو. ڏورئي جي صدري، ململ جو ڊگهو پيراهن، ويهہ وال ململ جي پڳ، ويهہ وال سٿڻ، نئين سنڌي سيہ لڳل موچڪي جُتي [ڪجهہ عرصي بعد انگريزي نموني جي بوٽ جو رواج پيو، جو تہ "صاحب لوڪن" سان ملاقات وقت سنڌي جُتي ٻاهر لهرائي ويندي هئي، ۽ ملاقاتيءَ کي پيرين اگهاڙين پيش ٿيڻو پوندو هو. انگريزي بوٽ جي حالت ۾ پيرين اگهاڙين اچڻ جي پابندي ڪانہ هوندي هئي.] ، ۽ هٿ ۾ ڊگهو ريشمي رومال.

ٻئي ڏينهن اهو ويس ڍڪي، ٽانگي تي چڙهي، وڃي وڏيرو پهچندو ڪليڪٽر جي بنگلي تي. ملاقاتين جي ترسڻ لاءِ ٻاهر وڻن هيٺان ڪرسيون

رڪيل هونديون. ڪليڪٽر صاحب بهادر جي سلسلي ۾ حوالدار ۽ پٽيوالن کي اها ئي اهميت حاصل هوندي، جا ٽپيدار جي حالت ۾ ڪوٽوار کي. جيڪڏهن وڏيري وٽان ججهي "سلامي" ملندي هوندن، تہ ڪيس پري ڪان ايندو ڏسي ئي اڳي وڌي وجي ڪيڪاريندا بہ ۽ ڪرسي بہ آڇيندا، ورنہ ٿيو پلو - وڏيرو پل ڦيريون ڪائيندو وتي، نہ ڪرسي آڇيندس ۽ نہ ملاقات ئي رتت سر ڪرائيندس. اهو اختيار حوالدار کي هوندو تہ ملاقاتين جي نالي جون چٽڪيون ڪهڙيءَ طرح اڳي پوءِ ڪري صاحب اڳيان رکي ۽ ملاقاتين کي واري سان اندر سڏارائي. وڏيرن لاءِ اها وڏي ڳالهہ هوندي هئي تہ صاحب پهريائين ڪنهن کي ٿو سڏائي، جنهن کي اڳ ۾ سڏ ٿيو، سو هفتن تائين ويٺو ان ڳالهہ جو ذڪر ڪندو. ان اعزاز حاصل ڪرڻ خاطر وڏيرا حوالدارن سان ڏاڍي "لهہ وچڙ" رکندا هئا، ڪين خرچيون، ساليانا، اَن گاهہ هر چيز پهچائيندا هئا. ڪن صاحبلوڪن وٽ حوالدارن ۽ پٽيوالن جي گهٽي هلندي هئي. خاص طرح انهن "صاحبلوڪن" وٽ، جيڪي نوان آيل ۽ مقامي حالتن کان بيخبر هوندا هئا، ۽ پٽيوالن ذريعي پهتل خبرن کي معتبر ۽ غير واسطيدار سمجهندا هئا. حقيقت ۾ حوالدار کان وڌيڪ پهچ صاحب بهادر جي بٽلر جي هوندي هئي، جنهن کي وڏيرا "بٽڙيل صاب" سڏيندا هئا. اهو بٽلر، صاحب جو خانگي نوڪر هوندو هو، جيڪو صاحب جي بنگلي تي خرچ جو بندوبست مختيارڪارن کان رسائي وٺڻ سان ڪندو هو، ۽ (اوائلي زماني ۾) جيڪڏهن صاحب جوان ۽ غير شادي شده هوندو تہ سندس وندر لاءِ بيا انتظام بہ رکندو هو. انهن خدمتن ڪري بٽلر گويا صاحب جا "ڪَنَ" هوندو هو. اوياريون لهواريون، ساريون خبرون آڻي ڪيس ٻڌائيندو، ۽ جنهن وڏيري سندس منهن مٺو نہ ڪيو هوندو، تنهن جي پاڙ پٽي ڇڏيندو. ڪنهن زماني ۾ عام چوڻي هوندي هئي تہ "محمد دين بٽڙيل جا پـَٽيـَل سلا ساوا ٿيڻا ئي نہ آهن!" [محمد دين، هيءُ صاحب ڪليڪٽر لاڙڪاڻي جو ناميارو بٽلر هوندو هو.]

غرض تہ حوالدار، پٽيوالن ۽ بٽڙيل جي ڪاڪ مان ڪـَهي، آخر وڏيرو صاحب هلي پهچندو ڪليڪٽر صاحب جي حضور ۾.

حوالدار ساڻس گڏيو ويندو. صاحب جي گلم تائين پهچائڻ بعد، وڏيري جي جـُتي لهرائيندو، ۽ ڪيس پيرين اگهاڙو اڳتي روانو ڪري پاڻ ٻاهر نڪري ويندو.

وڏيري کي ايندو ڏسي، صاحب ڪاغذن ۾ منهن وجهندو. جيئن ئي - ٽي ساعتون وڏيرو پل اُپ - پيرو ميز اڳيان بيٺو هجي. ان ڪانپوءِ ڪندو منهن مٿي.

وڏيرو (هٿ نراڙ تي رکي، ڏاڍي آواز سان) - صاب بهادر جو سلام ٿئي!

صاحب بهادر - سلام! وڊيرا، بيٺو.

[وڏيرو ڪرسيءَ تي ويهندو. ﭘر جيڪڏهن "ڪرسي نشين" هوندو تہ ويهندو، ٻيءَ حالت ۾ بيٺو رهندو. ان زماني ۾ ٻن قسمن جي ڪرسي نشينيءَ جا پروانا هوندا هئا: "ڪمشنر جي ڪرسي"، ۽ "ڪليڪٽر جي ڪرسي". ڪرسيءَ جي انهن پروانن کي وڏو اعزاز سمجهيو ويندو هو، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيرا هزارين رپيا خرچيندا ۽ ڏاڍي خوشامد ڪندا هئا.]

صاحب - وڊيرا، ڪبر(خبر) ڪرو؟

وڏيرو - ڪبر ڪٿر. سائين سر بَکَت (بخت) ڪا ڪٿر پيا گهرون. ڪمين ڪارين لڳا پڙا هون. صاب جي آل اولاد کي دعا پيا ڪرون.

صاحب - ڦَسل (فصل) ڪيسا هئي؟

وڏيرو - ڪُداوند(خداوند)، ڦسل هن سال نيڪ نهين ٿيا. ڪجهہ ماڪڙ، ڪجهہ ڪرڻا نُخسان (نقصان) ڪيا. ٿوري پاڻي کي ٻي ناقت هئي. نُور واهہ جي ڪاٽي پوري ڪا نہ هوئي.

صاحب - چور هئي تمهاري زمينداري ۾؟

وڏيرو - (ڏڪندي) نہ صاب بهادر، اسان جي زمينداري ۾ چور نهين. اسان چور کي برخلاڦ (برخلاف) آهيون. صاب بهادر حد جي صوبيدار سَي پڇا ڳاڇا ڪَري.باقي صالح وڏا پاٽاريدار هئي چوري ڪرائيم چوري ڪائي اُس ڪَي پاس بهوت چور رهتا هَي. شابڙاٽي، آرباٽي، همواڏاٽي، شر، تڙت، مطلب تہ وڏا وڏا ڪاٽڪو رکيا بيٺا هي. رنڊي بازي کي ٽونڪر پي اٿس. سرڪاري واهہ ڪا وڻ پي ڪٽرائي ڳيا. صاب بهادر مالڪ...

صاحب اڇا وڊيرا اَيي سلام!

(وڏيرو اٿي ڪڙو ٿئي ٿو. جا ڳالهہ صاحب سان حقيقت ۾ ڪرڻي هيس، يعني گورنر جي آمد متعلق، تنهن جي صاحب طرفان ڪا پڇارئي ڪا نہ ٿي ٿئي.)

وڏيرو- (هلندي دانهن ڪري ٿو. ۽ ڪيسي مان روبڪاري ڪڍي ٿو.)- صاب بهادر جا حڪم پهچا آهي تہ جناب لاٽ صاحب بهادر ڇڪار لاءِ آتا هي.

صاحب - مڪٽيارڪار صاب سي باٽ ڪرو.

(وڏيرو ٻاهر نڪتو تہ پٽيوالا اچي ڪڍ پيس. ٽانگي ٽائين پهچندي ويهہ رپيا "سلامي" وٺي ڇڏيائونس. بٽلر جا ڏهہ رپيا تنهن اپرانڌ.)

(6)

[ان ڪان پوءِ وڏيرو پهتو پنهنجي تعلقي جي مختيارڪار وٽ]

مختيارڪار - وڏيرا، گورنر صاحب جي دعوت ڪري اسان لاءِ مصيبت ڪري ڇڏيئي. هاڻي منهن بہ تون ٺي ڏيندين!

وڏيرو - سائين، ڌڻي مالڪ آهي، اسين سائين جي جُتيءَ جو جوڙ آهيون، سيو ڪجهہ ڪري وجهنداسين.

مختيارڪار (نائڪ کي) - نائڪ، وڏي منشي صاحب کي تہ سڏ ڪر. منشي خدابخش کي بہ ڏسجانءِ.

(ٻئي اچن ٿا.)

مختيارڪار - وڏا منشي، وڏيرو اچي ويو آهي! اسان لاءِ روز نئون خفو پيدا ڪريو ويٺو آهي. هاڻي ڏني اٿس دعوت گورنر کي! اسان حد جي آفيسرن ۾ تہ ڪ ٿي ڪا نہ ٿي ٻڌيس! هاڻي ويهي رڙ ڪريو. تہ ان آپدا کي ڪيئن منهن ڏيون. وڏيرو اڄ ترڪي ويو تہ وري هٿ ڪو نہ ايندو! ڏينهن بہ ٿورا وچي بچيا آهن. سامان سڙا هاڻي ٿي هٿ ڪبا، تڏهن وڃي ڪا پورت پوندي. وڏيرو محمد صالح خان بہ ڪالهہ آيو هو. ويچاري چيو پئي تہ جيڪڏهن ڪو بار مٿس بہ رکبو تہ هڪدم پورو ڪندو. هو تہ سڄي بار کڻڻ لاءِ بہ تيار هو. پر اسان چيو تہ ڀريائين پنهنجي هن وڏيري کان پاڻ پڇون، پوءِ متان دل ۾ ڪري.

وڏيرو - سائين، الله الله ڪريو. وڏيري صالح جو ڪهڙو واسطو آهي اسان جي رسائيءَ سان! سائينءَ سان اسين هر ڳالهہ ۾ حاضر بيٺا آهيون. سائينءَ جي موڪل هجي تہ ٺاڪومل کي بہ اندر سڏي وٺون، ٻاهر بيٺو هوندو.

مختيارڪار - نائڪ، ٺاڪومل کي سڏ ڪري اچ.

(ٺاڪومل اچي پاسي ۾ بيهي ٿو.)

وڏيرو- ٺاڪومل، ٻڌجانءِ مختيارڪار صاب جي ڏاڍائي ڇوي ٿو. لاٽ صاب جي ڇڪار لاءِ وڏيري صالح کان بہ مدارت وٺون!

ناڪومل – رام رام. ڪير ٿيندو آهي وڏيرو صالح! ڪاڏانهن جي جنب، ڪاڏانهن جي جهرڪي! ڏٺي اسان جي وڏيري کي سلامت رکي. ٻر ٻر بازاريون لاٿي ڇڏيندو. صاحب کو ٻه اونو نه ڪري. پر زمانو اچي ويجهو پيو آهي، هاڻي سامان سڙي هٿ ڪرڻ لاءِ مڙيو ٿي ڪجهه هٿ پير هڻڻ کهرجي.

منشي خدابخش – باقي ڏينهن وري ڪهڙا وجي ٻچيا آهن؟

وڏو منشي – ڏينهن ڪاٿي آهن؟

ناڪومل – منهنجي رٿا آهي ته وڏيري سائينءَ جي وڏي مودي، سيٺ ٺهڪٺداس کي ٻه سڏ ڪرائي وٺون. ان کي اصل جي سڌ آهي. وڏي وڏيري صاحب (وڏيري جي والد) جي ڏينهن ڪوئن ڪيترا گورنر ۽ ڪمچنر(ڪمشنر) هتن مان لنگهايا اٿس.

[ٺهڪٺداس شهر جو هڪ دڪاندار آهي، ۽ ناڪومل جو جهٽ. ٻيٺي پاڻ ۾ ملي وڏيري کي ڦريندا آهن.]

وڏو منشي – سچ ٿو چئين، ٺهڪٺداس کي ڏني – ورتي جي گهٽي خبر پوي ٿي. چوٽون ورهيه جڏهن مان هن تعلقي ۾ هوس ۽ گورنر صاحب جي منزل ٿي هئي ته اڳ – پوءِ ۾ سيٺ ٺهڪٺداس ٿي هو.

وڏيرو– هاها، هو پنهنجو ماٺهو آهي. ناڪومل! تون پاڻ ڊوڙ پائي وٺي اچينس.

[ٺهڪٺداس تہ اڳ ۾ ئي ڪو ان لونجهہ تي ڪن لايو بيٺو هو.

ناڪومل جي پهچڻ جي دير هئي.رستي ۾ رٿ ڪندا آيا ته ڪيئن وڏيري جا ڪَنَ ڪپجن. ٺهڪٺداس اهو ٻه ظاهر ڪيو ته وڏي منشيءَ ۽ منشي خدابخش جو ٻه حصو رکٹو آهي.]

مختيارڪار– سيٺ ٺهڪٺداس، ٻڌا اٿئي پنهنجي وڏيري جا ڪم؟ هاڻي بمبئيءَ ڪان شڪار لاءِ لاٽ صاحب کي گهرايو اٿس! سڄي تعلقي تي پوڇي گهمي ويندي. اسان ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي، هاڻي پائي پوري ٻه پاڻ ڪندو.

ٺهڪٺداس – سائين ڪو ڪيال نہ ڪري، وڏيري جا ڪُلها اڳي ئي گنٺل آهن. جيڏا اُٺ، اوڏا لوڏا. ڪو ڇريو تہ نہ آهي. ڪانداني (خانداني) ڳالهہ آهي. گونر کي وڏيرو دعوت نه ڪندو ته ٻيو ڪير ڪندو. ڪنهن جي ماءُ وياٺي آهي جو سندس جتيءَ ۾ پير وجهي سگهندو! سائين جن(يعني هاٺوڪو مختيارڪار) پر سال هت ڪو نه هئا. ساڳيو گونر آيو هو. پوءِ وڏيرو صاحب

ڇا نہ ڪري گذريو؟ وڏو منشي ويٺو آهي، پڇي ڏسوس. (ٺهڪٽداس ڪي نئينءَ ڦرلٽ جي شوق ۾ ان ڳالهہ جو خيال ئي ڪو نہ رهيو تہ اڳئين سال اهو هيڊ منشي انهيءَ تعلقي ۾ هوئي ڪو نہ!)

اڍائن ئي گهرن واه واه پئي ڪئي. ڇڻ ڇوڏس چانڊاڻ لڳي ويئي هئي. پـر هڪ ڳالهہ هئي – پر سال سامان سهانگو هو. جا شي پئي گهري سين، سا پئي ملي. هن سال ڪاراچيءَ موڻ ڪونيءَ تان پرڀومل وارن ڪي ڪاڳر آيو آهي تـہ مال جي گهٽي ناڦت ٿي ويئي آهي. اگهہ بہ ڳاٽي پڳا آهن. پر وقت سر سانباهو ڪيو تہ سائين سٽائي ڪري وجهندو. ڪنهن ڳالهہ ۾ منجهي تہ نہ بيهٽو آهـي. ڪانداني (خانداني) ڳالهہ آهي!

ٺاڪومل – اگهن ڪي تہ پڇي پئبو. ڳالهہ آهي تہ مال شال ملي پوي.

وڏو منشي – "خير خواهہ" اخبار ۾ اهڙو ئي حال لکيل هو. ڪالهہ ٽپال ماستر (پوسٽ ماسٽر) پئي ڳالهہ ڪئي.

وڏيرو – ٺاڪومل، تون ۽ ٺهڪٽداس ٻئي ڪاراچيءَ وڃجو. ڏڪي ڏوڙي مڙيو ئي پورت ڪجو. جيئن ڳالهہ گهٽ نہ ٿي پوي.

وڏو منشي – خدابخش بہ وڃي. هزارين منزلون گذاريون اٿس. ياٽيبندن ڪي اگهن پارن جي خبر پوندي، پر آفيسرن لاءِ ڪهڙو سامان گهرجي، تنهن جو پتو تہ منشي خدابخش ڏيندو.

منشي خدابخش –(دل ۾ خوشي، بغل ۾ اٽان) وڏا منشي! مون ڪي نـہ مار. ڪراچيءَ جو پاڻي منهنجيءَ طبع تي ڪو نہ پوندو آهي. اُت اٿڻ – ويهڻ جي بہ تڪليف رهي ٿي. مولُـو مسافر خاني جي ڪاڪوسن ۾ لنگهندي پيـو ڊپ ٿئي. اسين آهيون جهنگ تي هريـل..... هـاٽي پچـاڙيءَ ۾ ڪيـر وڃـي ڪراچيءَ جا ڌڪا کائي.

وڏيرو – چڙ ڪري، يارَ کُدابهڪ ڪانَ! مولو مساڦر ڪاني جي موريزن موڻ اسان ڪي بـہ پوءَ ٽيندو آهي. سرڪاري نموني تـي ٺهيل آهن. پر اسين سڄو ڏينهن ڪم حاج لاهي، رات جو بگي ياڙي ڪري، شهر ڪان ٻاهر نڪري وڃي جهنگ جو ڪيال لاهي ايندا آهيون. اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؟ مڙس تہ همٿ!

ٺاڪومل – انهن ڳالهين ۾ ڪاراچيءَ جو ڪـارو منهـن آهـي. اُتـانهون جـا قاعدا ئي اور آهن. جڏهن وڏيري ڦڏي سـان پهريـون دڦـو (دفعو) ويـو هـوس، تـہ

سائينءَ ڪري پرم رکيو. نہ تہ وڏي جنجل (جنجال) ۾ وجي ڦاٿو هوس! وڏيري سائينءَ موڪليو تہ وڃي مارڪيٽ مؤن ميوات وٺي اچ. ڪمڇنر(ڪمشنر) جي آڙي ڪاف ڪي ڏالي ڏيڻي هيس. مارڪيٽ جي ڪم ڪار لاهڻ کان پوءِ، هڪ(پيشاب) جو ڪيال ٿيو. ٽوڪرا رکيم بگيءَ تي، پاڻ پاسي تي، مارڪيٽ جي ٻاهران اچا پٽ کي منهن ڏيئي ويٺو مس هوس، تہ پويان پوليس واري اچي چوٽيءَ کان وٺي اُپو ڪري بيهاريو. چيائين، ڏوهہ ڪيو اٿئي، هل فوجداريءَ تي! گهٽئي دانهن - ڪوڪ ڪيم، پر ڪجهہ ڪو نہ ٻڌائين. گهلي ڪري اڳ ۾ ڪيائين. ڪو پو مڙس هو. مارڪيٽ کان ٿورو ٻاهر هلياسين تہ، بگل تيليءَ(بغل تيليءَ) مؤن سُرڪائي هٿڪڙي ۽ جنجير(زنجير) ٻاهر ڪڍيائين. هٿڪڙي ڏسي منهنجون تہ وايون ٿي بتال ٿي ويون!....

منشي خدابخش - "هڪ" جو ڇا ٿيو؟

ٺاڪومل - ڪدابهڪ ڪانَ، ير، "هڪ" جون تہ مالڪياٿيون ٿي مري ويون! اسان کي اچي لڳي ساهہ جي. پوليس واري جي پيرن تي ڪري پيس. ٽوپي لاهي ڪري اڳيان رکيمانس. چيومانس، جيءَ دان ڏي، تون حاڪم آهين ٺاهوڪو. نيٺ، ڪيسي ۾ جيڪي بہ پئسا هئا، سي ڪڍي ڪري هٿ ڪيائين، ۽ تنهن ڪانپوءِ چيائين تہ پڇي وڃ. موٽي مارڪيٽ وٽ آيس تہ پويان بگيءَ وارو ميوات جا ٽوڪرا ڪٽي گهر تي ويو هو! هٿين خالي، پئسا ڦرائي اچي وڏيري وٽ رسيس. پنجن - ڇئن سون جو نُڪسان(نقصان) ٿي ويو. پر وڏيري کي الله بکشي(بخشي) ڪلي ڪري بس ڪيائين!

ٺهڪٺداس - ڪاراچيءَ ۾ اٿڻ - ويهڻ سڀ قاعدي جو آهي.

وڏو منشي - قاعدا سڀ هند ساڳيا لڳا پيا آهن. ساري ڏيهہ تي راڄ مڙيو ئي انگريز جو آهي. پر هت اسان جا مختيارڪار صاحب راجا مڙس آهن. ڪنهن کي چون ئي ڪو نہ. ديوان رگهومل جون جن اکيون ڏٺيون هونديون، تن کان پڇي ڏسو. تپيدار جي ديري جي پٽ تي ڇيٽن ڇنيڻ جي ڏوهہ ۾ توران لنگهياٺيءَ کي مهينو ٽيپ ڏيئي ڇڏي هئائين. خدا پيو پناهہ ڏئي، آفيسرن جون بہ درياهہ واريون پڪون آهن، شل نہ ڪنهن تي اٿن!

مختيارڪار صاحب -(رگهومل جو مثال ۽ پنهنجي اختيارين جي جاگرافي وڏي منشيءَ جي واتان ٻڌي، صفا بمجي وڃي ٿو.) هاڻي قصو پورو ڪريو.

اسان ڪي ڪانفيڊنشل رپورٽ بہ لکڻي پئي آهي، ۽ ڪيس بہ هلائڻا آهن، وڪيلن ڪي ٽيہ تي موٽڻو آهي.

[پوءِ سمورن گڏجي ويهي سامان جي لسٽ ۽ رسائيءَ جي ايسٽيميٽ ٺاهي. ايسٽيميٽ ڇا ٺاهيائون، ڇڻ ويهي وڏيري جي کل لاٿائون. جنهن بہ شي جو نالو ٿي ياد آين، سا درج ٿيندي ويئي. اڳهن چاڙهڻ ويل ٺهڪٽداس پنج رپيا چويو تہ ٺاڪومل، وڏيري جي اعتبار ڄمائڻ خاطر ساڍا چار رپيا لکرائي - حالانڪ شي جي اصلي قيمت هوندي مورڳو پنج آنا. ٺاڪومل جي ڪفايت شعاري ۽ وفاداري ڏسي، وڏيرو پيو مرڪي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڏانهنس اکيون پٽي. ساڳئي وقت هي فيصلو بہ ٿيو تہ منشي خدابخش جي قيادت هيٺ، ٺهڪٽداس ۽ ٺاڪومل جو وفد هڪدم ڪراچيءَ وڃي ۽ وڃي مال جي خريداري ڪري، جيئن ڪراچي مارڪيٽ مان مال ختم نہ ٿي وڃي.]

ذرا لسٽ بہ ملاحظہ فرمايو:

(1) ڪار داريءَ جي خرچ لاءِ تعلقي رسائي فنڊ ۾ اڳواٽ جمع ڪرايا ويندا- رپيا پنج هزار. (ڪوٽ - واڌ پوري ڪرڻ لاءِ ٺهڪٽداس کي فل اختياري ڏني ويئي.)

(2) منشي خدا بخش ۽ تعلقي عملي جي ڊڪ ڊوڙ جو ڀاڙو خرچ- رپيا پندرهن سؤ.

(3) ضلعي آفيس ۽ ڊپٽي صاحب جي عملي جو ساليانو - ٻہ هزار.

(4) ڪراچيءَ جو خرچ، منشي خدابخش کي - رپيا ٽي سؤ.

(5) گاهہ جون گاڏيون، ڏهہ.

(6) جلائو ڪاٺين جون گاڏيون، ويهہ.

(7) داڻي لاءِ اَن، 25 ڳوٺيون.

(8) صاحبلوڪن جي اُنن لاءِ راتب - ڳڙ ڏهہ مڻ، ۽ گيهہ پنج دٻا.

(9) جانور سڳداسي، ڏيڍ خرار.

(10) جانور سنڙيا، ٽي خرار.

(11) ڪٽڪ، ٻہ خرار.

(12) ڳائي گيهہ جا ويهہ سيرا دٻا، ويهہ (گيهہ هٿ جو هجي، جيئن ڳلا نہ ٿي پوي.)

(13) مُستي مناٺي، ٻہ مڻ.

(14) مصري، هڪ ڳوڻ.
(15) کنڊ، ڏهه ڳوٽيون.
(16) گاسليٽ جا ڏٻا ٽيهه.
(17) کير لاءِ پنج مينهون، ڏهه ڳئون، ويهه ٻڪريون.
(18) ڇيلا هر روز پنج پهچندا - ۽ منزل کان پنج ڏينهن اڳ پهچڻ شروع ٿيندا.
(19) ڪوسس ٻڪريون پندرهن.
(20) سواريءَ لاءِ ڏهه ٽانگا ياڙي تي ٻڌا ويندا.
(21) بيل گاڏيون ويهه، ۽ اُٺ پنجاهه، بار برداريءَ لاءِ اڳواٽ موجود رکيا ويندا.

(22) ٻه سنا گهوڙا، مختيارڪار صاحب ۽ وڏي منشيءَ جي سواريءَ لاءِ موجود رکيا ويندا، ۽ ٻه مهري اٺ ٻه، جي پڻ ضرورت وقت ڪتب ايندا. (سردست خبر نه آهي ته دعوت تي اينڊڙ صاحبلوڪ پاڻ ائن جي سواري ڪندا يا گهوڙن جي؟)

(23) پندرهن ڪن هنڌ، پنجاهه - سٽ ڪٽون.
(24) تنبو ڏهه، شاميانا ٽي، گلم ويهه، غاليچا ڏهه وڏا ۽ ڏهه ننڍا.
(25) لوڻ مرچ مسالن لاءِ 500 رپيا (زعفران جو وڏي مقدار ۾ هجڻ ضروري سمجهيو ويو، ڇو ته چاشنيءَ کان سواءِ ڪم هلي ڪو نه سگهٽو هو.)
(26) ميوات، مغزيات، بسڪوٽ، ڪيڪ، شربت، شراب، چينيءَ جو سامان، ڪانٽا - ڇريون، ٽوال، صابڻ، سينٽ، وغيره (ڪافي مقدار ۾، جيئن کوٽ نه ٿئي).
(27) نئين فرنيچر جا سيٽ، "اٿڻ ويهڻ" لاءِ ڪموڊ، بتين جا گولا، لالٽينون.
(28) مهمانن لاءِ ڪارتوس، وغيره.

غرض ته سيني ملي وڏيري جي خوب حجامت ڪئي.

(7)

[مختيارڪاريءَ مان اُٺي وڏيرو پوليس ٿاڻي تي پهتو. پوليس ٿاڻي جي احاطي اندر پڪين جاين جي سامهون هڪ پڪو چبوترو نهيل هو، جنهن ۾ صوبيدار صاحب جي ڪچهري لڳندي هئي.]

صوبيدار صاحب پاڻ کٽ تي ويهندو هو. سامهون ڪرسيون رکيل هونديون هيون، جن تي جمعدار، دفعدار ۽ وڏيرا اچي ويهندا هئا. سوار پيرين ۾ بيهندا هئا، ڇو ته ڪين ڪرسيءَ تي ويهڻ جو حق ڪو نه هوندو هو. ڪاٽڪو پيري، ۽ ٻيا عام ماڻهو وچ ۾ پيل تڏي تي

اچي ويهندا هئا. صبح کان شام تائين ماڻهن جي اچ - وڃ لڳي پيئي هوندي هئي. پئسي ڏوڪڙ جي ڳالهه پيدا ٿيندي هئي ته جمعدار واسطيدار ماڻهو کي پاسي تي وٺي وڃي ساڻس "سٽل" ڪندو هو. جيڪا به رقم ملندي هئي، تنهن جو وڏو حصو صوبيدار جي سپرد ڪيو ويندو هو. باقيءَ مان هيٺئين عملي جي "شيري ميري" ٿيندي هئي. هر ٿاڻي تي "بالائي آمدني" جو بندوبست هجڻ لازمي هو ڇو ته پگهار مان عملي جي ڪنهن به ماڻهوءَ جي پورت ڪا نه ٿي ٿي. ان اپرانت، انسپيڪٽر، ڊپٽي سپريڊنٽ ۽ ڪمانيءَ جي گهر - خرچ ۾ به هر مهيني حصو ڏيڻو پيو ٿي. آمدني جي لحاظ سان ڪي ٿاڻا "پلا" ليکيا ويندا هئا، ڪي "ڏلا" ۽ ڪي "تلا". ڪمانيءَ جو "شيٽ ڪلارڪ"، ٿاڻن جي تقسيم جو بندوبست رقمون وٺي ڪندو هو. انگريز ڪمانيءَ جو "شيٽ ڪلارڪن" تي خاص طرح اعتبار هوندو هو، تنهن ڪري شيٽ ڪلارڪن جون پنج ئي آڱريون گيهه ۾ هونديون هيون. ٿاڻن تي بالائي آمدني پيدا ڪرڻ جا ڪيئي طريقا ايجاد ڪيل هئا. ڪو ڏوهه ٿئي، ته جانچ هلندي سارو پاڙو پنبو ڏنيجي ويندو هو. فريادين خواهه جوابدارن (سچن خواهه شڪين) کي رقمون پيش ڪرڻيون ٿي پيون. بندوقن جي ليسنن ۽ 110 جي جوابدارن لاءِ ضامنن جي درخواستن تي سفارش ڪرڻ تي وڏا "پانڌاڻ" ٻڌل هوندا هئا. ان کانسواءِ هڪ پيو موتمار هٿيار به وٽن موجود هوندو هو. مثلاً ٻڌائون ته علائقي اندر ڪو وڏو سيٺ، شاهوڪار يا زميندار آهي، جنهن جي آسانيءَ سان "پُرڻ" جو امڪان ڪو نه آهي، ته پوءِ حد جا پوليس وارا پاڻ ان جي خلاف، ڪوڙين صحين سان، ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ۽ پوليس ڪمانيءَ ڏانهن درخواستون انيون ڪرائيندا هئا، جيڪي جانچ لاءِ وري به موٽي اچي وٽن پهچنديون هيون. انهن درخواستن ۾ لکيل هوندو هو ته فلاڻي سيٺ يا زميندار جي ڪنواريءَ نياڻيءَ ٻار ڪيرايو آهي، جنهن کي ماري گر ڪيو ويو آهي. ڪهڙو ماڻهو گهرندو ته اهڙين درخواستن جي جانچ ٿئي، سندس نياڻيءَ جو ڊاڪٽري معائنو ڪرايو وڃي ۽ "مئل ٻار" جي لاش هٿ ڪرڻ لاءِ سندس گهر کي کوٽيو وڃي؟ بدناميءَ جي ان طوفان کان بچڻ خاطر، ماڻهن کي هزارين رپيا پوليس کي ڏيئي پنهنجي عزت بچائڻي ٿي پيئي.

هاڻي ٿاڻي تي اسان جي "هيري"، يعني وڏيري جي تشريف آوريءَ جو قصو ٻڌو.

ٿاڻي جي چبوتري هيٺان صوبيدار کانسواءِ ڪجهه جمعدار به وينا آهن. ٿاڻي تي اها خبر اڳواٽ ئي پهچي وڃي ٿي ته مختيارڪاريءَ ۾ لاٽ صاحب جي منزل جي سلسلي ۾ "رسائي خرچ" جا وڏا پروگرام پيا رٿجن، جن جو بنيادي

نُڪتو وڏيرو صاحب آهي. (پوليس وارن کي ان پروگرام ۾ شامل ڪو نہ ڪيو ويو هو. تنهن ڪري ساري عملي کي باهہ وٺي ويئي هئي.) پري کان وڏيري کي ايندو ڏسي، پوليس وارن جي پاڻ ۾ "ڪانا ڦوسي" شروع ٿي وجي ٿي.

جمعدار عيسو خان – صوبيدار صاحب! عرض آهي. وڏيرو دائم خان پيو اچي. پوليس کي بنهہ منهن ڪو نہ ٿو ڏئي. سڀڪجهہ پيو رونيو وارن کي سمجهي. اهڙي ڏاند کي ڏهڻ تمام ضروري آهي.

جمعدار مگڻ خان – صوبيدار صاحب فقط حڪم ڏئي تہ مڃون پڻـي چڙيونس. پلي لاٽ صاحب بہ پيو ڏسيس.

سوار حسو خان – لت ئي هڪ هڻئونس تہ ڊونگرو پڇي پويس. پوليس جون اکيون ڪو نہ ڏٺيون اٿس. ڳوٺ ۾ وجونس تہ نيرن بہ پوري ڪانہ ٿو ڪرائي! سڏو پيو ڪليڪٽر ۽ حضور ضلع (حضور ضلع معنيٰ ڪماني) سان ملي ۽ منجهانئن ڪم ڪيي. خد جي پوليس عملدارن ڏانهن تہ نهاري بہ ڪونہ ٿو. مٿو ڦري ويو اٿس!

اڌل پيري – سندس راڄ ۾ ڪيترا ٽولا (چورن جا) پيا رهن. جو پيرو ڪٽون، سو وجي دائم خان جي ديهہ ۾ گم ٿئي. سندس ڪمدار ڏنو تہ پاڻ "ٽوڙهو چيلهہ سان ٻڌيو پيو گهمي". صوبيدار صاحب چڙ و آگر رکيس تہ مهنجي وجي.

ٽاٽي جو وڏو منشي – سندس بابت هڪ لکپڙهہ بہ آيل آهي. پٽهنس پڙهي ٿو ڪراچيءَ مدرسي ۾. موڪل تي جڏهن ڳوٺ آيل هو تہ وٽس ڪا سُوراجي اخبار ايندي رهندي هئي. ڪراچي سي. آءِ. ڊي. پڇيو آهي تہ اهو ڪير ڇوڪرو آهي، جيڪو سُوراجي اخبارون پيو گهرائي. وڏيري کي نپوڙڻ لاءِ اها لکپڙهہ بس آهي. ٽورو ڪرڪو ڪريوس، پاٽيهي ڪير لاهي پوندو.

(ايتري ۾ وڏيرو بہ اچي پهچي ٿو. ساڻس گڏ ٺاڪومل بہ آهي.)

وڏيرو – سلا ماليڪم بادشاهي ڪٺر!

صوبيدار – اچو، وڏيرا صاحب! اڄ ڪيئن پلي پيا آهيو؟

وڏيرو – هت آيا هئاسين جو لاٽ صاحب پيو اچي، ان جي رٿا ڪرڻي هئي. سو چيوسين تہ جناب صوبيدار صاحب جو بہ سلام ڪندا وجون.

صوبيدار – ان سان اسان جو واسطو ڪونہ آهي. پر ميان، اوهين کهڙا پيا ڪم ڪريو؟ کهڙا پٽ چٽيا اٿو، جيڪي سرڪار سان بغاوتون پيا ڪن؟

سچي خاندان جو خانو تباهه ٿي ويندو! آخر اوهان ماڻهن کي ٿيو ڇا آهي؟ اوهين سمجهو ٿا ته انگريز سرڪار بلڪل مري ويئي آ هي؟

سوار حسو خان - ڳوٺ کي موت کٽي ته ڏيڏن جي گهرن ۾ ڪاهي پوي!

جمعدار مگڻ خان - پٽ کي "گِٽ مِٽ" پڙهائي صاحبلوڪ بڻائڻو اٿس. هِت پيو رُڪ رايون ڪري.

ٺاٺي جو وڏو منشي - صوبيدار صاحب، پر "ڪانفيڊنشل" لکپڙهن جو ذڪر واسطيدار ماڻهن سان ڪيئن پيا ڪريو؟ اها ته تمام نازڪ ڳالهه آهي. ان باري ۾ تارن جا پيا ڦهڪا پون. هڪ ته اوهان اجا ڪو جبرو قدم کڻڻ ڪونه ڪنيو آهي ۽ پيو پاڻ پنهنجي منهن سان پيا جوابدارن کي آگاهه ڪريو! سڀاڻي خدانخواسته جي وڏيري جو ڇوڪرو "روپوش" ٿي وڃي ته جوابداري ڪنهن تي ايندي؟ اوهين مالڪ آهيو. اسين ته فقط صلاح عرض ڪنداسين. اهي بغاوتي قلمن جا ڏوهه آهن. ڪو معمولي "خون" يا "ڌاڙي" جو ڏوهه ته نه آهي! هت ڪيترا قلم لڳندا آهن - 153 - الف، 124- الف، 120 - ب، اهي ته ضروري لڳندا آهن. خبر نه آهي ته راءِ صاحب ٽوپڻداس(سرڪاري وڪيل) اجا بيا ڪهڙا قلم ڳولي ڪيندو.

جمعدار مگڻ خان - اسان جي ته بابي به اهي ڦهري قلم ڪين ٻڌا هئا. اُپ ڦاٿل ٿو ڏسجي! سزا گهڻي آهي؟

وڏو منشي - ڦاسي! سرڪار سان بغاوت ڪرڻ ڪو ڇرڇو آهي!

اُڌل پيري - ها سائين. انگريز ڦِيل مست آهي. توبهه، منهنجا ڏڻي، توبهه!

(اهي ڏهڪار ٻڌي، وڏيري جون ته وايون بتال ٿي ويون. نراڙ ڪان پيرن تائين پيو پگهر ٽميس. ڏڪي ڏڪي، وڏيءَ ڪوشش ڪان پوءِ، سندس ٻوٿ مان ٻه - چار اکر ٻاهر نڪتا.)

وڏيرو - پر حضور پرور، اسين ته سائين جن جي جتيءَ جا جوڙ آهيون. ابي ڏاڏي کان نوڪري ڏيندا آيا آهيون. حال ته ڪريو، اسان ڪؤن ڪهڙو ڏوهه ٿيو آهي؟

صوبيدار صاحب - اسين وڏيڪ ڪجهه به چوڻ لاءِ تيار نه آهيون. وڏي منشيءَ سچ چيو آهي ته هي ڪانفيڊنشل معاملا آهن: جا ٿئي پيو جا ٿيڻو آهي، سو ڪنهن کي به ٻڌائڻو نه آهي. اسان کي پاڻ کي ته ڦاهي تي چاڙهائڻو ڪو نه آهي. اوهان ماڻهن کي ته اڳ پوءِ جي سڌ ئي ڪا نه پئي پوي. اسان آفيسرن جون به ڪجهه "رسپانسيبلٽيون" آهن. "ڪانفيڊنشل ڪارسپانڊنس" جا به جدا جدا "نيچر" ٿين ٿا - ڪي "ڊسڪلوز" ڪرڻ جهڙا، ڪي "ٽاپ سيڪريٽ". هي ڪو "ڊيمي آفيشل" معاملو ته ڪو نه آهي. اسان اها به

"مسٽيڪ" ڪٿي جو ايترو "اوپن" ٿي پياسين. خير. "ڊزنٽ مئٽر"! "آل رائٽ". هاڻي توهين وڃو. "لاوِل ٽيڪ اِٽس ڪورس"!

(صوبيدار صاحب جا استعمال ڪيل اهي انگريزي اکر وڏيري جو رهيل کهيل هوش به ختم ڪري ٿا ڇڏين. نيٺ، هٿي سٿي ڪري، ٽاڻي مان ٻاهر ڪڍنس ٿا. ٺاڪومل جي هٿ به ڏٽيءَ پُٽي. وڏيرو ۽ ٺاڪومل پاڻ ۾ سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ ٿاڻي کان پري وڃي ويهن ٿا.)

ٺاڪومل – وڏيرا، مان چوندو هوسانءِ ته نينگر کي ڪاراچيءَ نه موڪل. اها ڪا اوڏنهن جي باهه ٻريل ٿي ڏسجي. کهڙو ڪم ڪاندانن جو انگريزي پڙهڻ. تو پاڻ گهٽي انگريزي پڙهي هئي؟ وڏيرو وڏو (يعني هن وڏيري جو والد) نباب هو. جڳ پيو وٽس ڊرندو هو. مورڳو واٽڪي سنڌي به ڪا نه ايندي هيس، پوءِ به ڪم ڪيئن پئي هليو!

وڏيرو – پر نينگر ڇا ڪيو هوندو؟

ٺاڪومل – تڏهن باقي سرڪار اندي تي ويٺي آهي جو اجايون پئي تهمتان مڙهي؟ سائين، انهن نئين نينگرن کي جماني (زماني) جي ڪا به پيٽ ڪا نه ٿي پوي. سندس وات مان پيو اجا ڪير ٽمي. اهو ساڳيو نينگر تنهن ڏينهن مون سان لاڙڪاڻي هليو هو. ٽيشن تي، نه ڪيئين هر نه تر، ٽيشن ماستر سان انگريزي "گٽ مٽ" ۾ جنبي ويو. بابو صاحب کان جند ڇڏائي نينگر کي گهٽو سمجهايم ته "سائين، تنهنجو کهڙو ڪم جو سرڪاري ماڻهن سان پيو گٽ مٽ ڪرين؟ زبان آلو لَڪڻ آهي، اکر گهٽ، اکر وڌ، پوءِ ڪا هيٺ مٿانهين ٿي پوي ته اُن کي ڪير منهن ڏيندو؟" پر نينگر ڪو نه سمجهيو – به اکر سنڌي ته چار انگريزي پيو ڳالهائي!

وڏيرو– پر صوبيدار صاحب جي ڳالهائڻ مان تو ڇا سمجهيو؟ ڳالهه ڇا آهي؟

ٺاڪومل – مان سياڻپ ڪري ڪجهه ڏوهه لکي ورتا آهن. (واٽڪي سنڌيءَ ۾ )قلم 124 – الف، 153 – الف، 120 – ب – ايهي ته ٻڌايا وڏي منشيءَ. صوبيدار صاحب ڪجهه وڌيڪ کُليو، ۽ سمورا ڏوهه ٻڌائي وينو: ڪانفيڊنچنل(ڪانفيڊنشل)، رسپاٽليون (رسپانسيبلٽيون)، ڊيڪلوج (ڊسڪلوز)، ٺاڦ(ٽاپ سيڪريٽ)، ڊمي چل (ڊيمي آفيشل)، مِٽِڪ (مسٽيڪ) ۽ ٻيا ڪي ڏوهه تڪڙ ۾ چئي ويو، جي لکي نه سگهيس.

وڏيرو – انهن جي ڪبر ڪيئن پوي؟

ٺاڪومل - وڪيل ڪٿون پڇئون . اڳواڻ ڪو وڏو وڪيل به ٻڌي ڇڏيون. سندس صلاح سان ڳالهه ڪي منهن ڏيون. تو - اسان ڪي ڪهڙي سڌ قاعدي جي؟

وڏيرو - وڪيل ڪهڙو ڪجي؟

ٺاڪومل - ڀهريائين پاڻ واري ديوان نيبراج ڪي ڏسون. پوءِ جي ضرورت پئي ته شڪارپور مان مُرليڌر به چاڙهي ايندا سين. نيبراج ڪي اڳو پوءِ ڦي ڏيئي ٻڌي اچون. ان ۾ سستائي پوندي.

(آخر وڏيري کان منظوري وٺي، ٺاڪومل، وڏيري جي نالي ٺهڪنداس جي ڪوٺيءَ تان رقم ڪٺي، لاڙڪاڻي روانو ٿي وڃي ٿو. ڪجهه رقم وڪيل ڪي ڦي ڏئي ٿو. ڪجهه پاڻ هضم ڪري ٿو. وڪيل اها صلاح ڏئيس ٿو ته صوبيدار ڪي رقم ڏيئي ان ڪان حقيقت ورتي وڃي. ان ڪان بعد ئي قاعدي جا ڪتاب کولي سگهبا.)

(8)

ٻئي طرف، وڏيرو منهن مٿو پٽيندو اچي ٿو گهر پهچي، وڏي وڏيري سندس پريشان حال ڏسي وائڙي ٿي وڃي ٿي.)

وڏيري - وڏيرا، ڳالهه ته ڪر، سک ته آهي؟

وڏيرو - سک وري ڪهڙو؟ تو وارو پٽ هاڻي ڪان ئي منهنجي ڏاڙهي پٽائڻ جي ڪيڏ پيو آهي!

وڏيري - نيٺ ٿيو ڇا آهي؟

وڏيرو - پٽي مان ڪي انگريزيءَ جي ڪبر (خبر) ته ٻڌايانءِ! چون ٿا، ڪاراچيءَ بگاوت (بغاوت) ڪئي اٿس!

وڏيري - هان؟ گباوت؟ اها ڪهڙي ندوري بلا آهي؟ نه ابي ٻڌي، نه ڏاڏي!

وڏيرو - اڙي، تنهنجي نه ابي ٻڌي نه ڏاڏي، پر منهنجي ابي ڏاڏي ڪي ته بگاوت ڪانسواءِ ٻيو ڪم ئي ڪو نه هو - ائين نه؟

وڏيري - مان ٿورو ٿي ائين چوان. مان ته ائين ڳالهه ٿي ڪريان.

وڏيرو - ويچاري ٺاڪومل سچ پئي چيو ته ڇوڪري ڪي ڪاراچيءَ نه موڪل. ڪهڙو ڪم اسان جو انگريزي پڙهڻ؟ اسان ڪي ڪا نوڪري ته ڪرڻي ڪا نه آهي. پر تون ڪو نه مُڙينءَ . تو ٻڌو ته ايمٽا حجامڻ جو پٽ ويو آهي ڪاراچيءَ پڙهڻ، سو توکي به اچي آنڌ مانڌ لڳي. هاڻي پاڻي پوري ڪر!

وڏيري - مان ٿورو چيو هوس ته وڃي اهڙا ڪُونام ڪري؟

وڏيرو – ھاڻي ڇا ڪريون؟

وڏيري – ڇوڪرو ڪاٿي آهي؟ نپڻ آئڻن اجا پڪڙيو تہ ڪو نہ اٿس؟

وڏيرو – ڪھڙي ڪبرا پر اجا تہ لکپڙھ صوبيدار صاب وٽ پيئي آهي.

وڏيري – انهيءَ مُنِي کي ڪري لبيوس. واسري هٽونس! ٻچن کان مٿي ٽَڪا ڪھڙي ڪم ايندا؟

(وڏيري ۽ وڏيريءَ جي گفتگو جي دوران ڪجھ اھم فيصلا ٿين ٿا:-

(1) ٺاڪومل جي موٽي اچڻ تي، صوبيدار کي رقم ڏيئي لکپڙھ نيڪال ڪرائجي.

(2) ڇوڪرو موڪل واري زماني ۾ جيڪو انگريزي ٽوپلو گھر ۾ ڇڏي ويو آهي، تنهن کي رات وڳڙي ۾ لڪائي گھر مان ٻاهر ڪڍي، زمين ۾پورائي ڇڏجي، جيئن گھر اندر ڪا بہ خطرناڪ ثابتي ڪا نہ رهي.

(3) قلندر لعل شهباز، شاھ گودڙيئي ۽ شهدادڪوٽ جي بزرگن جي درگاهن تي دعا گھرڻ لاءِ قرآن جا حافظ روانا ڪجن، جيڪي اُت ختمو بہ ڪين ۽ دعا بہ گھرن.

(4) اھا ڳالھ مخفي رکي وڃي، جيئن خاندان جي ويريءَ وڏيري صالح کي خبر پئجي نہ وڃي.

قصو ڪوتاھ – ان پروگرام تي عمل ٿئي ٿو. ٺاڪومل جي حوالي ٻي رقم بہ ڪئي وڃي ٿي، جيڪا ھو صوبيدار صاحب کي پهچائي، لکپڙھ جو نيڪال ڪرائي ٿو. ھوڏانهن ڇوڪري ڏي تار موڪلي، ڪيس گھرائي، گھر ۾ بند ڪيو وڃي ٿو. سندس تعليم ختم! ان وچ ۾ جيستائين لکپڙھ نيڪال ٿئي، اوستائين وڏيري سمهاڻيءَ جي نماز کان پوءِ هميشه هينئين مداح پڙهندي ۽ پٽ جي ڇوٽڪاري لاءِ دل ڦاڙي دعائون گھرندي رهي:

[*اُگسني (اغثني) يا سيدا

رَس تون اچي مون راھ ۾! *]

(9)

[ڊسمبر جو مهينو اچي ٿو. ناتال جا ڏينهن آهن. گورنر صاحب صبح جو اچي رهيو آهي. پوريون مهينو سارو هلچل ۾ گذري وڃي ٿو.]

جنهن ڍنڍ ۾ شڪار ٿيڻو هو، ان تائين وڪٽوريا گاڏين لاءِ رستا ٺهي ويا. رستن تي پلال پيا ۽ ڇٽڪار ٿيا. ڪنهن کي بہ انهن رستن تي پير ڏيڻ جي اجازت ڪا نہ!

ڊنڊ جي ڪناري تي شاميانا ۽ تنبو هنيا ويا. شاميانن ۽ تنبن ۾ قيمتي قالين وڇايا ويا ۽ نئون فرنيچر وڌو ويو. منزل واري ميدان کان ٿوري فاصلي تي ڪچيون لانڍيون آڏايون ويون، جن مان ڪن ۾ روينيو عملو لٿو. ڪن ۾ وڏيرو پاڻ ۽ سندس ڪم ڪار ڪرڻ وارا ماڻهو. ڪن ۾ سامان جا اسٽور (چارج خدابخش خان تپيدار ۽ سندس جهنڊ ٺاڪومل جي حوالي)، ۽ ڪن ۾ بورچيخانا لڳا.

پوليس جو عملو بين لانڍين ۾ لاٿو ويو، جي اجا به هٽائي ٺاهيون ويون هيون. انهن جي پٺ منزل واري ميدان ڏانهن ، ۽ اڳُر جهنگ طرف. جهنگ آهي تنگ - نہ ڪتو ڏسي، نہ پونڪي. مختيارڪار جي ڪئمپ تنبن ۾. ان ڪان پري، ڊپٽي ڪليڪٽر جا تنبو، جن جي چوڌاري پترن جو پلوپڙو ڏنل هو. ڊپٽي صاحب تازو بي. اي. پاس ڪري سڌيءَ طرح ان عهدي تي مقرر ٿي آيو هو. مسلمان هو ۽ سو بہ وڏي گهر جو. عام ماڻهن سان لهہ وچڙ ڪندي سندس رعب ۽ دٻدٻي کي نقصان پهچڻ جو خطرو هوندو هو، تنهن ڪري لوڪ لهوارو ۽ هي عاشق اوپارو!

ساري رستي ۽ منزل جي چوطرف واري ميدان تي رنگا رنگ جهنڊيون ٽنگيون ويون هيون. ميدان ۾ داخل ٿيڻ واري هنڌ خوبصورت دروازو ٺهرايل هو، جنهن تي رنگين ڪاغذن کي ڪتري، "مرحبا" ۽ "خوش آمديد" جا قطعا ٺاهي لڳايا ويا هئا. (ان زماني ۾ اڃان "زنده باد" جي بيماري ڪا نہ شروع ٿي هئي.)

ڪاڌي پچائڻ ۽ "سَرو"(1) ڪرڻ لاءِ باورچين، بيرن ۽ بٽلرن جو ڊنبلو ڪراچيءَ کان گهرايل هو. ڪاڌو ديسي ۽ ولايتي، ٻنهي طرحن جو تيار ٿيڻو هو. ڪاڌي جو تفصيل ڏيڻ اجايو آهي. جو بہ قسم ڏيان ۾ اچي سگهيو ٿي، سو تيار ٿيڻو هو. خاص طرح، چاشني، ڪڪڙ ۽ چيلو پڪل، پلاءُ، ڦڪو ٻوڙ، تريل تتر، مٺا ڪوفتا، قسما قسم ٻوڙ ۽ ڀاڄيون، حلوا، پُڊنگيون، وغيره وغيره. ولايتي ڪاڌي جي قسمن جي خبر خدا کي.

جن ننڍين بيڙين ۾ سوار ٿي صاحبلوڪن کي ڊنڊ اندر داخل ٿيڻو هو، تن ۾ غاليچا ۽ گول وهاڻا رکيل هئا. ان سان گڏ سڪي ميوي سان ڀرُ پليٽون، ۽ تازي ميوي جا ٽوڪرا، جڏهن ڪڏهن تائين پهچندي پهچندي بہ پل وات چورينداڻا رهن.

ڊنڊ اندر ڪُڏ ۾ بہ ساڳيءَ طرح قالين، ڪرسيون، سڪو ۽ آلو ميوو، پاڻيءَ جا دٻا، ۽ ڪارتوسن جون پيٽيون موجود. ڪُڏ جي ٻاهران، جهنگ ۾، اڳينءَ رات جون چارن ۾ ڦاسائي جمع ڪيل بدڪون ڇُپائي رکيل هونديون. ڪن ٿورن صاحبلوڪن

---

(1) Serve

جي بندوق پوريءَ طرح لڳندي هئي. باقي "آلو نُسور، مٿي جو سور" هوندا هئا. تنهنڪري صاحب جي بندوق ڇٽي، پکي مري يا نه مري، "ڪاڍا" هڪ نه هڪ پکي کُڻي آڻي سندس اڳيان رکندا هئا. ڪنهن به "مهمان" صاحب کي خالي هٿن موٽڻ ڪو نه ڏنو ويندو هو. نه فقط ايترو، پر جيڪڏهن ڪو صاحبلوڪ پنهنجيءَ بندوق سان پنجاهه بدڪون ڪيرائيندو، ته انهن سان پنجاهه پيون به شامل ڪيون وينديون، جيئن صاحب کي "سؤ- مار" هجڻ جو فخر حاصل ٿئي. اهڙن موقعن تي پنجن - ائن سون پکين جو قتلام ٿيڻ معمولي ڳالهه هوندي هئي.

**(10)**

هاڻي، مقرر ڏينهن تي صاحبن بهادرن جي تشريف آوريءَ جو احوال ٻڌو. لاڙڪاڻي کان شڪار جي جاءِ تائين، پنجويهن - ٽيهن ميلن جي فاصلي اندر، رستي تي ٻنهي پاسن ڏانهن اڳٿين ڏينهن کان وٺي پوليس جو پهرو بيهاريل هوندو. انهن رستن تان ٻي ساري آمد رفت بند. انهن ڏينهن ۾ موٽرون اجا چالو ڪين ٿيون هيون. تنهنڪري صاحبلوڪ وڪٽوريا گاڏين تي سواري ڪندا هئا.

هينئر گورنر صاحب جي پارٽيءَ جي سواري منزل جي قريب اچي رهي آهي. وڏيرو صاحب پنهنجي ساري ڪٽنب سميت صف ٻڌيو بيٺو آهي. ڪٽنب جي معنيٰ ته پاٽ، پٽ، پوٽا، سؤٽ ۽ ماسات. صاحبلوڪن سان هٿ ملائڻو آهي. سيني کي، مري به منهن ڏيڻو آهي. پوئتي پوڻو ڪو نه آهي. مٿي تي اڇي پڳ، جسم تي ڏورئي جو پهراڻ. اُن جي اندران صدري، هيٺ پٽئي جي ويهه والي سٿڻ، ڪاري الپاڪي جو ڪوٽ، ۽ پير ۾ سليپر، اڳٽ ريشمي آهي، جنهن ۾ ڏند ڪوٽٽي، ڪن ڪوٽٽي ۽ ڪجهه ڪنجيون ٻڌل آهن، ۽ انهن جو ڇُڳو پهراڻ جي هيٺان پيو لڙڪي.

گورنر گاڏيءَ مان لهي اچي وڏيري سان هٿ ملائي ٿو. وڏيري لاءِ مرڻ جي مهل آهي. پهرين نراڙ تي هٿ رکي سلام ڪري ٿو، پوءِ جهڪي سلام ڪري ٿو، ۽ آخر ۾ اوڪڙو ٿي هٿ ملائي ٿو. ڪليڪٽر صاحب گورنر کي وڏيرڪي ڪٽنب جي ٻين ڀاتين سان هٿ ملارائي ٿو. ان کانپوءِ وڏيرو گورنر صاحب جي پارٽيءَ کي وٺي شامياني هيٺ وڃي ٿو. ان وچ ۾ ڪارتوس، بندوقون ۽ ٻيو سامان ڪڍي وڃي ٻيڙين ۾ پوي ٿو. مهمان ورهائجي ٻيڙين ۾ پورا ٿين ٿا. هر ٻيڙي مقرر ڪُڌ تي وڃي مهمانن کي پهچائي ٿي. پهريون فائر گورنر صاحب جي ڪُڌ تان ٿئي ٿو، ۽ ان کانپوءِ تاڙا پکين کي ترڻ شروع ڪن ٿا. ساريءَ ڍنڍ ۾ ٽڪا ٽڪي لڳي وڃي ٿي، جڻ ڀڳڙا پيا پُڇن. تاڙا،

انگ انگهاڙا، برف جهڙي ٿڌي پاڻيءَ ۾ هلي پيا پکي اڏارينداڏ وڏيرو پاڻ، ٻيڙيءَ ۾ سوار، ساريءَ ڍنڍ ۾ پيو چڪر ڪاٽيندو ۽ تاڙن تي پيو چوڪسي ڪندو. تاڙن تي سخت گارگند بہ پيو هلندو. صاحب هڪ پکي ڪيرائيندو تہ پکين ڪڻ وارا ٻہ پکي آڻي سندس ٿيلهي ۾ وجهندا تہ جيئن صاحبلوڪن جي شڪار جو انگ وڌندو وڃي.

ٻپهريءَ ۽ ٽپهريءَ جي وچ تائين پئي سٺاڪٽي هلندي. شڪار پوري ٿيڻ تي سڀ مهمان واپس شاميانهي ۾ ايندا. فوٽو گرافر موجود هوندو. جيڪو سڄيءَ پارٽيءَ جو فوٽو ڪڍندو. وڏيرو پاڻ بہ ان فوٽوءَ ۾ جلوه افروز هوندو. بعد ۾ ايندو کاڌو. صاحبلوڪ پاڻ کائين نہ کائين، پر سندن اڳيان "سَت رڇيون" آڻي موجود ڪندا.

طعام بعد، مُلا ميهر اچي پنهنجي "رباعي" پڙهندو. گورنر صاحب جو سنڌي سمجهڻ تہ هوندو محال، مگر هو بادشاهہ سلامت جو نائب هو، ۽ بادشاهن جي ڪچهريءَ ۾ قصيدن جو پڙهجڻ هڪ پراڻو دستور هو.

ملا ميهر ڦتو جو يا "مولوي" ميهر، هڪ خاص ڪئريڪٽر هو. شعر شاعريءَ جي قانونن کان قطعاً آزاد. نہ وزن جي پرواهہ، نہ قافيي جي پابندي. تُڪون ٻڌي ڪلام تيار ڪندو هو، ۽ ڪلام جي فني ڪوتاهين کي وري پنهنجي سريلي آواز وسيلي پورو ڪري ڇڏيندو هو. سندس قصيدو هڪ سؤ شعر جو هجي يا هڪ هزار شعر جو، مگر مٿس نالو ضرور رباعي رکندو، ۽ هر رباعيءَ جي ابتدا هميشه هنن لفظن سان ٿي ٿيندي: "بحمدِ خدائي چوان هيءَ رباعي —" سنڌ اندر ڪٿي بہ ميلو لڳي، يا شادي ٿئي، يا ڪنهن صاحبلوڪ جي مهماني هجي، ملا ميهر بمع پنهنجيءَ "رباعي" جي ضرور وڃي پهچندو. ڊگهو قد، ڇُڙڪ بت، ٻُچي ۽ مينديءَ لڳل ڏاڙهي، گوڏن تائين مخملي ڪارو يا نيرو ڪوٽ، هٿ ۾ لڪڙ - محل نہ محل، نڪ اچي ڪندو، "سلان واليڪم" مون جڏهن ڏٺو، تڏهن ڪروڙو هو. وڏيرا ۽ صاحبلوڪ سندس قصيدا ۽ قصيدن ۾ پنهنجا نالا ۽ تعريفون ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيندا هئا، ۽ کيس جهجها انعام ڏيندا هئا. هڪ ڪمشنر تہ کيس سرٽيفڪيٽ ڏنو هو، تہ "'مولوي ميهر' دنيا جي عظيم شاعرن مان هڪ آهي!" مون وٽس سرٽيفڪيٽن، آفرين نامن ۽ لونگين جي سَنَدن جو هڪ وڏو بنڊل ڏٺو، جيڪو هو هميشه پاڻ سان گڏ کڻيو وتندو هو. پڇاڙيءَ ۾ ڪو ظالم شاهينگ، سيوهڻ واري ميلي جي موقعي تي، سندس اهو سارو سرمايو چورائي ويو! مولوي صاحب ڪيترن ڏينهن تائين اخبارن ۾ اشتهار ۽ انعامن جون آڇون شايع ڪرائيندو وتيو، مگر سرٽيفڪيٽ نہ ورڻا هئا سي نہ وريا. پڇاڙيءَ ۾، شايد

انهيءَ ئي صدمي وگهي مرحوم هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. خدا جون رحمتون هجنس، عجب انسان هو. پنهنجو مثال پاڻ هو!

"رباعي" ختم ٿيڻ کان پوءِ، ڪتاب يا رجسٽر پيش ڪيو ويندو، جنهن ۾ گورنر صاحب يا سندس "آڙي ڪاپ" (اي. ڊي. سي) ان ڏينهن جي ڪيل شڪار جو تفصيل نوٽ فرمائيندو، ۽ ٻه – چار اکر وڏيري جي حسن انتظامي بنسبت به لکي ڇڏيندو.

پوءِ محفل برخواست – ساڳئي صبح واري شان شوڪت سان صاحب بهادر خير جو چڙهي ٿيندو روانو. پويان منزل تي جيڪو بہ سامان بچيل هوندو. سو مختيارڪار ۽ صوبيدار پاڻ ۾ وراهي ڪٽائي وجي گهر داخل ڪندا. وڏيري کي ٿيي فقط شاباس!

اهو هو ماحول، جنهن ۾ سنڌ جي وڏن خا: جي ان زماني اندر ٿيندي هئي پرورش.

# سنڌ جون ڪي شخصيتون

# رياست خيرپور

خيرپور رياست مير علي مراد خان ٽالپر کي انگريزن ڏني، ۽ 1955ع جي آڪٽوبر مهيني تائين جدا رياست جي حيثيت سان قائم رهي. 1955ع ۾ اولهه پاڪستان جي صوبن ۽ رياستن کي گڏي يڪو هڪ صوبو بنايو ويو. ان انقلاب خيرپور جي جدا هستيءَ کي به ختم ڪري ڇڏيو.

1918ع ڌاري خيرپور، سنڌ جي پراڻيءَ رهڻي ڪرڻيءَ جي آخرين مورت هئي. انگريزن جي سڌيءَ طرح اثر هيٺ اچڻ ڪري، باقي ته ساريءَ سنڌ ۾ ڦيرو اچي ويو هو، مگر خيرپور ۾ پڇاڙيءَ تائين سنڌ جو اڳوڻو تمدن پساهه کڻندو رهيو. اُهائي پراڻي تهذيب، ۽ اُٿيءَ - ويٺيءَ جا اهي ئي ساڳيا پراڻا رواج: عام ماڻهو ڏاڍا، شريف، مهمان نواز، آهسته رو، ۽ ننگ پال، حاڪم اشراف، همدرد، ۽ وقت تي ٻري وڃڻ وارا. ڪامورا "ٿور - ڪاوا"، محنتي، دوستي رکڻ ۽ دوستي نباهڻ جهڙا. اڃا موٽر ميدان ۾ ڪا نه آئي هئي، بيل گاڏيءَ ۽ بگيءَ، اُٺ ۽ گهوڙي جو زمانو هو. اڄوڪي پيچ دڪ ڪا نه هئي. ڪچهريون، "حالن احوالن"، "لسيءَ ۽ ٿاڌل" جو دؤر هو.

مون جڏهن هوش سنڀاليو ته خيرپور جو مير، مرحوم امام بخش خان هو. ان کان اڳ به مير ٽي گذريا هئا - مير علي مراد خان، رياست جو باني، ۽ سندس پٽ، مير فيض محمد خان مرحوم. مير امام بخش خان مون پاڻ ڪو نه ڏٺو. پر سندس متعلق گهڻا دلچسپ قصا ٻڌڻ ۾ پيا ايندا هئا، سچ ڪوڙ، چوندڙن جي ذمي. چوندا هئا ته مرحوم پورالو ۽ ڪفايتي هو. جا شي پسند ايندي هيس، سا پاڻ سان کڻائي ويندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن ڳوٺڙي ۾ ڪنهن ڪڙميءَ جون سٺيون "آهرون" کيس نظر آيون. ماڻهن به تعريفون ڪيون. چي، "اهڙيون 'آهرون' ته سرڪاري مال کي پيون سونهن!" حڪم ٿيو ته "آهرون پاڙن کان پٽي، ساڻ کڻي هلو!"

منهنجي سمجهه موجب، اهي ڪهاڻي حقيقتاً منگهڙت هوندي، پر ان زماني ۾ مشهور ڏاڍي هئي. ملڪي انتظام ۾ مير صاحب پاڻ دخل ڪو نه ڏيندو هو. حڪومتي ڪاروبار سندس وزير جي هٿ ۾ هوندو هو، جيڪو انگريز سرڪار پنهنجن عملدارن مان چونڊي کيس ڏيندي هئي. خيرپور جي "وزارت" وڏي شي هوندي هئي. خيرپور جو وزير جنهن طرح گهري، سنڌ جي سياست کي جوڙي ۽

موڙي سگهندو هو. ان زماني جي ڪائونسلن جا ميمبر سندس ئي مدد سان چونڊجي سگهندا هئا. سنڌ جا مسلمان عملدار ڪيس پنهنجو اڳواڻ سمجهندا هئا، ۽ انگريز سندس صلاح مشوري کي وڏو وزن ڏيندا هئا. مير امام بخش خان جي زماني جو ناميارو وزير، شيخ محمد ابراهيم هو. وڏو منتظم ۽ وڏي رعب ڌاڪي جو صاحب هو. خيرپور کي ناهي سنواري ڇڏيو هئائين. انتظام جي پراڻي سرشتي کي سڌاري، انگريزي انتظام جي ڪڙيءَ تي آندائين. پئسي جي سنڀال ڪيائين. تعميري ڪمن تي خاص توجهه ڏنائين، ۽ سڙڪون، اسپتالون، بنگلا، محلاتون، واهه ۽ پُليون جهجهي انداز ۾ جوڙايائين.

اهو آهي پس منظر ايندڙ ڪهاڻيءَ جو-

## مير علي نواز خان

مير امام بخش خان جي انتقال (8 - فيبروري 1921ع) بعد، سندس وڏو صاحبزادو مير علي نواز خان (13 - فيبروري 1921ع) تخت تي ويٺو. والد جي پوئين زماني ۾ رياست کان بدر ٿيل هو، ۽ دهليءَ طرف رهندو هو. ڏاڍا ڏک ڏٺا هئائين. وڏو خرچائو، سخي مرد، ۽ حضور شرم هو. ڏکن ڏاکڙن سندس دل کي بنهه نرم ڪري ڇڏيو هو. ڪنهن جو به سور سهي ڪو نه سگهندو هو. ڪنهن جي به عرض مدعا کي رد ڪري ڪو نه ٿي سگهيو. اهو ئي سبب هو جو ماڻهن سندس شرافت ۽ سخاوت جو ناجائز فائدو ورتو، ۽ ڪيس هميشه حاجتمنديءَ جي حالت ۾ رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

شاعَر هو، ۽ تنهنڪري عاشق مزاج . سندس عشق لاهور جي هڪ مائيءَ سان لڳو، ۽ عشق به اهڙو، جنهن کي واقعي "عشق" چئجي. مائي مير صاحب کان عشق جون مختلف منزلون تڪڙو تڪڙو طئه ڪرائيندي رهي. لاهور هلي ويندي هئي ته پوءِ ڪو ويهي ڏسي مير مهجور جو حال! نينهن جي نانوَ ۾ نوڙت پريا نو سؤ نياپا، سوز ۽ گداز جا دلدوز ثبوت، هجر جي رات جون ڪاريون ڪهاڻيون، شامِ غم ۽ صبحِ فراق جا ڦهري قصا، آزيون، نيزاريون، ميڙيون منٿون ۽ ان اپرانڌ رپين جون همياٽيون... هجر ۽ وصال، وصال ۽ هجر جي انهي ڪشمڪش واري زماني اندر ئي مير صاحب جي شاعريءَ جا نايٽ وهي نڪتا، نهه يهه اردو غزلن جو هڪ ديوان، ۽ سنڌي ڪافين جو هڪ ڪتاب جوڙي راس ڪيائين. "ناز" تخلص هوس ۽ شعر ۾ چڱو سوز ۽ گداز سمايل.

عشق مجازيءَ جي ان مصيبت ڪيس عشق حقيقيءَ ڏانهن بہ رغبت ڏياري. چنانچ اميريءَ سان گڏ، ڪڏهن ڪڏهن فقيري بہ ڪندو رهيو. گيڙو ڪفني، مٿو اگهاڙو، هٿ ۾ يڪتارو، زبان تي رندي ڪلام، ويرانن ۾ جهوپڙيون، ۽ جهوپڙين ۾ رهي عاشقانہ صدائون بلند ڪرڻ!

پنهنجي وقت جو سخي مرد هو. پئسو ڪٺندو هوس تہ پاڻ ڪاهي اچي خزاني جو دروازو زوريءَ کوليندو هو. ڪنهن وقت تہ چوندا هئا تہ تجوڙين ۾ فقط ٻہ - چار آنا پيل نظر ايندا هئس. وقت جو وزير شايد اصلي رقم آسي پاسي ٽاري ڇڏيندو هو. پوءِ به هو ڪا دفعو مون سائس ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ ڪچهري ڪئي، هڪ ٻئي دوست سان گڏ. تحفي ڏيڻ لاءِ ٻي ڪا بہ وٽ ونس ڪا نہ رهي هئي، هڪ تلور پکي شڪار ٿيل موجود هوس، جو بطور سوکڙيءَ جي پيش ڪيائين. حجاب ڪان اکيون هيٺ هئيس، پر ملاقاتي پراڻي دوست کي هٿين خالي ڪيئن موٽائي؟

جوانيءَ جي زماني ۾ بيحد خوبصورت ليکيو ويندو هو. مون جڏهن ڏٺو، تڏهن عمر ۾ پکو ٿي چڪو هو ۽ جسم ۾ بيحد متارو ٿي ويو هو، ايتريقدر جو هلڻ چلڻ بہ مشڪل لڳندو هوس. پر ان هوندي بہ چهري تي گذريل خوبصورتي جا نشان موجود هئس. قد ۾ ڊگهو، رنگ ڪٽڪ ونو، ڏاڙهي ڪوڙيل ۽ شهپر ڊگها - بنهہ ڪُوپو مڙس هو.

پهريون دفعو مون کيس هڪ محفل ۾ ڏٺو. خيرپور جي وڏي سرڪاري محلات، "فيض محل" ۾، مسٽر محمد ايوب کهڙي سندس اعزاز ۾ سرود سماع جي پارٽي ڏني هئي، جنهن ۾ ٻاهريون ڳائڻ واريون گهرايل هيون. سڄيءَ رياست ۽ پسگردائيءَ جا معزز موجود هئا. دير تائين راڳ ۽ رقص ٿيندو رهيو. مير صاحب پاڻ ڪوچ تي متمڪن هو، ۽ باقي شريڪ مجلس هيٺ غاليچن تي پلٿيون ماري، طول وهاڻن کي پٺي ڏيو ويٺا هئا. مير صاحب وقتاً فوقتاً ڳاني تي ٽيڪا ٽيڪي ڪندو ۽ نيون نيون فرمائشون ڪندو ٿي رهيو. ڪيس خيال هو تہ هو پاڻ بہ موسيقيءَ جي فن جو وڏو ماهر آهي. حاشيہ نشين، برجستہ سلام ڪري سرڪار جي سخن شناسيءَ جو داد ڏيندا ٿي رهيا. ميزبان، يعني کهڙي صاحب ۽ ٻين وڏيرن ۽ ڪامورن، رپين جون مٺيون ڀري مير صاحب مٿان گهوري طوائفن ڏانهن پئي اڇلايون. چاندي جو هڪ ٿالهہ رپين سان ڀري

خود مير صاحب جي اڳيان بہ رکيو ويو هو، جنهن مان مير صاحب بہ ڳاني وارين جي همت افزائي تي فرمائي.

قصيدن پڙهڻ لاءِ ڪجهہ شاعر بہ آيل هئا. انهن ۾ لاڙڪاڻي وارو ماستر غلام سرور قادري مرحوم (تخلص "فقير") بہ هو. خوبصورت، گلدار ڪاغذن تي هڪ طويل مدحيہ نظم ڇپارائي آيو هو، جنهن جي هڪ تُڪ مون کي اڄ تائين ياد آهي:

"ايم. اي. کهڙو بہ آهي صادقانِ مير مان!"

کهڙو صاحب خيرپور رياست جو زميندار هو، ۽ ان ڪري ڪنهن حد تائين مير صاحب جو رعيتي. اوائلي زمانو هوس. سندس والد مغفور مرحوم، وڏيرو شاهہ محمد خان، تازو فوت تي ويو هو. پاڻ ڪاليج ڇڏي اچي خانداني ڪاروبار سنڀالڻ لڳو هو، ۽ سياست ۾ بہ اوائلي پير تي ڪنيائين. خيرپور جي وزير شيخ محمد قادر سان دوستي هيس، جنهن هر موقعي تي کيس اڳتي ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. اهو ئي سبب هو جو هن وزير صاحب جي مشوري مطابق، مير صاحب جي اعزاز ۾ اها پارٽي رچي هئي. حقيقت هيءَ آهي تہ منهنجي پنهنجي سياسي تربيت پڻ ساڳئي ئي ماحول ۾ ٿي. شيخ محمد قادر منهنجو بہ دوست هو. سياسي ميدان ۾ وس آهر آءٌ سندس خدمت ڪندو هوس، ۽ هن پاڻ بہ منهنجو چيو ڪڏهن ڪو نہ موٽايو.

مير علي نواز خان جي زماني جو هڪڙو جشن مون کان ڪڏهن ڪو نہ وسرندو. اهو جشن مير صاحب جي "باليءَ" سان شاديءَ واري موقعي تي ٿيو. سال پوريءَ طرح ياد نہ اٿم، پر شايد 1923ع هو، يا 1924ع. باليءَ سان مير صاحب جي عشق جو کهڙو عالم هو، تنهن جو ذڪر اڳ ٿي چڪو آهي. وڏيءَ محنت ۽ مشقت بعد وڃي باليءَ ۽ سندس پيائرن (بگو خان ۽ فيروز خان) شاديءَ جي ڳالهہ قبول ڪئي - ڇڻ مُئي مڙهہ ۾ ساهہ پئجي ويو. مير صاحب دل کولي خرچ ڪيو. مهمانن لاءِ ڪئمپون ڪلي ويون. گرميءَ جو زمانو هو، تنهنڪري ڪکايون لانڍيون ٺاهيون ويون، جن تي پاڻي اڇلايو ٿي ويو تہ جيئن ٿڌيون رهن. خيرپور ريلوي اسٽيشن واري ڦاٽڪ کان وٺي شهر تائين، ان زماني ۾ ميدان ئي ميدان هوندو هو: اهو سارو ميدان لانڍين ۽ ڪئمپن سان پريو ويو. مير صاحب جي پنهنجي رهائش ۽ شاديءَ جي مجلس لاءِ خاص لانڍيون پڻ

انهيءَ ئي ميدان ۾ ٺاهيون ويون. طوائفن جي رهائش لاءِ هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جون بلڊنگون خالي ڪرايل هيون. اٽڪل اسي ڪن طائفا لاهور، امرتسر، دهلي ۽ بمبئيءَ منجهان اچي ويا. هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جي ڪنڊ ڪڙڇ مان طبلي جي ٿاڦ ۽ سارنگيءَ جي رون - رون ٻڌڻ ۾ ٿي آئي. ساري خيرپور ڄڻ لاهور جي هيرا منڊي بڻجي ويئي هئي. ماڻهن جا ڳاهٽ هئا. هر مهمان جي لاڏيءَ ڏانهن هڪ طائفو روانو ڪيو ٿي ويو. اها ورهاست شام ويلي پئي ٿي. تماشہ بين ساري هندستان مان ڇڪجي اچي خيرپور ۾ جمع ٿيا هئا. ناچ، گانا، ڪانا، آتشبازيون، جادوءَ جا ڪيل، مشاعرا، قصيده خوانيون - غرض تہ عيش ۽ تفريح لاءِ جا شي تصور ۾ اچي ٿي سگهي، سا موجود هئي. ڪيترا وڏا ماڻهو ۽ آفيسر بہ دعوت تي آيل هئا. جناب پير صالح شاهہ صاحب مرحوم راڻيپور وارو، مرحوم حڪيم مولوي محمد صادق صاحب راڻيپور وارو، ۽ هز هائينس مير نور محمد خان مرحوم حيدرآباد وارو، مون پهريون دفعو اتي ڏٺا. مرحوم خانبهادر الهہ بخش سان (جيڪو 1938ع ۾ جدا سنڌ جو چيف منسٽر بڻيو) منهنجي پهرين واقفيت ان موقعي تي ٿي. شام جو منهنجي پنهنجي رهڻ واريءَ جاءِ تي گاني جو انتظام ٿيو. گاني واري هئي مختار بيگم امرتسري، جنهن اڳتي هلي وڏو نالو پيدا ڪيو. اجا سندس اوائلي زمانو هو. سندس حسن ۽ جوانيءَ واري ہوڻي ڪي تاهنوز ڪوسو واءُ ڪو نہ لڳو هو. هڪ ٺمري خاص مزي سان ڳايائين:

"مين توسي ناهين بولون ري!"

بمبئيءَ مان هيراٻائي نالي هڪ طوائف آيل هئي، جنهن جا وار ايڏا ڊگها هئا جا اُبي قد بيهي(۽ قد جي بہ ڪافي ڊگهي هئي) وارن جو مُڇو ڪُڙين هيٺان ڏيئي ڇڏيندي هئي.

مجلس هلندي، خزانو خالي ٿي ويو - ڪيترن ڏينهن تائين پنهنجين فين وصول ڪرڻ خاطر طوائفن ڪي خيرپور ۾ رهي ڌڪا کائڻا پيا.

## شيخ محمد قادر مرحوم

بمبئيءَ پرڳڻي جي سورت شهر جو رهاڪو هو. پهريائين بمبئيءَ جي لوڻ ڪاتي ۾، ۽ پوءِ سنڌ جي روينيو ڪاتي ۾ هيڊ منشيءَ طور مقرر ٿيو، ۽ ترقي ڪندي وڃي ڊپٽي ڪليڪٽريءَ تائين پهتو. اتان اورينٽل ٽرانسليٽر

مقرر ٿي بمبئيءَ ويو. ۽ مير امام بخش خان جي پوئين زماني ۾ خيرپور جو وزير مقرر ٿي آيو. قد ۾ ڊگهو، بت ۾ سنهو، رنگ جو پورو، ڏاڙهي ڪوڙهيل، مڇون مختصر - هڪ راٺو مڙس هو. هميشہ چيناسلڪ جي پتلون ۽ ان تي کُليل گلي سان ڊگهو ڪوٽ پائيندو هو. ۽ مٿي تي گول سلڪ جي مختصر پڳڙي، جيڪا ويٺوڙي ٽوپيءَ تي ويڙهيل هوندي هئي. بيحد مهمان نواز، مسلماني جذبي سان پرپور، حضور شرم، خدمتِ خلق جو شوقين، سياست ۾ ڳوڙهي دلچسپي وٺندڙ، دوستن جو دوست، اميد پريل نوجوانن جو سرپرست، رحمدل، شريف، بي آزار، ڪم ڪرڻ جو سخي، رشوت کان پري، هڪ اهڙو انسان هو، جنهن جهڙا ٿورا انسان مون ان زماني جي ڪامورن ۾ ڏٺا. شوق هوس تہ زميندارن جي ڇوڪرن کي تعليم ڏياري سياست ۾ آڻي، جيئن هو چڱيءَ طرح هندن جو مقابلو ڪري سگهن. انهن ڏينهن ۾ هندن جو ڏاڍو زور هوندو هو، تعليم، واپار، ۽ سياسي شعور ۾ مسلمانن کان گهڻو اڳ ۾ هئا. پر وقت گذرندي هو ڪانگريسي سياست ۾ ڪاهي پيا، جنهنڪري انگريزي حاڪم ڪانئن پهريون دفعو بدظن ٿي، مسلمانن کي همٿائڻ ۽ اڳتي ڪرڻ لڳا. ان معاملي ۾ مسلمان سرڪاري آفيسرن کان ڪم ورتو ويندو هو، جن جو غير سرڪاري طرح اڳواڻ خيرپور جو وزير هوندو هو.

شيخ محمد قادر کي جيڪو بہ چڱو نوجوان نظر آيو، تنهن جي سرپرستي ۽ حوصلہ افزائي ڪيائين. مسٽر محمد ايوب کهڙو، سکر وارو عبدالحميد خداداد خان(جنهن کي هڪ دفعي هندستان جي سينٽرل اسيمبليءَ جو ميمبر بہ چونڊرايائين) ۽ ڪنهن حد تائين آءٌ، سندس قريب اچي چڪا هئاسون. جنهن طرح بہ ڪانئس ٿي سگهندو هو، اسان جي رهنمائي ۽ مدد ڪندو هو. منهنجو پنهنجو تہ گهڻو وقت مورڳو ئي وٽس پيو بسر ٿيندو هو. پنهنجيءَ رهائش واريءَ جاءِ جي قريب، سندس آفيس واري عاليشان بنگلي جو هڪ حصو خاص منهنجي رهڻ لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو هئائين. شام جو سرڪاري ڪاروبار ختم ڪرڻ بعد اچي مون سان ويهندو هو. ماني گڏجي ڪائيندا هئاسين، ۽ سنڌ جي ماڻهن توڙي سياست ۽ صحافت تي پيا خيالن جي ڏي - وٺ ڪندا هئاسين. اخبار نويسن جو خاص لحاظ ڪندو هو. محمد هاشم "مخلص" مرحوم پنهنجي اخبار "مسلمان" ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪڙڪو ڪندو هو تہ ڏانهنس دعوت هلي

ويندي هئي. شيخ صاحب جو اصول هو تہ منهن ڏني ڳالهہ ٽُٽي تہ ان کي ڍڳهو ٽيڻ پچو ڏجي.

شيخ محمد قادر مرحوم جي زندگيءَ جا اصول ڏاڍا سٺا هوندا هئا. مثلاً، هٿ وٺي ڪنهن سان بہ جهيڙو ڪو نہ جوڙيندو. جي جهيڙو ٿي پوندو تہ اُن کي سٺي نموني ۾ نباهيندو. ڪاري زخم، جنهن کي محسوس ڪري دشمن هميشه پيو انتقام وٺڻ جي ڪوشش ڪري، ڪنهن کي ڪو نہ رسائيندو. مخالفن تي چوڪسي رکندو، هو جيڪي بہ حرڪتون ڪندا رهندا، تن کي خاموشيءَ سان ختم ڪندو ويندو. پر مقابلي ۽ جنگ جدل جو اوڙاهہ ڪڙو ٿيڻ نہ ڏيندو. هر معاملي ۾ ۽ هر شخص متعلق، ابتدا هميشہ نيڪيءَ سان ڪندو، ٿي سگهندس تہ دشمن تي بہ احسان ڪري ڇڏيندو.

سندس ڪوششن سان سکر مان "سنڌ زميندار" اخبار جاري ٿي، جيڪا زميندارن ۽ عام مسلمانن جي حقن جي حفاظت ڪندي رهي. ان جو پهريون ايڊيٽر ماستر عبدالوهاب هو، ان ڪانپوءِ تہ ٽي سال مسٽر احمد علي خان عليگ آيو. 1928ع کان 1933ع تائين ان اخبار جي ايڊيٽري منهنجي سپرد ٿي. پر شيخ قادر 1925ع ۾ ئي، رتناگيري ضلعي جو ڪليڪٽر مقرر ٿي، خيرپور کي خيرباد چئي ويو هو.

شيخ صاحب جي ہي اسڪيم هئي تہ زميندارن جي اولاد کي تعليم ڏيڻ لاءِ هڪ "زميندارِي ڪاليج" کوليو وڃي. ان باري ۾ لک کن رپيا چندو گڏ ڪرايائين. ارادو هوس تہ اهو ڪاليج سکر ضلعي ۾ رُڪ اسٽيشن جي قريب قائم ڪيو وڃي. پر سندن بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ اسڪيم ختم ٿي ويئي، ۽ گڏ ٿيل پئسن مان ڪراچيءَ ۾ "ليسلي ولسن مسلم هاسٽل" ٺهرايو ويو، جنهن جو نالو، پاڪستان ٺهڻ بعد ڦيرائي "جناح هاسٽل" رکيو ويو آهي.

شيخ صاحب مرحوم سان تعلق رکندڙ هڪ ٻيو واقعو بہ ياد پيو اٿم. انهن ڏينهن ۾ بمبئي پريزيڊنسيءَ جي مسلمان قومي ڪارڪنن "ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس" نالي هڪ تعليمي انجمن کڙي ڪئي هئي، جنهن جو روح روان پوني وارو سر ابراهيم هارون جعفر هو. ان انجمن جي ڪاروبار ۾ مسلمان عملدار بہ حصو وٺندا هئا، ۽ ان جي وسيلي ئي انگريزن تي پنهنجي عوامي اثر ۽ انفلوئنس جو رعب وجهندا هئا. مثلاً، جنهن بہ مسلمان عملدار ايڊيوڪيشنل

ڪانفرنس جي ڪاروبار ۾ اڳواٽي حاصل ڪئي، تنهن متعلق سمجهيو ويندو هو تہ هو مسلمان قوم ۾ اثر رکي ٿو ۽ مسلمانن جو ليڊر آهي، ان ڪانپوءِ انگريز بہ ساڻس صلاح مشورو ڪرڻ لڳندا هئا، ۽ موقعي سارو ڪو وڏو عهدو ڏيئي ڪيس پنهنجي هٿ ۾ رکندا هئا. ان سبب ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس جي عهدن تي هميشه وڏي لٽ لڳندي هئي.

1922 - 1923ع ڌاري( سال پوريءَ طرح ياد نہ اٿم )حيدرآباد ۾ ان ڪانفرنس جو اجلاس ٿيڻو هو، جنهن جي افتتاح لاءِ بمبئيءَ جي گورنر کي دعوت ڏني ويئي هئي، سوال پيدا ٿيو تہ ان ڪانفرنس جي استقباليہ ڪميٽي جا عهديدار ڪير ٿين. سنڌ اندر انهن ڏينهن ۾ ٻہ پارٽيون هونديون هيون - حيدرآباد پارٽي، ۽ سکر - خيرپور پارٽي، يا ائين چئجي تہ "لوئر سنڌ پارٽي" ۽ "اپر سنڌ پارٽي." ظاهري طرح تہ انهن پارٽين جا اڳواڻ بمبئي ڪائونسل جا ميمبر هوندا هئا، پر حقيقت ۾ انهن ميمبرن کي هلائڻ چلائڻ وارا، مسلمان سرڪاري عملدارن جا گروپ هوندا هئا. لوئر سنڌ پارٽيءَ کي هلائڻ چلائڻ وارا عملدار هئا مسٽر حامدعلي ڪليڪٽر، خانبهادر نبي بخش ، محمد حسين انڪمبرڊ اسٽيٽس جو مئنيجر ۽ ٻيا چند مسلمان ڊپٽي ڪليڪٽر. اپر سنڌ پارٽيءَ جو حقيقي اڳواڻ هوندو هو شيخ محمد قادر. غير عملدارن ۽ بمبئي ڪائونسل جي سنڌي ميمبرن منجهان لوئر سنڌ پارٽيءَ جا ڪارڪن هوندا هئا خانبهادر سيد محمد ڪامل شاهہ ۽ مسٽر نور محمد وڪيل (نور محمد هاءِ اسڪول جو باني). اپر سنڌ پارٽيءَ ۾ گهڻا ڪائونسل ميمبر اچا شامل ڪو نہ ٿيا هئا، پر نالي خاطر اسين ننڍا ورڪر خانبهادر شاهنواز ڀُٽي(پوءِ سر شاهنواز ڀٽو ٿيو) جو نالو وٺندا رهندا هئاسين. غير ميمبرن منجهان ان پارٽيءَ جا ورڪر هئا مسٽر محمد ايوب کهڙو، عبدالحميد خداداد خان سکر وارو، ماستر عبدالوهاب ايڊيٽر "سنڌ زميندار" ۽ آءٌ.

جنهن وقت تجويز ٿي تہ حيدرآباد ۾ ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس سڏائي وڃي، ۽ ان جي افتتاح لاءِ گورنر صاحب بہ اچڻ قبول ڪيو، تہ هڪدم لوئر سنڌ پارٽيءَ پاڻ کي اڳ ۾ ڪرڻ خاطر هڪ ڀرپور ميٽنگ سڏائي، استقباليہ ڪاميٽيءَ جا سمورا عهدا پنهنجن ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيا. سيد محمد ڪامل شاهہ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن ٿيو، ۽ مرحوم نور محمد وڪيل جنرل سيڪريٽري.

اها ڳالهه اپر سنڌ پارٽيءَ لاءِ سخت نقصانڪار پئي ٿي، گورنر صاحب ڪي هن سمجهڻ جو موقعو مليو ٿي ته سنڌ جي مسلماني پبلڪ لائيف جا اڳواڻ فقط حيدرآباد وارا ئي آهن. باقي شيخ محمد قادر ۽ سندس پارٽيءَ جو ڪو نانءُ نشان ئي ڪو نه آهي.

شيخ صاحب مرحوم اسان دوستن سان صلاح ڪئي. فيصلو ٿيو ته حيدرآباد واري جوڙ توڙ خلاف تحريڪ هلائي لوئر سنڌ پارٽيءَ کي مجبور ڪيو وڃي ته چونڊ ٻيهر ڪرائي ۽ عهدن جو ڪجهه حصو اسان (اپر سنڌ وارن) کي به ڏئي. مون سڀ کان پهريائين سياسي مضمون، "سنڌ زميندار" اخبار ۾، ان مسئلي تي ئي لکيا، يا ڪري چئجي ته منهنجي اخبار نويسيءَ جي ابتدا انهيءَ جهيڙي جي طفيل ئي ٿي. اوستائين مون کي اجا پتو ئي ڪو نه هو ته ڪو آءٌ اخباري مضمون به لکي سگهان ٿو. انهن مضمونن ڪافي دلچسپي ۽ اثر پيدا ڪيو. هر ڪو واه - واه چوڻ لڳو. منهنجو پنهنجو حوصلو به وڌيو. ان ڪانپوءِ وڌيڪ جرائت ۽ خود اعتماديءَ سان لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو رهيس، حتاڪ پهچائي وڃي هندستان - پاڪستان جي ايڊيٽرن جي پريزيڊنٽيءَ تي ڪيم. جو نُڪتو هن قصي ذريعي ظاهر ٿئي ٿو، سو اهو ته ڪڏهن ڪڏهن معمولي واقعا، جن جي بروقت ڪا به اهميت محسوس ڪا نه ٿي ٿئي، اڳتي هلي وڏين ڳالهين جو پيش خيمو بڻجن ٿا. مثلاً، جيڪڏهن ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس جي عهدن تي اهو جهيڙو نه لڳي ها ته آءٌ اخبار نويس ڪو نه بڻجان ها، ۽ جيڪڏهن اخبار نويسيءَ کان ٻاهر رهان ها ته پوءِ منهنجي زندگي قطعاً ٻئي طريقي سان گذري وڃي ها - بطور هڪ معمولي زميندار جي، محض جهنگن جرن ۾ جهيڙا ڪندو وتان ها، نه علم حاصل ٿئي ها ۽ نه ڪو ٻيو ڪم ئي ڪري سگهان ها.

بهرحال، اهو ته جملہ معترضہ هو. اصل مقصد هو ته حيدرآباد وارو قصو بيان ڪيو وڃي. اسان جي ڪڙي ڪيل تحريڪ جو اهو نتيجو نڪتو، جو حيدرآبادي پارٽيءَ کي مجبور ٿي اڳيون چونڊون منسوخ ڪري هڪ نئين ميٽنگ سڏائڻي پيئي، جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسان جي ڏر کي به دعوتون ڏنيون ويون.

ميٽنگ حيدرآباد شهر ۾، مرحوم جان محمد خان پرڳڙي (صدر، حيدرآباد) جي بنگلي تي منعقد ٿي. ميٽنگ جي وقتي صدارت پهريائين حامد علي ڪليڪٽر ڪئي، ۽ مغرب جي نماز کان بعد واريءَ نشست جي صدارت

اسان جي اڳواڻ شيخ محمد قادر ڪئي. ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ شيخ محمد قادر اسان سيني کي پاڻ سان وٺي آيو (يعني مسٽر کهڙي، ماستر عبدالوهاب خان، عبدالحميد خداداد خان ۽ مون کي ). حيدرآباد پهچڻ بعد سوال پيدا ٿيو ته ميٽنگ ۾ اسان جي ذر پاران ڪير ڳالهائي؟ ماستر عبدالوهاب خان کي سڀ کان وڏيڪ عمر رسيدو ۽ تجربيڪار سمجهي، پهرين اُن کي تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو. پر ماستر صاحب پنهنجي طبيعت جي ناسازگيءَ جو عذر پيش ڪري جند ڇڏائي ڇڏي. ساڳيءَ طرح، مون ڪانسواءِ، باقي ٻين سمورن صاحبن کي به تقرير نه ڪرڻ لاءِ ڪو نه ڪو سنگين سبب هو (حقيقت ۾ ڪنهن کي پيئي هئي جو ويهي مخالف پارٽيءَ جي آفيسرن اڳيان پاڻ کي ڏنو ڪري ها ). آخر اها جوابداري مون غريب تي اچلائي ويئي. مون به نه ڪئي هر نه تر، مقابلي جو ميدان آراسته ڏسي، وچ ۾ ٽپي پيس. اها منهنجي پهرين تقرير هئي. قد اڃا ايتريقدر ڇوٽو هوم، جو جنهن وقت آءٌ اُٿي ڳالهائڻ لڳس ته گهڻا ماڻهو مون کي ڏسي ئي ڪو نه ٿي سگهيا! اها حالت محسوس ڪري وقتي چيئرمن، مسٽر حامد علي، مون کي فرمائش ڪئي ته آءٌ وچ مان نڪري اچي سندس پر ۾ بيهان ته جيئن حاضرين مجلس مون کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهن. پنهنجي تقرير جي دوران ۾ مون اڳينءَ ڪيل ڪارروائيءَ جي خلاف ڪافي زهر ڦهلايو ۽ دل کولي حيدرآبادي ليڊرن جي چنچري لاٿم. نتيجو اهو نڪتو جو اڳيان عهديدار رد ڪري، نيون چونڊون ڪيون ويون ۽ شيخ قادر ۽ سندس پارٽيءَ کي به چڱو حصو ڏنو ويو.

شيخ صاحب مرحوم ڏاڍو خوش ٿيو. ميٽنگ ختم ٿيڻ بعد، مون کي ياڪر پائي، زمين کان مٿي کنيائين، ۽ چيائين: "بهادر آهين، ۽ اڃا وڏيڪ بهادر ثابت ٿيندين." انهيءَ خوشيءَ ۾ اسان سيني کي وٺي وڃي سئنيما ڏيکاريائين. اهو سئنيما هال ريلوي اسٽيشن واري رستي تي هو، ۽ اڃا تائين قائم آهي. انهن ڏينهن ۾ اڃا "ٽاڪي" (talkie) فلمون ڪين نڪتيون هيون.

ڪجهه مهينن بعد، مقرر وقت تي، ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس منعقد ٿي. هر پارٽيءَ کي گورنر اڳيان پاڻ ڏيکارڻ جو جهجهو موقعو ميسر ٿيو. پوئتي ڪو به ڪو نه رهيو، سواءِ منهنجي. آءٌ پاڻ ڪانفرنس ۾ شريڪ ڪو نه ٿيس. ڪانفرنس جو افتتاح ته گورنر (سر ليسلي ولسن) ڪيو، پر صدارت جا فرائض

عليڳڙه واري سر راس مسعود سرانجام ڏنا. سر ابراهيم رحمت الله بمبئيءَ وارو بہ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو، جنهن پنهنجيءَ تقرير ۾ ٻڌايو تہ:

"هندن جي ترقيءَ ۽ مسلمانن جي تنزل جو سبب هي آهي تہ هندن ۾ هيرو ورشپ( يعني پنهنجن اڳواڻن جي پٺڀرائي ڪرڻ) جو مادو موجود آهي، ۽ برعڪس ان جي، مسلمان قوم جي دائمي خواهش هيءَ رهي ٿي تہ منجهانئن جيڪو بہ ماڻهو اڳتي وڌي، تنهن کي ٽنگ مان جهلي پوئتي ڇڪي ڪري ڇڏين."

اهو قيمتي قول مون هت هن ڪري نقل ڪيو آهي، جو بعد جي زندگيءَ ۾ مون کي پاڻ کي هر قدم تي ان جي صداقت محسوس ٿيندي پئي رهي آهي.

شيخ محمد قادر مرحوم وڏو وفادار انسان هو. هيڊمنشگيريءَ واري زماني ۾ هڪ گهوڙو رکيو هئائين، جنهن کيس ڏاڍو سک پهچايو هو. وقت پڄاڻا آخر گهوڙو ڪراڙو ٿي ويو، ۽ سواريءَ جي ڪم جو ڪو نہ رهيو، پر شيخ صاحب کيس پاڻ کان پري ڪونہ ڪيو. سنڌ مان بمبئيءَ ويو تہ ريل گاڏو ڀاڙي ڪري، پاڻ ساڻ ڪٺائي ويس. ڪئين سال بيهاري ڪارايائينس. بمبئيءَ کان موٽي خيرپور آيو، تہ بہ گهوڙو ساڻ. دستور هي هوندو هو تہ شيخ صاحب صبح کان منجهند تائين، پٽ جي اوٽ، کُلئي ميدان ۾ ويهي ماڻهن سان ملندو هو ۽ ڪم ڪار ڪندو هو. سندس ويهڻ واريءَ جاءِ کان ٿورو پري گهوڙو ٻڌو ويندو هو. مجلس ۾ اچڻ کان اڳ پهرين گهوڙي وٽ ويندو: سندس مٿي تي هٿ ڦيرائي، ساڻس پيار ڪري، پوءِ اچي ڪرسيءَ تي ويهندو. گهوڙو مرندو مري ويو، مگر شيخ صاحب ان جانور منجهان هٿ ڪين ڪڍيا.

اهڙين ٿورين ڳالهين مان ئي ماڻهوءَ جي فطرت، طبيعت ۽ خصلت جو پتو پوي ٿو. ننڍين ڳالهين جي سلسلي ۾ ماڻهو پنهنجي ڪئريڪٽر کي ڪنهن بنياد تي بيهاريندو تہ وڏين ڳالهين ۾ هٿ وجهڻ وقت بہ انهيءَ ئي بنياد تي بيٺو رهندو. هر چڱائيءَ ۽ هر بڇڙائيءَ جي شروعات ننڍين ڳالهين مان ٿئي ٿي.

شيخ محمد قادر کان اڳ بہ ڪيترا وڏا ماڻهو خيرپور جا وزير ٿي رهيا هئا. مثلاً، خانبهادر قادر داد خان، سردار محمد يعقوب، شيخ صادق علي صاحب، ۽ شيخ محمد ابراهيم. انهن مان هر هڪ صاحب، پنهنجي وقت اندر، وڏو نانءُ پيدا ڪيو. وڏا منتظم هئا، ۽ وڏي دماغ جا صاحب. خانبهادر قادر داد خان مرحوم تہ پهرين آئن رهيس پگهار تي "دفتر بند" هو، پوءِ اتان ترقي ڪندي ڪندي وڃي وزارت جي عهدي تي پهتو.

انهن ڏينهن جي خيرپور ۾ مون پاڻ جيڪي ماڻهو ڏٺا، تن مان ڪي شخص، پنهنجي پنهنجي نوع سان، ڏاڍا شاندار هئا.

## خانبهادر احمد الله خان

رياست ۾ ورهين جا ورهيہ بطور نائب وزير جي رهيو. اصل پنجاب جو ويٺل هو، پر عمر ساري سنڌ ۾ گذاريائين. ڊگهو قد، چڙڪ، منهن تي ڏاڙهي، پر سونهندڙ، ننڍي شرافت ۽ حياداريءَ جو نمونو. دوستيءَ جي معاملي ۾ ڏاڍو وفادار، جنهن خاندان سان دوستي ٿيس، تہ وري ڪڏهن ڪانہ ٽوڙيائين. مهمان نواز – دوست خيرپور آيو تہ ٿاتو، پنهنجيءَ جاءِ تان هٽي پاسي بنهہ بسترو ڪڻڻ نہ ڏيندس. دشمني ڪنهن سان ڪا نہ. جيتريقدر ٿي سگهندو، نيڪي ڪندو، بڇڙائيءَ جي ويجهو هر گز نہ ويندو. ڪچهريءَ جو شوقين مجلس جو مور، ڳالهائيندو تہ سندس گفتگو ٻڌي دل پيئي بهار بهار ٿيندي، گٿو يا آسيرو پاسيرو لفظ ڪڏهن سندس زبان تي ڪو نہ ايندو.

## بابو غلام محمد

ساڳيءَ طرح نائب وزير، ڪڏهن ڪڏهن دفتردار. طبيعت جو رُکو. ياري دوستي ڪنهن سان ڪا نہ رکي. نہ دل ڏئي، نہ دل وٺڻ جي ڪوشش ڪري. سڪيءَ اڃي سڪيءَ وڃي. البت سرڪاري ڪم جي لحاظ سان پختہ ڪار. نہ سخاوت ڪري، نہ هروڀرو سختي ڏيکاري. ميانہ روي، آرام ڪوشي – مڙيوئي ڳاڏو گهلبو رهي. اصولاً مڙس ايماندار ۽ رعب وارو. جلنڌر(پنجاب) جو ويٺل هو.

## ديوان گيانچند

وڏو زمانہ شناس ۽ سنجيدو هندو عملدار هو. پهرين مختيارڪار ۽ پوءِ نائب وزير مقرر ٿيو. فرينچ ڪٽ ڏاڙهي رکندو هو. جيڪو واءُ لڳندو هو، تنهن کي منهن ڏيندو هو. ڪَن ڪليل، اکيون پٽيل، پر زبان بند. وزير ڪير بہ ٿئي شاهي گهراڻي جي صاحبزادي جي کهڙي پارٽي بہ زور ۾ هجي، مگر ديوان گيانچند داڻم قائم. سواءِ هڪ موقعي جي باقي ملازمت جي ساري زماني اندر ڪڏهن بہ ٿاٻو نہ کاڌائين.

شخصي حڪومت جي وڏي خصوصيت اها هئي تہ ان سان وابستہ ماڻهن کي هر دم هشيار رهڻو پيو ٿي. سواءِ موقعي شناس ۽ چالاڪ ماڻهوءَ جي، ٻئي جو مستقل طور برسر اقتدار رهڻ تہ ڇا، پر معمولي گذارو ڪرڻ بہ مشڪل هو. هر ملڪ اندر شخصي حڪومتن جي زماني ۾ وڏا هشيار ماڻهو پيدا ٿيندا پئي رهيا آهن. مغلن جي زماني کي ڏسو - ابوالفضل، خان خانان، ٽوڊرمل وغيره جهڙيون هستيون نظر اينديون. فرينچ ڪورٽ ڏانهن نظر ڦيرايو - ڪارڊينل مزارين، ٽيليراند، رشيلو، ڪالبرٽ، مادام پامپيڊيور! اٽليءَ جي ميڊيچي دور مائڪاويليءَ کي جنم ڏنو. جرمن واري فريڊرڪ جي پاڇي هيٺ بسمارڪ پليو. غرض تہ پراڻين شخصي حڪومتن جي دور ۾، مجموعي طرح عام ماڻهن جي شعور جي سطح ڪيتري بہ پست هئي، پر انفرادي طرح چونڊ ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا.

سنڌي حڪمرانن جي دور حڪومت ۾ بہ وڏا وڏا نانءَ ڪنيا هندو وزير ٿي گذريا آهن. ميان نور محمد ڪلهوڙي جو مکيہ وزير ديوان گدومل پنهنجو مثال پاڻ هو. مير علي مراد خان جي ڏينهن ۾ ديوان تارا چند جو وڏو زور هو. علي مراد خان جو پهريون پهريون وزير ديوان ڪشنداس هو، جنهن جو پٽ وشنداس پڻ وڏن عهدن تي رهيو. انهن کانسواءِ، انهيءَ دور جا ٻيا مکيہ هندو عملدار هئا: منشي سجان سنگهہ، منشي مولرام ۽ منشي چندا سنگهہ. ديوان گيانچند ممدوح پڻ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي هو - يا ڪري چئجي تہ ان سلسلي جي آخري ڪَڙي هو. ابتدا کان انتها تائين، عزت جو وقت بسر ڪري ويو.

## راءِ صاحب منگهارام

راءِ صاحب منگهارام؟ - رام رام، ست نام! ڪانئس وڌيڪ چالاڪ ڪامورو ان زماني ۾ مون ڪو ورلي ڏٺو. ائين سمجهو تہ ننهن کان چوٽيءَ تائين فقط دماغ ئي دماغ هو. نہ هڏو هوس، نہ گوشت، نہ کَل نہ خون، ميڄالو ئي ميڄالو - ۽ ميڄالو بہ اهو، جيڪو بجليءَ سان پرپور هجي! اوهين ڳالهہ ڪندا، تنهن کان اڳ ڳالهہ جو تهہ، ڳالهہ ڪندڙ جي اصلي نيت، سندس پنهنجي فائدي پٽاندر ڳالهہ جو کهڙو جواب ڏجي، تنهن جو مضمون، - سيڪجهہ معلوم، ۽ اڳواٽ تيار! هڻ ۽ ڪڻ! ظاهراً تہ فقط خزاني عملدار، پر حقيقت ۾ چڪر ساريءَ رياست کي پيو ڪارائيندو. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن حالتون خراب ٿيڻ لڳيون، تڏهن وقت سر استعفا ڏيئي هندستان هليو ويو، ۽ اتي وڃي ڪاروبار شروع ڪيائين. وري بہ، راند متل ڇڏي ويو!

## خانصاحب گل حسن خان

شڪارپور جي افغان خاندان جو فرد هو. ورهين جا ورهيه مير امام بخش خان جو"نائب وزير ڪئمپ شاهي " ٿي رهيو. قد پورو پنو، چهرو گول ۽ پورو، سُنهاري چاپئين، بت ۾ پريل، جسم تي شلوار، فراڪ ڪوٽ، ۽ مٿي تي مشهدي لونگي. طبيعت ۾ ديرينو، مدبر ۽ محتاط. اخبار نويسيءَ جي ابتدائي زماني ۾ سخت جوش پريل مضمون لکڻ لڳو هوس، تڏهن هڪ دفعي، اتفاقاً منهنجي پريس ۾ لنگهي آيو. مون کي هڪ صلاح ڏنائين، جنهن تي مون اڄ تائين پئي عمل ڪيو آهي. فرمايائون:

"انسان جو قلم تلوار کان وڌيڪ نقصانڪار آهي. جڏهن ڪو به اهم مضمون ڪنهن نازڪ مسئلي تي لکين ته هڪدم تڙ تڪڙ ۾ ان کي شايع نه ڪر. گهٽ ۾ گهٽ هڪ رات ضرور وچ ۾ وجهه. ٻئي ڏينهن تي اُٿي وري پڙهه. مٿس غور ڪر، ۽ مناسب درستيون ڪر، ۽ ان کان پوءِ ئي اشاعت لاءِ روانو ڪر. ساڳيو اصول ٻين قسمن جي نازڪ تحريرن سان پڻ لاڳو ڪندو رهه. ان طريقي سان جيڪا به شي لکين، سان موزون ۽ متوازن ثابت ٿيندي. جوش وقت هوش نٿو رهي، ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ جو به ڪم ڪيو ويندو، سو ناقص هوندو."

وضعدار انسان هو. گهڻو ڪري، وچ ۾ ڪُڏي ڪنهن سان رستو نه رکندو هو، پر جي تعلق پيدا ٿي ويس ته نباهڻ جي ڪوشش ڪندو. عمر جو پويون حصو آرام سان پنهنجي وطن شڪارپور ۾ گذاريائين. الله تعاليٰ جون رحمتون هجنس!

## ميان محمد بچل، فاريسٽ آفيسر

مرحوم ٻيلي کاتي جو عملدار هو. عهدي جي لحاظ سان وڏو ماڻهو نه هو، پر بطور انسان جي ڏاڍو وڻندڙ هو. ساري عمر رياست جي خدمت ۾ بسر ڪيائين. ڦتايائين ڪنهن سان به ڪو نه. محفل ۾ گفتگو جو شوقين هو، دلچسپ ڳالهيون ڪندو هو، ۽ دلچسپ خط لکندو هو. سنڌي ڪلام، ڪافين وغيره جو ڪافي اپياس ڪيو هئائين."بيدل" ۽ "بيڪ س" جون ڪافيون گهڻيون ياد هيس، ۽ اڪثر جهونگاريندو رهندو هو. هڪ دفعي اسان جي ڪيٽيءَ ۾ منزل ڪيائين، پر ڳوٺ ۽ اوطاق کان پري، لٽيءَ جي هڪ وڻ هيٺان.

منهنجي عمر ست - اٺ سال مس هوندي. هوڏانهن ڏينهن تتو، هيڏانهن ميان محمد بچل اچي ڪافين تي متو. هڪ ڪافي مون ڪان اڄ تائين ڪا نه وسري آهي. ملڪ ڪان ٻاهر جڏهن سفر تي هوندو آهيان، ۽ وطن ياد پوندو اٿم، ته اها ڪافي جهونگاري پيو پنهنجي قلب جي تسڪين ڪندو آهيان:

ڇو تو ڪرين دلگير، منهنجا عمر اباڻا!
پَٽ نه پهريندس، بيک نه مڃيندس، لوئي اباڻي ٿم ليڙ....
ڪڍ بندياڻي باند مان، ميان، جيڙي لاهه زنجير.......
"بيڪس" بيوس، وس ناهيون پنهنجي، توڙون لکي تقدير...

## غلام حيدر دفعدار

- عرف "سائين ميڏي ڪون آکان!" معمولي پوليس جو دفعدار هو، پر ڇا انسان هو! ڊگهي سفيد ڏاڙهي، بندرڙو، پوڙهڙو، پر چيلهه تي سندرو ۽ سندري مٿان پراڻو پَٽو، پٽي ۾ مُڏي ترار ٽنبيل، مٿي تي تمام وڏو پڳڙ. هڪ سُڪل ڊڊيءَ تي سوار، جهولندو، قدم قدم ڪٽندو پيو ايندو. پنهنجي ڊڊي پاڻ ٻڌندو. ڪنهن گاهه مٺ داڻي جي چپٽي ڏنيس ته ونندو، نه ته ٿيو پلو. ڊڊيءَ جي ٽنگ ۾ ٽوڙهو وجهي، ڇيڪ ڇڏي ڏيندس. ان ڪان پوءِ فارغ ٿي، اچي ويهي حال ڪندو: سرڪار (يعني مير صاحب) جي منزل فلاڻي ٻيلي ۾ آهي. سائين ميڏي ڪون آکان، جناب وزير صاحب جن ڪراچيءَ ويل آهن. سائين ميڏي ڪون آکان، ناظر صاحب پوليس جن جي طبيعت ڪجهه ناساز آهي. سائين ميڏي ڪون آکان، مير صاحب ٽيو ڏينهن هڪ ست آڱريو مرون ماريو. سائين ميڏي ڪون آکان، مرونءَ ڦٽجي چوڏهن ڪتا ڪائي وڌا. سائين ميڏي ڪون آکان. آخر سڌوءَ ڏڦير ڏڦو هٽي مرون ماري وڌو. سائين ميڏي ڪون آکان. مير صاحب ڏڦير کي هڪ مينهن ۽ وڳو انعام ۾ ڏنو. سائين ميڏي ڪون آکان، اسان سپاهين کي ته پڇي به ڪو نه ٿو. سائين ميڏي ڪون آکان، اڄ دل گهريو ته سائينءَ سان حالي احوالي ٿي اچون. سائين ميڏي ڪون آکان، گهڻا ڏينهن ٿي ريا هئا. سائين ميڏي ڪون آکان ...." مطلب ته هر ڇٽن اکرن کان پوءِ "سائين ميڏي ڪون آکان.!" اسين ٻارَ. پري کان بيهي پيا کلندا هئاسون.

ڪچهريءَ مان اُٿي وڃي اوطاقي ٿيندو. پهرين پڳڙ ۽ تلوار کي بلڪل

خيال سان لاهي، کٽ تي جاءِ نشين ڪندو. توبرو (ڪاغذن سان پريل) کٽ جي پائي ۾ ٽنگيندو، ۽ پوءِ کٽ جي وچ تي پلٿي ماري ويهي رهندو. ۽ اڪيون ہوٺي پيو جهومندو - ڪلاڪن جا ڪلاڪ. ڪنهن مانيءَ ٽڪر آٽي ڏنو تہ ڪائيندو، نہ تہ گهرندو ڪنهن کان ڪو نہ. ڏينهن رهي يا ٻہ، وري خير سان ساڳئي رستي پوئين پير هليو ويندو.

مون هڪ ڏينهن پر ۾ ويهي ڪانئس پڇيو: "دفعدار صاحب! اوهين هردم اڪيون پوريو ڇو ويٺا رهو ٿا؟" چيائين: "سائين ميڏي ڪون آڪان. اهي اڪيون ٿي تہ خرابي ڪن ٿيون. نہ اڪيون ڏسن، نہ ٿي بڇڙائي ٿئي. ڪتو نہ ڏسي، نہ ڀونڪي!"

رياست جي پوليس انهن ڏينهن ۾ اڪثر رهزنن سان پريل هوندي هئي. چڙهي آئي تہ ڇڻ وبا گهمي وئي. آزاريندي گهٽو ڪري غريب. اهڙن واسينگن جي وچ ۾ غلام حيدر جهڙي الله لوڪ جو نوڪري ڪرڻ، ۽ اڪيون ہوٺي زندگي گذاري وڃڻ، وڏو ڪارنامو هو.

## جناب پير محمد صالح شاهہ صاحب رحمت الله عليہ

درگاهہ راٽيپور جو سجاده نشين، پنهنجي دؤر اندر وڏي اثر جو صاحب هو. سنڌ ۽ بلوچستان اندر سندس مريد پکڙيل هوندا هئا. . وڏا ماڻهو بہ ڪيس گهڻي قدر مڃيندا هئا. سندس درگاهہ کي "دستگير جو دروازو" سمجهيو ويندو هو. ڇڻ ڪي ڪهڙي مجال هئي، جو بادشاهہ پير کي پٺي ڏئي! شڪار جو شوق هوس. سٺا هٿيار پسند ڪندو هو. رهائش ۽ اٿڻي - ويهڻي پيراڻي شان سان. "جنن" ۽ "جادوءَ" جا سٽيل مريض ڪانئس سڳو ڏاڳو ڪرائيندا هئا.

ڪيترين ڪافيون ساڻس منسوب آهن. سندس هڪ ڪافي تہ ڪجهہ سال ساريءَ اپر سنڌ تي ڇانيل رهي، ننڍو وڏو پيو جهونگاريندو هو. ٿلهہ هوس:

"مٺا مارو، الله آٽئي، دلين جا داغ وڃ ڌوئي!"

سنڌ جي ٻين وڏن خاندانن وانگر، پير صاحب مرحوم بہ انگريزن جو وفادار هو. پهرين عالمگير جنگ (1914 - 1918ع) کان پوءِ خلافت تحريڪ شروع ٿي (جنهن جو ذڪر ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ايندو.) ان تحريڪ جي خلاف انگريزن "امن سڀا" نالي جماعتون ڪڙيون ڪرايون. انهن جماعتن جو سڀ کان وڏو گڏيل ميڙ، راٽيپور ۾، پير صاحب مرحوم جي زير سايي ڪرايو ويو، جنهن ۾ ساريءَ سنڌ جا سرڪاري وفادار اچي شامل ٿيا. ان سبب ڪري،

خلافتي خيال جي اخبارن ۾ گهڻي وقت تائين پير صاحب تي نڪتہ چيني ٿيندي رهي. پر اهو زمانو پيو هو. ڪنهن تي اخبارن جي پرواهہ ڪئي؟ انگريز سرڪار ۽ ان جا عملدار راضي رهن، ٻئي ڪنهن جي ڪهڙي ڪاڻ؟ خيرپور جا مير صاحب سندس وڏو خيال رکندا هئا.

## پير ميان خميسل شاهہ صاحب مرحوم

ان زماني جي بزرگانہ صورت ۽ سيرت جو بهترين مظهر، گمبٽ شريفَ جي درگاهہ جو سجاده نشين هو. سندس صورت، اٿڻي - ويهڻي ۽ گفتگو جي طرز بيمثال. شاندار ۽ ڊگهو قد، سُنهاري چاپئين، چهرو موڪرو ۽ گول. پاڻ ڪان ننڍن تي ڏاڍي شفقت ڪندو هو. مٺي ۽ عزت ڀري گفتگو هر شخص سان، پيار ۽ شفقت وچان، اڳلي ڪي بار بار پيو "جانب" سڏيندو- جانب هيءَ ڳالهہ... جانب هوءَ ڳالهہ...

منهنجي پهرين ملاقات ساڻس هن طرح سان ٿي. خيرپور جي وزير(شيخ محمد قادر) ۾ ڪو سندس ڪم پيو، جنهن جي خاطر گمبٽ مان هلي خيرپور آيو. آءٌ بہ خيرپور ۾ شيخ محمد قادر وٽ رهيل هوس. ماڻهن پير صاحب کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن سندس ڪم جي باري ۾ آءٌ سفارش ڪندس تہ ڪم هڪدم پورو ٿي ويندو. هڪ مريد جي اوطاق تي لٿي، مون ڏانهن ماڻهو موڪليائين ۽ ملاقات جو وقت گهريائين. مون شيخ محمد قادر سان مشورو ڪيو. شيخ صاحب چيو تہ "خاندان آهي، عمر ۾ توکان وڏو آهي، هو تو وٽ هلي اچي، تنهن کان بهتر آهي تہ تون پاڻ وٽس هلي وڃ. ڪنهن شريف جو ڪم پوي تہ ٻئي شريف کي پاڻ وٽس هلي وڃي سندس حاجت روائي ڪري اچڻ گهرجي. دنيا جا ڪم هر حال ۾ پورا ٿيڻا آهن، پر اهڙا موقعا هرگز هٿان نہ وڃائڻ گهرجن. اهو خسيسن جو ڌندو آهي تہ شريفن جي حاجت روائي ڪرڻ کان اڳ ڪين پنهنجن درن تي ڌڪا کارائين."

شيخ صاحب جي مشوري تي عمل ڪندي، آءٌ پير صاحب وٽ هليو ويس. ڏسي، تعجب ۾ پئجي ويو. بيحد خوش ٿيو. ڀاڪر پاتائين، هزارين دعائون ڪيائين. سندس احوال ٻڌي، شيخ صاحب کي عرض ڪري، ڪم پورو ڪرائي، موٽي وڃي ڪيس خبر ڪيم. اڳئين کان بہ وڌيڪ دعائون ڪيائين. ان ڏينهن کان پوءِ جيستائين زنده هو، مون سان تعلق نباهيندو رهيو. ٻہ - ٽي دفعا آءٌ بہ

ساڻس ملڻ لاءِ گمبٽ ويس. ڏاڍي مهربانيءَ جي هلت ڪندو هو. سڄو ڏينهن وينو صلوات شريف پڙهندو هو. سندس دستور هو ته شام ويلي پٽرين جو هڪ وڏو انبار گهرائي، مجلس جي وچ ۾ رکائيندو هو، انهن پٽرين تي پاڻ به وينو صلوات پڙهندو، ۽ آئي وئي کان به پيو پڙهارائيندو.

## مولوي غلام محمد صاحب مهيسر رحمت الله عليه

گمبٽ تعلقي ۾، کهڙن جي ڳوٺ جي پر ۾، مهيسرن جي وانڊ (يعني ڪمالديري) ۾ رهندو هو. عالم هو، پر فقير قسم جو. علم جي پختگيءَ جو پهريون نشان آهي ته انسان جي طبيعت ۾ نرمي ۽ نوڙت پيدا ٿئي. عالم سڏائي، ۽ غرور ڪري، - سمجهو ته پڙهيو آهي، پر ڪڙهيو ڪو نه آهي. مولوي صاحب مرحوم ڪي ڪو ڏسندو ته ائين سمجهندو، گويا ڪو معمولي هاري قسم جو ڳوناڻو آهي. هڪ دفعي وانڊ کان ٻاهر نڪري ويو. ڪنهن گهوڙيسوار رستو پڇيس، ۽ گهوڙي جي اڳ ۾ هلي ان رستي تائين پهچائڻ جي فرمائش ڪيس. بلاتامل، گهوڙي جي اڳيان ڪنجڪي ٻڌيو، ڊوڙندو ويو! قد جو وچولو، بت ۾ سنهو، سفيد سُنهاري، گهڻو ڪري موڳي رنگ جا ڪوميل ۽ ٿلهي ڪپڙي مان نهيل لٽا پائيندو هو. ڪوشش ڪندو هو ته علم ۽ فقيري، ٻنهي کي لڪائي. گهڻي تعداد ۾ ماڻهو ڪانئس دعا پنڻ ويندا هئا. دعا سان گڏ مهمانداري ۽ خدمت به ڪندو هون. چوندو هو: "ابا، منهنجو ظاهري حال ڏسي خواهه مخواهه پيا مون کي فقير سمجهو ۽ پاڻ کي اجائي تڪليف ڏيو."

مرحوم نظر علي خان آغا (جيڪو "سنڌ زميندار" پريس ۾ ملازمت واري زماني ۾ پريس جو مئنيجر هو، ۽ جنهن جو ذڪر ٻيءَ جاءِ تي ڪندس) جو مرشد هو. آغا مرحوم مون کي هڪ - به دفعا سندس خدمت ۾ وٺي ويو.

هڪ دفعي مون ڪانئس پڇيو ته اڳئين زماني ۾ اهل الله ڪثرت سان نظر ايندا هئا. سندن ذڪر سان تاريخ جا ڪتاب پريل نظر اچن ٿا. اڄڪلهه ڪهڙو سبب آهي جو ڪو به اهل الله نظر ڪو نه ٿو اچي؟"

فرمايائين: "بزار ۾ دڪاندار اُهو ئي سامان آڻي رکندا آهن، جنهن جا خريدار هوندا آهن. هينئر جڏهن ته اِن وٿ جا خريدار ئي ختم ٿي ويا آهن، ته دڪاندارن کي ڪهڙي ضرورت پيئي آهي جو اها وٿ آڻي بزار ۾ رکن؟"

# خانصاب غلام رسول شاهه

پوليس جو ناظر هو. يعني رياست جي پوليس جو سڀ کان وڏو عملدار. هالائي، ضلعي نوابشاهه، جي مشهور سادات خاندان جو فرد هو. ۽ پوليسي برجستائيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. اصلي ملازمت انگريزي پوليس ۾ شروع ڪيائين. پهرين جماندار، پوءِ صوبيدار، ۽ پڇاڙيءَ ۾ انسپيڪٽر مقرر ٿيو. ۽ اتان خيرپور ويو.

شاهه صاحب انهن پوليس عملدارن مان هڪ هو، جن جو عهدو ڀلي ننڍو هجي ۽ پگهار ڪيتري ٿوري ئي ڇو نه هجي، پر هلندا نوابي شان سان. سندن نالو پيو ته ماڻهن جا هوش حواس گم ٿي ويندا. جاڏي پير تاڏي پڙلئي. ڪنهن سرڪشي ڪئي، يا ساڻن ڪوڙ ڳالهايو، يا سندن راءِ تي رسو نه پڳو، ته مٿو ويس. اهڙي ڪم ۾ سچ ڪوڙ جي پرواهه ڪا نه ڪندا هئا. سندن اصول هو ته سچ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه پاڻ سان کڻي ويو. هينئر باقين کي "پائن جي پلائيءَ" سان هلڻو آهي. ڪيس اهڙو ناهيندا، جو صدر ڪورٽ تائين چانديءَ جي سڪي وانگر وڄندو ويندو. چورن کان ڏوهه باسائڻ جا عجيب طريقا هوندا هئن. ڏاڙهي پٽائڻ يا اٽ - ويهه ڪرائڻ ته معمولي ڳالهيون هيون. جنهن چور سان فقط ايتري ڪارروائي ٿي، سو پاڻ کي ڀاڳ وارو سمجهندو هو. جنهن ڏوهه جي پيداواريءَ جو فيصلو ڪيائون، سو ڪانئن هرگز لڪي ڪو نه سگهندو. ڏوهه جي جانچ ڪندي ڪندي، ٻئي پاسي، پلوءَ کي ٻه ڀهارو ڏيندا ويندا. پڇاڙيءَ ۾ چور ٻه ليندا ، مال ٻه ملندو، ۽ ٻيا ٻه ڪيئي ڪينجهر ٿي ويندا. عملدار ٻه خوش، رعايا ٻه راضي، ۽ پنهنجا ڪيسا ٻه پُرا!

اهڙن ڪارائتن زيردستن جي انگريز عملدار ڏاڍي پنيرائي ڪندا هئا. ڪو دانهن ڪندو ته اٿلندو مٿس ڪوڙي فرياد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ مقدمي جي منظوري ڏيئي ڇڏيندا. اينديِ سگَن لاءِ، ويندي ڪن ٻه ڪپائي! انگريز حڪمرانن انهن ئي طريقن سان پنهنجو ڏاڪو ڄمايو. ۽ شينهن ٻڪريءَ کي هڪ ئي جاءِ تان پيئڻ تي مجبور ڪري ڇڏيائون.

غلام رسول شاهه مرحوم سان آءٌ ڪيترا دفعا مليس. منهنجو چڱو خيال ڪندو هو. وڏو زمانه شناس انسان هو. هر چُرندڙ پرندڙ ماڻهوءَ جو لحاظ رکي، ڪيس راضي ڪري ڇڏيندو هو. ڪم ڪرڻ جو ڪوڏيو هو. مهماننواز اهڙو، جو

چولو، اڇي پڳ. ڪنهن سان ملاقات ڪرڻي هوندي تہ فراڪ ڪوٽ پهريندو. احوال شروع ڪندو تہ چڻ ماڪيءَ جي لار پيئي وهي. ميرن جي خاندان جو بنيادي خدمتگار هو. ڏاريجو ذات جو هو. مير علي مراد خان جو زمانو بہ ڏٺو هئائين. سندس تربيت علي مراد جي ڪچهريءَ ۾ ٿي ٿي. وڏا مير مري ويا تہ نوڪري ڇڏي خيرپور ۾ رهڻ لڳو. گذران لاءِ ڪافي زمين هيس. مانيءَ جو مَلهہ هو. اوطاق سا پراڻي ۽ ڊٺل هوندي هيس، پر ماني اهڙي آڻيندو جو ڄڻ ڳويا محلات جي رڌل آهي، آخر شاهي مهمانداريون ڏٺل هيس!

هڪ دفعي 1938ع ۾، آءٌ قائداعظم پاڪستان جناح صاحب سان گڏ اپر سنڌ جي دوري تي ويس، جڏهن جيڪب آباد پهتاسون تہ وقتي حڪومت جي پوءِ ڪان اسان جا ميزبان بہ پيچي ويل هئا، نہ ڪنهن مانيءَ جي صلاح ڪئي نہ اجهي جي. چيٽ جا ڏينهن هئا، ڪانوَ جي اک ٿي نڪتي، مرحوم عبدالله هارون بہ ساڻ هو، ۽ ٻيا بہ ڪيترا مسلم ليگي تحريڪ جا ڪارڪن گڏ هئا. بکئي پيٽ سان پوئين پير موٽڻو پيو. مون ڏنل خان کي تار ڪئي تہ خيرپور اسٽيشن تي ماني آڻي ريل ۾ ڏئي. وقت ٿورو مليس، پر ماني ڇا آندائين! پليٽفارم تي ديڳڙن جا ڍير لڳا پيا هئا. جڏهن گاڏيءَ ۾ آندائون، تہ سچو فرش، سموريون سينيون، ۽ سامان رکڻ وارا طاق بہ پرجي ويا! جناح صاحب جهڙي ڪم گو انسان جي واتان بہ تعجب جا اکر نڪري ويا. عبدالله هارون مرحوم کي چيائين: "سيٺ صاحب، ڏسو، بک ۾ ڏک جو قدرت پچاڙيءَ ۾ کهڙو نہ انعام ڏئي ٿي!" مون ڏنل خان کي چيو تہ مٿي چڙهي اچي جناح صاحب سان هٿ ملاءِ، وراڻي ڏنائين: "منهنجو جناح تون آهين، مون لاءِ اهو ڪافي آهي. هر ڪنهن جي هٿ ۾ هٿ نہ ڏبو آهي!"

سخن جو اهڙو سچو هو جو اليڪشن توڙي ڪنهن بہ ڪم جي باري ۾ جنهن سان بہ واعدو ڪندو، ان تان هرگز نہ ڦرندو. پوءِ ڀل واريون وير وهي وڃن، ۽ نہ وري ڪا لالچ ئي رکندو.

پنهنجي حاجت وٽي ڪڏهن نہ ايندو. مون سان تعلق واري زماني ۾، ڪڏهن ڪڏهن خيرپور جا وزير يا ٻيا ڪم حاج وارا ماڻهو ڪيس مون ڏانهن بطور سفارشيءَ جي موڪليندا هئا. انهن ڏينهن ۾ هي دستور شروع ٿيو هو تہ ماڻهو ٻاهران تہ سفارش ڪرڻ جو واعدو ڪري ايندا هئا، پر جڏهن سفارش جي گهڙي ايندي هئي تہ ڳالهہ ئي نہ

ڪندا هئا ۽ ٻاهر وڃي ڪوڙ ڳالهائيندا هئا تہ "سفارش زور سان ڪري آيا آهيون. صاحب چيو آهي تہ همدرديءَ سان غور ڪنداسين" اها عادت ڏنل خان ۾ هرگز ڪا نہ هئي. جنهن جي ڪم سان چڙهي پيو، پنهنجي طرفان ڀڄاڻي ڪري ڇڏيندو. پوءِ ڪٺائنس ڀاڳ. چوندو هو تہ ماڻهو دوغلا ۽ بيحيا ٿي پيا آهن. زبان تي هڪ ۽ دل ۾ ٻي پيا رکن. دلاسو ڏيئي بہ دوکو پيا ڪن. ڪنهن جي حاجت روائي ڪري سگهجي تہ ڪجي، پر حاجتمند جي دل ۾ اجايون اميدون جاڳائي سندس تختو ڇو ڪيجي؟

غريب هو. نہ تاريخ جي صفحن تي ڪو نشان ڇڏيائين، ۽ نہ سندس ياد قائم رکڻ لاءِ ڪنهن کي گهُرجي - گهر ڪڙي ڪرائڻ جي ٿي ضرورت محسوس ٿي. پر جيڪڏهن داتا جي دفتر ۾ انسانن جي اعمالن، افعالن، نيتن ۽ لڇڻن متعلق ڪو رڪارڊ رهي ٿو، تہ ان رڪارڊ ۾، مون کي يقين آهي، ڏنل خان جو نالو سونهري اکرن ۾ لکيل هوندو. ۽ چوٽيءَ تي!

## ملڪ شير دل خان مرحوم

پوليس جو ناظر هوندو هو. ڪونڙيءَ جي نومڙين جي سردارن جي خاندان مان هو. ورهين جا ورهيہ خيرپور ۾ رهيو. طبيعت جو ڏاڍو ٿڌو ۽ ديرينو هو. زندگيءَ ۾ ڪنهن کي بہ ڪو نہ آزاريائين. ڇاپٽين ڏاڙهي هوندي هيس. هميشہ سنڌي لباس پهريندو هو. دائما مير صاحب جي سر جو، ۽ وقتي وزير صاحب جي اقبال جو خير گهريو. پنهنجي اوطاق ۾ ويٺو هوندو هو. نہ ڪنهن کي ڏيٺي، نہ ڪنهن کان وٺي.

## شيخ محمد حفيظ الله خان

امرتسر جي هڪ ڪشميري خاندان مان هو. شيخ محمد قادر جي اوائلي زماني ۾، ملڪ شيردل جي رٽائر ڪرڻ کان پوءِ، خيرپور ۾ ناظر پوليس ٿي آيو. هر صبح، يونيفارم پهري، سهڻي گهوڙي تي سوار ٿي، اچي وزير صاحب جي مجلس ۾ ويهندو هو. مردانہ صورت جو اعليٰ نمونو هو. قداور، پورو، اکيون آسماني، ڏاڙهي صاف، شهپر وڏا، موٽا، ۽ سخت رعبدار - ڪو نہ سمجهندو تہ ڪو ديسي ماڻهو آهي. جنهن وقت يونيفارم پهري، گيٽر ۽ لانگ بوٽ لڳائي، گهوڙي تي چڙهندو هو، تہ رستي ويندڙ ماڻهو حيرت ۽ دهشت وچان ديوار وانگر ساڪن ٿي بيٺا ڏانهنس نهاريندا هئا.

# وڏيرو مير محمد خان گهمرو مرحوم

ميرن، اميرن، وزيرن، پيرن، درويشن، ڪامورن ۽ ڪامين جي قلمي صورتن ڏيڻ کان پوءِ، هڪ بنيادي زميندار خاندان جو نمونو پيش ڪرڻ پڻ ضروري آهي.

وڏيرو مير محمد خان مرحوم، پنيي ديري(ڪيٽي مير محمد گهمرو) جو زميندار هو، ۽ گهمرا خاندان جو اڳواڻ. مدبر، عاقل، عالم، دورانديش، وڏي دماغ جو صاحب هو. فارسيءَ ۾ شعر چوندو هو، ۽ رسم الخط بيحد خوبصورت هوندو هوس. ٿورو ڳالهائيندو، گهٽي لهه وچڙ ڪا نه ڪندو، پر جا گفتگو ڪندو سا پڪي پختي، سوچيل ۽ سمجهيل هوندي. ڪنهن وڏيءَ حڪومت جي وزير ٿيڻ جي لائق هو.

زمينداريءَ ۽ راڄداريءَ جو ڪم وڏي وقار سان هلايائين. انهن ڏينهن ۾ وڏيرن جو ڪو خاص مانُ ڪو نه هوندو هو، جيستائين ڪنهن وڏي عملدار يا ڪاموري سان خاص تعلق پيدا ٿئين ۽ ان جو اعتماد حاصل ڪن. مير محمد خان تنها هڪ اهڙو زميندار هو، جنهن ڊوڙي وڃي نه ڪنهن ڪاموري جي خوشامد ڪئي ۽ نه ساڻس ڪو ڳوڙهو تعلق ئي پيدا ڪيو.

سخت احتياط سان هلندو هو، سوڙ کي ڏسي ئي پير سيريندو هو. نه ڪنهن جي سُٽ کي هٿ لاتي، نه پنهنجو پَٽ ڦاڙائي.

سندس محتاط طبيعت جو عجب عالم هوندو هو. ٻيڙيءَ جي سواريءَ کان پرهيز ڪندو هو ته متان ٻڏي پوي. خيرپور ويٺو هوندو هوس ته سڌو گهوڙي تي چڙهي، ٻيڙيءَ تي درياهه اُڪري نه ويندو. حالانڪ سندس ڳوٺ درياهه جي ڪناري تي هو، ۽ ان رستي سان فاصلو فقط ويهارو ميل مس هوندو. ان جي عيوض هيءُ صاحب خشڪيءَ رستي مديجي يا نصرت اسٽيشن تي ايندو: اتانهون ريل ۾ سوار ٿي، سکر - روهڙيءَ کان ڦيرو ڪري وڃي خيرپور لهندو!

حلواڻ جي گوشت مان، ڪارن مرچن ۽ مکڻ سان رڌل ٻوڙ کائيندو، جيئن هاضمي کي نقصان نه رسي ۽ نه زڪام ئي ٿئي.

گهوڙي جي سواري ڪندو، پر ڏسي وائسي، نرم طبيعت وارو وهٽ ڪٽندو. گهوڙي جي اڳ ۾ هميشه هڪ ٻه ڪنجڪي ڊوڙندو هلندو.

پنهنجي حياتيءَ اندر گهر ۾ بندوق رکڻ نہ ڏنائين: متان بيخبريءَ ۾ ڪنهن جي هٿان ڇٽي پوي ۽ نقصان ڪري وجهي! انهن ڏينهن ۾ امن امان بہ اهڙو هو جو ڪنهن ڪي، بعد جي زماني وانگر، پنهنجي حفاظت جو پاڻ بندوبست ڪرڻو ڪو نہ پوندو هو.

اولاد سان مثالي محبت هوندي هيس. گهر ڪان ٻاهر وڃي تعليم وٺڻ ڪنهن کي ڪا نہ ڏنائين. ڳوٺ ۾ مڪتب قائم ڪيائين، جتي سنڌس ۽ شهر جا ٻار پڙهندا رهيا.

اوطاق ۽ گهر جون جايون هميشه ڪکايون رکيائين، جيئن سم سيلاب ڪري پڪي پٽ ڪاڇي، اوچتو ڪنهن جي مٿان ڪري نہ پوي!

گاسليٽ جي بتي ٻرڻ نہ ڏيندو، ڇو تہ ان جو دونهون صحت لاءِ نقصانڪار ٿئي ٿو. تنهن ڪري روشنيءَ لاءِ ميڻ بتي استعمال ٿيندي.

فوري ضرورت کي منهن ڏيڻ لاءِ طاقت جون دوائون هميشه ساڻ رکندو - مثلاً خميرو، ياقوتي، موتين جو چاٽو، وغيره.

"دورانديشيءَ" جي معاملي ۾ وڏيري محمد خان مرحوم ڪان مٿانهون نمبر فقط مرحوم ميان عبدالمجيد صاحب دريشاڻي (پرنسپال خيرپور هاءِ اسڪول) جو هو. سنڌس ٻاري ۾ مون ماڻهن ڪان ٻڌو تہ جڏهن ڪيس پنهنجي ڳوٺان، يعني شڪارپور مان، خيرپور وڃڻو پوندو هو تہ سکر - روهڙيءَ واري پل هميشه پيرين پنڌ اُڪرندو هو، ۽ نہ ريل ۾. انديشو هوس تہ مباداً ريل جي بار ڪري اوچتو پُل ڪري پوي، ۽ ريل ۽ پاڻ ٻئي درياهہ ۾ ٻڏي وڃن.

انهن ڏينهن ۾ رهڻيءَ ڪرڻيءَ تي انگريزي تمدن جو اثر پوڻ شروع ٿيو هو. درجو بہ درجا انگريزيءَ جا پڙهي، ڪن زميندارن ڏاڙهيون ڪوڙائي مڇون رکڻ شروع ڪيون. شلوار ۽ پيراهن کي ڇڏي، سوٽ ڪوٽ تي طبع آزمائي فرمائڻ لڳا. جن سوٽ نہ پاتا، تن بہ گهٽ ۾ گهٽ ڳچيءَ ۾ بو يا نيڪ - ٽاءِ ٻڌڻ ۽ پير ۾، موچڪي جُتي ڇڏي، انگريزي وضع جا بوٽ پهرڻ شروع ڪيا.

ڀر مجال آهي جو مير محمد خان مرحوم نئين زماني جي هوا کي پنهنجي پاسي مان لنگهڻ ڏئي. مٿي تي ململ جي پڳ، جسم تي پيراهن ۽ صدري، هيٺ مناسب شلوار، پيرن ۾ اها ئي موچڪي جُتي، ڪُلهي تي ڳاڙهو دٻڪن سان وڏو رومال.

گراموفون جي پهرين مـسين مون وڏيري مير محمد خان وٽ ڏٺي. انهن ڏينهن ۾ گوهر جان ۽ "امير جان پاني پت واليءَ" جا رڪارڊ خاص طرح مقبول هئا.

## ميان عابد علي شاهه ۽ بڍل شاهه

سادات خاندان مان هئا. خيرپور شهر ۾ رهندا هئا. ميرن جا هم مذهب يعني شيعا هوندا هئا. مير صاحب سندن وڏي عزت ڪندا هئا. حتاڪ فوت ٿيل ميرن جا جنازا ڪٿائي ڪربلا معليٰ ۾ وڃي دفن ڪرائيندا هئا. زميندار هئا. وچ شهر ۾ اوطاق هوندي هين. رهائش ميرن جي طرز جي - ساڳيا شوق، ساڳيا شغل. رياست ۽ ٻاهر جي ڪيترن معززن جو ساڻن رستو هو. جيڪي اچي وٽن مهمان ٿيندا هئا، دل سان خاطر تواضع ڪندا هئا.

ميان عابد علي شاهه مرحوم مون ڪو نہ ڏٺو. سائين بڍل شاهه مرحوم سان البت ڪيترا دفعا ملاقات ٿي. مرحوم پير پريل شاهه، پير ڳوٺ واري، ۽ پير سائين تراب علي شاهه مرحوم، قمبر واري، جو خاص دوست هوندو هو. انهن جي معيت ۾ ٻہ - ٽي دفعا مان وٽس مهمان ٿيس. سچو ڏينهن ميرن جون ڳالهيون ۽ انهن جي ڪچهرين جا قصا هوندا هئا. ان دوران ۾ هٿيارن، ڪتن، مرن، بازن، شڪارن، گهوڙن ۽ اُنن تي بہ پيئي ٽيڪا ٽپٽي ٿيندي.

ٿوري خواهش، ٿوري ذميداري، چڱي اٿي، چڱي ويهڻي، نہ جهيڙو نہ فساد، نہ هل نہ هنگامو، آرام جي زندگي، اطمينان جو موت.

## حڪيم غلام حيدر

شيخ قادر مرحوم جي زماني ۾ شاهي طبيب هوندو هو. لقمان ۾ رهندو هو. وضعدار پيرسن انسان هو. سندس ڊيوٽي هوندي هئي تہ علي الصباح گهوڙي تي چڙهي، گهر گهر جو دؤرو ڪري، مير صاحبن ۽ سندس اهلڪارن جون نبضون ڏسي ۽ بشرط ضرورت علاج تجويز ڪري. پنهنجي فن ۾ هشيار هو. عام طرح بي خرچيون دوائون تجويز ڪندو. پر قضا الاهي ڪو ڪارائتو مير صاحب بيمار ٿي پيو تہ هزارن رپين جي خرچ سان ياقوتي ۽ مفرحن جا نسخا تيار ٿي ويندا، جن ۾ قيمتي جواهرات، موتين، مشڪ، عنبر ۽ مغزيات جو، خاص سماق جي روهين ۾ رڳڙجي، شامل ٿيڻ لازمي هوندو. شربت، عرق، ماءِ اللحم ۽ ضماد. ان اپرانت - غذا تي خاص خيال رکيو ويندو. کير، ڏڌ،

مکڻ، بند، ڳائي، ماهي ۽ ريڍي گوشت جو تہ ڪو سوال ئي پيدا ڪو نہ ٿي ٿيو، پر آچار ۽ چٽڻيون بہ ختم. خوراڪ لاءِ فقط تتر جو ڪاري مرچ تي رڌل ۽ بصرن بدران ٿوڻي سان داغ ڪيل شوررو تجويز ٿيندو. انهن ڏينهن ۾ طبيبن جي ڪاميابيءَ يا ناڪاميابيءَ جي ڪسوٽي هيءَ هوندي هئي تہ هو "قوت باهہ" کي ڪيتريقدر زور وٺائي سگهن ٿا. ۽ سندن تجويز ڪيل ممسڪن، طلائن ۽ ليپن ۾ ڪيترو اثر آهي. اهڙو ڪو ورلي امير هوندو، جنهن کي ڪمزوريءَ جي شڪايت نہ هوندي. شڪايت صحيح هجيس يا نہ، پر سمجهندو ائين پيو تہ جيڪا قوت اڳ ۾ اٿس، سا بلڪل ناڪافي آهي ۽ ان ۾ لازماً واڌارو ٿيڻ گهرجي. بيفڪريءَ جا ڏينهن هوندا هئا، جنگيون ختم ٿي چڪيون هيون، انگريزن جو سايو سر مٿان هو، اتاهہ جاگيرون، لکين آمدنيون، شيون سستيون، ڪاڏو پيتو پنهنجين ٻنين جي پيداوار، نہ ڪم نہ ڪار، پوءِ اميرن ڪبيرن کي ڇو نہ "قوت باهہ" جو فڪر ٿيندو؟ اهو ئي هڪ ميدان هو، جنهن ۾ ڏاريءَ حڪومت طرفان پُورن آزادي يا سُوراج عطا ٿيل هو ۽ ڪا دست اندازي ڪانہ ٿي ٿي. (واجد علي شاهہ، اوڌ جي آخري تاجدار، پنهنجي ڪتاب "بَنِي" ۾ لکيو آهي تہ ڪلڪتي ۾ نظربنديءَ واري زماني ۾ بہ هو جڏهن گهري ٿو تہ هڪ ڏينهن اندر پنجاهہ - پنجونجاهہ عورتن سان همبستر ٿي سگهي ٿو. اهو هو "مطمح نظر" يا "مقصد زندگي" ان دؤر جي ڪن اميرن جو!)

الله تعاليٰ ٻُڌي هئي طبيبن جي. ننڍي وڏي طبيب وٽ "خانداني"، "صدري"، "سينہ بہ سينہ ورثي ۾ مليل" نسخا هوندا هئا. ڪم از ڪم دعوا تہ اها ئي هونديس. پوءِ فقط واسرين جا وات کلن تہ اهي ناياب نسخا جڙي راس ٿين! ڪڍ ناڻو تہ گهمين لاڙڪاڻو!

ان موذي مرض جي علاج ۾ مرحوم غلام حيدر کي ڪيتري دسترس حاصل هئي، تنهن جو پتو ڪو نہ اٿم، پر ايترو ضرور ڏسندو هوس تہ وڏا وڏا ماڻهو ڪيس اتاري، ڪنڌ ۾ وني، وچي ساڻس "ڪَنَ ڳالهيون" ڪندا هئا.

هڪ موقعي تي ڪيس ناياب سونهري بندوق انعام ۾ ڏني ويئي، جا هلندي هلندي، مالڪ بدلائيندي، آخر اچي مون تائين پهتي آهي. ڪنهن وڏي قلعي سر ڪرڻ ڪان سواءِ ڪيس اهڙو انعام مليو هجي، سا ڳالهہ اعتبار جوڳي ڪانهي.

## ڊاڪٽر راجا خان

خيرپور اسپتال جو ايلوپيٿڪ ڊاڪٽر هوندو هو. ورهين جا ورهيہ ان جاءِ تي قائم رهيو. چڱي عزت هوندي هيس. شريف انسان هو. ڪن ڊاڪٽرن واري لالچ ڪا نہ هيس. نيم نان، صحت جان. نہ ڪوڙا سرٽيفڪيٽ ۽ نہ ڪورٽن اڳيان وڃي، اونڌا يا پاسيرا رايا ۽ اظهار ڏيئي، بيگناهن کي ڦاسائڻ ۽ گنهگارن کي ڇڏائڻ.

جيستائين مرض ڪا خاص خطرناڪ صورت اختيار نہ ڪندو. علاج طبيبن جو پيو هلندو - پڙيون، گوريون، جلاب، ڪشتا، معجونون وغيره نازڪ حالت کان پوءِ ئي وڃي سڌ پوندي ڊاڪٽر راجا خان کي. انهن ڏينهن ۾ اڃا ايلوپيٿيءَ ايڏي ترقي ڪا نہ ڪئي هئي، ۽ هاڻوڪي قسم جون مجرب پيٽينٽ دوائون ميدان ۾ ڪين آيل هيون. البت ڦٽ ڦرڙيءَ، زخم، سرجريءَ وغيره جي سلسلي ۾ ان وقت بہ ڊاڪٽرن جو مانُ هوندو هو.

## سرائي حسو خان

ان زماني ۾ خاندان جي خدمتگارن جا پڻ خاندان هوندا هئا. تعلق ۽ خدمت جو سلسلو پيڙهي ٻپيڙهي هليو ايندو هو. ڪنهن خدمتگار پنهنجي بنيادي آقا کي ڇڏي وڃي ڪنهن ٻئين ماڻهوءَ وٽ نوڪري ڪئي تہ "نمڪ حرام" سڏيو ويندو، ۽ ڪٿي بہ منهن ڏيکارڻ جي قابل ڪو نہ رهندو.

سرائي حسو خان(حسن علي خان) ميرن جو خانداني خدمتگار هو. پنهنجي زماني ۾ مير علي نواز خان جو "مهتمم شڪار" هو. شڪارين جو ڪاتو، ڏڦيرن(جيڪي زخمي مرن کي ڏڦا هڻي ختم ڪندا هئا) جو اتالو، ڪتن ۽ ڪُتائين جو انتظام، شڪار گاهن ۽ راڪن جي رکپالي - غرض تہ شڪار متعلق جا بہ ڳالهہ هئي، سا سندس سپرد هئي. مير صاحبن جا "ڪَنَ" هو. حسو خان جا ڳالهہ ڦاٽي، سا لوح محفوظ جي تحرير سمجهي ويندي، ڪنهن کي مجال جو سندس راءِ کي ريٽي!

شڪار ٽالپرن جو ڏاج هو. صبح کان رات تائين شڪار ۽ شڪار جا قصا. سَوَن ميلن ۾ جهنگ رکيل هئا، جن کي مهاڙين ۾ وراهيو ويو هو. هر مهاڙيءَ کي لوڙهو ڏنو ويندو، جيئن جانور بند رهن، يا مقرر لوگهن منجهان ئي ايندا

ويندا رهن، تاڪ شڪارين کي جانورن جي هلچل جي خبر پوندي رهي. هر مهاڙيءَ تي راڪا رکيل هوندا، جيئن ماڻهو ۽ ڍور ڪيچل ڪري جانورن کي پڄائي نہ ڇڏين. گهڻي وقت تائين تہ ٻاهرين ماڻهوءَ کي مهاڙيءَ جي پاسي مان لنگهڻ جي اجازت ڪا نہ هوندي هئي. ۽ اهو جيل جي سزا جوڳو فوجداري ڏوهہ سمجهيو ويندو هو. جانور کي هيرائڻ لاءِ رستن تي ان ڇٽيو ويندو هو، جنهن کي "چَوڻ" چوندا هئا. شڪاري اهڙا استاد هوندا هئا، جو ڪين هر جانور جو پتو هوندو - جي ، رڻ آهي تہ وَڃ ڪيترا آگر هوندس، ڦاڙهو آهي تہ سگَ ڪيترين گيرائيون ڏيندس. پيرو ڪنيائون، تہ وڃي جانور جي مٿان بيهندا.

اصلي شڪار ڪرڻ جا ڪيترا ڍنگ هوندا هئا. مثلاً "اوسر" جو شڪار. جانور رات وڳڙي ۾ چرڻ لاءِ وڏو جهنگ ڇڏي ٻاهر پوکن ڏانهن ويندا. لڙيءَ رات کان پوءِ سندن واپس ورڻ جو ٽائيم ٿيندو. ان وچ ۾ شڪاري، ننڍو جهنگ وچ ۾ وجهي، وڏي جهنگ جي ٻاهران ٻاهيون ٻارائي ڇڏيندا، جيئن جانور وڏي جهنگ ۾ لنگهي نہ سگهن ۽ وڃيئن ننڍي جهنگ ۾ ئي رهجي وڃن. ننڍي جهنگ ۾ هڪ ڪڪائون ڪُڏ (ڪُڏٿو) ٺهيل هوندو، جنهن ۾ ڪرسيون پيل هونديون. ڪڏ جي چئني طرفن کان سنها پها ڪڍيل هوندا، جيئن انهن پهن ۾ گهمندڙ جانور ڪُڏ ۾ ويٺل شڪارين کي چِڱيءَ طرح نظر ايندا رهن. صبح جي روشني ٿيڻ کان اڳ ۾، شڪاري سرڪي وڃي ڪڏ ۾ ويهندا. سج نڪتي پريان تَڙَ شروع ٿيندي، ماڻهو ۽ ڪتا جهنگ ۾ ڪاهي پوندا. ماڻهن جو هاڙهاهو - ٻاجهاڙو، ۽ ڪتن جون ٻونڪون ٻڌي، جانور ڪڏي طرف ڀڄڻ شروع ڪندا، ۽ شڪاري چونڊيو پيا بندوقون هڻندن. جيڪڏهن ڪو مرون زخمجي پيو تہ ڏڦير ڏڦا ڪٽي وڃي گهيرو ڪندس. هڪ ماڻهو وجهہ وٺي، مروڻ جي پويان اچي، مروڻ جي پٺيءَ کي سينو ڏيئي، هٿ وڌائي سندس اڳيون ٽنگون جهليندو. ۽ ٽنگان ڪڍي، پَٽ تي ڪيرائي وجهندس. ان وچ ۾ ڏڦي ۽ارا ڊوڙي ڪُڪ ۾ ڏڦو هڻندس، ۽ ختم ڪري ڇڏيندس. اهو ڪم وڏيءَ بهادريءَ جو هوندو، ۽ ڏڦيرن کي چڱا انعام ملندا هئا.

شڪار جو ٻيو طريقو هوندو هو "چُوڻ يا ٽامي وجهڻ" شڪاري، وڏو جانور ڏسي، سندس رستي ۾ ان يا وٽن جون ڪچيون سٽيون ٽامون وڌي، بطور چوڳ جي اڇلائيندا. جانور وات ويندي اهو مال مفت ڏسي هرڪجي پوندو.

مطلب تہ ڪيترن ڏينهن تائين اوطاقن، دائرن ۽ مڪانن ۾ بحث مباحثا ٿيندا رهندا. ڪڏهن ڪڏهن تہ اختلاف ڪندي ڪندي ماڻهو پارٽين ۾ ورهائجي ويندا، ۽ نوبت وڃي لٺ باٺي تائين پهچندي!.

رات جو جهنگ ۾ پاڻيءَ جي تلاءَ يا پٽي تي ويهي جانورن کي مارڻ، يا پوک جي ڪناري تي ڪڏ (کودي) ئاهي ويهڻ، وڏي شڪار جا بيا طريقا هئا. جهنگ ۾ گهمي، گهمندڙ جانورن کي مارڻ، "گهوم جو شڪار" سڏيو ويندو هو.

پکين جو شڪار، بندوقن کان سواءِ، بازن سان بہ ٿيندو هو. مير صاحبن کي بازن جو خاص شوق هوندو هو، جن جي پالڻ لاءِ بازدارن جو خاص محڪمو هوندو هو. هر مير وٽ ڪيئي باز ٻڌا بيٺا هوندا هئا. هڪ دفعي، شام ويلي آءٌ وڃي ڪوٽ ڏيجيءَ جي ٻاهران بيٺس. تقريباً جيڪو بہ ماڻهو شهر مان ٻاهر ٿي نڪتو، تنهن جي هٿ تي باز هو. بازن کي هواخوريءَ ۽ ورزش لاءِ کليل ميدانن ڏانهن ڪڍيو ٿي آيا. مون ڏٺو تہ هڪ ڪوٽ ڏيجيءَ جي شهر اندر هزارين مُنهين باز هوندا.

خيرپور رياست ۾ ڪيترن قسمن جا جانور هوندا هئا. خاص طرح سوئر، ڦاڙها، سينڌڙ هرڻ، ۽ ڪاريهر هرڻ[1]، مير علي مراد خان جي زماني تائين تہ ٻيلائي شينهن (tigers) بہ هوندا هئا. مير صاحب پاڻ ايترا شينهن ماريا هئا، جو انهن جي کلن مان تنبو ٺهرائي، تحفي طور راڻي وڪٽوريا ڏانهن لنڊن روانو ڪيو هئائين. مير علي مراد جي ڏڦيرن جي بهادريءَ جي هيءَ حالت هوندي هئي، جو زخمي شينهن تي بہ حملو ڪري، ڏڦن سان ماري وجهندا هئس. اهو فن هٿي ڪنهن بہ ملڪ ۾ ڪو نہ هوندو هو، ۽ نہ اهڙا بي جگرا، بهادر انسان. اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين، خيرپور ۽ سنڌ جي ٻيلن ۾ نہ فقط شينهن هوندا هئا، بلڪ ممون، ٻارهن سڱا ۽ چيتا بہ نظر ايندا هئا. اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ واهہ ڪوٺجي ويا. آباديون ٿي ويون، بندوقون عام جام ملڻ ۽ استعمال ٿيڻ لڳيون، ۽ ڪيترن قسمن جي جانورن جو نسل بنهہ ختم ٿي ويو.

ان کان اڳ، عرب سياح ابن بطوطہ جي زماني ۾ سنڌو درياهہ جي ڪناري وارن جهنگن ۾ تہ گينڊا بہ رهندا هئا.

---

[1] سينڌڙ هرڻ يعني سنڌي هرڻ، ڪاريهر هرڻ ڪارو ٿئي ٿو، اهو راجپوتانا جي پاسي عام جام آهي.

مير علي مراد خان ۽ ان کان اڳين ميرن جي شڪار متعلق انگريزن جي لکيل سفرنامن مان گهڻو احوال ملي ٿو. مير علي مراد خان جي شڪاري زندگيءَ متعلق "لينگلي" صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان احوال ڏنو آهي. مير علي مراد خان ساري زندگي سفر ۾ رهيو، ۽ شڪار جي پٺيان. انهن ڏينهن ۾ ميرن متعلق هيءَ چوڻي عام هوندي هئي ته "مير نصير خان رنگ ۾ (يعني عيش عشرت ۾)، مير سهراب خان جنگ ۾ (يعني ملڪ هٿ ڪرڻ ۽ وڌائڻ ۾) مير رستم خان ڀنگ ۾ (يعني نشي پتي ۾)؛ ۽ مير علي مراد خان جهنگ ۾ (يعني شڪار ۾)." علي مراد خان کان پوءِ به سندس جانشينن اها روايت قائم رکي، پر وقت جي لحاظ سان جيئن پوءِ تيئن گهٽتائي ٿيندي ويئي. مير "سانگيءَ" هڪ جاءِ تي شڪار کي "ڏاڏاڻي ڪار" ڪري سڏيو آهي:

"بندوقون هٿي کي هرڻ مارجن،
وري ڪا ڪجي پنهنجي ڏاڏاڻي ڪار."

جهڙيءَ طرح مٿي عرض ڪري آيو آهيان، مير علي نواز خان جي شڪاري ڪاروبار جو مکيه ڪار پرداز سرائي حسو خان هوندو هو. قوم جو شيخ هو. وڏي ڏاڪي سان رهندو هو. پنهنجن ذاتيائي شيخن جي سرپرستي ڪندو هو. سندس زماني ۾، ڪٿان ٿو شيخن جو گهوڙو جهل ڏئي؟ "شيخ" ڪيتريقدر به بدصورت، سُڪل سڙيل ليڪن ڪاڏل چو نه هجي، پر سندس مُڇ دائما مَڪيل ۽ مٿانهين هوندي. سرڪاري شڪار خراب ڪرڻ ۽ جانورن کي ٿاهڻ جي الزامن هيٺ، بيشمار ڳوناٺن جا خانا خراب ڪرائي ڇڏيندا. شڪار گاهن جي پسگردائيءَ ۾ رهندڙ، پوءِ جا ماريل هاري ۽ ناري، مالدار، پاڳيا، مکڻ ۽ ماکيون، ڇيلا ۽ ڪڪڙ مٿن تي ڪنيو، شيخن جي پٺيان ڊوڙندا وتندا هئا ته جيئن ڪين هر دم راضي رکيو اچن.

حسو شيخ جون پنهنجون اوطاقون ۽ پنهنجون ڪچهريون هونديون هيون. جت ساريءَ رياست جي ٻَدي - ڇَڙي پئي نبرندي هئي. جنهن پاسي گشت تي نڪتو، لانديون لڳي وينديون، پاٽي ڇٽڪارجي ويندا، ڇيلا ڪسجي ويندا، ديڳيون چڙهي وينديون. جيڏانهن منهن ڦيرائيندو، "جيئي حسن علي خان!... سرائي صاحب جي سر جو خير!" جا نعرا لڳي ويندا.

مير ته مير هو، پر گهٽ حسن علي خان به ڪو نه هو. چوڻي آهي: "سائين ته سائين، پر سائينءَ جو ڪتو به سائين!"

## شعر، شاعري ۽ شاعر

مير علي نواز خان مرحوم پنهنجي جلاوطنيءَ واري زماني ۾ گهڻو وقت هندستان ۾ رهي چڪو هو. تنهنڪري کيس اڙدو شعر شاعريءَ سان ڳوڙهي دلچسپي پيدا ٿي پئي هئي.

"مير بشارت حسين زيدي" نالي هڪ شاعر، ۽ بقول خود "نامہ نگار اخبارات"، اڳ ۾ ئي خيرپور ۾ رهندو هو ۽ ميرن سان وابستہ هوندو هو. اصل رهاڪو يو. پي. جي طرف جو هو. اڙدوءَ جي ڪنهن هفتيوار اخبار ڏانهن ميرن جي تعريف ۾ مضمون موڪلڻ ڪانسواءِ، قصيدا بہ لکندو هو، ۽ انهن قصيدن کي ڪٿلينڊ ۔ تي ڇپارائي ورهائيندو هو. شادي ٿئي يا مماتي، مير صاحب کو وڏو مرون ماري يا وزير صاحب جي ڪنهن ڪمشنر يا گورنر سان ملاقات ٿئي، زيدي صاحب جو نظم مڙيو ئي تيار هوندو.

ورهين جا ورهيہ خيرپور ۾ رهيو، ۽ معمولي مشاعري تي ميرن وزيرن جون تعريفون ڪندي مري ويو. مسڪين ماڻهو هو. سندس گذران جو ذريعو اهو ئي هو.

قصيده گوئي ڪو تنها سندس ڳڻ ڪو نہ هو. ان مرض ۾ وڏا وڏا ماڻهو مبتلا هوندا هئا. مير فيض محمد خان جي زماني ۾ لارڊ لئمنگٽن، گورنر بمبئي، خيرپور ۾ آيو. ان موقعي تي شمس العماء جناب مرزا قليچ بيگ صاحب مرحوم ڪان هيءُ قصيدو مرحبائي لکرائي مجلس ۾ پڙهايو ويو، ۽ مرزا صاحب پاڻ وڏي فخر سان اهو قصيدو پنهنجي ڪتاب "رياست خيرپور"(مطبوعہ فيض پريس، خيرپور، سال 1924ع) ۾ درج فرمايو آهي:

### قصيده مرحبائيہ

اسان جو شل هجي ايڊورڊ ساهنشاهہ سوڀارو،
زياده هوءُ سندس شل عمر ۽ اقبال موچارو،
رکي تو خلق کي سو خوش، رعيت کي سدا راضي،
رهي تو نت غريبن ۽ اپوجهن تي سو ٻاجهارو.
آهي هر قوم کي آزادگي هر قسم جي حاصل،
ڪنهين کي ناهہ ڪنهن پر مذهب ۽ ملت جو مونجهارو.
عملدارن کي ان جي عدل ۽ انصاف جو سعيو،
ٿيو علم ۽ هنر خواهہ مال ۽ دولت ۾ واڌارو.

اگرچـہ ڪـي ويـا ڪـن ڪـان وڏي علمـي فضيلـت ۾،
نـہ آهي پاسداري ڪا، نـہ ٿيـو ڪـو ڪنهـن تـي ريسـارو.
ڏسـي هـي عـدل ٿيـا عـادل، رياسـت جـا سـيئي والـي،
هلائـي حڪـم حڪمتِ سـان، وسـايو ملـڪ تـن سـارو.
الاهــي اهــڙي شاهنشــاهہ ڪــي قــائم رکــج دائــم،
سـدا شـل هنـد تـي چمڪـي سـندس اقبـال جـو تـارو!
بجـا لـک شـڪر آٿيـون ٿـا، لمنگٽـن لارڊ صـاحب جـا،
بهــادر جــو گورنــر بمبئــي جــو آهــہ ناميــارو.
۽ ليـڊي صاحبـہ جـا پـڻ اسـين ممنـون سـڀ آهيـون،
جـو آيـو خيرپـور ۾ پـڻ سـندس تشـريف جـو وارو.
اپـر احسـان پـڻ ڪيـا ڪمشـنر صـاحب بمـع مئـڊم،
۽ پـڻ پوليٽيڪـل ايجنـٽ، جـو هـت آهـي هاڪـارو.
خدايـا، رک سـدائين تـون اهـي صـاحب اسـان جـا خـوش،
ڪـرم ۽ لطـف تنهنجـي جـو ڊري شـل تـن مٿـي ڊارو.
ڏسئون سک سهسين شـل صـاحب گورنـر جـي حڪومـت ۾،
ٿئـي شـل بيڪسـن جـو ڪـَس ۽ بيچـارن سندو چـارو.
رهــي پـڻ ميـر سـر فيـض محمـد خـان سـلامت شـل،
جنهيـن تـي اصـل ڪـان آهـي اسـان سـيني جـو نـت آرو.
رياسـت جـو آهـي والـي، سـندس درجـو آهـي عـالي،
هميشــہ خيرپـور ۾ جنهـن جـي نـالي نـر هٽـن نـارو.
سڌارا ٿيـا اتـي بيحـد، هـي يـارهن سـال جـي گذريـا،
وڏيــو ڏيــڍوڻو آدم، ۽ ٿيــو بيٺــو بنـي بـارو.
جڙيـا رسـتا، پليـون، مڪتـب، ڌرمسـالا، شـفاخانا،
وري ٿيـا واهـہ جـاري، جـر وهـي جـن مـان ٿـو جـالارو.
الاهـي، عمـر خضـري ڏي اسـان جـي ميـر صـاحب ڪـي،
رهــي شــل آل ۽ اولاد ســان خــوش ســو وڙن وارو!
اسـان جـون هـي مـرادون شـال سـڀ پوريـون ڪـري پـرور،
دعـا لئـہ سـڀ خدا ڏي هـٿ کٽـو يڪجـا اوهيـن، يـارو!

يارن ويچارن تہ سمورن هٿ ڪٽي گهٽيون دعائون پنيون، مگر "عمر خضري" ڪنهن کي بہ ميسر ٿي ڪا نہ سگهي. ٿوري ئي عرصي اندر، ايڊورڊ کان وٺي مير فيض محمد خان تائين، سڀ فوت ٿي ويا، مرزا قليچ بيگ صاحب جي قصيدي مان بهرحال، ان زماني جي ذهنيت ۽ رواجن جو پتو پوي ٿو. مرزا قليچ بيگ مرحوم انهن ڏينهن ۾ بہ ڪافي مرتبي جو صاحب هو، اعليٰ تعليم يافتہ، بنيادي خاندان، صاحب علم ۽ قلم، مگر ان هوندي بہ ڪيس وقتي حاڪمن جي تعريف ۽ توصيف ڪرڻي ٿي پيئي. ۽ جڏهن مرزا صاحب مرحوم جي مجبوريءَ جو اهو عالم هو تہ پوءِ مير بشارت حسين زيدي يا "مولوي ميهر" تي ڪهڙي ميار؟

خيرپور جي خود ميرن مان بہ گهٽ ۾ گهٽ ٻن صاحبن سان شعر منسوب ڪيو وڃي ٿو.

مير علي مراد خان ٽالپر چوڻ ۾ اچي ٿو تہ هو فارسي شعر چوندو هو. ۽ هيٺيون غزل سندس چيل چوڻ ۾ اچي ٿو:

آه، دل از فراقِ تو دامانِ من گرفت،
پروانہ پيشِ شمع رہِ انجمن گرفت.
پروانہ فراقِ تو تنها نہ سوخت دل،
بس، جان درين شرر گہ پروانہ تن گرفت.
در محفلي کہ شخص غمت ميزبان بود،
مهمان چگو نہ روئي ازان انجمن گرفت.
در دور حسن روي تو اسلام کفر گشت،
داد از برهمني کہ صنم از ثمن گرفت.
تاتارِ زلف پرشکنت چينِ رخ گرفت،
مرغِ دل از خطا رہِ ملک ختن گرفت.
در هيچ دين شنيد کہ از يک نگہ گناه،
برمن گذشت روز من بوالحزن گرفت.
رفتم بکوي دوست دهم شرحِ اشتياق،
شوقش بگشت آتشِ دامانِ من گرفت.
جز هجرِ او نصيب نگشتم "علي مراد"،
آن هم زمانِ عمر بہ يغما زمن گرفت.

۽ هيءُ بيت بہ مير صاحب جو آهي:

از خضـــــابم نبــــود هيـــــچ دلم را مطلـــــب،
غـــرض آن اســـت ڪـــــه آهـــو صفتـــان رم نڪننـــد.

مير علي مراد خان ڪان پوءِ جنهن ٻئي مير شعر شاعريءَ ۾ دلچسپي ورتي، سو مير علي نواز خان هو. اڳ لکي چڪو آهيان تہ هن صاحب هڪ ديوان اڙدوءَ جو ("گلدستہ ناز" نالي)، ۽ هڪ سنڌي ڪافين ۽ ڪلامن جو ڪتاب ("خلوت عشق") ڇڏيو. انهن ڪانسواءِ، عمر خيام جي رباعين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين، ۽ ان مجموعي کي "ميڪده ناز" جو نالو ڏنائين. "ليليٰ - مجنون" واري قصي کي پڻ منظوم ڪيائين. اهي ٻئي رسالا آب تاب سان ڇپارائي ملڪ ۾ ورهايا ويا.

جنهن زماني ۾ مير صاحب مرحوم جي خانگي زندگيءَ تي دشمنن حملا ڪرڻ شروع ڪيا، درباري مفڪرن صلاح پيش ڪئي تہ مير صاحب هڪ نئين مذهبي سلسلي جو بنياد وجهي، ۽ پاڻ ان جو امام بڻجي، جيئن عوام جو خيال سندس خانگي معاملن تان هٽجي وڃي ٻئي طرف لڳي. چنانچ، ان سلسلي کي "دين الله" جو نالو ڏنو ويو، ۽ مير صاحب جي پنهنجي نالي ۾ هڪ تعارفي رسالو ڇاپي پڌرو ڪيو ويو. پر "دين الله" ڪا ترقي ڪا نہ ڪئي. "باليءَ" سان شادي ٿيڻ بعد نڪتہ چيني گهٽجي ويئي، ۽ ان تناسب سان "دين الله" جي ضرورت ۽ تحريڪ بہ.

سندس زماني ۾ گهڻا ٻاهريان شاعر خيرپور ۾ ايندا رهيا. "سها" شاعر مون اکين سان ڏٺو. قد جو ڇامڙو هو. وڏ ۾ وڏ بہ اڍائي فوٽ. ڏاڙهي مڇ ڪا نہ، ڇوڪرو پيو لڳندو هو. سڌو ڪرسيءَ تي بہ نہ ويهي سگهندو هو. ٻارن وانگر ٽپ ڏيئي ڪرسيءَ تي چڙهندو هو. ماڻهو چوندا هئا تہ مير صاحب کي شعر ٺاهڻ ۾ وٺانئس گهڻي مدد ملندي رهندي هئي.

"سها" ڪانسواءِ، حفيظ جالنڌري ۽ حڪيم احمد شجاع لاهوري بہ ڪجهہ وقت تائين خيرپور ۾ رهيا. حڪيم احمد شجاع جي جوانيءَ جو زمانو هو. اهل علم، اهل سخن، ۽ دل وندرائيندڙ مصاحب هو. مير صاحب جي قريب هو. پاڻ ۽ بالي، ٻيئي هم وطني هئا. ان زماني ۾ جيڪو بہ رستو خيرپور مان نڪرندو هو، تنهن جو ڇوڙ وڃي لاهور ۾ ٿيندو هو.

حفيظ جالنڌري ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ، خيرپور مان خارج ٿي ويو، ڇو تہ شاعرانہ مستيءَ ۽ موج ۾ هڪ نظم لکي وڌائين. جنهن متعلق ماڻهن سمجهيو تہ ان ۾ "باليءَ" تي شخصي جُلهون ٿيل آهن. اها نظم "حفيظ" جي ڪلام جي هڪ مجموعي" "سوزو ساز" ۾، "ايڪ رقاصہ سَي خطاب" جي سرخيءَ هيٺ درج ٿيل آهي. ان نظم جي شروعات هن طرح ٿئي ٿي:

انهي هَيِ مغرب سَي گهٽا، پينَي ڪا[1] موسم آگيا،
هـــي رقــص ميــنِ اڪ مـــہ لقـــا،
نـــازڪ ادا نـــاز آفريــــن:

هان ناچتي جا، گائَي جا، نظرون سَي دل برمائَي جا،
تڙپائَـــي جـــا، تڙپائَـــي جـــا،
اي دشمـــنِ دنيـــا وديـــن!

نظم جي جنهن خاص حصي تي ملڪ اندر ممڻ متو، سو هيءُ هو:

تيــرا ترڪنــا خــوب هــَـي، تيــري ادائيــن دل نشــين،
ليڪــن نهــ، تــو ڪــون هــي، او نيــم عريــان نــازنين!
ڪيا مشــرقي عــورت هــي تو؟ هــرگــز نهين، هــرگــز نهين!
تيــري هنسـي بــي بــاڪ هــَـي،
تيــري نگـــہ چــالاڪ هـــي....

— وغيره وغيره.

اسان جي زماني ڪان ٿورو اڳ، خيرپور رياست ۾ "پيرل" نالي هڪ شاعر ٿي گذريو هو، جنهن جون ڪافيون اسان جي ڏينهن ۾ ڏاڍيون مقبول هونديون هيون. چوندا هئا تہ اصل ڏنار هو. اتفاقاً آنيريءَ وارن صاحبن سان سندس مجاز ٿي ويو، ۽ ان مجاز جي باهہ جا اُلا، ڪافين جي صورت ۾ پڙڪا ڪائيندا، ڪيس ۽ پڻ ٻين دردآشنا دلين کي ساڙيندا ۽ ٻاريندا رهيا.

آنيريءَ جو ڪوٽ، خيرپور کان پير ڳوٺ ويندي، رستي تي نظر ايندو هو. خستہ حالت ۾ مون پاڻ ڏٺو. اُها بيبي صاحبہ انهن ڏينهن تائين زنده هئي ۽ ان ۾ رهندي هئي مير گل حسن خان جو ديرو هئي.

پيرل مري ويو. پيبي صاحب جنت سڌاري. آئيريءَ جو ڪوٽ ڪري پيو. آسيپاسي جا سارا نشان ئي مٽجي ويا. مگر عشق جو اهو داستان اڄ به اهڙو ئي تازو آهي. جهڙو اوائلي ڏينهن ۾. سچ آهي:

حسن بي بنياد باشد. عشق بي بنياد نيست!

مولانا محمد صادق صاحب راڻيپوريءَ هڪ مرتبو پيرل کي راڻيپور جي هڪ سڪل ڪڌ جي ڪناري تي، اڪيلائيءَ ۾ ڪافيون ڳائيندي ڏٺو. مولانا صاحب جو چوڻ آهي ته پيرل کي ڪار جا ڌوتل اُجرا اڇا ڪپڙا پيل هئا. چڻڪو پڳڙ مٿي تي هوس. ننڍي ڪتريل ڏاڙهي. بنان يڪتاري جي ڳل تي هٿ رکي پئي ڳايائين.

"پيرل جي هڪ ڪافي، هت نموني طور ڏجي ٿي[1].

سوَ ناز سان سينگارجي آيو ڪوهيارل پنهور ۾.

اڪيــن اُٽيــون، دل کــي وٽيــون، منجهــن ڌوڏ ڌتــار جـــي.

ابــرو گــوش، کــن تــا کــوس، ســٽن سيف شــڪار جـــي.

ڪيچيــن آنــدي ڪيــچ کــان، ڪٿــوري هبڪــار جـــي.

ســرهو ســپ پنيــور ٿيــو، جهــڙي بــوءِ بهــار جـــي.

ســرتيون ســڪاٽيون ٿيــون، ســونهن پســي ســردار جـــي.

هــر ڪنهــن وائــي وات ۾، آهــي يــار، يــار جـــي.

"پيــرل" پيــاس، اتــم خــاص، دوســت جــي ديــدار جـــي.

دوســت پــاڻهي دوا ڪنــدا، برهــه جـــي بيمـــار جـــي.

هينئر نه اها خيرپور رهي آهي، نه اُهي مير، ۽ نه حسن علي خان جهڙا ناميارا ڪامورا. دنيا فاني آهي – رهي نانءُ الله جو!

---

[1] "پيرل" جي هيءَ ڪافي جناب مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولا" کان ملي – ناشر.

# سکر

## عام حال

سکر سان منهنجو سپنڊ پراڻو آهي. اکيون پٽيم، هوش آيم، سکر سامهون ڏٺم. اُهو سکر ڪيو هو، نه اڄوڪو گند، گوڙ ۽ گهمسان، نه ايتري تنگي، سوڙهه ۽ ماڻهن جو حال پريشان. ڇا نظارا هوندا هئا! ڪهڙا نه مٺا ماڻهو منجهس رهندا هئا!

اڄ تہ "ڇوڇاڪيءَ"[1] ۾ چڙهي، پهريائين اُنهن ڏينهن جي سکر جو ڪجهه سير ڪري وٺون ۽ ساڻس واقفيت پيدا ڪريون. پنهنجي شئل جي شروعات ٿيندي بندر سان.

بندر جي بهار جو ڪهڙو سمان هوندو!

پڪو موڪرو رستو، پپر جا وڏا وڻ، جن جون چوٽيون پيون آسمان سان ڳالهيون ڪنديون، مٺي ڇانوَ. بيٺي پيئي ننڊ ايندي. هنڌ هنڌ سهڻا ساوا پارڪ، پاڻيءَ جون سبيلون، لئبريريون ۽ آرام ڪرڻ لاءِ بينچون، درياهہ ۾ "اشنان" واسطي ڏاڪڻيون نرن لاءِ جدا ۽ نارين لاءِ جدا، وچ ۾ پٽين جا پلويڙا، جن مان نہ ديده بازيءَ لاءِ ٽُنگن نڪرڻ جو امڪان، نہ مٿان ڪنهن جي ٽپي اچڻ جو خطرو - بنان شنڪا، بغير چنتا، جنهن کي وڻي، پيو پاڻيءَ ۾ تڙڳي.

براج واري پاسي کان، ڪاٺ مڏيءَ يا مساڻن وٽان هلبو.

اناج جي واپارين جون ڪوٺيون، تن جي اڳيان ۾ چٽڪار- شام ويلي رستي تي صندل ۽ ڪٽون پٽجي وينديون. سيٺيون، ڏوتيون پهريو، وڏا پيٽ ڪڍيو، ڪٽن تي پلٿي ماريو يا وهاڻن تي ٽيڪون ڏيو وينا هوندا. وچ ۾ ڇالو هوندي چلم، بُڙڪو بہ پيو لڳندو، ۽ بزار جي واءِ سواءِ تي ويچار بہ پيو ٿيندو.

اڳتي هلنداسين، خانبهادر ميان پير بخش مرحوم جي جاءِ نظر ايندي. ميان صاحب، حال حيات، رستي تي محفل لڳايو، پاڻ مير محفل ٻٽيو وينو هوندو. سندس نشست هڪ ڊگهيءَ موڪريءَ "بحق ميان صاحب مخصوص"

---

[1] "ڇوڇاڪي": وڪٽوريا قسم جون ڇٽن ڦيٿن واريون بگيون سکر ۾ عام هـ نديون هيون. عرف عام ۾ ماڻهو ان قسم جي گاڏين کي "ڇوڇاڪيون" سڏيندا هئا.

آرام ڪرسيءَ تي هوندي، جا سندس ساريءَ ڄمار اندر نہ بدلي، نہ مرمت ٿي. ساڄي طرف کان ڪڙين ڪرسين جي قطار، کاٻي طرف ٻہ ڪٺون. آيو ويو پيو ڊرندو. ڪجھ ضلعي جا ڪليڪٽر جا حال، ڪجھ ميان ڪرم علي شاھ جي ناڪامين جا احوال، ڪڏهن ڪڏهن مقامي هندن جي دراز دستين جا، دبيل زبان ۾ داستان. غرض تہ بندر واري هندو ڳڙھ اندر اهو ئي هڪ ديندار، ديرو دمايو، نعرو لڳايو ويٺو هوندو.

قدم وڌايوسين تہ "آزاد ميدان". جنهن ۾ وقت جي وڏن وڏن ليڊرن ميٽنگون ڪيون. تلڪ اتي آيو. گانڌيءَ اتي ڳالهايو. نائڊو جا نغما ۽ نهروءَ جا نعرا اتان بلند ٿيا: اتي ئي ڪانگريس جي والنٽيئرن تي پوليس جون لٺيون ڪڙڪيون، ۽ انهيءَ ئي ميدان اندر هاريل رت جو ڪجھ حصو هندستان جي آزاديءَ واري نقشي تي اوائلي لڪيرن ڪڍڻ لاءِ ڪتب آيو.

فرلانگ - ٻہ وڌاندا سين تہ منزلگاھ جي تاريخي ميدان سان دوچار ٿيڻو پوندو. ات انگريز حاڪمن درٻاريون ڪيون، وڏيرن انعام ورتا ۽ لونگيون پهريون. سامهون، وچ سير ۾، نظر پيو ايندو ساڌ ٻيلي جو آستان، جنهن ڏانهن ويندڙ ٻيڙين جو لنگر ميدان جي بلڪل سامهون هوندو. صبح کان لڙيءَ رات تائين ماڻهن جا ميلا هوندا.

وڌندي، وک وڌائيندي، بندر اسٽيشن ٽپندي، ميونسپل واٽر ورڪس ڇڏيندي، هلي رسنداسين لئنسڊائون پل تي. پل هيٺان پارڪ. پاسي ۾ بگين ۽ ٽانگن جو اسٽينڊ.

چوطرف گهوڙيا ۽ گاڏين وارا.
"هل يار! ٻين آنين سواري!"
"غريب آباد!.....غريب آباد!"
"جيئي شاھ.....جيئي شاھ!"
"ٿلهو!.... سيروءَ جو چونڪ!"
"هل يار! وڌ يار!"
"رک قدم تہ وڌي پرم!"
- اِهي ڪُوڪرا لڳا پيا هوندا.
اهو تہ هوندو پڪو راڳ. ڪچي ڳاني جا قسم هي هوندا:
"ڪلفي! نيڻ ٺار ڪلفي! سدا بهار ڪلفي..."

"ڦارهوان! ڦارهوان! منا ڦارهوان، سنا ڦارهوان، من نار ڦارهوان،
موذيءَ مار ڦارهوان!.... ڦارهوان! ڦارهوان...."
"پئسي گلاس! ڍولڻ، پئسي گلاس! سڄڻ، پئسي گلاس!
پئسي گلاس، فس ڪلاس! پيئندو وڃ، جيئندو وڃ!..."
"گيهه جا پڪوڙا! سوڪ، پرڪٽا پڪوڙا! اصل مال جا پڪوڙا، تازا
پڪوڙا، چهرا پڪوڙا، چهبندو وڃ، چپ چٽيندو وڃ!"
"ڪتل! مني ڪتل، ماکيءَ جهڙي ڪتل، مصريءَ مثل ڪتل، بُٽائتي
ڪتل، روهڙيءَ واري ڪتل! ڪتل، ڍولڻ، ڪتل! ڪجهه ڪاءِ ڪتل، ڪجهه
گهر ڪڻ ڪتل!..."

لئنسڊائون پل ڪان موٽي، براج تائين، درياهه جي ساريءَ پڪ سان، ڳاٽاٽي ڪان ٻاهر، ٻيڙيون، ڍونديون، زورقون،چار خراريون، چوڏهن خراريون، ويهه خراريون، ٽيهه خراريون، سنڌٽيون، پنجابڪيون، بهاولپور جون، لنگر هٽيو بيٺيون هونديون، ناڪٽا، تيل ڦليل ڪريو، مُڇون مکيو، وينا آکلن ۾ پاڇلين تي حُقا ڇڪيندا. مايون ڪي مانيءَ رڌڻ ۾ مشغول، ڪي ساهيڙين ڪان سير ڏيارڻ ۾ سينڌ ڪڍائڻ ۾ محو، ڪي وينيون جنڊ هلائينديون، ته ڪي وينيون اَن ڇڙينديون. جن ڪي هوندي لڄل لنو، تن جو هٿ مُهريءَ ۾، مُنهن "ميهر"[1] ۾، مُٺ جنڊ ۾، اک "چنڊ"[2] ۾:

"دست بڪار، دل به يار!"

منجهائن ڪي "نُوريون"[3]، ڪي ڪُوڙيون، پر ورهه واندي ڪا ورلي!
درياهه پر چڙي، وٺو وڃ شهر وارو رستو: شيخ شينهن رحمة الله جي درگاهه، چڪلي جو پاسو، فوجداري، مارڪيٽ، مناري واري چاڙهي، معصوم شاهه جو منارو، تلڪ هاءِ اسڪول، ليوڪس پارڪ، منگل مالهيءَ وارو باغ، بجلي گهر ۾ ڪليڪٽر جو بنگلو لنگهندا، ريلوي لائين لتاڙيندا، وڃي جيئي شاهه جي درگاهه تي بيهندا. هر هنڌ ماڻهن جا مجموعا. شام ويلي، ٽـڪر وارن رستن تي ته خاص طرح ٽولا، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا.

---

(1) ميهر: يار يا سينڌو
(2) چنڊ: محبوب.
(3) نُوريون: جن ۾ چار تماچيءَ واريءَ نوريءَ جهڙيون وفاداريون ۽ نينهن نڀاهڻ جون خصلتون موجود هجن.

"وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾."

اونداهيءَ وڳڙي ڇڪلي وٽان گذر ٿيندو تہ ڪهڙو نظارو ڏسندا! ڏسٽا وائسٽا ڪامورا ۽ وڏيرا، منهن تي بوڇڻ ويڙهيو، پيا ڇڪلي مان ٻاهر نڪرندا- تڪا، تڪڙا، ڇڻ ڪمان مان تير نڪتو ٿو وڃي. خدا ڏسي تہ پيو ڏسي، پر واقف ماڻهوءَ جي نگاهہ نہ پوي!

پيو رستو سکر جي مين ريلوي اسٽيشن جي سامهون نڪري ريلوي ناچ گهر ۽ ڊاڪ بنگلي وٽان گذرندو، ليمجي چاڙهيءَ وٽان اچي وڏيءَ بازار ۾ پوندو.

وڏيءَ بازار جو ڇهڇٽو بہ ڏسڻ وٽان هوندو هو. شيوي بوديءَ جي مجارڪي دڪان تي اپر سنڌ جي وڏيرن جا ميلا لڳا پيا هوندا. هر قسم جي شي سوڪڙي موجود هوندي هئي. شيون ڏسي وڏيرن جا وات ڦاٽي ويندا هئا. "اصلي ولايتي مال" پيو نڪرندو، ڇو تہ شيوي بوديءَ جو ديسي ۽ نقلي مال ۾ ڪو وشواش ڪو نہ هوندو هو. جي ڪو آيو، ڇڻ ڪاريءَ تي پير پيس. سيٺ شيوي مل جي پنهنجي صورت بہ ڏسڻ وٽان هئي. بيحد ٿلهو، هر طرف پڪڙيل، ماس ئي ماس، ويني ويني وگهرجي ويو هو.

انهيءَ بزار جي پراڻي فوجداريءَ وٽ، آڏو پساريءَ جو هٽ هو. اتي بہ ساڳيو ئي حال . ساريءَ سنڌ جي طبيبن ۽ پسارين کي دوائون سپلاءِ ڪرڻيون پونديون هيس. ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهڻو پوندو، تڏهن وڃي ٿيندو هو نسخو تيار.

بزار جي ٻئي ڇيڙي طرف وڪيلن جون آفيسون هونديون هيون، درجنن مُنهين. جنهن در مٿان ڏسو، پيڪيدار بورڊ آويزان هوندو - "ديوان فلاڻو ولد ديوان فلاڻو بي. اي. ايل. ايل. بي.، بار ايٽ لاءِ هاءِ ڪورٽ ايڊووڪيٽ، وغيره وغيره". گهٽين ۾ وڪيلن جا دلال(ٽائوٽ) پيا لامارا ڪائيندا. ٻهراڙيءَ جو ڪو ٻروچ نظر آين تہ هڪدم تاڙي ويندا. ڪاهي پوندس ڪڍ - "ميان، اسان جي ديوان جي توکي ڪهڙي خبر؟ مرليڌر وڪيل بہ ڪالهہ ڪانئس صلاح وٺڻ آيو. ٽيو ڏينهن يڪا چار ڇٽا ڦاهيءَ تان لهرائي ڇڏيائين. ڌاڙي ۽ ڦر جو ڪيس تہ سندس اڳيان ڌهہ ئي ڪو نہ جهلي، چوريءَ جي ڪيس کي تہ ٻنهہ چرچو پيو سمجهي! زوريءَ زنا جي هڪ ڪيس ۾ ٽيو ڏينهن اهڙي آڏي پڇا ڪيائين جو فريادڻ روئي ڏنو، ۽ جوابدار ڪلندو ويو! پڳل رنن کي بنگلي تي چاڙهي، وات وڪيل نهرائي، نڪاح جي منظوري وٺي ڏيڻ ديوان جي هٽ جو

کيل آهي! پر وڪيل زبرو آهي، ڦي ڳوري وٺي ٿو. باقي اصيل وڃي پاڻهن سيراندي ڪري سمهي!"... ڪين خبر هوندي تہ جن ڪيسن جو هو بيان فرمائي ويا آهن، تن مان ڪنهن نہ ڪنهن ۾ ضرور خان واڏو قاتل هوندو. ريبي ريبي نيٺ وڃي ديوان وٽ پيش ڪندس. باقي رهيل کهيل هوش ديوان صاحب پاڻ پنهنجيءَ ائڪٽنگ سان ختم ڪندس. غرض تہ "منان مردم بلوش" جزالن ۽ بقالن هٿان ساري ڦونڪٽي ڦرائي، رهيل رقم جو واعدو ڪري، وڃي گهر سهڙندو.

هڪ دفعي انهيءَ وڪيلن واري محلي ۾ اچي باهہ لڳي. باهہ بہ باهين جهڙي، جنهن جاءِ تي آءٌ رهندو هوس، اوستائين شعلا نظر ٿي آيا. پاڙي ۾ هڪ وڪيل جو گهر هو. تنهن دانهن ڪري چيو:

"ميان راشدي، اٿ! ڪيس ٿي ويو. تون پيو اجا ننڊون ڪرين!"

"خير تہ آهي؟"

"خير وري ڪهڙو آهي، اسان وڪيلن جو سارو محلو پيو باهہ ۾ سڙي! نہ داد آهي نہ فرياد. اجا تائين پاٽيءَ جي انجڻ جو بہ سونچو ڪو نہ پيو ٻڌڻ ۾ اچي!"

تلهي وٽ هندو هوٽلون، مشهور ۽ معروف. ڪاڏي جا شرقين پريان پنڌ ڪري بہ اچي ات ڪائيندا. پٽاٽي چاپون، گوشت جا ڪنبا، پڳل تيوڻ، تريل پلي جا ٽڪر، وڙين جو ڳنڍڻ، دال جي ڪڙهي، چيڙن جون ڪتريون، ميهن ۽ تورين، پيندين ۽ بصرن جي پاچي، پاپڙ ۽ پُوريو، مکيل ڦلڪا، چٽني، آچار - مطلب تہ "ڊولڻَ جو گهُرٽو تِئي، گُهري وٺ." ڪاڏو سٺو، پر ڪاڏي ڏيندڙن ۾ صفائي ڪانہ. ساڳين هٿن سان ماني ڪڍندا، ساڳين ئي هٿن سان پيا بغل کنهندا ۽ ڌوتي درست ڪندا. مسلمانن لاءِ چينيءَ جون پليٽون، هندن لاءِ پاتل يا پپر جي پنن جا دونا يا ڪُٽ جا باسڻ. مسلمانن واريون پليٽون جدا رکيل هونديون، پر اهڙي "پيد پاو" جي باوجود بہ مسلمان گراڪ مکين جيان ستيا پيا هوندا. وڃن، سو وڃن ڪاڏي؟ "اسلامي" هوٽلن جو ڪاڌو هضم ڪرڻ ۾ قدري ڏکيو ٿي لڳو. گيهہ بدران چربي، گوشت جو الزام چيچڙن تي، ٻوڙ ۾ ٻُڪن مُنهين مرچ، ۽ نانن جي چڪڻ ۽ چباڙڻ لاءِ رڪ جي جاڙي ۽ ربڙ جون رڳون درڪار!

البت شڪارپور روڊ واري ميان عبدالرحمان جي چانهہ سا پيئڻ جهڙي هوندي هئي. ان جي خاطر ورهين جا ورهيہ ماڻهن جا ڳاهٽ رهيا. هڪ دفعي پيتوَ تہ ٻئي ڏينهن پاٽيهي ٻاڙ ڪٽندوَ. مون پاڻ پِي ڏٺي. سبحان الله! ڇا سواد،

ڇا خوشبو، ڇا رنگ! ڪن سالن بعد ئي وڃي راز کليو تہ ان ڇانھہ ۾ ڏوڏيءَ جو ڪافي مقدار درج ڪيو ويندو هو... پر اوستائين ميان عبدالرحمان عملاً رنائر ڪري چڪو هو!

وچ بازار ۾ هڪ ٻيو دڪان ميان عبدالخالق شڪارپوري بوٽن واري جو هوندو هو، جو صاحب مون سان خاص مروت ڪندو هو. پر بدقسمتيءَ سان هڪ واقعي ڪري اسان جي تعلقات ۾ ڪجھہ ڪشيدگي پيدا ٿي پيئي. اهو سال شايد 1922ع هو. بمبئيءَ جو گورنر، سر جارج لائڊ، سکر براج جو بنيادي پٿر رکڻ لاءِ سکر ۾ ساري صوبي جي دربار ڪري رهيو هو. انھن ڏينھن ۾ براج ڪالونيءَ جو نالو نشان ئي ڪو نہ هو، ٺلهو ميدان لڳو پيو هوندو هو. ٻين سان گڏ مون کي بہ بطور اخباري خاطوءَ جي دربار جي ٽڪٽ مليل هئي. سياري جي موسم هئي. دربارين کي پرھہ ڦٽيءَ اچي دربار ۾ ويھڻو هو. اڳئين شام تي لٽي ڪپڙي جي چند چاڻ ڪئي ويئي. ڏٺم تہ موجوده بوٽ پنھنجي عمر طبعي اڳ ۾ ئي پوري ڪري چڪو هو. تنھن ڪري نئين "شوز" خريد ڪرڻ لاءِ ڪاهي اچي ميان عبدالخالق جي دڪان تي پهتس، سلام ڪلام خوش خيرعافيت بعد، بوٽن جي پادرن جا انبار لاڻي ڇڏيائين. هڪ پادر پسند آيو، پائي ڏٺم. قيمت طئہ ٿي، رعايتي ۽ ڪفائتي، ميان عبدالخالق، تڪڙو تڪڙو ٻيو پادر بہ باڪس ۾ بند ڪري، باڪس مٿان سڳو ويڙهي، پارسل بڪيءَ ۾ رکرائي ڇڏيو. آءٌ خوش تہ خريداري ڪامياب رهي. ٻئي صبح اسر ويل ڪپڙا ڍڪي، ڍڪيءَ ۾ ئي دربار ڏانھن روانو ٿيڻو هو. سٿڻ قميص پهرڻ بعد بوٽ جو پهريون پادر پاتم، فٽ ٿي ويو. پر ٻيو پادر ڪٽي پير ۾ وجھڻ جي ڪوشش ڪريان تہ پير پادر ۾ پوي ئي ڪو نہ! پادر ماپي ڏٺم تہ معلوم ٿيو تہ پويون پادر ہہ نمبر ننڍو هو. مصيبت ٿي ويئي! منھن روئڻ جھڙو تارون خشڪ. اسر مهل بوٽ بدلجي تہ ڪٿان بدلجي؟ ۽ نہ وري گورنر جي دربار ۾ اگھاڙين پيرين وڃڻ جو ئي ڪو سوال پيدا ٿي ٿيو. وڃجي تہ ڪيڏانھن؟ نيٺ، مولا مدد پڪاري اکيون بند ۽ دل پڪي ڪري زور سان پير پادر ۾ وڌم. ڪُپو ٿي اندر لنگهيو، ۽ دربار جو سارو وقت، يعني چار - پنج ڪلاڪ، ڪرنڊڙيءَ حالت ۾ رهيو، بنھہ سڪي سڙي ويو. پر دربار جو شوق ڪٽيو بيٺو هو، ۽ ان جي تاريخي حيثيت جو احساس. جا ڪسٽي قسمت آندي هئي، سا نيٺ ڪاٽي

وڃي ٻاهر پيس. شام جو ميان عبدالخالق وٽ شڪايت ڪٽي ويس. همدردي گهڻي ڪيائين، پر جنهن صورت ۾ اهو بدنام پادر ٽورو استعمال ٿي چڪو هو، تنهن ڪري واپار جي رولن ريگيوليشين مطابق دڪاندار لاءِ ان جو واپس وٺڻ بيقاعدي هو. ان ڏينهن کان وٺي ميان صاحب ۽ اسان جا "ڊپلوميٽڪ تعلقات" ٽُٽي، هميشه لاءِ ختم ٿي ويا. الله تعاليٰ مون کي صبر جميل جي توفيق عطا فرمائي، ۽ ميان عبدالخالق کي پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي!

سکر جون ٻيون خصوصيتون ۽ چونڊ سوکڙيون هونديون هيون:

ديش ڀڳت ويرومل بيگراج جي گانڌي ٽوپي، ۽ جيڪي ڪجهه ان جي اندر سمايل هو.

ديوان پوڄسنگهه جي ڊگهي ٽالپري ڪلهنگي.

خانبهادر ميان پيربخش مرحوم جي عصا.

سائين ڪرم علي شاهه جو درٻاري لباس.

سائين ڪرم علي شاهه کي ڏسي، عبدالله صاحب سجاده نشين درگاهه شيخ شينهن جي دل جو دورنگي دنيا تان هڪدم اچاٽ ٿي وڃڻ.

ديوان صاحبسنگهه وڪيل جو هار سينگار ڪري، هڪ اک تي سونو مونوڪل لڳائي، گهڙيءَ پل ۾ ساري دنيا تي ڪاميابيءَ سان نظر ڦيرائي وڃڻ.

ريلوي ناچ گهر جو ناتال جي رات وارو رقص.

بلي‌ءَ ايڪٽريس جا، "دردِ دل عرف مِينِي چُري" کيل ۾ گانا - "روئي گي چپيڙ کائيگي، بُلي!"

مولوي محمد شعيب صاحب جون مارڪيٽ واريءَ مسجد مان بانگون.

گل خان جي هوٽل جا نان - پاوا.

عبدالرحمان جي ڪڙڪ چانهه.

درياهه جا تازا پلا.

ساڌ ٻيلي جا ٽلها متارا پر چوريءَ ڦاسايل ڪڳا.

برف چاپ جون ڪلفيون.

سکر واهه جي پل وٽان صبح جو نظارو.

ٽَڪر جي ٿڌي رات.

ڪرڙيءَ واري پوليس ٿاڻي جي مارڪُٽ.

# سرڳواسي ٽيڪچند ماکيجاڻي

وڏن ماڻهن، ليڊرن ۽ مالدارن کي ڪجهه وقت لاءِ اکين کان ٽاري، اچ آءُ پنهنجن انهن سچڻن ۽ ساٿين جي ياد ۾ ڪجهه ڳوڙها ڳاڙيان ٿو، جن جي محبت منهنجي زندگيءَ کي معنيٰ بخشي ۽ برداشت جي قابل بڻايو.

پنهنجي حياتيءَ اندر، تجربي ۽ تحقيق ڪندي ڪندي، جا قيمتي حقيقت مون تي کُلي آهي، سا هيءَ ته سچيءَ محبت ۽ بيغرض دوستيءَ جي ڳولائن کي محلن ۽ ماڙين ڏانهن نه، پر غريبن جي ڪکاين جهوپڙين ۽ مسڪينن جي شڪسته مڪانن ڏانهن منهن ڪرڻ گهرجي. ماڙيون دغا ۽ دولاب، روچ ۽ روڳ جو گهر آهن، مسڪينن جون پونگيون محبت ۽ وفاداريءَ، صفائيءَ ۽ سچائيءَ جو مرڪز! جي مارئيءَ جي دل آهي ته پنهنجو مقام مارن جا پکا آهن، ٿوڳن ۽ ٿوهرن ۾، ۽ نه عمر جي ماڙيءَ، باغن ۽ باغيچن ۾. دلين جو ڪوس ڪراڙو آهي ته هلو بنگلن ڏانهن. دلين کي ڏوڙٺو آهي ته ڳوليو اڏ آڏيل آڏاٽا، اباڻن جا، پيٽ بکين ۽ انگ اگهاڙن اباڻن جا، آباديءَ کان پري، تمدن کان ڏور، پٽن جي پر ۾!

سرڳواسي ٽيڪچند ماکيجاڻي سکر ميونسپل جي جنرل لئبرريءَ جو لئبررين هو..اخلاق، ايمانداريءَ، سچائيءَ ۽ دوستيءَ جو مجسمو هو، ۽ پنهنجي مذهب جو ڪوڏيو. فرض جي بجاآوري ۽ دوستيءَ جو نيباهه ڪو ڪانئس سکي. ديوان پوڄسنگهه سندس لئبرري ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري هوندو هو. پوڄسنگهه جي اهڙي عزت ڪندو هو، جهڙي پنهنجي پتا جي. سکر ۾ وبا پوي، طوفان اچن، بارشون ڪڙڪن، ۽ رستا واهه تي چڙهن، پر ٽيڪچند هر حال ۾ ديوٽيءَ جي مقرر وقت کان مڙيوئي پنج منٽ اڳ لئبرريءَ ۾ موجود هوندو. بيمار هوندو، نست ۽ ناتوان، پر جيستائين پوڄسنگهه لکت ۾ موڪل منظور نه ڪري، ٽيڪچند پاڻ ڪٽ تي ڪڻائي به اچي آفيس ۾ حاضر ٿيندو. لئبرريءَ جي ڪتابن کي اولاد ڪري پالئيندو. مجال آهي جو ڪنهن ڪيٽ يا ڪتاب يا رسالي تي مٽيءَ ذرو رهجي وڃي!

پنهنجي ماتا ۽ پتا جي پيرن جي پيزار هوندو هو. مهيني جي پهرين تاريخ ساري پگهار آڻي سندن اڳيان رکندو. هو پنهنجن هٿن سان جيڪا خرچي ڏيندس، سا وٺي اچي دوستن ۽ يارن کي ڪارائڻ پيارڻ تي خرچ ڪندو. والدين

اڳيان حرام جو بيحجاب تي ڳالهائي، يا سندن گفتي کي کو رد ڏئي. جو چون، سو صحيح ۽ سند طور پيش ٿيڻ جي قابل. ڏانهن پنهنجي ڏيئي ڪڏهن نه هلندو. وڏي پاءُ جي موجودگيءَ ۾ محض مشڪندو به ڪو نه. پاڻ ڪان وڏا گهر ۾ موجود هوندا ته پنهنجي ڌرم پتنيءَ سان به نه ڳالهائيندو. هوڏانهن هوءَ مائي به پنهنجي منهن تي لٽو ڏيئي پيئي هلندي. عام حياداريءَ جو هيءُ عالم، جو منهنجي واقفيت وارن پندرهن سالن اندر مون ڪڏهن به ڪو نه ڏٺو ته هن ڪنهن ڌاريءَ عورت ڏانهن ڇڙو اکيون کڻي به واجهايو هجي. عورت جو پاڇو پوندس ته اکيون وجهي زمين ۾ کپندس. ڪنهن به انسان جي دل ڏکوئڻ پاپ سمجهندو. زيردستن کان خطا تي پئي ۽ پاڻ ناراض ٿيو، ته سندس مُک مان جي سخت کان سخت اکر نڪرندا، سي هي هوندا: "ڀائي صاحب، پوءِ اها ڳالهه ته ڪا نه نهي!". مون کي يقين آهي ته سڄي حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪوڙ ڪو نه ڳالهايائين.

بدقسمتيءَ سان، 1930ع ڌاري ۽ ان کان پوءِ، سکر هندو - مسلم ڇڪتاڻ جو وڏو مرڪز بنجي چڪو هو. هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ پهرين پهرين نفاق جي جيڪا باهه پڙڪي، ۽ جنهن باهه پوءِ وڏي ساريءَ سنڌ جي سون ورهين جي شاندار تاريخ، روايتي پريم، مثالي تهذيب، بلڪ ماڻهپي کي به ڀسم ڪري ڇڏيو، تنهن باهه جي پهرين چڻنگ سکر ۾ دکي. شروعات 1929 -30ع ۾ ٿي، پوءِ ڏهه سال دکندي رهي. آخر 1940ع ۾، منزلگاهه مسجد واري سوال تي پڙڪو کائي اٿي، ۽ هزارن مُنهين انساني حياتين ۽ ڪروڙين رپين جي جائداد کي ساڙي ٻاري وجهي ٻاهر پئي.

1930ع واري هندو- مسلم فساد جي سلسلي ۾ ڪن تنگدل هندو مهاسڀاين مسلمانن خلاف ڪوڙا فوجداري ڪيس داخل ڪيا. جيڪو به چرندڙ پرندڙ، قومي ڪم ۾ مسلمانن جي خدمت ڪندڙ مسلمان ڏٺائون، تنهن کي جيل ۾ وجهائڻ جي ڪوشش ڪيائون. منهنجي پريس ("سنڌ زميندار") جو مئنيجر، مرحوم نظر علي خان به سندن زد ۾ اچي ويو. مرحوم ڪان ٻيو ڪجهه تي سگهي يا نه، پر هندو - مسلم سوال تي تقرير ضرور ڪندو هو، ۽ سا به وڏي گرجدار آواز ۾، جيڪا هندو مهاسڀائي مهاشين جي ڪنن کي ڏاڍي ڳوري لڳندي هئي. مٿس ڪيس داخل ٿيو، ۽ الزام هي آيس ته فساد واري ڏينهن، جنرل پوسٽ آفيس جي ٻاهران کليل ميدان ۾، هن صاحب، ڀائي چوئٿرام جي

پيٽ ۾ آر لنگهائي سندس پران پورا ڪرائي ڇڏيا. اهو قصو هو سچو ڪوڙو. نظر علي خان، ۽ ڪنهن جو ساهه ونيءَ؟ امير جان باورچي ڪڪڙ جو ٻچو ونيءَ ايندو هو ته ان جي ذبح ٿيڻ بـ مرحوم اکين سان ڏسي ڪو نـ سگهندو هو. بهرحال، ڪيس داخل ٿي ويو ۽ ڪراچيءَ ڪان آيل سي. آءِ. ڊي. عملدارن سختيءَ سان جاچ شروع ڪري ڏني. نظرعلي خان جي پريشاني ڏسڻ جي قابل هئي.

اصل حقيقت هيءَ هئي تـ فساد واري ڏينهن آءٌ ۽ نظر علي خان مورڳو سکر هئاسون ئي ڪو نـ. اڳينءَ شام جو اسين ٻيئي ريل ۾ چڙهي لاڙڪاڻي هليا ويا هئاسون. پنهنجي غير حاضريءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ شاهد ڪٿان آڻيون، ۽ سي بـ غير مسلم، ڇو تـ ان وقت جي فضا اندر مسلمان ملزم جي فائدي ۾ مسلمان شاهد جي شاهدي خود بخود ڪوڙي سمجهي ٿي ويئي، ۽ تنهن ڪري بيڪار هئي، هينئر هندو شاهد اچن ڪٿان؟ شاهدي ڪيتريقدر بـ سچي ڇو نـ هجي، پر ڪهڙي هندوءَ کي مجال هئي جو پنهنجي جاتيءَ جي فائدي، پاليسيءَ ۽ آڳيا خلاف لبڪشائي ڪري سگهي؟

جنهن ڏينهن اسين لاڙڪاڻي روانا ٿي رهيا هئاسون، مسٽر ماکيجاڻي اسان کي ڇڏڻ لاءِ ريلوي اسٽيشن تائين آيو هو، ۽ جيستائين ٽرين ڇٽي هلي، هو پليٽفارم تي موجود هو. ڪيس داخل ٿيڻ بعد ضرورت محسوس ٿي تـ مسٽر ماکيجاڻي اها شاهدي اچي پوليس اڳيان ڏئي. پر ماکيجاڻي هندو هو، ۽ مسٽر نظر علي خان جي نظر ۾ ڪَٽي قسم جو، ڇو تـ ساڻس گفتگو جي دوران هو صاحب هميشه هندو ڌرم جي اصولن جي چڱائيءَ جو شرح ۽ بيان ڏاڍي زور سان ڪندو رهندو هو. اهو سچ هو تـ ماکيجاڻيءَ جو پنهنجي ڌرم سان ڳوڙهو پريم هو، سندس ايمان هو تـ هندو ڌرم ۽ ڌرمي ريتن رسمن ۾ اهڙي ڪا بـ شي ڪا نـ هئي، جنهن جو بنياد عقل ۽ انسانذات جي فائدي تي رکيل نـ هجي.

مسٽر نظر عليءَ جي نااميديءَ جي باوجود، مون وڃي ماکيجاڻيءَ سان سندس شاهديءَ جي ڳالهه ڪئي. ٻڌندي ئي تيار ٿي ويهي رهيو. چيائين:

"آءٌ سچ چوڻ ڪان ڪڏهن ڪو نـ پوئتي پوندس!"

"پر ان مان هندو قوم ۾ تنهنجي خلاف ڏاڍي ناراضگي ڦهلبي."

"سچ تـ بيٺو نچ!"

"۽ تنهنجي پتا منع ڪئي تہ پوءِ؟"

"منهنجو پتا سچو هندو آهي. پنهنجي پٽ کي ڪوڙ ڳالهائڻ تي هرگز ڪمپيل(مجبور) نہ ڪندو."

"۽ جيڪڏهن جنرل لئبرري ڪاميٽيءَ جي "ڪافرن" توکي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو تہ پوءِ؟"

"مسٽر راشدي، اهائي تہ زور آوري پيا ڪريو. ڪافر ڪنهن کي نہ چئجي. ڪافر ڪو بہ ڪو نہ آهي. سڀ ڌڻيءَ جا ٻانها آهن. ڌڻي چڱو، تہ ٻانها بہ چڱا. نوڪري ڪسيندا تہ ڇا ڪري وجهندا؟ رزق جي جوابداري انهيءَ مالڪ تي آهي. جنهن پيدا ڪيو آهي، تہ نپائيندو بہ اهو."

ان کان پوءِ هڪ ڊگهي تقرير ڪيائين، جنهن جي دوران ۾ سڪمني صاحب ۽ ٻين هندو پستڪن جا بيشمار ٽڪرا بطور ثبوت جي پيش ڪندو ويو.

آخر انڪوائري آفيسر اڳيان اچي شاهدي ڏنائين، ۽ مسٽر نظر علي خان جي جان ڇٽي.

سرڳواسيءَ جي سادگيءَ ۽ اسان سندس دوستن جي پُرڪاريءَ جو هڪ واقعو ٻڌو.

آءٌ مٿي لکي چڪو آهيان تہ هو صاحب ڏاڙيءَ عورت جي پاڇي کان بہ بيزار هوندو هو. هڪ دفعي اچي اسان کي شرارت سُجهي.

مون چيومانس: "فلاڻي ڇوڪري توتي ڇڪن تي پيئي آهي. تون ڪيس ڪو منهن ڪو نہ ٿو ڏين. پرماتما وٽ ڪهڙو جواب ڏيندين؟"

پرماتما جو نالو ٻڌي ڏڪي ويو، ۽ چيائين:"پر پرماتما جي ئي آگيا آهي تہ پنهنجيءَ ڌرم پتنيءَ سان سچا رهو!"

"جيڪڏهن پرماتما جي اها مرضي هجي ها تہ پوءِ توکي اهڙو حسن ڇو ڏئي ها، جيڪو هر ڏسندڙ ڇوڪريءَ کي ساڙيندو ٻاريندو رهي ٿو؟ قادر جو ڪو بہ ڪم ڇڱي مطلب کان خالي نٿو ٿئي."

سندس ظاهري صورت معموليءَ کان بہ ٿورو گهٽ هوندي هئي، پر اسان جي يقين ڏيارڻ تي خاطري ٿي ويئي هيس تہ پاڻ واقعي حسين آهي. مٿيون جملو ٻڌي، پنهنجي ڪرسيءَ تي ڪڙو ٿي ويهندو. پتلون جي ڪريز ۽ ٽاءِ کي درست ڪري، منهن تمام ڳنڀير بڻائي، چوڻ لڳندو:

"مسٽر راشدي، مان اوهان جي راءِ ڪو نہ ٿو ريڻيان، پر انهن ڪمن ڪرڻ سان تہ مورڳو ڌرم ڀرشٽ ٿي ويندو."

"ڌرم عشق آهي، ۽ عشق ڌرم آهي. دل ۾ عشق ۽ عشق جو درد نہ هوندو تہ ڇڙيءَ جسماني تپسيا سان ڌرم ڪهڙيءَ طرح درست ڪري سگهبو؟"

"اسان جي پستڪن ۾ بہ اهو ئي لکيل آهي. پر ماڻهو عشق تہ پنهنجي ڌرم پتنيءَ سان بہ ڪري سگهي ٿو؟"

"اهو تہ ٺيو تنهنجي عشق جو نمونو، جو اصولاً بلڪل صحيح آهي، پر هن غريب ڇوڪريءَ کي جو اچي لڳو آهي عشق، تنهن جو علاج ڪهڙو ٿيندو؟ جي هوءَ اِن عشق ۾ مورڳو مري وڃي تہ پوءِ ان جو بنبال ڪنهن تي پوندو؟....پوءِ تہ ڇڻ تون خوني ٿي پئين! ۽ اوهان جي شاسترن ۾ تہ شايد اهو بہ لکيل آهي تہ جيوَهتيا نہ ڪجي!"

"مون کي پڻ اهو ويچار ٿئي ٿو. جڏهن کان اوهان ڳالهہ ٻڌائي آهي، پورو روٽيءَ ٽڪر بہ ڪو نہ ٿو وڻيم. جيڪڏهن اوهين چئو تہ مان پنهنجي ڌرم پتنيءَ سان بہ صلاح ڪريان! نيٺ زالون زالن جو ڪاڄ آهن. مانَ ڪو ڳُر ٻڌائي؟"

"تنهنجي مت تہ، ديوان صاحب، وئي آهي ٻنهہ مارجي. جي مائيءَ کي وڃي اها خبر ٻڌائيندين ۽ ڪانئس مشورو ۽ موڪل وٺندين، تہ موڪل موڪل جي جاءِ تي، توکي بہ موچڙا هڻي گهرکان ٻاهر پڃائي ڇڏيندي، ۽ تنهنجي پتا کي بہ وڃي خبر ٻڌائيندي. ساڳئي وقت، اسان، تنهنجي سچن دوستن جي ريپوٽيشن پڻ خواهہ مخواهہ خاڪ ۾ ملي ويندي!"

اسان جو هڪ ٻيو دوست هوندو هو - "ريمنگٽن" ٽائپ رائٽر جو مقامي ايجنٽ، مسٽر ٽينڊبن. اصل يو. پيءَ جو رهاڪو هو، سخت تيزفهم پر بيرحم. تنهن ان فرضي ڇوڪريءَ جي نالي ۾ هڪ درد ڀريو خط جرئت ڪري مسٽر ماڪيجاڻيءَ جي ائڊريس تي ٽپال ۾ وجهي ڇڏيو. ان خط ۾ اظهار محبت بعد اهو بہ دڙڪو ڏنل هو تہ "جيڪڏهن فلاڻي ڏينهن، فلاڻيءَ جاءِ تي تون اچي مون سان نہ ملندين تہ آءٌ سڌو روهڙيءَ واريءَ پل تان وڃي پاڻ درياهہ ۾ اڇلائيندس ۽ آپگهات ڪنديس! مرڻ کان اڳ هڪ خط تنهنجي پتا ڏانهن ۽ ٻيو تنهنجيءَ زال ڏانهن بہ روانو ڪري ڇڏينديس، جنهن ۾ لکيل هوندو تہ تون منهنجي ڌرم ڀرشٽ ڪرڻ بعد مون ساڻ پنهنجا واعدا نہ پاڙيا، تنهنڪري آءٌ دنيا ڇڏيو ٿي وڃان!"

هڪ روز منجهند جو پري ڪان ڏسان تہ مسٽر ماڪيجاٽي پڳو ٿو اچي. ڊنل، گهبرايل، پگهر ۾ پريل - اچڻ سان آرام ڪرسيءَ تي ڍهي پيو ۽ منهن تي رومال وجهي روئڻ شروع ڪري ڏنائين. آءٌ حيران، پريشان، تہ آخر ڪهڙي مصيبت اوچتو مٿانس نازل ٿي آهي. اجا صبح جو تہ وٽانئس ٿي آيو هوس. ٽينڊن جي شرارت جو اوستائين مون کي ڪو پتو ڪو نہ هو.

حڪم ڪيائين: "ماڻهو ٻاهر ڪڍ!" تعميل ڪيم. ايتري ۾ ٽينڊن جو سندس پيرو ڪنيو ٿي وتيو، سو بہ اچي مٿان سهڙيو. مون ماڪيجاٽيءَ کان پڇيو تہ حڪم هجي تہ ٽينڊن کي بہ ٻاهر ڪڍان؟ چيائين، "نہ نہ، ٽينڊن تہ پنهنجو ڊولڻ يار آهي، عقل بہ گهٽ اٿس، ان جي برين (Brian) جو فائدو وٺڻو آهي!"

پيو حڪم ٿيو: "در بند ڪراءِ!" در بند ٿيا.

درين جا طاق ڏياري ڇڏ!" اٿي طاق ڏنم.

"بجليءَ جي پکي جي چيئون - چيئون بند ڪر! ڊسٽرب ڪندو!" پکو بند ٿيو.

ان کان پوءِ، خط کيسي مان ڪڍي مون کي ڏنائين. هيڏانهن مون خط پڙهڻ شروع ڪيو، ۽ هوڏانهن ماڪيجاٽيءَ جي اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا: اکيون مٿي ڪٽي، مون ڏانهن ڏسي، ڳوڙهن جي لڙي ڏرتيءَ تائين پڄائي، وري اکيون بند ڪري، ڪنڌ هيٺ لاڙي، گوڏن تي پيو هٿ هڻي. هوڏانهن ٽينڊن، خط سڃاڻي، تير نشان تي پوندو ڏسي، پنهنجو مُنهن ڪومائي، سر تاپا سوال جي صورت بڻجي ويهي رهيو. خط ڏسندي ئي آءٌ سمجهي ويس تہ اها حرڪت ڪنهن جي آهي.

پاڻ پڙهي، خط ٽينڊن کي ڏنم. ٽينڊن خط جا پهريان بہ جملا ڏسندي ئي زور سان اچنگار ڪئي. هيڏانهن ماڪيجاٽي اچنگار ڪڍي، هوڏانهن ٽينڊن اٿي ٻانهون وڌايون، ۽ هيڏانهن ماڪيجاٽيءَ وڌي ٻانهون ڊگهيون ڪيون.....ٻئي ٻاڪرين پئجي ويا، ۽ اچنگارون ڏيئي روئڻ لڳا! ٽينڊن ڌرتيءَ تي ڪري پيو ۽ پنهنجي ٻــڪَ ۾ ماڪيجاٽيءَ کي بہ هيٺ ڪٽيو ويو. هينئر ڏسان تہ ٽينڊن ۽ ماڪيجاٽي، ٻئي پيا ڌرتيءَ تي ڦٿڪن!

گهڙيءَ کان پوءِ ٽينڊن ڪٽي اکيون ٻوٽيون، ڄڻ تہ بيهوش ٿي ويو آهي. سندس واتان روح جو آواز بند ٿي ويل ڏسي، ماڪيجاٽيءَ ڪـرَ ڪٽي ڏانهنس نهاريو. اڳئين کان وڌيڪ زور سان اچنگار ڏيئي، ڏانهن ڪيائين: "تون اجا

وينو ڏسين! ويچاري ڪي ڏنڊڻ پئجي ويا آهن! پاٽيءَ لوڻو ڪڻ، منهن تي وجهينس ۽ ڏنڊڻ پچينس!"

مون ڪي اهي اِنسٽرڪشن ڏيئي، پاڻ وري اڪيون پوڻي روئڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

هينئر جي آءُ ڪلان ٿو ته ماڪيجاڻيءَ جي دل ڪي صدمو رسي ٿو. جيڪڏهن اصلي حقيقت ظاهر ڪريان ٿو ته ڳاهي اعتبار نه ڪندو. ظالم ٽيندن تنوڙ جي سڻي هٽي، لاچار، اتي پاٽي پري آيس، ۽ ڏنڊڻ پچڻ لاءِ نظر علي خان مرحوم جي ڪُتل ٽُوٽ برش جي ڏانڊي هٽ ڪيم. پاٽيءَ جو لوڻو ڪٽي ٽيندن جي منهن ۽ ڪپڙن تي نايم. تڏهن بہ سندس چند قائم! آخر برش جي ڏاڻي زور سان وٺي وات ۾ لنگهائيمانس اڪيون پٽي، اشارو ڪيائين تہ "ان ڪان بچاءِ!" بن – ٽن منٽن ڪان پوءِ، پاسو ورائي، ماڪيجاڻيءَ ڏانهن نهاريائين. ماڪيجاڻي هر اڪيون ڪولي ۽ هر بند ڪري – بنهي حالتن ۾ سندس سڏڪا چالو! ٽيندن هٽ ڊگهو ڪري پاٽيءَ جو بيو پريل لوڻو مون ڪان ورتو، ۽ وٺي ماڪيجاڻيءَ جي مٿي ۽ جسم تي اڇلايائين. مون ڪي هڪل ڪيائين:"ماڪيجاڻيءَ تي اجا بہ پاٽي وجهہ، مبادا سندس هارٽ فيل ٿي وڃي!" مون بيو لوڻو پري آڻي ڏنس. وري بہ ماڪيجاڻيءَ تي وڌائين. غرض تہ پاٽيءَ ۽ گپ ۾ بنهي جا سوٽ پرجي چوڙو ٿي پيا. سندن پنهنجن منهن ۽ مٿن جو حال تہ ان ڪان بہ ابتر هو.

اڌ – مُني ڪلاڪ بعد ٽيندن پاڻ بہ اٿيو، ۽ ماڪيجاڻيءَ ڪي بہ اٿاري، سڌو ڪري وري آرام ڪرسيءَ تي ويهاريائين. مون ڪي چيائين: "آءُ هاڻ گهر ڪو نہ ويندس. منهنجي زال ۽ ٻاتي چا چوندا تہ ڪٿان آءُ سوٽ ۽ پنهنجو مٿو خراب ڪرائي آيو آهيان! مون ڪان ڪوڙو جواب ڏنو ڪو نہ ٿيندو. جي سچي ڳالهہ ٻڌائيندس تہ منهنجي دوست جي بدنامي ٿيندي. خدانخواستہ، سياڻي جيڪڏهن اها چوڪري وڃي آپگهات ڪري ۽ پوليس – جانچ شروع ٿئي، تہ هيءُ واقعو اسان ڪي ملزم ثابت ڪرڻ لاءِ بلڪل ڪافي ٿيندو!"

مسٽر ماڪيجاڻيءَ بہ فرمايو: "ڪوائٽ رائٽ! پوءِ تہ "سِٽُوئيشن" سچ پچ "ڊپليڪيٽ" ٿي پوندي!"

قصو ڪوتاهہ – ٽيندن ماڪيجاڻيءَ ڪي وٺي وڃي اندرينءَ ڪوٺي ۾ وينو. پنهنجو بہ سوٽ لاٿائين، ماڪيجاڻيءَ جو سوٽ بہ لهرايائين. اهي ڪٽي وڃي مون

وڏا سُڪڻا. پاڻ انگوشا ٻڌي ويهي رهيا. مون ٽينڊن کي پاسي ڪري چيو تہ"خدارا هاڻي وڏيڪ بدمعاشي بند ڪر، نہ تہ ماڪيجاڻي غريب جو خون ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو!"

"هائو، پر پهرين شربت، ماني، ميوو آلو ۽ سُڪو ڪاراءِ - ورنہ رات تائين ماڪيجاڻيءَ کي هِت ويهاري ويٺو هوندس! ٻي ڳالهہ تہ ڪانئس بک هڙتال بہ ڪرائيندس، تہ جيئن سندس عاشق ڇوڪريءَ جي دل پڇي پوي ۽ پنهنجو ضد ڇڏي ڏئي ... پوءِ تہ تنهنجو ماڪيجاڻي سچ پچ مري ويندو!"

مجبوريءَ وچان، جا بہ شي طلب ڪيائين، سا آڻي موجود ڪيم. ڪائي پِي، سُـوٽ سُـڪائي، نئين استري ڪرائي، روانو ٿيڻ لڳو. وچڻ ڪان اڳ مشورو ڏيئي ويو تہ "ڇوڪريءَ جي ڏسيل جاءِ تي ماڪيجاڻيءَ پاران راشدي وچي، ۽ وچي ڇوڪريءَ کي سمجهائي ان ارادي تان باز آڻي."

ان وقت تہ مسٽر ماڪيجاڻي بہ هليو ويو، پر اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ وري واپس آيو. ڪُنڊ ۾ وٺي وڃي چيائين: "گهر پهتس تہ هڪ پائنٽ ويچار ۾ آيم. چيم تہ ڊوڙي وڃي پنهنجي ياءَ جي ڪن تي وجهي اچان؟"

"چڱو ٿيو جو آيا. فقط پائنٽ ٻڌايو!"

"ڇوڪريءَ کي هيءَ ايڪسپلين ڪندا تـہ مسٽر ماڪيجاڻي اڳ ۾ ئـي پرٽيل آهي!"

موٽي اچي آءٌ ميز تي ويٺس. پر گهڙي نہ گذري تہ ماڪيجاڻي وري موجود -

"خير تہ آهي ؟"

"ون مور پائنٽ!"

"ڇوڪريءَ کي پل هيئن بہ ٻڌائيندا تہ مسٽر ماڪيجاڻي جا ويچار هينئر برهمچار پاسي پيا هلن!"

مسٽر ماڪيجاڻيءَ جي اها اچ ۽ وڃ، آنڌ ۽ مانڌ ڏسي، آءٌ در بند ڪري ويهي رهيس. ان ڪان پوءِ بہ هڪ دفعو هو صاحب موٽي آيو، پر نوڪر واتان اهو ٻڌي تہ آءٌ ٻاهر نڪري ويو آهيان، واپس هليو ويو.

آخر فرضي ڇوڪريءَ واري فرضي خط ۾ مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت تي، گهڙيءَ - سوا لاءِ، ٻاهران ڦيرو ڪائي، اچي مسٽر ماڪيجاڻيءَ سان مليس ۽ ڪيس تسلي ڏنم تہ ڇوڪريءَ کي سمجهائي پرچهائي، باز آڻي ڇڏيم: "برهمچار جي امڪان جي خبر ٻڌي تہ ڇوڪري بنهہ پڇي ويئي!"

پاڻ فرمايائين: "مسٽر راشدي، اوهين ويچار ڪري ڏسو. ڇوڪريءَ ڪي پَوتـَر لوِ(Love) ڪا نہ هئي! "ڪام" جو پاڇو پيل هوس. تنهنڪري ئي برهمچاڙ جو ٻڌي ٻچي ويئي! اڇوڪيون گهٽيون ڪاليجي ڪنيائون آهن ئي "ڪام" جي ڪڍ. ۽ ڪام جي ڇو نہ ڪڍ هونديون؟ صبح ويل ڪائن بيدا، منجهند جو واپرائن ماس، ۽ رات جو ڏسن ناٽڪ!"

ان فتح عظيم جي خوشيءَ ۾، مسٽر ماڪيجاڻي اسان ٻن - چئن ساٿين ڪي تلهي واري ريسٽورانٽ تي وٺي وڃي پارٽي ڪارائي. پارٽيءَ ۾ ٽيندن بلڪل بيدرديءَ سان ڪاڏو، ۽ مرڻ جيئڻ جي ڪا نہ ڪيائين. آخر تہ بہ غريب ماڪيجاڻيءَ ڪي ئي پرٽو تي پيو!

افسوس اهو آهي تہ ان ڏينهن، گفتگو هلندي، ٽيندن ۽ مسٽر ماڪيجاڻيءَ جي وچ ۾ تلخي پيدا ٿي پيئي.

ٽيندن، گذريل واقعي تي آخري رائزني ڪندي چئي وينو تہ "ڇوڪري تہ هئي ڪام جي پوڄارڻ، پر مسٽر ماڪيجاڻي بہ ماڪيجاڻي نہ آهي: عشق ۽ محبت جي معاملي ۾ جنهن طرح هو "بنگل" ڪري ٿو، ان مان ظاهر آهي تہ هو ماڪيجاڻي نہ، پر "مَـکي کاڻي" (يعني مکيون کائيندڙ) آهي!"

"مکي کاني؟ نان سينس! شٽ اپ! واٽ آر يو ٽاڪنگ؟ يو آر انسلٽنگ مي!"[1]

ماڪيجاڻي صاحب غصي ۾ بلڪل پيلو ٿي ويو، ۽ ان ڏينهن کان پوءِ وري ڪڏهن بہ ٽيندن جي ويجهو نہ ويو. مون گهڻي ڪوشش ڪئي تہ ٻنهي ۾ وري صلح ڪرايان، پر مسٽر ماڪيجاڻي پنهنجي ضد تي قائم رهيو.

هندو ڌرم جي ڇڳاين ٻڌائيندي مسٽر ماڪيجاڻي ڊاپندو ئي ڪو نہ هو. هڪ لڳا نظر علي خان ۽ منهنجي اڳيان ورياڪياڻ ڏنائين. صحت بابت هندو ڌرم جا اصول - ان سلسلي ۾ ٻڌايائين تہ شاسترن ۾ لکيل آهي تہ سنان وقت ماٿوءَ ڪي سرينهن يا ڇانيي جي تيل جي آگر پري، جسم جي هر سوراخ ۾ ڦيرائي ڇڏڻ گهرجي.

نظر علي خان مرحوم ڪي پنهنجيءَ صحت جو هر وقت خيال رهندو هو. تنهنڪري مفت ۾ جيڪا بہ دوا يا ڪو سستو ۽ سولو ڏس ملندو هوس تہ

---

[1] Makhi Khani? Non sense! Shut up! What are you talking? "You are insulting me!"

هڪدم پاڻ تي آزمائي ڏسندو هو. تنهن صاحب ماڪيجاڻيءَ وارو ڏس ٻڌي ڪو دل ۾ رکي ڇڏيو هو. بواسير جي شڪايت اڳ ۾ ئي هيس. ٻئي ڏينهن صبح جو غسلخاني ۾ ويو. گهڙيءَ ڪن ڪان پوءِ غسلخاني مان دانهون اچڻ لڳيون، پر تمام زور سان، ڊوڙي غسلخاني ڏانهن ويس.

"آغا، خير ته آهي؟ ڇا ٿي پيو؟ در ته کول!"

"ظالم! پڇي وچ! تون به ظالم، تنهنجا يار به ظالم!"

"پر آغا! غسلخاني اندر اسان توسان ڪهڙو ظلم ڪيو؟"

"ڪهڙو ظلم ڪيو! خدا جي مار پوي توتي ۽ ماڪيجاڻيءَ تي، مون سان ناحق ڪري ڇڏيوَ!"

ان ڪان پوءِ پيو اڌ ڪلاڪ ڪن به دانهون ۽ گاريون غسلخاني منجهان اينديون رهيون. نيٺ آغا صاحب گوڏ ٻڌي، ٽاهڙندو ڦتڪندو، اچي کٽ تي ڪري پيو. سو به اهڙيءَ طرح، جو منهن هيٺ ۽ پٺ مٿان.

معلوم ٿيو ته آغا صاحب غسل بعد، هندو شاسترن ۽ مسٽر ماڪيجاڻيءَ جي وياڪياڻ تي عمل ڪندي، ڇانيي جي تيل مان آگر پري استعمال ڪرڻ فرمائي هئي! تيل وڃي لڳو هوس موڪن تي، جن جي سڙڻ ۽ ڪڙهڻ ڪري اها قيامت ڪڙي ٿي هئي. برابر ٽي - چار ڏينهن آغا کٽ تي ڦڙهه ٿيو پيو هو، ۽ مکڻ استعمال ڪندو ٿي رهيو.

آغا جي غصي جو اهو حال ڏسي، مون مسٽر ماڪيجاڻيءَ کي بروقت اطلاع ڪري ڇڏيو ته "آغا سان ائڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي. مبادا اوهان سان ڪو متيپد ٿي پويس، تنهنڪري ٻئي اطلاع تائين پريس ڏانهن اچڻ جي تڪليف نه فرمائجو!"

## آغا نظر علي خان مرحوم

سرگواسي ماڪيجاڻيءَ جي ذڪر هلندي، آغا نظر علي خان جي ياد به پيئي ستائي، تنهنڪري سندس احوال به هن ئي موقعي تي قلمبند ڪري ڇڏيان ٿو.

مرحوم لاڙڪاڻي جو وينل ۽ پهريائين پي. ڊبليو. ڊي ۾ داروغو هو. قومي ڪمن سان گهڻي دلچسپي هيس. لاڙڪاڻي جي ڪنِ ڪٽر هندن جو ستايل هو. 1927ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ هندو- مسلم فساد ٿيا. فساد جي مڪيه ڪيس ۾ جي مکيه مسلمان جوابدار بڻايا ويا، تن مان هڪ نظر علي خان به هو. مقدمي مان باعزت آزاد ٿيڻ بعد، مسٽر کهڙي ڪيس "سنڌ زميندار" پريس

جو مئنيجر مقرر ڪري سکر روانو ڪيو. ٻن - ٽن مهينن کان پوءِ آءٌ بہ ساڳيءَ پريس ۾ ايڊيٽر ٿي ويس. مئنيجر ۽ ايڊيٽر جي پگهار، انهن ڏينهن ۾ هئي هڪ روپيو يوميہ. ۽ اهو سال هو 1929ع.

نظر علي خان جي حياتيءَ جا اصول هئا: مالڪ پريس (مسٽر کهڙي) ذات سان وفاداري، خرچ جي معاملي ۾ ڪفايت شعاري، بني نوع انسان تي بي اعتباري، هندو ذات کان بيزاري، اڇيءَ چمڙي(يعني انگريزن) اڳيان نيزاري، مسلماني نالي ۾ مستقل آه ۽ زاري، صحت جي معاملي ۾ خبرداري، مفت جي ماني ملي تہ پيٽ کي پوريآزادي، بيماريءَ جي حالت ۾ دانهن ڪوڪ سخت، مگر دوا ضرور ملي مفت، جيڪڏهن پيرين پنڌ هلڻ ممڪن هجي تہ بگيءَ جو ڀاڙو خرچ ڪرڻ بدترين بدعت، صورت رعبدار، آواز گرجدار، يارن جو يار، پُرمذاق، بذلہ سنج -.

الله تعاليٰ جون شال سندس مرقد منور تي رحمتون وسن! مون جهڙي اڙٻنگ انسان جون جيتريون الغرضايون ان شخص برداشت ڪيون، نہ ٻئي ڪنهن اڄ تائين برداشت ڪيون، ۽ نہ هن کان پوءِ ٿي ڪو ڪندو.

اسان ٻنهي، سالن جا سال، گڏ گذاريا. هڪ جاءِ ۾ رهندا هئاسين، هڪ ٿانوَ مان کائيندا هئاسين، ۽ جيستائين بجيٽ ۾ وسعت پيدا ٿي، سمهڻ لاءِ فراسي بہ ساڳي ئي استعمال ڪندا هئاسين. اخبار نويسيءَ جو ڌنڌو مالي نقطہ نگاهہ سان هونئن بہ هر سمي ۾ خراب آهي، پر انهن ڏينهن ۾ تہ خاص طرح عذاب هوندو هو. پگهار رپيو روز - کائون تہ پهريون ڇا، ۽ پهريون تہ کائون ڇا؟ تنهنڪري شب و روز تير تڪليءَ تي گذارو ڪرڻو پئي پيو. ڪم جي هيءَ حالت جو خبرن گهڙڻ، آرٽيڪلن ۽ ايڊيٽوريلن لکڻ کان سواءِ، ڪڏهن ڪڏهن اخبار کي فولڊ ڪرڻ ۽ ٽڪلين لڳائڻ جو ڪم بہ اسان ٻنهي شخصن کي ئي ڪرڻو ٿي پيو. پر نظر علي خان جي سنگت ۾ رهي مصيبتون محسوس ئي ڪين ٿي ٿيون. سڄو ڏينهن کل مذاق ۾ گذرندو هو. نظر علي خان جي دلچسپ شخصيت هر روز ڪو نہ ڪو لطيفو پيدا ڪريو ويني هوندي هئي.

مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ مرحوم هندو مهاسڀاين جو سخت ستايل هوندو هو. تنهنڪري هندوءَ جو نالو پيو تہ ڇڻ ڪانوَ ڪمان ڏٺي. اصولاً دورانديش ۽ عافيت پسند هو، تنهنڪري زباني جمع - خرچ کان سواءِ، عملي

طرح، هندن کي بہ ڪنهن خاص نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪندو هو. پر انهن ڏينهن جا مهاسڀائي مهاشي مذاق سليم ڪان بلڪل عاري ۽ "اسپورٽنگ اسپرٽ" کان قطعي خالي هوندا هئا. چرچن ۾ چڙي ويندا، جنهن ڪري جتي بہ ڪو هندو - مسلم جهيڙو ٿيندو، تہ جوابدارن ۾ سڀ ڪان پهريائين نالو نظر علي خان جو ڏيندا هئا. هوڏانهن نظر علي خان جو نالو آيو، ۽ هيڏانهن "سنڌ زميندار" پريس ۾ ٽيجهو شروع ٿي ويندو. تارون، خط، عريضيون اخباري آرٽيڪل دانهون، ڪوڪون، نمازون، نفل، صلواتون، هر وقت ۽ هر طرف، پهريائين پنهنجي مرشد، مولانا ڪمالديرويءَ کان وڃي دعا طلبي ڪندو. ان کان پوءِ ٽڪٽ وٺندو لاڙڪاڻي جي- تاڪ پنهنجو حال زار کهڙي صاحب کي ٻڌائي ڪيس مدد لاءِ اُٿاري ڪڙو ڪري. انهن ڏينهن ۾ منهنجو تہ خاص طرح سان اٿڻ ويهڻ، سمهڻ سڀ حرام ڪري ڇڏيندو. اڌ رات جو ڄنگهہ کان وٺي اٿاري ويهاريندو:

"اي ظالم، اُٿ تہ سهي! تنهنجي وفادار دوست جي هارٽ فيل ٿي رهي آهي. ڪيڏو نہ سنگدل آهين! منهنجي لاڏاڻي جو وقت اچي ويو آهي، ۽ تون اجا پيو نياڳ جون ننڊون ڪرين!"

ان دلدوز تمهيد کان پوءِ، بيخوديءَ جي حالت ۾ سندس دماغ اندر جيڪي بہ بخار اٿيا هوندا، تن کي ويهي ٻاهر ڪڍندو. مون کي جهوٽا کائيندو ڏسي فرمائيندو:

"تنهنجو ايمان اصل کان ڪمزور آهي. اڄڪلهہ ڪفر ۽ اسلام جي جنگ چالو آهي. مجاهدن تي ڏڙاڏڙ مقدما داخل ٿي رهيا آهن. مهاسڀائي تہ تنهنجو نالو ئي ڪو نہ ٿا وٺن، توتي ڪو مقدمو ئي داخل ڪو نہ ٿا ڪن، تنهن مان ظاهر آهي تہ تنهنجي ايمان ۾ سقم آهي! پنهنجي ايمان کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. جهاد جي ايام اندر جنهن مسلمان کي ننڊ آئي، تنهن جي مسلمانيءَ ۾ شڪ ڪرڻ لاءِ سبب آهي."

زجر و توبيخ جو اهو سلسلو اوستائين چالو رکيو ايندو، جيستائين فجر جي نماز جو وقت ايندس. نماز پڙهڻ کان پوءِ، اُپ - پيرين ٻيهي، دعائون پڙهندو، چئني طرفن ڏانهن درود شريف ڇُوڪاريندو، ۽ پڻ پنهنجي چوڌاري آگر سان حفاظتي حلقو ڪڍندو.

سنڌس باري ۾ بيشمار لطيفا آهن.

تندرستيءَ ڪي قائم رکڻ ۽ بيماريءَ کان بچڻ جو خيال مراق جي حد تائين پهتل هوس. هڪ دفعي سنڌس هڪ هموطني، لاڙڪاڻائي عملدار دوست سکر بدلي ٿي آيو. تنهن صاحب نه ڪٿي هر نه تر، بئگ ۽ بسترو ڪڻائي اچي پريس ۾ لٿو. پريس ۾ ڪٿون هونديون هيون ٿي، تن مان به قابل استعمال ۽ ٽين چنل. مهمان کي ڏسي، مستقبل جو سارو نقشو آغا صاحب جي دماغ ۾ چڪر ڪاٽڻ لڳو. ڪٿون سڀيون هيون به - هڪ تي سمهندو هو پاڻ، ٻيءَ تي آءٌ. مهمان جي تشريف آوريءَ سبب، هڪ کٽ ته ويندي ان ڏانهن، باقي بچندي کٽ هڪ - هاڻي اها پاڻ استعمال ڪري يا آءٌ؟ اهو هو فوري "پرابلم"، جنهن کي "ڊسڪَس" ڪرڻ لاءِ مون کي سڏي وجي پنهنجي ڪمري ۾ ويهاريائين.

تقرير شروع ٿي (تقرير جو ڏاڍو شوق هوندو هوس، ۽ يقين هوس ته سنڌس تقرير ٽَڪرن ۾ به ٽُنگ ڪري سگهي ٿي)، جنهن جو ماحصل هيءُ هو:

"... اهو مهمان تمام وڏو آفيسر آهي. پريس جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر، کهڙي صاحب، جو همڪلاسي دوست آهي. اسان جو ڪم ڪار ڏسي کهڙي صاحب کي هڪ اکر چيائين، ته اسان جي پگهارن ۾ خودبخود اضافا ٿي ويندا. ماني پنهنجي پاڻ تيار ڪرائيندو. باورچي ساڻ اٿس. دسترخوان تي لازماً اسان کي به سڏي پيو ويهاريندو. بنان خرچ جي پيا سٺيءَ ماني جا مزا ماڻيندا سين. خوراڪ به لذيذ ۽ ساڳئي وقت خرچ جي به بچت. دوراندیشيءَ جا اهي خيال رکي، مون فيصلو ڪيو آهي ته پنهنجي کٽ سنڌس حوالي ڪريان."

مون عرض ڪيو:

"اوهان جي سوچ سٺي آهي. ڀل پنهنجي کٽ ڏيوس. اوهان کي خاص اضافو ونرائي ڏيندو. منهنجي خرچ لاءِ موجوده تنخواهه ڪافي آهي."

"ادا سائين، توکي خبر آهي ته مون کي جگر جي بيماري آهي. ننڊ آرام جي نه آئي، ته بخار چڙهندم. تنهن کان پوءِ قد بت ۾ به آءٌ توکان ڊگهو ۽ موٽو آهيان. جيڪڏهن پاڻ واري کٽ تون مون ڏانهن ٽرانسفر ڪندين، ته تنهنجي هڪ وفادار دوست جي جان به بچي پوندي ۽ ساڳئي وقت توکي ثواب به حاصل ٿيندو. کٽ نمبر ٽيون، توڙيجو عمر رسيده آهي، پر ان هوندي به تنهنجي سمهڻ لاءِ منجهس ڪافي گنجائش پيدا ٿي سگهي ٿي."

مون بهرحال، انهن فائدن ۽ ثوابن پرائڻ کان نابري واري. پر رات جو ٻاهران گهمي ڦري، موٽي اچي ڏنم ته آغا صاحب اڳ ۾ ئي مون واريءَ ڪٽ تي قبضو ڪيو، اکيون ٻوٽيون، ڦڙھ لڳو پيو آهي. نوڪر کي چئي ڇڏيو هئائين ته مون کي ٻڌائي ته کين اوچتو سخت بخار ۽ دل جي ڌڙڪڻ جو عارضو پيدا ٿي پيو هو ۽ ڊاڪٽر هدايت ڪئي اٿس ته سر شام سمهي پوي، ۽ ساري رات آرام جي ننڊ ڪري!

لاچار مون کي ڪٽ نمبر 3 تي سمهڻو پيو. ان ڪٽ جي عمر طبعي اڳ ۾ ئي پوري ٿيل هئي. جنهن طرف پاسو ڦيرايان، واڻ جي ٽڙڪڻ جا آواز پيا اچن! لاچار اُتي ويهي رهيس. سوچڻ لڳس ته ڪهڙي اسڪيم ڪري ان مهمان کي خود آغا هٿان ڪڍرايان، جيئن منهنجي ڪٽ ٻالهي ٿي پوي. نئين ڪٽ خريد ڪرڻ جي گنجائش نه اسان جي پنهنجي بجيٽ ۾ هئي ۽ نه ان تي پريس جي پئسن مان ئي خرچ ڪرڻ جو ڪو جواز هو. الله تعاليٰ بروقت مدد فرمائي. منهنجي نگاھ مهمان جي طرف ويئي - ڏسان ته ننڊ جي حالت ۾ به پيو ٽنگون کنهي، ۽ قدري زور سان!

صبح تي مون آغا صاحب سان ڪٽ واري معاملي متعلق ڪا شڪايت ڪا نه ڪئي. پاڻ زور سان سندس خير عافيت پُرسي ڪئي ۽ ڪٽ نمبر 3 جي تعريف ڪيم. ڪيس بلڪل اطمينان حاصل ٿيو. سندس بخار به لهي ويو ۽ دل جو ڌڙڪڻ به بند ٿيو.

منجهند جو مهمان آفيس مان موٽي اچي پنهنجي ڪٽ تي ستو ۽ ننڊ ۾ وري پنهنجون ٽنگون ۽ انهن کان مٿئين بدن جي حصي کي زور سان کنهڻ شروع ڪري ڏنائين. مون آغا کي وٺي وڃي مٿانئس بيهاريو ۽ هن طرح عرض ڪيو: "هيءَ غضب ته ڏسو! هن مهمان کي ته خارش جي بيماري آهي ۽ سا به جسم جي ناقابل بيان حصي ۾. اِها خارش وچڙندڙ قسم جي معلوم ٿئي ٿي. ٿورن ڏينهن اندر اسان سيني کي وِڪوڙي ويندي. مون کي سخت خوف ٿو ٿئي سو آءٌ ته وڃي ٿو ٻئي هنڌ رهان. خارش ٿي ته ڪهڙو منهن ماڻهن کي يا خود مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي ڏيکاريندس. ڇا چوندوسانِ ته ڪٿان اها بلا پرايم؟ دشمن قسماقسم جا قصا ٺاهيندا ۽ دوست به پيا اجايا انومان ڪندا."

بيماريءَ جو نالو ٻڌي آغا جي لونءَ ڪانڊارجي ويئي. ان وقت ئي مشوري لاءِ وڃي ڊاڪٽر سان ملياسين. حقيقت مون پيش ڪئي ۽ مناسب حڪمت عمليءَ سان. ڊاڪٽر صاحب راءِ ڏني ته خارش وچڙندڙ قسم جي ٿي سگهي ٿي. رات جو دستوري گهوم بعد واپس آيس، ته مهمان ڪو نه هو ۽ مهمان واريءَ کٽ تي منهنجو بسترو لڳل هو! اصل ۾ اها کٽ آغا صاحب جي هئي ۽ کٽ نمبر 2 کان وڌيڪ ڪشادي ۽ آرام ده. پر جنهن صورت ۾ ان تي هڪ رات وچڙندڙ خارش جو مريض مهمان سمهي چڪو هو، تنهن صورت ۾ دستوري دوراانديشيءَ کان ڪم وٺي آغا صاحب آئنده لاءِ اها کٽ مون تي مرحمت فرمائي ڇڏي.

رسيده بود بلائي، ولي بخير گذشت!

آغا صاحب سخت ڪفايت شعار هوندو هو. جيڪڏهن مفت ۾ ڪم نڪري، ته پئسي خرچڻ جو ٻنهه نالو نه وٺندو. سوال شريعت جي پيرويءَ جو هو ۽ شريعت ۾ اسراف جي منع هئي!

تيل، صابڻ ۽ ٽوال پنهنجو ڪڏهن ڪو نه آڻيندو. منهنجين ئي شين تي پيو سندس گذارو ٿيندو. اصولاً به ان ڳالهه کي صحيح سمجهندو هو. مئنيجر ۽ ايڊيٽر توڙيجو ظاهري طرح ٻه شخصيتون آهن، مگر حقيقت ۾ هو هڪ ئي شاهي سڪي جا ٻه پاسا ٿين ٿا - يا هڪ ئي مالڪ جي زمين جا ٻه ٻارا، پوءِ هڪڙي ٻاري جو پاڻي پڇي ٻئي ٻاري ۾ لنگهي پيو، ته ان ۾ ڪو مذائقو ڪو نه هجڻ گهرجي. ان سونهري اصول پٽاندر، منهنجي ڪا به شيءِ آغا صاحب جي تصرف کان محفوظ ڪا نه هوندي هئي. تيل جي شيشن تي سندس خاص نگاهه ڪرم هوندي هئي. منهنجو نوڪر ڇوڪرو، علي محمد، ڪنهن شيءِ ڏيڻ کان انڪار ڪندس ته ڪيس پريس کان ٻاهر ڪڍي بيهاريندو. اصول کان ٻاهر آغا ڪو قدم ڪو نه کڻندو. علي محمد جي اخراج ۾ اصول هيءُ مضمر هوندو ته هو منهنجو خانگي نوڪر آهي ۽ "خانگي ماڻهن" جو پريس اندر رهڻ قاعدي جي سراسر خلاف!

آغا صاحب کي هر روز تيل به ڪافي مقدار ۾ کپندو هو. وار گهاٽا، ڏاڙهي وڏي، ۽ ساري جسم تي تيل جي مالش نه ٿئي ته خشڪي، خشڪي مان وري خارش جو خطرو!

هڪ دفعي منهنجو سوٽ مرحوم سلطان شاهه بيمار حالت ۾ مون وٽ آيو. ڊاڪٽر مشورو ڏنو ته سندس قارو رو تپاسايو وڃي. مرحوم علي الصباح قارو رو ڪري تيل جي خوبصورت خالي شيشي ۾ بند ڪري، ڪبٽ جي ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيو. پاڻ ۽ آءٌ ٻئي ٻاهر هليا وياسين. آغا صاحب پويان غسل فرمايو ۽ تيل جي تلاش ۾ ڪبٽ ڳوليندي اچي قاروري واريءَ شيشيءَ تي بيٺو. مال مفت دل بيرحم. ساري شيشي مٿي، منهن، ڏاڙهيءَ ۽ جسم تي مکي وڃي ٻاهر چڙهيو. پر قاروري ڪٿان تي تيل جون سڪون لاٿيون؟ موٽي آياسين ته آغا صاحب علي محمد ملازم تي باهه ٿيو وينو هو. -چي، "هاڻي بي ايمان ٿي پيو آهي، توسان سخت ٺڳي ڪري ٿو. سستيون شيون وٺي اچي ٿو، ۽ بچايل پئسا مٿان پاڻ هضم ڪري وڃي ٿو. اڄ مون سندس آندل تيل استعمال ڪري ڏٺو آهي. شيشي ٻاهران ته خوبصورت پر اندر جهڙو پاڻي. ساري شيشي ڪپائي اٿم پر حرام جو جسم تي ترڪيءَ ۽ چڪنائي جو ڪو نشان پيدا ٿئي. تڏ ۾ قُتل چپن ڪي ذرو لاتم ته مورڳو ڪُرڻ لڳا. اهڙي حرامخور تي ڪرڙي نظر هجڻ گهرجي. ماڻهو جي پئسو خرچ ڪري، ته شيءِ ته سٺي ملڻ گهرجي!"

علي محمد کان پڇا ڪيم، هن چيو ته تيل جي شيشي ته اندر بند پئي آهي، آغا اهو تيل ڪٿان آندو؟

ورائي آغا کان پڇيم. وٺي وڃي قاروري جي خاليءَ شيشيءَ تي بيهاريائين.

پوءِ جو پيدا ٿيل Crisis بيان کان ٻاهر آهي. مختصراً، غسل ٿيا، گرم پاڻيءَ سان. جسم مبارڪ تي ميٺ تيل ۽ بيسڻ جون مالشون. ان جي مٿان صابڻ، هرملي ۽ عود جا واس. نمازون. پاڪائيءَ جون دعائون. آئنده جي احتياطي تدابير جو پروگرام. غرض اهو سارو ڏينهن پريس جو سمورو عملو ترڙلي ۾ رهيو.

پر منهنجي تيل جي شيشين جي ان کان پوءِ به جان ڪا نه ڇٽي.

* * *

اوائلي ڏينهن ۾، سنڌ زميندار پريس مارواڙي محلي ۾ هوندي هئي، ۽ پريس جي ٻنهي پاسن ڏانهن مارواڙين جا گهر. انهن مارواڙي عورتن جهيڙي ۽ گارين جي فن کي ترقي وٺائيندي، وڃي هڪ مستقل آرٽ جي حد تائين

پهچايو هو. جهيرو ٿي پيو تہ هفتن جا هفتا چالو رهندو. هر فريق محلي جي بين عورتن کي بہ وٺي اچي پاڻ سان جهيڙي ۾ شامل ڪندو. ان طريقي سان جهيڙو ڪاتي بہ شروع ٿئي ۽ کهڙين بہ ٻن عورتن جي وچ ۾ ٿئي - پر محلو سارو ٻن پارٽين ۾ ورهائجي ويندو. جهيڙي جو پلان هيءُ هوندو: صبح جو گهر جي ڪم حاج لاهڻ بعد ٻيئي ڌريون گهرن کان ٻاهر نڪري اچي رستي تي ويهنديون، هڪٻئي جي سامهون. وچ ۾ چوني سان اچو پٽو ڪڍي، طرفين جون حدون نروار ڪيل هونديون - پهريائين هڪ پارٽيءَ جون عورتون اٿنديون. گاريون وسائينديون، هٿن جا چالا ڪنديون، اچي پٽي تي پهچنديون. ان کان پوءِ هو پوئتي ورنديون ۽ ٻئي طرف واريون اٿي حملو شروع ڪنديون. ساڳيءَ طرح گارين جا "وڏڦڙا" وسندا، ۽ هٿ فضا ۾ ڦرندا ايندا. شام تائين اهو سلسلو هلندو رهندو. گهر جي ڪم جو ٽائيم آيو تہ "ٽروس" ٿي ويندو ۽ ٻيئي ڌريون ڪير ڪنڊ، جيستائين وري ٻيو صبح اچي ۽ ميدان ڪارزار نئين سر گرم ٿئي. لڙائي هڪ دفعي شروع ٿي تہ مهينن جا مهينا ٻيئي هلندي، پر ان طريقي سان تہ روزانہ مقرر وقت اندر جهيڙو، ۽ ان کان پوءِ وري ٻئي ڏينهن تائين خير.

ان جهيڙي جي دوران ۾ آيو ويو، جيڪو بہ رستي تان لنگهندو، ان کي وچ ۾ آڻي پيون هڪٻئي کي پُٽينديون - مثلاً:

"اڙي اهو ٽوپيءَ وارو توکي..."

"ٽوپيءَ وارو مون کي ڇو؟ توکي..."

آغا نظر علي خان روزانو ڏهين بجي مهل اخباري پني جي خريداريءَ لاءِ بزار ويندو هو. پريس کان ٻاهر قدم رکندو، تہ جهيڙي واريون عورتون سندس اهڃاڻ ڏيئي، هڪٻئي تي گاريون وسائڻ شروع ڪنديون —

"اڙي، اهو ڍگهيءَ ڏاڙهيءَ وارو تنهنجو...."

"ڍگهي ڏاڙهيءَ وارو تنهنجي آڪهہ جو..." وغيره وغيره.

روزانہ اها ڪارروائي هلندي رهندي هئي، ۽ واٽ ويندي پيو آغا صاحب ائين گهلبو هو، پر مون کي اها خبر ڪا نہ هئي.

هڪ ڏينهن آغا صاحب فرمايو: "اڄ مون سان گڏجي بازار هل تہ توکي هڪ اهڙو مزو وٺرايان ٿو، جنهن ۾ مزي جو مزو بہ ۽ شرع شريف جي بہ ڪا ڀڃڪڙي ڪا نہ."

آءُ تيار ٿيس. آغا صاحب ڊگهي شيرواني زيب تن فرمائي، پوءِ ترڪي ٽوپيءَ کي برش هٽي مٿي تي رکيائين ۽ لڪڻ هٿ ۾ کنيائين. "مولاد مدد ڪري، پير دروازي کان ٻاهر وڌائين. آءُ بہ سندس ڪڍ.

مارواڙين جو جهيڙو اڳ ۾ چالو ٿي چڪو هو. پري کان هڪل ڪئي هڪ عورت:

"اڙي! توسان اهو ڊگهي ڪوٽ وارو مولانا..."

ٻيءَ وراڻي ڏني:

"ڊگهي ڪوٽ وارو توسان، تنهنجيءَ آڪهہ سان.."

آغا صاحب ڪنڌ وراڻي فاتحانہ انداز ۾ مون ڏانهن ڏٺو. پر ان وچ ۾، دانهن آئي –

"اڙي اهو ڊگهي ڪوٽ وارو منهنجي آڪهہ سان ڇا ڪندو. مان سندس آڪهہ..."

يعني گارين جو رخ ڦري پيو ۽ هينئر طرفين جون گاريون سڌيءَ طرح خود آغا صاحب قبلي تي وسڻ لڳيون. عورتن ڏسي ورتو هو تہ اهو شخص روزانہ جهيڙي جي ٽائيم تي اچي وچ ۾ پوي ٿو، تنهنڪري اڄ ضرور سندس حاج بہ لاٿي وڃي.

هيڏانهن گارين جي ٽاڙا واڙي تيز ٿيندي ويئي، ۽ هوڏانهن آغا صاحب جا قدم تيزيءَ سان اٿڻ لڳا. گهڙي پر ۾ وڃي نيم جي ڇاڙهيءَ وارن هٽن ۾ پناهہ ورتائين. مان ڪيتري بہ ڪوشش ڪئي، پر آغا صاحب کي پهچي نہ سگهيس. تنهنڪري موٽي پريس ۾ آيس. آغا صاحب سارو ڏينهن گهر بدر رهيو. شام جو جهيڙي ختم ٿيڻ بعد ئي واپس آيو. سخت ناراض. مون ڏانهن اکيون کڻي نہ سگهي. هليو هو پاڻ بہ شرعي مزو ماڻڻ ۽ مون کي بہ راهہ هلندي لطف وٺائڻ. مزو مزي جي ماڳ، وچان مٿس گارين جا بادل برسي پيا.

مون کي حڪم فرمايائين تہ بطور ايڊيٽر جي آءُ هڪ زوردار ليٽر پوليس جي فوجدار ڏانهن لکان، جنهن ۾ ڪيس استدعا ڪريان تہ هو انهن عورتن جي جنگ بند ڪرائي، جو تہ ان مان پاڙي پنبي وارن لاءِ سخت آزار مٿو آهي. ليٽر ويو. پوليس آئي. جهيڙو بند ٿيو. پر عورتن جي دل ۾ آغا ڏانهن پاڻ زهر وڌيو.

آغا صاحب جو دستور هوندو هو تہ صبح ويلي اس وٺڻ جي غرض سان ڪڏيءَ تي چڙهي ويهندو هو. اها ڪڏي حاطي واري دروازي جي مٿان هوندي

.هئي. هڪ ڏينهن آغا صاحب حسب دستور وچي ڪڏيءَ تي ويٺو.هيڏانهن هُن جو موڙي تي ويهڻ ۽ هوڏانهن مٿانس پٿرن جو وسڪارو شروع ٿيڻ! شڪست خورده مارواڙي عورتن رات جو ئي پنهنجن گهرن ۾ پٿر گڏ ڪري رکيا هئا، جيڪي هينئر آغا صاحب تي وسڻ لڳا.

مان اندر ڪمري ۾ هوس. اوچتو آغا صاحب جون دانهون ڪنن تي پيون. ٻاهر نڪري اچي ڏٺم ته نه فقط ڪڏيءَ تي پر اسان جي ساري اڱڻ تي پيا پٿر وسن. پوئين دروازي کان نڪري، آءٌ ۽ آغا صاحب وڃي فوجداريءَ ۾ پهتاسون. اتانهون پوليس وٺي اچي ان مصيبت کي ختم ڪرايوسين.

انهن ڏينهن کان پوءِ پريس ۽ پاڙي وارن جا تعلقات ناخوشگوار ٿي پيا ۽ سلامتي ان ۾ ڏٺي ويئي ته پريس جي جاءِ بدلائي وڃي. چنانچ اسان پريس ڪٽائي، وڃي ڪوئنس روڊ تي هوتچند وڪيل جي جاءِ ۾ رهڻ لڳاسين، جيڪا ليوڪس پارڪ جي پر ۾، ۽ چرچ آف انگلنڊ جي بلڪل سامهون هوندي هئي.

* * *

پريس جي پئسي کي ڪفايت سان استعمال ڪرڻ متعلق مئنيجنگ ڊائريڪٽر وٽان آرڊر پهچي چڪا هئا. جا هدايت خاص طرح سان ڏنل هئي، سا هيءَ ته ڪنهن به نئين مَد تي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي اڳواٽ اجازت کان سواءِ، ڪو به خرچ ڪرڻ ۾ نه اچي.

سکر ۾ هڪ سال ڏاڍا مينهن انا. ستت ئي ڪالرا به اچي ٽٽي. صفائيءَ تي هر ڪنهن کي خيال ڪرڻو پيو. پر ان معاملي ۾ اسان جي پريس جو حال اڳ ۾ ئي ابتر هو. اڳيان مئنيجر صاحب گهڻو اهڙو مال ڇڏي ويا هئا، جو نه سوختني هو نه فروختني - مثلاً چنل پراڻا مُوڙا، پڳل ڪٽولا، ڪٽيل خالي مس جا ٽين، پراڻيون اگهڙيون، بيڪار اخبارن ۽ ڦاٽلن ڪاغذن جا ستا، ڪوڪا، بوتلون، شڪسته ڪرسيون وغيره وغيره. پريس جو گهڻو حصو ان سامان سان پرپور هو. گند جي ڪوڙيءَ هيٺان ٻلين ٻچا ڄڻيا هئا، ۽ هر الماڙيءَ ۾ چمڙن، ڪوئن ۽ ڪرڙين جا آستانا هئا. مينهن کان پوءِ ته هر ڪوڙ مان عجيب قسم جي بوءِ نڪري، رهندڙن جي دماغ کي معطر ڪرڻ لڳي. سامان جي ڪڍائي ڦٽي ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪو نه ٿي ٿيو. پريس جي رولن موجب اهو "ڊيڊ اسٽاڪ" هو، ۽ "ڊيڊ اسٽاڪ" نيلام ذريعي نيڪال ٿيڻو هو. پوءِ مينهن ۽

وبائن هلندي ڪنهن کي پئي هئي تہ اڇي اهو گند خريد ڪري؟ هوڏانهن آغا صاحب لاءِ بہ ناممڪن هو تہ هو رول ٽوڙي. تنهنڪري ان ڊيڊ اسٽاڪ جو پريس ۾ پيو رهڻ امر فطري هو.

ان اپرانڌ آغا صاحب کي هاضمي جي مستقل شڪايت رهندي هئي، جنهن ڪري هر گهڙي ڪين بيت الخلا ۾ وڃڻو پوندو هو. بہ جايون ڪيس ڏاڍيون پياريون هونديون هيون، جاءِ نماز ۽ بيت الخلا. هر روز سندس حياتيءَ جو وڏو حصو انهن ٻن مرڪزن تي ئي پيو صرف ٿيندو هو.

بارشن ۽ وبا هلندي، هڪ ڏينهن شهر جو ڪو رولاڪ ۽ بيمار ڪتو، گهمندي گهمندي، آغا صاحب جي بيت الخلا ۾ لنگهي آيو ۽ اتي مري ويو. خبر تڏهن پيئي جڏهن آغا صاحب، حسب دستور، ڪاڪوس جي دوري تي ويو ۽ اتان فريادون ڪندو ٻاهر نڪري آيو. هڪدم پريس جي پوريءَ پنگياٽي جي تلاش لاءِ آرڊر جاري ٿي ويا. سندس ڳولا ۾ ماڻهو هر طرف پکڙي پيا. پر شام تائين پوريءَ پنگياٽيءَ جو پتو ڪو نہ پيو - ۽ سانجهن جو جڏهن آئي بہ تہ هيءُ عذر پيش ڪيائين تہ مئل ڪتو ڪڍڻ سندس فرائض ۾ داخل ڪو نہ هو: ان ڪم لاءِ تہ بہ - چئن مردن ۽ ميونسپل جي گند واريءَ گاڏيءَ جي ضرورت هئي! ڪيس راه راست تي آڻڻ لاءِ آغا صاحب هڪ طويل تقرير فرمائي، پر تقرير ختم ٿئي ان ڪان اڳ ۾ ئي پوري پنهنجو ٽين ۽ ٻهارو ڪڻي پريس کان ٻاهر نڪري ويئي. ڪتي جو لاش بدستور ڪاڪوس ۾ موجود ۽ "سئرِ ڪاڪوس" کان آغا صاحب محروم.

آغا صاحب ڪوشش ڪئي تہ ڪتي جو مڙهہ خود پريس جي نوڪرن ۽ چوڪيدار هٿان ڪيارائي، سو ان مقصد سان، شريعت مطهره، صفائيءَ جي معاملي ۾ سڀن مومنن تي جيڪي فرض عائد ڪيا آهن تن کان چڱيءَ طرح آگاه ڪيائين، مگر عملي جا اڪثر ماڻهو قلب جا ڪارا هئا، تنهن ڪري هن دنيا جي زندگيءَ کي آخرت جي مزن تي ترجيح ڏيندي ڪتي کي هٿ لائڻ کان نابري واري ويهي رهيا. ان "ڊيڊ لاڪ" ۾ رات بہ گذري ويئي.

ٻئي صبح تي ميونسپل جي پنگين سان "گفت شنيد" شروع ٿي. ڪتي ڪڍائيءَ جي في پندرهن رپيا گهريائون. اها رقم تمام وڏي هئي ۽ اصولاً "نئين خرچ" جي مد ۾ ٿي آئي، تنهنڪري بغير اجازت مئنيجنگ ڊائريڪٽر

جي، خرچ تي نٽي سگهيو. ڪفايت جي ڪوشش ۽ انهن قانوني موشگافين هلندي هلندي، ڪتي بہ اچي بوءِ ڪئي، ۽ پريس ۾ رهڻ ناممڪن تي پيو. ان اپرانڌ جا مصيبت ڪڙي ٿي، سا هيءَ تہ آغا صاحب جي "سٹرِ ڪاڪوس" جو سلسلو بند ٿي ويو. ڪيس هر هر لوٽو ڪٽي مسلم بورڊنگ هائوس ڏانهن وڃڻو ٿي پيو، ۽ ان صبح جو تہ ڪيس ٻين زائرين سان گڏ باقاعده "ڪيوُ" (لائن) ۾ بيهڻو پيو هو.

آخر ٻيو ڪو بہ رستو نہ ڏسي، ايڊيٽر ۽ مئنيجر ٻئي درٻاري لباس پهري درخواست ڪٽي وڃي ميونسپل چيف آفيسر جي در دولت تي حاضر ٿياسون. چيف آفيسر ڪي اسان ڏانهن ذاتي شڪايت هئي. ڪجهہ ڏينهن اڳ، سندس هڪ معاشقي متعلق سنڌ زميندار اخبار ۾ آرٽيڪل ڇپجي چڪا هئا، جن جي ياد سندس دل تان اڃا محو ڪا نہ ٿي هئي. ڪتو ڪڍايائين، پر وڏيڪ ٻارهن ڪلاڪن جي تاخير بعد. اهو سارو عرصو اسان کي پريس کان ٻاهر، بطور مهاجر جي، رهڻو پيو.

آغا صاحب کي مون تي غصو ايندو هو تہ ان غصي جي اظهار جو طريقو هيءُ هوندو هو:

ڀهريان سڌي سامهون ويهاريندو. ان کان پوءِ غصي جو ڪارڻ تمام زورائتن اکرن ۾ بيان ڪندو. جڏهن بيان ختم ٿيندو، تڏهن پاڻ ڪرسيءَ تي آئڙي پوندو يا چوندو:

"ظالم هاٿي آڻ بندوق، دوست جو سينو موجود آهي. اچي ڪراءِ ڍز، ڍز، ڍز!"

"ڍز" "ڍز" جي اهڙي دعوت هر هفتي بہ - ٽي دفعا ملندي رهندي هئي، پر ان مان فائدي وٺڻ جو ڪو سوال ڪو نہ هو.

هڪ ڀيري سنڌ جي ڪمشنر ٿامس خلاف مون سخت مضمون لکيا. ان زماني ۾ ڪمشنر سنڌ جو بي تاج بادشاهہ هوندو هو. ڪنهن کي مجال هئي جو سندس ڪنهن فعل تي نڪتہ چيني ڪري سگهي؟ پر مون کان اهو گناهہ سر زد ٿي ويو. سٽ ئي ڪمشنر جي منزل سکر ۾ ٿي. منهنجي نالي خط آيو تہ اچي ڪمشنر سان مل. اهو خط بہ لانسرز جا باوردي گهوڙيسوار سپاهي کڻي آيا، جيڪي ڪمشنر جا باڊي گارڊ هوندا هئا. ان گهڙيءَ آءٌ پاڻ پريس ۾ موجود ڪو نہ هوس. تنهنڪري ليٽر آغا صاحب تي تعميل ڪري ويا.

پريس ۾ موٽي اچي ڏسان تہ آغا صاحب "ڊز. ڊز" جي موڊ ۾ - چهرو لال، لب خشڪ، فل يونيفارم، پنهنجي ميز تي "بہ اجلاس ڪائونسل " ويٺو آهي. مون تاڙي ورتو تہ اڄوڪي "ڊز. ڊز" ڪنهن خاص قسم جي آهي.

"ميان صاحب! پنهنجي زيارت تہ ڪرايو!"

اچي سامهون ويٺس.

"ان مان هٿ ڇا آيــو؟"

"ڇا مان!"

"مون ٻچڙيوال جي عزت کي ڊيم ڪرائڻ ۾.

"خدا، خدا ڪر، مان ۽ تنهنجي عزت جو دشمن!"

"ڇڙيءَ عزت جو نہ، پر جان جو بہ دشمن؟"

"آخر خبر تہ ڪريو، مون ڪهڙي دشمني ڪئي؟"

ڪمشنر وارو خط ڪڍي. مون ڏانهن اڇلايائين. خط پڙهي عرض ڪيم:

"هيءُ خط مون ڏانهن آهي. اخبار جي مضمونن جي ذميواري ايڊيٽر تي آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي جيل ۾ وجهندا، تہ ايڊيٽر کي - اوهان جو تنهن سان ڇا؟"

"پر اخبار جو پرنٽر پبلشر تہ آءٌ آهيان! ايڊيٽر ڪا بہ بڪواس لکي، پر ان جي اشاعت جي جوابداري پرنٽر پبلشر تي پوي ٿي..."

"آءٌ قبولدار ٿيندس، سڀ جوابداري پاڻ تي کڻندس."

"گويا ملزم بہ تون ۽ فيصلي ڪندڙ بہ تون؟"

"پر آغا، همت مردان مدد خدا! پبلڪ جي خدمت ڪندي تڪليف اچي تہ ڀلي اچي."

"همت جو ڪهڙو سوال آهي؟ تون پاڻ جيڪڏهن اڄوڪو ڪربلا وارو نظارو ڏسين ها تہ توکي خبر پوي ها ۽ نہ وري اهو ٿي اصول ڪو صحيح آهي تہ پبلڪ خدمت ڪندي هرويرو پاڻ کي ۽ پنهنجن ٻچن کي تڪليف ۾ وجهجي. الله پاڪ پاڻ فرمايو آهي تہ :أدع الیٰ سبيل ربک بالحکمة والموعظة الحسنة: ڪهڙي بہ ڊيوٽي هجي ان کي اهڙيءَ طرح بجا آڻجي، جو پنهنجي جان ۽ عزت هر حال ۾ سلامت رهي. سِر آهي تہ سيڪجهہ آهي."

"هندو قومي ورڪر هر روز ڇا پيا ڪن؟ روز جيل، پوليس جا ڏنبا، ڦاسيون، وغيره."

"هندو قوم ۽ پاڻ واريءَ مسلمان قوم جي ذهنيتن ۾ به ته ڪو فرق آهي يا نه؟ هندو قوم پنهنجي هر ورڪر جي هر قدم جي پنيرائي ڪري ٿي. برعڪس ان جي مسلمان قوم پنهنجن ورڪرن کي خود پنهنجن هٿن سان پيئي ذليل ڪري. ڪو مسلمان ورڪر پبلڪ خدمت ڪندي، جيل ۾ ويو ته قوم ان ۾ ۽ عادتي ڌوهاريءَ ۾ ڪو فرق ڪو نه ڪندي. ورڪر پاڻ جيل ۾، پويان سندس ٻچا بک ۽ ڏک ۾، قوم ڪلندي، يا اٽلندو مٿس چٽرون ڪندي وتندي. تنهنڪري اهڙيءَ قوم جو ڪو ڪم ڪرڻو پوي ته به پنهنجي سلامتيءَ جو خيال هر حال ۾ مقدم رکڻ گهرجي. ان کان سواءِ وڙهڻو هجي ته هميشه پاڻ کان هيٺي سان وڙهڻ گهرجي، جيئن تڪليف به ٿوري ۽ فتح به يقيني. گهٽ ۾ گهٽ ته به پنهنجي جيءَ لاءِ جوکو گهٽ! تنهنجي بيوقوفي ۽ منهنجي بدبختي اها آهي، جو تو وڃي جهيڙو جوٽيو آهي سنڌ جي بادشاهه سان! نالي ۾ بادشاهه ڪير به هجي، پر حقيقت ۾ سنڌ جو بادشاهه سنڌ جو ڪمشنر صاحب آهي."

"آغا، نادر به نادر آهي، پر قادر به قادر آهي. جيڪڏهن قدرت کي نيڪي منظور آهي ته ڪمشنر جو بابو به ڪجهه ڪري ڪو نه ٿو سگهي."

"اها نا تجربيڪاري آهي. تون جيڪڏهن فقط اڄوڪيءَ ڪربلا جو نظارو ڏسين ها، ته دل هڪدم ٺٺي پوئي ها ۽ وڃي ڪرين ها ٿهه پٽيءَ تي."

"ڪربلا جو ڪهڙو واسطو؟"

"چمڪندڙ تيز تکا اُيا نيزا، گهوڙا ۽ شمر جهڙيون شڪليون ڪربلا ۾ هونديون يا سکر ۾؟"

"پر اهي شڪليون تو خواب ۾ ڏٺيون ٿيون ڏسجن. انهن جو ڪمشنر جي ليٽر يا منهنجي آرٽيڪلن سان ڪهڙو واسطو ؟"

"ڪمشنر جو ليٽر ڪير کڻي آيا هئا؟ - به بيرحم جلاد! گهوڙن تي چڙهيل، هٿن ۾ چمڪندڙ نيزا، ۽ نيزن جي چوٽين ۾ لال جهنڊا ڊز - دز - دز! اهي نمونا ڪربلا جا آهن يا ڪنهن ٻيءَ جاءِ جا؟ پاڙي پنبي جا ماڻهو گهرن مان ٻاهر نڪري اچي اهو دردناڪ نظارو ڏسڻ لڳا. جا ڳالهه ان کان به وڌيڪ خراب ٿي، سا اها ته اسان جون دشمن پاڙي واريون سيلاٽڻيون زالون اسان جو اهڙو حشر ڏسي، ڏند ڪڍي ٺهه ٺهه کرڻ لڳيون! هيئنر ڪهڙو مانُ اسان جو هن محلي ۾ رهيو؟ پريس کان ٻاهر منهن ڪڍڻ جي قابل نه رهيا آهيون! جيڪڏهن سياڻي گرفتار ٿي وياسون ته پويان

اهي دشمن سيلاٽيون سڀيءَ پريس کي تنبي، تيلي مڇ کان، مڇ تيليءَ کان ڌار ڪري ڇڏينديون. اهڙي جيئڻ کان مرڻ ڀلو آهي. ٻه - نالي بندوق کڻي آءٌ ۽ اچي منهنجي سيني ۾ ڪر ٺز - ٺز - ٺز..."

مون مان وڏيڪ ڪڙ تيل نڪرندو ڪو نه ڏسي، آغا صاحب متوجه الي الله ٿيو. مصلو وڇيو، نماز پڙهيائين، درود شريف دم ٿيو، ۽ آگر سان پنهنجي چوڌ طرف دستوري سلامتيءَ ۽ خير وارو حلقو ڪڍيائين. اهو ڪاروبار ٿوري ٿوري وقفي بعد چالو رکيون آيو. ان وچ ۾ جيڪو به ملاقاتي آيو، ان سان اهو حال بيان ڪندو رهيو، ۽ حال جي پڇاڙي هميشه هن جملي سان ٿي ڪيائين:"ادا، هاڻي ته راشدي ميان کي بس بندوق کڻي منهنجي ڇاتيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي ٺز- ٺز - ٺز!"

ٻئي ڏينهن آءٌ وڃي ڪمشنر سان گڏيس. ڪمشنر پهريان تيز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر منهنجي تيز جواب ٻڌڻ کان پوءِ آسمان تان لهي زمين تي آيو ۽ اسان ۾ صلح صفائي ٿي ويئي - تڏهن وڃي آغا صاحب جي "ٺز - ٺز - ٺز" مان منهنجي جان آزاد ٿي.

* * *          * * *          * * *

آغا صاحب جي لطيفن کان قطع نظر، سندس شخصيت بيحد خوبين جي حامل هئي. پنهنجي زماني اندر مسلماني ڪمن ۾ پيش پيش رهيو. هندو - مسلم فساد هجن، يا سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ واري هلچل، يا 1938ع کان سنڌ اندر جاري ڪيل مسلم ليگ تحريڪ، يا سکر منزلگاهه مسجد جي وا گذاريءَ لاءِ ستياگرهه - آغا صاحب باڪار رهيو ۽ نه بيڪار. جا به خدمت سندس سپرد ٿيءِ، سا سهڻي نموني ۾ سرانجام ڪيائين. شال حورن جي هنج ۾ هوندو!

## خانبهادر ميان پيربخش مرحوم

سکر شهر جو پِيل پائو سمجهيو ويندو هو. عيسوي اڻويهين صديءَ جي پڇاڙي ۽ ويهين صديءَ جا پهريان پنجٽيهه سال سکر جي فضا تي ڇانيو رهيو. جنم 1854ع ۾ ۽ وفات 1935ع ۾ ٿيس. ان وچ ۾ سرڪاري ملازمت ڪندي، ڊپٽي ڪليڪٽر بڻيو، ۽ رٽائر ڪرڻ بعد پبلڪ لائيف ۾ گهڙيو. فرسٽ ڪلاس اسپيشل ماجسٽريٽ ٿيو، بمبئيءَ ڪائونسل جو سرڪاري ناقبل ميمبر، سکر ميونسپل جو پريزيڊنٽ ۽ سکر ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو صدر رهيو.

خانبهادريءَ ۽ سي. آءِ. اي. جا لقب مليس. انگريزن جو مٽس وڏو اعتبار هو. ڪنهن به تيز قسم جي قومي تحريڪ ۾ حصو ڪو نه ورتائين. "انجمن اسلام" نالي هڪ جماعت قائم ڪئي هئائين، جنهن جو پاڻ صدر هو. انجمن جي نالي ۾، مسلمانن جي تعليم، نوڪري، ۽ حقِ نمائندگي سان تعلق رکندڙ سوالن بابت، موقعي سارو، سپاسناما پيش ٿيندا هئا. هر سپاسنامي جي ابتدا انگريز حڪومت سان وفاداريءَ جي اعلان، ۽ انتها ملڪ معظم جارج پنجم جي ذاتي اقبال صحت لاءِ "دلي دعائن" سان ٿيندي هئي. اهي ڏينهن ئي اهڙا هئا. ميان صاحب مرحوم تي ڪا خاص ميار ڪا نه هئي.

وقت جي حڪومت سان هر طرح وفاداري ڪرڻ سنڌ جي مسلمان زميندارن ۽ ڪاموري طبقي جي ماڻهن جي فطرت جو هڪ اهم جزو هو. حاڪم مغل هجن يا پٺاڻ، راڄ ٽالپرن جو هجي يا انگريزن جو – سنڌ جا وڏيرا هميشه "اُپريءَ ڪي سلام" ڪندا رهندا، ۽ هر حاڪم ڪان انعام ۽ آفرين ناما وٺندا ايندا. اوائلي ڏينهن ۾ ته جاگيرون ۽ زمينون به ملنديون هين.

جن ڏينهن جو آءٌ ذڪر ڪري رهيو آهيان، انهن ڏينهن ۾ ته ان وفاداريءَ جي وبا جو خاص زور هوندو هو – مثلاً، 1919ع ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا، ارل مانٽيگو، تحقيقات ڪرڻ آيو، ته هندستان جي ماڻهن کي سياسي سڌارا ۽ خود – حڪومت جا حق ڏجن يا نه؟ اهو فخر فقط سنڌ کي ئي حاصل ٿيو ته اتانهون جي مسلمان نمائندن سندس اڳيان وچي سپاسنامو پيش ڪيو، جنهن ۾ هيءَ ارداس ڪيل هئي ته سنڌ جا مسلمان چالو ڪمشنري راڄ مان بلڪل راضي آهن، ۽ ڪين ڪنهن به قسم جا سياسي سڌارا ڪو نه گهرجن! تنهن ڪري ، اهڙي سمي اندر، مرحوم ميان پير بخش صاحب جي "انجمن اسلام" جو اعلان وفاداري ڪرڻ ڪو غير معمولي قدم ڪو نه هو.

مرحوم پير ڪرم علي شاهه، جنهن جو احوال اڳتي ايندو، ميان پربخش جو سياسي رقيب هو. ميان صاحب انجمن اسلام ناهي، ته ان جي مقابلي ۾ پير صاحب به پنهنجي هڪ انجمن اسلام کڙي ڪئي. اچي لڳو جهيڙو "اسلام" جي پنهي انجمنن جي وچ ۾. خود انگريز تنگ ٿي پيا. سالن جي هنگامي بعد وچي فيصلو ٿيو ته هڪ انجمن جو نالو هجي "انجمن اسلام" ٻيءَ انجمن جي نالي ۾ "ن" کي زير اضافت ڏيئي اچارجي، يعني "انجمنِ اسلام"(انجمني اسلام). پوءِ

لڳي لٿ ميمبر سازيءَ تي. ساري شهر جا مسلمان ٻن پارٽين ۾ ورهائجي ويا، حالانڪ ٻنهي انجمنن جي زندگيءَ جو مقصد هن کان سواءِ ٻيو ڪو ڪو نہ هو تہ وقت جي انگريز آفيسرن اڳيان حاضر ٿي، شهر جي مسلمانن پاران وفاداريءَ جي اعلان جي تجديد ڪنديون رهن.

اِهو اُهو وقت هو، جڏهن هندو قوم سياسي طرح سخت سجاڳ ٿي چڪي هئي، ۽ ان جا فرد آزاديءَ جي تحريڪ ۾ شامل ٿي، هر قسم جون سختيون ۽ سور سهندا ٿي رهيا. سکر شهر ڪانگريس هلچل جو مرڪز بڻجي چڪو هو. ديش ڀڳت ويرومل ان هلچل جو مقامي اڳواڻ هو ۽ وقتاً فوقتاً جيل جون سزائون ڀوڳيندو ٿي رهيو. مقابلتاً شهر جا مسلمان ليڊر ڪوشان ٿي رهيا تہ ڪنهن بہ طرح مسلمانن کي انهن تحريڪن ۾ شامل ٿيڻ نہ ڏين. هندو، سرڪاري نوڪرين جي حصول وارو مقام اڳ ۾ ئي حاصل ڪري، هينئر آزاديءَ واري وڏي مقصد جي حصول لاءِ ميدان ۾ گهڙي پيا هئا. مسلمان اڃا پهرئين مقام تائين بہ نہ پهتا هئا، اڃا ڪين پوري تعليم ۽ ڪافي تعداد ۾ معمولي سرڪاري نوڪريون بہ ڪو نہ جڙيون هيون.

ميان پيربخش مرحوم ديندار، سنجيدو، سياڻو، ۽ بزرگ صورت هوندو هو. ميٺڪو لباس پهريندو هو: زريدار گول پڳڙي، ڊگهو ڪوٽ، ۽ موڪرو پاجامو، هٿ ۾ ڊگهي عصا - آهستي ڳالهائيندو هو ۽ هر اکر ڇپي ڇپي ٿي. نڪتچيني ڪرڻي هونديس، تہ بہ اشارتاً. نہ ڳوڙهي دوستي رکندو نہ هٿ وٺي دشمني ڪندو. مرحوم ميان عبدالرحمان پيرزادي ۽ سرڳواسي ديوان پوڄسنگهہ وڪيل سان رستو هوس. ٽيئي شهر جا برک بزرگ هئا. انتهائي شرافت سان هڪٻئي سان نڀائيندا رهيا.

ميان صاحب مرحوم پاڻ ۽ سندس فرزند ميان رسول بخش مرحوم (جنهن پڻ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رٽائر ڪيو) ۽ ميان نبي بخش (انڪم ٽئڪس آفيسر) مون تي ذاتي طرح مهربان رهيا. مون کي هميشہ اها آس رهندي آئي تہ ڪڏهن ميان صاحب مرحوم کي سندس ابتدائي زماني جا حالات ٻڌي، قلمبند ڪريان. پاڻ اهڙو واعدو بہ ڪيائين، پر منهنجي بدقسمتي، جو فرصت ڪا نہ مليم. معلومات جو وڏو خزانو هو، جو هٿان هليو ويو.

# پير ميان ڪرم علي شاهه مرحوم

پير ڪرم علي شاهه مرحوم دل جو صاف هو. تنهنڪري قدري طبيعت جو تيز هو. جي رُسيو تہ رڻ ٻاري ڏيندو- اتندي ويهندي پيو ياد ڪندو ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾. پر جي وجي پرتو تہ پيڙائي ٻاهر. اوهان وٽس وڃو يا نہ وڃو، پاڻ هر روز پيو پيرو ڪندو. سندس مهربانيءَ حاصل ڪرڻ جو آسان طريقو اِهو هوندو هو، تہ سندس "انجمنِ اسلام" جا ميمبر بڻجو. ميان پير بخش واريءَ اَنجمن اسلام ڪي غير - نمائنده سمجهو. شام جو گهڙي - سوا وڃي سندس ڪچهريءَ ۾ ويهو. ۽ جن ماڻهن تي پاڻ ناراض هجي، تن ڪان بيزاري ڏيکاريو! ساڻس دوستي ڪريو يا نہ. پر سندس دشمنن جا ضرور دشمن هجو - ۽ اهو هو معموليءَ ڪان معمولي شرط سندس مهرباني حاصل ڪرڻ جو.

زود رنج ۽ تيز طبع سببان جيتريءَ ترقيءَ جو لائق هو. اوتري ترقي حاصل ڪري نہ سگهيو - ورنہ ڪجهہ زمانو تہ شهر اندر ڏاڍي هلندي هيس. پنهنجي جذبات اڳيان بلڪل مجبور هو ۽ انهن جو اظهار ڏاڍي تکي نموني ۾ ڪندو هو. ان زماني جي سياست ۾ ڪاميابيءَ لاءِ پهريون شرط اهو هوندو هو. تہ ماڻهو پنهنجي زبان تي قبضو رکي، جيڪي ڪجهہ دل ۾ هجيس، تنهن جو پتو پنهنجي چهري جي ذريعي بہ لڳڻ نہ ڏئي. نہ پڪي دوستي ڪري ۽ نہ مستقل دشمني - جا هوا لڳي تنهن کي منهن ڏيندو رهي. سائين ڪرم علي شاهه مرحوم انهن خراب اصولن تي عمل ڪرڻ ڪان عاجز هو - "سڌي ڳالهہ سوٽي جي، پيڙي ٻڌي ڪوٽي جي."

مرحوم ميان عبدالله صاحب شينهن واري سان پهريان دوستي هئس. پوءِ ڪنهن ڳالهہ تان ناراض ٿي پيس. صبح ڪان شام تائين، ميان عبدالله متعلق پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندو رهيو. جنهن ڪري ميان صاحب مرحوم جو هلڻ -چلڻ دشوار ڪري ڇڏيائين. سائين ڪرم علي شاهه کي رستي سان ايندو ڏسندو، تہ هڪدم رستو ڇڏي پاسي ٿي ويندو.

ميان نعمت الله قريشي پراڻي سکر جو هڪ با اصول ۽ سخت آزاد خيال قومي ورڪر هو. خلافت خواهہ مسلم ليگ تحريڪن ۾ وڏي انهماڪ ۽ مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪندو رهيو. ويهہ سال اڳ "الوحيد" اخبار جو خاطو هوندو هو. ان زماني ۾ ڪو مضمون لکيو هئائين، جنهن ۾ سائين ڪرم علي شاهه

تي نڪتچيني ٿيل هئي. بس پوءِ ڪٿي ٿي سندس جان ڇٽي؟ "نعمت الله" مان ڦري ٿيو "...الله" ۽ قريشي مان "..." جيستائين مرحوم سائين ڪرم علي شاهه زنده رهيو، تيستائين ميان نعمت الله جي انهن لقبن مان جند ڪا نه ڇٽي.

سکر جون ٻه ڪچهريون مشهور هونديون هيون: ميان پير بخش مرحوم جي، بندر تي، ۽ سائين ڪرم علي شاهه جي مناري جي پر ۾. شام جو ڇڻڪار ٿيندا، ڪرسيون پٿجي ويندي يون، ۽ پاڻ اچي وچ ۾ ويهندا. هر هڪ صاحب جا پوئلڳ اچي موجود ٿيندا. اوپاريون لهواريون خبرون ڪندا. ڏينهن اندر حاصل ڪيل ڪاميابين ۽ مخالفين جي ناڪامين جا ذڪر ٿيندا. مغرب جي نماز تائين اهو سلسلو هلندو رهندو. انهن ڏينهن ۾ شربت پيارڻ يا سوڊا لمليٽ سان تواضع ڪرڻ وارو رستو اجا ڪو نه رائج ٿيو هو. تنهنڪري شريڪ مجلس، پاٽي هميشه گهران ئي پِي ايندا هئا.

ميونسپل اليڪشن جو ناد وڳو ۽ سائين ڪرم علي شاهه مرحوم ميدان ۾ نڪتو. گوڏن تائين سنهيءَ سلڪ جو موڪرو ڪوٽ، مٿي تي بوسڪيءَ جي ڪشادي پڳ، هيٺ سلوار، پيرن ۾ ڪارو، سنهيءَ ٻوٽيءَ وارو بوٽ، ۽ هٿ ۾ لڪڙ. ٽانگو جوٽجي ويندو، گهٽي گهٽي گهمندو، گهر گهر ويندو. جنهن ووٽر ڪشاده پيشانيءَ سان ووٽ جو واعدو ڏنس، تنهن کي دعائون ڪندو. "بابا سلامت هجين، سچو مومن آهين!" جنهن جي نيت ۾ خلل نظر آيس، ان کي ٺڏي تي "يزيد" يا "مروان" جي لقب سان سرفراز ڪندو. پڇاڙيءَ ۾ ان باهه کان بچڻ خاطر عام ماڻهن هيءُ طريقو اختيار ڪيو ته مُنهن تي ته ڏيندا هئس ووٽ جو واعدو ۽ پرپٺ وجي ووٽ ڪندا هئا پنهنجي دلي منشا مطابق. ان ڪري ڪنهن عرصي لاءِ سندس بيهاريل اميدوار ناڪامياب ٿيڻ لڳا، ۽ پاڻ ڪڏهن ميونسپل اندر صدارت جو عهدو حاصل ڪري نه سگهيو.

اصلي حقيقت هيءَ هئي ته شاهه صاحب مرحوم، اڳئين جُڳَ جو بزرگ هو. قومي تحريڪن جي رائج ٿيڻ بعد عوام ۾ سجاڳي جا آئي هئي، تنهن جو اندازو ڪريَ ڪو نه سگهيو هو. ڪو زمانو هو، جڏهن ماڻهو سيد ۽ پير فقير جي مراد پوري رکندا هئا. سندس خاندان ته خاص طرح سان جيلاني هو، جنهن جو وڏو شان هو، ۽ آهي. سندس وڏا يا پاڻ جيڪو بہ حڪم ڪندا هئا، تنهن جي پٺي پيروي ٿيندي هئي. پر بعد ۾ سياسي حالتن ۾ تڪڙي ڦيري اچڻ سبب

ماڻهن جي ذهنن ۽ مرادن ۾ به ڦيرو اچي ويو هو. اهو راز هو بزرگ محسوس ڪري نه سگهيو.

ذاتي طرح ڏاڍو دلچسپ ۽ وضعدار انسان هوندو هو.

## ميان عبدالرحمان پيرزادو

- سکر جي چوياريءَ مان هڪ هو. ان چوياريءَ جا ٻيا ٽي رڪن هي هئا: ميان پير بخش، پير ميان ڪرم علي شاهه ۽ ديوان پرڀسنگهه. ميان ڪرم علي شاهه، پڇاڙيءَ ۾ ان چوياريءَ کان علحده ٿي ويو. مگر باقي ٽن جي ياري، وضعداريءَ جي پراڻن بنيادن تي پڇاڙيءَ تائين هلندي رهي.

ميان عبدالرحمان، درگاهه شاهه خيرالدين رحمة الله عليه جو سجاده نشين هو. ميونسپل سياست ۾ پورو حصو وٺندو هو. ان کان مٿينءَ سياست سان ڪو واسطو ڪو نه رکيائين.

مون کي، ڪيس مطالع ڪرڻ لاءِ، ڪو به خاص موقعو ڪو نه مليو. آءٌ ڪڏهن ڪڏهن درگاهه جي زيارت لاءِ ويندو هوس. شام ويلي، پاڻ درگاهه جي اندرئين دروازي جي سامهون تريتن کي پاسو ڏيو، ويٺو هوندو هو. زائر، درگاهه جي زيارت بعد نذر نياز آڻي سندس اڳيان رکندا هئا.

## ديوان پرڀسنگهه پهلاجاڻي

اهڙو خشڪ طبيعت ماڻهو ورلي نظر آيو. ساريءَ زندگيءَ اندر شايد هڪ يا ٻه دفعا مشڪل سان مُرڪيو هوندو. صورت وڏي رعب واري - ڊگهو، ڏاڙهي ڪتريل ۽ سفيد، هيٽ پتلون ۽ ڪوٽ، مٿي تي بج سان ڪاري ٽوپي، ڪورٽ، بمبئي ڪائونسل، يا سنڌ اسيمبلي ۾ ايندو، ته پوءِ ميراٿي ڏانوَ جي ڪلنگي ڊڪي ايندو.

وڪالت ۾ چوٽيءَ جو مقام حاصل ڪيل هوس. مقدمي ۾ هڪ - ٻه مکيه پائنٽ ڳولي هٿ ڪندو ۽ ان کي ثاهڻ يا ڊاهڻ تي قانون جا درياءَ وهائي ڇڏيندو. مشهور هوندو هو ته مرليڌر وڪيل جي آڏي پڇا، صاحبسنگهه وڪيل جي حرفتبازي، ۽ پرڀسنگهه جي قانون داني!

بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ۽ سنڌ جدا ٿيڻ کان پوءِ سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ٿي رهيو. سندس راءِ کي وڏو وزن ڏنو ويندو هو. ٿورو ڳالهائيندو، پر

جو ڳالهائيندو، سو نجو عقل هوندو. تقرير ۾ نہ لچڪ هوندي، نہ رنگ، نہ دليل. سندس دماغ ٽڪسال هو، جنهن مان سون ۽ چانديءَ جا نهيل ۽ اجاريل سڪا نڪري اچي ٻاهر پوندا هئا. ساريءَ زندگيءَ اندر ڪو گٿو اکر يا هلڪو لفظ سندس زبان تي نہ ٻڌوسون. نہ ڪڏهن ڪوڙ ڳالهايائين، نہ اٽڪل وعدو ڪيائين، ۽ نہ ضمير وڪيائين. آزاديءَ جي تحريڪ ۽ هندو قوم جي جاڳرتا سان ڳوڙهي دلچسپي هيس، پر جذبات جي درياءَ ۾ ڪڏهن ڪو نہ وهيو. ميانہ رويءَ جو اصول قائم رکيون آيو. انتها پسندي هر معاملي ۾ ناپسند هيس. انگريز عزت ڪندا هئس، ڪانگريسي ۽ مهاسڀائي ڏانهنس خوش رهيا. ظاهري طرح ڏک جو سبب مسلمانن کي بہ ڪو نہ ڏنائين. ميونسپل پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ سکر شهر کي چڱيءَ طرح سينگاريائين. سال 1911ع کان 1914ع تائين ۽ وري 1924ع کان 1928ع تائين ان عهدي تي رهيو. وڏي وقار ۽ انتهائي ايمانداريءَ سان ڪاروبار هلايائين.

## ديش ڀڳت ويرومل بيگراج

جوشيلو، قدري سخت طبيعت، زبان تي سوراج، پر دل ۾ "هندو جاتيءَ جي جئہ" جا خيال. ڀهريان بال گنگاڌر تلڪ جو پوئلڳ ۽ ڪانگريس جو وائيس پريزيڊنٽ هو، ۽ پڇاڙيءَ ۾ هندو مهاسڀائي. ديش ڀڳت ويرومل بيگراج سکر جي سياست اندر، ڪنهن زماني تائين، وڏو هنگامو مچايو ويٺو رهيو.

جن شخصن سڀ کان ڀهريان سنڌ اندر سياسي سجاڳي آندي، تن مان هڪ مسٽر ويرومل بہ هو. "سنڌي" اخبار ڪڍيائين، جنهن جو پاڻ سمپادڪ بڻيو. اها اخبار پاڪستان ٺهڻ تائين زور شور سان هلندي رهي. منهنجو ڀهريون غير سياسي سنڌي مضمون ان اخبار ۾ شايع ٿيو. مضمون مقامي سٽي ماجسٽريٽ جي خلاف هو: ان صاحب جي عادت هئي تہ هر روز بلئي جي ناٽڪ ۾ وڃي مير مجلس بڻجي ويهي.ان ڪري ماڻهن ۾ ڏاڍيون چميگوئيون هلي رهيون هيون، جن کي مون مضمون جي صورت ڏيئي پڌرو ڪيو هو.

سياسي ميدان اندر"سنڌيءَ" ڪافي ڪم ڪيو. انگريزن خلاف ٻاهہ ٻاري ڇڏيائين. ٻہ دفعا ويرومل کي جيل ڪاٽڻو پيو، جنهن جو مجموعي ميعاد پنج سال هو. پر پائي صاحب پنهنجن اصولن تان هٽيو ڪو نہ. آزاد هوندو هو تہ هر ڇهين مهيني ڪو نہ ڪو مچ مچايون ويٺو هوندو هو.

ان وچ ۾ هندو مهاسڀا تحريڪ شروع ٿي. خلافت هلچل جي ناڪاميءَ بعد، هندستان اندر هندو مسلم ڇڪتاڻ وڌي ويئي. هندن شڌي تحريڪ(مسلمانن کي زوريءَ هندو بنائڻ) شروع ڪئي ۽ مسلمانن وري تبليغ اسلام تحريڪ. مرڪز ٻنهي تحريڪن جو دهليءَ ۾ هو. هڪ جو اڳواڻ هو سوامي شرڌانند، جنهن کي ڪجهہ عرصي بعد هڪ مسلمان ڇرو هڻي ماري وڌو، ٻيءَ جو سرڪردو هو خواجہ حسن نظامي مرحوم. ساري ملڪ اندر هندو مسلم فساد شروع ٿي ويا. شرڌانند جي موت بعد ضرورت محسوس ڪئي ويئي تہ شڌيءَ جي هلچل کي ڪو عزت ڀريو جامو پهرايو وڃي، تنهنڪري هندو مهاسڀا ڪڙي ڪئي ويئي.

1927ع ۾، لاڙڪاڻي ۾ هندو- مسلم فساد ٿيو. سنڌ جي تاريخ اندر ان قسم جو اهو پهريون فساد هو. ان جا شعلا ساريءَ سنڌ اندر پکڙجي پيا ۽ هندن مسلمانن جي ذهنيتن ۽ باهمي تعلقات ۾ وڏو فرق پئجي ويو. هندو ڪارڪن هندن جي تنظيم ڪرڻ لڳا ۽ مسلمان ڪارڪن مسلمانن جي. ڪيترائي هندو ڪارڪن ڪانگريس کي ڇڏي مهاسڀا ۾ ڪافي پيا، جا ڪٽر هندن جي جماعت هئي. مسٽر ويرومل بہ ڪانگريس مان استعفا ڏيئي وڃي مهاسڀا جي اڳواڻي اختيار ڪئي. ان جماعت جا اصول هيٺيان هئا:

(1) هندو قوم جي، هندو مذهب جي بنياد تي، سنگٺن (تنظيم).

(2) هندن کي ملڪي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ طاقت ورنائڻ.

(3) مسلمانن کي ڪمزور، ڪنگال، ۽ ذليل ڪري رکڻ.

(4)اسلام جي غيبت ڪري اُن جي اثر کي ختم ڪرڻ.

مسٽر ويرومل جي پرچار، ٿوري ئي عرصي اندر، هٽي وڃي هنڌ ڪيو. سکر جي فضا ايتريقدر خراب ٿي ويئي، جو ان کان پوءِ جيڪي بہ هندو مسلم فساد ٿيا، سي سکر ۾ ٿي ٿيا. 29-1930ع ۾، روهڙي ڊويزن اندر هندو مسلم مارا ماري ٿي. سال - اڌ بعد خود سکر شهر اندر ان قسم جا واقعا ٿيا. جيئن پوءِ تيئن ڪشيدگي وڌندي ويئي ۽ آخر 1940ع ۾ منزلگاهہ مسجد واري سوال تي سکر شهر ۽ پسگرداڻيءَ ۾ ايتريقدر خونريزي ٿي، جو الامان والحفيظ! سوين ماڻهو مارجي ويا، تقريباً ٻن ڪروڙن جي جائداد سڙي خاڪ ٿي ويئي، ۽ ڪيس، مقدما، جيل جون سزائون ۽ ڦاسيون ان اپرانڌ!

سکر جي واقعات سنڌ جي سياست تي مستقل اثر ڇڏيو. انهن ڏينهن کان پوءِ هندو- مسلم ميلاپ ناممکن ٿي پيو. مسلمان مسلم ليگ ۾ گهڙي پيا ۽ پاڪستان جي حصول لاءِ ڪوشش شروع ڪري ڏنائون. ٿورن سالن بعد پاڪستان قائم ٿيو ۽ هندن کي مورڳو سنڌ مان لڏڻو پيو. مسٽر ويرومل پاڻ ان هوندي بہ پاڪستان مان ڪو نہ ويو. البت سندس سياست ختم ٿي چڪي هئي. حياتيءَ جا باقي ڏينهن خاموشيءَ سان ساڌُئي سکر ۾ گذاريندي، چالاڻو ڪيائين.

ذاتي طرح چڱيءَ سڀاءَ جو صاحب هو. ڳالهائڻ جو نمونو وڻندڙ ۽ سنجيدو هوس. دل ۾ ڪجهہ بہ هيس، پر سڏيندو هر ڪنهن کي "منهنجا پيارا ڀاءَ" . هٿ جي نهيل کدر جا ڪپڙا پهريندو هو - ڌوتي، قميص، ۽ گانڌي ٽوپي. ڳالهائڻ ۽ لکڻ پنهي ۾ اثر هوس.ڌاريءَ حڪومت اڳيان ڪڏهن بہ سيس نہ نوايائين. پنهنجي هندو جاتيءَ جي شيوا جو عشق هوس. پر عشق ۾ توازن جو هجڻ لازمي آهي. اهو توازن سرڳواسيءَ جي طبيعت ۾ ڪو نہ هو. تنهنڪري سنڌ مان پنهنجي جاتيءَ ۽ خود پنهنجو تڏو ڪڏائي ويهي رهيو. گهڻيءَ حد تائين سندس قسمت جو بہ قصور هو. ايترين خدمتن ۽ قربانين هوندي خود سندس پنهنجي جاتيءَ بہ سندس ڪو قدر ڪو نہ ڪيو. سکر شهر ۾ هندن جي اڪثريت هوندي بہ هو هڪڙو دفعو بہ ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊجي نہ سگهيو. بمبئي ڪائونسل ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾، هندن جي پاران، ڀنگي ۽ ميگهواڙ بہ بطور ميمبر جي چونڊجي ويا، مگر ويرومل کي اهو معمولي اعزاز بہ حاصل نہ ٿي سگهيو. جڏهن بہ اميدوار بيٺو، ناڪامياب ٿي رهيو:

"ماءُ ڄڻيندي پٽڙا، بخت نہ ڏيندي ونڊ!"

## مسٽر عبدالحميد خداداد خان

مرحوم خانبهادر خداداد خان جو ٻيو نمبر فرزند، پراڻي سکر ۾ رهندڙ، صاف دل ۽ وضعدار انسان، سکر جي بزرگن ۾ان هو.

سنڌ جي سياست جا هوندڻ تہ گهڻا ئي شهيد آهن، مگر ان قسم جي شهداءِ ڪرام ۾ عبدالحميد خان جو نمبر بلڪل مٿانهون آهي. سندس والد بيرسٽريءَ پڙهڻ لاءِ ولايت روانو ڪيس. اُت سياسي ليڊرن ۽ وڏن ماڻهن جي سنگت حاصل ٿيس. پڙهائي کان وڌيڪ پاليٽڪس تي توجهہ ڏنائين.

ميٽنگون، ڊنرون، اخباري بيان، گروپ فوٽا، وغيره وغيره، جن جو ماحصل هن ڪان متي ڪو نہ ٿو ٿئي تہ:

"چار گهڙيون چانڊوڪي، پوءِ انڌاري رات."

تعليم پوري ڪري ڪو نہ سگهيو. اڌوريءَ حالت ۾ ڇڏي، واپس وطن وريو. ولايت مان البت فوٽن جو هڪ سٿو ساڻ ڪنيون آيو. اهي فوٽا اڄ تائين سنڌس بنگلي جي ديوارين تي پيا لڙڪن. هينئر تہ فوٽن ۾ ڏيکاريل ماڻهو بہ گذاري ويا آهن ۽ اڌوهي خود فوٽن جي بہ صفائي ڪري ڇڏي آهي.

پنهنجي ملڪ ۾ موٽي اچڻ بعد بہ عبدالحميد خان جي پاليٽڪس جاري رهي. سنڌس جواني هئي ۽ ماڻهن مان بہ اڃا تائين خانداني‌ءَ جو خيال ۽ سچائيءَ جو لحاظ ختم ٿي ويل ڪو نہ هو. سکر ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو. آٽوراٽفيلڊ(مصنف "وومين آف انڊيا") سکر جو ڪليڪٽر ٿي آيو. ان انگريز جي پاليسي هئي، تہ چڱن گهراڻن جي انگريزي پڙهيل نوجوانن کي همٿائجي. عبدالحميد خان کي آنريري ماجسٽريٽ مقرر ڪرايائين. ان وچ ۾ خيرپور ۾ شيخ محمد قادر مرحوم وزير ٿي آيو. عبدالحميد خان سنڌس حلقہ احباب ۾ شريڪ ٿيو. سنڌس مدد سان ڇهن مهينن لاءِ ، هڪ باءِ اليڪشن ۾، هندستان جي سينٽرل ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. ان کان پوءِ سنڌ جي حالتن ۾ ڦيرو آيو. سياست تي قبضو ٿيو مالدارن جو. انساني شرافت، سچائي ۽ بنياد جو ڪو قدر ڪو نہ رهيو. جنهن وٽ چار پئسا ٿيا، ۽ ڪوڙ بدوڙ ۾ مهارت حاصل ڪيائين، سو اڳتي وڌيو. عبدالحميد خان جهڙا انسان، ڏسندي ڏسندي، پوئتي رهجي ويا. ان ۾ ڪو شڪ ڪو نہ آهي، تہ خود ان صاحب بہ پنهنجي پاران حالتن کي منهن ڏيڻ، ۽ انهن جي مقابلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪئي:

نا سزائي را چو بيني بخت يار
عاقلان تسليم ڪردند اختيار.

آرام سان، ۽ پنهنجي استطاعت مطابق، اڳوڻن ساٿين سان ملندو، ۽ ملڪ جا سٺر سپاٽا ڪندو رهيو. عملي دنيا ڪيس وساري ڇڏيو ۽ پاڻ عملي دنيا کي پني ڏيئي ويهي رهيو.

جت پڇڻ نہ پاهت، ات پڇڻ ڪم وريامن جو!

## ڊاڪٽر محمد يامين

پيدائش پنجاب جي، مگر عمر ساري سکر ۾ صرف ٿيس. ڏندو دندان سازي، ۽ ڪجھ سالن لاءِ اخبار نويسي. "دعوة اسلام" نالي اخبار ڪڍيائين، جنهن پير صاحب پاڳاري جي 30-1931ع واري مقدمي جي زماني ۾، مقدمي جي ڪارروائي ڇاپڻ سان، ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي. سياست ۾ به دلچسپي وٺندو هو. "ميونسپل ڪمشنر"(يعني ميونسپل ميمبر) بڻجڻ جو ساري عمر شوق رهيس، مگر سواءِ هڪ دفعي جي، ڪڏهن به چونڊجي ڪو نه سگهيو. مخلص هو تنهنڪري زود رنج - گهڙيءَ رسي، گهڙيءَ پرچي. دوست، جانثار، سادو، ۽ صاف دل، ۽ نه ڇڏي ڏک ۾ نه بک ۾. اهو ئي ڪارڻ هو، جو ماڻهن سندس انهن خصلتن جو هميشه ناجائز فائدو ورتو ۽ ڪيس استعمال ڪرڻ بعد هر موقعي تي منجهانئس هٿ ڪڍي ويا. ظاهر داري رکڻ ڪيس به بنھ ڪا نه ايندي هئي. هميشه منهن سچايو وينو هوندو. نه ڪل مُرڪ، نه وڏي کنهن جي دل وٺندو. پوءِ ڇوتا ماڻهو ويجهو اچنس؟ عام دنيا جو دستور آهي: -

اندر ويهار ڪانءَ، ٻاهر ٻولي هنجھ جي.

محمد يامين هنجھ جي ٻولي ڪڏهن ڪا نه سکي. ڀائيندو هو ته جنهن صورت ۾ سندس اندر ۾ ڪانءُ ڪو نه آهي، تنهنڪري هنجھ جي ٻولي ڇو سکي؟ پر دنيا ۾ هلڻو آهي ته هنجھ جي ٻولي ضرور استعمال ڪرڻي آهي، پوءِ دل اندر ڪانءُ جو ڪو آکيرو هجي يا نه! ڪنهن کي آهي فرصت ۽ ضرورت ته ويهي ٻين جون دليون ڇڪاسي ۽ منجهن جي سچائيءَ جا موتي، ۽ چڱائيءَ جا ماڻڪ لڪل رهن ٿا، تن کي معلوم ڪري ۽ انهن جي قيمت جي ڪَٿا ڪري؟ ۽ دنيا اندر آهن گهڻا موتين جا پارکو يا ماڻڪن جا خريدار؟

خواهه مخواهه وچ ۾ پئي، ٻين کي لوڻيون هڻي، اڳينءَ صف ۾ جاءِ هٿ ڪرڻ جي ڪڏهن ڪوشش به ڪا نه ڪيائين. حالانڪ پنهنجي چو طرف هر روز ڏسندو ٿي رهيو ته سندس همعمر ان قسم جي گونڊا گردي ڪندي، اڳتي وڌندا پئي ويا. سکر جي محدود حلقي اندر ڪا به اهڙي اسلامي تحريڪ ڪا نه جاري ٿي، جنهن جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد يامين سچائيءَ سان خدمت نه ڪئي هجي. خلافت، تبليغ اسلام، منزلگاهه، مسلم ليگ - غرض سيني تحريڪن ۾ سندس حصو نمايان هو. منزلگاهه جي

سلسلي ۾ ته مٿس ڪيس به هليو، جنهن ۾ وگهي ڏاڏيءَ پيڙا مان لنگهڻو پيس. پر نه اف ڪيائين، نه قوم کان ڪنهن انعام جي طلب.

سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

۽ نه وري قوم پاڻ ئي وڏي مٿس ڪا ورڪا ڪئي. سنڌ جون ميونسپالٽيون ۽ لوڪلبورڊ آهن ئي ان لاءِ ته منجهانئن ميمبر جاوا ڪندا رهن. سکر ۾ ته خاص طرح ڪيترن ميمبرن جو گذارو ئي محض ان آمدنيءَ تي پيو ٿيندو هو. پر ڊاڪٽر محمد يامين جيڪو به عرصو ميونسپل ميمبر رهيو، پنهنجي لاءِ يا پنهنجن لاءِ ڪو به فائدو حاصل ڪو نه ڪيائين. "دست حاجت" دراز ڪرڻ جي عادت ئي ڪا نه هيس. هر دم صبر ۽ شڪر. ٻڪ جي حالت ۾ به بيقراريءَ ڪان بالا مون اهو شخص ڏٺو.

## ديوان صاحبسنگهه وڪيل

سنهڙو، قد جو وينوڙو، نازڪ بدن، نفاست طلب، پر عمل ۾ ڪولٽ جو آٽو - ميٽڪ پستول. صاحبسنگهه محض ڪيس ۾ وڪيل ٿي آيو، ته آسانيءَ سان سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ثابت ڪري ويندو. قانون جا اهڙا ناياب باريڪ نُڪتا پيدا ڪندو، جي گهڻن وڪيلن ڪڏهن ٻڌائي ڪو نه هوندا. قد ۾ گرانٺ، پر عدالت جي ساريءَ فضا تي ڇانيو پيو هوندو. پنهنجو مٽ ڪنهن کي ڪو نه سمجهندو. ڪنهن وڪيل آڪڙ ڏيکاريس ته عدالت جي ٻاهران، ۽ خود عدالت اندر، فقط، ٻه ٽنوليون ۽ چرچا ڪري ٻيڙي ٻوڙي ڇڏيندس. ديوان ڪندنداس ڪانئس سينئر وڪيل هو، ۽ پبلڪ پراسيڪيوٽر. قدر ۾ ٻئي هڪجيترا ۽ ٻنهي جي انگريز عملدارن سان لهه وچڙ ۽ اٿ ويهه هوندي هئي. پاڻ ۾، ڪنهن حد تائين، هم پيشگيءَ جي رقابت به هوندي هين. ائين ڪنهن ڪلب يا ڪورٽ ۾ ڪندنداس، صاحبسنگهه جي ور چڙهي ويو، ته ٽنولين سان ابتي ڪل لاهي ڇڏيندس. چرچي جي شروعات هميشه ڪندنداس وٽان ٿيندي، پر پوءِ جيڪي ڪجهه صاحبسنگهه هٿان ساٽس ٿيندو، سو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وٽان هوندو. سال 30-1931ع ۾ پير صاحب پاڳاري تي مقدمو ٿيو. ڪارروائي سکر جي جيل ۾ هلي، سرڪار پاران وڪيل هئا مسٽر سي ايم - لوبو(جو پوءِ سنڌ چيف ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو) ۽ راءِ بهادر ڪندنداس. پير صاحب پاران مکيه وڪيل هو مسٽر محمد علي جناح، ۽ مددگار وڪيل صاحبسنگهه. ڪيترا

مهينا مقدمو هلندو رهيو. هر روز ڪندنداس ۽ صاحبسنگهه جي وچ ۾ پيون جهڙپون ٿينديون هيون، خاص طرح ڪورٽ جي ٻاهران. ڪير جو ٿورو ڪلي؟ جناح صاحب مرڪندو به مشڪل سان هو. ڇو جائيڪ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ويهي يا ڪن ٻن شخصن جي وچ ۾ هلندڙ گفتگو ڏانهن ڪن ڏئي: پر ڪندنداس ۽ صاحبسنگهه جي چڪرين ۾ خاصي دلچسپي وٺندو هو. انهيءَ زماني ۾ جناح صاحب جي اعليٰ لباس ڪي ڏسي، ٻين وڪيلن به نوان سوٽ سبارايا هئا. لويو مارننگ سوٽ ۾ اچڻ لڳو. صاحبسنگهه ته لباس ۾ وڃي خود جناح صاحب سان ڪن هنيو. باقي رهيو هو ڪندنداس تنهن به پنهنجي پاران ته ڪو نه گهٽايو، پر صاحبسنگهه جي جُتيءَ ۾ ڪٿ ٿي پير پائي سگهيو؟ صاحبسنگهه کي ٽوڪ لاءِ ٻيو مواد ڪو نه ملندو ته ڪندنداس جي ڪپڙن سان شروع ڪندو:

"ڪندنداس، اهو ڪوٽ جو ڪپڙو ڪٿان آندو اٿئي؟"

"ڪراچيءَ مان."

"ڪوڙ ٿو ڳالهائين. اهو ڪپڙو فلاڻي جي گُنڙي ۾ آيو هو. جيڪا سکر جي مال گودام مان چوري ٿي ويئي ۽ جنهن جي بنسبت اڄ ٿائين پوليس ۾ رپورٽ داخل ٿيل آهي. آءٌ ته سمجهان ٿو ته گُنڙيءَ جي چورن مان ڪو تنهنجو اصيل آهي، جنهن وٽان اهو ٽُڪر هٿ آيو اٿئي."

ان ڪان پوءِ ڪندنداس گارين ۾ مچي ويندو. هڪ ڏينهن فساد صاحبسنگهه جي هن ريمارڪ تي اچي متو: ڪندنداس جي جسم تي نئون سوٽ ڏسي پاسي ۾ ٻيٺلن ماڻهن کي سڏي چيائين: "ڪندنداس، فيشن ايبل ٻڻجڻ جي ته گهڻي ڪوشش ڪئي آهي- اڄ صبح جي اخبارن ۾ اها خبر به اچي ويئي آهي ته ديوان صاحب هينئر ٽوٿ برش استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. پر ديوان جي ڊريس ۽ سندس صفائيءَ جو خانو خراب، سندس ڪن ڪيو ٻيٺا آهن، جي ڇَٻن وانگر پيا لڙڪنس!"

انهن ڏينهن ڪان پوءِ مون اڪثر ڏٺو ته ڪندنداس، صاحبسنگهه ڪان مڙيو ٿي پاسو پيو ڪندو هو. ڪندنداس "سائين لوڪ" قسم جو سڌو انسان هوندو هو - حرڪتن ۽ حرفتن ۾ ڪٿي ٿي صاحبسنگهه جو مقابلو ڪري سگهيو؟

صاحبسنگهه ڪمائيندو لک، پر پوئتي ڇڏيندو پائي به ڪا نه. خوش پوش، خوش نوش، ۽ خوش خوراڪ. اٿڻي ويهڻي مغربي ڍنگ جي. رهندو

ٽَڪر تي علحده بنگلي ۾، جنهن جو هر ڪمرو سهڻيءَ طرح سينگاريل هوندو- خاص طرح آفيس وارو روم، جيئن ٻاهران ايندڙ اصيلن تي هڪدم رعب پئجي وڃي. ڪپڙن جو اڳ ۾ ئي ذڪر ڪيو اٿم: هٿن ۾ منڊيون، واسڪوٽ ٻاهران سوني گهڙيال جي سونهري زنجيري بمع لاڪيٽ جي پٺي لڙڪندي، بوٽ هميشه ولايتي، مٿي تي سفيد هيٽ، اکين تي خوبصورت سنهري فريم سان عينڪ، جناح صاحب کي ڏسڻ بعد هو به هڪ اک تي سونو مونوڪل رکي ماڻهن سان ڳالهائيندو رهيو. سواريءَ لاءِ موٽر. شام جو بلاناغه وڃي "نرسامل ڪلب" ۾ ويهندو.پاڻ به پيو پيئندو ۽ کائيندو ۽ آئي وئي کي به پيو کارائيندو ۽ پياريندو. گهڻا جج ۽ عملدار ان طريقي سان پنهنجا مريد ڪري ڇڏيائين.

ڪٽر قسم جو هندو ڪو نه هو. دوستي مسلمانن سان رکيائين، ڪم هميشه مسلمانن جو ڪيائين. حيدرآبادي عامل هو. سکر جي متعصب هندو حلقن سان ڪو ڳوڙهو واسطو ڪو نه رکيائين. ميونسپل جو پريزيڊنٽ ڪڏهن ڪو نه چونڊجي سگهيو. البت هڪ دفعي ميونسپل اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن سو ضرور چونڊيو. پر چيئرمنيءَ ۾ پريزيڊنٽيءَ کان وڌيڪ ڏک ڏنائين.

## ديوان بهادر ايسرسنگهه

رچ اشراف ماڻهو هو. ڪيترا سال ميونسپل پريزيڊنٽ رهيو. ديوان پوچسنگهه جهڙي ماڻهوءَ کان پريزيڊنٽي اهو صاحب ئي ڇڏائي سگهيو. پيشو وڪالت هوس. جيڪب آباد ضلعي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر پڻ رهيو. هندن جو خاص خيال رکيائين، پر ڦٽائيندو مسلمانن سان به ڪو نه هو. فرينچ ڪٽ ڏاڙهي رکندو هو. ڳالهائڻ ۾ بحر، زبان ۾ بيمثل رواني! تقرير لاءِ اٿيو ته چڻ ساوڻيءَ جي ليٽ اچي ويئي! اٿ – ويهه خواص سان هيس، عوام سان عوام جي ليول تي لهي نه ايندو هو. اهو ئي سبب هو، جو اسيمبليءَ ۾ ڪڏهن به چونڊجي ڪو نه سگهيو. ۽ ڪجهه عرصي بعد خود ميونسپالٽيءَ مان به نڪري ويو. ڪانگريس تحريڪ سان همدردي ضرور هيس، پر ظاهر ۾ انگريزن کي به خوش رکندو آيو. جن "ديوان بهاديءَ" جو لقب ڏنس. انهن ڏينهن ۾ ساريءَ سنڌ اندر فقط ٻه يا ٽي ديوان بهادر هوندا هئا.

مجموعي طرح ماڻهو شاندار هو – ڏسڻ جهڙو، گفتگو جي لائق – ۽ نه وري ڪيترن وڪيلن وانگر لالچي. ڪنهن سنگتي ساٿيءَ اچي سڏ ڪيس، ته پهر پاڇو مفت ۾ به وهي ويندو.

## ديوان ڪندنداس

راءِ بهادر ٿيو. اٽڪل پندرهن سال سرڪاري وڪيل ٿي رهيو. شريف، سخن جو سچو، هلت چلت بزرگانہ. صبح جو سڪمني صاحب جي دور ڪرڻ کان اڳ ماڻهوءَ جو منهن نہ ڏسندو. وڪيل ئي وڪيل هو. وڪيل کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ. سياست ۾ ڪا دلچسپي ڪا نہ ورتائين. سندس جونيئر ڀائيوار ديوان ايسرسنگهہ تہ ميونسپل پريزيڊنٽ ۽ ديوان بهادر بڻجي ويو. پر ڪندنداس "راءِ بهادر ڪندنداس وڪيل" ئي رهيو. جيڪڏهن ڪو شوق هوس تہ ڪمائيءَ جو، جائداد ناهڻ جو، ٻچن کي پڙهائي قابل ڪرڻ جو ۽ ڪليڪٽر سڪر جي اعتماد حاصل ڪرڻ جو - باقي دنيا ڪڏ پوي يا کوهہ. پٽ کي بارسٽري پڙهائڻ لاءِ ولايت موڪليائين، جيستائين ڇوڪرو واپس آيو، رات ڏينهن ان جون ڳڻتيون ڪندو ٿي وتيو.

سرڪاري وڪيل جي حيثيت ۾ ٻيءَ ڌر کان رشوت نہ وٺندو. ضلعي جي ڪليڪٽر جي راءِ ضرور رکندو، پر صلاح ڇڏندس تہ غلط راءِ بہ نہ ڏيندو. ايماندار،حرفت بازيءَ کان قطعاً پري. هٿ وٺي ڪنهن کي نقصان ڪو نہ رسائيندو. اڍائي گهرن جو ئي خير گهرڻ وارو.

## ديوان بسنترام

دوست، سچو دوست، اٽندي دوست، ويهندي دوست، مرندي دوست، دوست ئي دوست! نہ لالچ نہ لوڀ!

وڪيل هو، پر دوستن جو جيڪو معاملو ٿيندو، بسنترام جو وڪالت نامو خود بخود داخل ٿي ويندو. بگيءَ جو ڀاڙو پاڻ ادا ڪندو. ڪورٽ فيءِ اسٽامپ پاڻ ڳنهندو. نقلاٽو پاڻ ڀريندو. وقت ايندو تہ ڪارائي پياري بہ ڇڏيندو. پنهنجي قسمت سارو دوست نرڳ وڃي يا سرڳ، پر بسنترام جي وفا بسنت جي حالت ۾ ئي رهندي.

ميونسپل جي اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن ٿيو. ان کان پوءِ سٽت ئي ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيو، پر هڪ لحظي لاءِ بہ خيال دماغ ۾ ڪو نہ آيس تہ ڪو هو وڏو ماڻهو بڻيو آهي. ساڳيو ئي حال ساڳي ئي هلت، اُهو ئي سادو سوٽ، اهو ئي مٽيءَ لڳل ڪُهنو بوٽ، اُهي ئي ڳهٽيون اُهي ئي ڳهاٽ.

ماڻهو سخت تنگ ڪندس تہ بہ تکو اکر نہ ڳالهائيندو. منهن ۾ گهنڊ نہ وجهندو. قميص يا ڪوٽ جي ڪنڌ ڪان جهليندس تہ جهٽڪو ڏيئي پاند نہ پري ڪندو. ڏاڍو پريشان ٿيندو ۽ چپ سڪي ويندس، تہ نڪ مان ڦوهارا ڏيڻ شروع ڪندو. سمجهي وٺبو تہ پائي بسنت تي هينئر ڏکي گهڙي اچي ويئي آهي.

سکر جي تاريخ ۾ عوامي ماڻهن مان بسنترام ئي پهريون شخص هو، جو ميونسپل جو پريزيڊنٽ بڻيو - محض خدمت، سچائي، ۽ دوست نوازيءَ جي طفيل، ۽ سو بہ واسينگن جي وچ ۾. وڏا وڏا وڪيل، ديش ڀڳت، ديوان بهادر، پير، امير، آغا، سنت، سيٺيون، ۽ سمپادڪ ميدان ۾ موجود هئا، پر بسنترام جي مقابلي ۾ مڙني ڪي بس ڪرڻي پئي. ۽ نہ وري انگريزن اڳيان ئي وڃي ڪنڌهن سيس نمايائين. سچ آهي تہ اهو زمانو انگريزن جي بہ ڀچاڙيءَ جو هو، پر ان هوندي بہ ميونسپل پريزيڊنٽ کي سکر جي ڪليڪٽر جي مڙيو ئي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪاڻ ضرور ڪڍڻي پوندي هئي. بسنترام ان آزار کان بہ آزاد رهيو.

مون ساڻ دوستي هيس، پر اسان ٻنهي جي اڳيان هڪڙو مقام ڏاڍو مشڪل اچي ويو.

پاڻ سکر ميونسپل جو پريزيڊنٽ ۽ سنڌس ميمبر ۽ مددگار اڪثر هندو. مان سنڌ پراونشل مسلم ليگ جو جنرل سيڪريٽري ۽ مسجد منزلگاهہ جي واگذاريءَ واريءَ تحريڪ جي مکيہ اڳواڻن مان هڪ.

سال 1940ع ۾ منزلگاهہ جي سوال تي اچي متو هو ممڻ. مسلمانن گهر ڪئي تہ منزلگاهہ جي ميدان واريون بہ عمارتون مسجد ۽ ان جو حجرو آهن، تنهنڪري انهن جو قبضو موٽائي مسلمانن جي حوالي ڪيو وڃي. هندن ڪئي ان مطالبي جي زوردار مخالفت. سنڌ جو چيف منسٽر هو خانبهادر الله بخش، ۽ خانبهادر مرحوم جو سنڌ اسيمبليءَ اندر مدار هو ڪانگريسي هندو ميمبرن جي ووٽن تي. فيصلو ڪيائين تہ اها عمارت مسجد نہ آهي، تنهڪري ان جو قبضو سرڪار وٽ ئي رهندو. مسلم ليگ فيصلو ڪيو ستياگرهہ جو. ڪجهہ ڏينهن جي هلچل بعد شروع ٿي ستياگرهہ . ستياگرهين وڃي ورتو قبضو مسجد جو. هزار ڪن پيا جيل ۾. جيل مان آزاد ٿي، وڃي وينا مسجد سگوريءَ ۾. الله بخش گورنمينٽ ڪيو پيو حڪم تہ بيقاعدي ورتل قبضو ڇڏايو وڃي. زوريءَ اچي گهڙي پوليس مسجد ۾. ڪن مسلمانن کي لڳيون لٺيون، ڪن تي اُٺي گئس، ڪن جا وهيا رت. پوءِ تہ شروع ٿيا

هندو- مسلم فساد- ڪشت ۽ خون، ساڙ، ٻار، اوندهہ ۽ انڌوڪار! سوين ماڻهو، سکر شهر ۽ پسگردائيءَ اندر، ويا قتلام ٿي. لکن ڪروڙن جون جائدادون ٿي ويون باهين وگهي ڀسم. هزارين مسلمانن کي ڇڪي وڌائون جيلن ۾. ان وچ ۾ هندن پاڻ بيزار ٿي ڏني موڪل خانبهادر الله بخش جي وزارت کي ۽ ان جي جاءِ تي قائم ڪرايائون مسلم ليگ جي پهرين وزارت. ان نئين وزارت کان ورتائون واعدو تہ هڪ ٽريبونل ڪڙو ڪري، ڪرايو ويندو فيصلو تہ فسادن ۾ اڳرائي ڪنهن ڪئي ۽ ٿيل نقصان جو هرجانو ڪير ڏئي ۽ ڪنهن کي. ٽريبونل جو جج مقرر ٿيو جسٽس وليسٽن - سنڌ چيف ڪورٽ جو هڪ جج. ٽريبونل اڳيان مسلمانن جو وڪيل آءٌ. هندن پاران مکيہ شاهد، سکر ميونسپل جو پريزيڊنٽ، يعني ديوان بسنترام. اهو هو منزلگاهہ جو قصو ۽ اهو هو امتحان منهنجي ۽ بسنت جي دوستيءَ جو!

جنهن وقت ٽريبونل جي ڪارروائي شروع ٿي، هندن خواهہ مسلمانن جي دلين ۾ اسان ٻنهي ڏانهن شڪ شبها هئا. هندن کي خوف هو تہ مبادا بسنترام منهنجي دوستيءَ ڪري ڪوڙ ڳالهائي، مسلمانن کي فائدو پهچائي! ساڳيءَ طرح ڪن جوشيلن مسلمانن کي بہ خطرو هو تہ بسنترام سان تعلقات جي بنا تي مبادا مان ڪانئس زور سان آڏي پڇا نہ ڪريان ۽ ان ڪري مسلمانن جي مفاد کي ڇيهو رسي وڃي! هيون ٻيئي ڏريون غلط. اسان ٻنهي مان هر هڪ کي پنهنجو پنهنجو فرض بجا آڻڻو هو.

ٽريبونل اڳيان هندن پاران پهريون شاهد هو بسنترام. بسنت اڳ ۾ ئي هندن کي چٽي چڏيو هو تہ هو ڪوڙ ڪو نہ ڳالهائيندو. البت جيڪي ڏوهہ سچ پچ مسلمانن ڪيا آهن، تن کي ڍڪڻ جي بہ ڪوشش ڪو نہ ڪندو. ڪورٽ جي ڪارروائي شروع ٿي. هندن پاران درجن کن وڪيل، سرڪار پاران اوسليوان بيرسٽر، خانبهادر الله بخش طرفان ڪراچيءَ جو ناميارو هندو وڪيل سري ڪشنداس لولا، ۽ مسلمانن پاران فقط آءٌ- نہ وڪيل هوس، نہ ڪڏهن ڪنهن وڪيل جو منشي ئي ٿي رهيو هوس. حقيقت هيءَ هئي تہ مسلمانن کان وڪيل جي فيءَ جا پئسا ڪو نہ ٿي ٿي سگهيا، تنهنڪري ئي اها ڦاهي منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏي هئائون.

آيو پهريون شاهد ديوان بسنترام. جيترو ڏنو يا ٻڌو هئائين، سو سڀ چٽي ويو. هندو ڏاڍو خوش ٿيا. سرڪاري وڪيل آڏي پڇا ڪيس. ساڳيءَ طرح الله بخش جي ايڊووڪيٽ بہ. ان کان پوءِ آيو منهنجو وارو. سچ هيءَ آهي تہ مون

ڪانئس آڏي پڇا تمام بيرحميءَ سان ڪئي. ڪو بہ لحاظ دوستيءَ جو ڪو نہ رکيو مانس. پورا ٻہ ڏينهن ڪيس ڇيچاڙيندو رهيس. غريب وڃي تہ ڪاڏي وڃي؟ مان هوس ڪڙمي ڪارائو. هر هڪ واقعو منهنجين پنهنجين اکين اڳيان ٿي گذريو هو. پوءِ ڪيئن ٿي بسنترام انهن ڳالهين کي لڪائي سگهيو؟ نتيجو اهو نڪتو، جو ٻهرين ٻن ڏينهن جي ڪارگذاريءَ منجهان ئي جج کي اصل حقيقت جو پتو پئجي ويو. ڪيس مسلمانن جي فائدي ۾ فيصل ٿيو.

مون کي خطرو هو تہ بسنترام ۽ منهنجي دوستيءَ جو پويون ڏينهن اچي ويو. مون نٿي سمجهيو تہ سندس دل ۽ دماغ ۾ ڪا ايتري وسعت آهي، جو هو منهنجي ڪيل ساريءَ سختيءَ ۽ بي مروتيءَ کي وساري سگهي. ڪيترن ڏينهن تائين تہ سندس مُنهن ڏسڻ ڪان بہ گسائيندو وتيس. پر جڏهن وري مليو تہ معلوم ٿيو تہ ڪيس اهو واقعو ياد ئي ڪو نہ هو. ۽ نہ وري پڇاڙيءَ تائين ڪڏهن ان جو ڪو ذڪر ئي ڪيائين. هندن ڏاڍيون ميارون ڏنيس - چي "راشدي تنهنجو دوست ٿي، توسان ڇا نہ ڪري گذريو؟" جواب ڏيندو هو: "راشديءَ پنهنجي ڊيوٽي ادا ڪئي. ان ۾ دوستيءَ يا ميار جو ڪهڙو سوال هو؟"

ساڳئي ٽربيونل اڳيان، هندن پاران، ڪي ڏسٽا وائسٽا مسلمان ليڊر بہ بطور اچي پيش پيا هئا ۽ پير ڪوڙي مسلمانن جي ٻيڙي ٻوڙي هئائون. مون ڪانئن بہ آڏي پڇا ڪئي هئي ۽ ساڳيءَ سختيءَ سان. اڄ ان ڳالهہ کي چوويهہ ورهيہ گذري ويا آهن، پر اجا مون کي معاف نہ ڪيو اٿن! - اهو هو فرق هنن مسلمانن ۽ بسنترام جي ڪيريڪٽر ۾!

افسوس اهو آهي تہ پاڪستان نهڻ بعد بسنترام کي بہ پنهنجو اباڻو وطن ڇڏڻو پيو. جيڪڏهن رهجي وڃي ها، تہ سکر بلڪ ساريءَ سنڌ جي پبلڪ لاءِ ڏاڍو ڪارگر ثابت ٿئي ها. سندس دل ۽ دوستيءَ جو هيءُ عالم آهي، جو ايترن ورهين گذرڻ ڪان پوءِ بہ دوستن کي ڪو نہ وساريو اٿائين. اسان مان ڪو ڪيس ياد ڪري يا نہ، هو ضرور چٺي چپاٽي لکندو رهندو.

چڱيءَ دل ۽ خراب دل وارا انسان، مائن جي پيٽن مان پنهنجون خاص طبيعتون وٺي ٻاهر نڪتا آهن. انهن طبيعتن ۾، جا سندن اصلي فطرت آهي، زماني جي حال موجب ڪو بہ ڦيرو ڪو نہ ٿو اچي. سياڻن سچ چيو آهي:

"جيڪي ڪُني ۾ هوندو، سو ئي پاٽ ۾ پوندو!"

## ديوان ڪرمچند وڪيل

ان زماني ۾ وڪيل ٽن قسمن جا هوندا هئا: هڪڙا نانوَ چڙهيا واپاري، جي پنهنجيءَ لياقت ۽ دماغ جي مدد سان وڃي چوٽيءَ کي رسيا هئا. ٻيا اُهي، جن وقت جي ججن ۽ ماجسٽريٽن جون خوشامدون ٿي ڪيون، ۽ پنهنجيءَ محنت ۽ لياقت ذريعي نه، پر ان خانگي تعلق جي بنا تي وڏيون فيون ڳڙڪائيندا ٿي رهيا. ۽ ٽيان اُهي، جن کي نه خاص دماغ هو ۽ نه ججن ۽ ماجسٽريٽن کي هٿ ڪرڻ جو ئي ڪو ڍنگ سکيو هئائون. فقط محنت، ڪوشش ۽ اورچائيءَ جي وسيلي پنهنجو ڏنڌو هلائيندا ۽ گذران ڪندا ٿي رهيا.

ان پوئين ڪلاس جي وڪيلن مان هڪ ديوان ڪرمچند هو. عام طرح ماڻهو ڪيس "ڇڇڙ" چوندا هئا. جنهن ڪيس ۾ وڪالت نامو وڌائين، اصيل پاران ڇڇڙ ٿي چنبڙي پوندو. سندس پنهنجي ماني حرام، اصيل جي ماني حرام، ڪيس هلائيندڙ ماجسٽريٽ جي ماني به حرام، دنيا تڪجي ۽ بيزار ٿي پوندي، خود اصيل به ڇڏي پڇي ويندس، پر ديوان ڪرمچند اڳ ڪان اڳرو هوندو. ڏسندڙن جي راءِ هئي ته ساري عمر هڪڙي ئي سوٽ ۾ گذاريائين. ڏنڌي جي خفت ۾ شايد منهن ڌوئڻ جي به واند مشڪل لڳندي هيس. پتلون مٿان پٽي بدران اڳٽ ٻڌندو هو ۽ اڳٽ مٿان ٽاءِ. ڪورٽ ۾ لنگهندو ته ٽاءِ چيلهه مان چوڙي، کچيءَ ۾ پهريندو. ڪورٽ جو ڪم ختم ٿيو ته ٽاءِ کچيءَ مان لهي، موٽي وڃي ڪمر سان ڪشبي. پير ۾ شوز نه، پر ٺلهڙو سليپر، جنهن رنگ جو منهن ڪڏهن ڪو نه ڏٺو هوندو. ساري حياتي نه ڪلب ۾ ويو، نه ڪنهن محفل ۾. ڪيس اها خبر ئي ڪا نه هئي، ته اخبار به ڪا شي ٿيندي آهي. ڪورٽ تائين پيرين پنڌ پهچڻ جو امڪان هوندو ته بگيءَ جو پاڙو نه خرچيندو. بغل ۾ ڪيس جا ڪاغذ، مٿي تي ڄَتيل سولا هيٽ، ڪيسي ۾ اڳڙي، اڳڙيءَ ۾ قلڪو، پٽاٽن جي پاڃي ۽ پاپڙ ٻڌل - انهيءَ شان سان سندس حياتيءَ جو هر ڏينهن شروع ٿيندو.

فريادي جو وڪيل هوندو ته جوابدارن تي اوائل ۾ ئي وارنٽ ڪيرائڻ لاءِ ماجسٽريٽ جي بنهه پٺ ۾ چنبڙي پوندو. تقرير ڪندو، منٿون ڪندو، آخر اڪين مان ڳوڙها به ڳاڙيندو، پر وارنٽ ضرور جاري ڪرائيندو. وارنٽ جو نڪرڻ فريادي لاءِ وڪيل جي ڪاميابيءَ جو وڏو دليل هوندو. هوڏانهن وارنٽ جو حڪم ٿيو، هيڏانهن اچي پڇندو اصيل سان: "ميان، رقم ڪٿي؟ رقم ڪانسواءِ به جيئرن جاڳندن ماڻهن تي

ڪو وارنٽ نڪرندا آهن!" رقم جو تفصيل هن طرح هوندو: ڪورٽ جي سرشتيدار جو "منهن مٺي ڪرائي" وارنٽن لکڻ واري منشيءَ جي "لاڳت"، پٽيوالن جي "خرچي"، سندس پنهنجي منشيءَ جو "منشاڻو" (گهڻو ڪري منشيءَ جو وجود ئي ڪو نه هوندو)، بگيءَ جو ڀاڙو، وغيره. مطلب ته اصيل جي ڪُپڙيءَ ۾ جيڪي به ڪٺا هوندا، سي سمورا ڪڍي وٺندو. پئسي نه هجڻ جو عذر پيش ٿيو ته سارا ڪپڙا جاچي ڏسندو. پٽڪي جي وزن ڪان شروع ڪندو ۽ ابداڻي ۽ اڳٺ تائين وجي ڇيهه ڪندو! پڇاڙيءَ ۾ واقف اصيل، سندس خوف کان پئسا جُتين جي پاتاهن ۾ لڪائي ڇڏيندا هئا. في ادا ٿي ۽ پيون طلبون به پوريون ٿي ويون، ته حڪم ڪندو: "ميان تنهنجي ڳوٺ ڏي ڏاڍا ڀيڙ(ٻير وڻ) ۽ ڏاڍيون نمون پيون ٻڌجن. ٻيو پيرو اچين ته ٻه - ٽي ويڙهيون ڏنڊڻ جون ته ڪنيون اچجانءِ."

جوابدار جو وڪيل هوندو ته شاهد جي آڏيءَ پڇا ۾ ايڏي ديگهه ڪندو جو ساري ڪورٽ ڪڪ ٿي پوندي، پر شاهد جي جند اوستائين ڪو نه ڇڏيندو، جيستائين ڪا نه ڪا پنهنجي فائدي جي ڳالهه سندس واتان نه چوارائيندو. نوٽ ڪيل سوال پورا ٿي ويندا، ته به ٽَنگن تي اُبو بيٺو رهندو. ماجسٽريٽ پڇندس: "ديوان، هاڻي ته سوال ختم ٿيا؟"

"نو، سر! ميني ميني مور اِسٽِل!"[1]

سندس "ميني ميني مور" سوالن مان ڪجهه هن طرح جا سوال هوندا:

"تنهنجيءَ زال جو نالو فلاڻو آهي؟"

"تنهنجي زال تمام سهڻي آهي؟"

"تنهنجي زال جو ناتو جوابدار سان آهي؟"

"تنهن تي تو پنهنجيءَ زال سان مارڪٽ به ڪئي هئي؟"

"تو جوابدار کي به دڙڪا ڏنا هئا ته توکي ڪنهن نه ڪنهن ڏسي رهندس؟

شاهد دانهون ڪندو رهندو ته ڪيس زال ئي ڪا نه آهي، ڪڏهن شادي ئي ڪا نه ڪئي اٿس، پر ڪير جو ڪرمچند کي سمجهائي؟ سوالن پويان سوال! سندس لاٽين تقريباً هر ڪيس ۾ ۽ شاهد بنسبت اها هوندي ته اهو مقدمو ان ڪري ٿيو آهي جو جوابدار فريادي ۽ شاهدن جي زالن سان ڪريل هو!

---

[1] No, sir !many, many, morestill

اهڙيءَ بدناميءَ جي پڙ ڪان. ڪرمچند جو نالو ٻڌي، گهڻا شاهد ته مورڳو ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻ ۽ شاهدي ڏيڻ کان ئي ٻڇي ويندا هئا. عام چوڻي هوندي هئي ته"ڇڻ ڪرمچند ڪڍ پيو اٿئي!" ڪي شاهد ڇڙ وڇان ڪڏهن ڪڏهن ڪليل ڪورٽ ۾ ڪيس به بدشد چوندا هئا. هڪ ٻه پيرا ڪورٽ جي ٻاهران ديوان جي بي ادبي، جسماني طرح به ڪيائون. پر انهن ننڍين ڳالهين جو ڪو خيال ڪو نه ڪندو. سندس مقصد فقط هڪڙو ئي هوندو - "ڪجهه به ٿئي، پر ڪيس ضرور ڪٽجي!"

سندس سوالن ڪيترن بيگناهن کي ماراڻي ڇڏيو. ٻروچن لاءِ اها وڏي ڳالهه هوندي هئي جو ڪين ننگ جو مهڻو ملي! مهڻي ملڻ ڪانپوءِ اها جاچ ئي ڪا نه ڪندا ته ڪو ڳالهه سچي به آهي يا نه، ۽ وڪيل کي اهو سوال اصيل سيڪاريو هو يا خود وڪيل پنهنجيءَ دليان ناهيو. ڪورٽ مان سوال ٻڌي، موٽي اچي پنهنجيءَ زال کي، ۽ جنهن مرد جو نالو ڪورٽ جي سوال ۾ ورتل هوندو تنهن کي، "ڪارو" ڪندا. پهرين زال ماريندا، تنهن کان پوءِ اُن مرد کي. ڪيس شروع ٿيو هوندو ڍڳيءَ جي چوريءَ تي، پر انتها ٿيندي خونريزيءَ تي.

ديوان ڪرمچند سان شڪايت ڪئي ويندي ته جواب ڏيندو: "خونن جي بي ڳالهه آهي، ڍڳيءَ وارو ڪيس ته ڪٽيوسين! رَن پُٽ اٿين ته وڃي ڪو نه چوندو ته ديوان ڪرمچند کان ڪو ڪيس ڪٽي آيس. خون ٿي پيا آهن ته ان جو ڪو فڪر نه ڪريو، آءٌ خونن جي ڪيس ڪٽڻ لاءِ به تيار آهيان! في پوري ڏيو، ڏٽيءَ گهريو ته ڦاهن تي چاڙهائي ڏيندو سانوَا!"

ڪرمچند ساري زندگي محنت ڪئي، نه ڪڏهن آرام ڪيائين، نه وندر، نه ڇگو ڪاڏائين، نه ڇگو پهريائين. جا گهڙي جيئرو هو، گهاٽي جي ڏاند وانگر وهندو رهيو. پئسو ڪمايائين، پر ڪيڏي نه قيمت ڏيئي پيس! هن دنيا ۾ ڇڻ جائو ئي ڪو نه هو!

## ميان فتح شاهه

ديوان ڪرمچند وڪيل جي ڪهاڻيءَ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته نموني طور سندس هڪ اصيل به آڻي ميدان ۾ موجود ڪجي.

سنڌ ۾ جيئن وڪيلن جا ڪلاس ۽ درجا هئا، تيئن اصيلن جا به ڪلاس ۽ درجا هوندا هئا. مثلاً هڪڙا اُهي اصيل، جن کي ڪورٽ ۾ اچڻ کان سخت عار هو، ڪورٽ ۾ اچڻ بيعزتي ۽ بدبختي سمجهندا هئا. ٻيا اهي اصيل، جن جو ڌنڌو هوندو

هو چورا ڪاري ۽ چورن جون پاڻاريون هلائڻ. انهن جي حياتيءَ جو ڪجهه حصو ٻاهر ته ڪجهه حصو جيل جي حوالي. ٽيان اهي اصيل، جن جو خواهه مخواهه ڪورٽن سان عشق هوندو هو. سبب هجي يا نه. ٿوري ڳالهه تي فريادي يا شاهد بڻيا ڪورٽن اڳيان بيٺا هوندا هئا. عام طرح انهيءَ نموني جي اصيلن کي ماڻهو "ڪورٽ جا ڪيئان" سڏيندا هئا. خاص شڪارپور جي علائقي ۾ "پڪشٽ" سڏبا هئا. ڪنهن ماڻهوءَ هلندي ڪو اکر چين يا دڙڪو ڏنو، ته ٻئي ڏينهن نڪ ڪورٽ ۾ فرياد داخل هوندو. ڳُسندا وڏي ماڻهوءَ مان به ڪو ته. پاڙي پنبي جي ڪنهن وڏيري مان خطرو ٿين ته انبار درخواستن جا آفيسرن ڏانهن روانا ڪندا. انهن درخواستن کي عرف عام ۾ "رڪاٽي" يعني "رڪارڊي" درخواستون چئبو هو. مضمون هوندو هو: "فلاڻي پاڙي جي وڏيري جو عرضدار سان تڪرار آهي. هو عرضدار کي ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي درپي آهي. ممڪن آهي ته آفيسرن کي شڪايت ڪري ڪو بدمعاشيءَ (110 قلم ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ) جو معاملو ڪڙو ڪرائين. تنهنڪري، عرضدار جي هيءَ درخواست سرڪار جي رڪارڊ تي رهي. اهي "رڪاٽي" درڪاشون (درخواستون) "رجيٽڻ" (رجسٽرڊ پوسٽ) ڪيون ويندون هيون، موٽ رسيد سان. عريضيءَ جو نقل موٽ رسيد سميت، تمام حفاظت سان رکيو ويندو هو. جيئن وقت سر بچاءَ ۾ پيش ٿي سگهي. پڇاڙيءَ جي زماني ۾ مقامي اخبارن جي ڪالمن کي به ان ڪم لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. ايڊيٽرن کي پئسا ڏيئي، نوٽيس ڇپرايا ويندا هئا. جن جون سرخيون هونديون هيون: "ڏيان طلب ڪليڪٽر ۽ ڪماني صاحب." ان ڪان پوءِ وڏيري جي اُرهه زوراوريءَ جو، ۽ نوٽيس ڇپارائيندڙ کي منجهانئس جيڪو خطرو هوندو، تنهن جو تفصيل ڏنل هوندو. انهيءَ ٽئين ڪلاس جي اصيلن جا ڪن خاص وڪيلن سان پڪا منهن رکيل هوندا هئا. جنهن صورت ۾ سنڌن معاملا به اٽڪٽ هوندا هئا. تنهنڪري سنڌن لاءِ لازمي هو ته وڪيلن سان مستقل انتظام رکيو اچن.

ميان فتح شاهه مرحوم، باگڙجيءَ جي قريب رهندو هو. سيد هو. ٻروچ مريد هوندا هئس. صورت جو معتبر، پورو رنگ. چاپئين ڏاڙهي، قد ڊگهو. بت سنهو. مٿي تي ڪارو پٽڪو جنهن کي پٺائيءَ جو ويس چوندا هئا. جسم تي ڪارو الپاڪي جو ڪوٽ، جنهن کي اڇا سپ جا بٽڻ لڳل هوندا. هٿ ۾ چرچڙهيل نيٽ جو سنهو لڪڻ ... صبح جو ڳوٺان نڪرندو. ريل ۾ چڙهي اچي ديوان ڪرمچند جي آفيس ۾ پهچندو. ڪورٽون کلنديون ته ڪرمچند کي ڪُنجي وجي ڪنهن نه ڪنهن ڪورٽ

اڳيان بيهاريو بيٺو هوندو. ساڳئي ڏينهن تي هڪ ڪان وڌيڪ ڪورٽن ۾ ڪم هوندس: ڪٿ فريادي هوندو، ڪٿ شاهد ڪٿ جوابدار ۽ ڪٿ روبرو "رڪاٽي درڪاشون" پيو پيش ڪندو. سچي ڏينهن جي ان ورڪ بعد، رات جي ريل ۾ باڱڙجيءَ موٽندو. ڪڏهن ڪڏهن دشمن رستو جهليو بيٺا هوندس، ۽ ٿوري ٿڦا ٿڦي تي ويندي. ٻئي ڏينهن صبح جو موٽي ڪرمچند وٽ پهچندو. هن دفعي دشمن خلاف "خون جي ڪوشش" جو ڪيس داخل ٿيندو!

فتح شاه مرحوم جي ساري زندگي ڪرمچند جي پنيان گذري. گهڻين خصوصيتن جو مالڪ هو. هميشه هشيار رهندو. اعتبار ڪپڙن تي بہ ڪو نہ ڪندو. خوددار، ڪنهن جو احسان نہ کڻندو. پاڻ بہ مشڪل سان ٻئي ڪنهن تي احسان ڪندو. جو پئسو هٿ لڳندس، سو ڪرمچند جي نذر ڪندو ۽ ڪيسن تي ڳاريندو. پاڙي جا وڏيرا سندس پاڇي کان بہ پيا ڇرڪيندا.

ڪورٽن ۽ وڪيلن جو اهڙو عاشق فقط هڪ ٻيو شخص منهنجي نظر مان گذريو، جنهن جو ذڪر موقعي تي ايندو، ورنہ سنڌ ۾ فتح شاه جي پايي جو ٻيو "پڪشٽ" ان دؤر اندر ڪو پيدا ڪو نہ ٿيو.

## ٻاپو گل

منهنجي ننڍڙائيءَ جي نوڪر، علي محمد خروس، جو پوڙهو پيءُ، ٻاپو گل، سکر شهر جي ٻاهرئين حصي ۾، چمڙي گدام جي نزديڪ، هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو. وڏو عيال هوس. هڪ پٽ مون وٽ ملازم هوس، ٻيو ٽانگو هلائيندو هو. حال تمام مسڪينيءَ جو - "اٽين ۽ چاڙهين، ڏٽ ڏهاڙي سومرا." پر ڇا سندس دل، ڇا محبت، ڇا وفاداري! مهمان آيو تہ دل بهار بهار ٿي وينديس. گهر واريءَ جهوپڙيءَ جي پر ۾ ٻيو ڇپر آڏي ڇڏيو هئائين. ڇپر هيٺان مهمانن لاءِ ڪٽون پيل، ۽ ڪٽن مٿان رلهيون وڇايل. وچ ۾ چلم. ڪنڌ ۾ پاٽيءَ جو مٽ. چلم جي ٽانڊي لاءِ دونهي هميشه پئي دکندي. اها سڏ ڪا نہ هونديس تہ سياٽي ڇا ڪاٿبو -

ماني بہ ميسر ٿيندي، يا مورڳو بک تي ويهڻو پوندو - پر اڄوڪي ڏينهن ڪي اڄ جي ئي بنياد تي، بلڪل بيفڪريءَ سان بسر ڪندو. اصول هوندو هوس - سياٽي جا ٻاڳ سياٽي سان، وٺو اڄ جي ڳالهہ ڪي. مهمان آيس تہ پهرين مانيءَ ٽڪر آڻي اڳيان رکندس، ان کان پوءِ وٺندس حال احوال. بکئي پيٽ تي مهمان کان حال پڇڻ ۾ عار سمجهندو هو. ڪو معتبر ماڻهو آيو تہ ڪڪڙ بہ

ڪُـهي وڃهندو. خاص ان مقصد لاءِ ڪڪڙ پاليو ويٺو هوندو هو. ان ۾ شڪ نـہ آهي تہ اهي ڏينهن سستائيءَ جا هوندا هئا. پر سستائي هجي يا مهانگائي، اصل سوال آهي تہ انسان جي دل جو - ۽ دل جي معاملي ۾ الله تعالیٰ ٻاپي گل کي گلاب جو گل بڻائي ڇڏيو هو.

اوائلي زماني ۾ پاڻ ڊڪاٽڪو ڪم ڪندو هو. پر پوءِ سندس هڪ اک خراب ٿي پئي، جنهنڪري اهو ڪم بہ ڇڏي ڏنائين ۽ بنهہ توڪل جو تنبو اڏي ويهي رهيو. چوندو هو: "نہ فقير جو الله مري، نہ فقير جو ڪشتو ٽُٽي."

مهمانن جي وندرائڻ لاءِ رات جو يڪتاري تي ڪلام بہ چوندو هو. سنهو آواز ۽ آواز ۾ سوز هوس. پوڙهي جي واتان جو اکر نڪرندو هو، سو تير ٿي نڪرندو هو. ٻن - ٽن ڪافين تي خاص طرح سان ٻـُڪو هوس، جي تمام اثرائتي نموني ۾ ڳائيندو هو:

- حسن حيراني، لاٿُـوَ جاني، مين قرباني، سهڻا مين قرباني!
- سسئي بيني سڏ ڪري، منهنجي پارت ڪجو تہ پنهل کي !

ڳائڻ وقت پگهر وهندو هوس، ۽ سندس چهري تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي.

سکر ۾ لکاپتي ماڻهو بہ رهندا هئا، ۽ گل جهڙا مسڪين بہ. پر جا محبت ۽ جو اطمينان گل جي ڇپر هيٺ ميسر ٿيندو هو، تنهن جو نانءُ نشان بہ وڏن ماڻهن جي محلات ۾ ڪو نہ هوندو هو.

ڪنهين ڪڏهين ٿئي، هنن ڏهاڙي عيد!

سندس هڪ عزيز ٻاڙي ۾ پـَڪائون ڪونو نهرايو. گهر جي ٻاتين ٻاپي گل کي بہ چيو تہ پڪو ڪونو اڏجي، قرض پڪو کڻي، في الحال پورت ڪجي، پوءِ پيو قرض لاهبو. مون بہ ساڳي صلاح ڏنيمانس. گهڻي زور بار بعد دل جو حال ٻڌايائين. چيائين:

گاندوءَ سندي گام ۾، گهر آڪن جو اڏ،
جي چوني لڏ، تہ لاهي وڃينس لتن سان!

"سکر شهر مالدارن جي وستي آهي. غريبن کي تہ جهوپڙيءَ اڏڻ واسطي بہ زمين جو ٽڪر ڪو نہ ٿو ملي. ان ڪان پوءِ ڪامورن جو بہ زور آهي. حد جو پوليس - جمعدار ڪاوڙجي تہ ٻچا ٻہر تي چاڙهي ڇڏي. پڪو ڪونو اڏيو تہ چڻ ماڻهو ڪاٺ پيو. ان جي لالچ تي پيو موچڙا کائيندو ۽ سختيون سهندو. ڪـَچو گهر هوندو تہ

لتن سان بہ ڍاهي ڪنهن ٻئي طرف هليو وڃبو. "ملڪ مولا جو پڪو پيو آهي، جتي پَـڪِـي اُتي ڪاڏي."

جيستائين زنده هو، محبت مچايو ويئو رهيو. سندس اوطاق جي دونهي ڪڏهن ڪا نہ وسائي. پاڻ فوت ٿيو تہ وٿاڻ ئي ويران ٿي ويا. ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ اتانهون لنگهڻ جو اتفاق ٿيم... نہ گل باقي هو، نہ گلستان جو نشان:

"ڪا جا لڳي واءُ، ويا انگڙا لنجي!"

## ميان فضل محمد سومرو

سال ويهہ بہ نہ گذريا آهن ...پوءِ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اُها سنڌ، جا هنن اکين ڏٺي، سا اوچتو ڪيڏانهن غائب ٿي ويئي! اُهي ماڻهو ڪٿي وڃي لڪا آهن؟ ڪنهن ڪان رسي ويا؟ ڇو منهن مٽي ويا؟ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هوسين؟ ڪهڙو گناهہ سرزد ٿيو؟ پاڻ تہ هليا ويا، اسان پوين کي حيوانن جي حوالي ڪري ويا – ۽ حيوان بہ اهڙا، جن جون بدعادتون ۽ بيوفايون ڏسي جهنگ جا جانور بہ شرم وچان وڃيو لڪن!

آخر ڇو اِها وِڇ ڪري اِنهن واهيرن تي؟ بيقصور پکيئڙن جي بيضرر آشيانن تي! نہ ڪنهن جي راهہ تي رُڪي نہ ڪنهن جي واهِي تي پَـڳِي، نہ ڪنهن جي پوک تي پَـٽِي، نہ ڪنهن جي ٻني تي سُـڪي، پوءِ ڪهڙي قصور، ڪري ويا ايڏا ڪلور؟ وڻ بدستور بيٺا آهن، اجا ٽاريون بہ پيون لڏن، پر نہ اُهي آکيرا نہ اهي پکيئڙا، نہ اهي روح پرور صبح جا نغما، نہ اُهي شام جون مٺيون لاٽيون.

ههڙا هاجا ٿين، ٻري هن ٻنيور ۾!

مرحوم فضل محمد سومرو، ڪم تہ ڪندو هو ڪَـٽـڪـو – ڪپڙن ڌوئڻ، ڪپڙن تي رنگ چاڙهڻ جو، پر پنهنجيءَ محبت ۽ وفا وسيلي، دوستن جي دلين جا بہ ڪُنيِ چاڙهيندو رهندو هو – ڪين ڌوئيندو هو، صاف ڪندو هو، اڇو ڪندو هو، اُجاريندو هو – اجا بہ ڪو ڇِـٽو رهجي وڃي، تہ مورڳو نئون رنگ چاڙهيندو هونِ، پر دوست جي دل تي مونجهہ جي مير هرگز رهڻ نہ ڏيندو.

غريب آباد ۾، شڪارپور رستي تي سندس گهر هو. هيٺئين وچولي درجي جي حيثيت هيس. مون جڏهن ڏٺو، تڏهن پنهنجي هٿ سان ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هئائين، سندس اولاد ڪپڙن جو ڪم ڪندو ٿي رهيو. پنهنجي وقت اندر پنهنجي آرٽ ۾ يگانو ٿي گذريو هو. جنهن لٽي کي سندس هٿ لڳو، سو پري

ڪان بڪندو ايندو. لٽي ڏسڻ سان ئي شوقين پروڙي ويندا تـ ڪپڙي سان اهو ڪرشمو ڪهڙي استاد جو ڪيل آهي. فضل محمد جو ڏوتل لٽو پهرڻ عزت جو نشان سمجهيو ويندو هو. پر اهو فخر هر ڪنهن شخص کي حاصل ڪو نـ ٿيندو هو! ڳاٽـو گراهڪن کي قبول ڪندو هو، جن کي ان هنر جي صحيح پروڙ هوندي. آيل ڪپڙي جي هر ٽڪر کي خيال سان کولي ڏسندو، مٿس پيار سان آهستي آهستي هٿ گهمائيندو - ڄڻ مالهي آهي، جو گلاب جي گلن کي سوهي سموهي، گلدستن ۾ رکڻ لاءِ پيو تقسيم ڪري. ڪنهن بـ ڪپڙي تي سجاٽپ جو نشان ڪو نـ ڪندو. جو ڪپڙو هڪ دفعي ڏنائين، سو وري نـ وسرندس، ۽ نـ مٿجي ڪنهن غلط مالڪ ڏانهن ويندو. چوندو هو، "هنر تـ شوق! شوق نـ رکبو تـ هنر هرگز حاصل ڪو نـ ٿيندو. ڦرهي تي ڪپڙن کي ڪُٽڻ هرويرو هنر نـ آهي."

فجر ويل، چلـي ڪٽي، ٻوڙ - ڀاڄيءَ جي وٺڻ لاءِ مارڪيٽ ويندو. وچولي درجي جي ماڻهن لاءِ صبح جو مارڪيٽ وڃڻ وڏيءَ وندر جو باعث هوندو هو. هر گهر جو سکيو ڀاتي ٻوڙ - ڀاڄي ضرور پاڻ وڃي وٺندو. ان بهاني تي هر صبح مارڪيٽ ۾ شهر جي بزرگن جو چڱو ميلو لڳي ويندو هو. هڪٻئي سان سلام ڪلام ڪندا، هلندڙ حالتن ۽ معاملن بابت ٻيئي ٻيئي پاڻ ۾ ڳالهين جا ٻـ ٻـ - چار ڏُنگ ڪري وٺندا، ان ڪانپوءِ ٿيندي ڀورش قاصائيءَ تي. ڪو بـ ڏينهن اهڙو ڪو نـ هوندو، جنهن ڏينهن گوشت نـ ونبو. گوشت جو دسترخوان تي هجڻ لازمي هو. البت جنهن ڏينهن سنا تازا پلا مارڪيٽ ۾ اچي ويا، تـ پوءِ گوشت ڇڏي پلو ونبو. سو بـ ڏسي وائسي کيرو، ۽ جي آنيارو، تـ بـ ننڍو، ۽ نـ ڦرهي جهڙو، بيدولو ۽ بي سائو.

پلي ۽ گوشت جي سڃاڻ بجاءِ خود هڪ آرٽ هو. گوشت ونبو، تـ بـ هڏي هڏي ۽ ٻوٽي ٻوٽي ڏسي وائسي. وڏيءَ ٻڪريءَ جي ويجهو فقط هوٽلن وارا ويندا، گهرن ۾ پچڻ لاءِ ننڍڙي ليلي يا هلواڻ جو گوشت درڪار هوندو. قاصائي گراهڪن کي خاطري ڏيارڻ لاءِ ليلي جو پڇ سلامت رکيو وينا هوندا هئا. پارکن کي پڇ مان ئي خبر پوندي هئي تـ واقعي ئي ليلو آهي يا وڏو ڇيلو. ڇيڇڙي يا وڏي هڏي کي بنهه هٿ نـ لائيندا. پٺيءَ جو گوشت، ران جو ٽڪر، ۽ پاسرين جون ٻـ - ٽي چاپون چونڊي ٻاهر ڪڍندا، ان ڪان پوءِ ٻڪيءَ ۽ جيري جا

ٽڪر گهري وٺندا. ڪا مائي هڪ ٻڪي وڃهندو تہ هي ٻن جي گهر ڪندا -
"ميان خير تہ آهي؟ ٻڪيءَ ٽڪر وجهندي پيو پڳهر وٺيئي! آخر ورهين جو منهن
آهي، اهڙي بي محابائي ڇو پيو ڪرين؟"..."ڪوڙ ٻڪيون، ٻڪين جي بہ ڪا
ڪوٺ؟ وٺو هي ٻيون! اوهان ٿي راضي ٿيو." گراهڪ هندو هوندا تہ ٻڪين بدران
ڪپورن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. عام خيال هو تہ ڇيلي جي ڪپورن ۾
وڏي طاقت ٿئي ٿي.

ان ڪان پوءِ وڃي ٻيهندا ڀاڄين واري جي مٿان. ٻصرن جو سير، ٿوم جي
ويڙهي، ۽ هڪ قسم جي ڀاڄي(موسم سارو) تہ وٺبي لازماً. ان ڪان پوءِ شروع
ٿيندي جنگ مفت جي. متفرقات تي: "ٻہ - ٽي ساوا مرچ تہ هيڏي ڪر؟ اڄ
الائي ڇا ٿي ويو اٿئي!"..... "اڄ تہ ڦودني جو ذرو بہ گوڏي هيٺان لڪايو وٺو
آهي؟"..." ساون ڌاڻن جي ڇنڊ تہ وجهہ. آخر ڀاڄي ڪيئن رڌبي؟"

ميوي سان سنڌين جي گهٽي ڪا نہ ٻوندي هئي. پر جي انبن يا ڪارڪن
جي موسم هوندي، تہ موٽندي سير - اڌ ٻارن لاءِ وٺيو ايندا.

ميان فضل محمد ڀاڄيءَ جي ڇلي آٽي گهر واريءَ جي اڳيان رکندو. مائي
سڳوري هر هڪ شي ڪوليندي بہ ويندي ۽ ٽيڪا ٽپڻي بہ ڪندي ويندي:
"مستوءَ جي پيءُ اڄ تہ ڪو نشو پيتو آهي!.... ادي فلاڻي! اچ اچي، هي گوشت
تہ ڏس - ڇڙو ڇيڇڙا آهي! هٿ لائي، تہ لِڳ لِڳ پيو ڪري!"

ميان فضل محمد موٽ ڪائيندو: "مستوءَ جي ماءُ! ڪهڙي ڏينهن منهنجي
آندل شي توکي پسند پيئي آهي؟ قاصائي اهو هلواڻ پنيءَ پاڏانهن لڪايو وٺو
هو، وڏن زورن ۾ جهيڙن سان تہ ذرو ورتو اٿمانس. تون پئي چئين تہ ڇيڇڙا
آهي! هلواڻ جو گوشت نرم نہ هوندو تہ ڇا هوندو؟ آخر مينهين جي مهادي تي
ڪا نہ پئي هئي، جتان سخت گوشت وٺي اچان ها؟"

"۽ هي ٻڪيون ۽ جيرا بہ ليلي جا آهن؟"

"نہ تہ ڇا جا آهن؟"

"اُٺ جا!"

"اُٺ جا آهن تہ تون ڪري نہ ڪائجانءِ!"

"هيءُ ڪوماٽيل پاروٽو گوبيءَ جو گل بہ دڪان واري جي گوڏن هيٺان
ڪڍي آيو آهين؟"

"تنهنجي مرضي اها هئي تہ ڪنهن جي واڙيءَ ۾ گهڙي پوان ها ۽ اتان گوبيءَ جو گل پٽي سڌو پڇندو اچي تنهنجي اڳيان رکان ها؟ پوءِ تون ٿئين ها راضي!"

"ڪجهہ ڏٺيءَ جو بہ پوءَ ڪر. توکي ڳالهہ ڇئجي ٿي تہ هٿن مان نڪريو وڃين! اک ڪٺي هنن مرچن ڏانهن تہ نهار. ساوا مرچ آهن يا گوگائي مرچن جون بوندبون؟ چک تہ چڻ اک جي پاڙ!"

آخر مقابلي جو وڏيڪ تاب نہ آٽي. ميان فضل محمد گهر ڪان ٻاهر نڪري ويندو، ۽ موٽندو تڏهن، جڏهن مانيءَ جو سڏ ويندس. ان وچ ۾ وڏي پپر جي هيٺان وڇايل کٽن تي ويٺو دوستن سان اُپاريون - لاهواريون هٽندو. پر ۾ ٽڪئي جي سوڊا. لمليٽ جي پڙي هوندي. ڪو آيو ويو تہ پڙي تان لمليٽ يا آئيس ڪريم - سوڊا جي بوتل گهرائي پيو پيارينس. سندس دوستن جو هڪ خاص ٽولو هوندو هو، جن مان جنهن ڪي بہ جا گهڙي واندڪائيءَ جي ملندي، تہ سڌو اچي ميان فضل محمد جي محفل ۾ ويهندو هو. سندس خاص احباب هوندا هئا: غلام حسين درزي، بابو عبدالغفور، ۽ عيدن پوليس - سپاهي، گفتگو شروع ٿيندي ميونسپل جي ڪاروبار سان، ۽ ختم ٿيندي وڃي، ڇڪلن جي تازن جهيڙن تي، گفتگو لاءِ مضمون ڪو نہ هوندو تہ پٽن جي راند شروع ٿيندي.

سکر جو ڇڪلو ساڳئي شڪارپوري رستي جي ٻئي ڪناري تي، بلڪل سامهون هوندو هو، ۽ اتي رات ڏينهن رنڊين جي مختلف پارٽين جي وچ ۾ پيا جهيڙا ٿيندا هئا، جن ۾ مکيہ پارٽ ادا ڪندا هئا پوليس جا صوبيدار ۽ جمعدار. سکر جي پبلڪ لائيف ۾ ڇڪلي ڪوارٽر کي خاص اثر حاصل هوندو هو. هزار ڪن ووٽن جو فقط ڇڪلي ۾ هوندو هو، رنڊين ۽ انهن جي متعلقين جو. هرڪو اميدوار اها ڪوشش ڪندو هو تہ رنڊين جي ڪا نہ ڪا پارٽي ضرور سندس "سڳي ڏاڳي" ۾ رهندي اچي. نوجوان پوليس - صوبيدار بي تحاشا تماشا بيني ڪندا هئا. هر ڪنهن صوبيدار سان ڪا نہ ڪا رنڊي وابستہ هوندي هئي، ۽ پوءِ ڪنهن کي مجال جو ان رنڊيءَ جو پير اورانگهي سگهي؟ اهي رنڊيون، شام ويلي بگين تي چڙهي، هوا خوريءَ تي ويندي هيون. ڪين ڏسڻ لاءِ ماڻهو رستن تي بيهجي ويندا هئا:

"هيءَ اڪبر خان واري آهي!"

”اڙي يار، هيءَ ته علي خان واري اتئي! چون ٿا، سيالڪوٽ مان آئي آهي.“

”علي خان ته هاڻ چڙو مٿين پنڌن تي پيو هلي، وڃان ٿي وزير شاهه والار وجهي ويو اٿس.“

”وزير شاهه يا امير شاهه؟“

”امير شاهه جو رستو ته زردالوءَ سان آهي.“

”زردالو ته وڏي هست رنگي آهي، ڦري ڪاٿي امير شاهه کي ٿي، پر دلي رستو گورڏن(شهر جو وڏو هندو گوندو هوندو هو) سان اٿس. انهيءَ زردالوءَ تي ئي ته گورڏن ۽ رمون مڪرانيءَ جي وچ ۾ چاقو چليا هئا!“

”گورڏن ڪٿان ٿو رمونءَ کان بازي کٽي سگهي!“

”ڇڏ يار، رمونءَ جو هاٿي وجي چڙو نالو رهيو اٿئي. گورڏن اجا تائين پنهنجي نانءَ سان آهي. ڪنهن ڏينهن ٻڌندين ته رمونءَ ۽ رن، ٻنهي جا آنڊا نڪتا پيا هوندا.“

”رمونءَ کي هافيسرن جو زور ڪٽيو بيٺو آهي. ڦوجدار صاحب جو هٿ اٿس. سٽي ماشيٽر (سٽي ماجسٽريٽ) جو شيدار(سرشتيدار) شيخ به پيو منجهانس ڪائي پيئي. اڄ صبح ٻڌندين ته گورڏن وجي ڪاٽ پيو. هن زماني ۾ چڙي داداگيري ته ڪم ڪا نه ٿي اچي، ڪجهه رس - رسائي به گهرجي. رمون جيڪي ڦري، سو پيو ڪامورن جي وات وجهي.“

انهيءَ قسم جي گفتگو فضل محمد جا احباب به پاڻ ۾ ڪندا رهندا. ميان صاحب پاڻ به ويٺو ٻڌندو، ڪڏهن ڪڏهن اکر - ٻه ڇٽي به وٺندو. دل جي خواهش اها هونديس ته اهڙي گفتگو نه ٿئي، پر ساٿين کي ظاهر منع ڪري سندن دلشڪني به نه ڪندو. سندس پنهنجي زندگي ابتدا کان وٺي صاف شفاف رهي هئي. جوانيءَ ۾ البت ڪپڙي لٽي جو خاصو شوق ڪندو هو. قميص سلوار، ڪاري الپاڪي يا چينا سلڪ جو ننڍو ڪوٽ پهريندو هو! مٿي تي بره جي ڪَل جي ٽوپي، ۽ پير ۾ سنو چمڪدار پمپ شوز. لٽا پنهنجن هٿن جا ڌوتل هوندس پر وڏي کان وڏي امير جي نصيب ۾ نه هوندو ته اهڙا ڪُنپيل ۽ ڪَلفدار ڪپڙا ڍڪي. شهر کان ٻاهر ويندو ته نهي نڪي، شان ۽ مانَ سان. هٿين خالي ڪڏهن نه ويندو، دوستن لاءِ قسما قسم تحفا ساڻ ڪٽي هلندو، خاص طرح ميوَن جا ٽوڪرا، جن جي مٿان ڳاڙهي ڪاغذ جا پوش پيل هوندا. ٻارن کي

خرچيون ڏيندو، نوڪرن ۾ سوڪڙيون تقسيم ڪندو. غريبي حال ۾ اميري شان پيدا ڪرڻ، اُن جڳ جي بزرگن ڪي ايندو هو.

* * * *

هاڻي موٽي ميان صاحب جي گهر اچون ٿا. متيون ڳالهيون ته ذڪر هلندي وچ ۾ اچي ويون هيون.

ماني تيار ٿيندي، مگر وڏبي اوستائين نه. جيستائين ميان فضل محمد پاڻ اچي ڪٽ تي نه ويهندو. سندس گهر واريءَ صبح جو ته جهيڙو ڪيو هوس، مگر هينئر مائيءَ جو حال ڏسڻ وٽان هوندو.

جيستائين ميان گهر نه آيو هوندو ۽ سندس منهن ۾ گراهه نه ويو هوندو، مائيءَ کي آنڌ مانڌ لڳي پئي هوندي. پنهنجو پاڻ پيئي ڳالهائيندي - "مستوءَ جي پيءُ کي هيڏي دير ٿي ويئي آهي، بکئي پيٽ تي نپٽا باهر وتيو وينا اٿس! خدا نه پنهنجو گهر گهاٽ ڏنو اٿن. نه ٻئي جي گهر گهاٽ جو ڪو ويچار اٿن! اونڌيون ڳالهيون ۽ اجايا بستان ڪڍيو وينا هوندس."

ميان ايندو ته ماني آڏي اڳيان رکنديس. نرم اڦراٽا هوندا ۽ ديڳڙي ۾ جا ٻه چڱي ٻوٽي هوندي سان ڪڍي آئي هوندي. هٿ ڌئاري، پنهنجي هٿ ۾ پکو کڻي ويهندي. آهستي آهستي پکو ٻه پيئي جهُليندي، ۽ ساڻس ڳالهيون ٻه پيئي ڪندي:

"مستوءَ جا پيءُ! شبوءَ (سندن پٽ) کي ته ڪا ڏڏڪ ڪڍ. سارو ڏينهن الائي ڪيڏانهن رُلندو پيو وتي. نه ڪائي ٿو ماني وقت تي، نه پئيس ٿو ساهه جو.

"حميدڻ رات لڱن جي سور جون پئي دانهون ڪيون. هڏن ۾ ڪو تپ جو ذرو رهجي ويل اٿس. ڪڏهن ڪڏهن ڪٽس ٻه ٿيو پويس. اڄ سانجهيءَ جو وٽي وڃي ادي عبدالحق (حڪيم) کي ته ٻانهن ڏيکاري اچينس. ائين پئي پئي ته چوڪر صفا نجهري ويندو.

"ادي ٽڪئي ماءُ ڦجر آئي هئي. پنهنجي ننهن ۽ سورن جون ڳالهيون ڪري، هيانءَ ڦٽي پئي رني. ننهٽس مڙس جو ڦرڪوئي ڦيرائي ڇڏيو آهي. ماريو، جيڪي آٽي نئي، سڌو اچي زال جو پيٽ پري، ماءُ ويچاريءَ کي ته تريءَ تيل ٻه لائڻ نٿو ڏئي. اهڙا پٽ، جهڙا ٿيا تهڙا نه ٿيا!"

”ادي عبدالله کي بہ ڪالهہ پوڻو ڇائو ٿـئي! ماسيءَ سگهڙ ڳالهہ پئي ڪئي تہ ڏاڏا شادمانا ڪيا اٿئين. ويچارو سڪايل هو. ٿي ڀار تہ اڳي لٿا اٿس، ماڻ ڏٺي هي ڇوٽون بخشي ڏئيس! تون بہ جيڪر مبارڪي ڏيئي اچينس تہ ڇا ٿي پوي. پاڙي پنبي وارا تہ سڀ ٿي آيا اٿس.“

”مستوءَ جا پيءُ، ٻي ڳالهہ تہ ٻڌ! انهيءَ ماريي موٽوءَ جو ڇو اچي مٿو ڦريو آهي! پنهنجي گهر جو سارو گند آڻي ٿو اسان جي گهر اڳيان ڍير ڪري! اهڙي بڻانس ٿي اچي ڪَڙي ٿئي جو ماٿهو ويهي نٿو ساهُ ڪري. ڪالهہ مستوءَ چڙو ڏوراپو ڏنس تہ ڇوڪر سان ڇيٽ پئجي ويو. رات ڏينهن وڙهسان، وڙهسان پيو ڪري. ڏس تہ سهي ماريي جو ڪيئن نہ پيٽ پريو آهي! اجا ڪالهوڪو ڏينهن آهي تہ بيهن جو ٽالهہ مٿي ٿي ڪٽيو هوڪا ڏيندو پئي وتيو، هاڻي پئسڙو ٿيو اٿس، ۽ جاڻڙي نهرائي اٿائين تہ ائين پيو سمجهي، ڄڻ تہ لک ٿي مٿو ڏوتو اٿائين! پوري منهن سان ڪنهن جي ڳالهہ بہ ڪونہ ٿو ٻڌي، ڪو چويس تہ مورڳو گونزل پيو ڇڏي!

”مستوءَ جا پيءُ، هاڻي جُتي بہ تہ نئين نهٽي ڏي! کهڙو پراٿو بوٽ گهليندو پيو وتين! پير بہ نٿا سور ڪنئي؟ ٽڪڙ ڪري وڃي دڪان تان وٺي آئين، گهٽا ڏينهن هَلُيئي؟

بوٽ هجي تہ هٽ جو نهرايل. بازاري بوٽن ۾ تہ چڙو ٽا ميٽ وجهن. هاڻي مارين کي حرام ڪائي ويو آهي. بڪ ۽ بي ايماني ڪاهي پئي اٿن. اڳ اهڙا ڪاتي هوندا هئا. جنهن سوچيءَ ڪان ادي عيدن بوٽ نهرايو آهي. تون بہ انهيءَ کي چئي اچ. ڏسجي ڇڱو ٿو. جي توکي بہ پسند اچي تہ پوءِ عيد لاءِ ٻارن جا جوتا بہ انهيءَ ڪان ئي نهرائينداسين.“

ان قسم جي ڳالهين ڪندي ڪندي، ميان کي سموري ماني ڪارائي وٺندي. پوءِ هٿ ڌئاري، رلهي ڇڪي ڪٽ تي وجهي، ڪيس آهلائي ڇڏيندي. پاڻ وڃي باقي ٻاتين جي ماني وڙيندي.

ميان فضل محمد چيلهہ ڊگهي ڪندو، ٻيڙي دکائيندو، هٿ ۾ ڪتاب، ”وارث شاهہ جي هير - رانجهو“ کڻي، ورق اٿلائي، وچان ڪو نہ ڪو ٽڪر ڪڍي، مٺي آواز سان پڙهڻ شروع ڪندو:

هير آکيا، جوگيا، جوٺ بولين ڪون رٺڙي يار مناوُنڌائي،
ايسا ڪوئي نہ مليا، ميں ڍوند ٿڪي، جهڙا گيان نون موڙليا وندائي،

ميـرا جــيءَ جامــ جيهــڙا، آن ميلـي سـر صدقــ اُسـدي نـام ندائـي،
يـلا موئـي، تـي ويـڙي ڪـون ميلـي اينويـن جيـوڙا لـوگ ولاوندائـي!

ڪڏهن ڪڏهن "هِير" پڙهندي، اکين مان ٻه -چار لڙڪ به وهي ٻاهر نڪرندس.

* * *

سانوڻيءَ جي موسم هوندي، پاڻي وهي ايندا. ته سنگتي ساٿي گڏ ڪري، روهڙيءَ جي باغن ۾ وَهين جي شڪار تي نڪرندو. رات ڪان وني مانيون تيار ٿينديون. ساٿين ڏي سڏ ويندا. ٽانگا ياڙي ٿيندا. ساري گهر، بلڪ پاڙي پنبي ۾ هلچل مچي ويندي. ڪو بندوق آڻيندو، ڪو ڪارتوسن جو باڪس رومال ۾ ٻڌيو ايندو، ڪو چاقو ڪڍي پيو روهيءَ تي لاهيندو. ڪنهن جي هٿ ۾ ميوي جي ڇلي هوندي. ڪو سگريٽن ۽ بيڙين جا بنڊل پيو ڪيسي ۾ وجهندو. وڏي هل هنگامي بعد سواري نڪرندي. هلندي هلندي، ٻانُهن ڪان وٺي، ٻارن ڪي به ٽانگن ۾ سَٽڻو پوندس، ڇو ته پردي جي اندران مستوءَ جي ماءُ محشر مچايو بيٺي هوندي ته "ٻارن کي به وٺيو وڃ. روئي روئي ويچارا ساٽا تي پيا آهن. آخر توکي ڇا ڪندا. ڪنهن ڪنڊ پاسي چپ ڪريو ويٺا هوندا، تون پيو شڪار ڪجانءِ."

ٻار هليا ته ميان فضل محمد جو پنهنجو شڪار ختم ٿيو. بگيون پري وڃي درياءَ پار باغن ۾ لاهيندو. ٻيا ساٿي بندوقون ڪلهن تي رکي وهين جي پويان نڪري پوندا. ميان صاحب پاڻ ٻارن کي قبضي ۾ ڪريو، ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويٺو هوندو. باغن ۾ ڪجين جي وڻن تي وهيا سٽيا پيا هوندا. هڪ ٺڪاءُ ڪريو ته ويهه ڪري پوندا. مگر ميان فضل محمد جا مهمان تجربيڪار شڪاري ڪو نه هوندا. سالن ۾ به ڪڏهين ڪو ڪارتوس ڪو نه ڇوڙيو هوندائون. وهيا اولهه هوندا ته هنن جي بندوق پئي اوپر ويندي! وهيو ڪو مئو نه مئو، رلي پني، لاڙوين سڄ موٽي اچي ميان صاحب واري ماڳ تي رسندا. حال احوال ٿيندا، چرچا گهڻا لڳندا، مانيون ڪائبيون، باغن مان ڪارڪون ۽ انب خريد ٿيندا، درياءَ پر تان تازا پلا ورتا ويندا، بگيون جوٽبيون، ۽ جنهن پيرين ويا هوندا، ساڳئين پيرين موٽي اچي گهر سهڙندا.

گهر پهچڻ تي ڪارڪون، انب پلا وغيره، اورين پرين ساٿين جي گهرن ۾ تقسيم ڪيا ويندا. غرض ته سڄي شهر کي خبر ته پئجي ويندي ته ميان فضل محمد وارا اڄ شڪار تي ويا هئا. ڪجهه تفريح ٿي، ڪجهه نام و نمود!

* * *

ميان فضل محمد کي مذهبي محفلن سان بہ خاصي دلچسپي هوندي هئي. معراج - رات ڏاڍ ڌوم سان ملهارائيندو هو. گهر جي سامهون شاميانو لڳندو. گلم غاليچا وڇائجي ويندا. چانهہ جي ديڳ چڙهندي. واعظي مولوي اچي موجود ٿيندا. ڪجهہ شهر جا معزز بہ مدعو ٿي ايندا. مولوين ۾ پنهنجا جهيڙا ۽ اختلاف هوندا: ڪو وهابي آيل هوندو تہ حنفيءَ جو منهن لٿو پيو هوندو. حنفيءَ کي وعظ لاءِ پهرين اٿاريو ويو تہ وهابي مولوي رسي پچڻ لاءِ پيو رستا نهاريندو. مولوي دين محمد وفائي مرحوم يا ميان عبدالله شيخ شينهن واري تي نظر پئي تہ پير ميان ڪرم علي شاهہ جُتي بہ نہ پائيندو. بيٺي بيٺي، بنا موڪلائي روانو ٿي ويندو. ميان فضل محمد مرحوم انهن اختلافن مٿائڻ ۽ محفل کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سارو وقت سرگردان هوندو. مولوي محمد هاشم مرحوم، رڪن جو ويٺل، مشهور "واعظ الاسلام" هوندو هو. سندس ڏنڊوئي اهو هو تہ گشت ڪندو، وعظ ٻڌائيندو وتي. پڇاڙيءَ ۾ خوش الحان ڇوڪرن جو هڪ ٽولو تيار ڪيو هئائين، جيڪي محفلن ۾ سُرَ سان نعتيہ ڪلام پڙهندا هئا. انهن تي نالو رکيو هئائين:"بلبلانِ اسلام"! جنهن بہ مجلس ۾ انهن "بلبلانِ اسلام" جي آمد جو آسرو هوندو، ماڻهن جا انبوهہ سڏيا اڻسڏيا، اچي موجود ٿيندا. انهن ڏينهن ۾ اڃا فلمن زور ڪو نہ ورتو هو ۽ ماڻهن کي مذهب سان بہ دلچسپي هوندي هئي، تنهنڪري اهڙين محفلن وسيلي وندر جي وندر بہ، ۽ مذهبي جذبي جي تسڪين بہ پئي حاصل ٿيندي هين. معراج جي محفل منعقد ڪرائڻ ۾ حڪيم عبدالحق صاحب ميان فضل محمد جو خاص ٻانهن ٻيلي ٿيو بيٺو هوندو هو. حڪيم صاحب بجاءِ خود تمام دلچسپ ماڻهو هو. مريض اچڻ جو آسرو هجي يا نہ، هي صاحب ضرور حڪمت جو هٽ کوليو، ۽ هٽ اندر شيشن ۽ ڏٻن جون لاٽون لڳايو ويٺو هوندو هو. ٻاهران پيو ٻورڊ لڙڪندو، جنهن تي مڙسيءَ کان ويٺل ۽ بواسير جي سٽيل، لا علاج مريضن لاءِ "شرطي علاج" جا قَسمي واعدا، ڳاڙهن ساون اکرن ۾ لکيل هوندا - "وقت اندر فائدي نہ ٿيڻ تي ٻيڻا پئسا واپس"! ماڻهو بي ضرر، ايماندار ۽ خوددار هو [1].
ڪنهن بہ مذهبي يا مجلسي ڪم لاءِ سڏ ڪبس تہ پير پوئتي نہ ڏيندو.

---

[1] خوشقسمتيءَ سان، زنده آهي.

ميان فضل محمد جي زندگيءَ جا پڇاڙي وارا سال ڏک ۽ فراق جي نذر ٿي ويا. سندس ساٿي ۽ رفيق هڪڙي پنيان هن دنيا مان روانا ٿيندا ويا. منهنجي ڏاڏي مرحوم سان خاص عشق هوس. ان جو انتقال ٿيو ته فضل محمد مرحوم جي زندگي به يڪسر بيرنگ ۽ بيمزي رهجي ويئي. حبيب جي فراق ۾ سندس شمعِ حيات به، ميڻ بتيءَ وانگر رجي، سنت ٿي خموش ۽ هميشه لاءِ ختم ٿي ويئي.

## سردار بهادر قيصر خان بوزدار

مرحوم سردار بهادر قيصر خان بوزدار، سنڌ جي وڏيرپ جو بهترين سئمپل هو. ميرپور ماٿيلي جو ويٺل هو. نه ونس وڏي زمينداري نه علم، پر سندس حڪمت عملي (ڊپلوميسي) زماني جي حال سارو، اٽڙ ۽ اٽڪس هئي. ۽ نه وري اهو ڪنهن خاص موقعي تي ڪنهن خاص وقت جو سوال هو: جا گهڙي جيئرو هو، سندس ڊپلوميسي چالو رهي، ۽ هر دفعي ۽ هر مقصد لاءِ ڪامياب. خان صاحب بڻيو، خانبهادر ٿيو، سردار بهادر بڻجي وفات ڪيائين - انگريز جو راڄ رهي ها ته نواب به ٿي وڃي ها. سياست ۾ بمبئي ڪائونسل جي زماني کان ميمبر چونڊبو آيو. سنڌ جدا ٿي ته مرڻ گهڙيءَ تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. اليڪشن ۾ هڪڙو دفعو به نه هارايائين. ضلعي جي پاليٽيڪس اندر سندس هنيل مورو وري نه موريو. خانبهادر الله بخش مرحوم جهڙي ماڻهوءَ کان ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽي کسي، ورهين جا ورهيه پنهنجي هٿ رکيائين. غضب خدا جو، انهن سارن مقابلن جي باوجود، اهڙي فضا ڪڏهن به پيدا ٿيڻ نه ڏنائين، جنهن هيٺ سندس حريف پير ڪوڙي ساٽس دشمني ڪن ۽ کيس ڪنهن وڏي جنجال ۾ وجهي ڇڏين! نصيب چئو يا حڪمت عملي، ڪا شي منجهس ضرور هئي. سڪر ضلعي جي هڪ ڪنڊ جو رهاڪو هو، پر سندس پرتاب سڄي ضلعي مٿان ڇانيل رهيو. اچو ته مرحوم جي طريقِ ڪار جو تجزيو ڪريون.

قيصر خان هڪڙو مقصد معين ڪيو هو، ۽ ان مقصد جي حصول لاءِ پنهنجون سموريون قوتون صرف ڪندو رهيو. اهو مقصد هوس ته پنهنجن هڪجيڏن ۽ همعصرن جي صف ۾ ممتاز ترين جاءِ حاصل ڪري - يعني خطاب وٺي، ميمبريون ماڻي، ۽ ضلعي اندر سرخرو رهي.

معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ان مقصد طرف قدم کڻڻ کان پهريائين هن اڳيان ايندڙ سفر جي سمورين منزلن، رڪاوٽن ۽ دشوارين متعلق پنهنجي دماغ ۾ صحيح اندازو موجود رکيو هو - اهڙيءَ طرح، جيئن هوائي جهاز جي پائلٽ، جهاز هلائڻ کان پهريائين، رستي ۾ رخ، هوا ۽ فضا، لانجيٽيوڊ ۽ لسٽيٽوڊ (ڊگهائي ڦاڪ ۽ ويڪرائي ڦاڪ) متعلق، نقشن، چارٽن ۽ رپورٽن جو مطالعو ڪري، ۽ ان مطالعي جي بنياد تي ڪمپاس کي سامهون رکي، پرواز شروع ڪري. عام ماڻهو سياسي سفر شروع ڪرڻ کان اڳ اهڙي سوچ ويچار بنهہ ڪو نہ ٿا ڪن، اڪيون ٻوٽي هلي پوندا - ڪڏهن ٿاٻڙندا، ڪڏهن ڪرندا، ڪڏهن اٿندا، ڪڏهن ڦٿڪندا، ڪڏهن وکڙ کائيندا، غرض تہ "فتان خيزان" حالت ۾ هلندا رهندا. قسمت رهنمائي ڪئي تہ وڃي منزل تي رسندا، ورنہ رستي ۾ ئي گهات ٿي ويندا.

قيصر خان پنهنجي زندگيءَ جو "چارٽ" ابتدا کان ئي اکيون کولي تيار ڪيو هو. اهڙو ڪو بہ ماڻهو ڪو نہ هوندو، جنهن لاءِ ان چارٽ ۾ اڳواٽ "سُٽيءَ پڙيءَ" جو انتظام تيل ڪو نہ هوندو، اهڙو ڪو بہ حادثو يا اتفاق ڪو نہ هوندو، جنهن کان بچڻ لاءِ پيشگي بندوبست نہ هوندو. جا دشواري آئي، علاج موجود! جو مقام آيو، اُن کي اُڪرڻ لاءِ تجويز تيار! نہ مُنجهندو، نہ پريشان ٿيندو، نہ مقصد هٽان ڇڏيندو.

سندس "طريق ڪار" جي ترتيب ۽ تجويز ۾ انساني فطرت جي خصوصيتن جو خاص لحاظ رکيل هو. وقت آئي، اڳلي مان کهڙيءَ طرح پنهنجو ڪم ڪيجي، سو ڪو کانئس سکي ها.

سڀ کان اول، عام همدردي حاصل ڪرڻ ۽ خود مخالف کي بيخبر رکڻ خاطر، پاڻ کي سخت ڪمزور، مقابلي کان گريزان، بلڪ کهل جي قابل ثابت ڪندو. سندس وڏي کان وڏو دشمن بہ کيس بيضرر سمجهي، منجهانئس خوف رکڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪندو، نہ پاڻ اڳواٽ خبردار ٿيندو، نہ قيصر خان هٽان ٿيندڙ حملي کان بچڻ لاءِ ئي ڪو بندوبست ڪندو. خبر تڏهن پونديس، جڏهن شڪست کائي وڃي پَٽ تي پوندو. نہ وري قيصر خان پنهنجي مخالف کي ان منزل تي ئي ڇڏي ڏيندو، ڇو تہ امڪان هوندو تہ ڌڪ کائي دشمن وڌيڪ تيز ٿي مٿس نئون حملو ڪري ۽ کيس ڪو وڏو نقصان پهچائي وجهندو.

تنهنڪري، دشمن کي ڪيرائڻ کان پوءِ هڪدم وجي سندس دل تي چنبڙو وجهندو. چوندس، "مون کي معافي ڏي، غلطي تي ويئي، تنهنجي وڏن سان منهنجو نيازمنديءَ جو رستو هو. وچ وارن ڇُـرچون ۽ چوڪُـون ڏيئي اسان ٻـن سڄڻن کي پاڻ ۾ ويڙهائي وڌو. هاڻي تون وڏو ٿيءُ. ٻئي موقعي تي اها ساري موڙي سائينءَ جي اڳيان هوندي" غرض تـه شڪست خورده دشمن سان هر طرح همدردي ڪندو. سندس زخم ميٽيندو، نـه مٿس ٽوڪ ڪندو ۽ نـه سندس اڳيان مرڪي گهمندو. هر حال ۾ تلخيءَ کي مٽائڻ جي پيو ڪوشش ڪندو. اڳتي هلي وري مقابلي جو ڪو موقعو آيو، تـه دشمن کي ساڳيءَ طرح شڪست ڏيئي ڇڏيندو - پر مقابلن جي وچ واري عرصي ۾ دشمن کي پهائڻ ۽ پرچائڻ جون ڪوششون بـه جاري رکيو ايندو. اصول هوس تـه "ماڻهوءَ جو ڪم آهي اصلي مقصد جي حصول سان. مقصد حاصل ٿي وڃڻ کان پوءِ خواهـ مخواهـ ڇو پيئي تلخي پيدا ڪجي؟ جيڪو گُڙ سان مري، تنهن کي زهر ڇو ڏجي!"

بيو اصول هوس هر ماڻهوءَ سان نياز ۽ نوڙت. ٻئي ڪنهن کان بدتميزي ٿي ويندي تـه بـه پاڻ ساڻس ڪلندو رهندو. اگرو اڪر وات تي نـه آڻيندو. ڪاموري ذات جو خاص خيال رکندو هو. معموليءَ کان معمولي سپاهي ۽ ڪوٽوار جي اڳيان بـه آڏر ڀاءَ لاءِ اُٿي بيهندو. نـوڙت سـان پيش ايندس، ۽ جـو بـه ڪـم چوندس، هڪدم پورو ڪري ڏيندس. سڄي عمر ڪنهن بـه آفيسر سان ارڏو نـه هليو. اتفاقاً ڪو سخت آفيسر اچي ويندو، تـه بـه پاڻ ڪيس آڏو جواب ڏيئي ۽ حجاب جي پردي مان ڪڍي، وٺائنس ٻاهر نـه نڪرندو.

موقعي فهميءَ جي فن ۾ "استاد ڪامل" جـو درجـو حـاصل هـوس. ان زماني ۾ هر سال سنڌ جي وزارتن ۾ ڦيرا گهيرا ٿيندا ٿي رهيا. قيصر خان کي الائجي ڪهڙي ڏات هئي، جو ڇهـ مهينا اڳ سمجهي وٺندو هـو تـه ڪهڙي شخص جو ستارو اڀرڻ وارو آهي! ان کانپوءِ ڇهن مهينن اندر ان شخص سان سندس بهترين تعلقات قائم ٿي ويندا هئا. سترهن ورهيـه ڪن سنڌ جون وزارتون هليون، ان عرصي اندر سترهن کان مٿي وزارتون ڊٺيون ۽ ٺهيون، پر قيصر خان مرحوم تي ڪو اثر ڪو نـه پيو. هر موقعي تي هو ڪامياب ڌر جي وچ ۾ خاص مقام حاصل ڪريو وينو رهيو.

ٻئي بـه ڪنهن شخص ۾ ڪم پوڻ جو امڪان نظر ايندس، تـه وقت کان گهڻو اڳ ان جو اونو ڪرڻ شروع ڪندو. هڪ تجربيڪار طبيب وانگر، ماڻهوءَ

جي طبيعت جو مطالعو ڪندو ۽ مناسب نسخو تجويز ڪندو. سنڌ اسيمبلي پنهنجن ميمبرن مان هڪ يا ٻن ماڻهن کي ريلوي ايڊوائزري ڪاميٽيءَ جو ميمبر چوندبندي هئي. ان ميمبريءَ مان اهو فائدو هوندو هو تہ ريلوي جا بابو هر دم پيا سلام ڪندا هئا ۽ خدمتون بجا آڻيندا هئا. قيصر خان ڇهہ مهينا اڳ پنهنجي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ اها ميمبري ضرور هٿ ڪرڻي آهي. اسيمبليءَ جي پارٽين جي پوزيشن جو جائزو وٺي ڏٺائين تہ مقابلي جي حالت ۾ فيصلہ ڪُن ووٽ يورپئين گروپ جي ٽن ميمبرن جا ٿيندا. هينئر هن صاحب انگريز ميمبرن جا سلام ڪرڻ شروع ڪيا. رستي ۾ ملنس يا لابيءَ ۾، يا خود اسيمبليءَ اندر، سندن استقبال لاءِ اٿي بيهي رهندو، ۽ جهڪي سلام ڪندن. موڪل جو ڏينهن هوندو تہ سندن بنگلن تي ويندو، ۽ هر پيري ميوي جا ٽوڪرا، بطور ڏاليءَ يا مهمانيءَ جي، ميم صاحبن لاءِ کڻي ويندو. گفتگو جي دوران اڳوڻن انگريزن جا جيترا بہ نالا ياد ايندس، تن کي دهرائيندو، سندن تعريف ڪندو، ۽ انهن جي مٿس ڪيل ڳُڻن کي ڳائيندو. هلندي هلندي هيءُ بہ ظاهر ڪري وٺندو تہ ڪانگريسي ۽ مسلم ليگي سڀ فسادي ۽ باغي آهن، انگريز سرڪار جي بيجا مهربانيءَ ۽ نرميءَ جو فائدو وٺي، خواهہ مخواهہ پيا اسيمبلين ۾ بغاغو مچائين. ٿورن ئي ڏينهن ۾ انگريز ميمبرن جو اهڙو حال ڪري ڇڏيائين، جو ليلي وانگر قيصر خان جي ڪڏ لڳا وتن. ريلوي - ڪاميٽيءَ جي چونڊ جو وقت آيو تہ انهن انگريزن جي ووٽن جي آڌار تي، ٻهرينءَ سٽ ميمبر منتخب ٿي ويو! جنهن انگريز ميمبر کان پڇو، هڪدم رايو ڏيندو: "او! قيصر خان از آ ويري گڊ مئن! "[1]

بغير پوريءَ سوچ ويچار جي، قيصر خان ڪو ڪم ڪو نہ ڪندو. جڏهن بہ ڏسو تہ قيصر خان مرحوم پنهنجن شهرن کي پيو مروٽي، ۽ مروٽي وات تائين پيو نئي، تہ سمجهي وٺو تہ هو ڪو نئون "فائيو -ائير پلان"[2] رٿي رهيو آهي.

مقامي طرح، سندس مقابلو پاڙي جي ٻن زميندارن سان هوندو هو. هڪ هو مرحوم خانصاحب دادڻ خان لنڊ، ۽ ٻيو چام پنيو خان مرحوم. انهن ٻنهي جون طبيعتون مرحوم قيصر خان جي طبيعت سان ڪين ملنديون هيون. دادڻ

[1] Oh! Kaiser Khan is a very good man.
[2] Five Year plan.

خان سخن جو سچو، ۽ دوستيءَ - دشمني جو سخت پختو هو. جنهن سان "هائو" ڪيائين، تہ وري سندس واتان "نہ" جو اکر نہ نڪرندو. پل جانِ جي متانس ريلون وهي وڃن. پنهنجو خان سخت خوددار، بهادر هو، ۽ تنهنڪري اگريءَ طبيعت جو صاحب هو. ساريءَ زندگيءَ اندر ٿورن ماڻهن ڪيس ڪڏهن مشڪندو ڏٺو هوندو. جنهن شخص جو ڏٺي منهن نہ وٺيس، يا عمر وري ان ڏانهن نہ واجهائيندو، پوءِ پل تہ اهو شخص ڪليڪٽر هجي يا ڪمشنر!

انهن ٻنهي صاحبن جا قيصر خان سان دائمي مقابلا رهيا. پر هڪڙو دفعو بہ قيصر خان خلاف ڪامياب نہ ٿي سگهيا. جڏهن بہ دادڻ خان مرحوم جي صداقت ۽ قيصر خان مرحوم جي "سياست" جي وچ ۾ ٽڪر ٿيو، جڏهن بہ ڇام پنهنجي خان جي خوديءَ ۽ قيصر خان جي بيخوديءَ مابين تصادم ٿيو، تہ فتح هميشه قيصر خان جي ٿي!

هڪ فارسي شاعر چيو آهي:

طبعي بهم رسان ڪه بسازي بعالمي،
يا همتي ڪه از سر عالم توان گذشت!
(يا اهڙي طبيعت ڌاريو جو دنيا سان
نهي ۽ منجهس کپي وڃو، يا اهڙي
همت جو مورڳو دنيا کان ٻاهر نڪري وڃو.)

قيصر خان مرحوم جو ويساهہ پهرئين اصول ۾ هو. وقت بوقت زماني جي حالتن جو بہ سانچو ٿاهيو، هيءُ اُن ۾ کُپي ويندو هو. برعڪس ان جي، دادڻ خان ۽ پنهنجو خان بيغرضيءَ، خودداريءَ، سچائيءَ، ۽ وفاداريءَ جي واٽ هلندا رهيا، پر قيصر خان مرحوم جي مقابلي ۾ تقريباً هميشه ناڪام رهيا.

دنيا جا اهي غمزا ڏسي، انسان غريب سوچڻ تي مجبور ٿئي ٿو تہ آخر"اخلاقي قدرن" ۽ "قدرت جي انصاف" متعلق جو آسماني صحيفن ۽ انساني قرطاسن ايترو زور ڏنو آهي، تن جي اصلي حقيقت ڇا آهي، ۽ انسان جي عملي زندگيءَ تي انهن جو ڪهڙو اثر پوي ٿو؟ جيڪي ڪجهہ هيءُ اکيون ڏسي رهيون آهن، سو عمومي طرح هن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي تہ چور ڇٽي ۽ پاڳيو ٻڌو وڃي ٿو، ڪوڙو تخت تي، ۽ سچو تختي تي پيو نظر اچي - ۽ جڏهن اهو نظارو ٿو سامهون اچي، تڏهن هن مزيد فلسفي پيش ڪرڻ کانسواءِ ڪو چارو ڪو نہ ٿو رهي تہ" ڪي رند پروڙن راز، قضيي ڪربلا جو!"

قيصر خان مرحوم جي موت جو نمونو ۽ مضمون بہ سندس زندگيءَ واري عام عنوان جي عين مطابق هو. هڪ رات، تندرست ۽ تنومند، خوش ۽ خورم، يارن غارن جي محفل ۾ ڪلندي ڳالهيون ڪندي، اوچتو ڪري اڪيون ہوٽيائين - ڊوڙي ڏنائون تہ دل ٽُٽي ۽ دم ختم ٿي چڪو هو - الله تعاليٰ ڪيس پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏئي!

*　　*　　*

## سکر جا اخبار نويس

ابتدائي زماني ۾ سکر، اخباري ڪاروبار جو مرڪز هوندو هو. ان ڪان وڏا مرڪز فقط حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ هوندا هئا.

هندن مان، ديش ڀڳت ويرومل بيگراج، "سنڌيءَ" جي نالي سان، پهرين اخبار جاري ڪئي، جا هفتيوار هئي.

مسلمانن مان، شيخ محمد سليمان "الحق" نالي هفتيوار پرچو جاري ڪيو، جنهن جي اجراءَ ۾ مسلمان ڪامورن ۽ خيرپور جي وزير جو هٿ هو. علي محمد خان دهلوي، جو بعد ۾ بمبئي ڪائونسل جو ناميارو پريزيڊنٽ بڻيو، "الحق" جو پهريون ايڊيٽر ٿيو. "الحق" ڪجهہ ڏينهن حيدرآباد مان نڪتي، ۽ ان ڪان پوءِ هميشہ لاءِ منتقل ٿي سکر آئي. بابو سليمان پنهنجي پرچي ذريعي مسلمانن جي چڱي خدمت ڪئي. منهنجي سانير ڪان اڳ سندس انتقال ٿي چڪو هو، تنهنڪري مون ڪيس ڪو نہ ڏٺو. پر منهنجي زماني ۾ بہ سندس نالو عزت سان ياد ڪيو ويندو هو. سندس فرزند، شيخ عبدالعزيز، ڪانئس پوءِ پريس ۽ اخبار جو ڪم سنڀاليو. پر آزاد خيال هو، انگريزن جي وفاداريءَ ڪان بيزار ۽ ڪاموري شاهيءَ جو دشمن، تنهنڪري ٿورن ئي ڏينهن اندر ڪيس اخبار ڪان بيدخل ٿي سکر ڇڏڻ تي مجبور ٿيڻو پيو. شيخ عبدالعزيز مون ڏٺو. ڏاڍو جوشيلو قومي ورڪر هو. تقريرن ۾ انگريزن جي خوب خبر وٺندو هو. خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ ڪيس جيل بہ پوڻو پيو، پر سندس همت ۽ اصول ان هوندي بہ نہ ٽُٽا. البت، ڏکن ۽ تڪليفن ڪري، سندس زبان ۾ سو ڪافي تلخي پيدا ٿي چڪي هئي. هرڪو ماڻهو ڪانئس پاسو ڪرڻ لڳو، ۽ ڪنهن بہ سندس سرپرستي ڪا نہ ڪئي، فقيراڻي ۽ عُسرت جي زندگي بسر ڪندو رهيو، پر نہ سياسي نظريو ڦيرايائين ۽ نہ خودداري ئي هٿان ڇڏيائين. پيچاڙيءَ

۾ پير ضياءُ الدين شاهہ صاحب جهنڊي واري رحمة الله عليہ سان وابستہ ٿيو، ۽ سندس خدمت ڪندي زندگيءَ جو باقي عرصو پورو ڪيائين.

"الحق"، ان ڪان پوءِ، سندس ننڍي ڀاءُ ميان عبدالحڪيم مرحوم جي حوالي ٿي. پر جنهن زماني ۾ آءٌ سکر آيس، ان ڪان اڳ ۾ ئي سندس عمر طبعي پوري ٿي چڪي هئي، ۽ فقط سرڪاري اشتهارن ڇاپڻ لاءِ پيئي پساهہ کڻندي هئي. هفتي - پندرهين ڏينهن اشتهار آيا، تہ پرچو نڪتو، ورنہ ٿيو پلو. مون پاڻ ڪجهہ وقت ان اخبار ۾ مضمون لکيا، ۽ ڪوشش ڪيم تہ منجهس دوباره ساهہ ڦوڪيان. پر پرچي جي پاليسي هئي تہ وقت جي سرڪار جي ثناخواني ڪجي ۽ اشتهار وٺجن. انهن ڏينهن ۾ ڪافي سياسي سجاڳي بہ اچي چڪي هئي، تنهنڪري اهڙي پرچي ڪي همٿائڻ لاءِ پبلڪ تيار ڪا نہ هئي.

"الحق" جي مقابلي ۾، اوائلي زماني ۾ ئي، آزاد خيال مسلمان طبقي "آفتاب سنڌ" جي نالي سان هڪ ٻي هفتيوار اخبار جاري ڪرائي هئي، جا منهنجي زماني تائين نيم مرده حالت ۾ تلڪندي ٿي رهي، پهرين ڏينهن ۾ چڱو نالو ڪڍيو هئائين. مرحوم شمس الدين "بلبل" ايڊيٽر هوس. "بلبل" سنڌ اندر اخبار نويسيءَ ۽ لٽريچر جو ڏاڏو آدم هو. مون کي سندس ديدار ڪڏهن بہ نصيب ڪو نہ ٿيو، پر سندس مضمون ۽ نظمن جو پوريءَ دلچسپيءَ سان مطالعو ڪندو رهيس.

"الحق" ۽ "آفتاب سنڌ" جي ختم ٿي وڃڻ بعد، هڪ نئين مسلماني اخبار جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي. وقت جي مسلمان عملدارن، شيخ محمد قادر وزير خيرپور جي مدد سان، زميندارن مان چندا گڏ ڪيا، ۽ "سنڌ زميندار" اخبار جو بنياد وڌو. اخبار جو پهريون ايڊيٽر ماستر عبدالوهاب مرحوم مقرر ٿيو. مون سندس زيارت ڪئي. پناڻ، پناڻ صورت ۽ پناڻ سيرت بزرگ هو. دورانديش، سنجيدو، "ڪم" جي ڳالهہ ڪندو. "چم" سان ڪو واسطو نہ رکندو. حقيقت لکندو، عملدارن جي "ڏيان" کي "دعوت" ڏيندو، حڪومت سان واسطو رکندڙ تحريرن ۾ ادب ۽ انڪار جي ازلي حدن کي لازماً ملحوظ رکندو. مضمون ۾ نہ مرچ وجهندو نہ مسالو. نہ مثالي شعر ڏيندو، نہ ڪو جوشيلو جملو. تحرير جي سطح ايتري قدر هيٺانهين رکندو ۽ زبان اهڙي سهل رکندو، جو معمولي ڪان معمولي سنڌي پڙهيل انگريز آفيسر بہ آسانيءَ سان مطلب

سمجهي سگهي، ۽ روز مرهہ پاڻ وٽ اينڊڙ درخواستن ۽ هن اخبار ۾ ڇپيل مضمونن جي روح ۽ انداز ۾ ڪو فرق محسوس نہ ڪري.

گورن عملدارن جا دماغ تہ اصل کان ڦريل هوندا ها، پر ڪارن ڪامورن جو رت بہ ٿوريءَ گهٽي ڳالهہ تي بگڙي ٿي ويو. تنهنڪري سنڌن وفادارن لاءِ لازم هو تہ "ڪَتين بہ، ڪَنبن بہ!" وفاداريءَ جي والهانہ واعدن ۽ قسمن اقرارن ۾ ملفوف، واجبيءَ کان واجبي معروضات ڪي بہ، زبان جي لحاظ سان، منڪسرانہ ۽ ملتجيانہ، بلڪ گداگرانہ لفظن ۾ ئي پيش ڪرڻو ٿي پيو. ورنہ نازڪ مزاج صاحبلوڪن جي ناراض ٿي پوڻ جو خطرو هوندو هو. البت اهي شرط لاڳو هئا فقط مسلمانن سان. هندن ۽ سنڌن اخبار نويسن تہ انهن ڏينهن ۾ بہ انگريزن جا خوب پٺي تي ڦوڏا لاٿا. حيدرآباد مان "سنڌ واسي" ۽ "پارتواسي"، ۽ ڪراچيءَ مان "نيوٽائمز" اخبارون نڪرنديون هيون. انهن اخبارن انگريزن خلاف رڻ ٻاري ڏنو هو. ٻئي طرف، لاهور جي"زميندار" اخبار (مولانا ظفر علي خان جي ايڊيٽريءَ هيٺ) پڻ سڪر ۾ ايندي رهندي هئي، ۽ اڙدو پڙهندڙ عوام جي ذهنيت ۾ ڪافي فرق پيدا ڪيو هئائين. خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪن جو اثر ان کان سواءِ هو. پڙهيل - لکيل عوام ۾ آزاديءَ جو جذبو جاڳي چڪو هو. ۽ انگريز مجبور ٿي پيا هئا تہ مسلمانن - خاص طرح زميندارن - تي هٿ رکن، ڪانئن اخبارون ڪيرائين. "امن سبا" ۽ "سنڌ محمدن ائسوسيشن" جهڙيون وفادار ۽ فقط نوڪريون گهرندڙ جماعتون قائم ڪرائين ۽ حڪومت سان وفاداريءَ جي وسامندڙ جذبي کي نئين هوا ڏياري، ان کي قائم ۽ روشن رکن.

"سنڌ زميندار" اخبار جو جاري ٿيڻ، عين ان پاليسيءَ پٽاندڙ هو. ۽ ماستر عبدالوهاب مرحوم پنهنجا فرائض بلڪل چڱيءَ طرح بجا آندا. سندس انتقال کان پوءِ مسٽر احمد علي خان عليگ ايڊيٽر مقرر ٿيو. ۽ مئي 1929ع ۾، مون پاڻ وچي مسٽر احمد عليءَ جي ڇڏيل ڪرسي سنڀالي. منهنجي ڏينهن ۾ اخبار جي پاليسي بلڪل ڦري ويئي. ان ڪم ۾ قدرت بہ مدد ڪئي. اصلوڪا ڊائريڪٽر مري کپي چڪا هئا. پريس جو سارو انتظام خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي قبضي ۾ اچي ويو هو. اهو صاحب پاڻ نوجوان هو، خود دار هو، ۽ ايڊيٽر جي ڪم ۾ ڪا بہ دست اندازي ڪا نہ ڪندو هو. ساڳئي وقت عام

حالتن ۾ بہ تبديلي اچي ويئي هئي، تنهنڪري اخبار جي تحريرن ڪي تيز ڪندي منهنجي رستي ۾ ڪا بہ رڪاوٽ ڪا نہ پئي. البت ڪيترا ڀيرا وقت جا عملدار ضرور ناراض ٿي پيا. هڪ دفعي ڪوشش بہ ڪيائون تہ مون ڪي ڪيرائي، مرحوم عبدالوهاب خان جهڙو ڪو پوڙهو رٽائرڊ سنڌي ماستر آڻي ايڊيٽر ڪري ويهارين، پر ڪهڙي صاحب بنهہ ترڻ تيل لڳڻ ڪو نہ ڏنن، ۽ سال 1933ع تائين آءٌ پنهنجيءَ جاءِ تي بحال رهيس. اهو هو قصو "سنڌ زميندار" جو.

هندن طرفان، سنڌيءَ ڪانسواءِ، هڪ ٻي بہ هفتيوار اخبار، "ڌرم وير" نالي سان، ڀائي امرداس ڪڍي. امر داس ساڌ ٻيلي واري ڀائي صاحب جو چيلو هو. برهمچاري، ڏاڙهي ۽ مڇون ۽ مَٿو ڪوڙيل، ساڌن جي لباس ۾ رهندو هو. سندس اخبار وچولي قسم جي تڏيءَ پاليسيءَ تي پيئي هلندي هئي. اصلي مقصد هوس هندن جي خدمت، پر هروڀرو مسلمانن جون دليون بہ ڪو نہ دکائيندي هئي.

ويرومل بيگراج جي سنڌي اخبار تہ بنهہ ليڪا لتاڙيو بيٺي هوندي هئي. سندس نقطہ نگاهہ موجب، هندو هر ڳالهہ ۾ حق تي ۽ مسلمان هر معاملي ۾ ناحق تي هئا. محض موقعي جي منتظر رهندي هئي، موقعہ آيو، ۽ مسلمانن کي لتاڙڻ شروع ڪري ڏنائين. ويرومل هڪ موقعي تي هندو وڌوائن (بيواهہ عورتن) جي رهائش لاءِ "وڌوا گهر" کولرايو - خاص هندو محلي ۾ خالص هندو انتظام هيٺ. مسلمانن کي تہ فقط ان رستي تان گهمڻ جي بہ اجازت ڪا نہ هئي. ڪجهہ عرصي بعد خبر ڪُلي تہ ڪيترين وڌوائن کي "اُميد واري" ٿي ويئي آهي! هاڻي اِها بلا ڪري تہ ڪنهن تي؟ "سنڌي" اخبار وڏين هيڊنگن سان مضمون شايع ڪيو، جنهن جو هي جملو مون کان اڄ تائين نہ وسريو آهي -"ڪن دشت دراچاري مُسلن، ابهم ڪنيائن جو ڌرم ڀرشٽ ڪري ڇڏيو آهي!" ابهم ڪنيائن جو ڌرم ڀرشٽ" جنهن بہ ڪيو، تنهن کي ڦيو، مار اچي پيئي مسلمانن تي! اهي هونديون هيون ڪرامتون ان اخبار جون.

پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ مسٽر آرتمل پنجابيءَ، جاڳڻ (تعلقو شڪارپور) جي هڪ تيز طبع هندو نوجوان، ڪهي اچي سکر ۾ پنهنجا آستان کوڙيا. "هندو ليگ گزيٽ" نالي سان هفتيوار اخبار ڪڍيائين. هيستائين جيڪا ڪسر "سنڌي" اخبار ڇڏي هئي، سا "هندو ليگ گزيٽ" اچي پوري ڪئي. اخباري

لحاظ سان اسان جا جبرا مقابلا لڳا پيا هوندا هئا. ذاتي طرح مون سان دوستيءَ جو تعلق پڇاڙيءَ تائين قائم رکيو آيو. کيس خاص انتظار هوندو هو ته مان سندس مضمونن جا جواب ضرور لکان، ڇو ته ان ڪري هندن ۾ سندس اخبار جي وقعت وڌڻ جو امڪان هو. جنهن به هندو پرچي خلاف مسلمان اخبارن شڪايت لکي، تنهن کي ڪٽر قسم جا هندو، پنهنجي جاتيءَ لاءِ وڏي وٿ سمجهي، مٿي تي کڻي بيهي رهندا هئا. هندو اخبارن ۾ ڇٽا پيٽي هن ڳالهه تي لڳي پيئي هوندي هئي ته منجهانئن کهڙو پرچو تو مسلمانن تي وڌيڪ حملو ڪري، ۽ کهڙي پرچي خلاف مسلمان اخبارون تيون وڌيڪ هاءِ گهوڙا ڪن.

حقيقت کي ڏسبو ته هئي فقط ڪن هندن جي سمجهه جي غلطي. انهن طريقن اختيار ڪرڻ سان، "هندو - مسلم اختلاف" جي جا باهه دکارايائون، تنهن جي پهرين خوراڪ خود پاڻ ٿي ويا. پر اوائلي مستيءَ جي ڏينهن ۾ ڪين ڪير سمجهائي ۽ ڪير باز آڻي تي سگهيو؟ انڌ جي گهوڙي تي سوار هئا. پنهنجي غريباڻي نموني ته مون ڪين گهڻو سمجهايو، پر نه سمجهيا: مضمون لکيم ته گاريون ڏنائون، ڪتاب لکيم ته انهن کي سرڪار هٿان ضبط ڪرايائون.

آرتمل، اخباري ماحول کان ٻاهر، مزيدار ماڻهو هو. سندس دفتر هوندو هو وچ بزار ۾، ۽ اسان جي پريس هئي مٿي ٽڪر تي. جڏهن به پري کان ڏسبو هو ته آرتمل ڏوتيءَ جي ڪنڌ ۾ هٿ وجهيو، چاڙهي چڙهندو، سهڪندو، پڳهه ڳاڙيندو، پهچندو پيو اچي، ته سمجهي ونبو هو ته اڄ مسلمانن خلاف ضرور ڪو زهريلو مضمون لکي آيو آهي، ۽ هينئر خبردار ڪرڻ پيو اچي ته جواب لکڻ لاءِ اسين به پنهنجي قلم ۽ مس ڪپڙيءَ کي تيار رکون. ان قسم جي سوال - جواب ۾ ڦاسائڻ کان آءٌ هميشه ڪيٻائيندو هوس، پر آرتمل جي معاملي ۾ بنهه بيوس هوس. جواب نه لکبو ته ڇچڙ ٿي چنبڙي پوندو. ان کان پوءِ به انڪار ڪبو، ته اچڻ - وڃڻ ڇڏي ڏيندو، ۽ وچ وارن دوستن وسيلي ڏک پريل ڏوراپا پيو ڏياري موڪليندو. تنهنڪري پڇاڙيءَ جي ان جنجال کان بچڻ لاءِ، آءٌ پهرين کان ئي پيو سندس دل رکندو هوس.

آرتمل جو هڪ "پيو وزٽ" تيندو هو لاڙوين سمهاڻينءَ، جڏهن، ڪائي پيي، ماڻهو سمهڻ لڳندا هئا. اسان جو مئنيجر، ميان نظر علي خان، منهنجي پر ۾ سُتل هوندو هو، ۽ ان مرحوم جي آرتمل سان مورڳو ڪا نه پوندي هئي. آرتمل

ڪي خطاب ڏنو هئائين "دجال" جو، ۽ هميشه انهيءَ لقب سان ئي پيو ڪيس سڏيندو هو. آرتمل هڪ دفعي ڪانئس "دجال" جي معنيٰ پڇي، چيائينس: "دجال جي معنيٰ آهي، مسلمان قوم جو وڏي ڪان وڏو دشمن". آرتمل ان ڪان پوءِ، ان لقب کي پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهڻ لڳو، ۽ مون کي چيائين ته "منهنجي قلم جو زور هينئر خود نظر علي به محسوس ڪرڻ لڳو آهي!"

## مسلمان قومي ورڪر

"هجئي ناٽو ته گهُر لاڙڪاڻو!" ان مقولي ۾، تجربن ظاهر ڪيو آهي ته ڪجهه ڦير ڦار ٿيڻ لازمي آهي، يعني: "هجئي ناٽو ته گهُر مسلم سياست جو لاڙڪاڻو!" جي ناٽو موجود نه آهي ته مسلمان قومي ورڪرن لاءِ سياست جو ميدان محض مٽي جو سور، بلڪ هڪ مستقل مصيبت ثابت ٿيو پوي.

مسلم سنڌ اندر، سياسي بيداري ۽ آزاديءَ جو اوائلي جذبو جاڳائيندڙ مسلم زميندار، جاگيردار ۽ سرمائيدار نه پر چند مسڪين مسلمان قومي ورڪر هئا، جن پاڻ ان لاءِ سور سٺا ۽ قيد ڪاٽيا، ته عام مخلوق کي آرام رسي ۽ آزاديءَ جي نعمت ميسر ٿئي. "پاڻ کي مارڻ ۽ ٻين کي جيارڻ"، غريب جو ئي شيوو ٿي سگهي ٿو. انهن غريب مسلم قومي ورڪرن جون چار جماعتون هونديون هيون. هڪ جو مرڪز هو ڪراچي، ٻيءَ جو حيدرآباد، ٽيَنءَ جو لاڙڪاڻو، ۽ چوٿينءَ جو سکر ۽ شڪارپور. هن موقعي تي آءٌ فقط پوئينءَ جماعت جو ذڪر ڪندس.

پهرين عالمگير جنگ ختم ٿيڻ بعد، سلطان ترڪيءَ جي خلافت کي برقرار رکائڻ لاءِ، محمد علي ۽ شوڪت علي ڀائرن(سندن روحن تي رحمتون هجن) جي اڳواٽيءَ هيٺ ساري هندستان اندر هڪ زوردار هلچل چالو ٿي چڪي هئي. ان هلچل سنڌ ۾ به ڏاڍي قومي بيداري آندي، ۽ ڪيترا مخلص ورڪر پيدا ڪيا. انهن ورڪرن مان ، سکر سان تعلق رکندڙ، ڪن صاحبن جو ذڪر نه ڪرڻ سخت احسان فراموشي ٿيندي.

**ابو شوڪت حمزو**، چڪ جو وينل هو. سنڌي ماستري ڇڏي، ٽلهو وڏو بيد جو ڏندو هٿ ۾ ڪٺي، اچي سياست جي ميدان ۾ گهڙيو هو. قد جو ڊگهو، چاپئين ڪاري ڏاڙهي، شُڌ کَدَر جو لباس، مٿي تي ڪاري ڪُلاڻين اُيي ٽوپي، صورت خواهه سيرت ۾ شاندار مڙس هو. سندس اصول هو – هر

ظلم، هر زبردستيءَ ۽ هر قسم جي غلاميءَ ۽ مجبوريءَ جو مقابلو ڪرڻ، جبر ۽ استبداد جي هر ديوار سان مٿو ٽڪرائڻ، پوءِ جي ديوار نہ ڪري تہ پل پنهنجو ئي مٿو ٽڪر ٿي وڃي. چوندو هو:"انساني حياتيءَ جو مقصد ئي اهو آهي تہ ظلم خلاف جهاد ۾ صرف ٿئي. ظلم خلاف ضمير بغاوت نہ ڪئي تہ سمجهڻ گهرجي تہ ضمير مري چڪو يا حياتي بيڪار ٿي ويئي.

هفتي ۾ ٻہ – ٽي دفعا سکر ايندو. هر دفعي غريب مظلوم ڳوٺاڻن جي درخواستن سان پنهنجا کيسا پُر ڪريو ايندو. ڪجهہ عملدارن ۾ ورهائيندو، ڪجهہ اخبارن ۾ شايع ڪرائيندو. ان هوندي بہ ڪم نہ بڻيو تہ پبلڪ ميٽنگ سڏائيندو، ٻيا ورڪر ڪوٺيندو، تقريرون ڪندو، ٺهراءُ پاس ڪرائيندو. ۽ اهي ٺهراءَ دوباره وري اخبارن جي دفترن تائين پهچائيندو. اهي شڪايتون هونديون يا تہ مقامي عملدارن خلاف، يا هندن متعلق. ٻئي ڏريون زور واريون، ٻنهي وٽ اختيار، ٻنهي جي فائدي ۾ وقت جي هوا! پر ابو شوڪت جي ٽڪار هر حال ۽ هر موسم ۾، مٿن سانوڻيءَ جي مينهن وانگر وسندي رهندي. مٿس ڪيس داخل ٿيندا، وارنٽ نڪرندا، ڪڏهن ڪڏهن ضامن رد ڪري ٻن – چئن ڏينهن لاءِ جيل جي ياترا بہ ڪرائيندس، پر "چريو ڪيئن، چي ويران وير وڏ"! ٻاهر نڪرندو، ٻيو ٻارڻ ٻاريندو! نہ پاڻ سک سمهندو، نہ ظالمن کي ئي تيسين ننڊ نصيب ٿيڻ ڏيندو!

سندس تقرير هڪ بهادر سپاهيءَ جي تقرير هوندي هئي، ڪامل خود اعتماديءَ ۽ يقين محڪم تي مبني. نہ منجهس عرض هوندو، نہ ارداس، نہ نوڙت جو نشان، نہ نااميديءَ جو بيان. حقيقت ٻڌائيندو، انصاف ۽ انسانيت جي اصولن تي ان جو تجزيو ڪندو، ۽ "فوري جبري قدم" کڻڻ لاءِ بالا عملدارن، نہ تہ پبلڪ کي آرڊر ڏيندو. سندس هڪ تقرير تي توجهہ نہ ڏنو ويو تہ ٻيءَ تقرير ۾ وڏيڪ تلخيءَ کان ڪم وٺندو، حتاڪ "فيل مست فرنگيءَ" کي "قوسڙيءَ" ۽ "لال ڪنياٽيءَ" سان تشبيهہ ڏيندي بہ ڪو نہ گسندو.

جو دم جيئرو هو، جهاد ۾ مصروف رهيو، جو قدم کنيائين، ظلم ۽ استبداد ۽ غلاميءَ خلاف! افسوس اهو آهي تہ سندس مئي کان پوءِ احسان فراموش انسانن کين وساري ڇڏيو – شايد غريب هو، ۽ ناٺو ڪو نہ هوس، تنهنڪري! ورنہ ابو شوڪت جي آخري آرامگاهہ اڄ وڏي زيارتگاهہ هجي ها، ۽ سندس مزار جي

تعمير لاءِ پڻ ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو پيا نقشا ۽ سنگ مرمر موڪلين ها.

اي آنڪـه نـُـور مني طلبي از مزارهـا،
از مرقـــد منـــور پروانـــہ غـــافلي!

* * *

**مولانـا عبدالڪريـم چشـتيءَ**[1] سـان منهنجـي اولـيـن ملاقـات لاڙڪاڻي ۾، سرڳواسي ٿهلرام جي "لاڙڪاڻہ گزيٽ" اخبار جي دفتر ۾ ٿي. سال پورو ياد نہ اٿم، پر شايد 1922ع هو. ٿهلرام تعارف ڪرايو. هڪ قبول صورت نوجوان، طرحدار دستار، ڪاڏيءَ جا اڇا اُجرا ڪپڙا، ۽ ڪپڙن مٿان عربي قسم جي عبا ڍڪيو ويٺو هو. "هي آهي مولانا عبدالڪريم صاحب چشتي، شڪارپوري، خلافت موومنٽ جو جوشيلو ليڊر، قومي خيـالن جـو رکنـدڙ، ۽ "لاڙڪاڻہ گزيٽ" لاءِ ليک موڪليندڙ!"

ان ڏينهن جي لڳي وري نہ ٽـُـٽي. ورهيہ گذري ويا، حالتون ڦري ويون، اختلاف پيدا ٿيا ۽ پورا ٿي ويا، وزارتون ٺهيون ۽ وري ڊٺيون، حڪومتون آيون ۽ رخصت ٿي ويون، پر مولانا جي مهربانيءَ ۽ تعلق تي ڪو اثر ڪونہ پيو. اهل دل آهي، دل جو قدر اٿس، دل جي پاڪ دنيا کي وقتي ڪدورتن وڳهي هرگز ملوث ٿيڻ نٿو ڏئي.

آزاديءَ جي تحريڪ ۾ پيش پيش رهيو. هزارين تقريرون ڪيائين. جيل جي سزا ڪاٽيائين. ڪانگريس مان مسلمان علحده ٿيا، ۽ خلافت تحريڪ ختم ٿي، تہ مولانا تبليغ ۽ اشاعت اسلام جي ميدان ۾ ڪاهي پيو. سيرت تي ڪتاب شايع ڪيائين. اخبارن ۾ مضمون لکيائين. ساريءَ سنڌ اندر وعظ ڪندو رهيو، پر سنجيده نموني ۾، اسلام جون خوبيون بيان ڪيائين، پر سواءِ ڪنهن بہ ٻئي ڌرم تي اگري حملي ڪرڻ جي.

پاڻ اخبارون جاري ڪيائين. ٻين جي جاري ڪيل اخبارن جي ادارت سنڀاليائين. ڪجھ ڏينهن روزانہ "الوحيد" جو ايڊيٽر رهيو. "الوحيد" ڇڏڻ کان ڪجهہ عرصي بعد خانبهادر الهہ بخش مرحوم جي "آزاد" اخبار جي ايڊيٽري سندس سپرد ٿي. وڏي جوش جو زمانو هو، پر ان عام جوش کي ڪڏهن بہ خراب

[1] هيءُ احوال مولانا جي انتقال کان اڳ لکيو ويو هو.

نہ ڪيائين. پاڻ ٻين جي عزت ڪندو هو، ۽ ٻيا سندس عزت ڪندا هئا. شخصي بحثن کان پنهنجيءَ تحرير کي هميشہ پري ۽ پاڪ رکيائين. مضمونن ۾ تلاوت ضرور ڪندو هو، پر نہ اهڙي جو پڙهندڙن کي ٿڪائي سندن دم ڪڍي ڇڏي.

ذاتي ۽ خانگي زندگيءَ ۾ مولانا دلبر دوست آهي. جنهن سان ياري ٿيس، تنهن کي ڏک ۾ نہ ڇڏيندو، ۽ نہ وقتي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ عام ماڻهن وانگر پارٽي بدلائيندو، پوءِ پل تہ پبلڪ ۾ سندس پنهنجيءَ مقبوليت کي نقصان ئي پهچي وڃي! مجلس جو مور آهي، گفتگو ڪندو تہ ڄڻ طوطو پيو ٻولي. عرب جي ڪا عشقيہ آکاڻي ڇيڙيائين تہ ٻڌندڙ جي دل ٻـچائي پاڻي ڪري ڇڏيندو. "ليليٰ - مجنون" جو قصو تہ خاص طرح سان ڪو سندس واتان ٻڌي!

نازڪ مزاج ۽ نفيس طبع آهي. چڱا لٽا پهريندو، چڱو ڪائيندو، ۽ چڱو رهندو. سندس نشترگاهہ قريني سان سجايل آهي. منجهس جدا جدا ملڪن جون سوکڙيون ۽ احبابن جا تحفا سليقي سان رکيل رهن ٿا. مرحوم نظر علي خان سندس اوطاق کي "چشتي ميوزم" سڏيندو هو.

* * *

سکر قومي ورڪرن جو وڏو اڏو هوندو هو. ميان سردار علي شاهہ مرحوم جو لوهہ جو ڪارخانو هو. ميان سردار علي شاهہ آزاد خيال بزرگ هوندو هو، ۽ سندس فرزند **ميان محبوب علي شاهہ** قومي تحريڪن جي چڱي سرپرستي ڪندو هو. ان وقت جا سمورا قومي ورڪر ساڻس وابستہ رهندا هئا - ابو شوڪت حمزو، ماستر ميان عبدالرزاق، مولانا دين محمد وفائي، مسٽر تاج محمد عليگ، ميان نعمت الله صاحب قريشي، وغيره. شهر ۽ ضلعي ۾ ٻہ محاذ هوندا هئا - هڪڙو محاذ هوندو هو سرڪار جي وفادارن جو، ۽ ٻيو محاذ قومي ورڪرن جو. پوئين محاذ جو سمورو انتظام ميان محبوب علي شاهہ رکيو ايندو هو. صبح کان شام تائين سندس جاءِ تي انهن ورڪرن جو اجتماع رهندو. وقت جي مسئلن تي گفتگو پئي ٿيندي، "الوحيد" اخبار لاءِ هر روز پيا مضمون لکبا، ۽ هفتي ۾ هڪ - ٻہ دفعو پبلڪ جلسا بہ ٿي ويندا. زندگي هوندي هئي، ۽ زندگيءَ جون سموريون بيتابيون. اڳتي هلي محبوب علي شاهہ صاحب بہ - ٽي دفعا اليڪشن ۾ اميدوار بيٺو، پر ناڪامياب ٿي پيو. سندس طبيعت تي انهن وقتي ناڪامين جو ڏاڍو اثر ٿي پيو. آخر قوم جي شعور مان نااُميد ٿي، قطعاً گوشي نشين ٿي ويو. ستت ئي

سندس ساٿي بہ مري ۽ ڪجھ ٽڙي پکڙي ويا. پر پنهنجي زماني اندر اها مختصر جماعت ڪافي خدمت ڪري ويئي.

## حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمة الله عليه

انگريزن خلاف، خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪن جي سلسلي ۾ جو جهاد جو جذبو جاڳيو، اُن جو سنڌ اندر حقيقي جاڳائيندڙ مولانا تاج محمود امروٽي هو. ان ڪم ۾ ساڻس ٻيا بزرگ بہ شريڪ رهيا - مثلاً پير تراب علي شاهہ رحمة الله عليه، پير صاحب جهنڊي وارو (پير ميان رشد الله شاهہ صاحب عليه رحمة)، مولانا عبيدالله سنڌي، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالرحيم حيدرآبادي، رئيس جان محمد جوڻيجو. پر انهن تحريڪن جو اصلي روح روان مولانا امروٽي هو، جنهن جي قدم ان ميدان اندر پڇاڙيءَ تائين ڪا بہ لغزش ڪانہ ڪاڌي.

مون سندن زيارت فقط هڪ ڀيرو ڪئي. پير سائين تراب علي شاهہ مرحوم قمبر وارو مولانا سان ملاقات ڪرڻ لاءِ آيو، ۽ پنهنجي خدمت ۾ مون ڪي بہ وٺي آيو. رڪ جنڪشن تان لهي، بگيءَ تي چڙهي، اچي امروٽ پهتاسون. مولانا مسجد جي ٻاهران، وڻ جي ساني هيٺ، کٽ تي چڙهيو ويٺو هو. نحيف البدن ۽ تمام پوڙهو ٿي لڳو. ڏٺو مڙس هو، پر انهن ڏينهن ۾ نظر ائين ٿي آيو تہ چڻ هڏن تي کل چڙهيل آهي. سُنهاري مبارڪ ڏڪهي ۽ سفيد، پر نہ چاپوئين نہ گهاٽي. لباس ڪاڌيءَ جو. ٻنهي بزرگن محبت سان مصاحفو ڪيو، ۽ گهڻو وقت پاڻ ۾ گفتگو ڪئي. افسوس اٿم جو ان گفتگوءَ جو مطلب منهنجي دل تان هينئر ميسارجي ويو آهي. سڄو ڏينهن رهي، شام جو واپس آياسين.

مولانا وڏو عالم هجڻ ڪان سواءِ پير طريقت بہ هو. ساريءَ سنڌ اندر سندس لاءِ عزت ۽ احترام جو جزبو موجزن هو. ڪانگريس خواهہ خلافت جا وڏا وڏا ليڊر سندن قدر ۽ ادب ڪندا هئا. "عدم تعاون (non-co-operation) جي تجويز، جنهن تي پوءِ ڪانگريس عمل ڪيو، اول اول مهاتما گانڌيءَ جي دماغ ۾ مولانا امروٽيءَ وڌي. ان تجويز جي معنيٰ هئي تہ انگريز سرڪار سان ڪنهن بہ ڪم ۾ تعاون ۽ شرڪت نہ ڪئي وڃي: سرڪاري ملازم انگريز جي ملازمت

چڙي ڏين، مسلمان فوجي فوج مان نڪري اچن، ڍلون ڏيندڙ ڍلن ڏيڻ کان انڪار ڪن، لقبن ۽ خطابن وارا انگريز وٽان مليل اعزاز موٽائي ڦٽا ڪن، وغيره.

ٿورن ڏينهن ۾ هجرت جي تحريڪ شروع ٿي، جنهن جي معنيٰ هئي تہ انگريزن جي حڪومت هوندي هندستان "دارالحرب" بڻجي چڪو آهي، تنهنڪري مسلمان پنهنجي وطن مان هجرت ڪري وڃي افغانستان ۾ رهن، ۽ اتان فوج ٺاهي اچي انگريزن سان جنگ جوٽين. مولانا عبيدالله سنڌي اڳ ۾ ئي، مخفي طرح، پيرين پنڌ هلي، ٽڪر ٽاڪي ۽ جبل جهيلي، وڃي افغانستان پهتو هو. امان الله خان تازو افغانستان جي تخت تي ويٺو هو. سندس دل ۾ بہ انگريزن خلاف تاءُ هو. هن پنهنجي ملڪ تان انگريزن جو تسلط ختم ڪرڻ ٿي گهريو، جنهن لاءِ انگريز اجا تيار ڪين هئا.

ان پس منظر کي سامهون رکي، مولانا امروٽي صاحب سنڌ ۽ هند جي مسلمانن کي اپيل ڪئي تہ هو هجرت ڪن، ۽ هجرت جي تنظيم جو ڪم پير سائين تراب علي شاهہ مرحوم جي حوالي ڪيائين. هندستان مان تہ ڪي ڳاٽوان ماڻهو ويا، پر سنڌ مان هزارين ماڻهو، گهر ٻار، زمينون ۽ جائدادون وڪڻي، قافلا ٺاهي، افغانستان روانا ٿي ويا. پروگرام اهو هو تہ ڪافي تعداد ۾ مهاجرن جي نڪري وڃڻ بعد، پوئين قافلي سان خود مولانا صاحب ۽ پير تراب علي شاهہ پاڻ بہ روانا ٿي ويندا. پر ان وچ ۾ افغانستان ۽ انگريزن جي وچ ۾ سرحد تي باقاعدي جنگ شروع ٿي ويئي. انگريزن، افغانستان جي آزادي تسليم ڪري، تڪڙ تڪڙ ۾ امان الله سان صلح ڪري ورتو. صلح جو هڪ شرط اهو بہ هو تہ هندستان مان آيل مهاجرن کي پناهہ نہ ڏني ويندي. چنانچ، امان الله ۽ انگريزن جي صلح ٿيڻ بعد، پٺاڻن سنڌي مهاجرن سان هڪدم سخت بدسلوڪي شروع ڪري ڏني. اصلوڪا واعدا پاڙين سو تہ نهيو، پاڻ مهاجرن جيڪي ٽيڙ پاڻ سان آندا هئا، سي بہ ڪانئن ڪسي ورتائون. آخر دربدر ۽ خاڪ بسر ٿي، مهاجرن کي واپس وطن ورڻو پيو. مولانا جو پنهنجو قافلو روانو ٿئي، ان کان اڳ ۾ ئي هجرت جي تحريڪ ختم ٿي ويئي.

مولانا امروٽيءَ کي پٺاڻن جي ان روش ڪري ڏاڍو صدمو پهتو. ان ڏينهن کان پوءِ گهڻو وقت زندهہ ڪونہ رهيو. الله تعاليٰ سندن روح مبارڪ تي رحمت ڪري!

# حضرت مولانا عبدالغفور همايوني رحمة الله عليه

حضرت مولانا امروٽيءَ جو همعصر، وڏو عالم، پير طريقت ۽ شاعر هو، پر سياست کان مولانا عبدالغفور همايوني هميشه متنفر ۽ ڪناره ڪش رهيو.

سندن "خدمت خلق" جو طريقو بيو هو - شرع شريف جي خدمت، درس تدريس، فقه جي تشريح، ۽ پيري مريدي. پنهنجي زماني اندر وڏو فقيه تسليم ڪيو ويندو هو، ۽ سندس ڪتاب "فتاوا همايوني" ڪي اڄ تائين مستند سمجهيو پيو وڃي. مولانا محمد صادق راڻيپوريءَ مون کي ٻڌايو ته پاڻ تبرڪاً مولانا همايونيءَ کان هڪ سبق ورتو هئائون. سندس مشاهدي موجب، مولانا "اهل الله" هو.

منهنجن اوائلي ڏينهن ۾ پاڻ حيات هو، پر آءٌ سندن خدمت ۾ ڪڏهن به حاضر ٿي نه سگهيس. البت سندن شعر، خاص طرح ڪافين جو ڏاڍو شهرو هوندو هو. هينئن ڪافين جي ته ڌُم لڳي پئي هوندي هئي، جهنگ جر ۾، ننڍي وڏي جي وات تي هونديون هيون -

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا،
زندان هزارين، مان نه رڳو.

تنهنجي جلوي جمال جي عشوه گري،
تيا ملڪ مطيع وسيع وري،
ڇا جن و ملائڪ حور پري،
دربان هزارين، مان نه رڳو.

ڪيئي گهائل تنهنجي گهُور سندا،
مخمور غفور سرور سندا،
تنهنجي نُور حضور ظهور سندا،
نگران هزارين، مان نه رڳو.

ڪئين ابرو تيغ شهيد ڪيا،
ڪئين ناز مزيد مريد ڪيا،
ريءَ ناٽي ديد خريد ڪيا،
سلطان هزارين، مان نه رڳو.

اي مـــاه لقـــا، محبـــوب مـتـــا،
تنهنجـي نـــاز ادا تـــان جـــان فـــدا،
ٿيـــا دامنگيـــر اميـــر و گـــدا،
حيـــران هزاريـــن، مـــان نـــہ رڳـــو.

اي دلبـــر پيـــارا، نـــورِ نظـــر،
مســـرور عـــالم "مفتـــون" ســـيَـــر،
ٿيـــا تـــارا، توتـــان، شمـــس و قمـــر،
قربـــان هزاريـــن مـــان نـــہ رڳـــو.

سندن ہي ڪافي جا عوام ۾ سخت مقبول هوندي هئي، سا هئي:

هو ٿا چُوڻ جڳن، منهنجا نيڻ سِڪن!

سندن تخلص هوندا هئا "مفتون" ۽ "غفور". سندن ڪلام ديوان جي صورت ۾ شايع ٿيل آهي. ڪتاب جو نالو آهي "ديوان مفتون".

ولادت 1845ع/1261هـ جي هونِ ۽ انتقال 1918ع/1336هـ.

اولاد ڪونہ هون، انهيءَ ٿي ڏک ۾ متين چاٽايل پوئين ڪافي چئي هئائون. تصوير مطابق، سندن چهرو گول، سُونهاري مبارڪ چاپوين ۽ سفيد، مٿي تي ہروچڪي نموني جي وڏي سفيد دستار هوندي هئي.

## ڪي وقتي عملدار

سکر ضلعو پهريائين شڪارپور ضلعي جو هڪ حصو هو. 1901ع ڌاري، شڪارپور ضلعي کي ختم ڪري، منجهانئس ہہ ضلعا ناهيائون، يعني سکر ۽ لاڙڪاڻو.

سکر جي ڪليڪٽرن جو ہاہو آدم **ڪرنل ميهو** هوندو هو. جنهن سڀ کان پهرين سکر کي ٺاهي ۽ سينگاري، موجوده صورت ونرائي. اسان جي زماني کان گهڻو اڳ ميهو جو دور ختم ٿي چڪو هو، پر سندس ڪهاڻيون اڪثر ماڻهن کي ياد هيون ۽ مان ٻڌندو رهيس. چوندا هئا، وڏو انصاف پسند انگريز هو. ويس بدلائي، رات ڏينهن پيو هلندو هو. ڪڏهن پنڌ ۽ ڪڏهن وهٽ تي. ڪيس سخت اونو هو تہ غريبن جي حالتن کان واقف رهي، ۽ سندن ڏک سک ۾ شريڪ ٿئي. گهڻو ڪري ڌنارن ۽ مال چارينڌڙ ہارن کان حال احوال وٺندو هو، چو تہ سندن خيال هو تہ اهي معصوم آهن، جا حقيقت ٻڌائيندا سا صحيح هوندي.

مون سکر جو پهريون ڪليڪٽر پنهنجن اکين سان ڏٺو، سو هو **مائسي صاحب** (E.L. Moysey). پنهنجي ڏاڏي مرحوم سان گڏجي ونس ويو هوس. ٽـَـڪر واري بنگلي جي پر ۾، پنهنجي دفتر ۾ ويٺو هو. شريف انسان هو. استقبال لاءِ دروازي تائين آيو. وڏيءَ عزت جو سلوڪ ڪيائين. حال احوال پڇيائين. ڏاڏي مرحوم جو ڪم ڇيس، هڪدم ڪري ڏنائين. رخصت به ساڳيءَ طرح ڪيائين. آءٌ بلڪل ننڍڙو هوس. مون ۾ دلچسپي ورتائين. مٿي تي هٿ رکي پيار جا اکر چيائين.

ان ڪان پوءِ ٻيو انگريز جو مون سکر جي حلقي اندر ڏٺو، سو هو **مانٽگمري**، اسسٽنٽ ڪليڪٽر شڪارپور. سنهو، ڊگهو، ۽ ڏاڍو تند مزاج. گهڻي وقت تائين ته شادي ڪانه ڪيائين، ۽ جڏهن زال مليس ته ان کي به سخت ضابطي هيٺ رکيائين. ڪهڙي مجال ميم صاحبه کي، جو ڪنهن سان کلي ڳالهائي يا صاحب جي نظر ڪان پري ٿئي! هڪ دفعي مانٽگمري لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر مقرر ٿي آيو. اسين ڪيس ۽ سندس ميم صاحبه کي شڪارپور جي دعوت ڏيئي پنهنجي ڳوٺ وٺي آياسين. سارو عرصو ويچاريءَ عورت جو ساهه سُڪو پيو هو. اهو انگريز ٽور - ڳالهائو ۽ فيصلي جو تيز ۽ سخت هو. جنهن لاءِ خراب رايو ٿيس، بنهه ويجهو اچڻ نه ڏيندس. ڪنهن ڪوڙ ڳالهايس ته ٻوٽ پٺي ڇڏيندس. جو شخص ڪمشنر يا ڪليڪٽر جو درٻاري[1] نه هوندو، تنهن کي ڪرسيءَ تي هرگز ويهڻ نه ڏيندو، پوءِ پنهنجي جاءِ تي اهو شخص ڪيڏو به معزز ڇو نه هجي. اُبي پيرين بيهي، حقيقت "عرض" ڪرڻي پونديس. ان زماني ڪان ٿورو اڳ ته ملاقاتين سان پاڻ وڌيڪ بيعزتيءَ جو سلوڪ ٿيندو هو. مثلاً، بيڪر صاحب نالي هڪ ڪليڪٽر هوندو هو. ان وٽ ڪنهن به ملاقاتيءَ کي جُتي پير ۾ پائي اندر اچڻ جي اجازت نه هوندي هئي. ملاقاتين کي پٽيوالا ٻانهن ڪان وٺي اندر پيش ڪندا هئا، ۽ دروازي ڪان ٻاهر جُتي لهرائي ڇڏيندا هئا.

**اومني صاحب**، پوليس کاتي جو وڏو ناميارو آفيسر هو. پهرين سکر جو پوليس سپريڊنٽ هو، ۽ پوءِ ٻين ضلعن مان ٿيندو، وچي ساريءَ سنڌ جو ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل بڻيو هو. ڊگهو مڙس، رعبدار وڏيون مُڇون، نراڙ ۾ هميشه

---

[1] سنڌ جدا ٿيڻ کان پوءِ جي. ايم. سيد ۽ اسان سخت ڪوشش ڪري درٻارين ۽ ڪرسين جو اهو سرشتو بند ڪرائي ڇڏيو.

گهند. ڪرڙيءَ نظر سان ڪنهن ڏانهن ڏنائين تہ ماڻهوءَ جا حواس گم ٿي ويندا. سندس مير وري اوتريقدر ئي نرم مزاج هئي. جنهن تي صاحب ڏمريو، هيءَ مائي ان کي پرچائڻ ۽ دلاسي ڏيڻ جي پٺي ڪوشش ڪندي. زال - مڙس جي زندگي هڪٻئي کان سواءِ نامڪمل هئي. مڙس تندخو، تہ مائيءَ جو سياءُ منو. صاحب جوش ۾، تہ مير هوش ۾. صاحب باهہ ٻاريندو تہ مائي باهہ تي پاڻي پيئي ڇڻڪاريندي. انهيءَ طرح ئي، متوازن زندگي ۽ فضا پيدا ڪري سگهيا هئا.

انهيءَ ساريءَ تند مزاجيءَ جي باوجود، اومني جنهن جو دوست ٿيو، تنهن شخص جو ڄڻ پارس پاهڻ سان پاسو لڳو. چوندس ڪجهہ بہ نہ، ٻڌائيندس رتي بہ ڪانہ، واعدي يا دلاسي جو تہ سوال ئي ڪونہ هوندو، پر پرپٺ، ۽ مخفي ريت، ان شخص کي اُڀارڻ، بلڪ آسمان تائين پهچائڻ جون ڪوششون هر وقت جاري رکيو ايندو. شڪار جو ڏاڍو شوق هوس. ان سلسلي ۾ جنهن بہ مسڪين کان مسڪين ماڻهوءَ سان واهپو ٿيس، پڇاڙيءَ تائين ان کي ڪونہ وساريندو. پوليس ۾ نوڪري ڏيندس، پنهنجي هڙان پئسا پهچائيندس، پر ڪنهن بہ حالت ۾ حاجتمند ٿيڻ نہ ڏيندس. پاڻ رٽائر ڪري هميشہ لاءِ ولايت هليو ويو، پر اتان بہ انهن غريب سنگتين سان چٺيءَ چپاٺيءَ ذريعي تعلق قائم رکيو آيو.

سندس بنسبت مشهور هو تہ سواليءَ جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ جيڪڏهن مڇ تي هٿ رکيائين تہ سمجهبو تہ ڪم ٿي ويو. جنهن ضلعي ۾ هوندو، مجال آهي جو ڪو ڏوهہ ٿي وڃي. ڏوهاري نہ لڌو تہ حد جو پوليس آفيسر ڪاٺا ٿي ويندو. چونڊي، ڇڪاسي، معتمد عملدار رکندو، ۽ ان کان پوءِ هر طرح سندن پنيرائي ڪندو رهندو. ڪير جو انهن تي پڪار ڪري يا انهن جو نالو وٺي سگهي! حافظ سليمان، ساجنسنگهہ، ديوان چمنداس، عبدالستار، سندس معتمد پوليس عملدار هوندا هئا. پنهنجي ڪم ۾ ڏاڍا برجستا ۽ تڪڙ هئا. ڌاڙي، ڦر، چوريءَ يا خون جي جانچ ۾ چڙهي پيا تہ پڙلئي ڪري ڇڏيندا. سڄي علائقي جي ماڻهن کي ڪنبٽي وٺي ويندي. وڏا اٿالا پوليس عملو، زميندارن ۽ پيرادن جا پاڻ سان وٺي ٻاهر نڪرندا. جنهن ڳوٺ ۾ وڃي منزل ڪيائون، ٿرٿلو مچي ويندو. نہ ڪو ڪڪڙ زنده رهندو، نہ ڇيلو، نہ ڪنهن جي گُنديءَ ۾ ڪو داڻو بچندو، نہ چاڏيءَ ۾ چانورن جي ٻُڪي. مکڻ جا ماٽا ۽ کير جا مَٽ اچي ويندا. مارڪٽ جو سلسلو ان اپرانڌ. پاڙي پنبي جا سمورا مشڪوڪ ماڻهو

آڻي گڏ ڪندا. ڪنهن ماڻهوءَ ۾ خاص شڪ لاءِ سبب هوندو، ته ان جون عورتون بہ گهرن مان سڏجي اچي موجود ٿينديون. جانچ جو پهريون دور ڏاڙهيءَ پٽ سان شروع ٿيندو. بي تحاشا ڏاڙهين جي چَڳن جون چَڳون پٽي فضا ۾ اڏائيندا رهندا. ان کان پوءِ بہ ڪنهن ڏوهہ نہ باسيو تہ اونڌو ڪري ٽنگيندس، اوجاڳو ڏيندس، هٿن پيرن جون تريون ڪُٽيندس، برف وجهندس، وغيره وغيره.

هيو دور اجا ان کان بہ وڌيڪ ظالماڻو هوندو هو. عورتن کي پرڻي مجمعي اڳيان اگهاڙو ڪيو ويندو. اگهاڙي ڪرڻ کان اڳ، ڪجهہ وقت لاءِ، سندن سٿڻن ۾ جيئريون ٻليون وجهي ڇڏيندا. ڪڏهن ڪڏهن تہ ان کان بہ وڌيڪ بيحرمتيون ڪيون ويندڀون، جن جي بيان جي قلم اجازت نٿو ڏئي.

ان ساري "ڪارخير" ۾ پاڙي جا وڏيرا پوليس جا ٻانهن - ٻيلي ٿي بيٺا هوندا.

پوليس جي انهن سخت ڪارروائين ڪري، انهن ڏينهن ۾ وڏا ڏوهہ ڪي ورلي ٿيندا هئا. ڌاڙو لڳو يا خون ٿيو تہ سوين ميلن تائين سنسني ڦهلجي ويندي.

اومني صاحب برجستن زيردستن جي وڏي سرپرستي ڪندو هو. سندن خلاف پڪار ٿيندي تہ ٻنهہ ڪونہ ٻڌندو - پاڻ انعام اڪرام ۾ اضافا ڏيندو رهندن. جا شي ڪيس ڪپندي هئي، سا اِها تہ زيردست ساڻس سچ ڳالهائي، ۽ پنهنجي حد اندر ڪنهن بہ قسم جو ڏوهہ ٿيڻ نہ ڏئي.

آٽو راٿفيلڊ (Otto Rothfield) پڻ منهنجيءَ سانير واري زماني ۾ سکر جو ڪليڪٽر هو. ان صاحب وڏا ڪتاب لکيا آهن، مثلاً "هندستان جون عورتون" (Women of India).

ڪليڪٽريءَ جي زماني ۾، خاندانن ۽ شريفزادن کي ڏاڍو همٿائيندو هو. عالم قسم جو انگريز هو. تحقيق جو خاص شوق هوس. مقامي ريتين رسمن جي کوجنا ڪندو وتندو هو. ڪابہ نياري يا دلچسپ شي ڏٺائين تہ ان جي ماهيت معلوم ڪرڻ لاءِ، سرڪاري ڪم بند ڪري، گوڏو کوڙي ويهي رهندو هو. گول ٿلهو منهن، ۽ قد ڊگهو هوس. مون ڪيس ڪيترا ڀيرا ڏٺو.

عالم ۽ محقق قسم جي انگريزن مان جو ٻيو صاحب سکر جو ڪليڪٽر ٿي آيو، سو هو ڊاڪٽر سارلي صاحب[1]، جنهن شاهہ عبداللطيف عليہ الرحمة

[1] H.T. Sorley.

تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب[1] لکيو آهي. جن ڏينهن ۾ سکر جو ڪليڪٽر هو، اسان ڪونہ ٿي سمجهيو تہ ڪو هو ايڏي پايي جو عالم آهي. بعد ۾ معلوم ٿيو تہ سکر وارن ڏينهن ۾ بہ هو پيو شاهہ عبداللطيف متعلق خاموشيءَ سان تحقيق ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ محض منتظم پيو نظر ايندو هو. ضلعي جو وڏيرو ڪيتريقدر بہ چو نہ سندس دوست هجي، پر جي ڪو غلط ڪم ڪيائين تہ هرگز معاف نہ ڪندس.

سارلي ٻيو دفعو، تازو پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ، بورڊ آف روينيو جو ميمبر بڻجي ڪراچيءَ آيو. مون هڪ دفعي سندس تقرير "سنڌي زبان جي خصوصيتن" تي ٻڌي. سندس تحقيق ۽ نتيجن جي ڳوڙهائي ڏسي حيرت وٺي ويئي. سندس راءِ هئي تہ دنيا جي ڪابہ ٻولي، ۽ ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ڪو بہ اُچار، اهڙو ڪونہ آهي، جو سنڌي رسم الخط ۾، سندس اصلي صورت ۾ قلمبند نہ ٿي سگهي.

مون پنهنجي سنڌ جي روينيو منسٽريءَ جي زماني ۾ ڪيس آڇ ڪئي تہ "سنڌ جي گزيٽيئر" تي نظر ڪري، نئون ايڊيشن لکي ڏئي، پر اجا لکپڙهہ هلي ئي ٿي، تہ آءٌ مرڪزي حڪومت پاڪستان ۾ وزير ٿي ويس، ۽ اها تحريڪ اُتي ئي ختم ٿي ويئي.

سارلي قد جو ڊگهو ۽ بُت ۾ سنهو نہ ٿلهو، وچٿرو هو. عالم هو، تنهنڪري گهٽ ڳالهائيندو هو. سڄو وقت سوچ ۾ غرق رهندو هو.

جن ڏينهن ۾ آءٌ "سنڌ زميندار" جو ايڊيٽر هوس، سکر جو ڪليڪٽر، **مسٽر هوڊ** نالي هڪ انگريز هوندو هو. هندن ۽ مسلمانن جا جهيڙا شروع ٿي چڪا هئا. انهن جهيڙن ۾ ڪن هندو عملدارن پنهنجي قوم جي کُلي ڪُلائي طرفداري ٿي ڪئي.

هندو عملدارن مان هڪ صاحب هو **ايچ. ايم. پٽيل**، آءِ.سي.ايس.، اسسٽنٽ ڪليڪٽر، سکر - شڪارپور ڊويزن. اهو صاحب پوءِ هندستان جي گورنمينٽ جو ڊفينس سيڪريٽري ۽ ڪئبنيٽ جو سيڪريٽري جنرل وڃي بڻيو. سکر وارن ڏينهن ۾ اجا سندس ابتدائي زمانو هو. آءِ.سي.ايس. پاس ڪري، تازو اسسٽنٽ ڪليڪٽر مقرر ٿي آيو هو. اصل وطن گجرات هوس، ۽ ان لحاظ سان سردار ولڀ ڀائي پٽيل، هندستان جي وڏي ڪانگريسي ليڊر ۽ آزاد

---

[1] "Shah Abdul Latif of Bhit"

هندستان جي ڊپٽي پرائم منسٽر، جو هموطني ۽ گهٽيءَ حد تائين سنڌس همخيال هو.

باگڙجيءَ جي پر ۾ بيچانجي نالي هڪ ڳوٺ هو. اتان جا بنيادي زميندار پٺاڻ هوندا هئا. منجهانئن هڪ شخص علي احمد خان، وڏو بهادر شخص هو. ڳوٺ جا هندو ڪانئس سخت خائف هوندا هئا، ۽ ڪوشش ڪندا تي رهيا ته ڪنهن طرح ڪيس باهڙائي، حڪومت هٿان برباد ڪرائي ڇڏين. پٽيل صاحب به سندس ڪڍ ڪاهي پيو. بدمعاشيءَ جي قلم هيٺ گرفتار ڪيائينس. ان ڪان سواءِ به ڪيترين ڪارروايون هندن جي پڪارن تي، سندس خلاف چالو ڪري ڏنائين. آءٌ بحيثيت ايڊيٽر "سنڌ زميندار"، علي احمد جو مددگار هوس. اسان محسوس ڪيو ته پٽيل سان سڌي مقابلي ڪرڻ ڪان سواءِ پٺاڻن جو بچڻ محال آهي. هڪ دفعي پٽيل پاڻ بيچانجيءَ ويو. اتي علي احمد جي سوٽ، بچل خان پٺاڻ سان تڪو پيو. ڪجهه گهٽ وڌ به ڳالهايائينس، ۽ بچل خان جي چوڻ موجب، ڪيس ڪجهه جسماني ايذاءُ به پهچايائين. بچل خان اچي مون ساڻ احوال ڪيو. ميان عبدالرحيم ڪرل (جو صاحب بعد ۾ خيرپور جي هاءِ ڪورٽ جو چيف جج ۽ ويسٽ پاڪستان هاءِ ڪورٽ جو جسٽس بڻيو) کي وڪيل ڪري، اسان بچل خان ڪان، پٽيل جي خلاف، مسٽر هوڊ ڪليڪٽر وٽ مارڪٽ ۽ گارگند جو سڌو فوجداري فرياد داخل ڪرايو. فرياد داخل ٿيڻ ڪان اڳ اسان ائين پئي سمجهيو ته هوڊ پنهنجي آءِ.سي.ايس. اسسٽنٽ ڪليڪٽر خلاف هڪ رعيتي غريب ماڻهوءَ جي دانهن ڪانه ٻڌندو، ڇجائيڪ اهڙي دانهن ٻڌي متس ڪو فوجداري مقدمو به چالو ڪري ڇڏي.

پر هوڊ صاحب ڪيو ڇا؟ خاموشيءَ سان عبدالرحيم ڪان فرياد جي درخواست وٺي، غور سان پڙهيائين. فريادي بچل خان جو زباني اظهار وٺي، فرياد رڪارڊ تي رکيائين، ۽ حڪم ڪيائين ته جوابدار پٽيل، سندس عدالت اڳيان، جواب ڏيڻ لاءِ روبرو اچي سندس اوپاوڙي جي منزل تي حاضر ٿئي! ڪانوَ گهنديرا ٿي ويا. پٽيل ڊوڙي وڃي هوڊ سان ملاقات ڪئي، ۽ چيائينس ته فرياد وٺڻ سان تو ڊويزن اندر منهنجي رعب ۽ انتظام جي وقار کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، ان ڳالهه جو خراب اثر خود حڪومت جي ڪاروبار تي پوڻو آهي، وغيره وغيره. هوڊ صاحب جواب ڏنس ته "هي فوجداري ڪيس ۽ انصاف جو

معاملو آهي. ان باري ۾ آءُ خانگي ليول تي توسان ڪا بہ گفتگو ڪانہ ڪندس. مقرر تاريخ تي، ڪليل ڪورٽ ۾ حاضر ٿي اچي پنهنجو طرف پيش ڪج." ائين چئي پٽيل کي روانو ڪري ڇڏيائين.

پٽيل جو حوصلو پوءِ هارجي ويو. خانگي طرح، بچل خان کي سندس عزيزن کان "چوچوائت" ڪرائي، ساٹس رضانامو ڪيائين. بچل خان فرياد ڪيرائي ورتو. هوڊ صاحب سمجهي ويو تہ فرياد چو نڪتو! بمبئي سرڪار کي لکي، پٽيل کي سکر مان بدلي ڪرائي ڇڏيائين. ان کان پوءِ پٽيل کي گهٽو ڪري ڊويزن يا ضلعي جي چارج کانہ ڏنائون.

اهو هو اُن زماني جي انگريزن جو انصاف!

پوين ڏينهن ۾ انگريز ڪليڪٽرن جو تعداد گهٽجڻ شروع ٿيو. ٿن ديسي ڪليڪٽرن، جي هڪبئي پٺيان سکر ۾ آيا، جي ياد منهنجي دماغ ۾ اڃا تازي آهي.

مسٽر يو.ايم.ميرچندائي، آءِ.سي.ايس.، حيدرآباد جو عامل هو. ايماندار، منتظم، ۽ پنهنجي ڪم ۾ ڏاڍو هوشيار. هر ڪنهن کي اک ۾ رکندو، ڪيچل ڪنهن سان نہ ڪندو. هندن سان پل همدردي هجيس، پر دل انهن جي بہ هروپرو وڏڻ کانہ ڏيندو. هندو جماعتن ۽ شيوا - منڊلين جي ڪم ۾ خاص دلچسپي وٺندو هو. جتي بہ موقعو ملندس، پنهجيءَ قوم جي پيڙهہ پُختي ڪرڻ جي پيو ڪوشش ڪندو، پر بغير وڏيءَ نمائش جي.

خانگي زندگي صاف شفاف هيس. ساري عمر شادي نہ ڪيائين، جو خوف هوس تہ سندس زال مبادا سندس ماتا سان سنو سلوڪ نہ ڪري. پنهنجيءَ ماتا جي تقريباً پوڄا ڪندو هو. سندس اعتقاد هو تہ انسان "امڙ جي آسيس" سان ئي دنيا ۽ آخرت سنواري سگهي ٿو. ٿوري عرصي لاءِ سنڌ جو روينيو ڪمشنر بہ ٿيو.

مسلمان ڪليڪٽرن مان شيخ يعقوب پهريون صاحب هو، جو سکر ضلعي ۾ ڪليڪٽر مقرر ٿي آيو. وڏو تجربيڪار ۽ موقعي شناس هو. زماني سيکاريو هوس تہ انسان لاءِ "اول خويش بعد ۾ درويش" وارو اصول ئي ٺيڪ آهي. ڪليڪٽر هو، تنهنڪري قومي وابستگين کان گهٽو بالا ٿي چڪو هو. مسلمانن سان اهڙي ڪشمڪش جي زماني ۾ همدردي ڪري ها تہ سندس

نيڪنامي کي نقصان پهچڻ جو انديشو هو. پنهنجو جيءُ جنجال ۾ وجهي پنهنجي قوم جي خدمت ڪرڻ، موروڳو وقت ۽ دوررانديشيءَ جي تقاضائن جي سراسر خلاف سمجهيو ٿي ويو. البت موقعو ملندو هوس ته هندو قوم تي ضرور ڪرم ڪري وٺندو- اقليت هئي، منظم هئي، سجاڳ هئي، مالدار هئي، زبان هيس، ۽ سياسي اقتدار حاصل هوس.

حضور جن جي حديث شريف آهي "هڪٻئي وٽ اچو وڃو ته تحفا تحائف ڪٺي وڃو، ان ذريعي هڪٻئي ڏانهن محبت جو جذبو وڌي ٿو". شيخ صاحب نمازي هو، ۽ نيڪ بخت. ان حديث مبارڪ ۾ پورو وشواش هوس. سندس دشمن بڪواس ڪندا رهندا هئا ته جيڪڏهن ڪو حاجتمند وٽس "ناس جو شيشو" به بطور تحفي جي ڪٺي وڃي ٿو، ته هي فقير منش بزرگ ان تحفي کي به، بطيب خاطر، قبول فرمائي ٿو. ايترو مون پاڻ به ڏٺو هو ته شيخ صاحب ناس ڪثرت سان استعمال ڪندو هو.

اٺوٽندڙ ۽ رُڪن ملاقاتين کي نيڪال ڪرڻ لاءِ عجيب طريقو ايجاد ڪيو هئائين. ملاقاتي دروازي کان لنگهندو، ۽ هي صاحب تقرير ۾ چٽڪي پوندو. تقرير سارو وقت جاري رهندي، ۽ ملاقاتيءَ کي هڪ اکر چوڻ جي به مهلت نه ڏيندو. تقرير پوري ٿي نه ٿيندي، ته اوچتو اٿي بيهي ملاقاتيءَ کي رخصت ڪري ڇڏيندو. فرمائيندو، "گهڻي گفتگو ڪري چڪا آهيون، وقت پورو ٿي ويو آهي، ٻيو ضروري ڪم ڪرڻو آهي، ڪنهن ٻئي موقعي تي وري ملنداسين ۽ وڌيڪ حال احوال ڪنداسين." ائين چئي، پاڻ پٺي ڏيئي بيهي رهندو، ۽ ملاقاتي مسڪين، جهڙو سو تهڙو، منهن ٻڌي، ٻاهر نڪتو ويندو، دل جي رٿيل دل ۾ ئي رهجي ويندس.

الله تعاليٰ بخشيس! شيخ صاحب رنگ جو به سانورو هو.

شيخ يعقوب، يو.ايم. مير چنڊائيءَ ۽ سردار بهادر قيصر خان کي گڏي، معجون مرڪب ٺهائيندا ته ان تي نالو "ڪوناوالا" رکٽو پوندو. ڪوناوالا صاحب بمبئيءَ جو پارسي هو. ٻه دفعا سکر جو ڪليڪٽر ٿي آيو. هر چرندڙ پرندڙ انسان جي نڪ ۾ نوڙي ۽ ناڪيلي وجهيو وينو هوندو. البت نوڙين ۽ ناڪيلين جا رنگ ۽ وزن سو ضرور جدا جدا هوندا. وڏو وزير هوندو ته ان لاءِ ريشمي ۽ رنگدار نوڙي هوندي: استقبال، آڏرياءُ، ائڊريس، ائٽ هوم، ڊنرون،

ميونسپل رستن ۽ باغن تي نالا، بندوق جي هڪ ليسن لاءِ سفارش ڏيندي تہ هڪ درجن ليسن تيار ٿي ويندا، ۽ ليسن جي في بہ هڙان پياري ويندي - غرض تہ ڪهڙي مجال هوندي ڪنهن وڏي وزير کي جو نوڙي ڇنائي، صحيح سلامت وڃي گهر ۾ پهچي! خواب ۾ پيو "ڪوناوالا، ڪوناوالا" ڪندو.

پير الاهي بخش صاحب، بطور تعليمي وزير جي، بالغن کي تعليم ڏيارڻ جي مهم جاري فرمائي. پير صاحب اوستائين مستقل وزير سمجهيو ويندو هو. انهن ڏينهن تائين سنڌ ۾ اٺڪٺت دفعا وزارتون ڦري چڪيون هيون، مگر اتفاقاً پير صاحب هر وزارت ۾ موجود هوندو هو. ڪوناوالا صاحب کي خيال ٿيو تہ اهڙي لازوال وزير جو يادگار بہ لازوال ٿي ڏ ر ٿيڻ گهرجي. هڪدم چندي جي فراهميءَ لاءِ زبردست عملدارن کي هدايتون ڏنائين. ضلعي جا وڏيرا، ڪوناوالا صاحب جي حڪم پهچندي، ائين ڇٽي پيا جيئن چيٽ ۾ پڪل پير جو وڻ. ٿورن ئي ڏينهن ۾ "پير الاهي بخش لٽريسي ٽاور" نهي تيار ٿيو. ولايت مان هڪ وڏو گهڙيال گهرائي، اهو بہ ٽاور جي چوٽيءَ تي لڳايو ويو. پر ٽاور نهڻ کان پوءِ، ٽاور جي چوطرف جيڪي پٿرن ڪڍڻ لاءِ کڏون کوٽايل هيون سي پورجن، تنهن کان اڳ ۾ ئي خود ڪوناوالا صاحب بدلي ٿي ويو. اتفاقاً، تفريح جا ڪي طالب، رات وڳڙي ۾ ٽاور جو ديدار ڪندي، وڃي انهن کڏن ۾ ڪريا ۽ ٽنگون ٻانهون ڀڃي پين. وٺي ڪيائون ديواني دعوائون تہ ڪين هرجانو ڀري ڏنو وڃي! ڪيترن سالن تائين تہ اهي دعوائون هلنديون ٿي رهيون. پير الاهي بخش صاحب پاڻ وزارت تان لهي ويو تہ ٽاور جو گهڙيال بہ بيهجي ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪي شاهينگ مورڳو گهڙيال جا آندا ڳجيون ئي ڪڍي هليا ويا. پوئين دفعي جڏهن مون اهو ٽاور ڏٺو، تہ معلوم ائين ٿيو تہ چوڌطرف واري ايراضي تفريح لاءِ نہ، پر غير تفريحي مقصدن لاءِ پئي استعمال ٿئي، تنهنڪري ٽاور جي پر ۾ بيهي ڪنهن جي ياد ۾ ڇئن ڳوڙهن ڳاڙڻ جي بہ مجال ڪانہ ٿي ٿي سگهي.

منزلگاهہ مسجد واري ستياگرهہ پڻ ڪوناوالا جي ڪليڪٽريءَ واري زماني ۾ ٿي. ابتدا ۾ وقت جي وزير، خانبهادر الله بخش مرحوم، کي يقين ڏياريو هئائين تہ اها تحريڪ ڪامياب نہ ٿيندي، مقامي مسلمان قومي ورڪرن سان اڳ ۾ ئي سندس ڳالهيون وغيره طئہ ٿي چڪيون آهن، ان هوندي بہ ڪو

ٻاهريون جٿو وچ ۾ ٽپي پيو، ته جيل اندر وڏيڪ ٽن سوَن قيدين کي ٻانڌ ڪرڻ لاءِ جاءِ جو خاطر خواهه بندوبست رکيل آهي. خانبهادر مرحوم، کوناوالا کي سندس اهڙي ڦڙتائيءَ تي ڪيرون ڏنيون، ۽ مسلم ليگ سان ناهه ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. جڏهن ستياگرهه شروع ٿي ته کوناوالا صاحب مسلم ليگ سان ٻه ڪونه ٿنايو. صبح جو سرڪاري ڊيوٽيءَ تي هوندو هو، ته شام جو مسلم ليگ ستياگرهين سان ٻه پيو ملندو هو ۽ ڪين دوستاڻه مشورن سان مستفيد ڪندو هو. آخر نوبت وڃي خونريزيءَ ۽ فساد تي پهتي. الله بخش جي وزارت ختم ٿي ويئي، ان جي جاءِ تي قائم ٿي مسلم ليگ جي وزارت. کوناوالا جو وجود مسلم ليگ گورنمينٽ لاءِ ٻه اوتريقدر ئي مفيد ثابت ٿيو، جيتريقدر اڳئينءَ الله بخش وزارت لاءِ.

کوناوالا صاحب کي ماڻهن جي نفسيات سمجهڻ لاءِ خاص ملڪو حاصل هو. منهن ڏسندي سمجهي وٺندو ته اڳلي جي دل ۾ ڇا پيو وهي واپري، ڪهڙيون تمنائون اٿس، ۽ ڪهڙي ڳالهه ٻڌڻ سان خوش ٿيندو. انهن نُڪتن کي سامهون رکي، آيل ماڻهوءَ سان، عين سندس مقصد ۽ طبيعت مطابق، پاڻ گفتگو شروع ڪري ڏيندو، ۽ ڪيس خوش ڪري گهر روانو ڪندو. سکر ضلعي ۾ ڪو ٻه اهڙو ڇُرندو پُرندو ماڻهو ڪونه هو، جنهن کوناوالا کي خاص پنهنجو دوست ۽ مهربان نه ٿي سمجهيو. صبح ٿيندو، ۽ موٽرون، ٽانگا ۽ وڪٽوريا ڀڳيون کوناوالا جي بنگلي طرف هلڻ شروع ڪنديون. سج مس اڀرندو ته ماڻهن جا ڪٽڪ لڳيءَ ويندا. سنڌي چوڻيءَ موجب، هر ڪنهن کي "پَٽ ڏيئي روانو ڪندو، ڏيءَ ڏيڻ جو ته سوال ئي ڪونه هوندو!" اها پاليسي ان ڪري ڪاميابيءَ سان هلائي ٿي سگهيو، جو سندس طبيعت ۾ چڙ يا غصو قطعاً ڪونه هو. صبح کان رات تائين، ڪم جو ڪيترو ٻه بار چو نه هجيس، منهن ڪڏهن ڪونه گهنجائيندو. دل ۾ جيڪي ٻه هوندس، پر ظاهريءَ طرح هر ڪنهن سان پيو کلندو ڳالهائيندو. جيڪڏهن غصي ڪرڻ جي عادت هجيس ها ته هڪدم ظاهر ٿي پوي ها، ۽ سندس اها پاليسي ڪامياب ٿي ڪانه سگهي ها.

کيس آرٽ ۽ تاريخي يادگارن گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. شوق کي ڇڏي ٻه، اهي شيون بجاءِ خود قيمتي ٿين ٿيون. اُبي جي هڪ مخدوم صاحب جو اچي مَنجهس ڪم پيو. هوشياريءَ ۽ زماني شناسيءَ ۾ اهو مخدوم

صاحب ڪوناوالا کان بہ ٻہ - چار قدم اڳيرو هو. هڪ چنل پراڻيءَ ٽپڙيءَ جو ٽڪر آٽي ڏنائينس، چي، هيءَ شاهجهان بادشاهہ جي نماز پڙهڻ جو مصلو هو، جو اسان جي خاندان ۾ اڄ تائين محفوظ رهندو آيو آهي! تبرڪ وٺي، ڪوناوالا صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. هڪدم ڪم ڪري ڏنائينس! - جتي لوپي هوندا، اُتي نوڳي بک نہ مرندا.

ان ڪاروبار ۾ سندس صاف ۽ وڻندڙ چهري خاص مدد ٿي ڪيس.

هڪ دفعي مولوي ضياءُ الدين صاحب، سکر ضلعي جو پوليس سپريڊنٽ مقرر ٿي آيو. اصل پنجاب جو هو، پر ملازمت سنڌ ۽ بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ ڪئي هئائين. گول، چاپئين سونهاري، مٿي تي وڏي، ڪاري، بوجري، علامہ اقبال واري ٽوپي، جسم تي عربي ڍنگ جي عبا. ملاقاتي ويندس تہ ساڻس زماني جي ڳالهين کان وڌيڪ الله ۽ رسول جون ڳالهيون ڪندو. نوانوي فيصدي ملاقاتي وٽائنس پنهنجو ايمان تازو ڪرائي ٻاهر نڪرندا. ڪم تہ حوالي قادر جي. زبردست پوليس عملدارن جي ڪم ۾ دست اندازي ڪانہ ڪندو هو. هندن ۾ بہ مقبول هوندو هو. مسلمان تہ اڳ ۾ ئي مولوي صاحب جي عالمانہ وصفن کان متاثر هئا، پر تصوف ۽ ويدانت جي علم ۽ گفتگو وڳهي هندڪار بہ سندس قائل ٿي ويو هو.

سکر جي عملدارن جو قصو **جمعدار درياخان** جي ڪهاڻي بيان ڪرڻ کان سواءِ مڪمل ٿي نٿو سگهي. درياخان هوندو تہ فقط پوليس جو جماندار هو. پر سندس دماغ وڏين وڏين اسڪيمن سان پُر رهندو هو. مثلاً، جنهن بہ ٿاڻي جو انچارج ٿي ويندو، تہ اُت مهماني ۽ رسائي فنڊ کني ڪرڻ لاءِ عجيب غريب تجويزون رٿي عمل ۾ آڻيندو، ۽ ڪمال اهو تہ سندس هر تجويز آئيني (Constitutional) قسم جي هوندي، ۽ قانوني لحاظ سان ناقابل شڪايت! مثلاً، پهرين ساريءَ حد اندر مشهور ڪرائي ڇڏيندو تہ "بدمعاشن جي رجوعات" لاءِ "مٿان" سخت حڪم پهچي ويا آهن، تنهنڪري جماندار صاحب کي جلد گرفتارين ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻو پوندو. ان کان پوءِ، هٿڪڙيون ۽ زنجير صاف ڪرائڻ شروع ڪندو. ڏينهن جا ڏينهن نمائشي نموني ۾ پيو اهو ڪم هلندو، ۽ ان ۾ علائقي جي سمورن ڪاٽڪن کي خبرون پهچي وينديون تہ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو گرفتار ٿيڻا آهن، تنهنڪري ٿاڻي ۾ هٿڪڙين ۽ زنجيرن جي

ڪئي. ساڳيءَ طرح خانبهادر ايوب کهڙي کي، خانبهادر الھ بخش سومري جي قتل جي سلسلي ۾، ان صاحب رجوع ڪيو، پر خوشقسمتيءَ سان کهڙو صاحب آخر بيگناھ ثابت ٿي باعزت آزاد ٿيو.

اهي صوبيدار نہ هئا، پر پنهنجي وقت جا نواب هئا - عام علم کان زياده عقل ۽ سيني جي زور تي.

## ٻيڏڙو فقير

سنڌ جي حق ۾ تصوف يا صوفي سلسلو باعث رحمت هو يا باعث زحمت، ان جو فيصلو هن وقت ڪرڻ مشڪل آهي. ڪن جو خيال آهي تہ تصوف جي سيلاب ۾ وهي وڃڻ سبب، سنڌين کي پنهنجي ديس جي سياسي آزاديءَ ۽ اقتصادي ترقيءَ جو ڪو اونو ڪونہ رهيو. جنهن بہ رهزن سنڌ تي ڪاهيو، ڪامياب ٿيو. درگاهون ۽ آستانا آباد، مگر سنڌ باقي هر معاملي ۾ برباد ٿيندي ويئي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونہ آهي تہ تصوف جو ڪيف انسان کي دنيا کان ڇني هڪ اهڙي رستي تي وٺي ٿو، جنهن جي انتها وڃيو عالم بالا ۾ ٿئي. ان کان سواءِ، ان جي وسيلي انفراديت کي تقويت پهچي ٿي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ ڪمزوري واقع ٿئي ٿي. هر شخص پيو پنهنجي آخرت ۽ اڳئين جهان کي موچاري بنائڻ جي ڪوشش ڪندو. روحاني پِڪ جو پيالو وڏيڪ پِي وٺو، تہ مورڳو تارڪ الدنيا ٿي وڃي جهنگ وسائيندو -

"منهنجو ڪچاڙو، پينر هن پنيور ۾؟"

جنهن "پنيور" جا بهترين ماڻهو دنيا کان تارڪ ٿي ويندا، ان پنيور جو دنيوي ڪاروبار ڪير هلائيندو، ۽ اهو خود ڪنهن جي حوالي ٿيندو؟ تصوف جي راھ تي قدم رکڻ کان پوءِ دنيا ۽ آخرت جي معاملن ۾ پورو تناسب قائم رکيو اچڻ، هر ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪم نہ آهي. اهو تناسب ۽ توازن فقط اهي چند بزرگ رکي سگهن ٿا، جن جو مقام عام سطح کان بالا آهي - ۽ اهڙا گهٽا ماڻهو هر سمي ۾ پيدا ٿين ٿا؟

تنهنڪري، گهڻن مفڪرن جو اهو خيال آهي تہ سنڌ جي اجتماعي ۽ خاص طرح سان سياسي زندگيءَ کي غير متوازن ۽ عوامي قسم جي تصوف وگهي گهڻو نقصان پئي پهتو آهي.

پر ان جي اها معنيٰ نہ آهي تہ اهو نقصان فائدي کان قطعاً خالي پئي رهيو آهي. مثلاً تصوف جي طفيل، سنڌ اندر، اوائلي زماني ۾، هندن ۽ مسلمانن جي زندگيءَ ۾ ڪنهن حد تائين يڪرنگي پيدا ٿي ويئي هئي. مسلمان بزرگن جا هندو مريد ٿيا، ۽ ڪيترن هندو سنتن جا معتقد مسلمان هوندا هئا. ان سلسلي اهڙيءَ حد تائين ترقي ڪئي جو بيشمار هندو گهرن ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ٿيندي رهي، ۽ ڪيترن مسلمانن شوق سان گيتا جو اڀياس ڪيو. پوئين زماني ۾، جيڪڏهن سياسي حالتون غلط پلٽو نہ کائين ها، ۽ هندن ۾ ملڪ گيريءَ جي هوَس پيدا نہ ٿئي ها، تہ شايد صوفي بزرگن جي ان پوکيل ٻج مان سنڌي قوميت جو ڪو شاندار درخت نمودار ٿئي ها. اهو تہ مون پاڻ بہ ڏٺو تہ راڄوٽي فيصلن ۾ هندو قرآن مجيد جي قسم کڻڻ کان پوءِ هرگز ڪوڙ نہ ڳالهائيندا هئا، ۽ نہ وري مسلمان ٿي ڪوڙ تي "گيتا" کي مٿي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا هئا.

ان طرح جي خيال مان ٻيو اهو فائدو حاصل ٿيو تہ سنڌ جي لٽريچر کي گهڻي هٿي ملي ويئي. جنهن بہ بزرگ تي اها روحاني ڪيفيت طاري ٿي، سندس دماغ ۽ زبان هڪدم کُلي پيا: درد ڀريا ڏوهيڙا چوندو، سوز ڀريل ڪافيون ٺاهيندو، ۽ جيڪڏهن اظهار جي انهن طريقن مان بہ تسڪين حاصل نہ ٿيس، تہ يڪتارو هٿ ۾ کڻي ميدان ۾ نڪري پوندو - پاڻ بہ بيتاب رهندو، دنيا کي بہ بيتاب ڪندو ويندو. گهڻن درويشن تہ اڪتفا فقط ان يڪتاري تي بہ نہ ڪئي، پيرن ۾ ڇيريون ۽ هٿن ۾ گهنگهرو ٻڌائون - جنهن محفل ۾ داخل ٿيا، محشر مچائي ڇڏيائون!

سچل سرمست، مصري شاهہ، خير محمد فقير هيسباڻي، ۽ ٻيا بزرگ اسان جي سانيڀ کان اڳ تي گذريا هئا. منهنجي ڏينهن ۾ اجا بہ درويش زنده ۽ خاص طرح مشهور هوندا هئا: محمد فقير کٽياڻ حيدرآباد پاسي، ۽ ٻيڙو فقير شڪارپور طرف.

ٻيڙو فقير، جنهن کي "ٻيل سائين" بہ چوندا هئا، شڪارپور کان پنجن ميلن جي فاصلي تي، بخشي انڙ جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. وڏيءَ عمر کي رسي، سال 1939ع[1] ۾ وفات ڪيائين. سندس والد جو نالو ميان عبدالواسع صاحب هو.

---

[1] تاريخ 12 - آڪٽوبر، 1939ع

چوڙ دعويٰ هڪ درد ڪون گهنن تون، بد هوائي دا بوتا ين تون،
مرشد واري مام چاگهن تون، ڪر نہ ڪسب ڪماوڻ دي.
پڙهہ پڙهہ علم ڪيا فاضل هووين، مرڻ ڪنون اڳي مول نہ مووين،
جهڙا هووين تهڙا هووين، پڙهہ آيت آپ وڃاوڻ دي.
"بيدل" نفي اثبات ڪر چاٽين، وچ اپڻا دي آپ نہ آٽين،
ساري ذات صفات سڃاٽين، احدؤن عبد ڇپاوڻ دي.

(2)

(طرز فريد: بن دلبر شڪل جهان آيا.)

وه دلبر ڪر سينگار آيا، هر صورت دي وچ يار آيا!
ڪاتي ميخاني تي مخمور ڏنم، ڪاتي شريعت ذوق ظهور ڏنم،
ڪاتي سوري تي منصور ڏنم، چئي انا الحق اظهار آيا.
ڪاتي تخت متي تيار ڏنم، ڪاتي چتر چوڪيدار ڏنم
ڪاتي ڪارائو تي ڪمدار ڏنم، ڪاتي ناچو تي نروار آيا
ڪاتي عيسيٰ روح الله ڏنم، ڪاتي ابراهيم خليل الله ڏنم،
ڪاتي موسيٰ ڪليم الله ڏنم، ڪاتي احد، علي اظهار آيا.
ڪاتي صحيح "بيدا" سلطان ڏنم، ڪاتي پڙهندا ياد قرآن ڏنم،
ڪاتي ڳل جٽيا صنعان ڏنم، ڪاتي يوسف مصر بازار آيا.

(3)

تن مارن جا، ميان عمر، سور وڃن تا ساڙيون:
پَشان پيڪن جون پٽ تي، ويڙهيچن جون واڙيون.
آءُ ڪانگا ڪا تن جي، لَنوءُ هاٽي لات وري،
سانگيئڙن جي سڪ ۾، رئندي ڳچ پيا ڳري:
دم دم ڪريان تي دانهون، ڳوڙها ڳلن تي ڳاڙيون.
رنجايل جي روح ۾، پلپل پُور پون،
سانگيئڙن ڪي ساريو، نت نت نيڻ وهن:
بيوس تي هان بند ۾، روز ڪريان تي راڙيون.

تن مارن سان عمر منهنجا نيڻ لڳا،
ساهه سيبائي ڪينڪي، تنهنجا ويس وڳا:
لاڪيٺي اتر لوئي، پٽُ ڦٽي ڪريان ڦاڙيون.
"پيڙو" آکي، ٻن پيا تن ريءَ گهر گهٽيون،
جهانگيڙن سان جهنگ ۾، وڃي پيان خوب ڪٽيون:
ڏوٽيئڙن جي ڏڪ ۾، مور وٽن نه ماڙيون.

## مير علي نواز علوي

شڪارپور جي مقتدر هستين مان هو. منهنجي زندگيءَ جي اوائلي دور اندر زنده هو. عالم هو، شاعر هو، ۽ وڏي پايي جو طبيب هو. مالدار ماڻهو ڪنهن سخت بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيندا هئا ته علاج لاءِ مير صاحب کي سڏيندا هئا. رهڻي ڪرڻي اميراڻي هوندي هيس. وڏو ڪتبخانو ڪٺو ڪيائين، پر اولاد ڪونه هوس. سندس انتقال بعد گهڻا ڪتاب ضايع ٿي ويل ٻڌجن ٿا.

سندس ڪلام عام ۾ ايتريقدر مقبول ۽ مشهور نه هو، جيترو عالم ۽ خواص طبقي ۾. فارسي، سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ چوندو هو، ۽ سندس ڪليات سندس حياتيءَ ۾ ئي ڇپجي پڌري ٿي.

ڪيترا ڪتاب لکيائين، مثلاً: (1) صارم المسلول علیٰ منڪر علم غيب الرسول (4 جلد)، (2) الاشاره، (3) بياض علوي (علم طب).

سال 1940ع ۾ سندس انتقال ٿيو. عين نزع جي حالت ۾ هي ڪلام چيائين:

منهنجي دل ٿي ساري، سڄڻ ڪي سنياري،
زيارت مديني جي رب شال ڪاري!

منهنجو مير آهي مديني ۾ جاني،
نه هت ڪو سندس مٽ، نه عقبيٰ ۾، ثاني،
سندس هجر مون کي ڏني ناتواني،
جدا جسم کان جان، هت ڪيئن گذاري —
منهنجي دل ٿي ساري...

ڪري پنڌ پٽيون، مان ڏونگر ڪي ڏوريان،
وڃي پير جي پاڙي ۾ آءٌ جاءِ جوڙيان،

ڳـــجهو حـــال دل جـــو عجيبـــن ســـان اوريـــان
ٿيـــان شـــاد، رهبـــر جـــو روضـــو نهـــاري —
منهنجـــي دل ٿـــي ســـاري...
عـــرب ڏي مهـــارون مـــان قســـمت جـــون موڙيـــان،
پريـــن جـــي مـــان پيـــزار تـــان پـــاڻ گهوريـــان،
ســـچڻ ســـاڻ هـــڪ ٿـــي، پيـــائيءَ ڪـــي ڀوڙيـــان،
پـــوان نـــت وجـــي مـــان پريـــن جـــي پنـــاري —
منهنجـــي دل ٿـــي ســـاري...

سندس ڪلام اڪثر نعتيہ هو، ۽ اثر سان پرپور. نعت سان هونئن بہ سنڌي شاعرن جي ڪافي دلچسپي پئي رهي آهي. حضور ﷺ سان جا محبت سنڌ جي ماڻهن ڪي رهي آهي، ان جو مثال مون ڪي خود عرب ملڪن ۾ بہ نظر ڪونہ آيو. حضور پاڪ ﷺ جو نالو ايندو ۽ سنڌي بيتاب ٿي ويندا. سندن تعريف ۾ جو ڪلام واتان نڪرندن، شعلہ بداماں هوندو. ساڳيءَ طرح، حضرت غوث الاعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه سان پڻ جا عقيدت هن علائقي جي ماڻهن ڪي آهي، اهڙي عقيدتَ ڪنهن بہ اسلامي ملڪ جي عوام ڪي ساڻن ڪانہ آهي. خود عراق جي حالت اها آهي. مان بارها، صبح ۽ شام ويلي، سندن درگاهہ تي حاضر ٿيندو رهيو آهيان، پر مجاورن کان سواءِ ملڪي زائر گهٽو ڪري موجود ڪونہ ڏٺو اٿم. سندن زيارت لاءِ ماڻهو ٻاهران اچن ٿا، خاص طرح سان پاڪستان ۽ هندستان مان. انهن زائرن جي محبت ۽ مراد البتہ ڏسڻ وٽان آهي. هت بہ ڪهڙو سنڌي ڳوٺاڻو آهي، جنهن محبوب سبحانيءَ جي "يارهين" نہ ڪئي هوندي، يا مشڪل آئي "سوا ڪسيرو" نہ باسيو هوندو؟ مير علوي جو ڪلام ان عام سنڌي جذبي جو هڪ بهترين مظهر هو.

پر ان جي اها معنيٰ نہ آهي تہ مير مرحوم ٻين مضمونن تي طبع آزمائي نہ ڪئي. عشق تي بہ گهڻو ڪجهہ پئي آلاپيو اٿس. فارسيءَ ۾ فرمائي ٿو:

رسيد موسم گل، ترڪ ڪار بايد ڪرد،
نظارۂ گل و روي نگـار بـايد ڪـرد.
غم و نشاط جهان را چو اعتباري نيست،
بعيش عشقِ بتان اختصار بايد ڪرد.

سرائڪيءَ ۾:

شوق ملڻ دا ٿيا بسيار، منهن ويڪان هڻ شال صنم دا!
نال ماهي دي نينهڙا لاتم، بار برهه سر اپڻي چاتم،
زلف ماهي ڳل جڻيا پاتم، عشق سڄڻ دا ڪر اختيار،
سمجهه ڳيس ڳُجهه دين ڌرم دا.

۽ سنڌي ڪافي، مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي مشهور ڪافيءَ جي تتبع تي:

تنهنجي حسن سڄڻ حيران ڪيا، انسان هزارين، مان نه رڳو.
تنهنجي شان برابر شاهه نه ڪو،
تنهنجي سونهن سندو مَٽ ماهه نه ڪو،
تنهنجي خيال ڪان خالي ساهه نه ڪو،
خواهان هزارين، مان نه رڳو.

قرآن سراسر شان تنهنجو،
آهي واصف خود رحمان تنهنجو،
بيو ڪهڙو ڪري ته بيان تنهنجو،
حيران هزارين، مان نه رڳو.

ٻڌا جاني جن ڪلام تنهنجا،
ڪن سهسين سڪ مان سلام تنهنجا،
ٿيا حلقه بگوش غلام تنهنجا،
سلطان هزارين، مان نه رڳو.

تنهنجا مادح ميڪائيل جهڙا،
ڪيئي عاشق اسرافيل جهڙا،
تنهنجي در تي جبرائيل جهڙا،
دربان هزارين، مان نه رڳو.

توتان پاڻ فدا ڪن شاهه گدا،
ريءَ ناڻي ٻانها ٻول ٻڌا،
ٿيا خادم تنهنجي خُلق سندا،
خاقان هزارين، مان نه رڳو.

ناهي "علوي" هڪ "مفتون" تنهنجو،
آهي عالم سڀ ممنون تنهنجو،
ٿيو جاني جڳ مرهون تنهنجو،
قربان هزارين، مان نہ رڳو.

## هيمو ڪالاڻي

ملڪ جي آزاديءَ خاطر جن پروانن شمعِ وطن اڳيان پنهنجين ڪچين جا ڪچ نذر ڪيا، تن مان هڪ هيمو ڪالاڻي بہ هو. وڏي ناانصافي ۽ سخت ناشڪر گذاري ٿيندي، جيڪڏهن سکر جي ذڪر هلندي آءٌ ڪيس وساريندس.

نوجوان هو. اجا تعليم بہ پوري ڪانہ ڪئي هئائين. پراڻي سکر جي ڪالاڻي ڪٽنب مان هو. ظاهري طرح سياست سان ڪو واسطو ڪونہ هوس. توڙي جو آءٌ ورهين جا ورهيہ سکر ۾ رهي چڪو هوس، پر سندس نالو ڪڏهن بہ منهنجي ڪن تي ڪونہ پيو. معلوم ٿئي ٿو تہ اندر ئي اندر ۾ پئي سڙيو ٻريو.

1942ع ۾، مهاتما گانڌيءَ انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ لاءِ مشهور (Quit India) "هندستان مان نڪري وڃو" تحريڪ شروع ڪئي. ان تحريڪ جي سلسلي ۾ ساري هندستان اندر باهہ ٻري ويئي: بيشمار فساد ٿيا، سرڪاري عملدارن تي خوني حملا ڪيا ويا، ريلون ڪيرِيون، پوليس ٿاڻا سڙيا، سرڪاري عمارتون ڀسم ٿي ويون. انتقام جي جذبي ۾ انگريز بہ انڌا ٿي پيا. جبر ۽ تشدد جو اهڙو طوفان ڪڙو ڪيائون جو خود سندن تاريخ ۾ بہ ان جا ٿورا مثال ٿي مليا.

ان ٻہ طرفيءَ خوني هلچل جو پاڇو سنڌ تي بہ پيو. سال 1942ع ۾، هيمو ڪالاڻيءَ، پراڻي ۽ نئين سکر جي وچ ۾ هڪ جاءِ تان ريل جي پٽي ڪڍي، ريل ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ريل تہ ڪانہ ڪري، پر پاڻ پڪڙجي پيو. انهن ڏينهن ۾ حرن کي ڀڄا ڏيڻ لاءِ اڳ ۾ ئي سنڌ سان مارشل لا لاڳو ٿي چڪو هو. هيموءَ تي بہ ڪورٽ مارشل ۾ ڪيس هليو. ڦاسيءَ جي سزا مليس. مٽن مائٽن سندس پاران گهڻيون ئي رحم جون درخواستون ڪيون، پر هيمو ڪالاڻيءَ پاڻ اهڙيءَ ڪنهن بہ درخواست تي صحيح ڪانہ پاتي. ملٽري ڪمانڊر، انهن رحم جي درخواستن تي فيصلي ڪرڻ کان اڳ، پنهنجا عملدار موڪليا تہ هيموءَ سان ملي معلوم ڪن تہ ڪيس پنهنجي ڪِئي تي شرمندگي محسوس ٿي آهي يا نہ.

ڪمانبر جو خيال هو تہ جيڪڏهن منجهس ٿوري بہ پشيماني آئي هجي تہ هو مٿانئس ڦاسيءَ جي سزا معاف ڪري ڇڏي.

عملدارن وڃي هيموءَ سان ملاقات ڪئي، پر ڇا ڏنائون؟ اڳ ڪان اڳرو! نہ ڪئي تي پشيماني، نہ موت کان ڪا ڪنبٽي. چيائين:"جيئرو رهيس تہ وري بہ اهڙا ڪم ڪندس! ۽ اوستائين جاري رکيو ايندس، جيستائين انگريزن جي حڪومت هندستان مان ختم ٿي نہ ويئي آهي!"

ڪيترا مهينا ڦاسي نہ ڏنائونس. اهو سارو وقت انگريز فوجي عملدار ان انتظار ۾ رهيا تہ ڪڏهن تہ ڇوڪرو پڇتائي. پر هيمو، ۽ پشيماني يا پريشاني؟ ناممڪن هو! آخر تنگ ٿي، تختي تي چاڙهيائونس. رسيءَ ڪي چمي ڏنائين، ۽ ڪلنڌي ساهہ سائينءَ جي سپرد ڪري ڇڏيائين.

## سردار بهادر امام بخش جتوئي

سندس وجود، هڪ خاص اداري جي حيثيت ٿي رکي. جتوئي قوم جو سردار هو، نيپئر آباد نالي ڳوٺ ۾ رهندو هو. درياهي علائقي، يعني ڪَچي، جو بي تاج بادشاهہ هو. لاڙڪاڻي کان ڪشمور تائين، درياهہ جي ٻنهي پرين تي، جهنگن ۾، سندس قوم جي ماڻهن جون دڙيون پکڙيل هيون. ساري ملڪ جي "ٻڌي - ڇوڙي" انهن دڙين تي پيئي طئہ ٿيندي هئي. چوپايو مال چوري ڪٿان بہ ٿئي، پر ان جو ڇوڙ وڃي انهن مان ڪنهن نہ ڪنهن دڙيءَ تي ٿيندو. رگويد ۾ لکيل آهي تہ اڳئين زماني ۾ سنڌ جا چور ۽ رهزن ڏکڻ ۾ مدراس تائين پهچي وڃي چوريون ڪري ايندا هئا. ۽ ان ڪري ڏکڻ جون ساريون قومون پيون ڪانئن ڏڪنديون هيون. ممڪن آهي تہ اسان جن همعصر ڪاٺڪن جي بہ ڪا لِڄ وڃي انهن بزرگن سان لڳندي هجي. بهرحال، جيڪي ڪجهہ اسان پاڻ اکين سان ڏٺو، سو بہ ڪو گهٽ ڪونہ هو.

آباديءَ کان پري، گهاٽي جهنگ ۾، درياهہ جي ويجهو وڃي وڃهندا هئا اهي دڙيون. دڙيءَ جي معنيٰ هڪ - بہ ڇپر پنهنجي رهڻ لاءِ، باقي چوپائي مال جي ٻيهارڻ لاءِ مَنهُ. چوپايو مال گهڻو ڪري مينهن جو هوندو هون. چوري ڪاري بہ مينهن جي ئي ڪندا رهندا هئا. مينهن ٻڌي تہ هڪ دڙي ٻيءَ دڙيءَ تائين پهچائيندس، ۽ ٻي وري ٽينءَ تائين. نتيجو اهو نڪرندو جو لاڙڪاڻي مان چورايل مينهن ٿورن ڏينهن اندر ئي وڃي پهچندي ڪشمور. ان جي بدلي ۾ وري ڪشمور

وارا رواني ڪندا اتان جي چوري ٿيل ڪا مينهن، جيڪا لاڙڪاڻي رسڻ بعد بلڪل "مال حلال" بڻجي پوندي. ٻئي طرف، مينهن جا مالڪ قرآن مٿن تي کڻيو پيا دڙيون گهمندا ۽ چورن کي ستائيندا. عام دستور هوندو هو ته چوري ٿيل مال جا پاڳيا، قرآن شريف کڻي، پاڙي جي ڪاڻڪن جي دڙين تي پهچي وڃي ڪين قسم ساک وجهن ۽ چوري ٿيل مال جو ڏس پتو پڇن. اوائلي زماني جا چور ته قرآن شريف کان گهڻو ڊڄندا هئا ۽ قرآن آئي، جو به پتو هوندو هون، ٻڌائي ڇڏيندا هئا. پر وقت گذرندي اها مراد ختم ٿيندي وين، ۽ پوئين زماني ۾ ته قرآن پاڪ ڏسي چوندا هئا: "پلا پل پيا پلن ڏي اچن!" - يعني قرآن به پلو، ۽ پاڻ چور به پلا: هڪبئي ڏانهن لنگهي آيا، ته اُن ۾ خوف ڪرڻ ۽ چوري ٿيل مال موٽائي ڏيڻ جو ڪو سوال ئي ڪونه ٿو پيدا ٿئي! نعوذ بالله!

اڄ ٿائين به ايترو رواج ضرور آهي ته ڪو چوريءَ جو ستايل غريب، قرآن شريف کڻي، ڪنهن "مهانديءَ" چور وٽ لنگهي آيو، ته اڳلو پري کان قرآن پاڪ ڏسي استقبال لاءِ اٿي بيهندو. قرآن وٺي اڪين تي گهمائيندو، ۽ چمي، مٿانهينءَ جاءِ تي رکندو. ان کان پوءِ، آئي کي مانيءَ ٽڪر کارائيندو، ۽ ڪانئس حال احوال وٺندو، چوريءَ جو ڏس پتو ڏئي يا نه، پر ايترو آڌرڀاءُ ضرور ڪندو. موٽندي، لٽي ٽڪر ڦاڙي، قرآن شريف تي پوتي به چاڙهي ڇڏيندو!

چوري ٿيل چوپايو مال پوليس جي مدد سان هرگز نه موٽندو. ٿاڻي ۾ رپورٽ ٿي ته الله ٻڌي پوليس جي! چوري ٿيل ڍور ته ڪونه ملندو. باقي پاڳئي جا رهيل چيلا ڪکڙ به سندن مهمانين ڪندي ختم ٿي ويندا. تنهنڪري، چوپائي مال جي چوري موٽائڻ جا ٻيا طريقا هوندا هئا. مثلاً: (1) قرآن شريف گهمائي، خود چورن مان پتو لهڻ، ۽ کين ستائي، قرآن محابي مال وراڻڻ،

(2) پونگ (يعني روڪ رقم) ڏيئي، اصلي مال موٽرائڻ (ڪيترا چور ته پونگ وٺي پوءِ به مال ڪونه موٽائيندا هئا ۽ مال خواهه پونگ ٻئي هضم ڪري ڇڏيندا هئا)،

(3) مال جي پتي پوڻ بعد، چورن جي قومي سردار کي منٿون ميڙيون ڪري، ڪانئس چورن تي دٻاءُ وجهرائڻ ۽ ان طريقي سان مال واپس ڪرائڻ.

چور قرآن کي ڏسي پل نه پـرمن، پر پنهنجي سردار سان ڪوڙ ڪڏهن ڪونه ڳالهائيندا. سردار جي ڪٽ تي هٿ رکي ڳالهه ڪيائون ته گويا وڏي ۾

وڏو.قسم ڪٽي وڌائون. جنهن شخص ڪٺ تي هٿ رکي ڪوڙ ڳالهايو ۽ اڳتي هلي سندس ڪوڙ ظاهر ٿي پيو، تہ سندس لاش درياهہ ۾ لڙهندو هٿ ايندو. خود پنهنجيءَ قوم جا ماڻهو سر وڍي ختم ڪري ڇڏيندس.

"دڻين" تي رات ڏينهن پيا چورين ۽ چورن جا قصا هلندا. انهن دڻين کي پنهنجي زباني "وائرليس" هوندي هئي. ڪو بہ اهڙو واقعو ڪونہ ٿيندو، جنهن جو چورن سان واسطو هوندو ۽ ان جي خبر جلد کان جلد انهن دڻين تائين پهچي نہ ويندي. رات ڏينهن دڻين جي ماڻهن جي هڪٻئي ۾ اچ - وڃ لڳي پيئي هوندي. هڪ ڪنڌ جي هليل خبر، بنادير جي وڃي ٻيءَ ڪنڌ تائين پهچندي. ٿاڻي تان پوليس جو ٽولو اڃا مس روانو ٿيندو تہ اڳواٽ دڻين تائين خبر پهچي ويندي. مال کي هڪلي وڃي لڪائيندا گهاٽي جهنگ ۾، پاڻ مرد بہ ٿي ويندا "ڪک پن". باقي دڻيءَ تي وڃي رهنديون ڪراڙيون عورتون، جيڪي قرآن جي ڪوڙن قسمن کڻڻ ۽ سچ کي لڪائي، پوليس کي دوکو ڏيئي ٻئي پاسي رواني ڪري ڇڏڻ واري فن ۾ ڪيئي ڊگريون ۽ ڊپلوما حاصل ڪريو ويٺيون هونديون! پوليس اڃا بہ سختي ڪئي تہ اوچنگارون ڏيئي، روئڻ پٽڻ ۽ پار ڪڍڻ شروع ڪري ڏينديون، پوءِ ڪير هوندو جو اهو ماتم ڪندو ڏسي پوئين پير نہ ورندو؟

انهن چورن جون صورتون بہ ڏسڻ وٽان هونديون. سکن وانگر، منهن يا مٿي جي وارن کي هرگز هٿ نہ لائيندا. ڏاڙهي جيتري ڊگهي، اوترو مڙس مهانڊو. پرون وڏي اکين ۾، ۽ مڇون وڏي وات ۾ پوندن. ڏاڙهين جو ڌُن تائين پهچڻ معمولي ڳالهہ هوندي. مٿي تي وڏو اڇو پٽڪو، هينئتي سٿڻ هجي يا ڇڙو پوتڙو ٻڌل، تنهن جي پرواهہ ڪانہ. عام طرح هٿ ۾ لٺ، چوريءَ جي شغل سان نڪتل هوندا تہ ڪلهي تي ڪهاڙي ۽ چيلهہ سان ، مال کي ڪڙڻ لاءِ، ٽوڙهو وڪوڙيل هوندن. خوراڪ ڪير مکڻ ۽ لسي. گوشت ڪڏهن ڇنيءَ ڇماهيءَ. ڳنڍڻ جو خيال ٿين تہ ڇٽن يا مٽرن جي پلي، يا سرينهن ڇانيي جا ڳنر چاڙهيندا، سي بہ نڪر جي ڪُني ۾. ماني جوئر جي، ٿئي تي نہ پر نڪر جي دانگيءَ يا پٽر جي ٿوٻيءَ تي پڪل. تعليم سان بنهہ واسطو ڪونہ. شهرن کان بلڪل پڳل. جيل وڃڻ کان ڪيٻائيندا ضرور پر مٿي تي اچي وين تہ مڙس ٿي منهن ڏيندا. جيل مان نڪرندا تہ اڳ کان اڳرا ٿي، چوندا هئا: "مڙس لاءِ جيل ائين آهي، جيئن ڪنوار لاءِ ونواهہ."

جهڙا پاڻ تهڙا سندن نالا: مثلاً ڀوت، گوشو، ٽندو، راوت، اوياهيو، شاهم، بنديڻ، يختيار (اختيار)، وغيره وغيره.

زال ذات لاءِ قاتل، ڪنهن عورت جي چال بابت شڪ پيو ته هڪدم قتل ڪري ڇڏيندس. اهڙيءَ عورت جي واهر سندس پيڪا به ڪونه ڪندا. جيڪڏهن مڙس همٿ نه ڪئي ته پيڪا پاڻ پورو ڪري ڇڏيندس. پائر پينرن کي ماريندا، پيئر ڏين کي. نه دانهن نه ڪوڪ، نه شاهد نه گواهه- ڇڻ ڇائي ٿي ڪانه هئي. عورت جو قصو ختم ڪري، پوءِ پوندا مشڪوڪ مرد جي ڪڍ. اُن جي جان فقط ٻن حالتن ۾ بچي سگهندي: سردار وٽان فيصلو ڪرائي، بدلي ۾ سڱ ڏئي يا سڱ جي قيمت بطور حرجاني جي ادا ڪري. اها قيمت هزار کان ٻن هزارن رپين تائين هوندي. ٻيءَ حالت ۾، "ڪارو" ڪري، ڪتي وانگر ماري ڇڏيندس. مجال آهي جو مقتول جو ڪو مٽ مائٽ به وڃي سرڪار ۾ دانهين ٿئي!

پر عورت جي فطرت کي ڪٿي ٿي اهي ڪهاڙيون قابو ۾ رکي سگهيون؟ موت جي ان ظاهري يقين هوندي به، حضرت عشق جون ڪار فرمايون بدستور جاري هونديون. لنوَ لڳي ويئي ته سارا پوَ پولا ختم ٿي ويا. هٿ ڪولي عشق جو استقبال ڪنديون. جيترا ڏينهن لڪي سگهيو، لڪائينديس، ظاهر ٿي پيو، ته نه پڇنديون، نه ڊڄنديون. مقرر ڏينهن تي، وهنجي سهنجي، سينڌ سرمو ڪري، مِٽن پيارن کان موڪلائي وڃي سر اڏيءَ تي رکنديون!

عشق جي انهن شهيدن کي بروچڪي ٻوليءَ ۾ "ڪاري" ۽ "ڪارو" سڏيندا - يعني عورت هوندي ته "ڪاري"، مرد هوندو ته "ڪارو". ڪو بروچ بزرگ ڍڳي جي چوري ڪندي، يا ڪاٺ هڻندي، لٺ، لَوڙِ يا لوڙهه لڳڻ سبب مري پيو ته وڏيءَ عزت وارو موت نصيب ٿيس. يار دوست عذر معذور لاءِ ايندا، عزيز خويش سندس ياد ۾ پيا روئندا ۽ پار ڪيندا. پر عشق ۽ عاشقيءَ جي سلسلي ۾ ڪا عورت فقط شڪ جو ئي شڪار ٿي ويئي، ته ڇڻ ڪتي ٻلي مري ويئي. گهٽو ڪري، ماري، لاش درياهه ۾ اڇلائي ڇڏيندس. پر جيڪڏهن درياهه ويجهو نه هوندو، ۽ لاش کي دفن ڪرڻ جي ضرورت پيش ايندي، ته به ٻنان ڪفن جي، ۽ فقط اونهي کڏ کوٽي، مٿل مڙهه کي ٽنگ يا ٻانهن کان گهلي، منجهس اڇلائي ڇڏيندا. نه قبر هوندي، نه لوڙهه جو نشان. مجال آهي جو ڪو گهر جو ڀاتي به ڪڏهن مقتول کي وري ياد ڪري يا سندس نانءُ وٺي!

ڪيترين عورتون تہ بيگناهہ فقط "ويڻ" وگهي بہ مارجي وينديون. "ويڻ" جي معنيٰ هيءَ آهي تہ عورت جي مڙس کي ڪنهن شخص، ڪنهن پنهنجي ٻيءَ دشمنيءَ سبب ٿي، فقط هيترو چيو تہ "پاڻ تہ پڳڙ ٻڌيو ٿو وتين، جوڙهين وتي ٿي جهنگ جهتيندي!" پوءِ اڳلو تہ ڪندو جاچ نہ جوچ، ڪٽي ڪهاڙي، پل ۾ پنهنجيءَ زال کي پورو ڪري ڇڏيندو.

اهڙن خونن جي سلسلي ۾، هر سال سوين ٻروچ ڦاهين تي لڙڪندا رهن ٿا، مگر ان هوندي بہ اهو خوني سرشتو قائم رهندو پيو اچي. ڪاريءَ ڪاري مارينديءَ جنهن کي ڦاسي آئي، ڇڻ شهيد ٿيو!

*** *** ***

جتوئين جي قوم جو سردار هو، سردار بهادر امام بخش خان.[1] نوي - پنجانوي سال جيئرو رهيو. انگريزن کيس پهرين "خانبهادر" ۽ بعد ۾ "سردار بهادر"، جو لقب ڏنو.

حڪومت جي "وفادارن" ۾ پهريون نمبر هو. رڳ چڱو مڙس هو. صورت ۾ بہ اثر هوس. ٻروچن جي دستور موجب، ڪارو ڪپڙو ڪڏهن نہ ڍڪيندو. مٿي تي اڇي وڏي پڳ، جسم تي موڪرو پيراهن، هيٺتي شلوار، پيرن ۾ سنڌي جُتي، جيڪا ڳاڙهي پٽ تي پريل هوندي، هٿ ۾ رات - ڏينهن تسبيح، چپ هميشہ متحرڪ.

سندس اوطاق تي رات - ڏينهن چورين ۽ خونن جا فيصلا پيا ٿيندا. آئي وئي جي ڏم لڳي پيئي هوندي. ڪنهن فيصلي جي سلسلي ۾ ڪنهن ڌر تي ڏنڊ وڌائين تہ ان ڏنڊ جو مقرر "سرداري حصو" سندس پنهنجي خزاني ۾ جمع ٿيندو. وقت سر راڄ مان ڦوڙي بہ وصول ڪندو. مثلاً "في پڳ تي رپيو، يا في پڳ تي ٻہ رپيا". ڪنهن کي بہ طاقت نہ ٿيندي جو ان "سرداري ڦوڙيءَ" جي ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪري. ساري عمر چڱي دٻدٻي سان رهيو. پنهنجيءَ قوم اندر ڏاڍي مڃتا هيس. البت، پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ نئينءَ حڪومت جي نظر ۾ سردارن جو اڳيون وقار ڪونہ رهيو. قريبي زماني ۾ امام بخش خان

[1] سنڌ جي هڪ اڳوڻي ڪمشنر سر هينري لارينس جي زال، ليڊي لولي لارينس پنهنجي ڪتاب ۾ بہ سندس ذڪر ڪيو آهي.

جي عزيزن تي قتل جا مقدما ٿيا. انهن جي سلسلي ۾ پاڻ لاهور ويو، ۽ اتان موٽندي، ريل ۾ ئي سندس موت واقع ٿي پيو-

وڏيري هياس، چنيسر جسي راڄ ۾،
دهلين دمامين نقرين، پر ۾ پڇياس،
ڊولي ڊيلياس، تيس ڏهاڳڻ ڏيهه ۾!

## ڪوٽ مير محمد جا مير صاحب

روهڙي تعلقي ۾ ٽالپر ميرن جا ڪيترا ڳوٺ هوندا هئا. انهن ٽالپرن جو اصلي تعلق خيرپور جي شاهي گهراڻي سان هو. مير علي مراد خان ڪي رياست ملڻ بعد، باقي خاندان جي فردن رياست مان نڪري وڃي پاهر انگريز جي حد ۾ نوان ڳوٺ ٻڌا هئا، جن ۾ مشهور ڳوٺ هوندا هئا: ڪوٽ مير محمد خان، ڪنڌرا، داڙا واهڻ، جنوجي، راهوجا، آٽيري، وغيره. انهن صاحبن جي هٿن ۾ وڏيون جاگيرون هونديون هيون، تنهنڪري معاش جي فڪر کان آزاد رهي، اڪثر وقت شڪارن ۽ تفريحن ۾ پيا صرف ڪندا هئا. اهي جاگيرون نالي ته هونديون هيون گهرن جي پڳدارن جي، پر پگهارون باقي سيني فردن کي پيون ملنديون هيون.

## مير محمد خان

مير محمد خان جو ڪوٽ، انهن مير صاحبن جي مکيه مرڪزن مان هڪ هو. جنهن زماني جو آءٌ ذڪر ڪري رهيو آهيان، اُن زماني ۾ اُتانهون جو پڳدار هوندو هو **مير محمد خان مرحوم**. صورت ۽ سيرت ڏسڻ وٽاڻ هيس. سفيد چاپوئين ڏاڙهي، قد ۾ قدري پريل، جسم تي شلوار ۽ پيراهن، مٿي تي پرت پريل بخملي ٽوپي، پير ۾ سير تي سنڌي جُتي، موقعو ايندو هو ته زريءَ سان پريل بخملي ڪوٽ پهريندو هو. طبيعت جو ايتريقدر مٺو، جو ڪنهن سان ڏاڍيان به نه ڳالهائيندو. نوڪرن چاڪرن، ڪامي ڪمدارن سان بيحد ڪريماڻو سلوڪ ڪندو. جو پئسو ايندس، متعلقين تي صرف ڪري ڇڏيندو. حساب ڪنهن کان نه وٺندو. پنهنجن فرزندن کي به "سائين" ڪري سڏيندو - "مير فتح محمد خان سائين،" "مير گلڻ سائين"، وغيره وغيره.

شڪار جو ڏاڍو شوق هوس، جاگيرن جو وڏو رقبو سندس مهاڙين هيٺ هو. پارهن ئي مهينا شڪار، ۽ جو وقت شڪار کان بچندو، سو شڪار جي

ڳالهين ۾ صرف ٿيندو. شڪار تي نڪرندو ته ساري خاندان جي فردن کي ساڻ کڻندو. سڀ سندس مهمان هوندا هئا، ۽ هر مهمان جي خدمت انتهائي ڪشاده دليءَ سان پيئي ٿيندي.

منهنجي ڏاڏي مرحوم سان سندس خاصي دوستي هوندي هئي، هڪ دفعي ريٿيءَ جي شڪار تي دعوت ڏيئي ڪيس وٺي ويو. آءٌ به سندس خدمت ۾ حاضر هوس. (ريٿيءَ جي معنيٰ آهي "اٿاهه ٿر"، جيڪو روهڙي ڊويزن ۽ جيسلمير رياست جي سرحد تي آهي.) انهن ڏينهن ۾ نه موٽر هئا، نه جيپون. سواري اُنن تي ٿيندي هئي. پهرين منزل داڙا واهڻ ۾ ٿي، جت شڪار جي پارٽيءَ جا سڀ ميمبر اچي گڏ ٿيا. باقاعدي قافلو تيار ٿي ويو. ٻه سؤ کن اُٺ هئا. ڪي سواريءَ جا، ۽ ڪي بار برداريءَ لاءِ. رهائش واسطي تنبو ۽ رانوٽيون ڪنيل هين. ڪاڌي جي انتظام لاءِ بورچين جي جماعت هئي. خوراڪ سان تعلق رکندڙ اهڙي ڪا شي ڪانه هئي، جا ساڻ نه کنئي ويئي هئي.

داڙا واهڻ ڇڏڻ کان پوءِ، شڪار جون منزلون شروع ٿي ويون. اسان جي پهچڻ کان اڳ، قافلي جو بار برداريءَ وارو حصو، منزل واريءَ جاءِ تي پهچي، منزل جو انتظام ڪندو هو. ميرن ۽ مهمانن لاءِ تنبو ۽ نوڪرن لاءِ رانوٽيون کڙيون ڪيون، وينديون هيون. بورچيخاني لاءِ پاسي پلؤ مان ڪانيون ۽ ڪک گڏ ڪري اچي لانڍيون اڏيندا هئا. ٿر ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ هوندي هئي، تنهنڪري منزل هميشه کنهن نه کنهن تڙ جي قريب ڪئي ويندي هئي.

صبح جو منزل تان روانو ٿيو هو. هرڻن جو شڪار هوندو هو. ۽ مهاڙي جي نموني جو. هڪ پاسي کان پِٽون سامهون ڪري، ککن جا کُڏ ناهي، شڪاري پاڻ ويهي رهندا هئا، ٻئي پاسي کان اُٺن وارا وڃي هرڻن کي هڪل ڪندا هئا. هرڻن جا وڳ هلي اچي شڪارين جي سامهون لنگهندا. سوين بندوقون ڇٽي ويندا ويون. جانور پکڙن وانگر پُججي پوندا. جنهن شڪاريءَ کو پَچندو هرڻ رائفل جي گوليءَ سان ڪيرائي وڌو، ته واه واه ٿي ويندس. پر جيڪو گُسي پيو، ته شامت اچي ويس. اهو سارو ڏينهن شرم وچان منهن اڪايو پيو هلندو. انهن ڏينهن جا شڪاري نر - ماديءَ جو خيال ڪونه ڪندا هئا، جو جانور سامهون آين، بندوق هٽي ڪيندس. هڪ مهاڙ ختم ٿي، ته وري ٻه - چار ميل اڳتي هلي، ٻيءَ مهاڙيءَ ۾ ويهبو. ان طرح شام تائين پنج يا ڇهه

مهاڙيون ڪڇي ويندا. سارو ڏينهن ڪل پوڳ لڳو پيو هوندو. منجهند جي ماني ڪنهن مقرر جاءِ تي، وڻن جي سايي ۾ ڪائيٽي پوندي هئي. منزل وارا طعام پچائي، ٿانون ۾ بند ڪري، ۽ پاٽي گهوڙن ۾ ڪٽي، اچي اڳواٽ ان جاءِ تي ويهي رهندا هئا. گلم غاليچا ۽ اُتي جون نتون وڇائجي ويندا. هڪڙيءَ ئي جاءِ تي ويهي سڀ ماني ڪائيندا. طرح طرح جا طعام هوندا، جيڪي شهرن ۾ به ميسر ٿيڻ مشڪل هئا. نمڪين پوڙ، مٺا ڪوفتا، دم پختا، پلاءُ، چاشنيون، ڪباب، پڪل هرڻ، تترن جون سيخون، ڪڪڙن جا قورما، حلوا، مٺايون، ميوا، شربت - غرض ته ڪائو، پيئو، اوڳرايون ڏيو، ۽ وقتي رزاق مطلق ياد پوي ته "الحمد الله" به چئي وٺو!

ان علائقي ۾ ڪو اهڙو گاهه هو جو جيڪڏهن ڪنهن هرڻ ڪاڌو هوندو ته ان هرڻ جي گوشت ۾ جلاب جو اثر پيدا ٿي پوندو هو. پوءِ جنهن به ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ اهڙو گوشت داخل ٿيو، تنهن کي اسهال شروع ٿي ويندا، ۽ اسهال به اهڙي زور جا، جو اڳٽ ٻڌڻ يا ڇوڙڻ جي مهلت به ڪانه ملنديس. ان مصيبت وڳهي، ڪئمپ جا گهڻا ماڻهو، ڪئمپ جي ٻاهران، جهنگ ۾ ٿوهر، ڦوڳ، لاڻي ۽ ڪنڊين جي ٻوٽن پنيان پڪڙيا پيا هوندا هئا. ان خوف وچان معززين پاڻ گهڻو ڪري هرڻ جي گوشت کي هٿ ئي نه لائيندا هئا. سنڌن واسطي ڇيلن ۽ ٻڪرين جي گوشت جو انتظام ڪيو ويندو هو.

شڪار جي تياري انڌاري ۾ ٿيندي هئي. چئين وڳي صبح جو هر تنبوءَ ۾ ناشتي جو وڏو ٿالهه اچي نازل ٿيندو هو. هرڪو اٿي ناشتي تي ويهجي ويندو هو. ناشتي ۾ به هر چيز هوندي - اقراٽا، پڪل گوشت، حلوو، بسڪوٽ، مٺايون، چانهه، وغيره. ناشتي مان فارغ ٿي، ڍڪيءَ ۾ ئي، اُن تي سوار ٿي، شڪار واريءَ جاءِ ڏانهن روانو ٿيڻو پوندو هو.

مير صاحبن وٽ، ان زماني سارو، تمام اعليٰ قسم جا هٿيار هوندا هئا. گهڻو شوق رائفل سان هوندو هون. مزل لوڊر جا ڏينهن ختم ٿي چڪا هئا، حالانڪ ڪي شوقين اڃا به چونڊ ۽ نشان جي ڇٽين لوڊرن کي ساڻ کنيو وتندا هئا. برِيچ لوڊرن جو اهو اوائلي زمانو هو. اڃا ڪاري داروءَ جا ڪارتوس پيا استعمال ٿيندا هئا. اڃي ۽ ڪورڊائيٽ دارونءَ جو رواج اڃا هاڻي پئي پيو. برِيچ لوڊرن جا جيڪي بور اوستائين رائج ٿي چڪا هئا، سي هئا: 303، 605 ايم -

ايــر، 40 – 32، 22 هــاءِ پــاور، 3000 – 250. هٿيــارن جــي سلســلي ۾ ميــر صاحبن جـو هـڪ خاص دستور هو. بندوقـن جي ڪنداقـن تـي بخمل جا پوش چاڙهيندا هئا. گهٽو ڪري سائي يا آسماني رنگ جا. جن تي ريشمي پرت جا گل پريل هوندا هئا. رنگارنگي ۽ بيحد خوبصورت. بندوقـن ڪي ڦاڙهي جي رگيل ڪل مان نهيل چولين ۾ رکندا هئا، ۽ انهن چولين تي بـ پرت هوندو هو. تراڙين جو رواج بلڪل ختم ٿي ويو هو، فقط ڪي ڪي پوڙها پراڻي زماني جا ميراثا ملازم نمائش خاطر اجا بـ چيلهہ سان ٻڌيو وتندا هئا.

مير محمد خان مرحوم وٽ پراڻيـن جوهـردار تلوارن جو هـڪ وڏو ذخيـرو هوندو هو. انهن مان ڪيترين تـ بلڪل تاريخي هيون، جيڪي سنڌ جي قديمي جنگين ۾ استعمال ٿي چڪيون هيون. تراڙين تي ۽ انهن جي هٿين تي سون جو ڪم ٿيل هو، اصلي مالڪن جا نالا، ۽ فارسي شعر بـ سون ۾ ئي اڪريل هئا. ٻاهران ڪپن تي بـ سون ۽ چاندي چڙهيل هئا، ڪن ڪن تـي تـ جواهر بــ جڙيل هئا. هر تلوار جو نالو جدا هو، ۽ هر تلوار جي اڳوڻي تـاريخ مشـهور. گهڻيـون تلوارون اصلي ايران کان آيل هيون. ڪيترين تـ ان وقت جي ايراني بادشاهن وٽان، تحفي طور، سنڌ جي حاڪمن کي مليون هيون.

سنڌ جي ميرن جا ايران جي بادشاهن سان ڳوڙها تعلق هوندا هئا. في الحقيقت، اهو ئي ڪارڻ ٿيو سنڌ تي انگريزن جي پهريـن نگاهــ پـوڻ جـو. اڻويهين صديءَ جي اوائل ۾، نيپولين اعظم ايران جـي رسـتي سـان هندسـتان ۾ داخل ٿيڻ ٿي گهريو. ان غـرض سـان هـن ايران جي بادشـاهن سـان اڳـواٽ راهـہ رسم پيدا ڪئي. اها خبر انگريزن کي بــ پئجي ويئي. هنـن سمجهيـو تـ ايـران جي شاهن جي سنڌ جي ميرن سان دوستي آهي، تنهنڪـري شـايد ان تعلق سـبب هندستان جو دروازو نيپولين لاءِ کُلي پوي. ابتدائي تحقيقات لاءِ هينري پـاٽنجر کي روانـو ڪيـائون، جنهـن صاحب جي فراهـم ڪيـل معلومـات، اڳتـي هلـي، انگريزن لاءِ ڏاڍي ڪارگر ثابت ٿي.

مير محمد خان مرحوم، پنهنجن شڪاري دوستن کي ڪڏهن ڪونہ وسارينـدو هو. شڪار جي موسم شروع ٿيندي تـ دعوتون موڪليندو – سانوڻيءَ جي موسم آئي تـ پنهنجي باغ جا انب ۽ ڪارڪون تحفي طور موڪليندو. سَوَن جي مُنهن نوڪرا ايندا. انب جي هر داڻي تي نالو لکيل هوندو. مير صاحب جا باغ مشهور هئا. انب

جي هر وڻ تي جدا نالو رکيل هو. ان ڳالهہ ڪي ستنيهہ ورهيہ گذري چڪا آهن، پر انهن انبن جو ميٺاج ۽ لذت اڄ تائين بہ حافظي ۾ محفوظ آهي.

مير محمد خان مرحوم پاڻ علم سان گهٽو واسطو ڪونہ رکندو هو، پر سندس ننڍو ڀاءُ، مير راز محمد خان، فارسي علم جو گوهر هو. ڇا سندس گفتگو، ڇا سندس وقار ۽ رعب، ڇا سندس فهم ۽ معاملي شناسي، هر لحاظ سان مير راز محمد خان جي شخصيت قابل قدر ۽ قابل ديد هئي.

مير صاحبن کي حقي ۽ چلم جو خاص شوق هوندو هو. حقي تيار ڪرڻ لاءِ خاص عملو رکيل هو. چانديءَ جا حقا ۽ ڪانسيءَ جون چلمون هونديون هيون. نڙ ڊگها، پيچوان، زريءَ ۽ ريشم جي ڪم سان. تماڪ سٺو، ڳڙاڪو، جنهن ۾ خوشبو لاءِ عنبر وڌل هوندو هو.

پنهنجي رهڻ لاءِ مير صاحبن کي بہ محلاتون يا وڏا بنگلا ڪونہ نهرايا. في الحقيقت، سندن زماني ۾ عمارتسازيءَ جي فن سان ڪنهن جي دلچسپي ڪانہ هئي. سندن زنانخانا وڏن ڪوٽن جي اندر هوندا هئا، جن ۾ ڪچين سرين سان جڙيل مختصر جاين کان سواءِ، ڪکايون لانڍيون بہ هونديون هيون، جن ۾ پوڙهيون طعام رڌينديون هيون ۽ پاڻ بہ پيون رهنديون هيون. ٻاهر، مير صاحبن جي پنهنجي ويهڻ لاءِ نالي ماتر بنگلا هوندا هئا. ڪَچين سرن سان ٺهيل، تمام ٿلهيون ديواريون، ڇت بيحد اوچي ۽ ڪانيءَ ۽ پٽرن سان جڙيل. اهڙي بنگلي جي معنيٰ هڪ ورانڊو، اُن جي اندر هڪ وڏو صفو، ۽ صفي پٺيان يا پاسي ۾ بہ ڪوٺيون جن ۾ هنڌ بسترا، گهوڙن جا هنا ۽ اُنن جا پاڪڙا پيل هوندا. سياري ۾ ورانڊي اندر ٻاهيون ٻاري ويهندا. سانوڻ جو اٽڻ - ويهڻ صفي ۾ ٿيندو، جنهن ۾ هٿ سان لوڏڻ واري جهلي لڳل هوندي. ان قسم جي عمارتن جي وڏي خوبي اها هوندي تہ سياري ۾ گرم ۽ سانوڻ ۾ سرد هونديون - سنڌ جي عين آبهوا مطابق. جهولن جي زماني ۾ ڪَچيون لانڍيون جوڙيون وينديون هيون، جن جي پاسن ۾ ڪانديري جي پوٽن مان ٺاهيل پترون هنيون وينديون هيون. انهن پترن تي سارو ڏينهن ماشڪي پيا پاڻي اڇلائيندا. هيٺ فرش تي واري پيل هوندي، جنهن تي پڻ ڇٽڪار پيو ٿيندو. جهولي جو جيڪو جهوٽو اندر ايندو، سو ٺريو ڳڱ ٿيو ايندو. اڄوڪي زماني جي ايئر ڪنڊيشن کان اهو انتظام بدرجها زياده آرام ڏيندڙ ۽ صحت بخش هوندو هو.

مير صاحبن جي ڏينهن ۾ عمارتسازي ان سبب ڪري ترقي ڪري نہ سگهي، جو مير صاحبن جو پنهنجو وقت شڪار جي شوق ۾، گهڻو ڪري جهنگن ۽ ٻيلن ۾ پيو گذرندو هو. پوءِ لکين رپيا خرچ ڪري محلاتون ٺهرائين، تہ انهن ۾ رهي ڪير؟

پاڻ اهل تشعيت جا هوندا هئا. گهر گهر ۾ حضرت عباس علمدار جو آنگاس يا عَلم لڳو پيو هوندن. محرم جي ڏينهن ۾ ڪارا لٽا پائيندا هئا، ۽ ماتم ڪرائيندا هئا. پر ستائيندا سُنين کي بہ ڪونہ هئا. سندن رواداري بيمثال هوندي هئي.

## سردار سيد ثابت علي شاهہ مرحوم

سکر ۽ روهڙيءَ ۾ ٻہ - ٽي خاندان تاريخي هئا. حڪومتن ۽ زمانن ڦرندي، اڳئي کان گهٽي گهٽتائي هئي، پر ان هوندي بہ اجا صفحہ هستيءَ تي موجود هئا. معصومي ساداتن جو خاندان پراڻي سکر ۾ رهندو هو. سندن مورث اعليٰ مشهور سيد محمد معصوم بکري هو، جنهن سکر ۾ پنهنجي نالي سان منارو ۽ ٻيا ڪيئي يادگار ٺهرايا. "تاريخ معصومي"، "طب نامي"، "ديوان نامي" وغيره سندس تصنيفون آهن. اڪبر اعظم جو معتمد خاص هو. عمارتن ٺهرائڻ، ڪَتبن اُڪرائڻ، ۽ ڪتابن لکڻ جو خاص شوق هوس. سکر شهر کي سينگارڻ جو ڪم سڀ کان پهرين سندس هٿان شروع ٿيو هو.

آءٌ پهرين سکر آيس تہ شوق پيدا ٿيم تہ ڪنهن طرح سيد معصوم جي سوانح متعلق معلومات جمع ڪري شايع ڪريان. اوستائين سيد صاحب جي ڪم جو ڪنهن کي احساس ڪونہ هو. سندس لکيل "تاريخ معصومي" اجا تائين ڪانہ ڇپي هئي. ان ڪتاب جا فقط ٻہ - ٽي قلمي نسخا ڪن ڪن جاين تي موجود ٻڌا هئا. باقاعدي تحقيقات ڪنهن بہ ڪانہ ڪئي هئي.

مون سڀ کان پهرين مناري واري قبرستان ۽ ٻين آثارن تي جيڪي بہ ڪتبا لکيل هئا، تن کي نقل ڪيو. ان ڪم کي اهڙي شوق ۽ انهماڪ سان جاري رکيم جو هڪ دفعي سياري جي موسم ۾ سرد هوا لڳڻ ڪري، ڪتبن نقل ڪندي، نمونيا بہ ٿي پيئي. پر ڪتبا سڀ نقل ٿي ويا. سيد معصوم سان جن جن يادگارن جو تعلق هو، سي معلوم ٿي ويا. سندس تصنيف ڪيل ڪيترا ڪتاب نظر مان گذريا. اڪبري دربار مان ڪيس مليل پروانن ۽ سَنَدن سان

پريل هڪ صندوق ڏٺم[1] . ان ڪان پوءِ، سيد صاحب جي سوانح تي جيڪو بہ مواد اوستائين ميسر ٿيو، تنهن جي بنياد تي هڪ مضمون بہ شايع ڪيم. ان تحريڪ ايتري زندگي پيدا ڪئي، جو سيد صاحب جي خاندان جي سمورن فردن پنهنجي ڪانفرنس ڪري، پاڻ مان سڀ ڪان وڏيءَ عمر واري بزرگ، سيد ميان ثابت علي شاهہ کي پنهنجو سردار چونڊيو، ۽ کيس سرداريءَ جي پڳ ٻڌايائون. ان ڪان پوءِ ستت ئي ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب[2] بمبئيءَ مان هلي سکر آيو، ۽ مون وٽ گڏ ٿيل معلومات کي نگاهہ مان ڪڍي، موٽي وڃي "تاريخ معصومي" جو پهريون بمبئي - ايڊيشن شايع ڪيائين.

سيد ثابت علي شاهہ پراڻي ۽ گذري ويل زماني جو بهترين يادگار هو. مخلص، سچو، شريف، عبادتگذار، ۽ نرم طبيعت جو صاحب هوندو هو. پنهنجي سرداريءَ کي ڪنهن بہ سياسي جهڳڙي ۾ استعمال نہ ڪيائين. پنهنجي خاندان جي هر فرد سان محبت پريل سلوڪ ڪندو رهيو. اهڙن نيڪ انسانن کي وري ڏسڻ لاءِ اکيون پيون ترسن. پر اهي بهشتي پکي هئا - دنيا ۾ آيا، گهڙي ساعت رهي، پنهنجين خوبين سان ماڻهن کي مسرور ڪيائون، وري اڏامي هليا ويا!

## سيد صادق علي شاهہ مرحوم

روهڙيءَ جي معزز ڪوٽائي سادات خاندان جو سردار هو، فرسٽ ڪلاس جاگيردار، ۽ اڳوڻي زماني جي اميرانہ روايتن جو آئينہ دار. جاگيرن مان آمدني گهٽجي ويئي، حصيدارن جو تعداد وڌي ويو، نہ قديمي قدر رهيا نہ قدردان حاڪم، پر صادق علي شاهہ مرحوم وس آهر پنهنجي وقار ۽ پراڻين خانداني روايتن کي قائم رکيو. محلاتن جو زمانو گذري ويو، تہ ڪوٽ جي ڪنڊ تي هڪ اُنچو دڙو ڏسي، ان تي اوطاق ٺهرايائين. هڪ ڪمرو، هڪ ورانڊو، اڳر ۾ اڱڻ، اڱڻ ۾ جهـَلي لڳل. ڪمري کي سينگارڻ لاءِ سخت ڪوشش ٿيل، کٽ تي هر وقت ريشمي بسترو وڇايل، سامهون ڪرسين جي صف، وچ ۾ ٽيبل،

---

[1] بعد ۾ پتہ پيو تہ انهن ڪاغذن مان گهڻا اڌورهي لڳڻ ڪري ضايع ٿي ويا، ۽ ما ڪن درياهہ ۾ اڇلائي ڇڏيا.

[2] شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب انهن ڏينهن ۾ بمبئيءَ جي اسماعيل ڪاليج (انٽيري) جو پروفيسر هوندو هو.

پٽ تي ڪئلينڊر ۾ قطعا. هڪ دفعو سڄو سامان آڳر ۾ رکرائي، پاڻ ۾ پُـٽَ، وچ ۾ ويهي، فوٽو ڪڍرايائون. سندن پويان سندن ملازم بندوقون ۾ تراريون ڪلهن تي رکي بيٺا. فوٽوءَ وقت هڪ نيٺ جي ڪرسي ٻاهر رهجي ويئي هئي: ان گهٽتائيءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ، فوٽو گرافر کي بعد ۾ هٿ سان هڪ وڏيڪ ڪرسيءَ جو نقش، نهيل فوٽوءَ مٿان چٽڻو پيو. روهڙيءَ جي هڪ هيءَ رسم بہ هوندي هئي تہ محرم جي جلوس ۾ ڪوڻائي سردار ۾ سندن سپاهي اگهاڙيون تراريون کڻي هلن. جلوس رات جو نڪرندو هو، شايد ڪنهن زماني ۾ سنين جي خوف کان اها حفاظتي تدبير رائج ڪئي ويئي هئي. سائين صادق علي شاهہ پڇاڙيءَ تائين اهو حق هٿان نہ ڇڏيو. محرم رات آئي، ۾ مرحوم تراريون ڪڍائي اچي شامل ٿيو.

مهمان نوازيءَ ۾ واعدي جي سچائي سندس خاص خوبيون هيون. هڪ ڏينهن ڪنهن اليڪشن جي سلسلي ۾ مون ڪيس ووٽ لاءِ عرض ڪيو. پاڻ واعدو ڏنائين. پولنگ واري ڏينهن سخت بيمار هو، پر پاڻ ڪٽ تي کڻائي بہ اچي ووٽ داخل ڪيائين.

صورت جي سينگار جو بہ گهڻو خيال هوندو هوس، ٻاهر نڪرندو تہ ٺهي ٺڪي، سينڌ سرمو ڪري ـ مٿي تي بوسڪيءَ جي پڳ، بوسڪيءَ جي قميص، ڪُنپيل ۾ چڱيءَ طرح چُنيل سلوار، الپاڪي جو ڪوٽ، ڪوٽ جي کيسي مان سوني زنجيري لڙڪندي رهندي. ڪوٽ جا ٻيڙا هرگز بند نہ ڪبا، جيئن قميص ۾ لڳل سونن بٽڻن جي قطار نگاهن کان غائب نہ رهي.

سندس دستر خوان تي موسم آهر روهڙيءَ جو پڪل مشهور پلو ضرور موجود هوندو. البت حلوي ۾ سَيِن لاءِ تہ موسم جي محتاجي ڪانہ ٿئي!

# شڪارپور

شڪارپورا... منهنجي پنهنجيءَ ساڃهه اندر اپر سنڌ جي شوقينن جو شڪارگاهه هوندي هئي. سنڌن تمدن ۽ ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي، ٻين پاسن کان قدري نرالي! وڏي اوڄ جا ڏينهن ڏٺائين. سنڌ ورڪي ڀائيبندن جو منجهس وڏو زور هو. سمرقند ۽ بخارا تائين ڌنڌو واپار ڪندا هئا، پر جا بہ ڪمائي ڪندا هئا. ڪمائي تيندن، سا آڻي خرچ شڪارپور اندر ئي ڪندا هئا. وڏيون وڏيون محلاتون نهراياائون. شهر کي سينگارڻ ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪيائون. خير جي ڪمن ۾ کُـليءَ دل سان خرچ ڪندا رهيا. ڊاڪٽر هالنڊ، مشهور اکين جي معالج، کي سال ۾ هڪ دفعو گهرائي، اکين جي مريضن جو مفت علاج ڪرائيندا هئا، ۽ ان طرح سان لکن ماڻهن جي بينائي بچي ويئي. هڪ ہي وڏي اسپتال نهراياائون. پوين ڏينهن ۾ اپر سنڌ جو تنها ڊگري ڪاليج شڪارپور ۾ ئي کليو. هي سارا ڪم سنڌن خيرات وسيلي ٿيندا رهيا.

نہ وري سنڌن رهڻي ڪرڻي ئي ڪا معمولي هوندي هئي. اميراڻي ٺٺ سان پيا زندگي گذاريندا. شهر اندر محلات، شهر کان ٻورو ٻاهر باغ، ۽ باغ ۾ بنگلو. شام جو سرود سماع جون محفلون. چوندا ڳائڻ واريون پيون گهرائيبيون، ڪڏهن لاهور مان، ڪڏهن بمبئيءَ مان، ۽ ڪڏهن ڪلڪتي مان. سال ۾ هڪ دفعو گاني جو وڏو ماندو ٿيندو. هندستان جا مشهور گويا سڏجي ايندا. مقابلا ٿيندا، ۽ وڏا وڏا انعام وراهائبا.

انهن ڏينهن ۾ اڃا موٽرن جو رواج ڪونہ پيو هو. سيٺين سواريءَ لاءِ ٻہ – گهوڙيون وڪٽوريا گاڏيون رکيون هيون. اهي گاڏيون خواهہ گهوڙا ڏسڻ وٽان هئا

شام جو انهن گاڏين ۾ سوار ٿي، هواخوريءَ تي نڪرندا. لکي در جو ديدار ڪندا، وڃي پنهنجي باغ ۾ پهچندا. "دارونءَ" يعني شراب جون ٻاٽليون کلي وينديون. "چهر بهر" لاءِ لکي در جي مشهور هندو نانواين وٽان گهرايل پڪل گوشت جا "ڪنبا" ۽ پٽاٽي چاپون موجود هونديون. ٻورو گهڻو ڳائڻ وڄائڻ جو انتظام بہ. چانڊوڪي رات، موتئي، رابيل ۽ گلاب جي گلن جي خوشبو. طبلي جي خفيف ٿاپ، سارنگيءَ جو سنهو سُر، ڪنهن خوشگلو نازنين جو منڙو آواز – غرض تہ ساري سِين سنڌر. بلڪ سرڳ جو نمونو! ڀائيبند پاڻ آرام ڪرسين، کٽن يا پينگهن ۾ ليٽيا پيا هوندا. ڏوتين جي ور مان سونيون گينيون چوڙيون پيا طوائفن طرف اڇلائيندا. انهن ڏينهن ۾ نوٽ نڪتا هئا، پر "ڪاغذي ناڻي" جو اڃا

قدر ڪونہ هو. امير چانديءَ جي نوڙهي ريٽي (ايڊورڊ ستين جو مٿو نوڙهو هوندو هو. ۽ جنهن صورت ۾ چانديءَ جي ريٽي تي سنڌس شڪل هوندي هئي، تنهنڪري ماڻهو ريٽي کي نوڙهو سڏيندا هئا) کي بہ هيچ سمجهندا هئا، تنهنڪري وقت جو معزز سڪو هوندو هو سون جون گينيون!

شڪارپور ۾ آهستي آهستي مسلمانن بہ پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ شروع ڪيو هو، پر اجا تائين "ڪامورو ڪلاس" نہ هئا. پٺاڻن جي حڪومت واري زماني جا امير انگريزن جي اچڻ ڪان پوءِ يا تہ ٽڙي پکڙي وڃي ٻهراڙين ۾ رهڻ لڳا هئا، يا بنهہ ڪمزور حالت ۾ رهجي ويا هئا. هينئر نئين سر، هينئين ۽ وچولي درجي جي ماڻهن انگريزي تعليم پرائي سرڪاري نوڪريون هٿ ڪرڻ شروع ڪيون هيون، ۽ اهو پيشو ئي سنڌن زندگيءَ جي اساس بڻجي چڪو هو.

مون ڪان اڳ شڪارپور ۾ بہ ناميارا مسلمان وڪيل ٿي گذريا هئا: **مياں محمد حسن** ۽ **ميان محمد شعبان** محمد حسين مرحوم پنهنجي اولاد کي انگريزي تعليم ڏني.

سنڌس وڏو فرزند، **ميان علي بخش**، مرحوم رئيس ميان غلام محمد خان پرڳڙيءَ جي انتقال بعد، 1920ع ڌاري، ڪائونسل آف اسٽيٽ جو ميمبر چونڊيو، ۽ جيستائين آزاد هندستان ۽ پاڪستان قائم ٿيا، سنڌس ميمبري قائم رهندي آئي. انگريزي معمولي ايندي هيس. ڪنهن بہ سياسي تحريڪ ۾ حصو نہ ورتائين. جيڪي ويهہ - پنجويهہ ورهيہ ڪائونسل آف اسٽيٽ جو ميمبر رهيو، شايد هڪ دفعي بہ تقرير نہ ڪيائين، ۽ نہ ڪڏهن ڪو سوال ئي پڇيائين. سنڌس ووٽ هميشه سرڪار طرف هوندو هو. ۽ پڇاڙيءَ واري زماني ۾ تہ خانبهادريءَ جو لقب بہ مليس. سنڌس سياسي"پاليسي درڪنار، بطور انسان جي ميان علي بخش سني سڀاءَ جو صاحب هوندو هو. ڏيندو نہ، تہ ڏڪوئيندو بہ نہ. مرحوم محمد حسين جو ٻيو نمبر فرزند، ۽ ميان علي بخش جو ٻيو نمبر ڀاءُ، **خانبهادر نبي بخش**، روينيو کاتي ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. هڪ زماني ۾ ڪمشنر سنڌ جو نيٽو اسسٽنٽ ٿي رهيو، ۽ وڏي ڏاڪي سان. ساري سنڌ پيئي سنڌس اڳيان نوڙندي هئي. انگريزن پاران ٻڌي - ڇوڙي سنڌس هٿ ۾ هئي. ڪيترن عهدن ماڻڻ ڪان پوءِ، بهاولپور رياست جو وزيراعظم مقرر ٿيو ۽ اتان پينشن ورتائين. ميان محمد حسين جو ٽيون نمبر فرزند، **خانبهادر عبدالقادر**، پڻ پنهنجي سرڪاري ملازمت جي ابتدا روينيو کاتي سان ڪئي. بطور مختيارڪار جي مقرر ٿيو،

ڪجهہ عرصي بعد ڊپٽي ڪليڪٽري مليس، ان کان پوءِ جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. سنڌ جي ڪن ٻين ضلعن ۾ بہ ڪليڪٽري ڪمايائين. آخر ۾ وڃي جهوناڳڙهہ رياست جو وزيراعظم مقرر ٿيو.

ميان محمد شعبان پڻ پنهنجي زماني ۾ وڏو وڪيل ليکيو ويندو هو. پر مون کونہ ڏٺو. منهنجي واقفيت سندس پوٽي، **ميان غلام قادر** سان ٿي. اهو نيڪ انسان هينئر بہ حيات آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ پيو رهي. ڪجهہ عرصو گڏيل هندستان جي سينٽرل اسيمبليءَ جو ميمبر بہ هو. ساريءَ حياتيءَ اندر شايد ڪنهن بہ بني بشر کي ڪونہ ڏکويو هوندائين.

شڪارپوري مسلمانن جو ٻيو برسراقتدار خاندان، شيخن جو هوندو هو، جنهن جو مورث اعليٰ **شيخ صادق علي مرحوم**، وزير خيرپور، هو. سندس پنهنجا فرزند ۽ سندس خاندان جا ٻيا فرد، انگريزي پڙهي، نوڪرين ۾ گهڙي پيا. ڊپٽي ڪليڪٽري ۽ انڪم ٽيڪس آفيسريءَ کان مٿي ڪونہ چڙهيا، پر تعداد جي لحاظ سان ان خاندان جي پڪيڙ ڪافي رهي.

منهنجين پنهنجين اکين اڳيان شڪارپور جي شهرت جو ڪارڻ ٿي ماڻهو هئا-

**منشي پوڪرداس** ۽ سندس سنڌي ڇاپخانو. پوڪرداس پاڻ اڳ مري چڪو هو، پر سندس پويان سندس ڪاروبار پوءِ بہ هلائيندا ٿي رهيا. جيڪڏهن سنڌي زبان اڄ تائين حيات آهي، تہ ان جو هڪ سبب پوڪرداس جو ڇاپخانو بہ آهي. ان ڇاپخاني جي وسيلي اڌ صديءَ تائين سنڌي ڪتاب ڇپبا رهيا. پوڪرداس جي حيثيت سنڌي زبان جي تاريخ ۾ اُهائي آهي، جا اردو زبان جي حالت ۾ لکنؤ واري منشي نولڪشور کي حاصل ٿي. سرڳواسيءَ سوين ڪتاب لکرايا ۽ هزارين جلد ڇاپي پڌرا ڪيا. سندس مقابلي ۾ سکر جي ماستر هريسنگهہ بہ پوءِ ساڳيو ڪاروبار شروع ڪيو، ۽ زبان جي وڏي خدمت ڪئي، پر پوڪرداس جو ڪاروبار وڌيڪ وسيع هو. سنڌي زبان جي ڪا بہ تاريخ اوستائين مڪمل ٿي ڪانہ سگهندي، جيستائين ان ۾ سنڌيءَ جي انهن ٻن محسنن، يعني پوڪرداس ۽ هريسنگهہ، جو ذڪر نہ هوندو.

**ديوان بهادر مرليڌر**، شڪارپور جو وڏي ۾ وڏو وڪيل هو. شاهد جي آڏيءَ پڇا لاءِ اٿندو تہ مقدمي جون ٽڳڙيون نڪري وينديون. شڪارپور ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ بہ چونڊيو. انگريز حڪومت ديوان بهادريءَ جو لقب بہ ڏنس، پر سندس اصلي مقام قاعدي قانون جي دنيا اندر ئي هو. سالن جا

سال سندس نالو بطور چوٽيءَ يا مثال جي ڪتب ايندو رهي. ”اُهي پيو ڳالهائين، ڄڻ مرليڊر آهين“!

شڪارپور جي شمع اجهامڻ کان اڳ هڪ آخري ڀڙڪو ڪاڏو، ۽ ان ڀڙڪي جو نالو هو **خانبهادر الله بخش سومرو**. پر ان مرحوم جو ذڪر ٻيءَ جاءِ تي ايندو، تنهنڪري هت سندس وڏيڪ احوال ڪونہ ٿو ڏيان.

شڪارپور هينئر زبون حالت ۾ آهي. سکر بئراج نڪرڻ بعد سم سيلاب شهر کي گندو ڪري ڇڏيو. 1947ع ۾ قائم ٿيو پاڪستان. سنڌ ورڪي پائيبند، ڪاروبار بند ڪري، هڪدم هندستان پهچي ويا. سندن محل حوالي ٿيا مسلمان مهاجرن جي. مهاجرن وٽ انهن محلن کي سنڀالڻ ۽ قائم رکڻ جا ذريعا ڪين هئا. نتيجو اهو نڪتو جو جت اڳ ماڙيون هيون، اُت مٽيءَ جا ڍڙا آهن. جتان اڳ گوهر جان، امير جان ۽ امرنات جا آلاپ پيا ايندا هئا، اتان اڄ چپ جي لات بہ ڪنن تي ڪانہ ٿي پوي.

واپار جي لحاظ سان پڻ ڪن ڏينهن ۾ شڪارپور چوٽ تي هئي. سنڌ ورڪي هندن جي وسيع بيروني واپاري تعلقات جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. پر خود شڪارپور شهر اندر بہ وڏو ڪاروبار پيو هلندو هو. جا شي ٻئي ڪنهن بہ شهر مان نہ ملندي، سا شڪارپور مان آسانيءَ سان ميسر ٿي سگهندي. مثلاً هر قسم جي جواهرات، قيمتي دوائون، زريون، ڪيمخاب، ريشمي ڪپڙو، پشمينو، سيمور جون ڪلون، سون چانديءَ جا زيور، ڪابل ۽ قنڌار جا ميوا، وغيره وغيره.

شڪارپور جو حلوو جنهن ڪاڏو هوندو، تنهن کي ئي ان جي لذت جو احساس هوندو. باقي عام کي کهڙي مام! ڍڪيل بزار جي وچ ۾ هڪ چونڪ هوندو هو، جنهن کي چبوترو سڏيندا هئا، ۽ ات ئي ان تاريخي حلوي جا دڪان هوندا هئا. آيو ويو پيو ڍرندو هو. ساڳيءَ طرح ان شهر جو آچار پڻ مشهور هوندو هو. هر شي مان آچار ناهيندا هئا- انبڙين مان، ڦاروَن مان، ليمن مان، ڪلوڙين مان، سيانتي جي ڦرين مان، ڏوئرن مان. هر شڪارپوري ميزبان جي دسترخوان تي ٻيون کهڙيون بہ ”ست رڃيون“ هجن، پر ٽي- چار شيون ضرور نظر ايندبون: ساڳ ۾ رڌل گوشت، موسم هوندي تہ پلو، آچار ۽ حلوو. پوپانڙي ٿي تہ چانهہ نہ، پر تاڌل، برف ۾ ٺريل- ڀنگ جي لغار هجيس يا نہ، تنهن جو مدار مهمان جي پنهنجي ذوق سليم تي. گرميءَ جي موسم ۾ سنڌ واهہ جو ڪنارو هوندو. سارو ڏينهن ميلو لڳو پيو هوندو شوقين، واهہ ۾ انب اڇلايو،

تڙڳي پيا ٻاهر ڪڍندا ۽ چوسيندا. سچ لڳي ٿو ڪان پوءِ لکي در آباد ٿيندو. چئني پاسين ڪاڏي جون هوٽلون، شربت ۽ سوڊا لمليٽ جون سبيلون، بجليءَ جا پڪا ۽ بتين جي چانڊاڻ. سواءِ لولن، لنگڙن ۽ ناڪاره انسانن جي، باقي هر چرندڙ پرندڙ ماڻهو شام ويلي لکي در جو ديدار ضرور ڪندو. لکي در جي سير لاءِ ڊريس فارمل (formal) هوندي. ململ يا سنهي وائل، يا الله ڏني ته بوسڪيءَ جو پيراهن، ڳچيءَ جو ڳلو لازماً کليل، جيئن ڳچي ۽ سينو ظاهر رهي، هيٺئين گوڏ. ڳچيءَ ۾ موتئي جو هار، هڪ هٿ ۾ پکو، ٻئي هٿ ۾ رومال. لڙيءَ رات تائين پيا چونڪ ۾ گهمندا ڦرندا، ٿڪبا ته هوٽل ۾ ويهي شربت جو گلاس پيئندا، سگريٽ ڇڪيندا، ۽ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪندا-

"ڇڏ يار، ڳالهه ڪهڙي پيو ڪرين؟"

"تون ته ڪو پکشٽ پيو ڏسجين!"

گهوڙن جي پڻ وڏي مارڪيٽ شڪارپور ۾ ٿي هئي. سنڌ گهوڙن ڊارڻ جو خاص شوق هوندو هون. سنڌ جي جنهن به ماڻهوءَ کي سٺي گهوڙي خريد ڪرڻ جو ارادو ٿيندو ته شڪارپور جو سفر اختيار ڪندو. ساڳيءَ طرح ٽانگن ناهڻ جا ڪارخانا پڻ ڪثرت سان هوندا هئا. ٽانگا هلڪا پر مضبوط ناهيندا هئا، ۽ تمام سهڻا ۽ "جوڀوان"!

شڪارپور جو اصلي بنياد لکيءَ جي دائود پوٽن وڌو، ۽ انگريزن جي آمد کان صدي يا ڏيڍ صدي اڳ. داٶدپوٽن کي ڪلهوڙن ڀڄائي بهاولپور پهچايو، ۽ ڪلهوڙن جو ڪم وري پٺاڻن پورو ڪيو، ۽ ان طرح سان پوءِ پويون سارو عرصو شڪارپور پٺاڻن جو مرڪز بڻي رهي. ڪلهوڙن جي جانشين ٽالپر حاڪمن، شڪارپور کي وري هٿ ڪرڻ لاءِ، وقت بوقت ڪوششون ضرور ڪيون ۽ ڪيئي ڀيرا مقابلا ۽ جنگيون به ٿيون، پر پٺاڻن جي پاڙ پٽجي ڪانه سگهي. آخر انگريز آيا، جن پٺاڻن کي خارج ڪري شڪارپور کي ضلعو بڻايو. ان طرح پٺاڻن جي حڪومت ته ختم ٿي ويئي، پر سندن رنگ پوءِ به قائم رهجي ويو، ۽ اڄ تائين موجود نظر ايندو. مرد پورا، سهڻا، قداور، ۽ عورتون پنهنجو مثال پاڻ. سنڌ جي ڪنهن به حصي ۾ خوبصورتيءَ جي ايڏي پرسنٽيج (Percentage) نظر ڪانه ايندي، جيتري شڪارپور اندر. شڪارپور جي مفصل تاريخ لکندڙ کي مرزا عطا محمد جو ڇڏيل روزنامچو ضرور نظر مان ڪڍڻو پوندو. ٻيءَ صورت ۾، ڪيس پتو ئي ڪونه پوندو ته ساريءَ سنڌ اندر شڪارپور کي انساني حسن جي معاملي ۾ اهو مقام ڇو ۽ ڪهڙيءَ طرح حاصل ٿيو.

## خانبهادر الله بخش مرحوم

شڪارپور جو ذڪر ڪندي عرض ڪيو اٿم ته شڪارپور جي شمع اجهامڻ کان اڳ هڪ پڙڪو ڪاڏو هو، ۽ ان پڙڪي جو نالو هو الله بخش مرحوم.

مرحوم خانصاحب محمد عمر جو فرزند هو. گهراڻي جو ڌنڌو هو نيڪيداري، ۽ بعد ۾ نيڪيداريءَ سان گڏ زمينداري بہ. ان خاندان جي تاريخ مرحوم محمد عمر سان شروع ٿي. جنهن وقت سندس انتقال ٿيو، سندس فرزند مرحوم الله بخش جي عمر پنجويهہ ورهيہ کن هئي. انگريزي تعليم ڇڏي، ڪاروبار سنڀالڻ لڳو. ڪاروبار ۾ هيئنر پهريون دفعو سياست بہ شامل ٿي. پهرين لوڪلبورڊ جو ميمبر، پوءِ پريزيڊنٽ چونڊيو. ستت ئي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر منتخب ٿيو. 1937ع ۾ سنڌ جو جدا صوبو قائم ٿيو تہ پاڻ بہ وري نئينءَ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 1938ع جي مارچ مهيني ۾، سر غلام حسين هدايت الله جي وزارت ڪري، تہ الله بخش مرحوم چيف منسٽر بڻيو. منزلگاهہ وارن فسادن کان پوءِ، سال کن لاءِ وزارت کان ٻاهر رهيو، پر 1941ع ۾ ٻيهر وزارت عظميٰ مليس. 1939ع کان ٻي عالمگير جنگ شروع ٿي چڪي هئي. 1942ع ۾ ڪانگريس فيصلو ڪيو تہ ماڻهو انگريزن وٽان مليل لقب واپس ڪن. مرحوم الله بخش بہ خانبهادريءَ جي لقب تان استعيفا ڏني. سنڌ جي انگريز گورنر، سر هيوڊو، ان قدم کي حلف وفاداريءَ جي ڀڃڪڙي نهرائي، آڪٽوبر 1942ع ۾ کيس وزارت مان ڊسمس ڪيو، ۽ سندس جاءِ تي سر غلام حسين کي (جو خود الله بخش وزارت ۾ هوم منسٽر هو) وزيراعظم مقرر ڪيو. آڪٽوبر 1942ع کان مئي 1943ع تائين، مرحوم سياسي ۽ فلسفيانہ ڪتابن جو مطالعو ڪندو رهيو. اوائل مئي 1943ع ۾، شڪارپور شهر اندر، حرن جي هڪ ٽولي کيس شهيد ڪيو. حرن کي ڏانهنس هيءَ شڪايت هئي تہ سندس وزارت جي زماني اندر مارشل لا لڳو هو، جنهن جي دوران ۾ (مارچ 1943ع) حڪومت خود پير صاحب پاڳاري رحمت الله عليہ کي ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو هو.

هر نئين ملڪ جي زندگيءَ جا پهريان بہ -چار سال تمام اهم ۽ فيصلي ڪن ٿين ٿا. انهن ئي ابتدائي ڏينهن اندر سياسي ۽ اخلاقي اصولن ۽ قدرن جو بنياد پوي ٿو، ۽ قومي زندگيءَ واريءَ عمارت جي پيڙهہ جا پهريان بار رکيا وڃن ٿا. اهي بار جيڪڏهن صحيح آهن تہ ساري عمارت صحيح طريقي سان مٿي

ڪڇندي، پر جيڪڏهن ان موقعي تي ڪا وڏي غلطي سرزد ٿي ويئي تہ پهرين تہ عمارت ئي ڪانہ جڙندي، پر جيڪڏهن جڙي بہ، تہ پائدار ثابت ڪانہ ٿيندي.

سنڌ، سال 1937ع ۾، بمبئيءَ کان ڇڄي جدا صوبو بڻي. 1937ع کان 1947ع تائين ان جي نئين قومي زندگيءَ جو بنياد پوندو رهيو. پر غلط اصولن تي، جن سياست جا غلط قدر (Values) وجود ۾ آندا، ۽ آخر خود صوبي کي ئي نهوڙي ڇڏيو.

جدا ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي سياسي زندگيءَ تي سنڌ جا وڏيرا صاحبان ۽ پير صاحبان، پنهنجي دولت، راڄوٽي اثر، ۽ پيريءَ - مريديءَ جي آڌار تي، هڪدم ڇانئجي ويا. نہ ڪا مستقل سياسي پارٽي نهڻ ڏنائون، نہ سياست جو مدار ئي ڪن مفيد اخلاقي اصولن تي رکڻ ڇڏيائون.

جن "اصولن تي جدا سنڌ جو سياسي ڪاروبار هلڻ لڳو، سي، مختصراً، هي هئا:

(1) وزير هر حال ۾ ٿيڻو آهي، ۽ وزير ٿيڻ کان پوءِ هر حال ۾ بطور وزير جي قائم رهڻو آهي، پوءِ ان مقصد جي حصول لاءِ ڪيترين بہ پارٽيون جو نہ بدلائڻيون پون، ۽ پنهنجن واعدن ۽ قولن ۽ اصولن تان ڪيترا پيرا بہ ڇو نہ ڦرڻو پوي.

(2) جو عرصو وزير رهجي، محض پاڻ کي مٿاري ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ مصروف رهبو اچجي.

(3) سنڌ جي عوام جي ڀلائيءَ جو ڪو سوال ئي ڪونہ هو. ڇو تہ جنهن شي کي سياسي اصطلاح ۾ عوام سڏيو ٿي ويو، تنهن شي جو وجود ئي تسليم ڪونہ ٿي ڪيو ويو. سنڌن خيال مطابق، سنڌ جا ماڻهو ٽن حصن ۾ وراهايل هئا: (الف) پير ۽ وڏيرا، جن جو پيدائشي حق هو وزارت ۽ حڪومت ڪرڻ، (ب) ڪامورا، جن جو ورثو هو مسلماني ٽڪيٽ تي نوڪريون وٺڻ، ۽ نوڪرين وٺڻ کان پوءِ هڪ طرف وڏيڪ ترقيءَ جو سعيو ڪرڻ ۽ ٻئي طرف پنهنجي پيٽ جي ڇيٽ ڪرڻ، ۽ (ج) ٻهراڙيءَ جا انگ اگهاڙا ۽ پيٽ ٻکيا، لکين ڳوٺاڻا، جن لاءِ اها ئي سعادت ڪافي هئي تہ سنڌن سر تي وڏيرن ۽ پيرن جو سايو دائم ۽ قائم رهندو اچي.

(4) سياسي پارٽي هرگز نهڻ نہ ڏجي، ڇو تہ سياسي پارٽي نهندي تہ ان جو رخ ٿيندو عام ماڻهن ڏانهن، ۽ عام ماڻهن سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو تہ وڏيرڪي "هڪ هٽيءَ" جا وڪا پڌرا ٿي پوندا. تنهنڪري اهڙي زهريلي سلي کي مورڳو اسرڻ ئي نہ ڏجي.

(5) ان اُصول پٽاندر، ۽ وقتي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ، وقت بوقت، جيڪا طاقت چوٽ چڙهيل ڏسجي، تنهن جي پاٺ پوڃا شروع ڪرڻ ۾ دم جي دير وجهڻ نہ گهرجي، پوءِ اها طاقت هندن جي ڪانگريس هجي يا مسلم ليگ، يا ڪنهن خاص شخص جي وقتي مرڪزي حيثيت. مطلب تہ هر موقعي جو فائدو وٺجي، ۽ جنهن بہ چشمي ۾ سياسي پاٽيءَ جو ڪو چڪو نظر اچي تہ ڇهنب تنهن ۾ ئي ڇپائجي.

صوبي جي سياست جو اهو ئي پس منظر هو، جنهن جي اڳيان مرحوم الله بخش نئينءَ سنڌ جي پوليٽيڪل ميدان اندر قدم رکيو ۽ ڪاروبار هلايو. هينئر پاڻ مرحوم موجود نہ آهي، سندس زندگي ۽ سياست ٻيئي ختم ٿي چڪيون آهن. سندس حياتي هلندي، يقيناً منهنجا ساڻس اختلاف رهيا، پر هينئر هو دنيا جي سمورين آلائشن کان آزاد ٿي آخري آرام ۾ آهي. تنهنڪري هن وقت آءٌ اڳوڻي اختلافي ڪيفيت کان هٽي، آسانيءَ سان سندس سياست جو تجزيو ڪري سگهان ٿو. منهنجي راءِ اها آهي تہ ان وقت جي حالتن ۾ رقابتن سارو، پنهنجن سمورن همعصرن اندر مرحوم جو مقام ڪافي مٿانهون هو.

صحيح يا غلط، پر سندس رفاقت هڪ ٻيرو ڪانگريس سان ٿي ويئي هئي. ان رفاقت کي پڇاڙيءَ تائين قائم رکندو آيو. وزارت ويئي، سياست چڪر ۾ پئجي ويئي، پر ڪانگريس سان اها قرابت آخر دم تائين قائم رهندي آئي. ڪانگريس جي اثر هيٺ اچڻ ڪري، سندس نظريو هيءُ ٿيو تہ "مذهب جي بنياد تي ملڪي ورهاڱي سبب وڏا ڏڦيڙ پوندا. سياست اندر مذهب جي ڪار فرمائي، مجموعي طور تي، ۽ نتيجي جي اعتبار کان، نيٺ هڪ ڏينهن نقصانڪار ثابت ٿيندي، ۽ ممڪن آهي تہ ماڻهن کي ڪنهن منزل تي رسي، خود مذهب کان بيزار ٿيڻو پوي: تنهنڪري سياست جو بنياد مذهب تي نہ، پر تنها اقتصاديات تي هجڻ گهرجي."

سندس خلاف وڏا طوفان ڪڙا ٿيا، هڪ - بہ ٻيرو تہ پنهنجي حياتيءَ کي بہ خطري ۾ ڏنائين، پر هڪ دفعي جي معين ڪيل نظريي تان پڇاڙيءَ تائين نہ هٽيو.

سندس وزارت هلندي، منزلگاهہ جي تحريڪ شروع ٿي. مسلمانن جي مذهبي جوش جو عالم سندس اکين اڳيان هو. محسوس ٿي ڪيائين تہ جيڪڏهن مسلمانن جو اهو مطالبو منظور نہ ڪيو ويو تہ پنهنجيءَ قوم اندر سندس وقار کي سخت نقصان پهچندو. مون پاڻ هڪ ٻيرو، منهن چڙهي وجي

چيس تہ "جيڪڏهن مسجد واپس نہ ڏيندين تہ نقصان پرائيندين. جيڪڏهن تورو نرم ٿيندين تہ صلح صلاحيت جي سبيل پڻ نڪري سگهي ٿي." پر جواب ڏنائين: "جيستائين مون ان فتني کي زور سان ختم نہ ڪيو آهي، اوستائين ان موضوع تي مورڳو ڪنهن گفتگو ڪرڻ لاءِ بہ تيار نہ آهيان!" انهن ڏينهن ۾ منهنجي بہ جواني هئي، ۽ جواني بہ جوش سان ڀريل. آءُ اٿي ڪڙو ٿيس. چيومانس:"آءُ پڻ توسان واعدو ڪريان ٿو تہ جيستائين توکي وزيراعظم جي هن بنگلي مان خارج نہ ڪرايو اٿم، اوستائين هن بنگلي ۾ وري قدم نہ رکندس!" ۽ ان چئلينج ڏيڻ کان پوءِ، منزلگاهہ جي فائدي ۾، ۽ مرحوم جي خلاف، مون بہ حال سارو ڇيهہ ڪري ڇڏيا. فساد ٿيا، مقدما هليا، ۽ خونريزي ڏسي، خود هندن کي ڪيس ڪجهہ عرصي لاءِ وزارت کان ۽ وزيراعظم جي بنگلي مان خارج ڪرڻو پيو. پر مرحوم پاڻ نہ ڪڏهن ڪمزوري ڏيکاري ۽ نہ ڪا ٻولي ٺي ٻي ٻولي. آخر ڏنو ويو تہ ٻول ٻنهي جا پَـريا: پنهنجن هٿن سان منزلگاهہ مرحوم کانہ ڏني، وزيراعظم جي بنگلي ۾ ٻيهر منهنجو قدم بہ اوستائين ڪونہ پيو، جيستائين مرحوم جو پنهنجو قدم اتان ٻاهر نڪري نہ چڪو هو.

ڪيترين ٻين ڳالهين ۾ بہ الله بخش، پنهنجن همعصرن ۽ رفيقن کان بلڪل مختلف هو. مثلاً، هن صاحب وزارت جي سطحي اعزازن ۽ نمائشي پهلوئن کي ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪيو. نہ سندس موٽر تي جهنڊي جهُـلي، نہ سندس سواريءَ وقت رستا بند ٿيا يا رستن تي باوردي پوليس بيٺي، نہ پوليس جو گارڊ آف آنر ورتائين، ۽ نہ اڳواٽ حڪم ڪري يا پروگرام ڪڍي استقبال لاءِ مجمعا ٺي ڪنا ڪرايائين. سندس اعزاز ۾ نہ ڊنر ٿيندي، نہ پارٽي، ۽ نہ وري لوڪلبورڊ يا ميونسپل طرفان ڪا ايڊريس ٺي پيش ٿيندي، جا چانديءَ جي قلمدان ۾ مڙهجي اچي سندس بنگلي جي سينگار جو سبب بڻجي. پير جو تمام هلڪو- ڪم پيو يا ضرورت پيش آئي تہ دوست ڇا، زبردست وٽ بہ لنگهي ويندو. ڪپڙا تمام سادا پائيندو، پڄاڙيءَ ۾ تہ جوڙي پهرڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن معمولي سوٽ، نہ تہ عام طرح سان سادو سنڌي وڳو. پير ۾ پهرين بخمل جو نرم سليفر، ۽ پڄاڙيءَ واري زماني ۾ پشاوري چپل. خاص موقعو هوندو تہ شيرواني بہ ڍڪيندو. مٿي تي ٽوپي تہ ترڪي، نرم، نہ گانڌي ٽوپيءَ جي ويجهو، نہ جناح ڪئپ جي قريب. موٽر ۾ چڙهندو تہ پاڻ ڊرائيور جي ڀر ۾ ويهندو. ۽ پويان اعزازي جاين تي سنگتين کي ويهاريندو. ريل جو سفر ڪندو تہ ساٿي هيٺين سيٽن تي سمهندا ۽ پاڻ مٿئين تختي تي پئجي رهندو. ڪم جي پنيان پوندو تہ ڪيترو وقت بہ، بغير ننڊ يا آرام جي پيو

هلندو. پر جي نند جو خيال ڪيائين تہ فقط اڪين ٻوٽڻ جي دير هوندي. پوءِ ڪرسيءَ تي ويٺل هجي يا ٽانگي تي چڙهيل. پڇي سگهندس تہ نيڪي ڪندو، هٿ وٺي نقصان دشمن کي بہ نہ رسائيندو. ڪاوڙ ڪيتري بہ هجيس، پر تڪو يا اُگرو اکر سندس وات تي هرگز نہ ايندو. ڏکويل هوندو، تہ بہ سندس چهرو ان ڪيفيت جي غمازي ڪرڻ کان عاجز پيو نظر ايندو. ٻيا وزير، وقت جو فائدو وٺي، پل ٻيا پيا پين، پر الله بخش لاءِ "بالائي آمدني" حرام هوندي. پڇاڙيءَ ۾ انتقال ٽيس تہ مقروض حالت ۾، حالانڪ پنهنجي اباڻيءَ جائداد مان آمدني ڪافي هوندي هيس. مهمان نواز هو، ۽ هٿ جو ڇوٽ، جنهن کي ڏنائين، وري نہ پڇاريائين. خيرات سڀي هٿ سان ٿي، تہ ڪبي هٿ کي ڪا خبر ڪانہ پيئي. پويان ڏينهن قرآن مجيد جو مطالعو ڪندو رهيو، ۽ سوشلزم ۽ اقتصادي مسئلن جو اڀياس.

ابتدائي دوَر ۾، سندس وزارت هٿان ڪيترا چڱا ڪم ٿيا. مثلاً، درٻارين جو پراڻو رواج ختم ڪيو ويو، ڪمشنرن ۽ ڪليڪٽرن جي ڪرسين جا پروانا پورا ٿي ويا. لوڪلبورڊن ۽ ميونسپالٽين مان سرڪاري ناقيل ميمبرن کي نيڪالي ملي، ورنہ اڳ انهن ناقيل ميمبرن جي ذريعي ڪامورا شاهي لوڪل باڊيز جي ڪاروبار ۾ گهڻي دست اندازي ڪندي هئي، سياسي قيدي آزاد ڪيا ويا، ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي بہ اجازت ملي تہ جلاوطني ختم ڪري پل واپس اچي، ۽ پوءِ سنت ئي هو صاحب مڪي شريف مان روانو ٿي اچي سنڌ ۾ پهتو. اڳ وڏيرن کي اسپيشل ماجسٽريٽيءَ جا پاور ڏنا ويندا هئا، جن جي آڌار تي هو پاڙي پنبي تي پنهنجو ڌاڪو ڄمايو ويٺا هوندا هئا، پر الله بخش مرحوم ان رسم کي بہ رد ڪري ڇڏيو، توڙي جو ايم. ايل. اي. وڏيرا ڪيتري عرصي تائين باڪارندا رهيا، نظر بظاهر، توڙي جو اهي چڱا ڪم الله بخش مرحوم هٿان ٿيا، پر اها ڳالهہ پڻ وسارڻ مناسب نہ ٿيندي تہ انهن قدمن کڻڻ لاءِ فضا تيار ڪرڻ ۾ وڏو هٿ جي.ايم. سيد جو هو.

الله بخش مرحوم جون بہ - ٽي طبعي خصوصيتون پڻ بلڪل نمايان هونديون هيون:

(1) ضروري ڳالهہ فقط پاڻ تائين محدود رکندو، پنهنجي اندر جو منجهہ ڪنهن کي بہ نہ ڏيندو، ۽ نہ وري سندس منهن مان ئي ڪا ڳالهہ بکندي.

(2) ڀروسو فقط پاڻ تي ڪندو. سندس خيال هوندو هو تہ هر ڪم چڱيءَ طرح سان، محض پاڻ ئي سرانجام ڪري سگهندو، نہ ڪو ٻيو. اهو ئي سبب هو جو هر عمل پنهنجي دماغ اندر محفوظ رکندو، نہ ڪنهن سان دلي حال

اوريندو ۽ نہ تقسيم عمل ئي ڪندو. منهنجو خيال آهي تہ مرحوم لاءِ اها خصوصيت سخت نقصانڪار ثابت ٿي. ليڊر لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجو وقت گهٽي ۾ گهٽ سوچڻ ۽ بنيادي اصولي ڳالهين بابت فيصلن ڪرڻ ۾ صرف ڪري، تعميل جو ڪم ٻين تي ڇڏي، ۽ ان مقصد لاءِ ڀهرين چڱن ماڻهن جي ڳولا ۾ چونڊ ڪري، ڪين پنهنجي چوگرد رکي. جنهن ليڊر دماغي ۽ جسماني ٻئي ڪم ڪرڻ پنهنجي ذمي ڪيا، سو ڪجهہ وقت ڪان پوءِ دماغي طرح ٿڪجي پوندو، غلطيون ڪندو، ڪنهن بہ طرف پوري پٺڀي ڪونہ سگهندو، ۽ نيٺ خاص پنهنجين ئي غلطين وگهي منجهي مرندو. الله بخش مرحوم جو اصول ان جي ابتڙ هو، هو هر ذمہ واري پنهنجي سر تي رکندو هو.

(3) اميد ۽ ڪاميابيءَ جو آسرو. هر چونڊ ۾ هر مقابلي ۾ اٿندو، تہ ان ارادي سان تہ ڪاميابي ضرور حاصل ٿيڻي آهي. اندر ۾ ڪيترين بہ ڪمزورين جو احساس هوندس، پر ساٿين ۽ ورڪرن تي اُهي ڪمزوريون هرگز ظاهر نہ ٿيڻ ڏيندو. پاڻ ڪين وڏا وڏا آسرا ڏيئي، آخري دم تائين مقابلي جي ميدان ۾ مڙيو ئي اڳتي وڌيو پيو هلندو. ان اصول تي ۽ اهڙي يقين ڪامل سان قدم کڻندي، ڪيترا ڀيرا ڪيس اهڙن معاملن ۾ ڪاميابيون حاصل ٿيون، جي ڀهرين ناممڪن نظر ٿي آيا. سندس اصول هو تہ شڪست پاڻ ڪڏهن بہ نہ ٻولجي، آخر ساعت تائين ڪوشش ڪبي اچجي، امڪان آهي تہ پنهنجي استقلال ۽ استقامت ڪري وقت گذرندي، حالتون ڦري پون، ۽ جا شي ڪنهن وقت ناممڪن نظر ايندي هجي، سا ممڪن ٿي پوي.

(4) سياست جي لاهن - چاڙهن سبب دلگير نہ ٿيندو. سياست ۾ ڪنهن وقت جاءِ نہ رهي يا شڪست آئي، تہ هڪدم پنهنجي خانگي ڪاروبار ۾ لڳي ويندو، ۽ عارضي طرح خوش رهندو: نہ دماغي توازن وڃائيندو، نہ رودن ڪندو، نہ بيصبر ۽ بيتاب ٿيندو، نہ ڪامياب مخالف جي قدمن تي ڪرندو، نہ مايوس ٿي ۽ هٿيار ڦٽا ڪري پاڻ کي ذليل ئي ڪندو. وقت جي ڪارفرمائيءَ ۾ وڏو ڀروسو هوندو هوس.

(5) هر مسئلي جي انگن اکرن ۽ بنيادي حقيقتن واري پهلوءَ تي خاص زور ڏيندو، جذباتي لُڙهي ۾ لُڙهندو. سندس تقرير ۾ نہ شاعري هوندي، نہ ادبي رنگ، نہ جذباتي ڇشڪو - انگ اکر، نلهي حقيقت، ۽ نيٺ منطق.

شڪل صورت جي معاملي ۾ مرحوم کي ڪا غير معمولي وجاهت حاصل ڪانہ هئي. قد مئترو، جسم هلڪو، رنگ ڪٽڪ وڻو، چهرو مستطيل، نڪ

ڊگهو، پيشاني ڪشادي، هٿ ۾ گهڻو ڪري پينسل رکندو، ۽ تقرير ڪندي به پينسل کي پيو آڱرين ۾ ڦيرائيندو. البت، اثر جي لحاظ سان سندس چهرو ڏسي، هر ماڻهو ڪيس باماڀي، وزندار ۽ اهم خيالن جو حامل سمجهندو. جو شخص هڪ دفعي سندس ويجهو آيو، سو گهڻو ڪري هميشه لاءِ ساڻس گڏيو هلندو. پاڻ به سنگتين ساٿين کان ڌار رهڻ پسند نه ڪندو. جيڏانهن ويندو، اڪيلو نه ويندو، هڪ - به ساٿي ضرور پاڻ سان گڏ ڪٽيو وتندو. سندس شخصيت ۾ يقيناً هڪ خاص قسم جي جاذبيت هوندي هئي.

## ڪريم بخش ٽانوري

جيڪڏهن ميان ڪريم بخش ٽانوريءَ جي وقتي مدد نه پهچيم ها ته منهنجي اخبار نويسي اُپڙي ئي ڪانه ها، ۽ آءٌ بطور اخبار نويس جي اسٽيج تي اچي ئي ڪونه سگهان ها.

سال 28 - 27 - 1926ع ۾، حنفي ۽ وهابي علمائن ۽ پيرن جي وچ ۾ سخت جهيڙو چڙي پيو هو. سڪون جا ڏينهن هئا، حڪومت انگريزن جي سپرد، انتظام سٺو، امن امان، ڪاڌي پيتي جي ڪا تڪليف ڪانه، ملڪ ۾ هر شي سهانگي ۽ عام، تنهنڪري مذهبي ۽ فرقيوارانه ڇيڙ ڇاڙ لاءِ وقت تمام موزون ٿي پيو. جيڪڏهن ستت ئي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ فساد شروع ٿي نه پون ها، ته مسلمانن جا اهي باهمي جهيڙا هوند ڪو وڏو خلم مچائين ها.

جن ڏينهن جو آءٌ قصو ڪري رهيو آهيان، انهن ڏينهن ۾ سنڌ جا علماءَ ۽ مذهبي رهبر ٻن پارٽين ۾ ورهائجي ويل هئا. هڪ پارٽي، يعني غير مقلد پارٽي، جي روح روان "الوحيد" اخبار هئي. مولانا دين محمد صاحب "وفائي" مرحوم ان جو ايڊيٽر هو. حنفين سان، جن کي جهيڙي جي زبان ۾ "بدعتي" سڏيو ٿي ويو، مولانا مرحوم جي ٻنهي ڪانه ٿي پيئي. سندس مددگار ٻيا به ڪيترا علماءَ هئا، جيڪي حنفين خلاف چوطرف وعظ ڪندا ٿي وتيا.

"الوحيد" جي مقابلي ۾، حنفي حضرات "الحنيف" نالي هڪ هفتيوار پرچو شڪارپور مان جاري ڪرايو. مرحوم مغفور حضرت پير آقا محمد حسن جان صاحب سرهندي (ٽنڊو سائينداد، ضلعو حيدرآباد) حنفي جماعت جا اڳواڻ هئا. انهن جي سرپرستيءَ هيٺ، "الحنيف" جو اجراءُ عمل ۾ آيو، ۽ ان مقصد لاءِ هڪ پريس به قائم ڪئي ويئي. ان پريس جو مئنيجر، ۽ "الحنيف" اخبار جو ايڊيٽر،

ميان ڪريم بخش ٽانوري ٻڌيو. پريس لاءِ نوشهري دروازي جي قريب عام رستي تي، هڪ خوبصورت ۽ وسيع عمارت هٿ ڪئي ويئي هئي.

آءٌ 1926ع ڌاري، "الراشد" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪري چڪو هوس، جنهن جا پهريان پرچا "سنڌ زميندار" پريس سکر مان ڇپارايا هوم.

"الراشد" ۾ وڏيرڪي سياست تي ڪڏهن ڪڏهن تکي نڪتچيني ٿيندي ٿي رهي، جنهنڪري "سنڌ زميندار" وارن وڏيڪ پرچن ڇاپڻ ڇاپڻ کان نابري واري. مون وٽ نه سرمايو هو ۽ نه پريس جو ڪو انتظام. سخت مونجهاري جي حالت ۾، ميان ڪريم بخش وٽ ويس، جنهن نهايت حوصلي سان نه فقط رسالي ڇاپڻ جو بار پاڻ تي کنيو، پر اوڌر ڪرڻ جو پڻ واعدو ڪيائين. ان کان پوءِ ڪيتري عرصي تائين "الراشد، "الحنيف" پريس مان ڇپبو رهيو، ۽ ميان ڪريم بخش ڪڏهن به مون سان حساب ڪونه ڪيو.

ڪريم بخش جي نيڪ نفسي ۽ سير چشمي بيمثال هئي. ان زماني جا پريسن ۽ اخبارن وارا سخت لالچي هوندا هئا. پر ميان ڪريم بخش قلندر مزاج هو. پئسو ملي يا نه، بل جي رقم ادا ٿئي يا مورڳو بل نڪري ئي نه، پر ڪم مڙيو ئي هلندو رهي. رسالي ڇاپڻ سان گڏ مهمان نوازيءَ جا مراسم پڻ ادا ڪندو ٿي رهيو. هڪ ڪمرو خاص منهنجي رهڻ لاءِ رزرو ڪري ڇڏيائين. شام جو ٽانگي ۾ ويهاري، لکي جو سير به ڪرائيندو رهيو.

پاڻ پريس ۾ اچڻ کان اڳ ڪجهه وقت ماستري به ڪري چڪو هو. پر سندس طبيعت تي ماستريءَ ڪو اثر ڪونه ڇڏيو هو. زندگيءَ اندر ڪيترن ماسترن سان منهنجو واسطو پئي پيو آهي. مون هميشه هي ڏٺو آهي ته هڪ دفعي ماستري ڪرڻ بعد ماٺو سموريءَ انسانذات کي شاگرد، ۽ تنهنڪري عقل ۽ علم ۾ پاڻ کان گهٽ سمجهڻ لڳي ٿو. ساڳئي وقت، طبيعت جي نسخي ۾ ڪجهه آميزش، غرور ۽ دماغي خشڪيءَ جي پڻ ٿيو وڃي. پر ميان ڪريم بخش جي حالت ۾ ماستري ائين گذري ويل هئي، جيئن مرغابيءَ جي پرن تان پاڻي.

"الراشد" جي بند ٿيڻ کان پوءِ، ميان ڪريم بخش به پريس جو ڪاروبار ڇڏي وڃي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو، ۽ وري اخبار نويسيءَ جو نالو نه ورتائين. خوشقسمتيءَ سان اجا تائين بقيد حيات آهي. عيد برات ٿئي ته هميشه مبارڪباد جو ڪارڊ موڪليندو رهي ٿو. وضعداري آهي، ۽ نيباهه جو اٿاهه انگ.

# جيڪب آباد

شڪارپور تائين پهتا آهيون ته وڏيڪ پنجاهه ميلن جو سفر ڪري، جيڪب آباد تي به هڪ نظر ڪندا هلون ته بهتر ٿيندو.

جيڪب آباد؟ "ييڪمباد"، يا "جيڪماباد"، جيئن به سڏيوس، لڪاپتي وڏيرن جو مرڪز، خانن ۽ سردارن جو ڳڙهه، پروچن جي تهذيب جو ميوزم، اٺويهين صدي واريءَ سنڌ جي مُنجندڙ آخري تصوير، ۽ سرڪاري ڪامورن لاءِ "سٽيو نڪر"!

زماني جي انقلابن ڪان الله بچائيس، ڪيترين ئي خصوصيتن جو حامل شهر آهي، ۽ گهٽين ئي ڳالهين ۾ پنهنجو مثال پاڻ.

جنهن به ڪاموري جي بدلي جيڪب آباد ضلعي ڏانهن ٿيندي هئي، ته ائين سمجهيو ويندو هو ته چڻ ڪنوار ڪي ونواهه ڪائڻ جو وجهه مليو. پير پير تي پئسو - ننڍو موقعو هجي يا وڏو، پر مهماني ضرور ملندي، سردار يا وڏيري ڪي اوستائين آرام نه ايندو، جيستائين نئين آيل ڪاموري وٽانئس مهمانيون ونڻ شروع نه ڪيون آهن. وڏيون زمينداريون، اٿاهه آباديون، اڪيچار آمدنيون، پوءِ وڏيرا پئسو ڪپائين ته ڇا تي؟ نه علم، نه نئين روشني، نه ٻاهرينءَ دنيا جي گهٽي پروڙ، ۽ نه دولت جي صحيح مصرف متعلق ڪا پروڙ - پوءِ دولت صرف ٿئي ته ڇا تي؟ يا جهيڙن فسادن ۽ مقدمن تي، يا لوڪلبورڊ ۽ ميونسپل جي چونڊن تي، يا ڪامورن ۽ آفيسرن جي خوشامد تي، يا ٻلن گهوڙن ۽ موٽرن تي، يا سينڌين ۽ سريتن تي. پاڻ ڪي نصيب هوندن، پهرڻ لاءِ ڏورئي جو ڊگهو پيراهن، محمودي جي سٿڻ، ۽ ململ جي وڏي پڳ. ڪائڻ لاءِ گوشت جو ٻوڙ ۽ ٿلهو ڊڳڙ، تن جي مٿان لسيءَ ۽ جهاري جو وٽو. گوشت پيل چانور، جن تي پلاءَ جو الزام هوندو، سي محض عيد برات ڏينهن. رهڻ لاءِ معمولي اوطاق، جنهن ۾ ڪٿون پيل هونديون. ڪائيندا ته هڏا فرش تي پکيڙيندا ويندا. واندڪائي هوندن ته چوڌطرف پٽين ۽ زمينن ڪي ٽڪن ۽ بلغم سان پيا چِٽيندا. زمينداريءَ جو ڪاروبار هندو مودين جي حوالي، جو پئسو ايندو، سو جهيڙن جي سپرد يا عملدارن جي کيسن ۾. سرڪاري ڍلن ڏيڻ جو وقت ايندو، ته يا رپئي تي چار آنا درماهي وياج سان هندو شاهوڪارن ڪان قرض ورتو ويندو، يا روپيو

عملدارن کي رشوتون ڏيئي ڪانئن مهلت جي درخواست منظور ڪرائي ويندي. هر سال، ان قرض وڳهي، ڪجھ نہ ڪجھ ايراضي ضرور "قطعي ڪرو" ٿيندي رهندي. جيڪڏهن پاڪستان نہ اچي ها، ۽ هندو شاهوڪار هندستان ڏانهن ڀڄي نہ وڃن ها، تہ هيل تائين جيڪب آباد جي گھڻن وڏيرن جون زمينون هندن جي ڪاتن تي چڙهيل نظر اچن ها.

جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر حد جي وڏيرن ۽ سردارن لاءِ شمع جي حيثيت رکندو، جنهن جي چوگرد هي پروانا شب روز پيا چڪر ڪاٽيندا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ان شمع وٽهي سڙندا پرندا بہ پيا.

سمائٽ نالي هڪ نانءَ ڪنيو ڊپٽي ڪمشنر هوندو هو. سالن جا سال جيڪب آباد جي گردن تي چڙهيو رهيو. ڪرڙو، ۽ ڪاوڙيل. سندس ڏينهن ۾ سردارن ۽ وڏيرن جا ور نڪتا پيا هوندا هئا.

سندس پنهنجي ذات اقدس تہ بحث کان بالا، پر سندس حوالدار ئي هڪ خود مختار حاڪم جي پيو ڏک ڏيندو هو: ڊپٽي ڪمشنر صاحب جو شريڪ حال، زبردست ڪامورن لاءِ ڪال، وڏيرن واسطي وبال، ضلعي جي ساري ٻَڌي، چوڙي ان حوالدار صاحب جي حوالي هوندي هئي. ملاقاتي سردار ۽ وڏيرا، ڪهڙي آرڊر ۾ ڊپٽي ڪمشنر صاحب اڳيان پيش ٿين، تنهن جو فيصلو سندن سپرد، ڪلاسن ۽ درجن پيرين پيو ڪم هلندو. سٺيا، ستابا، سترا، سي ورانڊي ۾، ۽ پهرئين پتڻ پيش. "بن ريين سلاميءَ" وارن کي ٻاهرينءَ ڪنڊيءَ جي پاڇي ۾ پگهر سڪائڻو پوندو. رهي عام مخلوق خدا جي، سا قطعاً ڪمپائونڊ کان آئوٽ!

هر سال، سياري جي موسم ۾، گھوڙن جو ميلو لڳندو هو. ميلو ڇا هوندو هو، عملداري ۽ وڏيري دنيا جو "ورائٽي شو". ظاهري مقصد تہ گھوڙن جي گوءِ ۽ سنن گھوڙن جي مالڪن ۾ انعامن جي تقسيم، جيئن گھوڙن جي "پاپوليشن" وڌي ۽ منجهس ماڻهن جي دلچسپي پيدا ٿئي، پر حقيقي مطلب هوندو عملدارن جو جشن نوروز. مير محفل ٿيندو سنڌ جو ڪمشنر. شموليت لاءِ ايندا ساريءَ سنڌ جا ڪليڪٽر، ڪپتان ۽ ٻيا آفيسر. درٻاريون، مهمانيون، ڊنريون، پارٽيون، ڪن کي انعام تہ ڪن تي الزام. جن تي "راءِ" راضي، تن جي جھوليءَ چنڊ جھليو. جن کان پرين پاسيرا، تن جا ٻہ ٻہ ويا تہ ٻارهن بہ ويا. وڏيرڪيون

اوطاقون مهمانن سان ٽمٽار هونديون. ڇيلا پيا ڪُسندا، ديڳڙن پويان ديڳڙا پيا دمبا. وڏيرن جا لامارا عملدارن جي بنگلن ٻاهران، باقي خلق، ڏينهن جو پڙيءَ ۾، ڏئي ٻرئي ڏو ڇڪلي ۾!

ضلعي جي پبلڪ قومن يا ذاتين پيرين ورهايل هوندي هئي، ۽ هر ذات يا قوم کي پنهنجو سردار هوندو هو. سردار پنهنجيءَ قوم اندر، ساري سياهه ۽ سفيد جو مالڪ ۽ مختار هوندو هو- جنهن کي ٻـَڌائي، جنهن کي ڇوڙائي: ڪنهن کي بنهه مارائي ڇڏي، تہ بہ ٻڙڪ ٻاهر نہ نڪرندي. چورين، ڌاڙن، سياهڪارين، بلڪ خونن تائين فيصلا سردار جي ڪٽ سامهون ٿيندا.

ان سرشتي کي وقت جي حڪومت جي سرپرستي پڻ حاصل هوندي هئي. جيڪب آباد ضلعي سان هڪ خاص قانون لاڳو ڪيل هو، جنهن کي "سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن" سڏيو ويندو هو. اهو قانون انگريزن پنهنجي آمد جي اوائلي ڏينهن ۾ ناهيو هو، جڏهن اجا انهن علائقن ۾ بغاوت ۽ ڏوهن جو ٻج باقي هو. ان قانون پٽاندر، ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي بنا مقدمي هلائي، ۽ بنا ڪنهن بہ سبب ٻڌائي، جيل ۾ رکي سگهبو هو. ساڳئي قانون هيٺ، مقامي سردارن جا جرگا قائم ڪيا ويندا هئا. اهي جرگا خانگي ڏوهن جي جاچ ڪري، ڊپٽي ڪمشنر کي سفارش ڪندا هئا تہ ملزم کي سزا ڏجي يا آزاد ڪجي، ۽ جيڪڏهن سزا ڏجي تہ ڪيتري. جرگا بہ ٻن قسمن جا هوندا هئا: لوڪل جرگا، ۽ شاهي جرگا. لوڪل جرگا معمولي ۽ آسان قسم جا معاملا فيصل ڪندا هئا. اهم مقدما شاهي جرگن اڳيان ويندا هئا. جرگن جا ميمبر ڊپٽي ڪمشنر مقرر ڪندو هو، ۽ گهڻو ڪري قومي سردارن منجهان.

سردار شير محمد خان بجاراڻي، ضلعي جيڪب آباد جي مکيہ سردارن منجهان هڪ هو. ملڪ کي آئيني سڌارا مليا، تہ جيڪب آباد ضلعي طرفان شير محمد خان ئي بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊبو ٿي رهيو. سندس اثر، اقتدار ۽ دولت جو شُهرو ايتريقدر هو، جو ڪنهن بہ همعصر کي چونڊ ۾ سندس مقابلي ڪرڻ جو حوصلو ڪونہ ٿيندو هو.

هڪ دفعي ٻہ - ٽي يورپي آفيسر (ڪرڪ، سکر جو سيشن جج، ۽ ٽانٽن، جو ان وقت اجا اسسٽنٽ ڪليڪٽر هو ۽ پوءِ سنڌ جو چيف سيڪريٽري ۽ ڪمشنر بہ بڻيو) شڪار ڪري واپس ٿي وريا. رستي ۾ ڪنهن نامعلوم

شخص سنڌن موٽر تي گولي ڇوڙي. گوليءَ جو ڌڪ تہ ڪنهن کي بہ ڪونہ لڳو. پر گوليءَ جو فقط ڇڻڻ ئي سرڪاري رعب لاءِ ڪافي چئلينج جو سبب بڻجي پيو. ساري جيڪب آباد ضلعي اندر ترٿلو مچي ويو. هر طرح سان جاچ ڪئي ويئي، پر اصلي ڏوهاريءَ جو ڪو پتو پئجي ڪونہ سگهيو. آخر سرڪاري سومان ۽ دٻدٻي کي برقرار رکڻ خاطر، فيصلو ڪيو ويو تہ ان ضلعي جي مکيہ مان مکيہ ماڻهوءَ، يعني سردار شير محمد خان، کي "فرنٽيئر ريگيوليشن" هيٺ گرفتار ڪري، ڪجهہ ڏينهن لاءِ جيل ۾ رکيو وڃي، جيئن عام ماڻهو سمجهن تہ انگريز جي فيل مستي اڃا بدستور قائم آهي. هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو، شير محمد خان کي گرفتار ڪري، سکر جيل ڏانهن اماڻي ڇڏيائون، ۽ "فرنٽيئر ريگيوليشن" هيٺ! وڏيءَ ڪوشش ۽ گهڻيءَ آزيءَ نيزاريءَ بعد وڃي سردار صاحب تان اهو ڪشٽ لٿو، ۽ پاڻ آزاد ٿيو.

جن ڏينهن جو آءٌ ذڪر ڪري رهيو آهيان، انهن ڏينهن تائين اڃا جيڪب آباد ضلعي اندر سنڌ جي پراڻين اخلاقي صلاحيتن جي ڪا نہ ڪا جهلڪ، ڪڏهن ڪڏهن ضرور ڏسڻ ۾ ايندي هئي. مثلاً، سردارن جي ليول کان هيٺ لهي، عام ماڻهن تي نظر ڪبي هئي تہ معلوم ٿيندو هو تہ منجهن دوستي، وفاداري ۽ واعدي وفائيءَ جي بوءِ اڃا تائين باقي آهي: قسم ساک ڪنيائون تہ ان تي قائم رهندا هئا، دوستيءَ جو پيچ پاتائون تہ بيوفائي نہ ڪندا، احسان ڪبن تہ وسرندن ڪونہ، واعدو ڪيائون تہ وس پڄي ان کي نباهيندا، سام جهليائون تہ سر تائين ڏيئي ڇڪندا، مهمان يا مسافر در پيهي آيو تہ پاڻ بک تي ويهي رهندا، پر ان جي خاطر تواضع ۾ گهٽتائي نہ ڪندا، پير فقير جو لحاظ هون، سيد ميڙ ٿي آيو تہ خون بہ بخشي ڇڏيندا، الله تعاليٰ جي نانءَ تي سر قربان ڪرڻ ۾ دريغ نہ ڪندا، چور هوندا، تہ بہ سيد، فقير، رن جوءِ، نياڻيءَ ۽ پاڙي جي تڏي کان ضرور ٽري لنگهندا، غيرت جي معاملن ۾ مارڻ ۽ مرڻ، ٻنهي لاءِ هر وقت تيار.

## سردار شير محمد خان بجاراڻي

شير محمد خان مرحوم جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. منهنجي ساڻس واقفيت هوندي هئي. شڪل شباهت ۾ وڏي وقار جو ڌڻي هو. ڊگهو قد، ڇرڪ جسم، ڏاڙهي وڏي ٻروچڪي، خوش لباس، هٿ جو ڪشادو، زنده دل، مهمان نواز، سنجيدو، حوصلي ۽ همت جو صاحب. ورهين جا ورهيہ بمبئيءَ ڪائونسل

جو ميمبر ٿي رهيو. ووٽ هميشه سرڪار کي ڏيندو هو ، پر سچ ڪڏهن ڪڏهن سرڪار کي بہ چٽي ڏيندو هو. سنڌ جدا ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبريءَ لاءِ اميدوار بيٺو. پر ڪانگريس اميدوار، مسٽر محمد امين کوسي هٿان شڪست کاڌائين. ڪيس شڪست ڪارائڻ ۾ ڪجهہ قدر مون ۽ منهنجي ڀاءُ حسام الدين جو بہ هٿ هو.

## مسٽر محمد امين خان کوسو

جيڪب آباد جي کوسا قوم جو فرد هو. عليڳڙهہ مان بي.اي.، ايل.ايل. بي. ٿي، مولانا محمد عليءَ جي سوانح تي ڪتاب لکي، سنڌ ۾ موٽي اچڻ تي هڪدم سياست ۾ ڪاهي پيو. اليڪشن ۾ سردار شير محمد خان بجاراڻي مرحوم سان مقابلو ٿيس، جنهن کي شڪست ڏنائين. سنڌ اجا هاڻ جدا ٿي هئي، ماڻهن ۾ نيون اميدون ۽ نوان ولولا هئا. شير محمد خان مرحوم، جو پنجويهن سالن کان ساڳيءَ حد مان چونڊبو ٿي آيو، سو هن دفعي انهن ولولن جي لڙهہ ۾ لڙهي ويو. ماڻهن سمجهيو ٿي تہ نئون زمانو آيو آهي، تنهنڪري نون ماڻهن چونڊڻ سان پراڻي دور جو خاتمو ڪري سگهبو. ووٽر گهٽو ڪري اڻپڙهيل ڳوناٺا ڀروچ هئا، پراڻي دور جي دستورن ۽ سختين جا ستايل هئا، ۽ ايترو شعور هون تہ جيڪڏهن ووٽ جي ٽُڪري ڏيڻ سان هميشہ لاءِ جيءُ ان جنجال مان ڇٽي سگهي تہ وڃ جون پلڪارون گهڙي پلڪ برداشت ڪري وڃن. محمد امين خان کي وڏي تعداد ۾ ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪيائون. اڳتي هلي سندن اميدون پوريون ٿيون يا نہ، سو بعد جي تاريخ ڏسڻ سان معلوم ٿيندو. سنڌ جدا ٿيڻ کان پوءِ، محمد امين خان ٿي پهريون ۽ پويون مسلمان هو. جو ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو.

اسيمبليءَ اندر محمد امين خان، خانبهادر الله بخش مرحوم جي گروپ سان ڳنڍيل رهيو. ماحول وسيلن ۽ ذريعن جي خيال کان، سندس سياسي پروگرامن ۽ خيالن جي پڪيڙ قدري حد کان وڌيل رهي، جنهنڪري صوبائي حالات تي گهٽو اثر پيدا ڪري نہ سگهيو. ڪانگريس پارٽي سندس اسلامي رجحان، مسلماني شڪل شباهت ۽ گفتگو جي نياري انداز ڪري، ڪانئس مشڪوڪ رهي. مرحوم الله بخش سندس ووٽ کان تہ مستفيد ٿيندو رهيو، پر سندس خيالات کان بنهہ نہ. مسلم ليگين سان تہ نہ سندس ڀيل هئي، نہ مسلم ليگين جي ساڻس.

طبيعت جي اهڙيءَ آزاديءَ ۽ خيالن جي ايتريءَ بلنديءَ سبب، ڪجهه عرصي بعد، محمد امين خان پنهنجن سمورن همعصرن کي پوئتي ڇڏي وڃي اهڙي مقام معليٰ تي پهتو، جت پهچي ڪنهن به بشر جو پير ڪونه هو، ۽ پاڻ اڪيلو ئي اڪيلو رهجي ويو. اڪيلائيءَ جي احساس طبيعت ۾ وڌيڪ سختي پيدا ڪيس، ۽ جڏهن ڏنائين تي ته زمين تي رهندڙ محدود علم ۽ محدود شعور رکندڙ انسان سندس اهڙي اعليٰ پيغام جو ڪو قدر ڪونه ڪري رهيا آهن، تڏهن جلالي ڪيفيت ۾ اچي تي ويو. اسيمبليءَ جي عين ايوان اندر ڪن ميمبرن کي سندن ٽائين مان جهلي گهونسا هٽي ڪڍيائين. اوستي محمد جي پبلڪ ميٽنگ ۾ سندس تقرير هلندي اسٽيج تي حملو ٿيو. ڪجهه عرصي تائين ته ڏوڙ - ڏڪاءُ هو. پوليس جي دخل اندازيءَ بعد جڏهن سڪون پيدا ٿيو، ته ڏٺو ويو ته خود محمد امين خان جي پيشانيءَ مان خون جا قطرا ڪِري رهيا هئا. هڪ عاشقانه سُنت هئي، جا ان طرح پوري ته ٿي، پر سندس سياسي حالتن ۽ انساني لحظن تي ان ڪان پوءِ به ڪو اثر پيدا ڪونه ٿيو. سال - ٻن کان پوءِ مرحوم الله بخش خان شهيد ٿيو، جنهنڪري محمد امين خان جي تنهائي پاڻ وڌيڪ شدت ۽ وڌيڪ سنگيني اختيار ڪئي.

1945-46ع وارين عام اسيمبلي چونڊن ۾ محمد امين خان ناڪامياب ٿيو. 1947ع ۾ پاڪستان آيو، ۽ ڪانگريسي سورما مورڳو ملڪ ڇڏي ويا. نه رهيو اڳوڻو "وايو منڊل" نه رهيا اڳوڻا ساٿي.

و ان قدح بشڪست، و ان ساقي نماند.

## سردار عبدالرحيم خان کوسو

کوسن جي قوم جيڪب آباد ضلعي اندر چڱي انداز ۾ پکڙيل آهي. منجهس زميندارن ۽ مالدارن جو تعداد پڻ ڪافي آهي. سردار عبدالرحيم خان، جنهن کي برٽش سرڪار "سردار بهادر" جو خطاب به ڏنو، ان قوم جو اڳواڻ هو. پنهنجن همعصرن اندر اخلاقي طرح، سندس مقام تمام اوچو هو. ڪيترين خصوصيتن سبب ماڻهو سندس ڏاڍي عزت ڪندا هئا. مثلاً ڪوڙو واعدو هرگز نه ڪندو هو، ۽ ان ڪري "عبدالرحيم خان جو واعدو" ضرب المثل بڻجي پيو. ڪوڙ پڻ نه ڳالهائيندو. راءِ ڏيڻ ۾ منافقيءَ کان ڪم نه وٺندو. جنهن شخص لاءِ چڱي راءِ ٿيس، ان جو پاسو هرگز نه ڇڏيندو. پارٽيبازيءَ کان پري رهندو، پر

جنهن بہ پارٽيءَ طرف هڪ دفعو لاڙو ٿيس تہ ان سان پڇاڙيءَ تائين گڏيو هلندو. سر غلام حسين سان دوستي هيس ۽ ان کي چڱو ماڻهو سمجهندو هو. پڇاڙيءَ تائين سندس ساٿ نہ ڇڏيائين. ڪامورن جي دروازن تي ڌڪا نہ کائيندو، نہ ڪين رشوتون کارائيندو. پنهنجي عزت ۽ پنهنجو وقار رکي ڄاڻندو هو. پنهنجي ڳوٺ اندر، بنگلي جي چوڌاري وڏو ڪوٽ ڪڍائي ڇڏيو هئائين. آيو ويو ڪوٽ جي ٻاهران هوندو، اندر اچڻ جي اجازت ڪوشش سان ميسر ٿينديس. اڻ وڻندڙ ۽ غلط ماڻهن جو منهن ڏسڻ پسند نہ ڪندو هو. جنهن بہ ملاقاتيءَ کي هڪدم ملاقات جو موقعو ڏنائين، تنهن لاءِ اها ڳالهہ باعث امتياز سمجهي ويندي هئي. اسيمبلي يا ڪائونسل جي ميمبريءَ لاءِ ڪڏهن بہ اميدوار نہ بڻيو، حالانڪ سندس اثر ڪافي هو. سبب هيءُ هو تہ ووٽ گهرڻ پنهنجي وقار ۽ خودداريءَ جي منافي ٿي سمجهيائين. البت ضلعي لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽي سا ورهين تائين سندس حوالي رهي، ۽ ان سلسلي ۾ ڪڏهن بہ سختيءَ سان سندس مقابلو ڪونہ ٿيو.

شڪار ۽ هٿيارن گڏ ڪرڻ جو بيحد شوق هوس. پنهنجو اڪثر وقت شڪار پٺيان ئي صرف ڪندو هو. نشانيبازيءَ ۾ يڪتا هو. چوندا هئا تہ پڇندڙ گهوڙيءَ جي پٺيءَ تان اڏامندڙ تتر ماريندو هو. ممڪن آهي تہ ان ۾ ڪجهہ مبالغو بہ هجي، پر اها ڳالهہ صحيح آهي تہ سندس هٿ غير معمولي طرح سڌو هو. جڏهن سندس انتقال ٿيو تہ وٽانئس سوَن جي تعداد ۾ بندوقون، هزارن جي تعداد ۾ ڪارتوس، بيشمار چاقو، ۽ اڪيچار ٻيو شڪاري سامان نڪتو. اولاد ڪونہ هوس. سندس جاءِ نشينيءَ تي جهيڙو ٿي پيو. الله تعاليٰ ڪٿي عملدارن جي ٻڌي، اهو سارو سامان لحظي ۾ تتر بتر ڪري ڇڏيائون.

مون تي مهربان هوندو هو. ٻہ - ٽي دفعا منهنجي ساڻس ملاقات ٿي. ڪڻ تي پلٽي ماري ويهندو هو. بت ۾ وزني هوندو هو. مٿي جا وار وڏا، ڏاڙهي نہ بي تحاشا وڏي ۽ نہ بلوچڪي اصول خلاف ننڍي. مٿي تي اڇي پڳ، جسم تي پيراهن يا قميص، هيٺتي چوتختي محمودي جي سلوار، پير ۾ نرم سنڌي جُتي، ڏِسڻيءَ خواهہ اُٿڻيءَ ويهڻيءَ ۾ حشمت ۽ وقار. پنجاهہ - پنجونجاهہ ورهين جي عمر ۾ انتقال ٿيس.

# خانبهادر دلمراد خان کوسو

مردن ۾ مرد، سخن جو سچار، دوستيءَ خواهہ دشمنيءَ ۾ پُختو، سخت عزت پسند، بي تحاشا خرچائو، آرام طلبيءَ کان ڏور، سختيءَ ۽ مشقت کي زندگيءَ جا لوازمات سمجهندڙ. خانبهادر دلمراد جي معيار جو بيو ماڻهو، منهنجي سانپر اندر، مون کي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. بلوچي روايتون متس اچي ختم ٿي ويون، گويا سندس موت انهن روايتن جو موت هو.

کوسن جو سردار نہ هو، پر کوسن اندر سندس وقار ۽ هلندي کوسا سردار کان گهٽ ڪانہ هوندي هئي. جيڪب آباد ميونسپل جي اليڪشن ۾ پريزيڊنٽيءَ لاءِ اميدوار بيٺو. وقت جي وڏي کان وڏي سرمائيدار سان مقابلو هوس. چاڻن جي راءِ هئي تہ سنڌ جي تاريخ اندر نہ ان کان اڳ ۽ نہ ان کان پوءِ ڪنهن بہ چونڊ تي ايڏو خرچ ٿيو. فقط هڪ هندو مختيارڪار پنهنجي ووٽ جي قيمت ٽيهہ هزار رپيا ورتي! ان وقت جي في رپئي جي قيمت، اڄوڪي رپئي کان ڏهہ حصا وڌيڪ هوندي هئي.

انهن ئي اليڪشني مقابلن جي سلسلي ۾، جيڪب آباد جا هندو سندس مخالف ٿي پيا. هڪ شام جو ڪو نامعلوم مسلمان بندوق کڻي شهر اندر ڪاهي پيو. اٺن - ڏهن هندن کي خون ڪري وڃي ٻاهر نڪتو. ساريءَ سنڌ اندر ٽرٽلو مچي ويو. اُهي ڏينهن هندو قوم جي وڏي وقار ۽ زور جا هئا. اهو ئي پهريون واقعو ٿيو، جنهن ۾ قومي منافرت جي بنياد تي هڪ مسلمان هٿان هندو مئا. ان کان پوءِ تہ گهڻا ئي فساد ٿيا، جن ۾ هندن مسلمانن هڪٻئي کي دل کولي ماريو، پر جيڪب آباد وارو حادثو ان قسم جو اچا پهريون حادثو هو، تنهنڪري اُن جي اهميت انداز کان ٻاهر هئي. ان زماني جي ڪن هندو اڳواڻن جو اهو دستور هوندو هو تہ اهڙن معاملن ۾، اصل ڏوهاري هٿ اچي يا نہ، پر مسلمانن مان ڪنهن نہ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي ضرور جيل ۾ وجهرائين، جيئن سندن ڌاڪو ويهي. جيڪب آباد واري حادثي جي سلسلي ۾، جڙتو شاهديون ڏيارائي، خانبهادر دلمراد خان، مرحوم مغفور حڪيم قائم الدين ۽ اٺن ٻين مسلمانن کي خوني سازش واري قلم هيٺ گرفتار ڪرائي ڪورٽ اڳيان رجوع ڪرايائون. عام طرح اهڙن مقدمن ۾ مسلمان قوم مسلمان "ملزمن" جي مدد

ڪندي هئي، ۽ هندو قوم هندو فريادين جي پاران، پنهنجيءَ دولت ۽ وڪالت جي زور تي پرڻجي پوندي هئي، پر هن مقدمي هلندي مسلمان قوم پنهنجن مظلوم ڀائرن جي ڪا مدد ڪانہ ڪئي. اڪيون ٻوٽي، پري ڪان تماشو ڏسندي رهي. نہ فقط ايترو، پر دلمراد خان جي ڪن مسلمان سياسي مخالفن پاڻ هندن جي امداد فرمائي. برعڪس ان جي، سنڌ جي نڍي وڏي هندوءَ، هندن پاران، ان مقدمي ۾ گهڻي دلچسپي ورتي، ۽ سمجهيو ائين ٿي ويو تہ ان چڪر مان دلمراد خان جو بچڻ نڪرڻ محال آهي. پر دلمراد خان پاڻ همٿ نہ هاري، نہ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽي ڊگهو ڪيائين. مقدمي جو سارو بار پنهنجي سر تي کڻي بيهي رهيو. سندس پاران سر محمد شفيع مرحوم، لاهور وارو، وڪالت ڪرڻ لاءِ آيو. شايد پندرهن سؤ رپيا في روز فيءَ سان. سکر جي سيشن ڪورٽ اڳيان ڪيس هليو. اهو ٽي پهريون ۽ آخري موقعو هو جو مون سر محمد شفيع جي صورت ڏٺي. انهن ڏينهن ۾ مسٽر جناح پڻ سکر ۾ آيل هو، پير صاحب پاڳاري جي پهرئين ڪيس جي سلسلي ۾. مون پهريون دفعو مسٽر جناح سان پڻ ان موقعي تي ئي ملاقات ڪئي. پاڻ ٺڪر تي، پاٽيءَ واري ٽانڪيءَ جي پير واري بنگلي ۾ (جو ان وقت سرڪٽ هائوس طور ڪتب ايندو هو) رهيو ٿي. سر شفيع جي رهائش مير خيرپور جي بنگلي ۾ هئي، جو واٽر ورڪس ۽ پوليس ڪپتان جي بنگلن جي وچ ۾ هوندو هو.

مون کي هينئر چٽائيءَ سان ياد نہ آهي، پر ڪنهن ڳالهہ جي سلسلي ۾ آءٌ سر شفيع سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ويس. گرميءَ جا ڏينهن هئا، پاڻ چينا سلڪ جو تازو استري ٿيل سفيد سوٽ پهريو، ڊرائينگ روم جي وچ ۾ ويٺو هو. ارد گرد بيا ماڻهو بہ هئس. سندس مٿو وارن کان خالي، منهن گول، چهري جا خط ۽ خال تُلها، قد اوچو، ڏاڙهي مڇون ڪلين شيو. مون سندس خدمت ۾ احوال پيش ڪيو، پر پاڻ گهڻو توجهہ ڏيئي نہ سگهيو. ڪيس جو ڪم هوس، ۽ ان اپرانڌ، خانبهادر دلمراد خان وٽان بہ ان ڏينهن جي فيءَ جا پئسا اجا تائين ڪين آيل هئا. فضا قدري ثقيل هئي.

دلمراد خان جو ڪيس ڪاميابيءَ سان ختم ٿيو. ڪورٽ ڪيس ۽ ٻين سمورن مسلمان ملزمن کي بيقصور ٺهرائي باعزت آزاد ڪيو. مالي ڏڌڪو ضرور دلمراد خان کي پهتو، پر دل جو ڏڌڪو سندس مخالفن کي بہ سهڻو پيو.

مرحوم، ڊسٽي وائسٽيءَ ۾ سؤ في صدي ٻروچ هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ لباس وغيره جي معاملن ۾ نئون فيشن جيڪب آباد تائين پهچي چڪو هو. سردارن جي نئين پوش، ٻروچڪا جوتا ڦٽا ڪري، انگريزي شُوز پهرڻ شروع ڪيا هئا. موڪري پيراهن جي جاءِ انگريزي طرز جي قميص ڪي حاصل ٿي چڪي هئي. ٻروچڪي پراڻي وڏي اڇي گول پڳ جي جاءِ تي مشهدي لنگيون اڇي ويون هيون، يا ڪلف لڳل پٽڪا - نندا، پر ٺرا آيا. قميص جي ٻاهران اڳ نديون صدريون پهريون وينديون هيون، پر هينئر ڊگها فراڪ ڪوٽ مروج ٿي چڪا هئا. مڪمل انگريزي سوٽ - ڪوٽ پهريندي اجا بہ سردارن کي خوف پئي محسوس ٿيو، ڇو تہ ان مان انگريز حاڪمن سان همسريءَ جي بوءِ اچڻ جو خطرو هو. ساري جيڪب آباد ضلعي اندر، انهن ڏينهن ۾، فقط هڪ نوجوان انگريزي خوان هو، جنهن مڪمل طرح سان انگريزي فيشن جي زندگي اختيار ڪئي. ۽ اهو هو مسٽر محمد پناهہ خان اڊو، جنهن جو مفصل ذڪر ٻيءَ جاءِ تي ايندو.

بهرحال، نئينءَ ۽ پراڻيءَ تهذيب جي انهن سارن تصادمن جي باوجود، خانبهادر دلمراد خان پنهنجي رهڻي ڪرڻيءَ جي معاملي ۾ ڪو بہ نئون اثر قبول ڪونہ ڪيو.

## سردار بهادر صحبت خان گولو

مون ڪونہ ڏٺو، پر سندس نالو ۽ سندس روايتون گهڻيون ٻڌم. امير ڪبير هو. صحبت پور (بلوچستان) ۾ رهائش هيس، پر تعلق جيڪب آباد سان اوترو ئي هوس، جيترو ڪنهن بہ ضلعي جي رهاڪو امير جو. اڪيچار دولت جو صاحب ليکيو ويندو هو. هٿ جو پڻ ڏاڍو ڪشادو هو. خير جي ڪمن ۾ خوب پئسو ڏيندو هو. ڪاموري عالم جو تہ "ان داتا" هو. جيڪو بہ عملدار سندس حد تي مقرر ٿي ايندو، ان جي مهماني معين ٿيندي - ۽ اها مهماني ان عملدار جي مرندي گهڙيءَ تائين قائم رهندي، پوءِ توڙي جي هو بدلي ٿي وڃي يا پينشن وٺي هليو وڃي. ماني گهڻو ڪري ٻئي ڪنهن وٽ بہ نہ کائيندو. جيڏانهن ويندو، پنهنجو بورچيخانو ساڻ وٺيو ويندو. اوهان جو خاص دوست هوندو تہ اوطاق اوهان جيءَ ۾ رهندو، پر ماني پنهنجي ٺهرائيندو. سبب اهو ڇوڻ ۾ ايندو هو تہ هو ڪنهن بہ ٻئي شخص جو نمڪ کائڻ پسند نہ ڪندو هو، ڇو تہ هڪ دفعي نمڪ کائڻ ڪري، ٻروچڪي دستور موجب، ساريءَ عمر لاءِ

ذميواريون متانئس عائد ٿي ٿي ويون. ۽ انهن ذميوارين کان هو بچڻ جي ڪوشش پيو ڪندو هو.

سردار بهادر جيڏانهن ويندو، نوڪرن چاڪرن، منشين مڙن جو وڏو انالو ساڻ ڪنيو ويندو. سندس جاءِ رهائش تي خاصو ميلو لڳي ويندو. اهو پڻ پراڻو دستور هوندو هو. امير ڪيڏانهن بہ اڪيلا نہ ويندا هئا. نوڪر ٽورا ٿي پوندن تہ راڄ جا ماڻهو بہ سڏيو ساڻ ڪنيو ويندا.

سامان کڻڻ لاءِ انهن ڏينهن ۾ اڃا چمڙي جا "سوٽ ڪيس" رواج ۾ ڪين آيا هئا، ٽنهنڪري خرجينون استعمال ٿينديون هيون. اهي خرجينون ڏاس مان نهنديون هيون، جن تي رنگارنگي ڪم ٿيل هوندو هو. ۽ چٽني پاسن کان خوبصورت ڪوڏيون، ڪچ ڪوڏيون ۽ جهاٻا جڙيل هوندا هئن. ساڳيءَ طرح "بستر بند" جو رواج پڻ اڃا ڪونہ پيو هو. مهمان مورڳو بسترا پاڻ سان ڪڻي ئي ڪونہ ويندا هئا. اهو فرض ميزبان جو هوندو هو تہ مهمانن لاءِ بسترا فراهم ڪري. جنهن بہ ميزبان سٺا ريشمي بسترا فراهم ڪيا، ان کي آسودو ليکيو ويندو هو. ماڻهوءَ وٽ ڀي ڪا شي گهر ۾ هجي يا نہ، پر ٻہ - چار سٺا بسترا هر حال ۾ موجود رکندو. مهمان در لنگهي آيو، ۽ هڪدم عمدو بسترو وڇائجي نہ ويو، تہ ميزبان لاءِ سخت شرمندگيءَ جو مقام ٿي پوندو. چيلي يا ڪڪڙ کهڻ جو سوال پوءِ اٿندو، پهرين بسترو وڇندو.

غاليچا ۽ فراسيون، البت، امير ڪبير پاڻ سان ضرور موجود رکندا هئا. جت بہ پهر پاڇو پئجي وين تہ غاليچو وڇائجي ويندو ۽ پاڻ پلٽي ماري ڪچهري ڪرڻ ويهي رهندا.

پئسي جي ڏي - وٽ هندو منشي ڪندا هئا، امير خاص پنهنجي جسم تي گهٽو ڪري پئسو ڪونہ رکندا هئا. هٿيار، ترارون، بندوقون ۽ پستول چوطرف هوندا هئا. هر رفيق وٽ ڪونہ ڪو هٿيار ضرور هوندو.

سردار بهادر صحبت خان مرحوم متعلق ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ هو انهن سمورين رسمن کي قائم رکيو آيو، ۽ جڏهن سندس انتقال ٿيو تہ ماڻهن کي ڏاڍو صدمو پهتو.

# خانبهادر چاڪر خان سهرياڻي

دولت يا جائداد جي لحاظ سان پنهنجن همعصرن سردارن کان گهٽ هوندو هو، پر اثر ۽ وقار، عزت ۽ هشياريءَ ۾ گهٽ کان مٿانهو رهيو. وقت جي انگريز عملدارن جو تہ منجهس مڪمل ڀروسو هوندو هو. ڪيس عاقل ۽ صاحب فهم سمجهندا هئا. گهڻا ئي اعزاز ڏنائونس. خانصاحب ۽ پوءِ خانبهادر بڻايائونس. سنڌ جو اڪيلو غير عملدار هو، جنهن کي فرسٽ ڪلاس اسپيشل ماجسٽريٽ جا پاور مليا. هوندو فقط سنڌي پڙهيل هو، پر سنڌيءَ ۾ سندس لکيل فيصلا گهڻو ڪري اپيلن ۾ بہ نہ ڦرندا هئا. جو دم زنده رهيو، اثر ۽ عزت سان، مستعد ۽ مشغول.

مون مرحوم کي گهڻو ڏٺو - قداور، ڊگهي سفيد ڏاڙهي، ڊگهو پيراهن، سفيد گول پڳ، هٿ ۾ دائما ڊگهي لٺ، گهڻو ڪري جنديءَ لٺل. محفل جو مور هوندو هو، جت ويٺو، رونق لڳي ويئي - لطيفا، قصا، ڪهاڻيون، ۽ ڪڏهن ڪڏهن فارسيءَ ۽ سنڌيءَ جا مثالي شعر پڙهي.

هڪ خاص مقصد کي سامهون رکيائين ۽ ساري زندگي ان جي حصول لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. مقصد اهو هو تہ پنهنجي خاندان جو بنياد پختو رکي. سهرياڻي قوم کي منظم ڪري، پاڻ ان جو سردار بڻيو. زمين وڌايائين، ۽ اولاد کي جديد اعليٰ انگريزي تعليم ڏياري، منجهانئن هر هڪ کي چڱين سرڪاري ملازمتن سان لاتائين. پئسا بچائڻ خاطر اليڪشن جي ڪنهن بہ وڏي جهيڙي ۾ ڪڏهن بہ ڪاهي ڪونہ پيو. ڪو بہ مقابلو يا تصادم ٿيو تہ پاڻ هميشه ڪناري تي رهيو. هوندو هر جاءِ تي ۽ هر معاملي جي وچ ۾، پر پنهنجي دامن ڦاسائي بغير. دوستيءَ ۽ تعلق جو ڪافي لحاظ رکندو هو. هر گهڙيءَ يار مٽائڻ جي عادت بنهہ ڪانہ هيس.

نماز روزي جو پابند. سندس لٺ جو لوازمو، يعني تسبيح بہ ڪڏهن ڪڏهن گردش ۾ نظر پيئي ايندي هئي.

سندس ڳوٺ جيڪب باد ضلعي جي ڪشمور تعلقي ۾ هوندو هو، پر سندس شخصيت ساري ضلعي ۾ ڇانيل هوندي هئي.

# آزاد خان جکراڻي

جکراڻي سردارن جي خاندان مان هو. انگريزي پڙهيائين ۽ سڌو پوليس انسپيڪٽر مقرر ٿيو. ۽ سنت ئي رتيديري تعلقي ۾ بدلي ٿي آيو. جت مون کيس پهريون دفعو ڏٺو. انگريزي پڙهيو، انسپيڪٽر بڻيو، پر ٻروچ جو ٻروچ ئي رهيو. ڊگهي ڪاري ڏاڙهي، جنهن ۾ هٿ سان گهنڊيون پيو ٺاهيندو هو. ٻروچڪو لباس، جنهن ۾ سڏارو فقط ايترو ٿيو جو پيراهن مٿان لنڊو انگريزي وضع جو ڪوٽ پهرڻ لڳو. پيرن ۾ گهڻو ڪري نرم، ڳاڙهي پرت تي پريل، سنڌي سوچڪي جُتي، موڪرو رنگين ريشمي رومال هٿ ۾. جنهن جي ڪنڊ ۾ چانديءَ مان ٺهيل ڏند ۽ ڪنَ ڪوٽڻيون ٻڌل هونديون. اٿڻ ويهڻ جي قرتي بلڪل ڪانه. جت آيو، ٿڏو منهن ڪري ويهي رهيو. آمد بعد، پهرين خوش خير عافيت ٿيندي، ڪٽ تي نيٽ جو لڪڻ سمهاربو، پڳ لاهي رکبي، مٿي جا ڊگها وار چوڙيا، ٽاڏل پيبي، حال احوال ونبو، چور چڪار جي جاچ ڪبي. ان وچ ۾ ماني ايندي، اها کائبي، ۽ سمهي پئبو. هڪ - ٻه ٽاپرو وينو ٽنگنُ کي مکون هٽندو. شام جو اٿڻ البت دير سان ٿيندو. برف پيل ٽاڏل اڳ ۾ ئي تيار هوندي، گلاسن جا گلاس پيا نوش ٿيندا ۽ اوڳرايون ڏبيون. ان وچ ۾ زبردست ٻه اچي مجلس ۾ ويهندا، اوپاريون - لهواريون پيون لڳنديون. گهڙي ساعت بعد رات جي ماني ايندي، اها کائبي. ٻه - اڍائي سير ماهيو ڪچو کير کنڊ پيل نوش فرمائبو ۽ الله جو نالو وٺي سمهي پئبو. ٻئي صبح جو معاملو ٻئي صبح ساڻ.

ڪجهه عرصي بعد، پاڻ نوڪريءَ منجهان ۽ انگريز منجهانئس بيزار ٿي پيا. ان وچ ۾ جکراڻي خاندان جا باهمي اندروني جهيڙا پڻ چوٽ چڙهي ويا. ڪيترائي ماڻهو خون ٿيندا رهيا. آزاد خان استعفا ڏيئي وڃي جهيڙن ۾ جوٽيو. ڪجهه سالن بعد خود ٻه قتل ٿي ويو.

حقيقت هيءَ هئي تہ سردار خيل صاحبزادن ۽ وڏيرڪن ٻارن انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٻہ سرڪاري ملازمتن ۾ گهڻو ڪري ٻوٽو ڪونہ ٻاريو. انگريزن پنهنجي طرفان گهڻي ئي ڪوشش ڪئي. پر هتي مٿي ڪري جنهن ٻہ نينگر کي نوڪري ڏنائون، سو ٿورن ڏينهن بعد ناڪام ٿي ٻاهر نڪتو. اصل سوال هو پرورش، عادتن ۽ چائي ڄم جي ماحول جو.

# حڪيم قائم الدين احمد عليہ الرحمت

حڪيم صاحب جي نالي سان "عليہ الرحمت" لکندي جو احساس پيدا ٿئي ٿو، سو دل کي ڏاريو ڇڏي. ڇا، حڪيم صاحب گذاري ويو؟ اهڙو اوچتو؟ نہ موڪلايائين نہ توڪلايائين؟ ۽ هاڻي ميلو ممڪنات کان ٻاهر ٿي پيو! ڪير هينئر منهنجي سار لهندو؟ ور ور ڪري ڪير منهنجي سنڀال ڪندو؟ منهنجي صحت جي، منهنجي دل جي، منهنجي روح جي؟ يار هوم، پر يار بہ هنئين جو حقيقي نار. هزار الغرضايون سرزد ٿين، پر شڪايت جي حڪايت زبان تي نہ ايندي. بارها بيهودگيون ۽ بي توجهيون برتجن، پر انهن جي حقير دز، ڪريمي، حليمي، ۽ حوصلي جي ان هماليہ پهاڙ کي هرگز غبار آلود ڪري نہ سگهندي. اهي اُهي عظيم انسان هئا، جن بردباري ۽ وسيع القلبيءَ جي انتهائي بلندين تان بيهي اسان ٻارن ظلوماً، جهولاً ، فرمايہ، مختصر دل ۽ محدود مزاج ماڻهن جي پستين جا نظارا ٿي ڏٺا، ۽ سو بہ نہ ان غرض سان تہ ڪنهن جي تحقير ڪن يا تضحيڪ، پر ان ارادي سان تہ انهن کي ڊڪين، پدرانہ پلاند سان، ڏوئين، مادرانہ لڙڪن سان!

محبت ڪيائون محبت خاطر، ياري رکيائون، وري نہ ٽوڙيائون، جي پُڪي پين، سي ڪيڇٽئون وين. مهراڻ جي موجن اندر جنهن مڇيءَ اڃي هڪ لڳا پاڻ کي پيوست ڪيو، تنهن کي هميشہ لاءِ پناهہ ملي. پاڻان ورائي، مير مهراڻ، ڪڏهن ڪونہ پڇيس تہ ڪڪ پريو ڪڳو آهين يا گندي گنڊٽي.

بادل جي فطرت آهي مينگهہ ملهار ڪرڻ، وسڻ ۽ وسڪارا ڏيڻ، پوءِ سامهون سُڃ هجي يا سبزگاهہ، ويءَ هجي يا ويراني!

قادر جي ڪريمي ۽ انسان جي شرافت، ٻہ شيون آهن، قطعاً غير مشروط، ۽ مطلقاً غير محدود. مشروط ڪريمي، ڪريمي نہ پر عدالت آهي، عدل ٿي سگهي ٿو، پر نہ فضل: ساڳيءَ طرح شرافت، مشروط ۽ محدود، پڻ تجارت ليکجي سگهي ٿي، پر نہ شرافت!

قائم الدين جي ڪريمي الطبعي ۽ شرافت پڻ اهڙيءَ ئي ڪڙيءَ رسيل هيون. ڪڏو ڪم دوست کان سرزد ٿئي، پر لڄ حڪيم صاحب کي ٿيندي. احساس جي نزاڪت جو هيءُ عالم جو اُن لڄ کي بہ لڪائڻ جي پيو ڪوشش ڪندو، جيئن دوست کي ڪنهن بہ طرح خفت محسوس نہ ٿئي. پنهنجي پاران

شڪايت جو حرف حرام. ياد هميشه دوست جي نيڪي ئي رهنديس. دوست جو ڪم پيو. شفاخانو فراموش ٿيو. ڪرسيءَ تي رکيل ننڍي ڪٽ سان ڪوٽ ۽ ترڪي ٽوپي، ۽ پر ۾ پيل لڪڻ، جنبش ۾ اچي ويندا. گهوڙي گاڏي سڏجي ويندي - دوست اڳ ۾، پاڻ پٺيان. جيستائين هٽي هنڌ نہ ڪندو، واپس نہ ورندو. پاڙو پڻ سندس پنهنجي ئي ڀاڱي ۾ ٿون مان نڪرندو. واپسيءَ تي ماني پڻ تيار هوندي، جنهن جو ديباچو قسما قسم شربت هوندا. ساوڻ جي موسم ۾ ڪمري اندر ڇٽڪار ٿيل هوندو ۽ جهليءَ ڇڪڻ لاءِ ڇوڪرو موجود.

سندس مجلس پڻ باغ بهار جو نمونو هئي. واقعا، لطيفا، ٽيڪا ٽپٽي، ڪل مذاق، سڀ مهيا. گفتگو مان جا شي غائب هوندي سا تلخي، ترشي، ڪنهن جي تحقير.

ويٺل ڪڙيءَ ڪرسيءَ تي، ننڍي ٽيبل سامهون، ٻئي ڪهنا، ورهين جا نيازمند. چوگرد مريضن جو هجوم. هڪ هٿ نبض تي، پيو قلم ۾ تشخيصون ٿينديون وينديون، نسخا لکبا وڃبا، ۽ ساڳئي وقت گفتگو جا گل بہ پکڙندا رهندا. خاص احبابن جو تعداد محدود. پر جو خوش نصيب ان زمري ۾ هڪ دفعو داخل ٿيو، سو عمر تائين اڙجي ويو. ڏينهن ۾ هڪ دفعو جيستائين حڪيم صاحب جو منهن نہ ڏسندو، آرام نہ ايندس. مرحوم سردار بهادر عبدالرحيم خان کوسي سان خاص دوستي هيس. سندس معالج بہ هوندو هو، جسماني خواهہ روحاني بيمارين جو. عبدالرحيم خان جي انتقال بعد ساڳيا تعلقات خانصاحب سردار خان کوسي سان پيدا ٿيس، جن کي پنهنجي روايتن ۽ شان مطابق نباهيندو رهيو. جهيڙي جو اعلان ڪرڻ سردار خان جي جوابداري، جهيڙي ۾ جنبي پوڻ ڪم حڪيم صاحب مرحوم جو. پڇندس ايترو بہ ڪونہ تہ جهيڙو ڪنهن سان ٿي رهيو آهي، ڪهڙي سبب جي بنياد تي، ۽ ڪيترو عرصو قائم رهندو. جت پير سردار خان جو پوندو، اتي ئي پيرو حڪيم صاحب جو پسبو. وقتي وندر لاءِ محمد امين کوسي جي موجودگيءَ جو پڻ خير مقدم ڪندو رهندو. باقي سردارن ۽ وڏن ماڻهن کان بلڪل پاسو. بيمار تي علاج لاءِ پيل اچن، پر دوستيءَ جو دم ڪا ٻي چيز آهي.

آءٌ پاڻ انهن ٿورن خوشقسمت انسانن مان آهيان، جن کي حڪيم صاحب جي شفقت جي نعمت نصيب ٿي.

سال شايد 1930ع هو. جيڪب باد ميونسپل پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ تي لٽ لڳي ويئي هئي. انهن ڏينهن ۾ جيڪب آباد ميونسپل اليڪشن جو دستور هوندو هو تہ چونڊ کان گهڻو اڳ سرمائيدار اميدوار پنهنجن مددگار ميمبرن کي پڇائي وڃي ڪنهن ڏورانهين شهر ۾ لڪائيندا هئا، جيئن مخالف ڌر وارا ڪين ان وچ ۾ پئسا ڏيئي ڦيرائي نہ وڃن. ميمبرن جي انهن جلاوطن ٽولن لاءِ خاص انتظام ٿيندا هئا، ۽ گهڻو ڪري لاهور يا ڪوئيٽا طرف - کانا پينا، گانا بجانا، سڀ مال مفت ۽ مناسب. "واسري" ان اپرانڌ!

حڪيم صاحب پاڻ ميمبر هو، پر جنهن اميدوار سان واسطو پيو هوس، سو هڪ غير سرمائيدار وڪيل هو، جنهن جي پاران باقي ميمبرن کي لڪائڻ جي ذميواري پڻ حڪيم صاحب جي پنهنجي ئي وجود تي اچي پئي هئي. لاهور ۽ ڪوئيٽا تائين تہ وٺي ڪونہ ٿي وڃي سگهين، پر سکر تائين ضرور آڻي ڪديائين. ساڻس گڏ وڪيل اميدوار پڻ هو، جنهن سان منهنجي واقفيت هئي. آءٌ سکر جي "سنڌ زميندار جو ايڊيٽر هوس. هڪ صبح، اوچتو، وڪيل صاحب ساري مجموعي کي وٺي اچي غريبخاني تي موجود ٿيو. ان مجموعي ۾ حڪيم صاحب بہ هو ۽ منهنجي ساڻس ملاقات پهريون دفعو ان ڏينهن ٿي. خبر نہ آهي. ڪيس ڏسڻ شرط ئي چو منهنجي دل هيءُ اعلان ڪري ڏنو تہ ان شخص سان ساريءَ عمر لاءِ دوستي رکڻي آهي. ڪا شي هئي، جنهن هڪدم چڪي ورتو.

ظاهراً اگريءَ ۽ سخت طبيعت جو صاحب ڏسڻ ۾ ٿي آيو. قداور، پريل جسم، رنگ سانورو، سنجيدگي، متانت ۽ رعب جي هڪ اهڙي تصوير، جنهن تي مصور ڪنهن سخت قلم سان لڪيرون ڪڍيون هجن. مُک تي مرڪ بنهہ کانہ. گفتگو پنهنجي طرفان شروع ڪانہ ٿيندي، پر ڪو پيو اهڙي جرات ڪندو تہ جواب ٻارهن نہ پر محض ٻن اکرن ۾ ملندس.

هيترن سالن جي غور بعد، آءٌ ٿڌي دماغ سان سوچي هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ مون کي سندس نيازمند بڻجڻ لاءِ شايد سندس ٻن خصوصيتن جي احساس اُڀاريو هوندو: (1) ذاتي اخلاق ۽ سياسي ڪيريڪٽر - جنهن اليڪشن جي سلسلي ۾ مخالف سرمائيدار اميدوار پاران هزارن ڪلدارن جي ورڪا ٿيندي ٿي رهي، عين ان اليڪشن ۾ هڪ ڪنگال وڪيل جو پاسو وٺي بيهي رهڻ

(چوطرف جي سخت رشوتي ماحول کي نظر ۾ رکندي)، هڪ معمولي ڪيريڪٽر واري ماڻهوءَ جو ڪم ٿي ڪونہ ٿي سگهيو، ۽ نہ وري حڪيم صاحب پاڻ ئي ڪو سرمائيدار يا دنيوي ذميدارين کان آجو انسان هو. (2) سندس ڪم گوئي ۽ ڇهري ۽ نگاهہ جي سختي - فرومايہ يا بي مابي انسان ۾ ايتري خود اعتمادي يا سنجيدگي پيدا ٿي نٿي سگهي، تنهنڪري، بغير ڇٽي ۽ سواءِ ڪنهن خاص قول ڪئي، ڇُپ ئي ڇُپ ۾. ٻنهي دلين هڪٻئي سان ٻول ٻڌي ڇڏيا، جن کي نہ سنڌي زندگيءَ جا حوادث، ۽ نہ وقت جا آهني هٿ ئي ڪڏهن ٽوڙي سگهيا.

1938ع جي اوائل تائين اجا ڪانگريس جو چرچو هو، حڪيم صاحب بہ ڪانگريس جو همدرد هوندو هو. پر 1938ع جي پڇاڙيءَ ۾ ظاهر ٿي پيو تہ گهڻا ڪانگريسي هندو، جماعت خواهہ قوميت کي، خاص هندن جي سياسي طاقت وڌائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪا آهن. تنهنڪري آءٌ ۽ ٻيا ڪيترا مسلمان ورڪر مسلم ليگ ۾ گهڙي پياسين. حڪيم صاحب خود لاءِ وري بہ سياسي پارٽي بدلائڻ ڏکيو ٿي پيو. حالات ڪهڙا بہ هجن، پر هڪ دفعو ڪانگريس ۾ رهڻ بعد، ساڳيءَ جماعت جو مخالف ٿي بيهڻ سندس طبيعت کي ڪونہ ٿي آئڙيو. پر هو ٻن ٻاهين ۾ - هڪ طرف وضعداري ۽ پراڻي تعلق جي ڇِڪ، ۽ ٻئي طرف اسان ساٿين جي ڪشش - مورڳو سياست کان ڪناره ڪش ٿي ويهي رهيو. ذاتي تعلق، ڪانگريسي خواهہ مسلم ليگي ساٿين سان هڪڙي ئي ڪڙيءَ تي نباهيندو آيو.

1938ع جي آخر ۾ قائداعظم محمد علي جناح، بطور صدر آل انڊيا مسلم ليگ، سنڌ جو دورو ڪيو. پهرئين جوش جي جولانيءَ ۾ جيڪب آباد جي ڪن وڏيرن ٻڌ اچي دعوت ڏنيس، تنهنڪري پروگرام ۾ جيڪب آباد بہ شامل ڪئي ويئي. پر مقرر ڏينهن تي جڏهن اسان جو قافلو جيڪب آباد اسٽيشن تي پهتو تہ معلوم ٿيو تہ پبلڪ ميٽنگ جو انتظام رکيل ڪونہ هو. الله بخش وزارت جي خوف ۽ جيڪب آباد اندر ڪانگريس جي زور سبب ميٽنگ ڪرڻ محال سمجهي ويئي هئي. ڪيترا وڏيرا ۽ سردار تہ بنهہ اوطاقن تي قلف چاڙهي، اهو ڏينهن جيڪب آباد ڇڏي وڃي ڪٿ لڪا هئا.

حاجي عبدالله هارون مرحوم، جنهن جي وساطت سان جيڪب آباد جو

پروگرام ٺهيو هو. سخت ششدر ٿي پيو. اهڙن معاملن جي سلسلي ۾ قائداعظم مرحوم جي طبيعت جي گرمي خاص طرح سان مشهور هوندي هئي. مرحوم عبدالله هارون انتهائي پريشانيءَ جي حالت ۾ مون ڏانهن نهاريو. آءٌ، جناح صاحب ۽ خود مرحوم سيٺ صاحب کي ويٽنگ روم ۾ ڇڏي، پڇي وڃي حڪيم صاحب وٽ پهتس. منهنجو هيٺو حال ڏسي حڪيم صاحب اٿي کڙو ٿيو. مسلم ليگ جماعت جو تہ ڪو نانءُ نشان ئي ڪونہ هو، جنهن جي ورڪرن کان ميٽنگ جي باري ۾ ڪم وٺي سگهجي ها. تنهنڪري حڪيم صاحب هلي ڪانگريسي ورڪرن کي حڪم ڪيو تہ هڪدم پبلڪ ميٽنگ جو بندوبست ڪن. آڪٽوبر مهينو، جيڪب آباد جي گرمي، وقت منجهند، پر ڪانگريسي ورڪرن ان هوندي بہ خاص حڪيم صاحب جي لحاظ خاطر، ڊڪي ڊوڙي، چوڪ ۾ ماڻهو گڏ ڪيا ۽ پاڻ، پنهنجون گانڌي ٽوپيون لڪائي، مٿا اگهاڙا ڪري، اچي ميٽنگ ۾ ويٺا. جناح صاحب تقرير ڪئي، ڌيل زبان ۾ ڪانگريس جي ڪني ڪيل حاضرين "زنده باد" جا نعرا هنيا. معاملو رفع دفع ٿي ويو. جناح صاحب ۽ اسين جيڪب آباد کي خيرباد چئي، خير خوبيءَ سان واپس روانا ٿي وياسون.

اٺن - نون سالن اندر پاڪستان ٺهي ويو. قائداعظم پاڻ گورنر جنرل بڻجي آيو. دنيا نئون پيراهن پهريو. اُهي ساڳيا مغرور وڏيرا "آبا اجدا" کان مسلم ليگي هجڻ جون دعوائون ڪندا، سياسي شجرا هٿن ۾ لڙڪائيندا، اچي مسلم ليگي محفل جي عين وسط ۾ ويهي رهيا. سندن استقبال ۾ چئني طرفن کان مرحبا جا آواز اُٿيا. جو جو سياسي مرغ مسلم پاڪستان جي دسترخوان تي پيل نظر چڙهين، سوري پاڻ ڏانهن ڪيائون. اهلاً و سهلاً! "فَضل يا شيخ"!

پر حڪيم صاحب وري بہ بدستور پنهنجي ساڳئي مختصر مطب اندر، ساڳيءَ ڪهني ڪرسيءَ تي سوار ٿيو ويٺو رهيو. ۽ حالات جي بي ثباتي ۽ ماڻهن جي هلڪڙائيءَ تي ڪلنڊو رهيو - بيفڪر، بيپرواهہ، بيغرض!

1945ع ۾ آءٌ انڊين ليجسليٽو اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ اميدوار بيٺس. بغير سرمايي، بغير آسري ۽ بغير انتظام جي - هڪ قول هو، هڪ ضد هو، جو پورو ڪرڻو ٿي پيو. پر حڪيم صاحب مرحوم جو حال انهن ڏينهن ۾ ڏسڻ وٽان هو. مريض فراموش، مطب خاموش، ننڊ ختم، آرام حرام - ٽانگو ۽ پاڻ، جيڪب

آباد جا جهولا ۽ حڪيم صاحب جو جسم. مهيني بعد وجي مون سندس منهن ڏٺو. ائين نظر آيو، جيئن سڙيل گوشت جو ٽڪر. پر مسرت جي مُرڪ ان ڪان پوءِ بہ مُک تي موجود رهيس. مون عرض ڪيو تہ ميمبري ايترو لهي ٿي ڪانہ، جيتري تڪليف هو پاڻ وٺي رهيو آهي. چيائين "ميمبري واقعي ڪا شي ڪانہ آهي، اصلي سوال هيءُ آهي تہ دشمن ائين نہ سمجهن تہ جيڪب آباد اندر علي محمد جو هڪڙو سچو دوست بہ ڪونہ هو!"

بطور طبيب جي پڻ، قائم الدين مرحوم وڏي پايي جو صاحب هو. دهليءَ جي طبيہ ڪاليج مان سَند ورتائين، ۽ بعد ۾ ڪجهہ وڏيڪ عرصو پڻ دهليءَ ۾ رهي عملي تجربو حاصل ڪيائين. تشخيص ۾ پنهنجن همعصرن جي حلقي اندر يڪتا هو.

سندس انتقال اوچتو ٿيو، دل جي ٽٽڻ سبب. آخر ڪيترا ڏينهن اها غريب دل چوطرف جي بيوفائين جا سور سهندي رهي ها؟ هلي، جيترا ڏينهن هلي سگهي - نيٺ هڪ ڏينهن خاموش ٿي ويئي، پر خاموش ٿيا ٿي، محبت ۽ وفا جي سمورين وستين ۾ ويران ڪري ڇڏيائين.

خواجہ غلام فريد صاحب عليہ الرحمت کي جڏهن سندس دوست مخدوم سيد ميان ولايت شاهہ بخاري اُچ واري جي قضيي جي خبر ملي، تڏهن سندس زبان مان بي اختيار نڪتو!

لڏ گئي محرم راز دلين دي، ها نال جنهان دي رلا،
آپ وُني وچ رنگ محلان، سانون ڇوڙ اڪلا،
جائي ڄم ديان پيان مونجهان ڳل وچ، وه قسمت دا پلا،
نا ڪوئي حال سُڻي، نا ڏيوي آس اُميد تسلا،
ملسون ٿير "فريد" جڏان ڪوئي سانگ بڻيسي الله.

- اسان جي اندر جي عقيدت بہ ساڳي ئي رهجي ويئي آهي.

## مولوي محمد حسين مرحوم

مولويءَ جي فقط تهمت ڌريل هُيس، ورنہ مڙس مکڻ هو. "الحنيف" پريس کي ميان ڪريم بخش ٽانوريءَ ڇڏيو، تہ مولوي محمد حسين ورتو. شڪارپور مان ڪٺائي جيڪب آباد ۾ ويو، ۽ اتان زندگيءَ جي آخري دم تائين

جاري رکيو آيس. جنهن تحريڪ ختم ٿي ويئي، ان جا اڪثر باني وچي ابدي ننڊ ستا. مگر "الحنيف" پاڻ ٿـلڪندي رهي.

مولوي محمد حسين دوستيءَ جي حقن ڪي مذهبي معتقدات مطابق ملحوظ رکندو هو. نماز ۾ ناغو پئجي وڃي، روزو قضا ٿي وڃي، مگر دوستيءَ جي فرائض جي پڇڪڙي نہ ٿيندي. احبابن جي جنهن حلقي ۾ هڪ دفعي داخل ٿيو، وري ان جي حد نہ اورانگهيائين. "ڪم گو مگر بسيار ڪن" هو. نہ ڏاڍ هٺندو، نہ لباڙ. ڪڏهن ڪڏهن تہ جواب ڪان بہ جواب هوندو مگر دوست ڪم چيو ۽ پاڻ جنبي ويو. پوءِ مرڻ جيئڻ جي بنهہ ڪانہ ڪندو.

هو اصل وارهہ تعلقي، ضلعي لاڙڪاڻي جو. مگر عمر جو وڏو حصو جيڪب آباد ۾ صرف ڪيائين. لاڙو ڪانگريس طرف هوندو هوس، مگر منهنجي زور بار سبب مسلم ليگ سان پڻ ڳن ڏيو بيٺو هو.

پهريون دفعو دهلي مون سندس معيت ۾ ڏٺي. سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ لاءِ تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي. لنڊن ۾ پهرين رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ٿي رهي هئي. اسان جو مقصد هو تہ لاهور ۽ دهليءَ جي مسلمان اخبارن کي تحريڪ جي حمايت تي آماده ڪريون.

لاهور ۾ ان وقت ٽي مشهور مسلماني اردو اخبارون هونديون هيون. مولانا ظفر علي خان جي "زميندار"، سالڪ ۽ مهر جي "انقلاب"، ۽ سيد حبيب جي "سياست" انهن ڏينهن ۾ تازو هڪ انگريزي هفتيوار پرچو پڻ جاري ٿيو هو، جنهن جو نالو هو "ايسٽرن ٽائمز"، فيروز سنز وارا ڪڍندا هئا. "زميندار" اخبار ڪانگريس ۽ قوميت جي پرچار ۾ مصروف هئي، مولانا ظفر علي خان کي انگريز سان دشمني مقصود هئي، تنهنڪري نندين ڳالهين تي توجهہ ڏيئي ڪونہ ٿي سگهيو. ان ڪان سواءِ جيلن ۾ پڻ سندس اچ - وڃ ٿيندي ٿي رهي. لاهور جي هڪ دوست ٻڌايو تہ اليڪشن جي زماني ۾ جڏهن بہ پنجاب جي انگريز پرست ليڊرن کي مولانا کي باند ڪرائڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي، تہ شاگردن جي هڪ ٽولي کي جهنڊيون هٿ ۾ ڏيئي مولانا ڏانهن موڪليندا هئا. ڇوڪرا پري ڪان "ظفر الملت مولانا ظفر علي خان زنده آباد" جا نعرا هڻندا ويندا هئا. مولانا جي ڪن تي جيئن "زنده آباد" جو آواز پهچندو هو، تيئن اٿي ڪڙو ٿيندو هو. ان وچ ۾ ڇوڪرا بہ اچي پهچندا هئا.

"ڪيا هو گيا؟ ڪيا هوگيا!"

"مولانا، ڪيا هوگيا، ظلم هوگيا!"

"ڪيا ظلم؟"

"انگريز ڪا ظلم، حڪومت ڪا ظلم - آپ ميدان مين جلوه افروز نہ هونگي تو قوم مرجائيگي". بس، مولانا نہ ڪندو هر نہ تہ، لٺ هٿ ۾ کڻي اچي چوڪ ۾ بيهندو ۽ ٻہ - ٽي ڪلاڪ ساندھ پيو انگريزن کي گاريون ڏيندو. پوليس اڳ ۾ ئي تيار بيٺي هوندي. بغاوت جي ڏوهہ ۾ مولانا کي گرفتار ڪري، ڪندي چالان عدالت ۾. عدالت مان مولانا کي ٻہ - ٽي سال جيل جي سزا ملي ويندي.

مولانا پاڻ تہ ٺيو ٺاند، پنهنجان چالو ٿي ويندو ليڊرن جي اليڪشن وغيره جو ڪم. چونڊ پوري ٿيڻ بعد مولانا کي جيل ۾ رکڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ رهندي. خود مولانا جي صحت بہ ان وچ ۾ خطري جي قريب رسي ويل هوندي. تنهنڪري مولانا قيد جي ميعاد پوري ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي آزاد ٿي، واپس گهر ايندو.

"زميندار" اخبار پاڻ مولانا صاحب جي انهن چڪرن ۾ گرفتار هئي، تنهنڪري ان وٽان اسان جي تحريڪ کي ڪا بہ مدد ملي ڪانہ سگهي.

"انقلاب" جو مولانا مهر پاڻ علامہ اقبال سان گڏ ولايت ويل هو. پنهنجان مولانا سالڪ سان ملاقات ٿي. پر اسان جو عرض مولانا جي بذلہ سنجيءَ ۽ "افڪار و حوادث" جي لَڙهيءَ ۾ لُڙهي ويو. ڪو خاص نتيجو ڪونہ نڪتو.

البت سيد حبيب گهٽي ئي همت ڏيکاري. سندس "سياست"، اخبار مضمونن پنهنجان مضمون شايع ڪيا، جنهن جو اثر انگريزي هفتيوار "ايسٽرن ٽائمز" پڻ قبول ڪيو، ۽ هڪ - ٻہ ايڊيٽوريل سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ لکي ڇڏيائين.

لاهور مان هلي دهليءَ پهتاسين. "الامان" اخبار اڪيلي مسلمان اخبار هوندي هئي، جا ٻيئي هندن سان مقابلا ڪندي هئي. سندس مالڪ ۽ ايڊيٽر مولانا مظهرالدين کي، ڪجهہ وقت اڳ ۾، ڪن خبيثن خون ڪري ڇڏيو هو. تنهنڪري اخبار جو ڪاروبار هينئر سندس بيواهہ ۽ ان جي ياران هڪ شخص سيد عبدالحميد شملويءَ جي حوالي هو. اسان جي گهٽي مدد ٿي، ڪافي آٿت مليو.

اطمينان جي عالم ۾، مولانا محمد حسين ۽ مون دهليءَ جو سير شروع ڪيو. جامع مسجد جو جنسار ڏسي، عقل ئي دنگ رهجي ويو. خوب نمازون پڙهيونسين.

لال قلعي ۾ پهچڻ بعد ائين پئي سمجهيوسين تہ ڄڻ ڪنهن خواب جي عالم ۾ آهيون. حقيقت ايتريقدر خوبصورت هجي،سو ڪيئن ممڪن ٿي ٿي سگهيو؟ - پر هئي حقيقت. بهادر شاهہ آخري بادشاهہ جي حرم محترم جا ڪپڙا شيشي جي ڪٻاٽن ۾ ٽنگيل ڏسي، اسلامي سوز گداز ڳوڙهن جي صورت اختيار ڪري ڏني.روئندا پٽيندا، ڪجهہ وقت بعد ٻاهر نڪتاسين.

اسان جو اهو سارو سفر فقط هڪ سؤ رپين جي خرچ سان طئہ ٿيو، جيڪي پڻ مولانا محمد حسين ڀريا. سستائي هئي، ضرورتون مختصر، ٽرڊ ڪلاس جو سفر اهڙو ئي آرام ده، جهڙو بعد جي فرسٽ ڪلاس جو.

مولانا مرحوم جي بيگم صاحبہ جو ساڻس غير معمولي عشق هوندو هو. گهڙي پهر بہ سنگتين سان ويهڻ نہ ڏيندي هيس. مون تي خاص ناراضگي هوندي هيس، ڇو تہ منهنجي جيڪب آباد وڃڻ بعد مولانا جو گهڻو وقت مون سان صرف ٿيندو هو. مائي صاحبہ ڪڏهن ڪڏهن مون تي مغلظات جا وسڪارا بہ ڪندي هئي، ۽ بلڪل اوطاق جي دروازي جي ٻاهران بيهي. مولانا پاڻ بيوس هوندو هو، ۽ منهنجي بچاءَ ڪرڻ کان عاجز.

مرحوم جي عبدالرحمان خان بگٽيءَ سان دلي دوستي هوندي هئي. عبدالرحمان خان تي سندس والد نواب محراب خان بگٽي ناراض هو، جنهنڪري سندس عمر جلاوطنيءَ، تنگدستيءَ، نظربنديءَ ۽ بيماريءَ ۾ پيئي گذرندي هئي، مولانا جي دل ۾ هميشہ ان ڳالهہ جو ناسور چڪندو رهيو. عبدالر ان وٽ سارو وقت سچائي ۽ سُچ، سندس مخالفن وٽ هر شي موجود. پر مولانا جي ديانت ۾ ڪڏهن ڪو خم ڪونہ پيو، حالانڪ رشوتخوريءَ ۽ لالچ خاطر دوستن ڪي وسارڻ ۽ وڪڻڻ جو رواج انهن ڏينهن ۾ عام ٿيڻ لڳو هو.

نہ وري مولانا صاحب پاڻ ڪي ڪڏهن وقتي حڪومت جي هٿ تي ئي وڪيو. باغي رهيو، اول کان آخر دم تائين. جا بہ تحريڪ انگريز جي خلاف هوندي، مولانا جي شرڪت لازماً ان ۾ هوندي.

غرض تہ مولانا محمد حسين انهن برگزيده هستين مان هو، جن سچائيءَ ڪي هميشہ سونهن جو باعث سمجهيو، ۽ ان جي دباءَ هيٺ زندگيءَ جا قدر ۽ اخلاق جا اصول ڪڏهن بہ هٿان نہ ڇڏيا. ڏٿي تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي!

## محمد اسلم اڇڪزئي ۽ برڪت علي ”آزاد“

جت تشدد هوندو آهي، بغاوت جو سلو به اتان ئي اسرندو آهي. بلوچستان ۽ ساڻس ملحق سنڌ جو جيڪب آباد ضلعو، انگريز شاهيءَ جو آخري ڳڙهه هوندو هو. انگريزن بلوچستان کي سرحدي علائقو نهرائي، اتان جي رهاڪن جي ڳچيءَ ۾ نوڪر شاهيءَ جي غلاميءَ جو ڳٽ وجهي ڇڏيو هو. ڪيترن سردارن ته پوءِ به ان ڳٽ کي زيور ئي سمجهيو، پر اهل نظر ۽ عزت نفس رکندڙ انسانن لاءِ ڳٽ ڳٽ ئي هو.

اسلم اڇڪزئي انهن نوجوانن مان هو، جن بلوچستان اندر انگريزن جي راڄ خلاف سڀ کان پهريائين جهنڊو کنيو. ڏاري حڪومت، سرداري سسٽم، ۽ نوڪر شاهي، سڀ کي مصيبت سمجهيائون، ۽ ان مصيبت کي لاهڻ لاءِ جيڪا به موڙي وٽن هئي، سا قربان ڪيائون. اسلم گهراڻي چڱي جو هو، پر موڙي وٽس فقط "جان عزيز" هئي. بلوچستان مان جلاوطن ٿيو. جيڪب آباد ۾ رهي، اتان مچڻ مچائڻ شروع ڪيائين.

برڪت علي هڪ سلڇڻو، تعليم يافته ۽ درد دل رکندڙ مڪاني نوجوان، اسلم سان شامل ٿيو. انهن ٻن کي ڏسي، ٻيا به اچي مڙيا. چڱو ڇهڇٽو لڳي ويو. اخبارن ۾ آرٽيڪل پمفلٽ، ميٽنگون، تقريرون، غرض ته تحريڪ جا سارا لوازمات پورا ٿيندا رهيا. ڪجهه وقت ته انگريز ڏسندا رهيا، پر نيٺ تنگ ٿي سخت قدم کڻڻ شروع ڪيائون – زبانبندي، جيلخانو، ضلعي مان نيڪالي، جيتري به ٻچڙائي ٿي سگهين ٿي، سا ڪندا رهيا. اسلم مرحوم کي دق سي پيو، ۽ ان وڳهي جوانيءَ ۾ ئي جهان ڇڏڻو پيس. ڪامريڊ برڪت علي شايد اڃا تائين زنده آهي، پر صحت اُن جي به تحريڪ جي نذر ٿي ويل هئي.

ڪجهه وقت لاءِ انهن نوجوانن کي يوسف خان مگسيءَ جي سرپرستي پڻ حاصل ٿي. 1935ع واري ڪوئيٽا جي زلزلي ۾ يوسف علي خان اوچتو انتقال ڪري ويو، جنهنڪري هو وري به اڪيلا رهجي ويا.

يوسف علي خان مرحوم عجيب انسان هو. نواب قيصر خان مگسيءَ جو ٻيو نمبر فرزند هو. انگريزن نواب صاحب مرحوم کي جلاوطن ڪري، ملتان ۾ رهايو هو. نواب صاحب پنهنجو سارو خاندان (سواءِ وڏي پٽ گل محمد خان جي) پاڻ سان وٺي ويو. ڪن سالن کان پوءِ سندس انتقال ٿيو. سندس مسند تي

پهريائين سندس وڏي پٽ گل محمد خان کي ويهاريائون، گل محمد خان جي معزوليءَ بعد پڳ يوسف علي خان کي ورثي ۾ ملي.

يوسف جي جواني پنجاب جي ماحول ۾ بسر ٿيل هئي. بلوچستان جون حالتون ۽ اتان جي عملدار شاهي ڪٿان ٿي ڪيس آئڙيون؟ بلوچستان جي اصلاحات لاءِ تحريڪ شروع ڪيائين. نوابيءَ جو مخملي لباس لاهي، کدر جو ڪڙتو ۽ پاجامو پهريائين. دولت، ڪافي انداز ۾، سندس والد جي ڇڏيل هئي، ڪلئي هٿ سان تحريڪ تي خرچ ڪندو رهيو.

مون سان ڪيترا پيرا ملاقاتون ٿيس. ليڊريءَ جا سمورا انداز منجهس موجود هئا. ڪڏهن ڪڏهن شعر به چوندو هو، جو لاهور جي "زميندار" اخبار جي سرورق تي پيو شايع ٿيندو هو. انگريزن ڪجهه وقت لاءِ نظربند ڪيس، مگر نه معافي ورتائين، نه سجده سهو ئي پريائين. قومي ورڪرن جي ڪافي پرورش ڪندو رهيو. جيڪڏهن زلزلي واري حادثي ۾ شهيد نه ٿئي ها، ته وڏي ڪمال کي رسي ها.

سندس وڏي ڀاءُ گل محمد خان جو مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان. پنهنجي رنگ ۾ هو صاحب به يڪتا هو. سردار بڻيو، پر سرداريءَ ذريعي جي سهولتون ميسر ٿيس، تن کي شعر شاعريءَ لاءِ ڪتب آڻيندو رهيو. ڪيس يقين ٿي چڪو هو ته پاڻ وڏي پايي جو شاعر آهي، ۽ سندس درجو فردوسيءَ کان ٿورو گهٽ، پر نظيريءَ کان يقيناً مٿي آهي. نه فقط شعر چيائين، پر صورت ۽ رهڻي ڪرڻي به شاعرن جهڙي ڪري ڇڏيائين. ڪجهه وقت بعد ماڻهو ڪيس ديوانو سمجهڻ لڳا. اڳتي هلي انگريزن جي به ساڳي راءِ ٿي، تنهنڪري موريگو سرداريءَ کان معزول ڪري، شهدادڪوٽ ۾ رهائي ڇڏيائونس. جت ڪجهه عرصي بعد سندس انتقال ٿيو. فارسي ڪلام جا ٻه ديوان شايع ٿيل اٿس. مون ڪيس به ڏٺو، ۽ سندس والد مرحوم نواب قيصر خان کي به. نواب قيصر خان وڏو مدبر هو. سياست جو ماهر، ۽ فارسي علم جو چڱو ڄاڻو. طبيعت جو قدري ضدي هوندو هو، ۽ پنهنجيءَ ڳالهه تان هرگز نه هٽندو هو، پوءِ نقصان ڪيترو به چو نه ٿي وڃي. چانڊين منگسين جي پاڻ ۾ لڙائي اپر سنڌ جي مقامي تاريخ جو هڪ اهم واقعو هو. حڪومت طرفان ڪيترو به زوربار آيو. پر نواب قيصر خان چانڊين سان وڙهڻ کان ڪين مڙيو. سندس جلاوطني ۽ منگسين جي سرداريءَ کان معزوليءَ جو هڪڙو

سبب اُها رنجيدگي بہ هئي. مرحوم کي مون ڪيترا ڀيرا ڏٺو. لاڙڪاڻي کان سکر ويندي، ريل گاڏيءَ ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ ويهندو هو. ڏاڙهي وڏي هيس. پر نہ چاپئين، وار ڊگها بت جو ڀريل. مخمل جو سائو ڪوٽ، جنهن تي مختصر زريءَ جو ڪم ٿيل هوندو هو. سندس مرغوب لباس هوندو هو. هٿيارن جي ڀري هردم پر ۾ رکندو هو، جن ۾ رائفل، تلوار، پستول، ۽ ڪارتوسن جا پٽا هوندا هئا. پير ۾ ڀرت ڀريل سنڌي جُتي پيل هوندي هيس. نڪ اگهڻ لاءِ ڳاڙهو وڏو رومال هٿ ۾. گفتگو ۽ حالات معلوم ڪرڻ جو شوقين هو. ناواقف ماڻهوءَ سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ڇيڙيندي ڪونہ مڙندو هو.

منگسين جو حال تہ ضمناً اچي ويو، اصل مقصد هو ڪامريڊ برڪت علي ۽ مرحوم اسلم اچڪزئيءَ جو احوال ڏيڻ. انهن ٻنهي نوجوانن جيڪب آباد جي ماحول ۾ ڪافي ڦيرو آندو. ميڻ بتيءَ وانگر پاڻ کي رجايائون، ان لاءِ تہ ٻين لاءِ روشني هجي.

## خانصاحب سهراب خان سرڪي

جيڪب آباد ۾ ٻروچن جو زور ڏسي، غير ٻروچن بہ ذاتين ۽ پاڙن جي بنياد تي پاڻ کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي. ممڪن آهي تہ ڪنهن وقت جي انگريز عملدارن کي اها ڳالهہ سُجهي آئي هجي، ۽ ٻروچن جي مقابلي تي غير ٻروچن کي اڀاري ڪڙي ڪرڻ لاءِ ان قسم جو اشارو ڏنو هجيئون، ڇو تہ جن ڏينهن جو آءٌ ذڪر ڪري رهيو آهيان، انهن ڏينهن ۾ عملدارن جي اشاري يا اجازت کان سواءِ وٽن جا پن بہ ڪونہ تي لُڏيا.

آءٌ انهن ڏينهن ۾ هڪ هفتيوار اخبار ايڊٽ ڪندو هوس. اوچتو اطلاع اچي رسيو تہ سرڪي قوم جو وڏو جلسو ٿي گذريو، ۽ سرداريءَ جي دستار وڏيري سهراب خان جي سر تي رکي ويئي. مضمون ۾ اڳتي هلي نئين سردار جا ذاتي فضائل ۽ خصال بيان ڪيل هئا، ۽ ڪجهہ حصو سندس "خيبر شڪن" تقرير جو پڻ ڏنل هو. مضمون سان گڏ هڪ خط هو، جنهن ۾ لکيل هو تہ جنهن پرچي ۾ اهو مضمون شايع ٿئي، اهو پرچو، سال جي چندي ۾، سردار صاحب ڏانهن وي.پي. ڪري موڪليو وڃي. ان زماني ۾ ڪنهن بہ مضمون شايع ڪرڻ لاءِ وي.پي. جو دلاسو ڏيڻ لازمي هوندو هو. ايڊيٽر کي چندي جو دلاسو رسيو، تہ مضمون جو مطلب ڇا آهي، تنهن جي ڪا پرواهہ ڪانہ ڪندو. اڪيون ٻوٽي

شايع ڪري ڇڏيندو، پوءِ پل اڳتي هلي ان مان خود سندس پنهنجي وجود لاءِ ڇو نہ ڪو خرخسو پيدا ٿي پوي. اڪثر اهڙن ئي مضمونن جي بنياد تي ايڊيٽرن جي خلاف بدناموسيءَ جا ڪيس داخل ٿيندا هئا، ۽ هڪ سال جي چندي عيوض ويچارن کي ورهين جا ورهيہ ڪورٽن جا ڪشٽ پيا ڪاٽڻا پوندا هئا.

سردار سهراب خان کي خاص طرح سان اها صلاح ملي چڪي هئي تہ ايڊيٽرن جي وات ۾ هميشہ ـ گو وجهندو رهي، تنهنڪري هو صاحب هر اخبار جو مستقل خريدار هوندو هو. جيڪا بہ اخبار نڪرندي، تنهن جو پهريون پرچو سهراب خان جي نالي ضرور وي.پي ٿي ويندو. ايڊيٽر، ان سببان، هميشه سندس لحاظ رکندا هئا. نزلو ٿيندو هوس، تہ بہ پبلڪ کي اپيلون ڪندا هئا تہ هن مخير ۽ فخر قوم سردار جي جان بخشيءَ ۽ صحت لاءِ هٿ مٿي کڻي ڏٽيءَ اڳيان ٻاڏايو وڃي.

اخباري پروپيگنڊا سهراب خان مرحوم جي سرداريءَ کي خوب چمڪايو. سنڌ جدا ٿي، تہ پاڻ نئين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو.

مرحوم تمام نرم مزاج ۽ حضور شرم قِسم جو انسان هوندو هو. ڪنهن بہ ٻانهن ڪان اچي جهليس، تہ ان کي جواب ڪونہ ڏيندو هو. وزير ۽ وزيريءَ جا اميدوار تہ ماشاءَ الله ان فن جا ماهر هوندا هئا. جڏهن بہ ڪو وزارتي زلزلو آيو، تہ ٻنهي ڌرين جا هٿ سردار سهراب خان جي ٻانهن ۾ هوندا هئا.

جدا سنڌ جي پهرين وزارت سر غلام حسين ناهي هئي، اپريل 1937ع ۾. مارچ 1938ع ۾، ان وزارت کي ڪيرائڻ لاءِ سانباها ٿيا. جنهن ڏينهن فيصلي ڪن ووٽنگ ٿيڻي هئي، ان ڏينهن مخالف ڌر وارا سردار سهراب خان کي موٽر ۾ ويهاري منگهي پير طرف کڻي ويا، ۽ اوستائين موٽڻ ڪونہ ڇڏيائونس، جيستائين هڪڙي ووٽ جي گهٽتائيءَ سبب سر غلام حسين جي وزارت شڪست کائي ڪِري نہ پيئي.

سهراب خان مرحوم جي اهڙيءَ نرم مزاجيءَ جا مظاهرا ڏسي، سياسي حلقن کي سخت صدمو ٿي رسيو. اهي ڏينهن اڃا ابتدائي هئا، ماڻهن جي سياسي اخلاق سان هاجي ٿيل ڪانہ هئي. ڪو بہ شخص پارٽي بدلائيندو هو تہ سندس خلاف سخت نفرت پيدا ٿيندي هئي. 1939ع جي اوائل ۾ جڏهن مرحوم سر غلام حسين اوچتو مسلم ليگ ڇڏي وڃي الله بخش پارٽيءَ سان شموليت ڪئي، ۽ اتان هوم منسٽريءَ جو عهدو ورتو، تہ ماڻهن جا دماغ قطعاً

چڪرائجي ويا هئا. سر غلام حسين جي ڪيترن دوستن ۽ سياسي رفيقن ساڻس ذاتي تعلق به ٽوڙي ڇڏيا. ۽ ساريءَ سنڌ اندر ايتري قدر غصو پيدا ٿيو جو هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو مسلم ليگ ۾ گهڙي پيا. اڪثر هلي، سنڌي ليڊرن جون اهي ڦڙتيون گهرتيون ڏسي، مرحوم جمشيد مهتا مورڳو سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبريءَ تان استعفا ڏيئي ڇڏي.

ڌڻي تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي، سهراب خان مرحوم ڪي ڪنهن به شخص کي رنجائڻ ۽ نااميد ڪرڻ سخت ناپسند هوندو هو. ۽ سندس ان خصوصيت جو ئي اڪثر ليڊر پيا فائدو وٺندا هئا. قداور پر ڇڙڪ مڙس هو. مائل به نفاست، خوش پوش ۽ خوش خلق.

## ٻه چاچا

چاچو **ميان الله بخش** قوم لاشاري، عمر 65 - 70 ورهيه، سؤ فيصدي لاشاري پروچ، سفيد ڏاڙهي ڍگهي، پيــر ۾ گهيتلو هينئتي هلڪي سلوار - ڪڏهن ڌوتل ڪڏهن ميري، جسم تي پاسي سان ڳچيءَ وارو پيراهن، سر تي پڳڙ، هٿ ۾ نيٽ جو لڪڙ، سندس فرزند ميان غلام قادر خان وڪيل جي ڪجهه ترقي ۽ ڏيڪ ويڪ ٿي، ته پاڻ هڪدم مٿس ناراض ٿي پيو. خاص مٿس نڪتيچيني ڪرڻ لاءِ هڪ هفتيوار اخبار ڪڍيائين. انگريزن جو زمانو هو - اخبار نويسي ڪم آسان هو. فقط ڊپٽي ڪليڪٽر اڳيان ڊيڪلريشن ڏيڻو پوندو هو ته آءٌ فلاڻي نالي سان اخبار جاري ڪريان ٿو. جا فلاڻيءَ پريس مان ڇپجي نڪرندي، باقي خير.

چاچي الله بخش کي ڪنهن شرير سُــر ڏنو تـه هو هڪ پرچو مون ڏانهن روانو ڪري، منهنجي راءِ پڻ معلوم ڪري. غلام قادر خان منهنجو دوست هو. سُر ڏيندڙ شرير جو اهو خيال هو ته آءٌ راءِ ضرور خراب ڏيندس. جنهن ڪان پوءِ چاچو سائين مون تي به ناراض ٿي پوندو. ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾ پنهنجا لطف ۽ ڪرم ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو.

سندس پرچي ۽ حڪمنامي پهچڻ شرط مون سندس خدمت ۾ هڪ نهايت ئي نياز پريل راقعو روانو ڪيو - عرض ڪيم:

”خدمت ۾ فيضواري وڏي شان ۽ وڏي مانَ وارو، فخر جيڪب آباديان، محترم قومان، صاحب سومان، گوش هوشمندان، بينيءِ بزرگان، شڪر درويشان، دست

رستم زمان، پاءِ قلندران، خان خرد مندا، سرتاج ايڊيٽران، شمع شاعران، حضرت عموي صاحبم، چاچا سائين ميان الله بخش خان، دام فيوض تڪم.

"واڌو وينتي تہ چاچا سائينجن جو پليل پيار پريل پرچو اڄ رسيو، دل بهار ٿي ويئي، دماغ تي سينٽ ۽ عطر هارجي ويا. مضمون ڇا هئا؟ پرچي جي ترتيب ۾ ڪهڙا ڳوڙها راز رکيل هئا؟ هر اکر ۾ معنائن جا ڪيڏا درياهہ سمايل هئا؟ بس، ڏسي ۽ پڙهي، دل مان دانهن نڪري ويئي تہ اسدالله عرف غالب خان کان پوءِ هڪ چاچو الله بخش خان ئي دنيا اندر پرگهٽ ٿيو، جو صحافت جي آسمان مٿي گهيتلي سان پيو گهُمي.

چندو بذريعي مني آرڊر عرض رکيو اٿم. پرچي جي هر هفتي عنايت ٿيندي رهندي تہ بندي جا دين دنيا ٻيئي روشن ٿيندا رهندا. واڌو حد ادب.

- و غير ذالڪ من الهفوات"

مون تہ اهو خط لکيو محض پنهنجي سِر بچائڻ لاءِ ڪهڙي خبر هيم تہ ان مان منهنجي دوست غلام قادر خان لاءِ پاڻ وڏيڪ ممڻ مچي پوندو.

رقعي پهچڻ بعد چاچي سائينءَ جي قدم ڪنيا. سي هيءَ هئا:

خط ڪٺي وڃي حڪيم قائم الدين صاحب وٽ پهتو. ڪانئس "گالب کان" جو پتو پڇيائين. حڪيم صاحب ٻڌايس تہ جنهن اسدالله عرف غالب خان جو ذڪر خط ۾ ٿيل آهي، سو وڏو جرنيل ٿي گذريو آهي، جنهن جون اڪبر بادشاهہ سان جنگيون ٿينديون رهيون هيون. "شڪم درويشان" تي حڪيم صاحب جي منهن تي مُرڪ ڏسي، هڪدم معنيٰ جي فرمائش ڪيائين. جواب مليس تہ ان جي معنيٰ آهي تہ "درويش جي پيٽ وانگر تنهنجي پيٽ ۾ بہ فقط نُور سمايل رهي ٿو." باقي ڪابہ اهڙي تشبيهہ خط ۾ نظر ڪانہ آيس، جنهن جي معنيٰ ازخود سمجهي نہ سگهيو هجي. اتندي حڪيم صاحب کي چيائين تہ "باقي سچو خط پڙهي ويو آهيان، ساڳي "آريزيءَ" (عريضي) جي ڍنگ تي لکيل آهي. مرادوند ڇوڪرا پنهنجن وڏن ڏانهن هميشہ آريزي ناموني (نموني) جا ئي ليٽر لکندا آهن. هڪڙو گلام ڪادر بيءَ طرح جو آهي، ان سان هينئر پڇي پوندوسين."

(چاچو مرحوم ڪنهن زماني ۾ عريضي نويسيءَ جو ڪم ڪري چڪو هو.)

اتان اٿي پريس ۾ آيو. منهنجي خط کي پهرئين صفحي تي ڇپارايائين، ۽ مٿس سرخي هنيائين- راشدي صاحب جو سائيفڪٽ."

ان کان پوءِ اچي ويٺو چونڪ جي هوٽل ۾. آئي وئي کي رستي تان سڏيو پئي خط پڙهايائين. خط پڙهائيندي پڙهائيندي پڙهندڙ کي بہ - ٿي سخن بہ

ڏيندو ٿي رهيو – چي، "اوهان... هئا. ڪونه ٿي مڃيوَ ته ڪو الله بخش خان به ايڊيٽر آهي. هاڻي ڏسو- اوهان جي بابي راشديءَ به سائيفڪٽ ڏيئي ڇڏيو آهي ته چاچو الله بخش "گالب خان" ڪان به مٿي آهي!"

"غالب" جيڪب آباد جي ماڻهن ۾ مشهور ڪونه هو. تنهنڪري جڏهن ڪانئس پڇيو ٿي ويو ته اهو خانوادو ڪير هو. ته پاڻ سمجهاڻي ٿي ڏنائين:

"..... ڇڻ، ڪتي جا ڦڻ، اوهان کي گالب ڪان جي به ڪبر ڪانه آهي! جرنيل هو. اڪبر بادشاهه سان انهيءَ گالب ڪان جرنيل جون ته چوٽون ٿينديون ٿي رهيون. پٽ اجا به نه اچيوَ ته وڃي پنهنجي بابي قائم الدين ڪان گالب ڪان جون ڪبرون پڇو."

ان واقعي ڪان پوءِ، سندس ڪلام ۾ غلام قادر خان لاءِ پاڻ وڏيڪ تيزي پيدا ٿي، جنهن ۾ مون کي ڏاڍو ارمان رهيو. مون کي ڪا خبر ڪانه هئي ته منهنجي سائيفڪٽ ڪان پوءِ چاچي مرحوم کي پنهنجي قلم ۾ وڏيڪ ويساهه پيدا ٿيندو ۽ ان جو اثر منهنجي دوست غلام قادر تي پوندو.

ڪجهه عرصي بعد عموي صاحبيم جو انتقال ٿيو. ۽ ان طرح منهنجن چاچن جي فهرست اندر هڪ خانو خالي ٿيو.

ٻيو چاچو، بحمدالله تعاليٰ، اڃا تائين زنده ۽ قائم آهي. اهو آهي **ميان نبي بخش خان سرڪي**، عرف "لالو منو،" ايڊيٽر اخبار "اتحاد" جيڪب آباد.

نيڪ نفس، نيڪ دل، ۽ محبت ڪندڙ انسان آهي. هميشه چڱو ڏڪي، چڱو ڪائي، چڱو گهمي، چڱو گهتي! باوجود ان جي جو ڪاري عينڪ چوويهه ڪلاڪ ئي چڙهيل هوندي اٿس، مگر منجهانئس ڏسندو سيڪجهه پيو. جيڪب آباد ميونسپالٽيءَ سان وابسته ڪنهن شخص ڪان به پنهنجي فرائض جي ادائگيءَ ۾ ڪا ڪوتاهي ٿي ويئي، ته "ذيان طلب" مضمونن جي ذم لڳي ويندي، ۽ اوستائين سندس جان نه ڇڏيندو، جيستائين يا ته اڳلو پنهنجي اصلاح ڪري، يا وري چاچي سائينءَ جي خلاف بدناموسيءَ جو ڪيس داخل ڪري.

ٻهراڙيءَ جي پوليس عملي تي پڻ سندس ڪرڙي نظر آهي. جمعدارن ۽ صوبيدارن جي ڪارگذارين بابت "جناب ڪماني صاحب" جي "ذيان طلبي" گهڻو ڪري هر هفتي ٿيندي رهي ٿي. جن ڪان چڱو ڪم ٿئي ٿو، تن جي تعريف ۾ پڻ مضمون شايع ٿين ٿا. ۽ ان قسم جي هر مضمون جي انتها "جوڳي

قدرشناسيءَ" عرف "مناسب انعام" جي سفارش سان ٿئي ٿي. ڪنهن رن روڳڙيءَ ڪي مڙس ڪان طلاق ونڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي ته "نوٽيس" چاچي جي اخبار ۾ ئي پڌرو ڪرائي ٿي.

غرض ته ضلعي جي پبلڪ ۽ صحافت جي گهٽين ئي ضرورتن جي پورت، لالي مٺي، جي قلم ۽ پرچي جي ذريعي ٿيندي رهي ٿي- چڱو مڃڻ مڃايون ويٺو آهي.

## سر غلام حسين هدايت الله مرحوم

وڏو بختاور انسان هو. ٽيهن سالن ڪان مٿي سنڌ جي سياسي فضا تي ڇانيل رهيو. بغير سرمايي صرف ڪرڻ جي، بغير ڪنهن سختي سهڻ يا قربانيءَ ڏيڻ جي. چون ٿا ته سندس ولادت شڪارپور ۾ ٿي، پر وڪالت پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ڏنڌو حيدرآباد مان شروع ڪيائين. مهمان نوازيءَ جو انگ اول ڪان ئي هوس. آئي وئي ڪي مانيءَ ٽڪر مڙيو ئي ڪارايو ڇڏيندو هو. ٿورن ئي ڏينهن اندر چڱو اثر پيدا ڪيائين. پهرياڻين ضلعي لوڪلبورڊ حيدرآباد جو پريزيڊنٽ چونڊيو. ان ڪان پوءِ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر، ۽ 1920ع ۾ "سڌارا" آيا، ته سنڌ پاران بمبئي سرڪار جو وزير بڻجي ويو. اٺ سال ڪن وزيري ڪيائين، ۽ پڇاڙيءَ وارا ڪجهه سال ايگزيڪيوٽو ڪائونسلر ٿي رهيو. 1933ع ڌاري رٽائر ڪري سنڌ ۾ آيو. ۽ اچي ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو. سنه 1934ع ۾ ليجسليٽو اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون. پاڻ سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن پاران اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو . 1936ع ۾ سنڌ جو صوبو بمبئيءَ ڪان جدا ٿيو. 1937ع ۾ پهريون چونڊون ٿيون. وري به زميندار- جاگيردار سيٽ مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو ۽ چونڊجڻ شرط سنڌ جو وزيراعظم مقرر ٿيو- 1938ع ۾ سندس وزارت ڪي شڪست آئي ۽ مرحوم الله بخش سندس جاءِ تي وزيراعظم بڻيو. سر صاحب اچي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ سارو سال مسلم ليگ تحريڪ ۾ هلندو رهيو. پر مسلم ليگ الله بخش وزارت ڪي ڊاهڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي، جنهنڪري جنوري 1939ع ۾ سر صاحب مسلم ليگ ڇڏي وڃي الله بخش سان شامل ٿيو ۽ وٽانئس هوم منسٽريءَ جو عهدو ورتائين. آڪٽوبر 1942ع ۾ الله بخش مرحوم ڊسمس ٿيو. ان جي جاءِ تي پاڻ دوباره وزيراعظم مقرر ٿيو. 1943ع ۾ الله بخش مرحوم شهيد ٿي ويو. 1945ع ڌاري مسلم ليگ خاصو زور ورتو. سر غلام حسين ان ڪان اڳ ئي منجهس وري

شامل ٿي چڪو هو. 1947ع جي ڇيڙي تائين وزيراعظم بڻيو رهيو. پاڪستان ٿيڻ تي قائداعظم جناح عليه الرحمة کيس سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. 1948ع جي ڇيڙي ۾ قائداعظم عليه الرحمة جو انتقال ٿيو. اها خبر ٻڌي سر صاحب گورنر جنرل جي محل ۾ ويو. اتي ئي اوچتو دل جو دورو پيس. موٽي گهر آيو، هفتي کن اندر هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. اناالله و انا اليه راجعون. جيترو وقت جيئرو رهيو، حڪومت ڪندو رهيو. پر اهي وقت ٻيا هئا ۽ ان زماني جا ماڻهو به ٻئي قسم جا هوندا هئا.

سر صاحب مرحوم جي زندگيءَ جو مون گهڻو مطالعو ڪيو. پويان تيرهن - چوڏهن سال ته ساڻس خاصو سڌو تعلق به رهيو، پر اهو تعلق بطور سياسي مخالف جي هو نه بطرح سياسي حاميءَ جي. اصلي سبب اسان جي اختلاف جو، هيءُ هو ته مرحوم ويندو هو وقتي حالتن جي تقاضائن مطابق، ۽ اسان واريءَ پاليٽيڪس جو بنياد هوندو هو محض جذبات تي ۽ انهن اصولن تي جيڪي ڪتابن ۾ پڙهيا هئاسين. پر ان زماني جي سنڌ جي ماڻهن ۽ سياست سان انهن اصولن جي ڪا به مناسبت ٿي ڪانه ٿي سگهي. هو صاحب هو realist يعني سخت حقيقت شناس ۽ اسان هئاسين visionary ۾ يعني سپنن جي دنيا جا سياح، هن جي اڳيان هو "امروز"، اسان کي لڳل هو "فڪر فردا"، هُو هو دماغ جو قائل ۽ اسان هئاسين دل سڳوريءَ جا گهائل. ٻڌجي ته ڪٿان؟ ساٿ رهي ته ڪهڙي بنياد تي؟

سڀ کان پهريون اختلاف جو سبب هيءُ هو ته مون گهريو ٿي ته سنڌ جدا ٿيڻ بعد ڪامورا شاهيءَ جو زور ٽوڙڻ گهرجي، ڇو ته علحدگيءَ واريءَ تحريڪ جو هڪ بنيادي مقصد اهو به هو ته انهيءَ مقصد جي بنياد تي ئي آءٌ ان تحريڪ ۾ ايتريقدر ڀرو وٺي چڪو هوس.

انگريزن جي زماني ۾ عملدار شاهيءَ خوب جاوا ڪندي رهي هئي، پرَ تمنا اها هئي ته سنڌ جدا ٿيڻ شرط هڪدم ان جون پاڙون پٽي پڌر ۾ اڇلايون ونديون. پر سر غلام حسين مرحوم، وزارت عظميٰ جي پهرئين سال اندر، ان ڏس ۾ ڪو قدم کونه کنيو- پاڻ عملدارن جي ڪٺي الله ٻڌي، "سائين سائين" ڪندي هر هڪ موذيءَ اڳي مرحوم جا پير جهليا- اُهي ئي پراڻا دستور، اها ئي اڳوڻي فضا، اهي ئي نوڪر شاهيءَ جا آزار. گويا سنڌ جي علحدگي ئي رائگان ويئي.

سر غلام حسين کي جنهن وقت گورنر، سر لانسلاٽ گراهم، وزيراعظم مقرر ڪيو ان وقت سندس پنيان، سٺ ميمبرن مان فقط ڇهه ميمبر هئا. پر ڇئن -پنجن مهينن اندر حالت اهڙي ٿي ويئي جو سواءِ ڇهن - ستن ڪانگريسي هندو ميمبرن جي، باقي سمورا ميمبر سر صاحب جا حامي بڻجي پيا. ظاهري طرح وزارت پارٽيءَ ۽ مخالف ڌر (جنهن جا اڳواڻ هئا، مرحوم الله بخش ۽ مسٽر جي. ايم. سيد) جي وچ ۾ هڪ اقرار نامو ٿيو، جنهن ۾ ڪن مختصر انتظامي سڌارن رائج ڪرڻ جو وزارت طرفان واعدو ڪيو ويو ۽ ان واعدي عوض مخالف ڌر سر صاحب جي پٺڀرائي ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

مهينن پنيان مهينا گذري ويا، پر اقرار نامي تي ڪو عمل ڪونہ ٿيو. سر صاحب پنهنجي دستور موجب ڪم هلائيندو رهيو. جي. ايم. سيد صاحب، نيٺ لاچار ٿي بغاوت ڪئي ۽ مارچ 1938ع ۾ سر صاحب جي وزارت فقط هڪ ووٽ جي فرق سان ڪِري پئي.

ان وزارت کي ختم ڪرائڻ ۾، پس پرده، مون بہ ڪجهہ حصو ورتو. جي. ايم. سيد جو آءٌ سياسي رفيق هوس ۽ هو منهنجيءَ راءِ کي چڱي وقعت ڏيندو هو. سنڌ جي "نوڪر شاهيءَ" کي ناس ڪرڻ جو جيترو اونو مون کي هو، ان کان زياده خود کيس هو. جذبات جي سندس طبيعت جي تشڪيل ۾ اوتري ئي ڪارفرمائي هئي، جيتري منهنجي مزاج جي ترتيب ۾. سنڌ جي علحدگيءَ لاءِ بئي گڏجي ڪم ڪري چڪا هئاسين. علحدگيءَ بعد پهرئين عام اليڪشن ۾ پڻ ساڳي ئي يونائيٽيڊ پارٽي جي عَلم هيٺ گڏجي هنگاما برپا ڪيا هئاسين. پروگرام ٻنهي جو ساڳيو هو- ذاتي غرض نہ کيس هو ۽ نہ مون کي.

ڊسمبر 1937ع جي پڇاڙيءَ ۾، آءٌ جي. ايم. سيد سان ملڻ لاءِ، سندس ڳوٺ ويس- رات جو مجلس ٿي، ٻيو جا ٻنڌ وچ ۾ پئي ٻريا، اسان تڏي تي هنڌن کي پٺي ڏيو پيا هئاسين، ڳالهين پٺيان ڳالهيون هلنديون ويون، نيٺ اچي بيٺاسين سنڌ جي سياست تي.

مون کين عرض ڪيو تہ سنڌ جي جدائي مورڳو اڪارتي ويئي، عملدار شاهي اڳ کان اڳري رهجي ويئي، سڌارو هڪڙو بہ ڪرائي ڪونہ سگهياسين، پورا ٻارهن مهينا اجاين اميدن جي نذر ٿي ويا، سر غلام حسين مان اها اميد رکڻ تہ هو محض اقرار پاڙڻ خاطر پنهنجي عمر جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي پاليسي

بدلائي انقلاب آڻيندو قطعاً ناداني هئي. اسان کي محسوس ڪرڻ کپندو هو تہ سر صاحب لاءِ اهڙو اقرار پاڙڻ ناممڪن هو. ڇو تہ سنڌس سياست جو مدار ئي آهي عملدارن جي مدد ۽ "جُڙيءَ کي جس" Status Quo واريءَ پاليسيءَ تي، جيڪڏهن هو پنهنجن هٿن سان انهن عملدارن کي ختم ڪندو تہ پوءِ سياست هلائڻ لاءِ ڪيس ٻي مدد ڪٿان ملندي؟

مون تقرير ڪافي دليلن، جوش ۽ جذبي سان ڪئي، بنان ڪنهن جواب ڏيڻ جي سيد صاحب اٿي گهر هليو ويو. مون سمجهيو تہ هينئر غلام حسين وزارت جو ڪم لٿو.

جنوريءَ جو مهينو خير سان گذريو. فيبروريءَ ۾ سيد صاحب وزارت ڪيرائڻ لاءِ پنهنجو نقشو تيار ڪيو. مارچ جي اوائل ۾ اسيمبليءَ جو بجيٽ اجلاس شروع ٿيو. مون ڏانهن خط آيو تہ ڪراچيءَ ۾ هليو اچان. مون سمجهيو تہ وزارت ڏانهن خير ڪونہ آهي، تنهنڪري مون سارو سفر، ڪراچيءَ تائين ٿرڊ ڪلاس گاڏيءَ جي مٿين تختي تي سمهنديءَ پورو ڪيو، ڇو تہ آءٌ سر صاحب جي وزارت جو مشهور مخالف هوس، جڏهن ٻين سيٽني وڃي ساڻس ناهہ ڪيو هو تڏهن آءٌ ٻاهر رهيو هوس، هينئر بجيٽ هلندي منهنجو ڪراچيءَ وڃڻ، لازماً چوٻول پيدا ڪري ها ۽ سنڌس رفيقن کي خبردار ٿيڻ جو موقعو ملي وڃي ها. مون نٿي گهريو تہ وقت کان اڳ وزارت کي اسانجن ارادن جو پتو پوي.

ڪوٽڙي اسٽيشن تي چانهہ پيئڻ لاءِ اچا ڪنڌ مس ٻاهر ڪڍيو هو، تہ پريان مرحوم سائين ميران محمد شاهہ کي ايندو ڏٺم. ميران محمد شاهہ، ان زماني ۾ اسپيڪر هو ۽ سر غلام حسين جو حامي، توڙي جو رهندو جي. ايم سيد جي بنگلي ۾ هو، ۽ صلاح صلاحيت ۽ امن امان جي مصلحت ان کي بہ پيو ڏيندو هو. ڪيس ڏسي مان وري بہ ڪنڌ هيٺ ڪري لڪي پيس. اهڙيءَ ريت ڪراچيءَ پهچڻ تائين پورا چوڏهن ڪلاڪ، نہ ڪٽ ماني کائڻ لاءِ اٿيس نہ چانهہ جو ڍڪ نصيب ٿيم. جي. ايم. سيد جي بنگلي تي پهتس تہ ميران محمد شاهہ صاحب ات اڳ ۾ ئي پهچي چڪو هو! مون کي ڏسي گهٽو ئي ڪن اُپا ڪيائين، پر مان ظاهر ڪندو رهيس تہ منهنجو اچڻ محض ڊاڪٽري علاج جي سلسلي ۾ ٿيو آهي ۽ ڊاڪٽر کي پاڻ ڏيکاري ڏينهن - اڌ ۾ وري واپس هليو ويندس. پر شاهہ صاحب کي وري بہ اطمينان ڪو نہ ٿيو. رات جي هڪ بجي

تائين وچ ۾ ويٺو رهيو. جي. ايم. سيد ۽ مون کي اصلي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو موقعو ئي ڪونه ٿي مليو. نيٺ اسان مجلس برخواست ڪري وڃي سمهياسين. جڏهن ميران محمد شاهه به وڃي سمهيو ۽ اسان کي خاطري ٿي ته هو هينئر محو خواب آهي، تڏهن جي. ايم. سيد ۽ آءٌ موٽي اتي اچي هڪ اونداهي ڪمري ۾ ويٺاسون ۽ وزارت تي رٿيل حملي واري نقشي کي آخري طرح نظر مان ڪڍيوسين. بجيٽ تي آخري ووٽنگ ۾ باقي به ڏينهن هئا. جي. ايم. سيد صاحب ڪانگريس ۽ نهچلداس وزيراڻيءَ واريءَ هندو پارٽيءَ سان اڳ ۾ ئي، هڪ اصلاحي پروگرام جي بنياد تي، ناهه ڪري ڇڏيو هو. رٿ هيءَ هئي ته ووٽنگ جي آخري گهڙيءَ تائين جيڪو ميمبر جنهن بينچ تي ويهندڙ هجي، اتي ويٺو رهي. مسٽر سڌوا، ڪانگريس پارٽيءَ جو پارسي ميمبر، عدم اعتماد جي اظهار لاءِ هڪ رپئي جو ڪَٽ موشن ڏئي. تقريرون فقط ڪانگريسي ميمبر ڪن. ٻيا سڀ خاموش رهن. جنهن وقت آخري ووٽنگ جو ٽائيم ٿئي، ان وقت سڀ باغي ۽ انقلابي ميمبر اٿي وزارت جي خلاف ووٽ ڏين.

ووٽنگ کان اڳيئين رات تي حسب دستور، سر غلام حسين پنهنجن سمورن مددگار ميمبرن جي اعزاز ۾ ڊنر ڏني. سوال اٿيو ته جي. ايم. سيد صاحب ان ڊنر ۾ شامل ٿئي يا نه؟ ڪن جو خيال هو ته جنهن صورت ۾ سر غلام حسين کي ٻئي ڏينهن تي ڪيرائڻو آهي، تنهن صورت ۾ هينئر ان جو نمڪ نه کائجي. پر بحث مباحثي بعد هن نتيجي تي پهتاسون ته جيڪڏهن سيد صاحب ڊنر ۾ شريڪ نه ٿيندو، ته هڪدم شڪ شبها جاڳندا. ميمبرن تي وزارت پاران چوڪسي شروع ٿي ويندي، ڪن کي ته عهدن جا پڻ واعدا ملندا. غرض ان هڪ غلط قدم ڪري ساري ڪئي ڪمائي ختم ٿي ويندي. تنهنڪري سيد صاحب ڊنر ۾ ضرور شريڪ ٿئي.

ڊنر کان پوءِ سيد جي بنگلي تي اسان جي آخري ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ نهچلداس به اچي شريڪ ٿيو. اها ميٽنگ اجا هلي رهي هئي ته ٻاهران خبر ملي ته کهڙو صاحب [1] اچي رهيو آهي. کهڙي صاحب جو نهچلداس کي آڌيءَ رات وڳڙي اسان وٽ ويٺو ڏسڻ خطرناڪ سمجهيو ويو. تنهنڪري مون نهچلداس کي اٿاري وڃي غسلخاني ۾ بند ڪيو. کيس سمجهائي ڇڏيم ته جيستائين

[1] کهڙو صاحب سر غلام حسين جي وزارت ۾ پارليامينٽري سيڪريٽري هو.

کهڙو هت آهي تيستائين پاڻ غسلخاني اندر ڪموڊ کي ڪرسي بڻايون ويٺو هجي، جنهن ويلي کهڙو اٿي ويو تہ آءُ فوراً در کولي اچي ڪيس ٻاهر ڪڍندس. کهڙي صاحب کي ڳالهين ڪندي ڪي ڪلاڪ گذري ويا، آخر پاڻ روانو بہ ٿي ويو، ۽ اسان کي اچي ورتو ننڊ. اها ڳالهہ ٿي مورڳو وسري ويئي تہ ڪو نهچلداس غريب غسلخاني ۾ بند آهي ۽ سمهڻ کان اڳ ڪيس اتان آزاد ڪرڻو آهي. ڪنهن ويلي قضا حاجت لاءِ غسلخاني ۾ داخل ٿيس تہ ڏٺم نهچلداس باقاعدي ڪموڊ تي ويٺو آهي. مون ساڻس گهڻي همدردي ڪئي. ڪيس چيم تہ "هن وقت تائين کهڙي اٿڻ جو نالو ئي ڪونہ ٿي ورتو، تنهنڪري اسان بہ وينا رهياسين. معلوم ٿئي ٿو تہ وزارت پارٽيءَ کي ڪو شڪ جاڳيو آهي، جنهن جي تحقيق لاءِ کهڙي کي مقرر ڪيو هئائون. اسان بہ ڪيس ويهاري خوب ويساهہ ڏنا آهن. هو هينئر اٿي ويو آهي ۽ مون اچي در کوليو آهي.

نهچلداس جي دماغ تي وزارت جو شوق چڙهيل هو، سو هُن اُن ساريءَ رات جي ڪشٽ کي تڇ برابر بہ ڪونہ سمجهيو. ڪلندو اٿي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو. هلندي فقط ايترو سو پڇيائين تہ "پروگرام تہ آل رائٽ آهي؟"

"بلڪل آل رائٽ."

پروگرام جو هڪ حصو هيءُ بہ هو تہ سردار سهراب خان سرڪيءَ کي اسيمبليءَ ۾ اچڻ نہ ڏيو ۽ ڪيس موٽر ۾ ويهاري منگهي پير ڏانهن ڪيي وڃي بند ڪيو.

آخري ڏينهن تي آءُ بہ وڃي گيلريءَ ۾ ويٺس. وزارت کي ڪيرائڻ جو انتظام مڪمل ٿي چڪو هو. ڪلاڪ - ٻن کان پوءِ ووٽنگ ٿيڻي هئي، تنهنڪري وڌيڪ لڪل رهڻ بيڪار هو. ساڳيءَ شام "سنڌ آبزرور" اخبار لکيو تہ "سنڌ جي لارينس [1] کي گيلريءَ ۾ ويٺو ڏسي اسان اڳ ۾ ئي تاڙي ويا هئاسين تہ اڄ وزارت جو خير ڪونہ آهي."

شام جو پنج بجي ووٽنگ ٿي، هڪ ووٽ تي وزارت ڪِري پئي. سر غلام حسين مرحوم جوش ۾ اچي "Treachery Treachery" (دغا، دغا) پڪاريندو ٻاهر نڪري ويو. بدقسمتيءَ سان وراندي ۾ آءُ سندس سامهون پئجي ويس. بزرگانہ انداز ۾ ڪافي تنبيهہ ڪيائين - چي، "تو ئي اچي هيءَ دغا ڪرائي آهي. پر منهنجي دل کي ڪا پرواهہ ڪانہ آهي. ووٽنگ ڇا بہ هجي پر منهنجي وزارت ڪانہ ويندي."

---

[1] عرب جي لارينس، پهرين عالمگير جنگ جي زماني ۾ عرب ممالڪ ۾ انقلاب آندو هو.

مون کيس وراڻيو ڏني: "سر صاحب، اوهان جيڪي بہ چئو پر خدا جي حڪم سان اوهان جي وزارت ويئي پئي آهي. ٻڪري جي ماءُ ڪيستائين خير منائيندي رهندي."

مرحوم جي دل صاف هوندي هئي، تنهنڪري زبان کي آزاد ڇڏي ڏيندو هو. ان ڏينهن، سندس ان خصوصيت جو مون کي ڪافي تجربو حاصل ٿيو.

گورنر، سر لانسلاٽ گراهم، سر غلام حسين جو دلي دوست هو، ۽ پنهنجن هٿن سان کيس وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي ويهاري چڪو هو، مگر وري بہ انگريز هو، ان ڪري قانون ۽ آئين جو پابند. ڏينهن - ٻن اندر ئي سر صاحب کان استعفا وٺي مخالف ڌر جي اڳواڻ خانبهادر الله بخش کي سنڌ جي وزيراعظم مقرر ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ ڪل ٽي وزير ٿيندا هئا. نئين وزارت ۾ باقي ٻہ وزير ٿيا: پير الاهي بخش ۽ مسٽر نهچلداس وزيراڻي.

سنڌ جي وزارت جي ان ڦيرڦار تبديليءَ جا ٻہ - ٽي پيا پهلو پڻ قابل ذڪر آهن: مثلاً وزارت جي هڪ اميدوار کي جو اسان وٽ بند هو، سندس هڪ بزرگ اوچتو اچي پيرين اگهاڙو اسان وٽان ڇڏائي ويو. جڏهن وري هٿ آيو تہ اسان کيس وٺي وڃي راڻي باغ جي هڪ ڪنڊ ۾ لڪايو.

پير الاهي بخش صاحب وزير بڻيو تہ مون کي، بطور سيڪريٽريءَ جي، ساڻس وابستہ ڪيو ويو. پير صاحب ساريءَ سنڌ جو دورو ڪيو ۽ آءٌ سندس خدمت ۾ رهيس. ڪاموراشاهيءَ جي خلاف خوب تقريرون ڪيونسين. پير صاحب تہ ڪليل ميٽنگن ۾ ظالم ۽ رشوتي ڪامورن کي ڏنبا بہ ڏيکاريندو رهيو. پبلڪ تي اثر تمام چڱو پيو، ماڻهن ۾ ڪجهہ همت پيدا ٿي. هزارن جي تعداد ۾ ڪامورن خلاف درخواستون ڏنائون. عملدار شاهيءَ کي ساريءَ سنڌ اندر ڏڪڻي وٺي ويئي. مجموعي طرح پڻ نئين وزارت ويهڻ شرط ٻہ - چار تمام دلپسند قدم کنيا: درٻارين ۽ ڪرسين جي سلسلي کي ختم ڪيو ويو. اسپيشل ماجسٽريٽن کي رخصت ڏني ويئي، لوڪل باڊيز مان ٽاڦيل ميمبر ڪڍيا ويا. مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي جلا وطني ختم ڪري واپس سنڌ ورڻ جي اجازت ملي، ۽ سياسي قيدي آزاد ٿيا.

پر ٽن - چئن مهينن اندر نوڪرشاهي نئين وزارت تي قبضو ڪري ويئي. گورنر ۽ هيٺين عملدارن محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن وزارت تي جي. ايم. سيد

جو اثر وڌيڪ هليو تہ پوءِ ڪامورا شاهي ختم آهي، تنهنڪري ڪوشش ٿي تہ جي. ايم سيد ۽ الله بخش کي هڪٻئي کان جدا ڪن. اوچتو ئي اوچتو مرحوم الله بخش کي آماده ڪيو ويو تہ سکر بئراج ايراضي اندر ڏلون وڌائي. جي. ايم. سيد ڏلن جي مخالفت ڪئي. الله بخش پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهيو. هوڏانهن ڏلون زوريءَ وڌايون ويون. هيڏانهن جي. ايم. سيد ۽ اسان جي وزارت پارٽيءَ کان جدا ٿي وياسون. ڪانگريسي هندو، سيد جي علحدگيءَ جو فائدو وٺي، الله بخش کي چنبڙي پيا.

جي. ايم. سيد ۽ اسان، ڪانگريسين جا اهي لڇڻ ڏسي، وڃي مسلم ليگ ۾ شامل ٿياسون ۽ ان کان پوءِ سنڌ اندر مسلم ليگ ۽ هندستان اندر پاڪستان تحريڪ جو بنياد پيو، جنهن جو تفصيل مناسب جاءِ تي ڏنو ويندو.

سر غلام حسين، اها حالت ڏسي،اچي اسان سان مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. مسلم ليگ پاران، الله بخش وزارت کي ٽوڙڻ لاءِ هڪ "وار ڪائونسل" ناهي وئي، جنهن جو اڳواڻ،منهنجي تحريڪ تي، سر غلام حسين مقرر ٿيو ۽ آءٌ پاڻ ان "ڪائونسل" جو سيڪريٽري چونڊيس. "ڪائونسل" جا ٻيا ميمبر هئا: جي. ايم. سيد، سر حاجي عبدالله هارون، خانبهادر کهڙو، شيخ عبدالمجيد، ۽ مسٽر محمد هاشم گزدر.

مرحوم سر حاجي عبدالله هارون، ۽ سر غلام حسين جا پاڻ ۾ سخت اختلاف هوندا هئا. انهن اختلافن پٺيان سر عبدالله هارون جو پنهنجو ڪو ذاتي مقصد ڪونہ هو. مرحوم پراڻو قومي ڪارڪن هو، سندس دماغي تشڪيل ئي هن طرح ٿي چڪي هئي تہ جيڪو بہ ماڻهو قومي تحريڪ لاءِ مفيد آهي سو سندس نظر ۾ چڱو ماڻهو آهي ۽ ان جي برعڪس جو بہ شخص ذاتي مقصدن کي قومي مقصدن تي ترجيح ڏئي ٿو، سو ايتريقدر خراب آهي جو ان سان هوند هڪ ٽيبل تي ويهي ماني بہ نہ کائجي. سر غلام حسين مرحوم سان، تنهنڪري، اڪثر ڪانہ پوندي هئس.

جنهن ڏينهن سر غلام حسين وار ڪائونسل جو چيئرمن چونڊيو ان ڏينهن، ميٽنگ مان اٿي، آءٌ سر عبدالله هارون کي ريلوي اسٽيشن تي ڇڏڻ لاءِ ويس. پاڻ شملہ يا دهليءَ وڃي رهيو هو. صدر جي پليٽفارم تي پهچندي ئي سر عبدالله هارون، غصي ۾ڃان، وار ڪائونسل جا ڪاغذ مون کي اڇلائي ڏنا-چي، "هينئر

غلام حسين اڳواڻ ڪيو اٿوَ تہ پوءِ عبدالله هارون جي پٺيان ڇو پيا اچو - مون دل پڇائيندڙ اپيلون ڪيس. الله بخش ۽ ڪانگريسين جي نئين سنبنڌ سبب سنڌ جي مسلمانن لاءِ جي نوان خطرا پيدا ٿي چڪا هئا. تن ڪان ڪيس آگاهہ ڪيم. ڪيس يقين ڏنم تہ توڙي جو نالي ماتر سر غلام حسين اڳواڻ چونديو آهي، مگر حقيقي اڳواڻ پاڻ ٿي رهندو. اسان سڀ سندس پٺلڳ آهيون. سر غلام حسين ڪي محض مصلحتاً اهو اعزاز ڏنو ويو آهي، ڇو تہ سنڌ اسيمبليءَ اندر هو ٿي ڪم ڏيئي سگهندو، وغيره وغيره. سر صاحب مرحوم نيٺ تڏو ٿيو ۽ فائيل موٽائي ورتائين. آءٌ ڪلمو پڙهي واپس آيس. ان ڪان پوءِ ورندڙ جنوريءَ (1939ع) تائين (جڏهن سر غلام حسين اسان کي ڇڏي اوچتو ئي اوچتو وڃي الله بخش سان شامل ٿيو) منهنجو فرض اهو رهيو تہ انهن ٻن شينهن سان هڪڙي ئي ٻيلي اندر منهن ڏيو وينو هجان ۽ ڪين هڪٻئي سان زور آزمائي ڪرڻ نہ ڏيان. ڪم مشڪل هو، پر پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪندو رهيس.

ان وچ ۾ گهڻا ئي قصا ٿي گذريا. مسلم ليگ تحريڪ کي زور وٺرايو ويو. ڪراچيءَ ۾، آڪٽوبر 1938ع ۾، مسلم ليگ جي پهرين ڪانفرنس قائداعظم جي صدارت هيٺ سڏائي وئي. ان ڪانفرنس ۾ پهرئين دفعي هيءُ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو تہ جنهن صورت ۾ ڪانگريسي هندو مسلمانن سان ڪنهن بہ منصفانہ سلوڪ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، تنهن صورت ۾ مسلم ليگ کي پاڪستان قائم ڪرائڻ لاءِ ڪوشش شروع ڪرڻ گهرجي. پاڪستان اسڪيم جي تحقيق ۽ مقبوليت لاءِ ڪاميٽي ٺهي، جنهن جو چيئرمن مرحوم عبدالله هارون ۽ سيڪريٽري آءٌ مقرر ٿيس. سنڌ پراونشل مسلم ليگ جو پايو پيو، جنهن جو پڻ عبدالله هارون صدر ۽ آءٌ سيڪريٽري چونڊيس - وغيره وغيره.

ايندڙ جنوريءَ تائين بہ - چار ڳالهيون بلڪل ظاهر ٿي چڪيون:

(1) مسلم ليگ جو وڌندڙ زور ڏسي، ڪانگريسي الله بخش مرحوم جا پير جهلي ويهي رهيا.

(2) سنڌ جا اڪثر وڏيرا ايم. ايل. اي. الله بخش وزارت جا مددگار رهيا.

(3) وزارت جي ڪِرڻ جو ڪو امڪان باقي ڪونہ بچيو.

(4) مسلم ليگ تحريڪ اندر سر عبدالله هارون جو اثر ۽ رتبو وڌندو ويو، ۽ سر غلام حسين لاءِ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ نا اميديءَ جي فضا پيدا ٿيندي وئي.

(5) سر غلام حسين کي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو يڪا ڏهه مهينا وزارت ۽ اقتدار کان ٻاهر رهڻو پيو. ۽ ڪيس اڳ لاءِ ڪا بہ گهٽي اميد ڪانہ رهي، ڇو تہ هن محسوس ڪري ورتو تہ جيڪڏهن مسلم ليگ کي ڪنهن موقعي تي وزارت ناهڻ جو موقعو بہ مليو، تہ جناح صاحب وڏي وزيري ڪيس نہ ڏيندو، پر جي. ايم. سيد يا عبدالله هارون جي حوالي ڪندو.

(6) سر صاحب جي ساٿين ۽ حامي عملدارن تي مشڪل گهڙيون اچي ويون هيون. تقريباً ڏهہ مهينا انهن پونئرن کي پاڻي ڪونہ مليو هو. سيني مڙي مٿس زور آٿڻ شروع ڪيو تہ ليگ کي ڇڏي، الله بخش سان ناهہ ڪري، نندي وزيري ئي هٿ ڪجي، جيئن وڏيڪ وقت لاءِ ڪيس "اقتدار" کان ٻاهر رهڻو نہ پوي.

جنوريءَ (1939ع) ۾ اسيمبلي - اجلاس ٿيڻو هو. اسان پنهنجي پاران خوب تياريون ڪيون. الله بخش وزارت ۽ سندس مددگار ميمبرن تي اثر وجهڻ جون. سر غلام حسين ناتال جي موقعي تي بمبئيءَ ويو. ويندي مون کي چوندو ويو تہ اسيمبليءَ جي اجلاس وقت گئلريءَ ۾ پبلڪ کي آٿي ويهارڻ جو بندوبست اڳواٽ ڪري ڇڏيان. ريل ۾ ويهڻ وقت بہ چٺي لکي ڇڏي ويو تہ مسلم ليگين لاءِ گهٽي ۾ گهٽيون گئلري - پاسون ڪيرائي رکان. اسان سيني کي يقين ٿيو تہ سر صاحب بلڪل پختو آهي. انهن ڏينهن تائين پارٽين بدلائڻ جو رواج اجا ڪونہ پيو هو. تنهنڪري اسان جي تصور ۾ بہ ڪونہ ٿي آيو تہ سر صاحب جي پايي واري ليڊر کان ڪا لغزش واقع ٿيندي، ۽ هو ساڳئي الله بخش کان، جنهن ڪيس وزارت مان لاٿو هو، نندي وزيري وٺي، پنهنجي جماعت کي پُٺي ۾ ڇُري ۽ اقرارن تي ٻُڙي ڏيئي ويهي رهندو.

اجلاس کان اڳئين ڏينهن تي هو بمبئيءَ کان واپس آيو ٻئي ڏينهن اجلاس شروع ٿيو. پاڻ مخالف بينچن تي، بطور اپوزيشن ليڊر جي ويٺو رهيو. وزارت خلاف عدم اعتماد جي رٿ پيش ٿي، پاڻ اُٿي ان جي پنيرائي ڪيائين.

ٻئي ڏينهن جي اجلاس ۾ مورڳو شامل ئي ڪونہ ٿيو.

ٽئين ڏينهن اجلاس ۾ آيو، پر سڌو اچي وزارت جي بينچن تي ويهي رهيو. ۽ جڏهن مسلم ليگين طرفان تعجب، حيرت ۽ قدري نفرت جو اظهار ٿيو، تہ جوش ۾ اچي ڪين بہ - ٽي سخت جملا ڇٽي ڏنائين. ۽ اڳتي هلي، ساڳئي عدم اعتماد واري نهراءَ تي ووٽنگ ٿي تہ پنهنجو ووٽ وزارت جي

فائدي ۾ ڏنائين. ان کان پوءِ، پن - چئن ڏينهن اندر هوم منسٽر بڻيو، ۽ 1942ع تائين الله بخش سان گڏيو رهيو.

1942ع ۾ الله بخش کي انگريزن ڊسمس ڪيو تہ پاڻ ان جي جاءِ تي وزيراعظم بڻيو ۽ تورن ئي ڏينهن اندر دوباره مسلم ليگ ۾ داخل ٿيو. ان کان پوءِ، رفتي رفتي، حالتون پڻ مسلم ليگ لاءِ سازگار ٿينديون ويون ۽ سر صاحب مرحوم پنهنجي باقي زندگيءَ جا ڇهہ - ست سال مسلم ليگ اندر ئي خاصو مقام وٺيو، ويٺو رهيو. وقت گذرندي، جناح صاحب جو پڻ ڀروسو ٿي ويو. عبدالله هارون مرحوم ان وچ ۾ انتقال ڪري ويو هو. جي. ايم. سيد ۽ مون کي تہ مورڳو مسلم ليگ مان ڪڍي ڇڏيو هئائون، ڇو تہ اسين، سنڌ جي قيادت سر غلام حسين جي سپرد رهي، تنهن جي سخت مخالفت ڪندا ٿي رهياسين، ۽ آخر بيزار ٿي، ڪليل بغاوت بہ ڪئي هئيسين.

سر غلام حسين مرحوم پڇاڙيءَ ۾ فنا في المسلم ليگ جو درجو حاصل ڪري چڪو هو. ڪئبينيٽ مِشن جي پلان خلاف، 1946ع ۾ مسلم ليگ سڌي قدم جو فيصلو ڪيو، تہ ان تجويز جو پيش ڪندڙ پاڻ بڻيو. نہ فقط ايترو، بلڪ انگريزن جي لقبن ڇڏڻ لاءِ پڻ رٿ ڏنائين، ۽ سڀ کان اول خاص پنهنجن لقبن (خانبهادر، ڪي. سي. ايس. آءِ. وغيره) اڇلائڻ جو فيصلو ڪيائين. ساري هندستان جي مسلمانن اندر واه واه ٿي ويئي. سر صاحب ساريءَ قوم جو هيرو بڻجي ويو. اسين سنڌ جا اصلوڪا مسلم ليگي، محض واجهائيندا ۽ جُتيون ڇنڇائيندا رهجي وياسين.

اهڙي هئي سر صاحب مرحوم کي "وقت جي سڃاڻ"، ۽ ايتريقدر عملي هئي سندس سياست! انگريز هئا، تہ پاڻ اڳ ۾: ا لله بخش ۽ ڪانگريس جو زور ٿيو، تہ بہ پاڻ وچ ۾: مسلم ليگ جو وارو وريو، تہ مورڳو ساريءَ ملت اسلاميہ جي مٿي جو موڙ!

سر غلام حسين مرحوم جي ڪاميابيءَ جو راز سندس ڪهڙين وصفن ۾ سمايل هو، تنهن تي مون گهڻو غور ڪيو، ۽ آخر هيٺين نتيجن تي پهتس:

(1) فيصلي جو صحيح ٽائيم مقرر ڪرڻ. مثلاً، سياسي وڳوڙ جي ابتدا تي ۽ مخالف ڌر سندس وزارت ڪيرائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون. ڪيڏو بہ هل مچي ويو، سنگتين ۽ ساٿين اچي خبرون پهچايس تہ وزارت وڃي رهي

آهي، ۽ مخالفن، ميمبر سڀ ڦيرائي ڇڏيا آهن، وغيره وغيره، مگر پاڻ پيو فقط کلندو ۽ ساڻن چرچا ڀوڳ ڪندو. چي، "آءٌ فقير آهيان، خدا منهنجي مدد ڪندو." شام بنان ناغي "ڪراچي ڪلب" ۾ ويندو ۽ آفيس ۾ وڃڻ بہ چالو رکيو ايندو. سندس منهن مان ڪا بہ پريشاني ظاهر ڪانہ ٿيندي. مخالف، سندس اهڙيءَ بيپرواهيءَ ڪي بيخبري تي محمول ڪري، وڏيڪ جرئت سان وزارت ڪيرائڻ جو ڪم هلائيندا رهندا. سر صاحب ويٺو سندن مخالفت جي نقشي تي ويچار ڪندو. ۽ پنهنجي پاران اوستائين ڪو قدم نہ کڻندو، جيستائين مخالفن پنهنجو سارو نقشو ظاهر نہ ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪان پوءِ، آخري ساعت تي هڪڙو ئي گهاتڪ ڌڪ هڻندو، جنهن جي وسيلي مخالف ڌر جي ساريءَ ڪئيءَ ڪمائيءَ تي پاڻي ڦيرائي ڇڏيندو. سندس طريقہ ڪار اهو هو تہ "اڳواٽ پريشان نہ ٿجي. مخالف کي ڍگهي رسي ڏجي تہ پل پنهنجو سارو منصوبو ظاهر ڪري بيهي رهي. ان ڪان پوءِ آخري گهڙيءَ تي قدم کڻجي، ۽ اهو قدم اوچتو کڄي، زبردست هجي، ۽ ان جو سارو زور منصوبي واريءَ زنجيرءَ جي ڪمزور ترين ڪڙيءَ تي اچلائي وجهجي . سندس ساريءَ سياسي زندگيءَ اندر، سندس اهو طريقہ ڪار هڪڙو دفعو بہ ناڪامياب ٿيندو نظر نہ آيو.

(2) ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ انتقام ۽ بدلو وٺي، نہ دشمنن جو تعداد وڌائجي ۽ نہ دشمنيءَ ۾ تيزي پيدا ٿيڻ ڏجي. دنيا تي عام اثر اهو ويهارجي تہ "سر صاحب نيڪدل انسان آهي، ساڻس بڇڙائي ڪجي ٿي تہ بہ پنهنجي پاران ڇڱائي ڪريو ڇڏي". سخت دشمني ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪڏهن ساڳيو دشمن ڪنهن ڪم لاءِ هلي ويس تہ پهريائين جوش وچان ڪجهہ قدر گهٽ - وڌ چوندس، مگر ان سان گڏوگڏ ڪم بہ ڪري ڏيندس. مانيءَ جو وقت هوندو تہ ماني بہ کارائيندس ۽ ڪيس هي بہ ٻڌائي ڇڏيندو تہ "تنهنجا فلاڻا وڏا منهنجا دوست هوندا هئا، مون سان هر طرح وفاداري ڪندا رهيا. سندن فلاڻو مقدمو ٿيو، جنهن ۾ مون سندن مدد ڪئي هئي. تنهنجا بزرگ تمام مهربان هوندا هئا. تون ئي هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيو آهين، جنهن پنهنجن وڏن جي دوستن سان بيوفائي شروع ڪري ڏني آهي." ڪم ٿيڻ ۽ مانيءَ کائڻ ڪان پوءِ اهو ماڻهو گهڻي وقت تائين دغدغي ۾ پيو رهندو.

(3) مهماننوازي سندس خاص وصف هئي. في الحقيقت، دسترخوان جي ڪشادگيءَ وسيلي ئي هن پهرئين زماني ۾ اثر پيدا ڪيو هو، ۽ بعد ۾ ان اثر کي قائم رکيو آيو.

(4) مخالف کي ڏک نه هڻندو، پر جي هڻندو ته بلڪل ڪاري، ۽ حتي المقدور اٿسڏو - پڇاڙيءَ تائين ڪيس پنهنجن ارادن جي خبر پوڻ نه ڏيندو. کهڙو صاحب سندس ڪئبينيٽ جو ميمبر هو، پر سر صاحب محسوس ڪيو ته اڳتي هلي کهڙو ڪيس تڪليف رسائيندو. اوچتو ئي اوچتو الله بخش مرحوم جي خون جي جانچ شروع ٿي ويئي، نئين سر. تقريباً هڪ سال کان پوءِ. جانچ جو رخ هن دفعي کهڙي جي خلاف هو، پر کهڙو وري به سر صاحب سان صلاح مصلحت ڪندو رهيو. اوچتو ئي اوچتو، هڪ ڏينهن گورنر کهڙي صاحب کي گهرائي ڪانئس وزارت جي استعفا ورتي، ۽ ساڳئي ڏينهن (يا وڌ ۾ وڌ ٻئي ڏينهن) پوليس اچي ڪيس گرفتار ڪيو. ٻارهن مهينا ڪيس هلندو رهيو، ۽ کهڙو صاحب جيل ۾ بند رهيو. ان وچ ۾ مسلم عوام جي همدردي کهڙي صاحب سان پيدا ٿي ويئي، ۽ جڏهن ڪيس مان آزاد ٿي بطور ڪامياب هيرو جي ڪراچيءَ رسيو ته سندس استقبال لاءِ اسٽيشن تي سر غلام حسين صاحب خود موجود هو ۽ ڪيس جلوس ۾ وٺي آٿي گهر پهچايائين. ان کان پوءِ چونڊون ٿيون، کهڙو صاحب ۽ سر غلام حسين ساڳيءَ ڪئمپ ۾ رهيا، ۽ اليڪشن جي ڪاميابيءَ بعد کهڙو صاحب دوباره سندس ڪئبينيٽ ۾ وزارت وٺي ويهي رهيو. سر صاحب وري ساڳيءَ ڪئبينيٽ جي هڪ ٻئي ميمبر، مسٽر محمد هاشم گزدر تي ناراض ٿي پيو. اوچتو ئي اوچتو، قائداعظم وٽان بمبئيءَ مان حڪم اچي ويو ته گزدر استعفا ڏيئي ٻاهر نڪري وڃي، ٻيءَ صورت ۾ ڪيس وزارت مان ڊسمس ڪرايو وڃي. گهڻيون ئي اپيلون ڪيون ويون، گهڻا واجهه وڌا ويا، مگر جناح صاحب باز نه آيو، ۽ ٻن ڏينهن اندر گزدر صاحب کي ٻاهر نڪرڻو پيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سر صاحب گورنر مقرر ٿيو، ۽ کهڙو صاحب سنڌ جو چيف منسٽر. ٻنهي جي وچ ۾ سخت اختلافات پيدا ٿي پيا. قائداعظم پاڻ سر غلام حسين کي اجازت ڏني ته کهڙي صاحب کي ڊسمس ڪري مٿس (بدانتظامي وغيره جي الزامن جي سلسلي ۾) ڪورٽ آف انڪوائري ويهاري. ان وچ ۾ قائداعظم ۽ سر غلام حسين ٻنهي جو انتقال ٿي

ويو، پر کهڙي صاحب لاءِ ان کان پوءِ بہ اِها پيڙا ڪيتري عرصي تائين هلندي رهي. جڏهن سر صاحب جو انتقال ٿيو تہ کهڙو صاحب بہ جنازي سان گڏجي عيدگاهہ واري قبرستان تائين هليو. ۽ اتي ٻين وانگر پاڻ بہ قرآن مجيد ڪڍي ويهي پڙهڻ لڳو. دعا کهڙي گهرايئين، تنهن جو مون کي پتو ڪونہ رهيو، پر ايصال ثواب جي سلسلي ۾، ٻين وانگر، سندس هٿ پڻ فضا ۾ متحرڪ رهيا.

(5) خوشيءَ خواهہ غم جي اثر کي گهوڙهو وجهڻ ڪونہ ڏيندو هو. وڏي ۾ وڏو صدمو تڏهن رسيو، جڏهن سندس هوم منسٽريءَ جي زماني ۾ حرن، ٽنڊي آدم وٽ، لاهور ميل ڪيرائي، سندس فرزند کي بيگناهہ شهيد ڪري ڇڏيو. ماڻهن سمجهيو ٿي تہ ان صدمي جي بار هيٺ سر صاحب ختم ٿي ويندو، مگر جلد ئي ڪين راءِ بدلائڻي پئي. سر صاحب کي ڏک رسڻ لازمي هو، ۽ واقعي ڏک بہ سخت رسيس، مگر سندس زندگيءَ جي معمولات ۾ ڪو بہ فرق ڪونہ آيو. بدستور صبح جو آفيس ۾ ويندو رهيو، ۽ شام جو ڪراچي ڪلب ۾. سندس فرزند جي شهادت 1942ع ۾ ٿي، ۽ سندس پنهنجو انتقال ان کان ڇهہ سال پوءِ، يعني 1948ع ۾.

(6) خانگي ۽ غير سياسي دوستن سان ڏاڍو نيبهہ ڪندو هو. اوائلي عمر ۾ جيڪي دوست ٿيس، انهن سان پڇاڙيءَ تائين ڳنڍيو آيو.

(7) ڪامورن ۽ عملدارن جي عزت ڪندو هو ۽ انهن کي هٿ ۾ رکندو هو. جيتريقدر ٿي سگهندس، ڪنهن بہ عملدار جي مرضيءَ خلاف، سندس ڪم ۾ دست اندازي نہ ڪندو، ۽ نہ جهٽ ۾ ناراض ٿي نقصان ئي پهچائيندس. پر وقت پئي جيڪڏهن منجهانئن ڪنهن کي ڪو حڪم ڪندو تہ ان جي تعميل ۾ اهو عملدار مرڻ جيئڻ جي بنهہ ڪانہ ڪندو.

(8) طاقت جو وقت سر، جيڪو بہ مرڪز هوندو، سر صاحب جا ان سان بهترين تعلقات هوندا. جيستائين طاقت جو منبع بمبئيءَ جو گورنر هو، سر صاحب ان جو معتمد خاص هوندو هو. سنڌ جدا ٿي تہ وري بہ اصلي طاقت جو سر چشمو گورنر سنڌ ئي رهيو، ۽ جيڪو بہ گورنر آيو سو سر صاحب جو سرپرست ٿي رهيو. ان کان پوءِ آيو دؤر قائداعظم ۽ پاڪستان جو. ان دؤر اندر بہ سر صاحب سخت اعتبار جي قابل سمجهيو ويو. جنهن ڳالهہ ۾ سر صاحب مرحوم کي خاص ملڪو هوندو هو، سا هيءَ تہ ڪيس وقت کان گهڻو اڳ محسوس ٿي ويندو هو تہ طاقت جو رخ کهڙي طرف ڦري رهيو آهي، ۽ ان

احساس جي بنياد تي هو وقت کان اڳ ۾ ئي پنهنجا تعلقات ان ڏر سان پيدا ڪري ڇڏيندو هو. سياسي موسم شناسيءَ (political metereology) ۾ سنڌس ثاني مون ڪونہ ڏٺو آهي، حالانڪ ان فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش گهڻا ئي سياسي همعصر ڪندا پئي رهيا آهن.

(9) دفتري ڪم (فائيل پڙهڻ ۽ نوٽ لکڻ) سندس پرسنل اسسٽنٽ (مسٽر ڪارڊيرو) جي سپرد هوندو هو، ۽ انتظامي معاملات سيڪريٽرين جي حوالي. جيڪڏهن پاڻ کي ڪو خاص ڪم ڪرڻو هوندو هوس، تہ بہ اشارو سيڪريٽرين کي ئي ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ پنهنجو وقت سياسي معاملات متعلق غور يا فڪر ڪرڻ تي صرف ڪندو رهندو هو. ڪيس چڱيءَ طرح معلوم هو تہ جيڪڏهن ڪنهن پارٽي - ليڊر يا وزير سياست بہ هلائي ۽ ساڳئي وقت دفتري ڪم بہ پنهنجي سر تي کنيو، تہ ڪيس سوچڻ لاءِ ڪو بہ وقت نہ ملندو، ۽ خبر تڏهن پونديس، جڏهن اوچتو وڃي ڪنهن کڏ ۾ ڪرندو. پاڻ ابتدا ۾ ئي ماڻهو قابل اعتماد هٿ ڪندو هو، ۽ ان کان پوءِ ڪين ڪم هلائڻ لاءِ ڊگهي رسي ڏيئي ڇڏيندو هو- ۽ ان ڪري سندس زيردست ڪانئس خوش بہ هوندا هئا- هر ڪو ائين پيو سمجهندو هو تہ سر صاحب جو منجهس پورو پورو پروسو آهي، ۽ تنهنڪري سر صاحب جو پاور ۾ رهڻ گويا سندس پنهنجو پاور ۾ رهڻ آهي. مسٽر ڪارڊيرو سر صاحب جي اوائلي وڪالت وارن ڏينهن کان وٺي ساڻس وابستہ رهيو هو، ۽ پڇاڙيءَ تائين ڪانئس ڪو نہ ٽُٽو. سر صاحب پاران لکپڙهن نيڪال ڪرڻ ۽ فائيلن تي نوٽن لکڻ جو سمورو ڪم ڪارڊيرو ڪندو هو. مون پنهنجين اکين سان ڏٺو تہ ڪن ڪاغذن تي هو سر صاحب جي صحيح بہ پاڻ ئي ڪري ڇڏيندو هو. ڪمال اهو هو تہ پنجٽيهن سالن جي تعلق اندر ڪارڊيري کان اهڙو ڪو بہ فعل سرزد ڪونہ ٿيو، جنهنڪري پنهنجي آقا جو اعتبار وڃائي ويهي.

(10) سر صاحب هر شام سنڌي نموني جي ڪچهري ڪندو هو. يار دوست، ڪامورو ڪڙو، وڪيل وڙو، آيو ويو، پيو وٽس ڊرندو هو. پاڻ وينو خبرون پڇندو، ڳالهيون ٻڌندو، ۽ کل مذاق ڪندو. ان ڪچهريءَ جي ذريعي، روزاني ڪيس ساري ملڪ جو واءُ سواءُ گهر ويٺي پيو معلوم ٿيندو هو.

سر صاحب جي رهڻي ڪرڻي صاف سٿري هوندي هئي. ڪپڙا سٺا پهريندو هو. ڪائيندو چڱو چوکو هو. ڪنهن به وقت ولس وجبو ته ٻه - چار قسم ماني تيار ملندي، ۽ روزاني جي ضرورت کان وڌيڪ انداز ۾ ٺهيل هوندي. مهمان کي ماني کارائيندي کيس خوشي محسوس ٿيندي هئي.

نه وري مغرور يا متڪبر ئي هو. هڪ دفعي مون کي ڪنهن پارٽيءَ جي سلسلي ۾ دوستن لاءِ ڪارڊ وٺڻا هئا. مون وجي کيس چيو. پاڻ گهر جا ڪپڙا پهريو ويٺو هو، پاجامو ۽ سنهو لنبو ململ جو پيرهن. مرحوم انهيءَ حال ۾ ئي موٽر ۾ چڙهي هلي مون کي ڪارڊ وٺي ڏنا.

سياسي طور تي آءٌ هميشه سندس مخالف رهيس. پر ان هوندي به وقت پئي مون کي ڪڏهن ڪونه ڌڪوبائين. منزلگاهه فسادن جي زماني ۾ مون هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ ڄاڻايم ته ان ساريءَ خونريزيءَ جي جوابداري سنڌ وزارت تي آهي ۽ ان وزارت اندر لا اينڊ آرڊر جو پورٽفوليو سر صاحب جي حوالي آهي. اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ان ڪتاب جو ذڪر آيو. پاڻ جوش مان اٿي، سر عبدالله هارون ۽ مون لاءِ گهٽو گهٽ - وڌ چيائين. ماڻهن سمجهيو ته هاڻي "لڱو ڏڪڙ تي اٿو". پر ٿيو ائين ڪونه. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ منهنجي ساڻس ملاقات ٿي: ساڳي خنده پيشاني، ساڳي نوڪ جهوڪ. گويا ياد ئي ڪونه هوس ته مون ڪو اهڙو ڪتاب به لکيو هو.

موسيقيءَ ۽ ڪلب لائيف کان سواءِ کيس ٻيو ڪو به شوق ڪونه هو. تنهنڪري ورزش کان پري رهيو. پر ان هوندي به سندس صحت تمام چڱي هوندي هئي. هر صبح فقط تيل - مالش ڪرائيندو هو، ۽ ان ڪم لاءِ هڪ خاص ملازم رکيل هوس.

1938ع جي آڪٽوبر مهيني ۾، ڪراچيءَ جي عيدگاهه ميدان تي مسلم ليگ جي ڪانفرنس ٿي. سر صاحب انهن ڏينهن ۾ مسلم ليگ ۾ شامل هو. پر ڪانفرنس جي انتظامي يا استقباليه ڪاميٽيءَ ۾ کيس ڪو عهدو ڏنل ڪونه هو. ڪانفرنس شروع ٿيڻ وقت عهديدارن بخمل جون رنگين ٻئجون پنهنجن ڪوٽن تي چسپان ڪيون. سر صاحب جي نظر ٻئجن تي پئجي ويئي، پڇيائين، "منهنجي ٻئج ڪٿي آهي؟" ڪنهن ماڻهوءَ جواب ڏنس ته "اوهين استقباليه ڪاميٽيءَ جا عهديدار نه آهيو، تنهنڪري اوهان لاءِ ضروري نه آهي ته ڪا ٻئج لڳايو."

"پر مون پنج سؤ (يا هزار) رپيا چندو جو ڏيڻو ڪيو آهي؟"

"چندي تي بئج نہ ملندي آهي."

بس، پوءِ تہ سر صاحب غصي ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. سر عبدالله هارون (چيئرمين استقباليہ ڪاميٽي) کي، مون کي، ۽ ٻين مسلم ليگين کي، ڪيترائي لقب ڏيندو، ڪانفرنس ڇڏي هليو ويو. ڪجهہ وقت بعد مون کي خبر پئي تہ سر صاحب بئج جي ڳالهہ تي ڪاوڙجي پيو آهي. آخر، جيتريقدر مون کي ياد پوي ٿو، شايد جي. ايم. سيد، يا ڪو ٻيو مسلم ليگي کيس بئج لڳائي، منٿ ميڙ ڪري، واپس ڪانفرنس ۾ وٺي آيو.

انهن ڏينهن ۾ هڪ دفعي جناح صاحب پنهنجيءَ جاءِ رهائش (سر عبدالله هارون جو وڪٽوريا روڊ وارو بنگلو) تي مسلم ليگي اسيمبلي ميمبرن جي ميٽنگ سڏائي. ان مقصد لاءِ تہ پارٽي جا عهديدار سنڌس موجودگيءَ ۾ چونڊيا وڃن. ان زماني ۾ امڪان پيدا ٿيو تہ شايد الله بخش مرحوم استعفا ڏئي ۽ نئين وزارت ٺاهڻ جو موقعو مسلم ليگ کي ملي. ميٽنگ اندر گفتگو هلندي، سر غلام حسين مرحوم محسوس ڪري ورتو تہ جناح صاحب پارٽيءَ جو ليڊر جي. ايم .سيد کي چونڊائڻ گهري ٿو، ۽ نہ کيس. جناح صاحب پاڻ ان حد تائين ظاهر ڪري ڏنو تہ جيڪڏهن ليڊريءَ لاءِ سر غلام حسين جو نالو پيش ٿيو تہ پاڻ مورڳو ميٽنگ ئي ڇڏي هليو ويندو. اها حالت ڏسي سر صاحب، حسب دستور غصي ۾ پئجي، Intrigue Intrigue (سازش! جوڙ توڙ!) پڪاريندو، اٿيو هليو ويو.

اسان پاڻ اهو ئي ٿي گهريو تہ سر غلام حسين دوباره سنڌ جو وزيراعظم نہ ٿئي، ڇو تہ جنهن انقلاب جي درپئي اسين هئاسين، سو انقلاب سندس هٿان ٿيڻ بلڪل ممڪن نہ هو. جيتوڻيڪ ان ڏينهن سر غلام حسين ميٽنگ کي بائيڪاٽ ڪري هليو ويو، مگر ڪجهہ خطرو اڃا موجود هو تہ شايد، اتحاد خاطر، جناح صاحب خود کيس ليڊري ڏيئي وري موٽائي آڻي، ۽ چيف منسٽري سندس ئي سپرد ڪري.

ٻئي صبح تي، سر عبدالله هارون وٽ جناح صاحب جي اعزاز ۾ ناشتي جو انتظام ٿيو. آءٌ بہ ٽيبل تي موجود هوس. سر غلام حسين جي ڳالهہ نڪتي. مون وڏي واڪي چئي ڏنو تہ "سر غلام حسين ظاهر ڪري رهيو آهي تہ هو قائداعظم کي ان راءِ تان باز آڻيندو، ۽ ان مقصد لاءِ هو کيس سندس ڀيڻ، يعني مس فاطمہ جناح، کان سفارش ڪرائيندو."

منهنجو ايترو چوڻ ۽ جناح صاحب غصي ۾ اچي ويو. وڏي گرجدار آواز ۾ چيائين: "جيڪڏهن منهنجي پيڻ اهڙي ڪا ڳالهه مون سان ڪئي تہ آءٌ سندس ڳچي مروٽي ڇڏيندس."

سر غلام حسين توڙي جو ميٽنگ ڇڏي ويو هو، مگر ان هوندي بہ سردست مسلم ليگ تان استعفا ڪانہ ڏنائين، ۽ نہ وري مسلم ليگ ئي انهن ڏينهن ۾ وزارت ناهي سگهي. اهو زخم سر غلام حسين پنهنجيءَ دل اندر سانڍي رکيو. الله بخش سان صلح جون ڳالهيون هلايائين. ايندڙ جنوريءَ ۾ جڏهن اسيمبلي اجلاس شروع ٿيو تہ اوچتو مسلم ليگ ڇڏي وڃي الله بخش پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، ۽ اتان هوم منسٽري حاصل ڪيائين. ان واقعي جو ذڪر ٻيءَ جاءِ تي ٿي چڪو آهي.

ان ڪان پوءِ زمانو گذرندو ويو. هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ آيو، جڏهن ساڳيو سر غلام حسين، ساڳئي قائداعظم جو معتمد خاص بڻجي ويو، ۽ ساڳيءَ مسلم ليگ مان، ساڳيو جي. ايم. سيد، ساڳئي قائداعظم هٿان خارج ڪيو ويو!

ايتريقدر بي پناهہ ۽ اهڙي گهاتڪ هوندي هئي سر صاحب مرحوم جي پاليٽڪس!

قد جو پورو پُنو ۽ جسم ۾ پريل هوندو هو. هٿ نسبتاً ننڍا، نرم ۽ نازڪ، رنگ پورو. اڪثر چوندو هو تہ "بابا، آءٌ فقير آهيان، مون سان نہ ڦتايو، مون کي ستائي سک نہ پائيندؤ."

مرحوم پنهنجو وارو وڃائي ويو، زندگيءَ جو مقصد جيڪو مقرر ڪيائين، سو "ازمهد تالحد" ماٽيندو رهيو. ڪراچيءَ ۾، بندر روڊ تي، عيدگاهہ ميدان جي هڪ ڪنڊ ۾ مدفون آهي.

## ڊڪڻ

"ذات نہ پڇي ڏات، جيڪو لوڇي سو لهي."

ڳڙهي ياسين تعلقي جا ڊڪڻ، ذات جا ڊڪڻ هئا، پر ڏات وگهي نہ پاڻ کي پر ڊڪڻ اکر کي بہ باعث عزت بڻائي ڇڏيائون.

رتيديري ڪان ڳڙهي ياسين ويندي، رستي تي بہ شهر اچن ٿا، بدو ۽ عبدالرحيم خان ڊڪڻ جو ڳوٺ. اهي ٻيئي ڳوٺ مردم خيز ثابت ٿيا.

ملا محمد عثمان، اسان ڪان اڳ ٿي گذريو . منهنجو استاد حضرت مولانا محمد سومر عليہ الرحمة چوندو هو تہ محمد عثمان وڏو عقلمند، دور انديش ۽

پرهيزگار شخص هو. سندس ڪمال اهو هو تہ توڙي جو پاڻ ملا قسم جو ماڻهو هو، ۽ ان زماني ۾ ان قسم جي ماڻهن کي انگريزي علم ۽ تهذيب کان سخت نفرت هوندي هئي، پر ايندڙ وقت جي تقاضائن کي اڳواٽ محسوس ڪري، هن پنهنجن ڇئن ئي پٽن کي اعليٰ قسم جي انگريزي تعليم ڏياري. ڇئن مان ٻہ ايم.اي.ايل. ايل. بي.، ۽ ٻہ بي. اي. ايل. ايل. بي. ٿيا.

سندس وڏو فرزند، مرحوم غلام مصطفيٰ خان عيساڻي، ڊپٽي ڪليڪٽر بڻيو، ۽ مون ڪيس گهڻو ڏٺو. سندس ٻئي نمبر فرزند، غلام صديق خان مرحوم، پڻ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رٽائر ڪيو.

اهي ٻيئي انسان، پنهنجي پنهنجي نوع ۾، عجب طبيعتن جا مالڪ ٿي گذريا. خوشقسمتيءَ سان، منهنجو واسطو ٻنهي صاحبن سان پيو.

**غلام مصطفيٰ خان جون خصوصيتون ٻڌو:**

انهن ڏينهن ۾ هر هڪ ديسي علمدار وقت ۽ عهدي جو فائدو وٺي، پاسو پلؤ لُٽي ڦري، پنهنجا گهر پئي ڀاهيا، مگر غلام مصطفيٰ خان کي شوق هو تہ پنهنجو گهر ڊاهي ۽ پنهنجي وجود کي تڪليف ۾ وجهي، ٻين جا گهر اڏيندو رهي. شال نہ ڪو سوالي وٽس لنگهي اچي - گهر خواهہ دفتر، ٻيئي ٻنهہ متي تي ڪٽي ٻيهي رهندو. پاڻ وٽ ڪم هوندس تہ جيستائين سندس آفيس جي منشين اهو ڪم پورو ڪري نہ ڏنو آهي، اوستائين مٿن لٺ پئي وسندي ۽ سارو دفتر ٿرٿلي ۾ هوندو. وچڻ کان اڳ، ڪم واري ماڻهوءَ کي ماني بہ کارائيندو - البت پڊنگ جي جاءِ تي سندس حق ۾ ٻہ - چار اُگرا اکر ضروري چئي ڇڏيندو. سواليءَ جو ڪم جيڪڏهن ڪنهن ٻئي عملدار ۾ هوندو تہ غلام مصطفيٰ خان کان پنهنجو ڪم بلڪل وسري ويندو. هڪدم ٽانگو سڏجي ايندو: وڏو ٽوپلو مٿي ۾ وجهي، لٺ هٿ ۾ ڪٽي وڃي واسطيدار آفيسر وٽ پهچندو، ۽ اوستائين سندس پچر نہ ڇڏيندو، جيستائين ان سواليءَ جي حاجت پوري ڪري نہ ڏني اٿس. ساڳيو ڪاروبار واٽ ويندي بہ چالو رهندو. مثلاً، هڪ ڏينهن سکر ۾ ٽانگي تي چڙهيو، مون سان ڪنهن طرف هلي رهيو هو. سکر جيل وٽان لنگهياسين تہ رستي تي هڪ واقف ڳوٺاڻي ٻروچ تي نظر پئجي ويس. ٽانگو روڪي، ڪانئس جيل ٻاهران رستي تي ويهڻ جو سبب پڇيائين. ٻروچ ٻڌايس تہ جيلر ۾ ڪم اٿم. ٻانهن کان ڇڪي چاڙهيائينس ٽانگي تي، ۽ ٽانگي واري

کي حڪم ٿيو تہ هل جيل جي دروازي تي. جيل جي گيٽ ٻاهران بيهي. اندران جيلر کي سڏارايائين. جيلر اچي گيٽ جي ڀرسان ٻيٺو. غلام مصطفيٰ خان سواليءَ جو ڪم ٻڌايس. جيلر ڪم ڪرڻ کان ڪجهہ قدر پاڻ ڪيائڻ لڳو. اچي ويو غلام مصطفيٰ خان کي جوش- دروازي جي سيخن مان پنهنجو لڪڻ اندر لنگهائي، ان جو انگوڙو جيلر جي گردن ۾ وجهي، ڪيس زور سان پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو. اِن جسماني ڪارروائيءَ سان گڏ، زوردار گفتگو جي ذريعي، جيلر صاحب جو روحاني معالجو بہ ٿيندو رهيو. غرض تہ اوستائين جيلر جي ڳچيءَ مان انگوڙو نہ نڪتو، جيستائين هن ڪم ڪرڻ جو وعدو نہ ڪيو. هلڻ کان اڳ، ڪلندي، جيلر کان سندس هر هڪ گهر - ڀاتيءَ جي خير عافيت جو احوال بہ پڇي ورتائين.

هڪ دفعي، منهنجي ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾، مون سان گڏجي ٻيرين واري مرحوم سيد مراد علي شاهہ ڏانهن هليو. ٻيرين مان ڪم لاهي، ريل ۾ سوار ٿيڻ لاءِ، موٽي پڊ عيدن اسٽيشن طرف آياسون. گاڏي اڳ ۾ ئي پليٽفارم تي اچي ويئي هئي، تنهنڪري ٻاهرئين ڦاٽڪ واري، گيٽ بند ڪري ڇڏيو هو. ٽانگو ڇڏي، پاڻ پنڌ پليٽفارم طرف هلڻ لڳو. پليٽفارم جي ڇيڙي تي آياسين تہ گاڏي چرني هلي. پاڻ هڪل ڪري (ان هڪل ۾ ڪن اهڙن اکرن جي بہ آميزش هئي جن جي نوعيت متعلق پڙهندڙن کي پنهنجو دماغ استعمال ڪرڻو پوندو)، ڊرائيور کي حڪم ڪيائين تہ "جهل گاڏي!" ڊرائيور ڪنهن فيصلي تي پهچي، ان کان اڳ ئي، وک وڌائي، لڪڻ جو انگوڙو وڌائين ڊرائيور جي ٽَنگ ۾، ريل بيهجي ويئي. پاڻ ساري ريلوي اسٽاف تي غصي جو اظهار ڪندو، هلي وينو گاڏيءَ ۾. ۽ ان کان پوءِ ٽرين رواني ٿي روهڙيءَ طرف. اڳئينءَ اسٽيشن تي سوڊالمليٽ واري ڪي سڏ ٿيو. هڪ ٺي ڍڪ ۾ ٻن ٻاٽلين پيئڻ بعد محسوس ٿيس تہ ٻاٽلين ۾ پوري برف ڪانہ هئي. ريلوي انتظام جي دوباره تعريف ٿيڻ لڳي! خوف وچان، سوڊالمليٽ واري پائيبند جون اکيون ٻاهر نڪري آيون. نيٺ، مون وچ ۾ پئي، ڊنل پائيءَ جي جان ڇڏائي.

هڪ وقت روهڙي ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. سموريون غير آباد سرڪاري زمينون، ادنيٰ مالڪاڻي تي، آئي وئي ۾ ورهائي ڇڏيائين. سوين ماڻهو سکيا ستابا ٿي ويا. اهو حال ڏسي، سرڪار مورڳو زمينن ڏيڻ جا اختيار ڊپٽي ڪليڪٽرن کان کسي ورتا.

ٻئي وقت تحريڪ ٿي تہ زميندارن جي ٻارن ڪي تعليم ڏيارڻ لاءِ خاص ڪاليج کولجي ۽ ان لاءِ چندو گڏ ڪجي. غلام مصطفيٰ خان، پنهنجي تاريخي لکڻ سان ليس ٿي، چندي گڏ ڪرڻ لاءِ نڪري پيو. ڪنهن ڪي مجال جو ڪيس خالي موٽائي! ٿوري ئي عرصي اندر مقرر ڪيل رقم گڏ ٿي ويئي. ان وچ ۾ سندس بدلي بمبئيءَ طرف ٿي. پٺيان ڪاليج ڪونہ کلي سگهيو. پر ان رقم ۽ شيخ قادر واري گڏ ڪيل چندي مان ڪراچيءَ اندر مسلمان شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽل تعمير ٿيو. جنهن کي پهرين "ليسلي ولسن مسلم هاسٽل" ۽ هينئر "جناح هاسٽل" سڏيو پيو وڃي.

عيساڻي ڀائرن جا ڪي خاص اصول هوندا هئا. جن سان دوستي رکيائون، انهن جي خدمت ۽ مدد ڪندي، پنهنجن هٿن ساڙڻ ۽ مفادن ڪي قربان ڪرڻ کان بہ پوئتي ڪين پوندا، پر جنهن بدبخت انسان سان پوَت نہ پين، اُن جي پاڇي کان بہ پري پيا ڀڄندا.

مرحوم غلام مصطفيٰ خان جي سرڪاري ملازمت بہ ان خصوصيت سبب ئي قبل از وقت ختم ٿي ويئي. پاڻ ٺاٺي ضلعي (بمبئي پريزيڊنسيءَ) ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو. سنڌ ان زماني ۾ بمبئي پريزيڊنسيءَ سان لاڳو هوندي هئي. ڪيترا سنڌي عملدار مرحوم عيساڻيءَ جي ذريعي بمبئي سيڪريٽريٽ مان پنهنجي اضافي ۽ رڪارڊ وغيره متعلق پيا خبرون هٿ ڪندا هئا. عيساڻي صاحب جا دوست ڪثرت سان هوندا هئا، حتاڪ سيڪريٽريٽ جي ڪانفيڊنشل برانچ بہ سندس دسترس کان ٻاهر نہ هوندي هئي. جا بہ خبر ڪيس گهربي هئي، سا انهن دوستن ذريعي آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهندو هو. ڪن بد باطن ماڻهن اها ڳالهہ وڃي سرڪار تائين پهچائي. چي، عيساڻي صاحب اهڙو چار پڪيڙيو آهي جو سرڪار جو ڪو بہ مخفي ڪاغذ ڪانئس مخفي ڪو نہ ٿو رهي، ۽ هر ڪو سنڌي عملدار سندس معرفت پيو پنهنجي رڪارڊ متعلق خبرون گهرائي. هڪ اهڙي ئي بدباطن ماڻهوءَ کي ان ڪم تي رکيو ويو تہ هو غلام مصطفيٰ خان معرفت پنهنجي ڪانفيڊنشل رڪارڊ جي ڪاپي هٿ ڪري آڻي سرڪار وٽ پيش ڪري. اهو ماڻهو وڃي غلام مصطفيٰ خان ڪي چنبڙيو. غلام مصطفيٰ خان، حسب طبيعت، سندس چيو ڪو نہ موٽايو. هڪ دوست ذريعي سندس مخفي رڪارڊ جو اصلي نقل وٺي سندس سپرد ڪيائين. اهو نقل وڃي

پهتو سرڪار وٽ. فيصلو ٿيو تہ سرڪاري رازن جي افشان ڪرڻ واري جرم هيٺ غلام مصطفيٰ خان جي نوڪري ختم.

جا ڳالهہ ان سلسلي ۾ خاص طرح سان ڏکوئيندڙ هئي، سا هيءَ تہ غلام مصطفيٰ خان پنهنجي عرصي ملازمت اندر هزارن ماڻهو جون مددون ڪيون هيون، ان حد تائين جو ڪو بہ سوالي وٺانئس خالي ڪونہ موٽيو، پر جڏهن خود مٿانئس وقت آيو، تڏهن انهن بدبختن مان ڪنهن هڪڙي شخص بہ ميدان ۾ نڪري سندس مدد ڪانہ ڪئي.

پاڻ بہ مرحوم سخت خوددار هوندو هو. نوڪريءَ مان خارج ٿي اچي گهر ويٺو ۽ زمينداري ڪم ڪرڻ لڳو، پر پنهنجي باري ۾ ڪنهن بہ دوست آشنا اڳيان هٿ نہ ڊگهيريائين!

غلام مصطفيٰ خان جو ٻيو نمبر ڀاءُ **غلام صديق خان** تہ قطعاً الله لوڪ هو - وڏو عالم ۽ وڏو فلاسفر. پهرين بطور مختيارڪار جي ملازم ٿيو، ۽ ڪجهہ عرصي بعد ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. ملازمت جي سلسلي ۾ ساري سنڌ ڦريو. ڪڏهن دفتردار، ڪڏهن ڊپٽي ڪليڪٽر، ڪڏهن سٽي ماجسٽريٽ. مختصر دوست رکندو هو، پر جنهن کي دوست سڏيائين ان تي قربان هوندو هو. دوستيءَ جون جوابداريون سختيءَ سان محسوس ڪندو هو، تنهنڪري دوست اوترا ڪندو هو، جن متعلق اُهي جوابداريون نباهي سگهي. راءِ جو سخت هوندو هو، ڪنهن شخص لاءِ راءِ خراب ٿيس تہ هميشہ لاءِ خراب ٿي رهندس. اُن راءِ جي بنا تي ڪو خاص نقصان بہ نہ پهچائيندس، ڇو تہ ڪنهن بہ انسان کي هٿ وٺي نقصان رسائڻ سندس فلسفي موجب گناهہ عظيم هو، پر نہ ساڻس دوستي رکندو ۽ نہ سندس ويجهو ٿي پوندو.

ساري زندگي فلسفيانہ هيس. دنيا اندر ماڻهو مسافر آهي، تنهنڪري دنيا سان دل لائڻ جي معنيٰ آهي ذميواريون وڌائڻ، اطمينان قلب ختم ڪرڻ، ۽ قيمتي وقت ضايع ڪرڻ. ماڻهوءَ جي پنهنجي دنيا پنهنجي دل ۽ دماغ اندر آهي، تنهنڪري پنهنجو حال پاڻ سان ئي اورجي، پنهنجو ڏک پاڻ سان ئي ونڊجي. شيون اوتريون ڏارجن، جيتريون زنده رهڻ لاءِ سخت ضروري هجن، ۽ نہ ايتري انداز ۾ جو انهن جي حاصل ڪندي ۽ سنڀاليندي ماڻهو خود پريشانيءَ ۾ مبتلا رهي. مال ملڪيت جنجال آهي. اوترو هجڻ ڪافي آهي جو ماڻهوءَ کي انتهائي

سادگيءَ سان زنده رهڻ خاطر نہ ڪنهن جي اڳيان هٿ ڊگهيرڻو پيو، نہ عزت نفس برباد ٿئي، ۽ نہ ڪنهن غلط ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پوي. وڏائي، تڪبر ۽ غرور بيوقوفيءَ جون علامتون آهن. دنيا ۾ ماڻهو مسافر آهي، پرڏيهيءَ ۽ مسافر کي مغروري ڪرڻ نہ جُڳائي.

پنهنجي حياتي ڪيئن گذاريائين، تنهن جو تفصيل ٻڌو.

عام لباس: مٿي تي پراڻو ٽوپلو، جسم تي سستي ڪپڙي جي قميص، ڳچيءَ ۾ سستي ٽائي، هيٺ تي گوڏن تائين خاڪي نِڪر، ڊگها جورابَ ۽ سستي ۾ سستو شوز. سرديءَ جي زماني ۾ اوني ڪوٽ، ۽ ڦڻل رنگ جي ڊگهي پتلون. منهنجي قياس موجب، ساريءَ حياتيءَ اندر ٻن - ٽن جوڙن ڪپڙن کان مٿي نہ ڇوڙيائين.

خوراڪ: سادو ڇِنو ٻوڙ، ۽ ڪٽڪ جي اڻ مڪيل ماني. ياڃي ملي تہ گوشت جي ويجهو نہ ويجهو.

رهائش: هڪ ڪهنہ سال ڪرسي پنهنجي ويهڻ لاءِ، ۽ ٻي هڪ - اڌ آئي وئي واسطي. سمهڻ لاءِ سنڌي کٽ، ڪتابن رکڻ لاءِ ٽپائي، لکڻ پڙهڻ لاءِ ميز جو ٽُڪر. نہ آرائش نہ زيبائش، نہ آرٽ نہ نمائش.

سواري هميشہ پيادي جي ٽانگن ۾ ٿيندي - نہ موٽر، نہ گهوڙو، نہ اُٺ ڏاچي. نوڪريءَ جي ڪم بعد جيترو وقت بچندس، سو ڪتابن ۽ اخبارن بلي هوندو. در بند ٿي ويندو، ملاقاتين لاءِ "صاحب گهر موجود ڪونہ هوندو". صحت کي بحال رکڻ لاءِ صبح شام ٻہ - چار ميل پنڌ ٿيندو، سو بہ ڪنهن ويرانيءَ طرف، جت ماڻهو منهن نہ پوي. پگهار مان سٺ - ستر رپيا پنهنجي خرچ لاءِ رکندو، باقي عزيزن خويشن، بيواهہ عورتن، يتيم ٻارن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندو. پنهنجي لاءِ رکيل سٺ - ستر رپين جو پڻ وڏو حصو ڪتابن خريد ڪرڻ تي خرچ ڪندو.

اوائل زندگيءَ ۾ شادي ڪيائين، جنهن مان پٽ ڄائس. گهرواريءَ جي ستت ئي فوت ٿي وڃڻ بعد، وري نہ شادي ڪيائين ۽ نہ دوباره گهرو زندگي ٺاهيائين. پٽ نوجوان ٿيس، جنهن شادي بہ ڪئي، پر عين جوانيءَ جي ڦوهہ ۾ هڪ حادثي وگهي فوت ٿي ويو. ماڻهن سمجهيو تي تہ ان صدمي وگهي غلام صديق خان ختم ٿي ويندو، مگر نہ پاڻ ختم ٿيو ۽ نہ سندس زندگيءَ جي

روزاني پروگرام ۾ ڪو فرق آيو. بطور هڪ فلاسفر جي، ان پيالي کي خنده پيشانيءَ سان پِـي وجي متي چڙهيو.

رٽائر ڪرڻ کان پوءِ تہ ماڻهن سان تعلقات بنهہ ٽوڙي ڇڏيائين. سياري جا ڏينهن ڳوٺ بدهہ ۾ رهندو هو، جت هڪ ماڙي نهرائي، ان جي مٿئين طبقي ۾ تنها رهڻ، ڪتاب پڙهڻ، ۽ غور فڪر ڪرڻ لڳو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي وٽس وڃڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. وقت تي فقط نوڪر مانيءَ جو ٽڪر ڪُـنڊ ۾ رکي ٻاهر نڪري ويندو هو، ۽ ڪجهہ وقت بعد وري اچي خالي ٿانوَ کڻي هليو ويندو هو. جاءِ جي ڇت پنجاهہ فوٽ ڊگهي هوندي هئي. صبح جو "واڪ" بہ اُن ڇت تي ڏيندو هو، جيئن هيٺ لهڻ سان ماڻهوءَ جي منهن پوڻو نہ پوي.

سانوڻ جي موسم ۾ ٺٽي ۾ رهندو هو. سندس هڪ وفادار ملازم هوندو هو، جنهن ساري عمر سندس خدمت ۾ گذاري هئي. ان جو گهر ٺٽي ۾ هو، ۽ پاڻ ان گهر ۾ وڃي رهندو هو. در اُت بہ بند هوندا. مهينن جا مهينا رهيو پيو هوندو، مگر خبر ڪنهن کي ڪانہ پوندي تہ ڪو عيساڻي صاحب آيل آهي. هڪ سال ٺٽي ۾ ٻوڏ آئي. سارو شهر پاڻيءَ هيٺ اچي ويو. جايون ڪِـرڻ لڳيون. سرڪار ماڻهن کي شهر مان ڪڍي آڻي مڪليءَ تي رهايو. حد جي عملدارن عيساڻي صاحب جي رهائش لاءِ مڪليءَ تي خاص بندوبست ڪيو، پر پاڻ شهر مان ٻاهر نہ نڪتو. پاڻي جاءِ کي وڪوڙي ويو، تہ ڪتابَ کيسي ۾ وجهي، ويجهو هڪ وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. گهڻي وقت بعد ۽ وڏي مشڪل سان کيس ان وڻ تان لاهي، پاڻيءَ مان ڪڍي آڻي سڪيءَ تي ويهاريائون.

انهن ڏينهن ۾ آءٌ روينيو وزير هوس. ٻڌم تہ عيساڻي ٺٽي، آيل آهي. سندس ڏسڻ لاءِ دل ۾ اڪير پيدا ٿي. ٺٽي پهچي، سندس رهائش واريءَ جاءِ ٻاهران وڃي بيٺس. در بند. گهڻائي سڏ واڪا ڪيم، پر ڪو بہ جواب ڪونہ آيو. نيٺ موٽر مان لهي دروازي جي چائنٺ تي چڙهي ويهي رهيس. ڪلاڪ - ٻہ گذريو، ان کان پوءِ مس مس دروازو کليو ۽ اندر وڃڻ جي اجازت ملي. مون کي ڏسندي، کلي چيائين: "اڙي سائين، هي ڪهڙا ڪم پيا ڪريو. ڪاٿي اچي نڪتا آهيو. جو اهڙي تڪليف ڪئي اٿوَ؟" ان کان پوءِ گفتگو جو سلسلو شروع ٿيو تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيو هلندو. پر اهـ ـــري تقرير يڪطرفي هوندي، اڳلي کي وچ ۾ هڪ اکر چوڻ جو بہ وجهہ ڪونہ ملندو. گفتگو گهڻو ڪري

سطحي هوندي - گذري ويل انگريزن جا واقعا، زميندارن جا قصا، وقتي حالات جي اپٽار، وغيره وغيره. نه پنهنجي فلسفيانه ڪوجنا جا نتيجا ظاهر ڪندو، نه پنهنجا نظريا ٻڌائيندو. خيال هوندو هوس ته ماڻهن ۾ ايترو استعداد ئي ڪونه آهي جو سندس دل جي رازن جا متحمل ٿي سگهن.

هڪ ڀيري مون کيس ڏاڍو تنگ ڪيو، ان لاءِ ته ڪجهه دل جا راز ٻڌائي. مون عرض ڪيو ته "هزارن ڪتابن پڙهڻ ۽ اڌ صديءَ تائين انساني حالات تي غور ڪرڻ بعد اوهين لازماً ڪن نتيجن تائين پهتا هوندا، جن جي ٻڌڻ کان سواءِ آءٌ اڄ بنهه ڪونه اٿندس." گهڻي ڪوشش ڪيائين ته آءٌ ان ضد تان لهان، مگر آءٌ ڪونه مڙيس. آخر مجبور ٿي پڇيائين.

"نيٺ اوهين ڇا ٿا معلوم ڪرڻ گهرو؟"

"ايتري غور ۽ فڪر بعد، انساني زندگيءَ متعلق ڪهڙيون مکيه حقيقتون اوهان کي محسوس ۽ معلوم ٿيون؟"

"مون اهو ڏٺو ته ماڻهو مرڻ کان بدتر آهي. مرون مرندي مري ويندو، پر زندگيءَ ۽ فطرت جي معين اصولن تان ڪڏهن ڪونه هٽندو. مقابلتاً، انسان ڪنهن به اصول جو پابند ڪونه آهي. اوهان کي ڪڏهن به يقين رکڻ نه گهرجي ته ڪانئن ڪهڙي وقت تي ڪهڙي خرابي ۽ ڪهڙي بيهودگي واقع ٿئي ٿي. ٻي ڳالهه جا مون ڏٺي، سا هيءَ ته انسان جي اميد اڻکٽ آهي. بطور ماجسٽريٽ جي، پنهنجيءَ زندگيءَ اندر مون تقريباً پنج سوءِ ماڻهو ڦاهيءَ تي چڙهندي ڏٺا. منجهانئن هر هڪ کي آخري گهڙيءَ تائين اها اميد هئي ته ڪو نه ڪو اهڙو واقعو ضرور ٿيندو، جنهنڪري هو ڦاسيءَ تان بچي ويندو. جيڪڏهن قدرت انسان جي دل کي اميد جي ايڏن خزانن سان مالا مال نه ڪري ها ته هوند انسان جي دل ڦاٽي پوي ها ۽ انسانذات جي اڪثريت جيئري رهي ئي ڪا نه سگهي ها.

پنهنجي وزارت جي زماني ۾ مون کيس گهڻيون ئي منٿون ميڙيون ڪيون ته هو وري ڪا سرڪاري مشغولي اختيار ڪري. تـوڙي جو پاڻ اصلي ملازمت جو مقرر عرصو پورو ڪري اڳ ۾ ئي پينشن وٺي چڪو هو، تنهن هوندي به آءٌ تيار هوس ته کيس دوباره مقرر ڪري ڪليڪٽريءَ جي پايي جو ڪو عهدو ڏيان، جيئن مشغوليءَ سان گڏ سندس آمدنيءَ ۾ به ڪجهه اضافو ٿئي. پر پاڻ ان ڳالهه لاءِ تيار ڪونه ٿيو. چي، "پنهنجي حياتيءَ جي ٽائيم ٽيبل ۾ وڌيڪ

نوڪريءَ لاءِ وقت ڪونہ بچيل آهي. شيطان جي ڏر مان هڪ دنعي ٻاهر. نڪري اچڻ بعد، ڪنهن جي دل گهرندي تہ ساڳئي ڏر ۾ ورتي گهڙي، دوباره شيطان جي غلاميءَ جو ڳٽ پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي؟"

سندس مطالعو بلڪل وسيع هو. اخبارن جو اکر اکر پڙهندو. جو ٽڪرو دلچسپ نظر ايندس، سو ڪاٽي ڪتابن تي چنبڙائيندو. ڪتاب هر مهيني نوان نوان گهرائيندو رهندو. خاص طرح سان ٽن مضمونن سان ڪافي دلچسپي هوندي هيس:

(1) شيڪسپيئر جو ڪلام، (2) راڻي وڪتوريا جي زندگي ۽ سندس تحريرون، (3) برٽش ارسٽو ڪرسي (British Aristocracy) جا حالات.

شيڪسپيئر کي سڀ ڪان وڏو مفڪر سمجهندو هو. چوندو هو تہ شيڪسپيئر جي ڪلام اندر ڪائنات جي هر راز جي ڪنجي موجود آهي. جنهن شخص شيڪسپيئر پڙهيو ۽ سمجهيو، ان کي ٻئي ڪنهن ڪتاب پڙهڻ يا معلومات جي ذريعي پنيان وڃڻ جي ضرورت ڪانہ هجڻ گهرجي.

ستر سال جي عمر کي پهتو تہ ڪتاب وغيره. اچلائي ڦٽا ڪيائين. چي، هاڻي موت اچڻ گهرجي، ڇو تہ ستر ورهين ڪان مٿي زندهہ رهڻ جي ضرورت ڪا نہ آهي. بيمار ٿيو تہ ڊاڪٽر وغيره کي پاڻ ڏيکارڻ کان نابري واري ويهي رهيو. عزيزن قريبن لاءِ مصيبت ٿي ويئي. گهڻيون ئي ڪوششون ڪيائون تہ زندگيءَ ۾ سندس دلچسپيءَ کي قائم رکن. پر بظاهر پاڻ بہ تندرست تنومند. مگر حياتيءَ جي معلومات قطعاً ڇڏي ڏنائين. سندس ڀاءُ، غلام مرتضيٰ خان، بدهہ مان ڪدي آٿي ڪراچيءَ رهايس. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪري اکيون ٻوٽيائين. صبح جو خبر ملي تہ مسافر سفر ختم ڪري وڃي پنهنجيءَ آخريءَ منزل تي رسيو - اناللہ و انا اليہ راجعون. حياتي اهڙي صاف حالت ۾ گذاريائين، جيئن بلور جي شڪل.

ٽيهہ - پنجٽيهہ ورهيہ ماجسٽريٽ ٿي رهيو، پر هڪ پيرو بہ اها شڪايت نہ ڏنائين تہ سندس هٿان ڪنهن سان بي انصافي ٿي.

ساڳيو عرصو روينيو آفيسر بہ رهيو، مگر پئسو ونڻ تہ درڪنار، ڪنهن جي ماني بہ نہ کاڌائين. رهڻيءَ ڪرڻيءَ جو انداز ايتريقدر سادو رکيائين، جيترو بنهہ جيئري رهڻ لاءِ ضروري هو.

پنهنجي پگهار جو وڏو حصو مخفي طرح حاجتمندن ۾ ورهائيندو رهيو، ۽ اها خبر ڪڏهن بہ نہ ظاهر ڪيائين تہ ڪنهن کي ڏيندو رهيو ۽ ڪيترو.

وقت سمورو حصول علم، غور و فڪر، ۽ پنهنجن رازن ڪي پاڻ سان اوريندي بسر ڪيائين. انسانذات سان اهڙو لاڳاپو ئي ڪو نہ رکيائين، جو ڪنهن بہ وقت انهن جي بيوفائين يا غمزن جو شڪار ٿيڻو پويس.

فرض سمورا نباهيائين - حڪومت جا، ماڻهن جا، عزيزن جا، دوستن جا. ڪنهن جو بہ پاءُ پائيءَ جو پاڻ ڏانهن رهڻ نہ ڏنائين.

خود داريءَ ۽ عزت نفس ڪي قائم رکندي، ڪنهن جي بہ اڳيان حاجتمند بڻجي نہ ويو. نہ اميد رکيائين، نہ مرادن جي منجهاڌار ۾ پنهنجي زندگيءَ جو ٻيڙو مبتلا ڪيائين. هڪ مختصر اصول تي هليو، ۽ اُهو هو:

"نامراديءَ جي نجهري، پيهي پس الله!"

موت ڪي تڇ برابر نہ سمجهيائين. هن دنيا مان ائين ئي روانو ٿي ويو، جيئن ڊپٽي ڪليڪٽريءَ واري زماني ۾ هڪ هنڌان منزل پٽي ٻيءَ منزل طرف روانو ٿيندو رهندو هو.

الله تعاليٰ بي نياز بادشاهہ آهي. وٽس اڳهي تہ پاءُ، نہ تہ مڻ بہ موٽيا وڃن. پر مون ڪي يقين آهي تہ غلام صديق خان جهڙو قلندر، حيات بعدالممات اندر، حورن جي هنج ۾ هوندو.

اها ہي ڳالهہ آهي تہ جيئن خاڪي زندگيءَ اندر خاڪي حورن جي پاڇي کان بہ ڀڄندو رهيو، تيئن روحاني حورن جي همسائگيءَ ڪي نامنظور ڪيو هجيس!

*　　*　　*

ڊکڻ خاندان جو ٻيو مرڪز، جيئڻ متي ذڪر ڪيو اٿم، ڳوٺ عبدالرحيم ڊکڻ ۾ هو. اتي ٻہ شخص ناميارا پيدا ٿيا.

غلام قادر خان مرحوم منهنجي وقت کان گهڻو اڳ گذاري ويو. ڏاڏو مرحوم بيان ڪندو هو تہ بطور دوست جي، غلام قادر پنهنجو مَٽ پاڻ هو- وفادار، وضعدار، ۽ باوقار هو. غلام قادر خان جو وڏو فرزند، **خانبهادر شاهنواز خان** مون بہ ڏٺو. مرداني حُسن ۾ سندس همپايي ٻيو ماڻهو مون اڄ تائين ڪونہ ڏٺو. ڏاڙهي چاپئين، ائين پئي نظر ايندي، ڄڻ جنڊيءَ تان لٿل آهي. قدبُت موزون. هٿ - پير جو پوان ۽ خوبصورت، وار وڏا. ڪپڙا پهريندو تہ هر گهڙيءَ گهوٽ پيو نظر ايندو. ڳالهائيندو تہ موتي پيا جهڙندا. هڪ دفعو ڪنهن سان ڳالهايائين تہ اڳلو عمر تائين موهجي ويو. وقت جا عملدار، خاص

طرح انگريز تہ مورڳو مٿس چڪن هوندا هئا. پهرين "خانصاحب"، ۽ ٿوري وقت بعد "خانبهادر" بڻايائونس. اسپيشل ماجسٽريٽيءَ جا پاور ابتدا کان ڏنل هئس. وٽس نہ وڏو راڄ هو، جنهن جو پاڻ سردار هجي، نہ پنهنجن همعصر زميندارن جاگيردارن جي مقابلي ۾ ڪا اڻکٽ جائداد: سندس اصلي سرمايو هو سندس ذهن، سندس انداز گفتگو، سندس وڻندڙ شخصيت (Personality)، ۽ سندس طريقہ ڪار، جنهن جو بنياد هو سنجيدگيءَ ۽ معاملہ فهميءَ تي. دشمني ڪنهن سان نہ ڪندو، جهيڙي فساد کان قطعاً ڪنارو، هٿ صاف، جا ڳالهہ ڪندو سا صحيح ۽ صاف، جيئن مُنديءَ تي ٽِڪ. ڳُوڙهائي ۽ چيڳرائي دوستيءَ ۾ بہ ڪانہ.

حياتيءَ وفا ڪانہ ڪيس. شايد پنجٽيهن ورهين جي عمر ۾ انتقال ٿيس. هڏڪيءَ جي مرض ۾، جنهن جو علاج وقت جي وڏن وڏن حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن کان بہ ٿي ڪونہ سگهيو. منهجي ڏاڏي مرحوم جو دلي دوست هوندو هو. سندس بيماريءَ جي زماني ۾ ڏاڏو مرحوم اڪثر وقت سندس قريب رهيو. پويان ڏينهن دِل جهلي نہ سگهيو، موٽي گهر آيو. مون کي اهُو صبح چڱيءَ طرح ياد آهي، جڏهن خبر آئي تہ شاهنواز خان گذاري ويو. ڏاڏو مرحوم پنهنجيءَ جاءِ تي صبر، سنجيدگيءَ ۽ وقار جو هماليا پهاڙ هوندو هيو، وڏي کان وڏي صدمي جي باوجود سندس چهري مان پريشاني هرگز ظاهر نہ ٿيندي هئي. ان ڏينهن پاڻ باغ ۾ ٽهلي رهيو هو. پاڻ اڳ ۾، آءٌ سندس پويان. گلابن جي ٻوٽن سان خاص پيار هوندو هوس. هر ٻوٽي مٿان بيهي، ٽڙيل مکڙين جو معائنو ڪندو ٿي هليو. ٻاهران پورهيت اچي خبر ڏني تہ ڊِڪڻ کان ماڻهو آيو آهي، جيڪو چوي ٿو تہ شاهنواز خان گذاري ويو. ڏاڏي مرحوم جيئن نوڙي بيٺي هڪ گل کي هٿ لاتا، تيئن سندس اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙي وجي ان گل جي پتين مٿان پيا.

دل جو معاملو هو- گل ٻُڌو ۽ بس.

مرحوم خانبهادر شاهنواز خان جا بہ ملازم خاص طرح سان قابل ذڪر آهن: حوالدار احمد ڊِڪڻ، ۽ منشي علي بخش. مون بيئي ڏٺا.

**حوالدار احمد** جي صورت حشمت واري، قداور، ڏاڙهي راجپوتن وانگر وڏي ۽ وچ مان چيريل، مٿي تي خاڪي يا سفيد پٽڪو، ٻاهر نڪرندو تہ برجس

يا شلوار مٿان پٽيون ٻڌندو. پنهنجي آقا جو نہ فقط معتمد خاص هو، پر بطور انسان جي بہ قابل اعتماد. هر وڏي ماڻهوءَ وٽ، انهن ڏينهن ۾، هڪ معتمد ۽ معزز ملازم هوندو هو، جيڪو نہ فقط ملازمن جي حلقي اندر ممتاز ۽ معتبر هوندو، پر پنهنجي آقا جي هر مخفي ۽ نازڪ راز جي سانڍڻ جو پڻ اهل هوندو هو. ڪنهن دوست آشنا ڏانهن ڪو مخفي حال موڪلڻو هوندو هون تہ ان قسم جا ملازم زباني طور ڪٿي ويندا هئا. دستي خط ۾ فقط ايترو لکيو ويندو هو تہ "فلاڻو معتمد خاص احوال ساڻ اچي ٿو، سندس چئي کي معتبر سمجهندا".
حوالدار احمد، شاهنواز خان پاران اهڙن ئي ڪمن تي مقرر هوندو هو. ڏاڏي مرحوم وٽ اڪثر ايندو رهندو هو. پنهنجي آقا جي "ٽيپ رڪارڊر" هو. شاهنواز خان جي ڏنل پيغام مان، مجال آهي جو هڪ اکر هيٺ مٿي ٿئي، ۽ بيان بہ اهڙيءَ سنجيدگيءَ، نفاست ۽ نزاڪت ساڻ پيو ڪندو هو، ڄڻ خود شاهنواز خان پاڻ پيو ڳالهائي.

**منشي علي بخش** لکپڙهہ ۽ مئجسٽريٽي ڪاروبار جي سلسلي ۾ سرشتيداريءَ جو ڪم ڪندو هو. ڊگهي اڇي ڏاڙهي، مولوياڻو نمونو، خط خوبصورت، طرز نگارش عالمانہ ۽ دور انديشيءَ سان پريل. فارسيءَ جو وڏو چاڻو، علم مجلسيءَ جو ماهر. سندس هڪ بياض مون کي هٿ آيو، جو بعد ۾ مون محمد حنيف وڪيل کي ڏنو. اهو ڪتاب مجموعو هو مثالي شعرن، بزرگن جي قولن ۽ تاريخي ڳالهين جو. سنڌ جي اڳوڻي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وصيت، "منشور الوصيت و دستور الحڪومت"، ڪيتري عرصي کان اڻلڀ ٿي ويئي هئي، سا مون کي ان بياض مان ملي. بياض تي نالو رکيو هئائين "روح رهاڻ". ۽ هو بہ واقعي "روح رهاڻ" مرحوم ناس جا ڀڪ ڏيندو رهندو هو، جنهن جي نشان سان نہ فقط سندس وڏو رومال ڇٽيل رهندو هو، مگر عينڪ کان وٺي پيرهن ۽ شلوار تائين سندس ان عادت جي غمازي ڪندا ٿي رهيا.

* * *

شاهنواز خان مرحوم جو ٻيو نمبر پاءُ، **خانبهادر محمد پناهہ خان ٻڪڻ** هو، جو منهنجو همعصر هو، ۽ جنهن جي زندگيءَ جي اقبال جي بهار خواهہ خزان منهنجي اکين اڳيان ٿي گذري. پاءُ جي انتقال بعد، محمد پناهہ خان خاندان جي سياسي ميراث کي نہ فقط سنڀالڻ شروع ڪيو، پر ان کي وڏي ترقي

وڻاراياڻين. زماني بہ ڦِرڻ شروع ڪيو. 20 - 1919ع ۾ آئيني سڌارا آيا. بمبئي ڪائونسل ۽ هندستان جي اسيمبليءَ جون نيون چونڊون ٿيون. محمد پناهہ خان آسانيءَ سان بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي ويو. انهن ڏينهن ۾ اجا ووٽ لڳ لاڳاپي تي ويندا هئا. نہ سياسي پارٽيون پيدا ٿيون هيون. نہ رشوتخوريءَ ۽ دغا دولاب تي ماڻهو هريا هئا. ڪو خاندان اميدوار ڪنهن جي در تي لنگهي ويو تہ ڇيهہ ٿي ويندو. دنيا هيٺ مٿي ٿي وڃي پر هڪ دفعي جو ڏنل واعدو ڪونہ ڦرندو هو. محمد پناهہ خان جي گهر جو اڳ ۾ ئي ڪافي اثر هو. ضلعي جي ماڻهن گهڻو ڪري سندس چنين چپاٽين تي ئي ڪيس ووٽ ڏنا.

اهو زمانو مون کي بہ چڱيءَ طرح ياد آهي. محمد پناهہ خان بمبئي ڪائونسل جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بمبئيءَ روانو ٿيو. هلندي ڏاڏي مرحوم کي بہ بمبئيءَ اچڻ جي دعوت ڏيئي ويو. ڏاڏو مرحوم هليو. تہ مون کي بہ ساڻ وٺي ويو. اهو پهريون دفعو هو جو مون بمبئي ڏٺي.

ڳوٺان ريل ۾ سوار ٿي حيدرآباد پهتاسون. اتان شام جو بمبئي - ميل، جنهن کي عام ماڻهو "راجا جي گاڏي" سڏيندا هئا (ان ڪري جو اها لائين جوڌپور ۽ بيڪانير رياستن جي هوندي هئي)، ۾ چڙهياسون. صبح ٿيو تہ جوڌپور رياست جا پَٽَ اکين اڳيان هئا. ميلن ۾ سائو گاهہ ئي گاهہ. هنڌ هنڌ هرڻن جون "ڊارون". جيستائين اک ٿي پهتي، اوستائين اهو بهشتي نظارو نظر ٿي آيو. پهرين "مارواڙ پالي" جي اسٽيشن آئي. ڏاڏي مرحوم اسٽيشن جي قريب، ڪنهن زماني ۾، شڪار ڪيا هئا. پاڻ پليٽفارم تي لهي، ڪن واقف ماڻهن سان مليو ۽ ڪانئن هرڻن متعلق حال احوال ورتائين. اتان هلي. "مارواڙ جنڪشن" تي آياسون. اهو پڻ ڏاڏي مرحوم جي شڪارن جو خاص مرڪز هو. گهڻو ڪري هر سال اچي مارواڙ جي ڊاڪ بنگلي ۾ منزل ڪندو هو. ۽ هر روز اتان اٿي، بيل گاڏيءَ ۾ چڙهي وڃي پسگردائيءَ ۾ شڪار ڪندو هو. ان علائقي سان مرحوم جي بيحد محبت هوندي هئي. ننهي خان نالي سان سندس شڪاري هوندو هو. اسٽيشن تي پهچڻ شرط، ماڻهو موڪلي ان کي گهرايائين. ساڻس اهو بندوبست ڪيو ويو تہ بمبئيءَ کان واپسيءَ تي اتي لهي شڪار ڪبو. مارواڙ اسٽيشن جي رفريشمينٽ - روم جا "ڪَڙهي چانور" مشهور هوندا هئا. اهي کائي، وري ريل ۾ روانا ٿياسون. چئين بجي ڌاري گاڏي "آبو

روڊ" اسٽيشن تي آئي. اتي هڪ پوڙهو نانوائي هوندو هو، جنهن جو پوڙ، اڦراٽا ۽ ڪباب ايترقدر لذيذ هوندا هئا. جو ماڻهو سارو ڏينهن پري ڪان ان غرض سان بکيا هليا ايندا هئا ته اُبو پهچڻ بعد ان پوڙهي وٽان ماني وٺي کائين. گاڏيءَ بيهڻ شرط، مسافر پوڙهي جي ديڳڙن مٿان پرٽجي پوندا هئا. اسين به خالي ٿانوَ کڻي ان هجوم ۾ شامل ٿي وياسون. واري اچڻ تي اسان کي به ڪوٽا ملي، جا وٺي آئي پاڻ وٽ رکيسين ۽ رات ويلي کائي پوري ڪئي سين. ان ڏينهن ۽ اڄوڪي ڏينهن جي وچ ۾ تقريباً اٺيهه سال گذري ويا آهن، مگر ان طعام جي لذت اڄ به محسوس ٿي رهي آهي. آءٌ دعويٰ سان چوان ٿو ته جيڪڏهن اڄ به دستر خوان تي هزارن طعامن سان ملائي آڻي ان پوڙهي جو رڌل پوڙ، اڦراٽا يا ڪباب اڳيان رکندا، ته آءٌ آسانيءَ سان انهن کي سڃاڻي ٻاهر ڪڍي ويندس. اهڙي هئي لذت، پوڙهي جي تيار ڪيل طعام ۾!

سج لٿي بعد گاڏي احمد آباد پهتي، اتان وري ٻيءَ ٽرين ۾ سوار ٿياسون. صبح ويلي بمبئيءَ جي گرانٽ روڊ اسٽيشن تي اچي لٿاسون (بعد ۾ گرانٽ روڊ اسٽيشن کي ڊاهي، ان جي جاءِ تي نئين اسٽيشن، "بمبئي سينٽرل" جي نالي سان تعمير ڪئي اٿن). بمبئيءَ ۾ موٽرن جو رواج اڳ ۾ ئي پئجي چڪو هو، پر اجا تائين عام ڪونه ٿيون هيون. ٽئڪسيون ته مورڳو هيون ئي ڪين. بمبئيءَ جي سواري هوندي هئي وڪٽوريا گاڏي. اسين به هڪ وڪٽوريا هٽ ڪري، منجهس چڙهي اچي اورينٽ هوٽل ۾ لٿاسون. اها هوٽل ڪرافورڊ مارڪيٽ جي سامهون، شهر جي بلڪل وچ ۾ هوندي هئي. ٽن رپين ڏهاڙيءَ تي ڊبل ڪمرو مليو. ان زماني ۾ هوٽلن جا اگهه ايترقدر گهٽ هوندا هئا جو بمبئيءَ جي تاج محل هوٽل جو بهترين ڪمرو فقط ستاويهن رپين روز تي پيو ملندو هو.

بمبئيءَ جو شان ڏسڻ وٽان هوندو هو. آءٌ هيستائين دنيا جا گهڻا شهر ڏسي چڪو آهيان، پر مون کي موجوده دور اندر اهڙو ٻيو ڪو شهر نظر ڪونه آيو آهي، جنهن جي هلچل يا فضا انهن ڏينهن جي بمبئيءَ جهڙي هجي.

فورٽ ايريا ۾ لنگهبو هو ته عمارتون خواهه دڪان ڏسي ڏند چپن سان لڳيو ويندا هئا. مقابلتاً اڄ لنڊن جي "ويسٽ ائنڊ" به قبرستان پئي معلوم ٿئي. وائٽ وي ليڊ لا، آرمي ائنڊ نيوي اسٽور، ايوانز فريزر، اسڪوئٽ ائنڊ لارڊ جي

دڪانن (ڊپارٽمينٽل اسٽورن) ۾ قدم رکڻ کان پوءِ ائين پيو محسوس ٿيندو هو، ڄڻ ماڻهو بهشت برين جي ڪنهن خاص ڪنڊ ۾ پهچي چڪو آهي. ڇا سامان جي ڪثرت، ڇا سامان رکڻ جي ترڪيب، ڇا خوشبوءِ! جا شي گهرو، سا موجوده. نہ قيمت ۾ ڦير، نہ هڪ شي ڏيکاري ٻي شي ڏيڻ جو رواج. دڪانن ۾ ڪم ڪرڻ وارا انگريز. ڪين ڏسيو سنڌ جا ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر ياد اچيو ويندا هئا - ۽ اسان ماڻهن کي تہ انهن انگريزي دڪاندارن سان بہ ساڳيءَ طرح ادب سان ئي ڳالهائڻو پوندو هو. جنهن ڏينهن ڪلي ڳالهائيندا هئا تہ ان ڏينهن ۾ اشتها ۾ خاص اضافو ٿي ويندو هو.

فورٽ ايريا مان لنگهي، اپالو بندر تي پهچبو هو. تاج محل هوٽل ۾ پير رکندي تہ ڏکڻي وڃيو ويندي هئي، تنهنڪري ٻاهران ئي ٻيهي ان جي شان جو داد ڏبو هو. شام وقت، هوا خوريءَ خاطر، بمبئيءَ جو سارو حسن هڪلجي اچي ان اپالو بندر تي جمع ٿيندو هو.

ڪرافورڊ مارڪيٽ پڻ ڏسڻ وٽان هوندي هئي. هر قسم جي شين جا دڪان، وسعت جو اهڙو عالم، جو منجهس هلندي ماڻهو ٿڪجيو پوندو هو.

مارڪيٽ سامهون ڦُٽندي هئي محمد علي اسٽريٽ، جنهن تي وڏا وڏا بندوقن جا دڪان هوندا هئا. مثلاً محمد علي نُور ڀائي، احمد علي نُور ڀائي، غلام حسين علي ڀائي، بمبئي آرمري، وغيره. قسمن قسمن جا هٿيار موجود، ۽ اڄ وارين قيمتن جي مقابلي ۾ ڄڻ ڦلن جي مٺ تي پيا وڪامندا هئا.

بمبئيءَ تي ان سطحي نظر ڦيرائڻ بعد، محمد پناهہ خان جي وٽاڻن ڏانهن ورجي ٿو. محمد پناهہ خان، ۽ ساڻس گڏ بہ - چار ٻيا سنڌي ڪائونسل ميمبر، بيرامجي هال نالي هڪ جاءِ ۾ رهيل هئا، جنهن جو انتظام سرڪار طرفان ٿيل هو. جن ٻين صاحبن سان انهن ڏينهن ۾ پهريون دفعو ملاقات ۽ واقفيت ٿي، سي هئا خانبهادر قيصر خان بوزدار، خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ، ۽ خانبهادر امام بخش خان جتوئي (نوابشاهہ ضلعي وارو). اهي سڀ صاحب ڪائونسل جا ميمبر هئا، ۽ ساڳئي بيرامجي هال ۾ رهيا ٿي.

محمد پناهہ خان جو رعب تاب قابل ديد هو. سنڌي ڪپڙن تي ٻو - ٽائي ٻڌڻ انهن ڏينهن کان شروع ڪئي هئائين، جا تمام سهڻي لڳيس ٿي. هيٺتي پندرهن - ويهن والن جي شلوار، انگريزي طرز جي قميص، "اسڪوئٽ ائنڊ

لارڊ" جو سبيل سفيد چائنا سلڪ جو شارٽ ڪوٽ، پيرن ۾ انگريزي طرز جو شوز، مٿي تي زريءَ سان بنارسيءَ جي پڳ: جنهن ڏنس ٿي، تنهن سمجهيو ٿي تہ ڪنهن رياست جو والي آهي. پنهنجي هلڻي چلڻي بہ اهڙي ئي ڪڙڪي سان هيس. مهمانداريءَ جو مَسلهہ، جو ماڻهو هٿ چڙهندس، تنهن کي وٺي وڃي ڪنهن نہ ڪنهن وڏي ريسٽورانٽ ۾ ماني کارائيندو. انگريز عملدارن ۾ وڏي هلندي هيس. سندس پاءُ مرحوم شاهنواز خان جا واقف آفيسر اچا وينا هئا، تنهنڪري هر هنڌان ڪيس عزت ۽ مانُ ملندو رهيو ٿي.

هڪ دفعي بمبئي وڪٽريا ٽرمينس ريلوي اسٽيشن ڏيکارڻ لاءِ وٺي هليو، انهن ڏينهن ۾ اها اسٽيشن اڃا نئين نهي هئي. اڳ ۾ ان اسٽيشن جو نالو هوندو هو "بوري بندر" اسٽيشن. اسٽيشن جي ريسٽارنٽ ۾ ماني کارايائين. هڪ ڪورس چيز ۽ ٽوسٽ جو هو. مون کي خبر ڪانہ هئي تہ "چيز" (Cheese) ڇا بلا ٿيندي آهي. ذرو ڪٽي وڌم وات ۾ پوءِ تہ الٽيءَ جهڙو حال ٿي ويو. ڪجهہ وقت تائين تہ طبيعت تي زور وجهيو اها بلا منهن ۾ جهليو ويٺو رهيس، پر آخر مُجبور ٿي، اتان ڪسڪي وڃي پري رکيل گلن جي هڪ ڪونديءَ ۾ ٿوڪاري آيس. ان کان پوءِ گهڻن سالن تائين وري ڪڏهن چيز جي ويجهو ڪونہ ويس. اسٽيشن، اسٽيشن نہ هئي، پر بمبئي شهر اندر هڪ ٻيو نئون شهر قائم ڪيل هو. پانت پانت جا ماڻهو، اڌ - اڌ ڪروڙ اندر هندستان جي ڪنهن نہ ڪنهن طرف کان ٽرين آئي ٿي - بين الاقوامي ميلي جو سمان هو.

بمبئيءَ جي سيڪريٽريٽ پڻ ڏٺي سون. عمارت قدري پراڻي هئي، پر گهٽتائي منجهس ڪنهن شيءِ جي ڪانہ هئي. ريزيڊنسيءَ جو سارو انتظام اتان ٿي هليو. مگر ظاهري طرح ايتريقدر خموشي طاري هئي جو ائين پئي سمجهڻ ۾ آيو، ڄڻ ڪو ماڻهو ئي منجهس ڪونہ آهي. ايگزيڪيوٽو ڪائونسلر تہ وڏي شي هئا، پر سيڪريٽريٽ جا چپراسي (اڇن ۽ ڳاڙهين وردين ۽ سونهري ڪمربندن سان ليس، جن جي چيلهہ سان خنجر پئي لٽڪيا) ڏسيو ڏڪڻي وٺيو ٿي ويئي.

ڪجهہ ڏينهن بمبئيءَ ۾ رهي، واپس ورياسون. محمد پناهہ خان، خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ، ۽ خانبهادر امام بخش خان جتوئي بہ اسان سان گڏ نڪتا. رستي ۾، شڪار ڪرڻ جي ارادي سان، اچي مارواڙ جنڪشن تي لٿاسون. اسٽيشن جي پر ۾ ڊاڪ بنگلو هوندو هو. سارو لڏو هلي ان ۾ لٿو.

مقامي شڪاري اچي ويا. جُـوءِ جي خبرچـار ورتـي ويئي. ٻئي ڏينهـن جـو پروگرام رٿيو ويو.

صبح جو شڪاري ٻن پارٽين ۾ ورهائجي، بيل گاڏين ۾ سوار ٿي، روانا ٿيا. ڏاڏو مرحوم، محمـد پناهـ خـان ۽ آءٌ هـڪ ئـي بيـل گـاڏيءَ ۾ چڙهياسـون. ڏاڏي مرحوم پنهنجي رائيفل محمد پناهہ خان کي ڏني ۽ پاڻ هٿين خالي هليو. مون کي 30 - 32 بور جي هڪ يڪنالي، ٽاپ ليور رائفل مقامي شڪاريءَ کان وٺي ڏنـائين. جوڌپور رياست ۾ بغير ليسن هٿيارن رکڻ جي آزادي هوندي هئي، تنهنڪري عـام ڪان عام ماڻهن وٽ نہ چڱا چڱا هٿيار هوندا هئا. مون اڳ ڪڏهن بہ هرڻ تي گولي ڪانہ ڇوڙي هئي. عمر ۾ اهو پهريون دفعو هو جو هرڻن جي شڪار تي وڃڻ جو اتفاق ٿيو. هلندي، ڏاڏي مرحوم سمجهائي ڏني تہ "بابا، هي شڪار محمد پناهہ خان لاءِ آهي، جو اسان جو مهمان ٿيو پيو هلي. تون گولي نہ ڇوڙجانءِ، مبادا تڪڙ ڪري مهمان جو شڪار خراب ڪري وجهين."

محمد پناهہ پلٽي ماري بيل گاڏيءَ ۾ ويهي رهيـو. اڳتي هلي، بندوق ۾ ڪارتوس وڌائين. شهر کان اجا اڌ ميل ڪـن مشـڪل سان ٻاهر ويا هئاسون تـہ هڪ هرڻ گاهہ ۾ بيٺل نظر آيو. بيـل گـاڏي ڦيرائيندي ڦيرائيندي وجي ويجها پياسـونس. محمـد پناهـ خان کي تيـار ٿيندو ڏسي، ڇـوريءَ ڇوريءَ، مـون بـہ پنهنجي يڪناليءَ ۾ ڪارتوس وڌو. مناسب جاءِ تي گاڏي روڪي ويئي. محمـد پناهہ خان جي گولي ڇٽي، پر هرڻ تندرست تنومند حالت ۾ ڀڄي نڪتو. ڀڄندي هرڻ تي نظر وٺي مون بہ ڪري گولي ڇوڙي، گردن ۾ لڳيس، ۽ هرڻ بولاٽيون ڪائيندو وڃي ڪريو. ظاهراً تہ واه واه ٿي ويئي. محمد پناهہ خان چيو:

"پير شاهہ سائين، علي محمد شاهہ تہ هاڻي ئي پيو ڀڄندا هرڻ ماري."

"مون تہ روڪيو هوس، پر ڇوڪرو تڪڙو آهي."

"روڪڻ اجايو هوس، جيڪڏهن علي محمد شاهہ گولي نہ هڻي ها تـہ هرڻ هونئين بہ ڀڄي وڃي ها".

ٻاهران ٻاهر تہ محمد پناهہ خان اهڙيءَ وسيع القلبيءَ جو اظهار فرمايو. مگر اندرون اندر طبيعت بي مزي رهيس. ان کان پوءِ وري بندوق مون کانہ هڻئي، هرڻ محمد پناهہ خان کان بہ ڪونہ مئو. گهمي ڦري، شام جو ڊاڪ بنگلي تـي موٽـي آياسون. محمد پناهہ خان جي گسڻ ۽ منهنجي هرڻ مارڻ جو واقعـو موضوع بحث

ٻڌجي پيو. مرحوم امام بخش خان جتوئي سخت با مذاق انسان هوندو هو. محمد پناهه خان مرحوم تي خوب ٽوڪون ۽ چٿرون ڪندو رهيو.

پنهنجي علائقي اندر محمد پناهه خان وڏو ڏاڪو پيدا ڪيو. پاڻ جي مرڻ بعد اُسپيشل ماجسٽريٽيءَ جا پاور ڪيس ملي چڪا هئا. وڏي رعب سان ڪورٽ جو ڪم هلائيندو هو.

بمبئي ڪائونسل جي ميمبريءَ جو ٽرم پورو ٿيس، ته محمد پناهه خان انڊين سينٽرل اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. ان زماني اندر زميندارن جو مارو بمبئي ڪائونسل جي ميمبريءَ تي هوندو هو، ڇو ته مقامي معاملن جو واسطو پراونشل سرڪار ۽ پراونشل ڪائونسل سان هوندو هو، ۽ سينٽرل اسيمبليءَ ڏانهن ڪنهن جو توجهه ڪونه هوندو هو. ڪيترن بمبئي ڪائونسل جي ميمبرن ڪي سينٽرل اسيمبليءَ جو پورو نالو وٺڻ به ڪونه ايندو هو. هڪ دفعي محمد پناهه خان پاڻ ذڪر ڪيو ته ورڪ ڪندي جڏهن بمبئي ڪائونسل جي هڪ وڏيري ميمبر وٽ پهتو ۽ ڪيس پنهنجو مقصد ٻڌايائين، تڏهن ميمبر صاحب اظهار راءِ فرمايو:

"اها ايسلمبي ڪهڙي بلا آهي؟ ميان، ايڏي تڪليف ته ڪائونسل لاءِ وٺين ها ته چڱو ٿئي ها".

ان سال جي چونڊيل "ايسلمبي،" جنهن جو سنڌ پاران ميمبر محمد پناهه خان چونڊجي ويو، هندستان جي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي اسيمبلي ٿي گذري. جواهر لال نهرو جو پيءُ، پنڊت موتي لال نهرو، ڪانگريس پارٽيءَ جو ليڊر بڻيو. هندستان جي تاريخ ناهيندڙ سمورا ماڻهو، سواءِ هڪ مهاتما گانڌيءَ جي، ان جا ميمبر هئا: مثلاً، پنڊت مدن موهن مالويا، لالا لاجپتراءِ، مسٽر جناح، ۽ ٻيا ڪيترا عظيم مرتبي جا ليڊر. نئين دهليءَ جي شهر، نئين وائسريگل لاج، نئين سيڪريٽريٽ ۽ نئين اسيمبلي چيمبر جو افتتاح پڻ ان سال ئي ٿيو. اُن نئينءَ چونڊيل اسيمبليءَ جو پهريون اجلاس ان نئينءَ عمارت ۾ ٿيو. اهڙي تاريخي موقعي ملهائڻ لاءِ وڏا شادمانا ٿيا، جن جو تفصيل محمد پناهه خان جي زباني ٻڌوسون. ڪٿ ٻڌوسون، سو مرقعو پڻ ياد پويم ٿو. الهداداڻي اسٽيشن جي قريب، فقير جي ڳوٺ واري انجنيئري بنگلي ۾ رهيل هئاسون. شڪار جي ڪئمپ هئي. مسٽر اومني، پوليس جو ڊي. آءِ. جي.، آيل هو. ڏاڏو

مرحوم، ابو سائين، ۽ آءٌ به مدعو هئاسون. محمد پناهه خان، تازو اسيمبليءَ جو پهريون اجلاس پورو ڪري، دهليءَ مان واپس آيو هو. احوال اهڙي انداز ۾ بيان ڪيائين، جو اسين سڀ تعجب جي تصوير بڻجي وياسون.

محمد پناهه خان هو فقط سنڌي خواندو، پوريءَ طرح ايندي اردو به ڪانه هيس، اسيمبليءَ جي ساري عرصي اندر مشڪل سان ٻه يا ٽي دفعا، ٻن - ٻن منٽن لاءِ مس ڳالهايائين، سو به ٻڳل ٽٽل اردوءَ نه پر "اڙدوءَ" ۾، مگر ان هوندي به اسيمبليءَ جي مختلف حلقن اندر اثر اٿاهه پيدا ڪيائين. سندس ڊنرين، پارٽين، هستيءَ سان هلڻ چلڻ، رعبدار صورت ۽ موقر شخصيت، هٽي وچي هنڌ ڪيو هو. هڪ ڀيرو ته ساريءَ اسيمبليءَ طرفان هندستان جي ريلواين جي سينٽرل صلاحڪار ڪائونسل جو ميمبر پڻ چونڊجي ويو، ۽ سيلون گاڏي وٺي، ساري هندستان جو دورو ڪري آيو. ان ڪائونسل لاءِ فقط ٻارهن ماڻهو منتخب ٿيندا هئا، ۽ انتخاب ۾ ووٽ ساريءَ اسيمبليءَ کي ڪرڻو پوندو هو. ان چونڊ ۾ فقط اهي ماڻهو اميدوار بيهي سگهندا هئا، جن جي پنيان وڏيون پارٽيون هونديون هيون.

ٽن سالن جي عرصي بعد اسيمبليءَ ۽ ڪائونسلن جون نيون چونڊون ٿيون. محمد پناهه خان ان دفعي ڪائونسل آف اسٽيٽ لاءِ اميدوار بيٺو ۽ ناڪام ٿيو، پر ان کان اڳ ضلعي جي سياست اندر وري به سندس هستي قائم رهي.

شڪار جو پڻ شوقين هو. سندس شڪار جون محفلون وسرڻ جون نه آهن. سنگتي ساٿي گڏ ڪري هلي مناسب جاءِ تي منزل ڪندو. ڇيلا ڪُسي ويندا ۽ طرحين طرحين طعامن جا ديڳڙا دمجي ويندا. سَون مُنهين ڇيڙا اچي گڏ ٿيندا، جن لاءِ تانهريءَ جون ديڳيون اڳواٽ چڙهيل هونديون. پاڻ برجيس پهريندو، جنهن جي مٿان پٽيون ڪشيون ونديون، پير ۾ لانگ بوٽ ۽ مٿي تي نرم ترڪي ٽوپي. جو تتر ۽ پکي سندس اڳيان اٿيو، تنهن جو پويون ڏينهن هوندو. جان ولڪس ڪمپنيءَ جي جڙيل هڪ 12 بور جي خوبصورت دونالي بندوق وٽس هوندي هئي، جنهن تي خاص طرح سان سندس هٿ ڏاڍو هريل هوندو هو.

گهڻو ڪري الهداداڻي ۽ تاجديري جي پسگردائيءَ ۾ اهي محفلون رچيندو هو. ساون جهنگن جي وچ ۾ سرنهن جي ڦولار جا کيت هوندا هئا. جنهن طرف اک ويندي، ان طرف فقط اهو زعفراني فرش پکڙيل پيو ڏسبو، ۽ هوندي

خوشبوءِ، سرنهن ۽ چانيي جي گلن جي! ۽ انهن ميدانن مان ڪارڙن تترن جو مٽي اٿڻ، ۽ مٿان بندوق ڪائي، رمال ٻڌجي اچي هيٺ ڪرڻ!

سندس زندگيءَ جا ڪيترا دلچسپ پهلو هوندا هئا. مثلاً، مهمان نوازي. اڪيلو ماني کائڻ سندس لاءِ مصيبت هوندي هئي. جيستائين ٻه - چار سنگتي ساٿي مهمان دستر خوان تي موجود نه هوندا، سندس طبيعت نه کُلندي، ۽ جيڪڏهن سندس طبيعت کُلي، کِلندي کِلندي پيٽن ۾ سور پئجي ويندا.

کاڌي پيتي سان چاهه هوس: ٻه - چار قسم ٻوڙ، پلاءُ ڀاڄيون ۽ ميوو هر وقت دستر خوان تي موجود رکندو. سفر تي چڙهندو، ته به کاڄا پيچا جو انتظام پهرين ٿيندو. ميوَن ۽ ڀاڄين جا ٽوڪرا ساڻ هلندا، ۽ انهن سان گڏ برف جا ٿرماس ۽ تيار طعام سان پُر ٽفن باڪس.

سندس شخصيت ۾ اهڙو اثر هوندو هو جو جنهن به محفل ۾ ويٺل هوندو، ان محفل اندر سڀ کان وڏيڪ ممتاز پيو نظر ايندو ۽ هر ڪنهن جي نظر وڃيو مٿس پوندي.

خود اعتماديءَ جو اهو عالم هوس جو هر شخص کي هيچ ۽ پاڻ کي هر مشڪل کان مشڪل مقام ۽ منصب جو اهل پيو سمجهندو هو.

آءٌ اڄ هيءُ مضمون فلپائن جي پرفضا شهر باگئي ۾ ويٺو لکان. چئني طرفين ساوڪ ئي ساوڪ آهي - رنگا رنگي گل، قسما قسمين درخت، ۽ طرحين طرحين جا سڳند. في الحقيقت هتان جا سرو صنوبر ايتريقدر مشهور آهن جو انهن جي سونهن پسڻ لاءِ ماڻهو آمريڪا کان به ڪاهيو پيا اچن، پر منهنجيءَ دل کي ڪا به شيءِ ڪانه پئي آئڙي. جو ڪيف سنڌي سرنهن جي گلن ۾ مضمر هو، ۽ جا سرنهن ڪَچي جي لئن جي ڳاڙهن گُلن ۽ ٻہرن جي ٻور اندر سمايل هئي، تنهن جو مقابلو ڪٿان ٿيون هي شيون ڪري سگهن؟— هي چمن انسان جو سجايل آهي، هو چمن قدرت جو رکيل هو.

محمد پناهه خان مرحوم جو هڪ قول مون کي اڄ تائين چڱيءَ طرح ياد آهي. آءٌ انن - ڏهن ورهين جي عمر جو مس هوس. هڪ دفعي پاڻ اچي اسان وٽ مهمان ٿيو. شام جو ڪچهري ٿي. ڪا ڳالهه نڪتي. مون وڏي جوش سان گفتگو ۾ حصو ورتو. ڏاڏي مرحوم مون کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. محمد پناهه خان چيو:

"پير شاهه سائين، علي محمد شاهه کي نه روڪيو. ايندڙ زمانو پڙهيائين جو آهي. ماڻهو جيتري قدر پڙهيائي ۽ گهڻ - ڳالهائو ٿيندو، اوتريقدر ٻُڌو

ويندو ۽ اوتري قدر ترقي ڪندو. اوهان ۽ اسان جهڙن تور - ڳالهائن ڪي ڪو پچندو بہ ڪونہ.

اهو واقعو آئيني سڌارن جي رائج ٿيڻ، ۽ سياسي بيداري جي پيدا ٿيڻ کان اڳ جو هو.

افسوس آهي، هينئر اُهي وقت نہ رهيا، اُهي فراغتون ختم ٿي ويون، اُهي مجلسون اُجڙي ويون!

محمد پناهہ خان مرحوم جا ڪي همعصر همسايا، جن سان سندس اٿڻ-ويهہ هوندي هئي، پڻ قابل ذڪر آهن:

مديجيءَ ۾ ميان مبارڪ شاهہ پناڻ هوندو هو. ٿلهو متارو، قداور، پورو، موڪرن پاچن سان پناٽڪي نموني جي سٽڻ پائيندو هو. هٿ ۾ ٿلهو نيٽ جو ڏنبو کڻندو هو. سندس اهڙي هيئت اسان لاءِ باعث تعجب هوندي هئي. بذلہ سنج هوندو هو. گهٽو زمانو ڏسي چڪو هو. جا ڳالهہ ڪندو هو، سا عقل سان پرپور هوندي. پاڙي جا وڏا ماڻهو پل پيا پاڻ ۾ وڙهن، مگر هي صاحب دور انديشيءَ کان ڪم وٺي پاسو ڪريو وينو هوندو هو. سڀ جو سلام سڀ سان رام رام!

امروٽ جو سيد ميان جمن شاهہ، سنڌي مردانہ حسن ۽ حشمت جو اعليٰ نمونو هوندو هو. قداور، پورو، وار وڏا، ڏاڙهي چاپئين، اڇا ڪُنپيل ڪپڙا، سفيد وڏي گول پڳ، پير ۾ سيم سان پريل سنڌي جُتي. ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي خيال هوندو هو تہ ميان صاحب جي هٿن ۾ جن آهن، ۽ چتي ڪُتي جي ڪاڏل ماڻهن تي سندس پڙهي ڏنل سڳو اثر ڪري ٿو. تنهنڪري گهٽائي جن جا ورتل يا چتي ڪُتي جا ڪاڏل ماڻهو پيا وٽس ويندا هئا. پاڻ ڏاڍي فهم ۽ ڏيرج جو صاحب هوندو هو. فارسي علم کان بہ واقف هو. جنهن مجلس ۾ هوندو، هڪ خاص قسم جي فضا پيدا ڪري ڇڏيندو.

وڏيرو همت علي خان ڪماريو: ترائيءَ ۾ رهائش هيس، ۽ ساريءَ ابڙا قوم جو سردار هو. ڪنهن زماني ۾ ابڙن جو چڱو زور رهي چڪو هو. ڪلهوڙن جي صاحبيءَ اندر ڪلهوڙن حاڪمن سان چڱيون چڪريون ڪائيندا رهندا هئا، ۽ انهن واقعن تي اڄ تائين هر هڪ غريب کان غريب ابڙي کي بہ فخر ۽ ناز آهي. شڪارپور کان وٺي لاڙڪاڻي جي پسگردائيءَ تائين سندن قوم جي پکيڙ هوندي هئي لٺ ٻانڌي جي معاملي ۾ خاص طرح سان مشهور هوندا هئا. مون

پاڻ منجهانئن هڪ شخص ڏٺو، جنهن جو نالو باغ هو ۽ ذات جو ڪڪراٽي هو (ڪڪراٽي ابڙا قوم جي هڪ شاخ آهي) اسان جي پاڙي ۾ رهندو هو. سندس متعلق هيءَ مسلم راءِ هوندي هئي ته هو فقط لٺ سان اڪيلي سر پنجاهه ماڻهن جو مقابلو ڪري سگهيو ٿي، ۽ مقابلي ڪندڙ پل ڪهاڙين، ترارين، لوڙين يا لٺين سان مسلح هجن. لٺبازي سنڌ جو پراڻو اباڻو ورثو هو، جو هينئر بندوقن آئي ختم ٿيندو پيو وڃي.

همت علي خان سان اسان جي گهَر جي پڪي دوستي هوندي هئي، سندس ڳوٺ ترائي، اسان جي ڳوٺ کان فقط ڇهن ميلن جي مفاصلي تي هوندو هو. هڪ روايت موجب، شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ ترائيءَ ۾ آيو هو، جو سندس "نظارو" هڪ ابڙي عورت سان هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ ترائيءَ جي سردار کي نرينو اولاد ڪونه ٿيندو هو. تنهنڪري ان سردار جي والده شاهه صاحب وٽ لنگهي آئي ۽ اچي ڪانئس دعا پنيائين. شاهه صاحب وراڻيءَ ۾ هڪ شعر چيو:

"تنهن جوري واريءَ جوءِ ويو شهر ورائيو،
سڙيءَ لام منجهان ڪو جو مورو موريو."

ان ڪان پوءِ سردار کي پٽ ڄائو، ۽ اهو خاندان اڄ تائين قائم رهندو اچي. منهنجي پنهنجي زماني اندر همت علي خان کي پٽ جو اولاد ڪونه ٿيندو هو، حتاڪ سندس ڄمار اچي سٺ ورهين کي رسي هئي. سندس قوم جي ماڻهن کي ان هوندي به هميشه آسرو هوندو هو ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن همت علي خان کي ضرور پٽ ڄمندو، ڇو ته "ان خاندان کي ڀٽائي صاحب جي دعا ٿيل آهي ۽ تنهنڪري ان جو نسل هرگز ختم نه ٿيندو." آخر، خدا جي قدرت، ٿيو به ائين. همت علي خان کي، پنهنجي مرڻ کان ٻه سال کن اڳ ۾، پٽ ڄائو، پر گونگو ۽ ٻوڙو— وري به پٽ هوا هينئر اهو گونگو وڏي مڙس ٿيو آهي، ۽ ڪماريي خاندان جو نالو قائم رکيو اچي.

همت علي خان مرحوم جي طبيعت بلڪل نرالي قسم جي هوندي هئي. هو نه ڪنهن انگريز عملدار ۽ ديسي ڪاموري سان دوستي رکندو هو، ۽ نه انهن سان گهٽو ڪري اچ - وڃ ئي رکندو هو. پاڻ هڪ وڏي قوم جو سردار ۽ فرسٽ ڪلاس جاگيردار هوندو هو، پڻر ڌاريءَ حڪومت جي اهلڪارن سان ويجهو پوڻ ناپسند ڪندو هو. ساريءَ عمر اندر هڪڙي به انگريز عملدار کي

ڪڏهن دعوت ڪانہ ڏنائين، ۽ نہ منجهانئن ڪنهن کي شڪار تي ڪرايائين. حالانڪ اُهي ڏينهن اهڙا هوندا هئا جو عملدارن کي شڪارن ڪرائڻ لاءِ زميندار هميشه سرگردان پيا رهندا هئا. ان گوشہ نشينيءَ ڪري همت علي خان جي اثر ۽ هلنديءَ کي گهڻو نقصان رسيو. ان حد تائين جو ڪمن ڪارين وارا ماڻهو کيس "بي همت" سڏڻ لڳا. پر اُنهن اُلَن يا چوٽين جي خود کيس ڪا پرواهہ ڪانہ رهي. هو پنهنجيءَ جاءِ تي ڪنارو ڪري ويٺو رهيو. ۽ جيڪڏهن اُتي ڪنهن جو ڪم نہ ڪيائين تہ ڪنهن کي ڏکويائين بہ ڪونہ. شڪار سان البت دلچسپي هوندي هيس. گهڻو ڪري ڪو بہ اهڙو هفتو ڪونہ گذرندو، جنهن ۾ سندس هڪ - ٻہ پروگرام شڪار جا رکيل نہ هوندا. هڪ 16 بور جي دو نالي بندوق وٽس هوندي هئي، جنهن سان گهڻو شوق هوس، ۽ جنهن تي سون جو پاڻي پڻ چڙهايو هئائين. اُها بندوق اُٺ تي اڳيان رکي روانو ٿيندو هو. پاسن سان گهوڙيسوار ملازم رليا. ايندا هئس. شڪار جي جاءِ تي پهچڻ بعد، پاڻ لهي اڪيلي سر ٻہ - چار نڪاءُ ڪري وري واپس هليو ايندو هو. ڪمن نالي سندس هڪ ملازم هوندو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن ساڻس شريڪ شڪار پيو ٿيندو هو. اهو سندس معزز ۽ معتبر ملازم هوندو هو. جنهن تان پيو. سڀ ڪم ڪار معاف هوندو هو. هو سارو ڏينهن فقط بندوق ڪلهي تي ڪنيو، شڪار پٺيان، ٻيلن ۾ ڦرندو وتندو هو. اهڙو ڪو ڏينهن مشڪل سان ٿيو هوندو. جنهن ڏينهن ڪمن خالي هٿين گهر وريو هوندو. ڪمن مون گهڻو ڏٺو. واقعي عزت ۽ اعتبار جي قابل انسان هوندو هو. مجلس ۾ ويهندو تہ تهذيب سان، ڳالهائيندو تہ ڇپي ڇپي، ڪم ڪار ڪندو تہ سليقي ساڻ. پنهنجي آقا جو نالو، ادب وچان، هرگز وات تي نہ آڻيندو، هميشه "وڏيرو سائين" ڪري پيو ڏانهنس اشارو ڪندو. ساري زندگي شڪاري يونيفارم ۾ رهيو. خاڪي شلوار، تنهن تي پٽيون ٻڌل، ڳچيءَ ۾ ڪارتوسن جو ٿيلهو، مٿي تي خاڪي موڳو پٽڪو ۽ ڪلهي تي بندوق، عام چوٽي هوندي هئي تہ "جهنگ ۾ نڪاءُ ٻڌو تہ سمجهو تہ ڪمن آهي ۽ ڪانہ ڪا شي ضرور ماري اٿس-" ڪمن جو ڪارتوس خالي نہ ويندو هو.

همت علي خان مرحوم ڪنهن زماني ۾ عشق وچان شاعري ڪئي هئي. اهائي مائي مُئي تہ ان جي قبر پرسان پنهنجي قبر بہ ٺهرائي ڇڏيائين، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن وڃي پاڻ سمهندو بہ هو. انتقال بعد کيس انهيءَ قبر ۾ دفن ڪيائون.

مرحوم اٽيڙهيل هوندو هو. صحيح بدران، اڱوٺي دستور موجب، پنهنجي منديءَ تي ٽِڪ بطور مهر جي هڻندو هو. ڳالهائيندو مختصر هو. ٻڌندو گهڻو هو. جيڪو اَکر پاڻ چوندو هو، سو شائستو ۽ وڻندڙ هوندو. شيعي مذهب جو هو. غريب ڪان غريب سيد به ڪڏهن وٽس لنگهي آيو ته پاڻ اٿي ڪڙو ٿيندو. وڏي، نوڙي، پيرين پئي، ڪيس وٺي آٿي سيرانديءَ ڏانهن ويهاريندو. سيد سڳورو بعد ۾ جيڪو به حڪم ڪندو، تنهن جي حتي الوسيع تعميل ٿيندي.

وڏيرو غلام عباس خان، سندس سوٽ ۽ سندس همعصر هو. اهو صاحب وري پنهنجي اوطاق ڪوليو، جدا ڪچهري ڪريو ويٺو هوندو هو. شريف انسان هوندو هو. سندس صورت ڏسي، اڳئين زماني جي سنڌي اميرن ۽ سردارن جون صورتون اکين اڳيان ڦرڻ لڳنديون هيون.

محمد پناهه خان ڊکڻ جي خاندان جو، وقت جي حڪومت سان تعلق هجڻ سبب، وڏو پرتاب هوندو هو. تنهنڪري همت علي خان مرحوم ڪي هميشه ساڻس نهي هلڻو پيو. انهن ڏينهن ۾ "پاڙي جي شرم ۽ لحاظ" جو سوال پڻ هوندو هو. "پاڙي ڪي پٺي ڏيڻ" ائين سمجهيو ويندو، جيئن ڪتي جو ماس کائڻ. ائين نه آهي ته رقابتون نه هونديون هيون. پاڙيچا پاڻ ۾ وڙهندا نه هئا. پر انهن رقابتن کي حد اندر رکيو ويندو هو ۽ هر ويڙهه جو فيصلو پاڙي جا چڱا مڙس پاڻ ۾ مڙي ڪري چڊيندا هئا. جيئن گهٽي اوگهڙ نه ٿئي. پاڙي جي ماڻهوءَ هٿان کهڙي به "ڪَسي پڪي" ٿي پوي ته پاڙي جو ٻيو ماڻهو ان جو "پن نه ڪڻندو". پنهنجي همسايي خلاف ڪنهن چغلي هنئي، ته پت ياڇيءَ کان خارج ٿي ويندو. شل نه ڪنهن تي نالو پوي چغل جو. جيڏانهن منهن ڪڻندو، اتان ڦٽڪار پئي وسنديس. جيڪڏهن مورڳو ڪنهن ماري وڌس ته به گهڻو داد فرياد ڪونه ٿيندس. اهڙي ماڻهوءَ کي سڏيو ويندو "چغل ٽويو". ۽ چغل ٽوئي کي راڄ طرفان ڪنهن به قسم جي پناهه يا مدد ڪانه ملندي. ان "چغل" جي هيڊنگ هيٺ به ٻيون صنفون به اينديون هيون: يعني (1) "چانجوس" يا "ياسوس" (جاسوس)، ۽ (2) "باڪو". "چانجوس" اهو هوندو هو، جو لڪي ڇپي ڪا خبر معلوم ڪري ۽ چپ چپاوت ۾ وڃي ٻئي تائين پهچائي. "باڪو" اهو هوندو، جو ڪچهري ۾ اچي کليو کلايو ڪنهن خلاف شاهدي ڏئي يا ڪنهن جو پلؤ ڪٽي. انهن ٻنهي قسمن جي ماڻهن کي حقارت سان ڏٺو ويندو ۽ مٿن اعتبار ڪو به ڪونه ڪندو.

اهي هونديون هيون ابڙا قوم يا ابڙا سوسائٽيءَ جون عام روايتون، جنهن جو فائدو پاڙي جا ٻيا غير ابڙا بہ پيا ماڻيندا هئا. محمد پناهہ خان ڊکڻ جون اليڪشنون ٿيون، ڏورانهن پري وارن سان جهيڙا لڳا، خود مٿس مقدمو داخل ٿيو، پر همت علي خان جو خاندان هر موقعي تي ساڻس ٻانهن ٻيلي ٿيو بيٺو رهيو.

محمد پناهہ خان مرحوم جي ڪچهريءَ ۾ چرچا گهڻا خوب ٿيندا هئا، ۽ ان ڪري سندس محفل ڪڏهن بہ بي رونق نہ هوندي هئي. وقتاً فوقتاً هميشه ڪو نہ ڪو ساٿي پاڻ سان گڏ ڪنيو وتندو هو، جنهن ڪان مسخريءَ جي ڊيوٽي ورتي ويندي هئي.

خير محمد ڊکڻ نالي هڪ بڍل سنج ماڻهو هوندو هو، جنهن کي ڪنهن زماني ۾ آٽي پاڻ وٽ رکيائين. خير محمد پنجوديري جو ويٺل هوندو هو ۽ تپيدار رهي چڪو هو. تپيداري مان سندس ڊسمس ٿي نڪرڻ جو سبب اهو ٿيو جو هن پنهنجي اسسٽنٽ ڪليڪٽر جي هڪ داشتہ، مقامي مهاڻي عورت سان هٿچراند ڪري وڌي هئي. اهو اسسٽنٽ ڪليڪٽر مسٽر ڪريرار هو، جو بعد ۾ سرجيمس ڪريرار جي نالي سان، ڦرڀائين بمبئي سرڪار جو ايگزيڪيوٽو ڪائونسلر، ۽ پڇاڙيءَ ۾ وائسراءِ جو ايگزيڪيوٽو ڪائونسلر بڻيو. خير محمد وارو واقعو انهن ڏينهن ۾ ٿي گذريو هو، جڏهن ڪريرار قنبر ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪليڪٽر هو ۽ خير محمد هو تپي ڪنڊڙيءَ جو تپيدار.

ان ڳالهہ کي ڪيترا سال گذري ويا. ڪريرار ترقي ڪندي ڪندي وڃي بمبئي سرڪار جو ايگزيڪيوٽو ڪائونسلر مقرر ٿيو، ۽ خير محمد تپيداريءَ مان نڪرڻ بعد رلندي پنندي وڃي محمد پناهہ جي مصاحبي اختيار ڪئي، ۽ محمد پناهہ خان بمبئي ڪائونسل جي ميمبر چونڊجڻ بعد جڏهن اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بمبئيءَ ويو تہ خير محمد بہ ساڻس گڏيو ويو.

هڪ ڏينهن، بمبئيءَ جي اسڪوئٽ اينڊ لارڊ ڪمپنيءَ جي دڪان اندر، اوچتو ئي اوچتو ڪريرار ۽ خير محمد هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿي ويا. خير محمد، محمد پناهہ سان گڏ هو، ۽ محمد پناهہ خان، ڪريرار کي دڪان اندر ڏسي، وڌي وڃي سلام ڪيو. سندس پٺيان خير محمد بہ لڳو ويو. ڪريرار محمد پناهہ خان کي هٿ ڏيڻ بعد جيئن نگاهہ ڪنئي تہ وڃي خير محمد تي پيس. هڪدم چرڪ پري، خير محمد ڏانهن منهن ڪري، چيائين:

"ويل، ڪنڊڙيءَ جو تپيدار؟"

خير محمد سينو تاڻي وراڻي ڏني:

"حضور، ساڳيو ئي گنهگار!"

سردست رديف قافيي جو معاملو تہ طئہ ٿي ويو. مگر محمد پناهہ خان بعد ۾ جڏهن خير محمد کان ان بيتبازيءَ جو پس منظر معلوم ڪيو، تڏهن پيشانيءَ تي پگهر اچي ويس.

انهن ڏينهن ۾ واقعي ڪي رعب هوندا هئا انگريز عملدارن جا. صاحب جي داشتہ تي ڪنهن ديسي ماڻهوءَ جي نگاهہ بہ پوي، ۽ اهو ماڻهو وري ڪنهن زميندار سان گڏ گهمندو ڦرندو نظر اچي! ناقابل معافي جرم هو.

خير محمد جا اڪثر لطيفا اهڙي قسم جا هوندا هئا، جي فقط مردن اڳيان، ۽ سو بہ ان زماني جي وڏيرڪين محفلن اندر ئي بيان ٿي سگهندا هئا. اڄ انهن کي ڪتاب ۾ آڻڻ مشڪل آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ مڙس اهڙو هو، جنهن جي ويني غم غلط هوندا هئا.

خير محمد کان اڳ، محمد پناهہ جو هڪ مصاحب گنومل بہ هوندو هو. گنومل ان علائقي جي اڪثر وڏن ماڻهن جو واقف هوندو هو. ڪين وياج تي پئسا ڏ . . . هو، ۽ وٽن ايندو ويندو ۽ رهندو هو. ڏاڍو چرچائي هو. جا ڳالهہ ڪندو سا روڪ ٽوڪ بنا، ۽ جنهن مجلس ۾ ويٺل هوندو ان مجلس تي اداسي ڇانئجڻ هرگز نہ ڏيندو. چرچن ڪندي، مُڙندو وڏي کان وڏي ماڻهوءَ مان بہ ڪو نہ، ۽ ڪنهن نہ ڪنهن وقت محمد پناهہ خان جهڙي انسان سان بہ سوڙهہ- گهٽ ڪري ڇڏيندو هو.

هڪ ڀير . . محمد پناهہ خان کي ڏاڍو تنگ ڪيائين. محمد پناهہ خان انتقام وٺڻ جي ارادي سان پنهنجي بورچيءَ کي سمجهائي ڇڏيو تہ ان ڏينهن ڀوڙ ۾ وڏي ٻڪريءَ جو گوشت استعمال ڪري، جنهن تي وڏي گوشت جو شهبو ٿي سگهي. اهو بہ چيائينس تہ گنومل ڀوڙ کائي ويهي ۽ کانئس (بورچيءَ کان) گوشت جي سخت هئڻ بابت سوال پڇيو . ي، تہ هو جواب ڏئي تہ اهو ڀوڙ وڏي گوشت مان رڌل هو.

دستر خوان وڇيو، ماني آئي، گنومل گوڏا کوڙي تيوڻ واپرايو. جڏهن پليٽ صاف ڪري ويٺو تہ محمد پناهہ خان بورچيءَ کان گوشت بابت پڇيو. بورچيءَ چيو تہ "ان ڀوڙ ۾ تہ وڏو گوشت هو!" پر گنومل ڳالهہ ٽاري ويو. بورچيءَ ڏانهن منهن ورائي چيائينس: "ميان اڄوڪي تيوڻ ۾ ڏاڍو ساءُ ۽ مَـجو (مزو) هو. مون کي ڏاڍو وڻيو. اڳتي بہ اهڙا تيوڻ تيار ڪندو رهجانءِ، ڇڙو ڪنهن هٽ واٽئي سان اها پچار نہ ڪجانءِ. جيئن اها ڳالهہ پنچائت تائين نہ پُڄي، ۽ ڇريا واٽيا اچايو مون کي نڙ تان لاهي نہ ڇڏين."

محمد پناهہ خان جا ٻہ بيا ساٿي پڻ ڪچهريءَ جا ڪوڏيا هوندا هئا: هڪ وڏيرو قائم خان وِڱڻ مرحوم، ۽ ٻيو الهہ بخش خان ڪاڪيپوٽو مرحوم، جو بعد ۾ "خانبهادر سردار الهہ بخش خان ڪاڪيپوٽي" جي نالي سان مشهور ٿيو. ٻيئي دلچسپ انسان هوندا هئا. ڪِل ڀرچي ڪان سواءِ ويهڻ ڪونہ ايندو هون. محمد پناهہ خان مرحوم تي عاشق هوندا هئا. اهڙو ڪو هفتو مشڪل سان گذرندو هو، جڏهن منجهانئن هڪ نہ ٻيو محمد پناهہ خان وٽ ٽڪيل نہ هوندو. انهن ڏينهن ۾ واندڪايون بہ هيون، ۽ خوشي مذاق ۽ ڪچهرين لاءِ ڪافي وقت هوندو هو.

محمد پناهہ خان مرحوم جي انتقال بعد، هڪ دفعو مان سندس اوطاق تي ويس. ويراني ئي ويراني لڳي پئي هئي. اڳين ڏينهن جو هاٺوڪن ڏينهن سان مقابلو ڪندي ۽ دنيا جي بي ثباتيءَ تي ڳوڙها ڳاڙيندي، روانو ٿي ويس:

هنڌ اهي ئي ماڳ، پر جَت نہ پَسان جُوءِ ۾!

# لاڙڪاڻو

## نئين ديري جا مشاهير

## وڏيرو رسول بخش خان پٽو

سنڌ جي اميرن جو شان ڪنهن کي ڏسڻو هوندو هو تہ نئين ديري وڃي، مرحوم مغفور وڏيري رسول بخش خان پُٽي جو ديدار ڪري ايندو هو.

قداور ۽ ڪُوبو مڙس، منهن گول، پورو، پرون جاڙيون، ڏاڙهي ڪتريل. چوندا هئا، جوانيءَ ۾ آڳوني جي زور سان ربئي تان انگ اکر ميساري ڇڏيندو هو.

سخي مرد هو. سٺ هزار ايڪڙ آباد زمين جنهن مان آمدني اتاهہ. پر هٿ ايتريقدر ڪشادو جو آمدنيءَ کان سندس خرچ هميشه وڌيل رهيو.

دل جو ايتريقدر صاف، جو فقط در ٻيهي اچڻ جي دير هوندي هئي. پسگردائيءَ جا ماڻهو ساڻس ڪيترين بيهودگين ڪرڻ بعد، ڪر پئي وٽس لنگهي ايندا هئا تہ نامراد ٿي ڪو نہ موٽندا هئا. عام چوڻي هوندي هئي تہ "رسول بخش خان جي ڪاوڙ ڪکن جي باهہ مثل آهي: گهڙيءَ جو شعلو، ان کان پوءِ ٿڌي خاڪ."

اکين جي لڄ ۽ حضور شرمي ايتريقدر، جو ڪنهن سان بہ انڪار ڪري ڪونہ سگهندو. سندس ان خصوصيت جو ڪيترن ئي ماڻهن ناجائز فائدو پئي

ورتو. پر هو صاحب پنهنجي طريقي تان ڪونہ هٽيو. ڇتي نالي هڪ ٻرڙو سنڌس زمينداريءَ اندر رهندو هو. ان بزرگ جو ڏنڊو اهو هوندو هو تہ رسول بخش خان خلاف آفيسرن ڏانهن ڪوڙيون درخواستون موڪليندو رهي، ۽ ساڻن ملاقاتون ڪري رسول بخش خان خلاف چغليون هڻي. رسول بخش خان کي اها ساري حقيقت معلوم هئي، مگر ان هوندي بہ ڇتي ٻرڙي جي هر وقت نہ فقط حاجت روائي، پر باقاعده پرورش ڪندو رهيو. ڇتو خان قداور، هڪ اک ڪاڻو، اٽيڙهيل، پر پنهنجي ڏنڌي اندر پنهنجو مثال پاڻ هو. جنهن وڏيري وٽ لنگهي ويندو تہ وڏيري کي ڏڪڻي وٺي ويندي.

رسول بخش خان جي رهڻي ڪرڻي، شوق شغل، رياست جي والين جهڙا هوندا هئا. جنهن بہ شخص اچي وٽس ملازمت ڪئي، تنهن کي اولاد وانگر پاليائين، ۽ ايتريقدر ڏنائين، جو هو هميشہ لاءِ اڏجي ويو. جهڙو پاڻ ڏکيائين، اهڙو ئي ان کي بہ پهراياائين. عبدالمجيد ۽ چمڪي نالي سنڌس عام مانورا ملازم هوندا هئا، جن جي ڏک عام زميندارن کان بہ ٿورو زياده هوندي هئي.

شڪار سنڌس زندگيءَ جو تنها مشغلو رهيو. نہ سنڌ کان ڪڏهن ٻاهر ويو، نہ وڏن شهرن گهمڻ جو ئي شوق هوس. جو وقت هوندو، سو شڪار بلي صرف ٿيندو.

ڪُتن جون لوڏون، شڪارين جون پلٽڻون، بندوقن جا انبار، ڪارتوسن سان توشا خانا پريل، سواريءَ لاءِ اُٺن جا وڳ ۽ گهوڙن سان طنبيلا پريل، اٺن ۽ گهوڙن جي پٺين تي ريشم جا سنج ۽ ڳچين ۾ پٽ جون ڳانيون ۽ چانديءَ جون سريون. تيار ٿي ڪيڏانهن نڪرندو تہ پاڻ اُٺ تي، ۽ اڳيان پويان گهوڙيسوارن جون قطارون. بوقت سواري، انگريزي طرز جا، سواريءَ جا ڪپڙا پهريندو: خاڪي قميص ۽ ڪوٽ، ساڳئي ئي رنگ جي برجيس، جنهن تي پٽيون ٻڌل هونديون، پير ۾ لانگ بوٽ، مٿي تي سرديءَ ۾ بالڪلاوا ٽوپي ۽ گرميءَ ۾ سولا هئٽ.

اڏامندي پکيءَ کي بندوق هڻڻ ۾ سنڌس ثاني مون اڃ تائين ڪونہ ڏٺو. پري ۾ هلي بيهندو تہ مشڪل سان ڪو پکي بچي نڪرندو. هميشه بہ بندوقون پاڻ سان رکندو هو: هڪ پنهنجي هٿ ۾، ٻي لوڊر ماڙهو پريو سنڌس پر ۾ جهليو بيٺو هوندو

هو. ٻنهي بندوقن کي ايتريءَ ڦڙتائيءَ سان استعمال ڪندو هو، جو هڪ ئي پير تي چار پکي ڪيرائي وجهندو هو. سندس شڪاري عملو ايتريقدر تجربيڪار هوندو هو، جو پکين کي اهڙي طريقي تي اُتاريندا هئا، جو سمورا پکي ٻين شڪارين کان پاسو ڪري، سڌا وڃي رسول بخش خان مٿان پوندا هئا.

سنڌ جي ڪيترن ئي ٻيلن ۾ سندس مستقل مهاڙيون رکيل هونديون هيون، جن جي سنڀال لاءِ شڪاري مقرر هوندا هئا. جنهن ڏينهن ست ڦاڙها ماريائين، يا ٻن ڳرائين يا ان کان مٿي سڳن وارو ڦاڙهو مئو، ان ڏينهن شڪارين مٿان انعامن اڪرامن جا مينهن وسي ويندا.

سندس شرافت جو ڪجهه ذڪر مٿي ئي چڪو آهي، ان جا ڪجهه وڌيڪ مثال ٻڌو.

منهنجي ڏاڏي مرحوم ۽ سندس وچ ۾ ڪنهن زماني ۾ تلخي هوندي هئي. همسائگيءَ جون رقابتون هيون، ۽ شخصيتون ٻنهي بزرگن جون زوردار! هڪ ئي ٻيلي اندر ٻه شينهن رهن، سرو ذرا مشڪل هو.

عين ان تلخيءَ جي زماني اندر، ڏاڏي مرحوم تي هڪ سرڪاري معاملو ٿي پيو. معاملي جي نوعيت هيءَ هئي: مرحوم کي ڪنهن پاسي پوسٽ ڪارڊ لکڻو هو. ٽپال آفيس پسگردائيءَ ۾ ڪانه هوندي هئي. انجنيري ڪاتي جي ڪنهن ملازم آٿي ڪيس هڪ پوسٽ ڪارڊ ڏنو، جنهن تي پاڻ ڪجهه لکي ڪري ٽپال ۾ وڌائين. اهو ڪارڊ "سروس" پوسٽ ڪارڊ هو. پر ڏاڏو مرحوم انگريزي پڙهيل ڪونه هو، تنهنڪري ڪيس خبر پئجي ڪانه سگهي ته عام پوسٽ ڪارڊ ۽ سروس پوسٽ ڪارڊ ۾ ڪهڙو فرق ٿئي ٿو. ٽپال ۾ پوڻ بعد ڪارڊ پڪڙيو، ۽ پوسٽ ايڪٽ هيٺ مرحوم مٿان مقدمو داخل ٿيو.

عام دنيا جي دستور موجب، رسول بخش خان کي، پنهنجي دشمن خلاف ان موقعي جو هر طرح فائدو وٺڻ کپندو هو. پر هن صاحب ڪيو ڇا؟ حاضريءَ کان هڪ ڏينهن اڳ، چانديءَ جي رپين سان هڪ ڳوڻ ڀري اڇي ڏاڏي مرحوم وٽ پهتو. چيائينس: "ميان پير شاهه سائين، پنهنجا معاملا پاڻ ۾ پيا فيصل ڪنداسين. هيءُ ٻاهريون حملو آهي، ان ۾ جيڪو به خرچ ٿيندو سو آءٌ پاڻ ڪندس، توکي ڪرڻ ڪونه ڏيندس."

معاملو تہ پهرينءُ ئي حاضريءَ تي ختم ٿي ويو، ڇو تہ سرڪار پاڻ ئي ڪيس ڪڍائي ورتو. پر رسول بخش خان جي شرافت جو هڪ وڏيڪ غير فاني مثال ملي ويو.

انهن ساڳين ئي ڏينهن جو ذڪر آهي: جڏهن پنهي بزرگن جي وچ ۾ سخت جنگ ڇڙيل هوندي هئي، تڏهن بہ سندن سلوڪ هڪٻئي جي اولاد سان بلڪل مختلف قسم جو هوندو هو.

مرحوم رسول بخش خان ابي مرحوم سان ۽ ڏاڏو مرحوم رسول بخش خان مرحوم جي فرزند احمد خان (بعد ۾ خانبهادر احمد خان) سان مربيانہ سلوڪ ڪندو رهيو. تحفا تحائف ڏيڻ، اچڻ وڃڻ، شوق شڪار ۾ شرڪت، مطلب تہ دوستيءَ ۽ محبت جا سمورا لوازما پورا ٿيندا ٿي رهيا. چوندا هئا: "مڙسن جا وير ٻچن ڪان نہ وڻبا آهن.

## سردار واحد بخش خان ڀٽو

عمر وفا ڪانہ ڪيس. اناويهن - اوڻٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ ئي انتقال ڪري ويو - نہ تہ گهڻن ئي همعصر وڏيرن ۽ سرمائيدار سياستدانن جي صفائي ڪري ڇڏي ها.

اميراڻي طرز تي رهڻ ۽ هلڻ ڪو ڪانئس سکي ها! زميينداري وڏي ۽ دولت ڪافي هيس، پر اُن جو ڏيکاءُ اصلي مُوڙيءَ ڪان بہ زياده پيو ٿيندو هو. اڏ سنڌ جي وڏيرن کي دوستيءَ جي دام ذريعي پنهنجيءَ سنگت ۾ شامل ڪري ڇڏيائين. مشڪل سان ڪو اهڙو ضلعو هو، جت ڪو نہ ڪو سندس سر ڦِريو سنگتي موجود نہ هوندو هو. دوستي گهڻو ڪري جوان مردن ۽ همت وارن ماڻهن سان رکندو هو. نہ وري سندس دوستي ٺلهي يا رکي قسم جي ئي هوندي هئي. پنهنجن دوستن سان انتهائي ڪشاده دليءَ جو سلوڪ ڪندو هو. جيڏانهن نڪرندو، سنگتين جو ٽولو ساڻ وٺي هلندو. انهن جي خدمت ۽ خاطري ايڏي پيماني تي پئي ٿيندي، جو هلندي هلندي مهينا گذري ويندا، پر ڳوٺ ياد ڪونہ پوندن. شڪل شڪار، سير تفريح، کانا گانا، سڀ شي موجود: پوءِ ڪير اهڙو ٻبي سمجهہ هوندو، جو اهي مزا ڇڏي وڃي پنهنجن گهرو معاملن ۾ مبتلا ٿئي ها؟

الله تعاليٰ ڪن ڪن ماڻهن ۾ اهڙيون خصوصيتون رکي ٿو، جن جو اثر تہ محسوس ٿيندو رهي ٿو، پر انهن کي ڪنهن معين نالي سان سڏي نٿو سگهجي. مثلاً، واحد بخش خان مرحوم ۾ هيءَ خصوصيت هوندي هئي تہ جتي موجود هوندو، اتي ميلو لڳو پيو هوندو - نہ فقط سندس رهائش واريءَ جاءِ تي، پر ان ساري شهر مٿان بسنتي رُت ڇانيل هوندي - ڳليءَ ڪوچي، وڻ ٽڻ مان ائين پيو ڀڪندو تہ اڄ ڪو غير معمولي ماڻهو آيل آهي.

ڪجهہ عرصي جي پيڙهہ ٻڌڻ کان پوءِ، مرحوم پنهنجي اصلي مطمح نظر، يعني سياست طرف هلڻ شروع ڪيو. سينٽرل اسيمبليءَ جون چونڊون شروع ٿيون. پاڻ سنڌ جي زميندارن جاگيردارن واريءَ سيٽ لاءِ اميدواريءَ جو اعلان ڪيائين. سندس شخصيت ۽ تعلقات ۽ دولت جو اڳ ۾ ئي اهڙو پـَرتو پيل هو، جو ڪنهن کي بہ سندس مقابلي ۾ بيهڻ جي مجال ڪانہ ٿي. وقت آئي هر ٻيو اميدوار پٺي ويو. دهليءَ پهچڻ بعد پڻ سندس طريقو ساڳيو ئي رهيو. اٿڻي ويهڻي، رعب ۽ تاب ۾ هندستان جي نوابن ۽ راجائن سان ڪلها گسائيندو رهيو. سياسي علم گهڻو ڪونہ هوس، تنهنڪري اسيمبليءَ اندر تقرير ڪرڻ جو سوال پيدا ڪونہ ٿي ٿيو، پر ٻاهران ٻاهر ڪافي فضا پيدا ڪريو وينو رهيو. سينٽرل اسيمبليءَ جي ٽرم پوري ٿيڻ بعد بمبئي ڪائونسل جو ميمبر منتخب ٿيو، پر وري بہ بنا مقابلي.

همت ۽ هستيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. جنهن جي مخالف ٿيو، ان جي ننڊ حرام ٿي. سخت کان سخت مقابلو ڪندي بہ هرگز باز نہ ايندو. خوددار هو، تنهنڪري وقت جا ڪامورا گهڻو ڪري ساڻس ڪونہ نهيا.

هڪ دفعي مٿس ڏاڍو نازڪ ڪيس ٿي پيو. ڇـَتي ٻرڙي جو ذڪر، وڏيري رسول بخش خان ٻنـّي سان تعلق رکندڙ مضمون ۾ اڳي ڇڪو آهي - ان ڇتي جي زال پٺي ويئي. ڇتي وٽي گور والا نالي لاڙڪاڻي ڊويزن جي هڪ جوشيلي نوجوان پارسي اسسٽنٽ ڪليڪٽر کي درخواست ڏني تہ سندس زال کي گم ڪرائڻ ۾ واحد بخش خان جو هٿ آهي، ڇو تہ واحد بخش جي ساڻس دشمني آهي. گور والا وڏيرن جي خلاف هوندو هو، موقعي ملندي ڪنهن بہ وڏي ماڻهوءَ جي آبرو ريزي ڪندي ڪونہ مڙندو هو. تنهن اها درخواست جاچ لاءِ ضلعي جي ڪپتان مسٽر جج ڏانهن رواني ڪئي. جج جو سڀ کان زياده معتمد سب

انسپيڪٽر، عبدالله خان نالي هڪ پٺاڻ هوندو هو. اهو عبدالله خان، پنهنجي مٽي، هڪ وڏو ڪيريڪٽر هو. ڪيترا سال رتيديري ۾ صوبيدار رهي چڪو هو. پوليس جو ڪاروبار هلائڻ ڪو ڪانئس سکي ها. مجال آهي ڪنهن چور ڪي جو ساڻس سچو احوال نہ ڪري، يا وري عبدالله خان جي حد اندر، عبدالله خان جي آئي ڪان پوءِ، ڪو ڏوھ ڪري وڃي. هوندو فقط صوبيدار هو، پر ڏک اڳوڻن مغل نوابن جهڙي پيو ڏيندو. رپورٽن لکڻ يا ڪيس تيار ڪرڻ ۾ استاد جو درجو حاصل هوس. قاعدي قانون جو زبردست ماهر هو. پنهنجن آفيسرن يا ڪنهن عدالت اڳيان بيهي ڪنهن ڪيس جو تجزيو ڪيائين، تہ ڪنهن ڪي مجال ڪانہ هوندي جو ان سان اختلاف ڪري سگهي. جنهن انگريز پوليس ڪپتان سان واهپو ٿيس، سو سنڌس عاشق ٿي پيو.

ڇـتي برڙي جي درخواست جاچ لاءِ ان عبدالله خان جي سپرد ٿي، تہ ماڻهن ڪي يقين ٿي ويو تہ هينئر واحد بخش خان ڏانهن خير ڪونہ ٿيندو. آخر ٿيو بہ ائين. بدقسمتيءَ سان جاچ هلندي، اُها عورت (جنهن جو نالو هو مسمات خانزادي) مري ويئي، جڏهن پوليس وجي سنڌس قبر کوٽي، تڏهن ڏٺو ويو تہ قبر مان لاش تازو نڪتل آهي.

سياري جي موسم هئي. هڪ شام جو اوچتو هيءَ خبر لاڙڪاڻي ۾ پکڙجي ويئي تہ پوليس واحد بخش خان کي گرفتار ڪري، ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ جي ڪورٽ اڳيان چالان ڪري رهي آهي. آءٌ بہ ڊوڙي وڃي ڪورٽ ۾ پهتس. هشام ماڻهن جا تماشي ڏسڻ لاءِ موجود هئا. ٿوريءَ دير ۾ عبدالله خان واحد بخش خان کي گرفتار ڪري، ڪورٽ ۾ وني آيو. ڪورٽ بند ٿيڻ تي هئي، مگر ماجسٽريٽ ان هوندي بہ ڪورٽ کولي ويهي رهيو. ضمانت لاءِ درخواست پيش ٿي، ڏرين جي وڪيلن تقريرون ڪيون، ماجسٽريٽ درخواست رد ڪئي، پر ان هوندي بہ واحد بخش خان کي ڪورٽ ۾ ويهاريو ويٺو رهيو، جو تہ ڪيس بڌايو ويو هو تہ ضمانت جي ٻي درخواست سيشن ڪورٽ اڳيان پيش ٿي رهي آهي ۽ ان جي نتيجي نڪرڻ تائين واحد بخش خان کي جيل ڏانهن نہ موڪليو وڃي. ان وچ ۾ رات پئجي ويئي، ڪورٽ جي اهلڪارن ڊڪي ڊوڙي گاسليٽ سان پرنڌڙ بتيون هٿ ڪري آڻي ڪورٽ ۾ رکيون. واحد بخش خان مرحوم، منهنجي قريب، ڪرسيءَ تي ويٺو رهيو. سنڌس چهري تي ڪنهن بہ قسم جي

پريشانيءَ جا آثار ڪين هئا. پاڻ پوليس عملدارن ڏانهن ڏسندو ۽ پنهنجن شهپرن تي هٿ ڦيرائيندو ٿي رهيو. انين بجي ڏاري سيشن ڪورٽ وٽان سندس ضمانت تي آزاديءَ جو حڪم آيو. ۽ پاڻ اتي پنهنجي بنگلي تي آيو. بعد ۾ معلوم ٿيو ته سيشن جج، (مرحوم سر شاهنواز خان ڀٽي جي چوڻ تي، ٽينس جي راند ڇڏي، اچي پنهنجي ڪورٽ کولي هئي، ۽ اتي خود سر شاهنواز خان ڀٽي کي ضامن وٺي، واحد بخش خان جي رهائيءَ جو حڪم ڪيو هئائين.)

ڪيس هلندي ساري سنڌ ٿرٿلي ۾ هئي. هر ڪنهن جون اکيون ان مقدمي تي کتل هيون. سرڪار، خاص ان ڪيس هلائڻ لاءِ، آغا غلام حسين کي اسپيشل ماجسٽريٽ مقرر ڪيو. آغا غلام حسين وڏي رعب سان ڪيس هلايو. ٻنهي طرفن کان وڏا وڏا وڪيل پيروي ڪندا رهيا. واحد بخش خان جو وڪيل مسٽر ٽي. جي. الفنسٽن ٿيو، جو انگريز هو ۽ سنڌ جو پبلڪ پراسيڪيوٽر پڻ هو. انهن ڏينهن ۾ پئسي وارا وڪيل ڪري ايندا هئا. اهي انگريز وڪيل قانونداني ۾ ڪيترن ديسي وڪيلن کان گهٽ هوندا هئا، پر اچي چمڙيءَ جو وڏو مانُ هوندو هو ۽ ديسي ماجسٽريٽ سندن گهڻو خيال رکندا هئا.

آغا غلام حسين اوائلي جاچ ختم ڪري، ڪيس سيشن ڪورٽ ڏانهن ڪمٽ ڪيو. ڪيس حيدرآباد جي سيشن ڪورٽ ۾ هلڻو ٿيو. ڪيس کي اڳ ۾ ئي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هو. انگريز جج هو، تنهن ڪيس جو هڪ حصو هلائي، جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏيو. ان فتويٰ کي ڏسي، بمبئي گورنمينٽ ڪيس جو ٻيو حصو، جنهن ۾ واحد بخش خان پاڻ ماخوذ هو، پاڻ وٽلبرا (Withdraw) ڪرائي ورتو ۽ ان طرح مرحوم واحد بخش خان، ڪيتري عرصي جي پيڙا بعد وڃي آزاد ٿيو.

انهن ڏينهن ۾ "سنڌ آبزرور" نالي [1] هندن جي هڪ روزانه اخبار ڪراچيءَ مان نڪرندي هئي. ڪي. پنيا نالي هڪ سخت متعصب مدراسي هندو ان جو ايڊيٽر هوندو هو. ان اخبار جي پاليسي هوندي هئي ته هر طريقي سنڌ مان مسلمانن جو زور ڀڃو وڃي. تنهن، واحد بخش خان جي ڪيس جي خارج ٿيڻ جو ٻڌي، هڪ سخت ايڊيٽوريل لکيو [2] جنهن ۾ بمبئي سرڪار تي هيءُ الزام

---

[1] پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اها اخبار مسٽر کهڙي ورتي. ۽ 1949ع کان 1953ع تائين آءُ ان جو ايڊيٽر ٿي رهيس.

[2] ان ايڊيٽوريل جي هيڊنگ هئي: "A Scandal of the First Magnitude."

لڳايو هئائين تہ هن سر پنهنجي سياسي اثر هيٺ اچي، واحد بخش خان، سندس سوئٽ تان ڪيس ڪڍائي قانون ۽ انصاف سان سخت هاجي ڪئي آهي. ان ايڊيٽوريل ڪري چوبولو گهڻو پيدا ٿيو، ۽ خود بمبئي ڪائونسل جي اجلاس اندر بہ بحث مباحثو ٿيو، پر مقدمو اڳ ۾ ئي ختم ٿي چڪو هو.

اهو مقدمو، مقدمو نہ هو، هڪ مستقل مصيبت هئي. پر واحد بخش خان مرحوم جو حوصلو ڪڏهن بہ پست ڪونہ ٿيو - ساڳيو شان، ساڳي لاپرواهي، ۽ ساڳيون چٽلينجون دشمنن کي. البت، پس پرده، ياد خدا ۽ نماز جي ادائگي خاص خيال سان ٿيندي ٿي رهي.

مرحوم ڪنهن بہ پاڻ جهڙي انسان اڳيان هٿ ڊگهو نہ ڪيو، باقي پنهنجي آقا اڳيان نوڙت ڪندي، يا ان سان حاجت بيان ڪندي، ڪنهن بہ شرم يا حجاب جو ڪو سوال پيدا ڪونہ ٿي ٿيو.

ڪپڙي لٽي ۽ ساز سامان جو مرحوم کي بيحد شوق هوندو هو.

انڊين اسيمبليءَ ۾ چونڊجي دهلي ويو. اتي ڳاڙهي رنگ جي هڪ تازي آيل شاهي موٽر ڪار، پئڪارڊ، ورتائين - جيڪا اوستائين بئي ڪنهن بہ راجا راجواڙي وٽ ڪانہ هئي. ان ۾ وري هٽايائين وڏيون وڏيون شمعون ۽ غير معمولي قسم جا هارن، جن مان موسيقيءَ جا آواز ٿي نڪتا. پوئينءَ سيٽ جي اڳيان، هوا کي روڪڻ لاءِ وڏو شيشو هٽائي، ان تي وڏن اکرن ۾ پنهنجو نالو لکارايائين، تہ جيئن ڏسندڙن کي موٽر سان گڏ موٽر جي مالڪ جو نالو بہ معلوم ٿيندو رهي. جڏهن اها موٽر ڪراچيءَ ۾ هلندي هئي، تہ ماڻهن جا هشام مڙي ويندا هئا. پاڻ لباس بہ راجائن جهڙو ئي پهريندو هو. راجپوت قسم جي، پاسي تي آهليل رنگا رنگي پڳ، سوٽ يا شيرواني ۽ شلوار. ڪڏهن ڪڏهن شلوار سان گڏ ريشمي گلدار پهراڻ ۽ زريءَ سان پريل جُتي. ڏٺي تعاليٰ صورت بہ ڏسڻ جهڙي ڏني هيس، جنهن تي هر قسم جو ڪپڙو پيو ٺهندو هو- قد ڊگهو ۽ موزون، چهرو موڪرو، شهپر وڏا، پرون جاڙيون، ۽ رنگ ڪليل.

پنهنجي ڳوٺ (ڳوٺ پير بخش پنو تعلقو رتو ديرو) ۾ اندر، رهڻ واريءَ جاءِ کي محلات جي نموني تي سينگاريائين. روشني ۽ پکن هلائڻ لاءِ خاص پنهنجي خرچ تي بجليءَ جو جنريٽر هٽارايائين. نوڪرن چاڪرن، بٽلرن ۽ ڊرائيورن کي مونوگرام سان ورديون ڏنائين. جنهن صورت ۾ حڪومت اچا

ڪيس ڪنهن بہ وڏي خطاب ڏيڻ لاءِ تيار ڪانہ هئي، تنهن صورت ۾ هن صاحب پاڻ پنهنجي قوم کي گڏ ڪري، انهن جي سرداري قبول ڪئي. ان ڏينهن کان پوءِ، عام ماڻهو کيس سردار واحد بخش خان سڏڻ لڳا. پسگردائيءَ جا غريب ۽ نوڪر چاڪر کيس "نواب صاحب" سڏيندا رهيا. نوابن کي سڳ ڪونہ ٿيندا هئا، جيڪڏهن واحد بخش خان نوابيءَ جي لائق ڪونہ هو، تہ سنڌ اندر يقيناً ٻيو بہ ڪو نوابيءَ جي لائق ڪونہ هو.

سندس قضيو، جو شروع جوانيءَ ۾ ٿيو، ضلعي جو سخت درد انگيز واقعو هو. مرحوم چڱو ڀلو بمبئيءَ ويو، ۽ اتان موٽندي رستي ۾ نمونيا ٿيس. لاڙڪاڻي جي مقامي ڊاڪٽرن علاج ڪيس. پر ڪامياب ڪونہ ٿيو. انهن ڏينهن ۾ نمونيا لاءِ هاڻي وارا علاج اڃا تجويز ڪين ٿيا هئا. نہ اينٽي بايوٽڪس هوندا هئا، نہ پينسلين. الله تعاليٰ جون سندس روح مٿان رحمتون هجن! سخي مرد هو، سوَن هزارن نادارن، بيوهہ عورتن ۽ يتيمن جي پرورش ڪندو رهندو هو.

## نبي بخش خان ڀٽو

واحد بخش خان مرحوم کان پوءِ سندس ورثو سندس ڀاءُ نبي بخش خان سنڀاليو. قدرت ٻنهي ڀائرن جون طبيعتون متضاد خلقيون هيون - واحد بخش خان جي طبيعت جيتريقدر هنگامہ خيز پسند هئي، اوتريقدر نبي بخش خان جي طبيعت صلح پسند، خاموش ۽ فقيرانہ هئي.

نبي بخش خان اڃا حيات ۽ موجود آهي. اهڙو سانتيڪو، سچو، شريف ۽ اڻ ڏکوئيندڙ انسان مون سنڌ جي زميندار طبقي اندر ٻيو ڪونہ ڏٺو آهي. ڪو ماڻهو سخت ڏک پهچائيندس تہ بہ ٻاهر ٻڙڪ ڪانہ ڪڇندو. ساريءَ عمر اندر شايد ڪنهن سان بہ تکو اکر ڪونہ ڳالهايو اٿس. ڪم گوئيءَ ۽ خاموشيءَ جو هيءُ عالم، جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو هوندو، ۽ جيستائين ٻيو ڪو ساڻس نہ ڳالهائيندو، پاڻ ڪونہ ڪڇندو. سندس وعدو سون جو سڪو. سندس ڪئريڪٽر قطعاً بيداغ. پاليٽڪس ۾ ورهين جا ورهيہ رهيو، پر ڪڏهن بہ سياست کي پنهنجن غرضن جي پوري ڪرڻ لاءِ اوزار طور استعمال نہ ڪيائين.

سر شاهنواز خان جي، بمبئي وڃڻ کان پوءِ نبي بخش خان لاڙڪاڻي ضلعي جو پريزيڊنٽ چونڊيو، ۽ تقريباً اٺ ورهيہ ڪن ان منصب تي رهيو. سندس ايمانداري بطور ضرب المثل استعمال ٿيندي رهي. ٽي - چار سال بمبئي

ڪائونسل جو ميمبر، ڏهه سال سينٽرل اسيمبليءَ جو ميمبر، ۽ اٺ - ڏهه سال سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر هو، پر ڪڏهن به نه پارٽي بدلايائين، نه سرڪار جو چاڙتو بڻيو، نه خطاب ورتائين، نڪي وزارت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، جنهن سان وعدو ڪيائين، توڙ نباهيائين.

33-1934ع ۾، انڊين ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. انهن ڏينهن ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس پڻ اسيمبليءَ ۾ گهڙي پئي هئي، جنهنڪري اسيمبلي، سرڪار ۽ ڪانگريس جي وچ ۾، ڪرڪيشترا جو ميدان بڻجي پئي هئي. گهڻن ئي ڏسٽن وائسٽن ميمبرن پاڻ کي سرڪار سان وابسته ڪري، پنهنجا ڪيترائي ڪارج پئي سَڌ ڪيا. مگر نبي بخش خان قطعاً لاطمع ٿيو وينو رهيو، ۽ بلڪل آزاديءَ سان ووٽ استعمال ڪندو رهيو.

سرڪار ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ سڀ کان پهريون مقابلو اسيمبليءَ جي صدارت جي چونڊ تي ٿيو. سرڪار جي همدردي هئي مرحوم سر عبدالرحيم سان، جيڪو جناح صاحب جي انڊيپينڊنٽ پارٽيءَ طرفان اميدوار بيٺو هو. ٻيءَ ڌر طرفان، ڪانگريسي اميدوار مسٽر شيرواني هو. ڪٽ يا هار جو مدار فقط هڪ - ٻن ووٽن تي هو. تنهنڪري ميمبرن تي وڏا زور بار اچڻ لڳا. نبي بخش خان دهليءَ پهچڻ شرط ئي پنهنجي ووٽ جو وعدو شيروانيءَ سان ڪري ڇڏيو. ان ڪان پوءِ مٿس قسم قسم جي اثرن هلائڻ جي ڪوشش ٿي، پر سنڌس واعدي ۾ ڦيرو ڪو نه آيو. انهن ڏينهن ۾، سنڌس خلاف داخل ٿيل اليڪشن پٽيشن ساڳيءَ هندستان سرڪار جي اڳيان زير غور هئي. ڪيترن سرڪاري چاڙتن ڪيس دڙڪا ۽ لالچون ڏنيون، ڇي، جيڪڏهن ووٽ سرڪار طرف ڏينديِن ته تنهنجي اليڪشن پٽيشن ابتدا ۾ ئي رد ٿي ويندي، ٻيءَ حالت ۾ اليڪشن پٽيشن کي منهن ڏيڻ تي اوترو ئي خرچ ڪرڻو پوندئي، جيترو خرچ اليڪشن تي ٿيو اٿئي"، وغيره وغيره. مگر نبي بخش خان تي ڪو اثر ڪو نه ٿيو. سنڌس ووٽ شيروانيءَ کي ئي مليو. البت، هڪ ٻئي سنڌي ميمبر ان موقعي جو چڱو ئي فائدو ورتو. ان بزرگ اوائل ۾ واعدو به شيروانيءَ سان ڪيو، پر جڏهن جنگ جو ميدان گرم ٿيو، تڏهن سرڪار سان پنهنجون صلح صفايون ڪري، پنهنجو ووٽ مخفي طرح وڃي سرڪاري اميدوار کي ڏنو. فرق هڪڙي ئي ووٽ جو هو- اهو ووٽ سر عبدالرحيم، سرڪاري اميدوار کي مليو، جنهنڪري شيرواني هڪ ووٽ تي هارايو.

سينٽرل اسيمبليءَ اندر ٻي پُٽ لڳي هڪ سرڪاري بل تي، جنهن جي مراد هئي تہ سرڪار کي اختيار ڏنو وڃي تہ ڪنهن بہ انقلابي ماڻهوءَ کي بغير ڪيس هلائڻ جي ڪيتري بہ عرصي لاءِ جيل ۾ بند رکي سگهي. سر نريندرانات سرڪار، لا- ميمبر هو، تنهن اهو بل اسيمبليءَ اڳيان آندو. بل جي فائدي ۾ سر نريندرا جي ڪيل تقرير طوالت جي لحاظ سان ان اسيمبليءَ جي تاريخ اندر رڪارڊ هئي. بل پيش ٿيڻ بعد هڪ طرف اها تقرير شروع ٿي، ۽ ٻئي طرف بل جي فائدي ۾ ووٽن حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪاري ڪوشش. ڪانگريس پارٽي تہ اڳ ۾ ئي اهڙن بلن جي مخالف هئي، پر غير ڪانگريسي ميمبرن بہ ان بل جو وجهہ وٺي، سرڪار کي بليڪ - ميل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ڪن پنهنجي ووٽ جي قيمت خطابن جي صورت ۾ گهري، ڪن ڪي عهدا گهربا هئا. ڪي رنا تي، ۽ ڪي وري ووٽ جي قيمت وڏارائڻ جي نيت سان دهلي اندر لڪندا وتيا ٿي. غرض تہ جنهن صورت ۾ سرڪار کي ڪاميابيءَ جو يقين ڪونہ ٿي ٿيو، تنهن صورت ۾ سر نريندرا جي تقرير هلندي رهي، حتاڪ دهليءَ جو اجلاس ختم بہ ٿي ويو، مگر تقرير جي پڇاڙي ڪانہ ٿي.

ٻيو اجلاس شملي ۾ ٿيو. ان وچ ۾ نبي بخش خان تي مقامي عملدارن جي ذريعي پڻ ڪيترائي زوربار آندا ويا، مگر هو صاحب ڪونہ مڙيو. هن اوائل ۾ ئي فيصلو ڪيو هو تہ ووٽ سرڪاري بل جي مخالفت ۾ ڏيو. تنهنڪري آخر گهڙيءَ تائين ان اصول تي قائم رهيو. سر نريندرا جي تقرير شملي واري اجلاس اندر بہ ڪيترن ڏينهن تائين هلندي رهي. بل جو آخر ڪهڙو حشر ٿيو، سو هينئر ياد ڪونہ اٿم.

سنڌ اسيمبليءَ اندر پڻ نبي بخش خان جي پاليسي ساڳي ئي رهي. ڪيترائي ميمبر حضرات پنهنجا وعدا ٽوڙيندا، پارٽيون ۽ اصول بدلائيندا، عهدا ۽ فائدا وٺندا رهيا، مگر نبي بخش خان جنهن بينچ تي پهرئين ڏينهن اچي ويٺو، پوئين ڏينهن تائين ان تي ئي ويٺو رهيو. ذاتي فائدو ڪو نہ ورتائين، پنهنجي ضمير، اصول ۽ ايمان کي پڻ مجروح ٿيڻ ڪونہ ڏنائين، صاف هٿن سان آيو هو، ۽ صاف هٿن سان پنهنجي ميمبريءَ جو عرصو پورو ڪري ٻاهر نڪتو.

سنڌ جي سياسي تاريخ اندر نبي بخش خان جهڙا ماڻهو مشڪل سان نظر آيا. خانبهادر کهڙي جهڙي ماڻهوءَ جيڪڏهن ڪا بہ اليڪشن هارائي تہ اُها نبي

بخش خان جي مقابلي ۾. سر شاهنواز جي سنڌ مان رواني ٿي وڃڻ بعد، ضلعي لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي جي پريزيڊنٽي خالي ٿي. ان جاءِ لاءِ کهڙي صاحب ۽ نبي بخش خان جي وچ ۾ مقابلو ٿيو، ۽ مقابلو بہ مقابلن جهڙو. ساري سنڌ ٽرٽلي ۾ اچي ويئي. ميمبر صاحبن جي ڪٽي الله تعاليٰ ٻڌي. ڪڏهن هڪ اميدوار جي ڪئمپ ۾، ڪڏهن ٻئي جا مهمان. ٻہ مهينا ڪن هنگامو هليو. آخر نبي بخش خان ئي ڪامياب ٿيو.

ان کان پوءِ سنٽ ئي سينٽرل اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون. ٻن جاين لاءِ ٽي اميدوار بيٺا: سر عبدالله هارون مرحوم، شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌي، ۽ نبي بخش خان ڀٽو. ساريءَ سنڌ کي ووٽ ڏيڻا هئا. عبدالله هارون اڳ ۾ ئي ميمبر رهندو آيو هو. تنهنڪري سندس لڳ لاڳاپا، ورڪر ايجنٽ موجود هئا. شيخ عبدالمجيد صاحب جي هٿ ۾ هئي "الوحيد" اخبار، جا سنڌ جي مسلمانن جي تنها روزانہ اخبار هئي ۽ خلافت تحريڪ جي ڏينهن کان وٺي هلندي ٿي آئي. ساريءَ سنڌ جي مسلمانن مٿان ان اخبار جو اثر هو، ۽ ان جا خاطو ۽ مددگار، جن کي "الوحيدي ٽولو" سڏيو ويندو هو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙيا پيا هئا. ٽي - چار مهينا ورڪ هليو. پنهنجي وس پڄندي ڪنهن بہ اميدوار ڪونہ گهٽايو. آخر نبي بخش خان ٻہ ٽين نمبر ۾، ۽ سر عبدالله هارون ٻئي نمبر ۾ ڪامياب آيو. شيخ عبدالمجيد صاحب هارايو. شيخ صاحب بعد ۾ اليڪشن پٽيشن داخل ڪئي، جا پڻ رد ٿي.

نبي بخش خان جو ٽيون مقابلو ٿيو قاضي فضل الله سان، سنڌ اسيمبليءَ جي رتيديري - ميرو خان تعلقن واريءَ سيٽ تي. اها اليڪشن بہ سخت هنگامي خيز هئي. اِهو اُهو ئي تڪ هو، جتي اڳ ۾ سر شاهنواز خان هارائي چڪو هو. مگر هن دفعي نبي بخش خان ڪامياب ٿي ويو ۽ قاضي فضل الله شڪست کاڌي.

نبي بخش خان جي هڪ ٻي چونڊ نهايت دلچسپ قسم جي ٿي گذري.

سينٽرل اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجڻ بعد، نبي بخش خان اسيمبلي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دهليءَ پهتو. آءٌ بہ ساڻس گڏيو ويس. منهنجا ساڻس تعلقات هئا. پاڙيچائيءَ جو سوال هوندو هو، جنهنڪري هر چونڊ، هر مقابلي ۽ هر معاملي ۾ سندس طرفان مون کي ئي انتظام ڪرڻو پئي پيو.

دهليءَ پهچڻ بعد، نبي بخش خان کي خيال ٿيو تہ ٻهرين هندستان جي ريلوي ايڊوائزري ڪاميٽيءَ جو ۽ بعد ۾ سينٽرل ايڊوائزري ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي.

انهن ڪاميٽين لاءِ گهڻو ڪري پارٽين طرفان ئي اميدوار بيهندا هئا، ۽ پارٽيون محض پنهنجن سينيئر ڪان سينيئر ميمبرن کي انهن اعزازن لاءِ ڪڍو ڪنديون هيون. اسيمبليءَ اندر مکيہ پارٽيون ٽي هيون: سرڪاري پارٽي، ڪانگريس پارٽي ۽ مسٽر جناح جي انڊيپينڊنٽ پارٽي (انهن ڏينهن تائين مسٽر جناح اجا مسلم ليگ پارٽي شروع ڪانہ ڪئي هئي). نبي بخش خان انهن مان ڪنهن بہ پارٽيءَ جو ميمبر ڪونہ هو. چونڊ ۾ سينٽرل اسيمبليءَ جي سمورن ميمبرن کي ووٽ ڏيڻو هو، ۽ جايون جملي ست هيون.

نبي بخش خان جي فائدي ۾ مون ورڪ تہ شروع ڪيو، مگر ورڪ لاءِ گنجائش تمام گهٽ نظر آئي. اسيمبليءَ جو هر هڪ ميمبر پنهنجيءَ جاءِ تي ڪُهن سال ڪک، ۽ ڪائي - پِيِي چڙهيل هو، تنهن تي نبي بخش خان جهڙي نو آموز ۽ نئين آيل نوجوان جو اثر پوي تہ پوي ڪهڙيءَ طرح؟ ان اپرانت، سندس تعلق ڪنهن پارٽيءَ سان بہ ڪونہ هو، تنهنڪري ڪنهن پارٽيءَ طرفان سندس اميدوار بيهڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿي ٿيو. ڪائنس سواءِ، سنڌ مان ٻيا ٽي ميمبر هئا (سر غلام حسين هدايت الله، سر عبدالله هارون، ۽ مسٽر لالچند نولراءِ). پر انهن ۾ بہ مدد جي اميد ڪانہ هئي. سر غلام حسين ۽ سر عبدالله هارون جي تازين چونڊن ۾ مخالفت ڪري چڪا هئاسون، ۽ لالچند نولراءِ پاڻ اميدوار هو.

سڀ کان اول آءٌ ۽ نبي بخش خان وڃي قائداعظم (رحمتہ الله عليہ) جي خدمت ۾ حاضر ٿياسين. ساڻس ٿوري گهڻي شناسائي اڳ ۾ ئي هئي، پاڻ پير صاحب پاڳاري واري ڀهرئين ڪيس جي سلسلي ۾، بطور وڪيل، سنڌ ۾ ڪيترا مهينا اچي رهيو هو ۽ ان دوران ۾ منهنجي ساڻس چڱي واقفيت پيدا ٿي چڪي هئي. مون کي آسرو هو تہ شايد ان ڏيٺ ويٺ ڪري ڪيس اسان جو ڪو لحاظ پئجي وڃي.

پاڻ (جناح صاحب عليہ الرحمت) "ويسٽرن ڪورٽ" جي هڪ ڪمري ۾ رهيل هو. ويسٽرن ڪورٽ هڪ هوٽل هوندي هئي، جا سرڪار طرفان اسيمبلي ميمبرن جي رهائش لاءِ قائم ڪيل هئي. ٽيليفون ذريعي ڪائنس ٽائيم ورتو

ويو. مقرر وقت تي آءٌ ۽ نبي بخش خان نهي نڪي، سوٽ ڪوٽ پهري، وجي وٽس پهتاسون. حال دل عرض ڪيو ويو. نڙنپ جواب ڏيئي ڇڏيائين. چي، "ناممڪن، ناممڪن! اها تمنا واهيات (absurd)آهي، انهن جاين لاءِ پارٽين طرفان اميدوار بيهندا آهن، ۽ سي بہ تمام سينيئر ميمبر. اسان جي پارٽيءَ پاران مولانا شوڪت عليءَ جي پايي جا ماڻهو اميدوار آهن. ٻين پارٽين بہ ساڳيءَ طرح پنهنجن مکيہ ليڊرن کي ميدان ۾ آندو آهي. تنهنڪري ٻئي ڪنهن بہ ٻاهرئين اميدوار لاءِ قطعاً ڪا بہ گنجائش ئي ڪانہ ٿي سگهي." انهيءَ فرمودي بعد، پاڻ هڪدم اٿي کڙو ٿيو ۽ انگريزيءَ ۾ خدا حافظ چئي، اسان کي رخصت ڪري ڇڏيائين. هلندي هلندي، مون کان بہ رهيو ڪونہ ٿيو، منهن ورائي چئي ڏنومانس: "مسٽر جناح، الله تعاليٰ گهريو تہ انهن ڳالهين هوندي بہ نبي بخش خان ضرور ڪامياب ٿي ويندو، ۽ اوهان جي ذڪر ڪيل ليڊر اميدوارن مان ڪي نہ ڪي پٺ تي پيل نظر ايندا.

ان چئلينج بازيءَ بعد، معاملي سخت نازڪ صورت اختيار ڪئي. اسان جي بہ نوجواني ۽ ناتجربيڪاري هئي، ان تي مستزاد تازين اليڪشني ڪامايبين جو نشو، تنهنڪري حوصلو هارائي پوئتي موٽڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿي ٿيو.

مون اليڪشين جو نقشو تيار ڪيو، ۽ سو بہ سنڌي ڍنگ ۽ معيار تي.

اسيمبليءَ اندر، جهڙيءَ طرح مون مٿي ذڪر ڪيو آهي، مکيہ ٽي پارٽيون هونديون هيون. انهن مان هر هڪ پارٽيءَ ۾ ٻن قسمن جا ميمبر هوندا هئا: هڪڙا ليڊر يا سينيئر ميمبر، جي ساريءَ فضا تي ڇانيا رهندا هئا، ۽ ٻيا جونيئر ميمبر، جن غريبن کي گهٽو ڪري ڪو پڇندو بہ ڪونہ هو. انهن جونيئر ميمبرن جي ڊيوٽي هوندي هئي تہ اجلاس ۾ اچي شامل ٿين، پنهنجن ليڊرن جي پنيان بينچن تي ويهي رهن، ۽ جيڏانهن حڪم ٿئين، ان پاسي ووٽ ڏين.

منهنجي نظر انهن ٽيئين قسم جي ميمبرن تي وڃي پئي. جڏهن سندن لسٽ تيار ڪيم، تڏهن ڏٺم تہ اسيمبليءَ اندر مجموعي طرح اڪثريت انهن ئي يتيمن جي وڃيو ٿي ٿئي. مون خيال ڪيو تہ جيڪڏهن انهن ڇورن ٻارن تي اڳواٽ هٿ رکيو ويندو، جن کي عام طرح ڪو پڇي بہ ڪونہ پيو، ۽ ساڻن سٺا دوستانا تعلقات پيدا ڪيا ويندا، تہ ممڪن آهي تہ منجهانئن گهڻا مخفي طرح

اسان کي ووٽ ڏيڻي وجن. ووٽ بذريعي بئلٽ ٿيڻو هو. جنهنڪري ڪنهن جي به راز افشا ٿيڻ جو امڪان ڪونه هو.

پوءِ ته انهيءَ لائين تي ئي اچي ڪم شروع ٿيو. ڳولي ڳولي دهليءَ جي ننڍين ننڍين هوٽلن مان وڃي انهن نڌڻڪن ميمبرن کي لڌوسون. سندن مهمانداريءَ ۽ خوش آمد برآمد جو سلسلو هڪدم چالو ٿي ويو. سوڪڙيون پاڪڙيون، سنڌ جا حلوا، ڊنرون، قواليون، سڀ فراهم. هر شام هوا خوري، هر رات محفل! شال نه منجهانئن ڪو بيمار ٿي پوي، خبر گيري ۽ تيمارداريءَ ۾ مائٽن کان به لنگهي ٿي وياسون.

ان ورڪ جي دوران جا ٻه واقعا قابل ذڪر آهن: سرجيمس گرگ، انهن ڏينهن ۾، انڊيا گورنمينٽ جو فنانس ميمبر هوندو هو. وڏي اثر ۽ وڏي نالي وارو هو. سندس اعزاز ۾ ڊنر جو بندوبست ٿي ويو. نبي بخش خان جي بورچيءَ کي هدايت ڪئي ويئي ته ڪا شيءِ اهڙي تيار ڪري، جا معزز مهمان کان ساريءَ عمر ۾ نه وسري. بورچيءَ هڪ پڪل ڇيلو اهڙي ڍنگ سان تيار ڪيو جو جڏهن ٽيبل جي وچ تي آڻي رکيو ويو. تڏهن ائين پئي معلوم ٿيو ته گويا بلڪل زنده آهي ۽ گاهه پيو چري. ان ڇيلي جي پٺيءَ تي هيءَ عبارت لکيل هئي: "سرجيمس کي مهمان ڏسي، مون به اچي سندس خدمت ۾ پاڻ کي پيش ڪيو آهي!"

اهو نظارو ڏسي، سر جيمس گرگ جي منهن مان گگ وهڻ لڳي. انگريز هو، ۽ نُڪته شناس - مٿس ڏاڍو اثر ٿيو. سندس زبردست سرڪاري ميمبر پيا به ڪيترا ساڳيءَ ئي ٽيبل تي موجود هئا. سر جيمس جو اهو حال ڏسي، ڪين يقين ٿي ويو ته نبي بخش خان سان سندس ڏاڍي دوستي آهي. سردست اسان کي به ايترو ئي گهربو هو.

ٻيو هڪ سرڪاري ميمبر هو، سر لانسلاٽ گراهم. جو ان وقت ليجسليٽو ڪائي جو سيڪريٽري هوندو هو ۽ بعد ۾ جدا سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ٿي آيو. بطور سيڪريٽري ليجسليٽو ڊپارٽمينٽ، اسيمبليءَ اندر سرڪاري پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ سمورا معاملا سندس حوالي هوندا هئا، ۽ ووٽنگ جي معاملي ۾ "وِپ" (Whip) يا ميمبرن تي فرمائش ان صاحب طرفان ئي صادر ٿيندي ٿي رهي. اسان جي مقصد لاءِ وڏي اهميت ٿي رکيائين. پر اجلاس هلندي سندس مصروفيت جو هيءُ عالم هو جو جڏهن به ڪنهن ڊنر جي ڪيس دعوت ڏيو ته

مشغوليءَ جي بنا تي معذوري لکي پيو موڪليندو هو. آخر ان جو علاج ڇا ٿئي ته کهڙو؟ سوچ ويچار بعد، سنڌس ملازمن سان واقفيت پيدا ڪئي ويئي. انهن جي ذريعي معلوم ٿيو ته فلاڻيءَ تاريخ تي صاحب طرفان هڪ وڏي ڊنر ڏنل آهي، جنهن ۾ سرڪاري پارٽيءَ جا سمورا ميمبر مدعو ٿيل آهن. جنهن شام تي اها ڊنر ٿيڻي هئي، ان ڏينهن جي صبح تي، نبي بخش خان ۽ آءٌ شڪار تي چڙهي پياسون. آگري واري رستي تي، دهليءَ کان پنجويهن - ٽيهن ميلن جي فاصلي تي ڪافي ڪاريهر هرڻ ملندا هئا. شڪاريءَ ۽ بيل گاڏيءَ جو بندوبست اڳواٽ رکيل هو. موٽر ۾ چڙهي وڃي شڪار واريءَ جاءِ تي پهتاسون. منجهند ٽائين ۾ - چار سروان ڪاريهر هرڻ ڪيرائي وڌاسون. اهي کڻي دهليءَ پهتاسون، ۽ منجهانئن هڪ، نبي بخش خان جي وزيٽنگ ڪارڊ ساڻ گڏ، سر لانسلاٽ گراهم جي بنگلي تي پهچائي ڏنوسون. جو شام جو سنڌس دعوت ۾ ڪم آيو. موقعي جي سوکڙي هئي، سر گراهم سخت متاثر ٿيو. ڪيترن ئي مهمانن سان نبي بخش خان جي شرافت جو ذڪر ڪندو رهيو. (انهن ڏينهن نبي بخش خان جي خلاف شيخ عبدالمجيد جي داخل ڪيل اليڪشن پٽيشن پڻ سر لانسلاٽ گراهم اڳيان ئي ويچار لاءِ پيل هئي، ۽ اهو فيصلو ڪيس ئي ڪرڻو هو ته پٽيشن منظور ڪري ٽريبونل ويهاري وڃي، يا مورڳو ابتدائي قانوني اعتراضن جي بنياد تي رد ڪري ڇڏجي. اها درخواست پوءِ سر لانسلاٽ سٽت ئي رد ڪري ڇڏي ۽ ٽريبونل جي خرچ ۽ مصيبت کان بچي پياسون).

ان ڏينهن جي هٽ ڪيل هرڻن جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو ڪِل جهڙو واقعو ٿي گذريو. سرڪاري ميمبرن ۾ هڪ ٻيو بااثر ميمبر هو، جنهن جو اسيمبليءَ جي ڪاروبار متعلق سرڪاري پاليسين جي ٺاهڻ ۾ وڏو هٿ هوندو هو. ان جو نالو هينئر مون کي ياد ڪونه ٿو پوي، پر مدراسي هندو هو، ۽ ريلوي کاتي سان تعلق هوندو هوس. سرڪار پاران وڏيون وڏيون تقريرون ڪندو هو، ۽ هر روز ٻيو سوالن جا جواب ڏيندو هو. سنڌس "ڪُسبِل" حاصل ڪرڻ اسان جي "ڪاروبار" لاءِ سخت ضروري سمجهي ٿي ويئي. تنهنڪري هڪ ڪاريهر هرڻ موٽر ۾ وجهي، آءٌ وڃي سنڌس بنگلي تي پهتس. پاڻ موجود ڪونه هو. اسان هرڻ لاهي، فخريه انداز ۾، ڪٺي سنڌس بنگلي جي ورانڊي ۾ رکيو. اسان کي اها سُڌ ئي ڪانه هئي ته هو ڪو ڇِند برهمڻ، ڪٽر ويشنو آهي، ۽ تنهنڪري

جيوَ هتيا ۽ ماس کان سخت پڳل آهي. اسان جو هنگامو ٻڌي، سندس ڏرم پتني اندران نڪري آئي. هوءَ مئل هرڻ جي صورت ڏسندي ئي، دانهون ڪندي اندر ڀڄي ويئي. اندران وچي نوڪر موڪليائين، جنهن جي هٿان چوارايائين ته "اوهان قهر ڪري ڇڏيو. اسان برهمڻ ماڻهو آهيون. خون ٿيل ۽ رت ڳاڙيندڙ جانور اسان جي گهر ۾ آڻي، اسان ساڻ ظلم ڪري ڇڏيو اٿوَ! هينئر ورانڊي مان اهو رَتُ ڪيئن ويندو، ۽ اسين ڪيئن ان گهر ۾ رهي سگهنداسون؟ خدا واسطي اَن بلا کي هڪدم اتان ڪڍي وڃو!"

ونڻ جي بدران ڏيٺو پئجي ويو. آئي هئي سگُن لاءِ پر وڏاٽا ڪَن ٻه پئجي ويس. هرڻ ته مونائي ڪٽي وڏوسين موٽر ۾، پاڻ پاٽيءَ جون باڙديون گهرائي ورانڊو ڌوئڻ لڳي وياسين! ان ڏينهن کان پوءِ، وري ان ميمبر جو پاسو ئي ڪونه ورتوسين.

گهٽي ۾ گهٽا يتيم هوندا هئا، انڊيپينڊنٽ پارٽيءَ ۾. انهن جي طبيعت تي ڪرڙ جي ڪوئلن مان ٺهيل ڪاري سنڌي حلوي خاصو اثر ڪيو. تنهنڪري حلوي جا ڍڳ پنيان ڍبا تقسيم ٿيندا رهيا. ان حلوي جي هيءَ خصوصيت هئي ته توڙي جو، "فرهنگ جعفريءَ جي لکڻ موجب، ان جو مزاج گرم خشڪ هو، مگر بصورت اثر جي سخت قبض ڪشا واقع ٿيو هو - ۽ دهليءَ جي هوٽلن مان ماني کائيندڙ ميمبرن کي ، گهڻ ۾ گهڻ ان زماني اندر، قبضيءَ جي سخت شڪايت رهندي هئي.

رهي ڪانگريس پارٽي. ان جي هڪ حصي کي اڳ ۾ ئي نبي بخش خان لاءِ چڱي راءِ هئي، جو ته صدارت جي چونڊ وقت هن ڪانگريس اميدوار شيروانيءَ کي ووٽ ڏنو هو.

چونڊ واري ڏينهن آءٌ اسيمبليءَ جي گئلريءَ ۾ وڃي ويهي رهيس. ووٽنگ پوري ٿي، نتيجو ظاهر ٿيو - نبي بخش خان شايد پهرئين يا ٻئي نمبر ۾ ڪامياب ٿيو! ٽنهي پارٽين جي اندازن ۽ آسرن ۾ خلل پئجي ويا. ڪن جا مکيه اميدوار مورڳو ڪري پيا. اسيمبليءَ جي تاريخ ۾ اهو پهريون واقعو هو، جڏهن ميمبرن پنهنجين پارٽين جي فيصلي خلاف وڃي هڪ ٻاهرئين ماڻهوءَ کي ووٽ ڏنو.

اليڪشن جي نتيجي ظاهر ٿيڻ بعد قائداعظم پنهنجي سيٽ تان اٿي ٻاهر وڃڻ لڳو. آءٌ هڪدم گئلري ڇڏي اچي ورانڊي ۾ سندس رستو جهلي بيهي

ظاهر ڪري. سندس تقرير وقت سنجيدي ڪان سنجيدا ميمبر بہ، سنجيدگي ڇڏي، کِل مذاق جي ميدان ۾ ٽپي پوندا هئا. دهليءَ جو بئريسٽر آصف علي، انهن ڏينهن ۾ ڦوهہ جوانيءَ ۾ هو. شڪل وڻندڙ، ڪپڙا ڪاڏيءَ جا، پر سهڻي ۽ فيشنبل بيهڪ سان. انگريزي چڱي ڳالهائيندو هو. پر تقرير ۾ دليلن ڪان وڌيڪ غصو ۽ غرور هوندو هوس. سندس تقرير وقت سندس گهر واري، مسز آرونا آصف علي، اڪثر اچي گئلريءَ ۾ ويهندي هئي. مائي هندو گهراڻي جي هئي، ۽ عشق مان اچي آصف علي سان شادي ڪئي هئائين. سونهن ۽ سينگار ۾ پڻ پنهنجو مثال پاڻ هوندي هئي. سندس موجودگيءَ جو اثر آصف علي جي تقرير مان چڱيءَ طرح پيو ظاهر ٿيندو هو. جنهن وقت مائي صاحبہ گئلريءَ ۾ وينل هوندي هئي، تہ اسيمبليءَ جي ميمبرن خواهہ گئلريءَ ۾ وينل مائهن جون اکيون پڻ، ڦري ڦري، گهٽو ڪري ان طرف ٿي وجي ڪپنديون هيون. حسن، جواني ۽ سياسي شهرت جي گڏيل حملي کان ڪير ٿي محفوظ رهي سگهيو! خان عبدالقيوم خان سرحد وارو پڻ، تازو ڪانگريس ٽڪيٽ تي چونڊجي آيل هو. سرحد متعلق سوالن تي چڱيون چڱيون تقريرون ڪندو ٿي رهيو.

مسلمان اسيمبلي ميمبر مختلف حصن ۾ ورهايل هئا. خود جناح صاحب انهن ڏينهن تائين اجا مسلم ليگ پارٽي ڪانہ ٺاهي هئي. اسيمبليءَ اندر پاڻ گڏيل انڊيپينڊنٽ پارٽيءَ جو ليڊر هوندو هو، جنهن ۾ نرم يا لبرل قسم جا ميمبر شامل هئا. ان پارٽيءَ جا ٻيا مکيہ ميمبر هوندا هئا - سر عبدالرحيم (جو بعد ۾ اسيمبليءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيو)، سر ڪائوسجي جهانگير، مولانا شوڪت علي، ڪي. ايل. گابا، پروفيسر عمر علي شاهہ مدراسي، سيٺ عبدالستار اسحاق سيٺ (جو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سفير مقرر ٿيو). ڪي. ايل. گابا، لالا هرڪشن لعل مشهور لاهور جي واپاريءَ جو وڏو پٽ هو. بئريسٽر، مفڪر ۽ مصنف هو. هڪ مسلمان ڇوڪريءَ جي عشق ۾ اچي مسلمان ٿيو. ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪيائين ۽ حضور پاڪ عليہ الصلوات والسلام جي سوانح تي ڪتاب لکيائين. پنجاب جي مسلمانن پاران سينٽرل اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي اچي دهليءَ پهتو هو. سوالن پڇڻ ۽ تقريرون ڪرڻ جو شوق هوندو هوس. جناح صاحب جي پارٽيءَ پاران مکيہ ڳالهائيندڙ هو. (هندستان پاڪستان جدا ٿيڻ کان پوءِ گابا وري وجي هندو ٿيو.)

انهن مکيہ ٻن پارٽين کان ٻاهر پڻ ڪيترا مسلمان غير جانبدار ٻڌجي ويندا هوندا هئا. انهن جو ڏنڌو هوندو هو تہ هر نازڪ وقت جو فائدو وٺي، پنهنجو ووٽ سرڪار کي ڏيئي، لقب ۽ عهدا حاصل ڪندا وڃن. انهن بزرگن جي نالن ڏيڻ جي هروڀرو ضرورت ڪانہ آهي، ايترو عرض ڪرڻ ڪافي ٿيندو تہ منجهانئن هرهڪ پوءِ نواب ۽ سر ٿيو.

دهليءَ جي مشاهيرن مان خواجہ حسن نظاميءَ سان اسان جا خاصا تعلقات قائم ٿي ويا هئا. وڏن ماڻهن جو پيسي، پروپيگنڊا جو ابو ۽ اردو تحرير جو ڏاڍو هوندو هو. عيدن جي موقعي تي دهليءَ ۾ موجود سمورن مسلمان مشاهيرن کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرائيندو هو. اسان کي بہ ٻہ - ٽي دفعا گهرايائين. انهن موقعن تي حضرت خواجہ نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ تي عجيب رونق لڳي ويندي هئي. حسن نظامي، نبي بخش خان وٽ بہ ڪڏهن ڪڏهن پيو ايندو هو. قوالين ٻڌڻ ۽ ٻڌارائڻ جو ڪوڏيو هو. هڪ دفعي ولايت خان قوال کي اسان جي جاءِ تي وٺي آيو. ولايت خان جو راڳ واقعي ٻڌڻ وٽان هو. مون فرمائش ڪيس تہ دهليءَ جي آخري مغل تاجدار بادشاهہ "ظفر" جو آخري غزل ٻڌائي. هڪدم شروع ڪيائين:

ڪيي بن سنور ڪي جو آڪئي،
تو بهارِ حسن دکا گئي.

سندس چوٽي چا هئي، باهہ جي ڇيي هئي! اڄ تائين پيشي ان جي حرارت محسوس ٿئي.

خواجہ صاحب مرحوم قداور مڙس هو. جسم ڇڙڪ، زلف ڊگها، ڏاڙهي ڊگهي، جسم تي دهليءَ وارن جو لباس، مٿي تي ٽوپي يا مختصر پڳ، هٿ ۾ لڪڙ. گفتگو ڪندو تہ چڻ طوطو پيو ٻولي. انهن ڏينهن ۾ ڪوشش ٿي ڪيائين تہ چندو گڏ ڪري، "غالب" جو مقبرو اعليٰ پيماني تي نئين سر تعمير ڪرائي.

* * *

نبي بخش خان جو قصو ڪندي، قلم ڪٿان هلي وڃي ڪٿ پهتو آهي! ڪيڏانهن پير بخش پٽو ۽ رتوديرو تعلقو، ۽ ڪيڏانهن دهلي ۽ خواجہ حسن نظامي ۽ غالب جو مقبرو!

نبي بخش خان وارن جو هڪ عزيز نصير محمد خان نالي، سندن ڪم ڪار ۾ هوندو هو. ڳوٺاڻو هو ۽ تعليم فقط سنڌي هيس. مگر سندس مدبرانہ

خاموشي، سمجهه جي ڳوڙهائي ۽ تيز فهمي قابل ديد. ۽ گفتگو وقت سندس ڊپلومسي قابل شنيد هئي. ڪيڏي به ڊگهي تقرير سندس اڳيان ٿئي، پاڻ جواب فقط ٻن اکرن ۾ ڏيندو. مگر انهن ٻن اکرن وسيلي هر ڪنهن کي منجهائي ماري ڇڏيندو. رهڻي ڪرڻي بلڪل سادي ۽ صورت مولوين جهڙي هوندي هيس. سندس نياز ۽ نوڙت ڏسي، ماڻهوءَ کي کهل پئي ايندي. مگر شال نه ڪنهن ڪم جي پٺيان روانو ٿئي. اهڙا سنجيده ۽ دنيوي ڪاروبار جا هشيار سنڌي اڄ بلڪل نظر ڪونه ٿا اچن.

هڪ دفعي مون ڪانئس پڇيو ته ڪهڙيءَ طرح هو پنهنجي جذبات تي ايتريقدر قابو رکي سگهي ٿو، جو انتهائي بدتميزيءَ ۽ غصي ڏياريندڙ گفتگو جي مقابلي ۾ به ڪيس قطعاً ڇڙ ڪانه ٿي اچي؟

چيائين: "ماڻهوءَ جو ڪم ڪم سان. ڏيان اصلي مقصد تي هجڻ گهرجي، وچ جي ڳالهين ڏانهن پنهنجي ڌيان کي ڇو وڃڻ ڏجي." - اصول جي اُونهائي غور طلب آهي!

## رتيديري جا مشاهير

رتيديرو تعلقو، لاڙڪاڻي ضلعي جو اهم ترين حصو هوندو هو. وڏن وڏن ماڻهن جا منجهس وٿاڻ هئا. ڀُٽا، جلباڻي، گهانگهرا، طيب جا ديوان، رتيديري جا سيٺيون، نئين ديري جا عريضي نويس، شاهه جي ڳوٺ جا پير، جتوئي ديري، بنگلديري ۽ پنجو ديري جا هندو ڪامورا: غرض ته ڇپن مٿان ڇپون. هلندي هلندي اهڙي علائقي تي پڻ هڪ نظر ڦيرائڻ مناسب ٿيندي.

## گلو ۽ جيسو

گلومل ۽ جيسارام ٻئي ڀائر هئا، نئين ديري جا رهاڪو، ڌنڌو هوندو هون عريضي نويسي. ڪاروبار هڪٻئي کان جدا، تڪرارن ۽ فسادن وقت هڪ ڌر جو مددگار گلومل ته ٻيءَ ڌر جو معاون جيسومل. سرائون[1] ڪوليو وينا هوندا هئا، تعلقي اندر جنهن تي به ڪو معاملو ٻڌيو ته ڀيرين ساهي اچي اتي پٽيندو.

گلي مل جو اجلاس ڏسڻ وٽان هوندو هو. پڪي، وڏي، موڪري سراءِ هيس، جنهن ۾ چوڌاري ڪٺون پيل هونديون هيون. ڪٺن جا به به قسم هوندا

[1] مسلمان جي مهمانخاني کي اوطاق، ۽ هندوءَ جي بيٺڪ کي سراءِ سڏيو ويندو هو.

هٽا: جن ڪٽن تي فراسيون وڇايل هونديون، سي هندن ۽ معزز وڏيرن جي ويهڻ لاءِ هونديون، باقي خالي ۽ پري پيل ڪٽن ۽ مُوڙن تي عام مسلمان اچي ويهندا. وچ ۾ پيل هوندي گلي مل جي پنهنجي کٽ. ان کٽ مٿان، گلي مل کان سواءِ، قاعدي جا ڪتاب، پراڻا ڪاغذ، عريضين لکڻ جا پنا، اخبارون، قلمدان وغيره سٽيا پيا هوندا. ان مرڪزي کٽ جي سامهون هڪ شاهي چلم رکيل هوندي، جنهن ۾ تنبيل ڊگهو نَڙ ساريءَ محفل اندر ڦرندو رهندو (پر مسلمانن لاءِ نہ، ڇو تہ مسلمان کي حق نہ هوندو هو تہ هو هندوءَ جي چلم کي چپ لائي). گرميءَ جي موسم ۾ فرش تي واري وڇائي مٿس پاڻي ڇٽڪاريو ويندو هو. منجهند ڌاري جهَلي جهلڻ شروع ٿيندي، جنهن جي ڇڪڻ لاءِ ٽڪي يا وڌ ۾ وڌ هڪ آنڪ جي مزوريءَ تي بزار مان ڪو نہ ڪو ڇوڪرو آيل هوندو.

صبح تہ هوندو ڪورٽ، بزار يا ٻئي ڪم ڪار جي حوالي، منجهند ڌاري واندا ٿي اچي سراءِ ۾ ويهندا. اوپاريون لهواريون ڳالهيون شروع ٿينديون ۽ وقت جي واقعات تي تبصرو ٿيندو رهندو. آخري لفظ گلي مل جو هوندو - ٻڌندڙن لاءِ وسهڻ جو سبب هوندو تہ گلي مل جي معلومات مڪمل ۽ خطا کان خالي هوندي. گلي مل جي نـڙي وينل هوندي هئي، ڳالهائيندو هو تہ ائين سمجهبو هو، ڄڻ ڦٽل نَڙ مان آواز نڪري رهيو آهي.

شروع قصو ڪيسن جي ڳالهين ٻولهين سان ٿيندو:

"فلاڻي رَن ڀڄائڻ واري ڪيس ۾ مختيارڪار رتيديري جي راءِ خراب پئي نظر اچي، جوابدار شايد سزا کائي ويندا.

"شاهہ جي ڳوٺ واري فلاڻي پير تي ڪليڪٽر صاحب وٽ وري نئين سر پوڪار ٿي آهي، شايد ڪارروائيءَ جو حڪم ٿي وڃي."

"وڏيري رسول بخش خان تي ڄتي ٻرڙي[1] وري ڪا نئين عريضي ڪئي ٿي ٻڌجي".

"فلاڻي وڏيري، فلاڻي سيٺ کان نئين سر پنج رپيا سيڪڙي دوماهہ وياج سان قرضو ورتو ٿو ٻڌجي، قرض عيوض زمين قطعي وڪرو ڪري ڏني اٿس،

---

[1] ڄتي ٻرڙي جو ذڪر وڏيري رسول بخش خان ڀُٽي ۽ سردار واحد بخش خان ڀـٽي جي سلسلي ۾ بين جاين تي اچي چڪو آهي.

زباني موٽ[1] جي شرط سان پر خرچائو وڏيرو آهي - نثين رن ويهاري اٿس، جنهن جي سڄي آڪه پالٺي پٺي پريس - قرض ڪٿان لاهي سگهندو؟ ٿمين وياج ۽ وياجن تي وياج ۾ غرق ٿي ويندس."

"فلاڻي زميندار جي پاءُ يا پٽ خلاف ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب تڪڙي جانچ شروع ڪري ڏني آهي، اظهار هلي رهيا آهن. شايد بدمعاشيءَ ۾ رجوع ٿي وڃي. صوبيدار بہ ڪاوڙيل اٿس. پاڻ ڪي بہ "ٿابي جي ٽونڪر" اٿس. فلاڻي پاٿاريدار يا ڪاٽڪوءَ تي هٿ ڏيو ويٺو آهي. فلاڻو "روپوش" جوابدار بنهہ لڪوئي وٺس پيو آهي. ڦڪڙ تہ ڦاٿو گونگيءَ عريضيءَ جي آڌار تي، جيڪا وڃي ڊپٽي صاحب وٽ پهتي. هاڻي ڊپٽي صاحب ڪٿان ٿو مڙي؟ اڳ ۾ ئي ساريون خبرون پنڄي ويل اٿس".

"فلاڻي ڳوٺ ۾ ڌاڙو لڳو ٿو ٻڌجي. ڌاڙو بہ ڌاڙن جهڙو. چوڻ وارن جو چوڻ آهي تہ فلاڻي ٽولي، فلاڻي وڏيري جي ڇُرڄ تي هنيو آهي. انسپيڪٽر صاحب پاڻ چڙهي پيو آهي. اجا تائين تہ ڇَڙهي مارا ماري پئي هلي، سڳ جو پتو ڪونہ آهي."

"ڪالهہ رات ٻڌئون ٿا تہ پنجوديري واري رستي تي بہ ڦُر ٿي آهي. چون ٿا تہ بندوقن جا ٺڪاءُ ڪري، ڪهاڙيون ۽ لوڙيون ڏيکاري، ٽانگو ڦُري ويا آهن. پيرادو، پير ڪٺي ريل جي رستي تائين پهچائي، پوءِ پير وڃائي موٽي آيا آهن. پيرن جو لاڙو اوپر طرف نظر آيو اٿن. هينئر پيرادو ڪَڇي وارو پاسو پيا پيرن لاءِ آهوڙن."

"ٽينءَ رات ٻيلي وارن دوسو ٻيلي مان چورايل سرڪاري ڏاڪَ جون ويهہ گاڏيون پڪڙيون آهن. ڪالهہ تائين تہ اجا ڪونہ ڇڏيون هٿائون. ڦالسٽر (رينج فاريسٽر) ڏانهن ماٺهو موڪليو اٿائون. ست ستاءُ بہ گهڻو پيو هلي. پر ""ڏني پُٽ ڇُٽي" کان سواءِ ڪٿان ٿي جند ڇٽين؟ ٻيلائي ڪامورا بہ راڄ تي تَتا ويٺا آهن. اڳئين مهيني ۾ ڊويزنل صاحب (ڊويزنل فاريسٽ آفيسر) جي منزل ٿين تہ راڄ وارا رسائيءَ ڪان ڪنگڻ ڪيي ويهي رهيا هئا. هينئر الله ٻُڌي اٿن، جو واٽ ويندي اهڙو شڪار هٿ اچي ويو اٿن."

[1] ان زماني ۾ دستور هو تہ هندو وياجخور قرض عيوض زميندارن کان سندن زمين قطعي وڪري طور لکرائي وٺندا هئا، فقط زباني شرط ڪندا هئا تہ جيڪڏهن قرض موٽيو تہ زمين بہ واپس ڪئي ويندي، ان وچ ۾ قبضو مقروض وٽ ئي رهندو.

بيهن جي ڪچرين جا تريل ڳترا، (گيارس جو ڏينهن نہ هوندو تہ ) ڪنهن ۾ تيوڻ (يعني ليلي جي گوشت جو ٻوڙ)، ۽ ڪنهن ۾ ڪناڻ جو ڇوڏو. ٿالهيءَ جي هڪ پاسي تي ٻہ يا ٽي ڦلڪا، ۽ هڪ اڌ پڪل پاپڙ. پيئڻ لاءِ لسيءَ جو لوٽو.

مسلمانن لاءِ ڇانورن جي ٿالهي ۽ ڪنهن بہ هڪ قسم جي ڀاڄي ايندي. پر ڪاڏو پيل هوندو اينامل يا چينيءَ يا سنڌي ڪاشيءَ جي ٿالهين ۾. پتل جي ٿانون ۾ کائڻ جو اعزاز فقط هندن لاءِ مخصوص هوندو. ساڳيءَ طرح پاڻي، هندو پاڻ گڏوڻ يا لوٽي مان پيئندا، ۽ مسلمانن کي شيشي جي گلاس ۾ ڏيندا.

هندن مان هر ڪو جدا جدا پيو پنهنجيءَ ٿالهيءَ مان کائيندو. ڪنهن زماني ۾ تہ هڪبئي ڏانهن پـُـني ڏيئي کائيندا هئا- پر پڇاڙيءَ ۾ اهو دستور نکري ويو. کاڌي جو مقدار ايترو ايندو، جو مهمان لاءِ مشڪل سان پورو ٿيندو. کاڌي جو بچي پوڻ اجايو نقصان سمجهندا. هڪ ماڻهوءَ جو بچايل کاڌو ٻيو ڪو بہ نہ کائيندو، ڇو تہ اهو "جوٺو" ٿي چڪو هوندو. کاڌي وقت گهٽو ڪري گفتگو بند رهندي. رَسويو موجود هوندو، هر ڪنهن کان پيو پڇندو تہ "گهرٽو هجئي تہ گهري وٺ". هڪ ڦلڪو کاڄي ختم ٿيڻ تي ايندو، تڏهن ٺي ٻيو آندو ويندو.

کاڌي پڇاڻان، مڪمل آزاديءَ سان وچ ڪچهريءَ اندر رياحن جو اخراج ٿيندو، ۽ هر آواز تي رام - رام پيو پڪاربو. پوءِ ٿيندو چلم جو چڪر چالو- هرڪو نَڙ ڦيرائي ٻہ -چار ٻڙڪا هڻي، نڙ ٻئي ڏانهن چـَـلتو ڪري ڇڏيندو. (هندن مان ڪنهن شخص آپت ۾ خراب ڪم ڪري وڌو تہ پنچائت گڏ ٿي، ڪيس "نڙ تان لاهي" ڇڏيندي، يعني آئندي لاءِ ڪو بہ هندو ڪيس چلم جي آڇ نہ ڪندو. اها سزا ڳري ۾ ڳري ليکجڻ ۾ ايندي هئي.)

منجهند جو آجهاپ، خاص طرح سان گرمين ۾، ضرور ٿيندو. ٻپهري - ٽپهريءَ جي وچ ۾ پنگ جو ڪونڊو تيار ٿيندو. جنهن کي "سـُـکو" سڏيندا. هرڪو، سکي جي سُرڪ پريندو، ڪم حاج سان يا پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيندو ويندو.

گلي مل رتيديري تعلقي جي اوڃ جو سچو زمانو اکين سان ڏٺو. مقامي معاملن ۾ اثرائتو حصو ورتو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، وڏيءَ عمر کي رسي، سرگواسي ٿيو. اسٽيشن تان ريل تي چڙهندي ڪري پيو، ۽ مٿانئس ريل وهي ويئي. آرام سان رهيو، عزت سان زندگي بسر ڪيائين. عريضي نويس هو، پر بدمعاش قسم جو نہ، جيڪو ماڻهن ۾ هٿ وجهي فساد وجهرائي، پيو پنهنجو گهر سائو ڪري.

سندس ننڍو ڀاءُ جيسو مل ڪانئُس وڌيڪ چالاڪ هوندو هو. پر اُن جي هلندي يا عزت ايتري نہ هئي، جيتري گلي مل جي. رهڻي ڪرڻيءَ جو نمونو بہ ٻنهي ڀائرن جو ساڳيو هو. انڊين پينل ڪوڊ، ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ ۽ سول پروسيجر ڪوڊ جا حافظ هوندا هئا - ڪتابن ڏني بنا، پيا قلم پڙهيو ٻڌائيندا. دستاويز يا درخواست لکندا، تہ ڄڻ تير ڪمان مان نڪري ويو.

## پنجوءَ جا ديوان

پنجو ديرو، نئين ديري کان ٽن ميلن جي پنڌ تي، هندو ڪامورن جو هڪ مکيہ شهر هوندو هو. شهر جي وڌيرپ تہ هوندي هئي ڇڄڙن وڏيرن جي نالي ۾، پر اصلي اقتدار جا مالڪ هوندا هئا هندو عامل، جن مان ڪيترا انگريزي پڙهي سرڪاري نوڪرين ۾ گهڙي پيا هئا ۽ باقي رهيل ڳوٺ ۾ رهي پيا زمينداري ڪندا هئا- سڏبا سڀ "پنجوءَ جا ديوان" هئا- چڱي "خنڪي" هوندي هُين.

اهي ڏينهن هوندا بہ ڪامورن جي زور جا هئا. رساين، رشوتن ۽ مهمانين وسيلي ڪافي رقمون ڪمائيندا تي رهيا. انهن رقمن مان پنهنجي اباڻي ڳوٺ اندر وڏيون وڏيون ماڙيون اڏايائون. اهي ماڙيون ڇا هيون، قلعا هئا. ڪجهہ چورن ڌاڙيلن جو خوف هون، ڪجهہ همسايي ڪامورن کان مالداريءَ جي مظاهري ۾ گوءِ کڻڻ جو خيال.

پر چورن بہ پڇاڙيءَ تائين ڪونہ ڇڏين. جيترا ڏينهن ماڙين جي تعمير جو ڪم پيو هلندو، اوستائين اهي چور مزدوري ڪريو پيا پيٽ پاليندا. تعمير جو ڪم بند ٿيو، تہ ٻاهرين ڌاڙيلن سان بندوبست ڪري، ساڳين ماڙين ۾ ڌاڙا هڻائيندا ۽ اُن لٽ ڦر جي مال مان پيا گذران ڪندا. ڪڏهن تہ ڌاڙيل محلن جي مالڪن کي ماري بہ وڃهندا هئا. هڪ - ٻہ دفعا محلاتن کي مورڳو باهيون ڏيئي ساڙي بہ ڇڏيائون.

مگر ديوانن کي ديس سخت پيارو هوندو هو. انهن سيني صعوبتن سهڻ کان پوءِ بہ ديس نہ ڇڏيندا. ۽ نہ لڏي وڃي ڪنهن وڏي شهر جو پاسو وٺندا- مرندا تہ بہ ديس اندر. مري سڙندا تہ بہ مٽيءَ کي ديس جي ذر سان ئي پيوست ڪري ڇڏيندا.

ديوان تولا رام نالي هڪ شخص ترقي ڪري وڃي مختيارڪار ٿيو. رٽائر ڪرڻ بعد موٽي اچي پنهنجي اباڻي ڳوٺ پنجوديري ۾ رهڻ لڳو. هڪ دفعي

ملڪ ۾ پليگ پيئي، هرڪو ماڻهو شهر ڇڏي ٻهچي وڃڻ لڳو. تولا رام پنهنجي آڪهه وٺي، رڙهي اچي ريلوي اسٽيشن نصرت جي ملازمن جي ويران ڪوارٽرن ۾ رهڻ لڳو. پنڌ فقط هڪ ميل جيترو هو. اسٽيشن جي پليٽفارم تان پنجوديري جون ماڙيون پيون نظر اينديون هيون. تولا رام سڄو ڏينهن پليٽفارم تان پنجوديري جي ماڙين کي اکئين ڪريو ويٺو هوندو هو. مون پڇيس- چيائين:

"پليگ جو زمانو آهي، ڪنهن وقت به بيماريءَ جو حملو ٿئي ۽ آءٌ مري وڃان. تنهنڪري گهُران ٿو ته پويون وقت پنهنجي وطن پنجوديري ڏانهن ڏسندي، اکيون ٺاريندي پورو ڪريان."

پيا ماڻهو چريو سمجهندا هئس. پليگ گذري ويئي. ديوان تولا رام صحيح سلامت ڳوٺ رسيو. سندس مرتيو به اتي ٿي ٿيو. ان زماني جي ديوانن وانگر ڏاڙهي رکندو هو ۽ مٿي تي سلڪ جي هلڪي پڳ ٻڌندو هو.

هندن پاران شهر جي مکياڻپ ديوان آسنداس جي حوالي هوندي هئي. هو فقط زميندار هو، ۽ بطور زميندار، چڱي شان سان رهيو. آنرري ماجسٽريٽ ۽ ڪمشنر سنڌ جو درٻاري به ٿيو. فقيرائي ۽ صوفي طبيعت جو انسان هو. سندس خاندان ڪنڊڙيءَ واري روحل فقير جي خاندان جو مريد هو. سجاده نشين جي سر تان ساهه صدقو هوندو هون.

سندس ڀاءُ، ديوان جوتو مل، پليڊر جو امتحان پاس ڪري، لاڙڪاڻي ۾ رهي وڪالت ڪندو رهيو. وقت جي حالتن جي پوري ڄاڻ هيس. عدالتي ڪاروبار ۾ وڪالتي فن يا قاعدي قانون کان وڌيڪ اثر رسوخ، رس رسائي، لڳ لاڳاپي ۽ "ياري باشيءَ" کي دخل هوندو هو. جوتو مل ان راز کي چڱي طرح ٿي سمجهيو. هڪ وڪٽوريا گاڏي پاڻ وٽ موجود رکيائين. جيڪو به مختيارڪار يا ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ آيو ته اها گاڏي هڪدم وڃي سندس در تي بيهندي. صبح جو صاحب پاڻ ان گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ڪورٽ ڏانهن ويندو. شام جو سندس ڪِيون، هار سينگار ڪري، هواخوري ۽ سيٺو بازار جو سير فرمائينديون رهنديون. آيو ويو پيو ڏسندو ته مختيارڪار يا ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ جي آڪهه جوتو مل جي وڪٽوريا ۾ چڙهيو پئي گهمي. چڱو پڙلاءُ ۽ پرتاب پئجي ويندو. ڪيسن ۾ قاتل ماڻهو، ان تعلق مان فائدي وٺڻ خاطر، وڏيون وڏيون فيون ڏيئي اچيو پيا ديوان جوتو مل کي وڪيل ڪندا. ڇو ته

ديوان جوتو مل ٿوري في وٺي؟ پهرين تہ مورڳو ڪيس وٺڻ کان ٿي انڪار ڪندو. چي، "اسان ڪي ڪم گهٽو آهي، واندڪائي ڪانہ ٿي رهي، ان کان سواءِ اڳ ۾ هيءَ ڏر پاران اچي پيغام پهتو آهي تہ اسان سندن وڪيل ٿيون، وٺانشن في بہ وڏي ملڻي آهي، ان کان وڏي ڳالهہ اها تہ ڪيس اوهان جي ڌر ڪي اڳيئي وڪوڙي ويو آهي، اوهان جو ڇٽڻ ناممڪن پيو نظر اچي، پوليس جو زور آهي، ڪالهہ رات ڊپٽي صاحب اسان جي ماني موڪلائي هئي (يعني اسان ڪي ڊنر ڏني هئي)، ات اوهان جي ڪيس جي بہ ڳالهہ نڪتي، ڊپٽي صاحب اوهان تي سخت ڪاوڙيل ٿي نظر آيو. تنهن کان سواءِ مختيارڪار يا ريزيڊنٽ صاحب اسان جو ذاتي دوست آهي، اسان وڪيل هونداسين تہ ڪيس مخالف فيصلي ڏيندي پيو شرم ٿيندو، تنهنڪري اسان اهڙي دوست جي وويڪ تي ڇو اجايو بوجهو وجهون."

جوتو مل جي اها تقرير ٻڌي، اصيلن کي ڏڪڻي وٺي ويندي. زالن جا زيور بلڪ زمينون بہ گروي رکي، آٿي جوتو مل کي سندن مقرر ڪيل "فينسي في" ادا ڪندا.

سال 21-1920عيسوي ڌاري سنڌ اندر آنرري بينچ - ماجسٽريٽن جو سلسلو شروع ٿيو. هر هڪ تعلقي اندر معزز زميندارن جون بہ يا ٽي "بينچون" مقرر ڪيون ويندیون هيون، جن کي ٻئي درجي جي ماجسٽريٽ جا اختيار ڏنل هوندا هئا. زميندارن کي قاعدو قانون تہ ايندو ڪونہ هو. تنهنڪري منجهانئن هر هڪ کي ڪو نہ ڪو وڪيل بطور صلاحڪار رکڻو پيو ٿي، جيڪو ڪين پس پرده قانون جون گهاٽيون سمجهائيندو رهي. گهڻو ڪري مقدمن جا فيصلا بہ اهڙن وڪيلن کان ئي پيا لکائيندا هئا. ضلعي لاڙڪاڻي جي بينچ - ماجسٽريٽن جي استاديءَ جو ڪم جوتو مل پنهنجي سر تي هموار ڪيو. ماجسٽريٽ صاحب مقدمي چالان ٿيڻ کان اڳ ئي پنهنجي دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيندا هئا تہ جوابدار کي ڇڏڻو آهي يا سزا ڏيڻي آهي. فتوا ٻنهي حالتن ۾ جوتو مل کان لکرائي، موجود رکي ويندي هئي.

سنڌ اندر آنرري ماجسٽريٽيءَ جو ڪاروبار ڪهڙيءَ طرح ٿي هليو، تنهن جو هڪ مثال، جو حيدرآباد ضلعي سان تعلق ٿو رکي، لکڻ مناسب آهي.

هڪ آنرري ماجسٽريٽ صاحب جي اڳيان پوليس - چالان پيش ٿيڻ بعد شاهدين هلڻ ڪپنديون هيون، وڪيلن کي مکيہ پڇا ۽ آڏي پڇا جو وجهہ ملڻو

هو، ان کان پوءِ تقريرون ٿيڻيون هيون، ۽ تقريرن بعد جوابدار تي چارج رکي سندس بچاءَ جا شاهد وٺڻا هئا. بچاءَ جي شاهدن جي زبانين بعد وڪيلن جون آخري تقريرون ٿيڻيون هيون، ۽ ان بعد ئي وڃي ماجسٽريٽ کي فتوا ڏيڻي هئي ته جوابدار سزا جي قابل آهي يا نه. اهي هيون لازمي قانوني ضرورتون مگر ان مقدمي ۾ ماجسٽريٽ صاحب جيئن ملزم جو منهن ڏٺو، تيئن فيصلو ڪيائين ته دستوري ڪارروائي هلائڻ غير ضروري آهي، ملزم کي هڪدم سزا ۾ڏائي جيل اماڻڻو آهي.

ماجسٽريٽ صاحب جي اها نادري راءِ ٻڌي، ملزم جو وڪيل ٻنهه وائڙو ٿي ويو. ماجسٽريٽ صاحب کي گهڻا ئي قاعدا قانون ڏيکاريائين، پر هو صاحب پنهنجي فيصلي تي قائم رهيو. وڪيل کي هڪدم حڪم ڪيائين ته "اُٿي تقرير ڪر!"

وڪيل: "پر صاحب، اڃا ڪيس هليو ئي ڪونه آهي، اُن کان اڳ آءٌ ڪهڙي تقرير ڪندس؟"

ماجسٽريٽ: "اوهان کي ڪورٽ سڳوريءَ جو حڪم ضرور مڃڻو آهي ۽ تقرير ڪرڻي آهي، ڇو ته اسان کي هاڻي جوابدار کي سزا ڏيڻي آهي."

وڪيل: "ڪورٽ سڳوريءَ کي اهڙي حڪم ڏيڻ کان اڳ هيءُ ويچار ڪرڻو پوندو ته اها ڪارروائي بيقاعدي ٿيندي، ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ ۾ اهڙيءَ ڍڙ دونس لاءِ ڪو به قلم ڪونه آهي.سيشن ڪورٽ خواهه صدر ڪورٽ سخت ناراض ٿينديون."

ماجسٽريٽ: "ديوان وڏا، توهان کي تقرير ضرور ڪرڻي پوندي. اسان کي صدر توڙي شيشم (سيشن) ڪورٽ جي ڪا به پرواهه ڪانه آهي. الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان گونر (گورنر) صاحب اسان جو دوست ۽ ڪمينر (ڪمشنر) صاحب اسان جو يار آهي. اسان کي تنهنجن ڪوڙن (ڪوڊن) ٻوڙن جي ڪا پرواهه ڪانه آهي.

بحالت مجبوري، وڪيل اٿي تقرير ڪئي، پر مختصر. چيائين:

"اڳ ٻڌندا هئاسين ته "ڪورٽ سڳوريءَ جي شهر اندر ڇوڪرا گڏهيون ڊوڙائيندا وتندا آهن، پر اڄ ڏٺوسين ته هيءَ ڪورٽ سڳوري گڏهين وانگر ملڪ جي قاعدي قانون کي ڊوڙائيندي رهي ٿي. انهن حالتن اندر، تقرير فقط ايتري ئي ٿي سگهي ٿي. باقي ڪورٽ سڳوريءَ جي سر بخت جو خير!"

ماجسٽريٽ تقرير ٿيڻ، منهن ورائي سرشتيدار ڪي چيو "شيشدار (سرشتيدار)، تقرير ٿئي ويئي، جوابدار ڪي ڇهه مهينا جيل ڏيو. فتوا لکي، مٽانئس اسان جي مهر هڻي ڇڏيو.

اهڙيءَ عام فضا اندر جوتو مل جي رهنمائي لاڙڪاڻي ضلعي جي بينچ ماجسٽريٽن لاءِ وڏي اهميت ٿي رکي. وٽانئس قاعدي قانون سکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ۽ ڪنهن مقدمي سان پنهنجي دلچسپي هوندي هين ته فتوا جوتو مل کان لکارائيندا هئا. انهن خدمتن عيوض جوتو مل جي پريڪٽس پڻ پکڙندي ويئي.

وڏا زميندار پاڻ ۾ وڙهي پوندا ته جوتو مل وچ ۾ هوندن. پهرين ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندن، پر ان هوندي به جيڪڏهن جهيڙو زور وٺي ويو، ته پوءِ هڪ نه هڪ ڌر تي احسان ڪرڻ خاطر ان جو پاڻهن ٻيلي ٿي بيهندو.

هڪ دؤر اهڙو آيو، جنهن اندر هندو ڪامورن ڪي تصوف يا "صوفيپڻي" سان خاص دلچسپي پيدا ٿي پيئي. لاڙو ان طرف اڳ ۾ ئي هون، قديمي ايام کان مسلمانن سان گڏ رهڻ ۽ فارسي ۽ عربي پڙهڻ ڪري ڪين تصوف ۽ پيري فقيريءَ جي ڄاڻ هميشه کان هوندي هئي. منجهانئن ڪيترن تصوف جي ڪتابن جا ترجما ڪيا، فارسيءَ ۾ شعر لکيا، ۽ ڪن ته خود ڪلام مجيد جو مطالعو به ڪيو. پر انگريزن جي آئي کان پوءِ جيئن جيئن سندن قوم تي مغربيت طاري ٿيندي ويئي، تيئن تيئن ڪانئن پراڻا ورق وسرندا ويا.

جنهن وقت جو آءٌ هينئر ذڪر ڪري رهيو آهيان، ان وقت سنڌ جي سرچيندڙ هندن ۾ دوباره تصوف ڏانهن موٽڻ جو خيال پيدا ٿي چڪو هو. سنڌ جون چار – پنج مکيه درگاهون هيون جن مان ڪنهن نه ڪنهن سان هو پاڻ کي وابسته ڪندا ٿي ويا: (1) جهوڪ شريف جا صوفي، جن جي سلسلي ۾ عمر ڪوٽ وارا صوفي صاحب به شامل هئا، (2) شاهه دراز، (3) نصير فقير جلالاڻن وارو، (4) ناڙي وارا بزرگ، سائين رکيل شاهه وارا، جن جو پويون سجاده نشين ميان چيزل شاهه هو، (5) ڪنڊڙيءَ وارا صوفي صاحب، جن جو مورث اعليٰ روحل فقير هو ۽ پوئين زماني ۾ سجاده نشين فقير غلام علي، ۽ (6) حيدرآباد اندر جهانيان پوٽا.

جوتو مل جي خاندان پاڻ کي ڪنڊڙيءَ جي بزرگن سان وابسته ڪيو ۽ ان درگاهه جي مريدن ۽ معتقدن جي خود تعداد وڌائڻ جي ڪوشش ڪيائين.

درگاهہ تي ميلو لڳندو ٿيو تہ جوتو مل يار دوست، واقفڪار ڪاموري ڪڙي ڪي حرصائي همٿائي وٺي وڃي ڪنڊڙيءَ ۾ حاضر ڪندو. سال ۾ ٻہ - چار دفعا فقير صاحب کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ بہ آڻي مهمان ڪندو هو. انهن موقعن تي دعوتون ڏيئي، وقت جي هندو ڪامورن کي فقير صاحب جي محفل ۾ گڏ ڪندو هو. ان طرح سان سندس پنهنجو بہ هڪ چڱو خاصو حلقو پيدا ٿي پيو. جوتو مل فقير صاحب جو "خليفو" ليکجڻ لڳو، ۽ جنهن کي بہ فقير صاحب سان دلچسپي پيدا ٿي، تنهن لاءِ جوتو مل جي عزت ڪرڻ لازمي ٿي پئي!

غرض تہ جوتو مل وٽ ٽڪن جا ڍير ٿيندا ويا. خاص پنهنجي رهڻي ۽ پوشاڪ سادي هوندي هيس. ڪپڙا پراڻا ٿي ويندس، تہ بہ انهن جي پچر نہ ڇڏيندو. هڪ دفعي مون ڏٺو تہ ٽانگي تي چڙهندي سندس پتلون تي زور پيو ۽ اها پتلون نازڪ جاءِ وٽان ڦاٽي پيئي. پتلون کي ڇڏڻ يا بدلائڻ بدران، ان کي ٽوپا ڏياري وري بہ پهريندو رهيو. مٿي جي کل ۾ خشڪي پيدا ٿي پيس، سڄي مٿي مان مٽي ڇڻندي رهيس، پر ڏنڊو ڇڏي علاج ڪرائڻ لاءِ ڪراچيءَ تائين بہ ڪو نہ ويو. هميشہ مٿي ۾ سرهن جي تيل جون لَپون وجهي پنهنجو ڪاروبار هلائيندو رهيو.

پنجو ديري جي مسلمانن مان، اتانهون جا ڊکڻ ڪاريگر ڏاڍا مشهور هوندا هئا. ڪاٺيءَ تي رنبيءَ جو ڪم نهايت اعليٰ قسم جو ڪندا هئا- هڪ آرٽ هو، جنهن جو انهن ڏينهن ۾ خاص قدر هوندو هو. زميندار ۽ سيٺيون، وڏا خرچ ڪري، گهر جي شهتيرن ۽ دروازن تي رنبي سان اُڪر ڪرائيندا هئا. آرٽ ۾ پنجو ديري جي ڊکڻن جو ثاني ڪونہ ٿيو. افسوس آهي تہ گرڊرن ۽ لوهي دروازن جي رواج پوڻ ڪان پوءِ سنڌ جو اهو خاص آرٽ مري ويو.

## حاجي بيگ

پنجو ديري جو حاجي لاڙڪ وفا، دوستيءَ ۽ محبت جي معاملي ۾ وقت جو امام هو.

ڏسڻ ۾ صفا دو دستو ڳوٺاڻو- قداور، پورو، هڏ ڪاٺ مضبوط. مون سان جڏهن واقفيت پيدا ٿيس تہ ڏاڙهي اڇي ۽ ڊگهي هيس. شروع جوانيءَ جي زماني ۾ "ڏاڍو مڙس" ليکيو ويندو هو. هلندڙ ريل گاڏيءَ مان ڪپڙن جون ڳنڍڙيون اڇلائي، ڪٽي وڃي سگهندو هو. خوددار هو. پاڙي پنبي جي وڏ وڏيري رخ نہ ڏنس تہ وري منهن نہ ڏسندس. پر جنهن سان "ٻول ٻڌس" ڇڻ جيءَ جڙي

ويس. اهو ماڻهو پاڻ پڇي وڃي تہ پل، مگر حاجي بيگ پويان گهلبو رهندس. دوستيءَ جو فيصلو هڪڙي ئي دفعي ڪيل هوندس، باقي عمر ان فيصلي کي پيو پاٽي ڏيندو. دوست ڪيترقدر بہ بيوفا يا بيڪار ثابت ٿئي، پر حاجي بيگ نہ ٻڙڪ ڪڇندو نہ ٻئي کنهن جي واتان ڪا گلا ٻڌڻ لاءِ تيار هوندو- ڪنهن لبڪشائي ڪئي تہ هڪدم چڙپ ڏيئي ڪيندس: "چپ ڪر، نالائق، وات سنڀال، ڇا پيو منهن مان ڪرئي!" غيبت ڪندڙ جي واتان ڪا گلا ٻڌڻ لاءِ تيار هوندو تہ منهن ويڙهي، ٻنهہ مجلس مان اٿي ويندو. پڇاڙيءَ ۾ پوڙهو ٿي ويو، پر مون ڪي سندس محبت جو اعزاز آخر تائين حاصل رهيو. هڪ دفعي ووٽ ٿيا، خبر پيس تہ منهنجي دلچسپي هڪ خاص اميدوار سان آهي. نہ مون چيس، نہ ڏانهنس پولنگ واري ڏينهن ڪا سواري ئي رواني ڪري سگهيس. پاڻ بيمار هو، هلڻ چلڻ کان معذور، مگر پولنگ واري ڏينهن، پيرين پنڌ، ڪيترا ميل لٺ جي ٽيڪ تي هلي، پاڻهرتو اچي ووٽ داخل ڪري ويو. آءُ ڪراچيءَ لڏي ويس، جڏهن بہ پاڙو هٽ ايندس، تہ ريل ۾ چڙهي، اچي مون سان ملندو. مون بدقسمت انسان کي وقت سر ساڻس ڳالهائڻ جو موقعو نہ ملندو، تہ بہ پاڻ فاصلي تان ويهي بہ منهن ڏسندو رهندو. چوندو هو:

"پير، تون بيقدرو يار تي پئين! وڏن ماڻهن سان پيو وقت وڃائين. اهي ڪوڙا ڪلال، ڳڀچور، ڳنڊيچوڙ اٿئي. رهاڻ ڪرڻي اٿئي، تہ اسان جهڙن سرويچ غريبن سان ڪندو ڪر. نماز روزي تي ڪو ڌيان ڏي. دنيا دورنگي اٿئي، سارو ڪمام ڪوڙ تي ٻڌل اٿس. ڇا گذري آهي، ڇا گذري ويندي! اهو ڪي ڪر، جو ڪم اچئي!"

ساڻس خوش طبعي ڪندي، مان چوندو هوسانس:

"حاجي، ست ڪوٺا ڪائي ٻلي حج تي هلي آهي. جوانيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ ڪيئي، سو بہ ياد ڪر!"

مرحوم ڪلي ويهندو-

"پير! ڏاڍو زوراور آهين. انڌ جي گهوڙي تي چڙهيل آهين - دنيا جهان جي خبر ڪانہ ٿي پوئي - پر چونداسين تہ ڪاوڙجي پوندين - ڏڪا ڏياري ڪڍي ڇڏيندين. تنهنجي ڏسڻ لاءِ بہ سڪندا وتنداسين - تنهنڪري تو کي سچ چئي بہ ڪونہ ٿا سگهون."

پهرين هڪ پٽ وٺي آٽي منهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ پيش ڪيائين. ان ڪان پوءِ ٻيو پٽ، عمر نالي - ٻنهي ڪي فرمائش اها ڪيل هيس تہ لالچ نہ رکجو، مري وڃجو پر در نہ ڇڏجوس." غريب وٽ اها ئي وٽ هئي، جا آٽي دوست جي نذر ڪيائين.

پڇاڙيءَ ۾ مرڻ جو فيصلو ڪيائين. مشوري لاءِ مون وٽ آيو:

"پير، هاڻي ڏينهن پورا ٿيڻ تي آيا آهن. هن ملڪ ۾ مرڻ ڪونہ ٿو گهران، مديني وڃي مرڻو اٿم."

مون چيس:

"ميان، اڃا تہ ڏندو ڏوٿو آهين، منهن مان رت پيو ڇٽئي، اهي کهڙيون ٻچڙيون وايون ڪنيون اٿئي!"

"....... تنهنجون اهي ئي ڏاڍائيءَ واريون ڳالهيون! مديني وڃڻ، مرسل مير جي چانئٺ چمڻ، ان دلبر جي در اڳيان دم ڏيڻ، اهي ٿيون ٻچڙيون وايون؟ سٺيون وايون اهي آهن تہ سنڌ ۾ رهي سور پرائجن؟ تو وٽ اچجي تہ تنهنجو ڏسڻ بہ مهانگو. ڳوٺ وڃجي تہ ڏڇن پنيان ڏچا. دنيا ۾ هاڻي کهڙي موچارائي وڃي رهي آهي. دغا، دولاب، ڪوڙ بدوڙ، بيوفائي، بيحيائي، نہ پاڙي جو شرم، نہ وڏ ننڍائيءَ جو ويچار. ننڍي پوش تہ جاتي ڪاٽي مورڳو لولي لانگڙ لاهِ تي بيٺي آهي، نہ وري وڏن ۾ ئي ڪا وڃا بچي آهي، لوڀ لالچ اندو ڪري ڇڏيو اٿن. وڏيرا آهن تہ رشوا (رشوت) تي سندرو ٻڌي بيهي رهيا آهن. غريبن پاڙيوارن تي هٿ ڏيڻ بدران، پنهنجن هٿن سان پيا انهن جا گهر پڃائين ۽ لوڙها لتاڙائين. جي ڪو سيٺ يا ديوان وڃي بڇيو آهي، تہ رڳو شودو، وڏي ماس ڪائڻ ڪان بہ ڪونہ پيو مڙي. مريدن مان مراد، سيدن پيرن مان پرين واري پيچري جي پڇاڻ ختم. ڪاموري ڪڙي جو سندرو ظلم تي ٻڌل. خان خدا جي خوف ڪان خالي. سڀ ڪم رشوا، شفارش، چوٰچوائت تي پيو هلي. غريب مسڪين جي ڪو ڪونہ پيو ٻڌي يا سٽي. ڪلجڳ اچي ويو، چوڏهين صدي آهي، ڪوڙ پيو ڪمائجي، ڪوڙ پيو ڪائجي. قيامت جا نشان ظاهر آهن. اڳ ٻڌبو هو تہ فقط هڪ دجال پيدا ٿيڻو آهي، پر هينئر تہ ڏسون پيا تہ ڳوٺ ڳوٺ، گهر گهر ۾ اچي ڪئين دجال ساماڻا آهن. امام مهدي؟ هاڻي اڪئين نہ پيو ڏسجي."

"...... سو، پير هاٿي نہ جهل نہ پل، جڏ تہ وڃي ڪنهن منهن مهاڙ جا ٿيون، نہ تہ ويٺي ويٺي ويل وهي ويندي. نہ هيڏانهن جا رهنداسون، نہ هوڏانهن جا ٿينداسون."

"...... باقي ٻچن جي سا پارت اٿئي. منهنجا پٽ سڀ حلالي اٿئي، منهنجي قبر ڪانہ لڃائيندا، سو انهن تئون هٿ نہ لاهجانءِ."

اهو هو ست تت مرحوم جي آخري ڏينهن وارين تقريرن جو. حج جو زمانو آيو- ٽپڙ ٻڌي، تيار ٿي، اڃي ڪراچيءَ پهتو. گهڻو جهليوسونس، گهڻو پليوسونس، پر اندر جي اڪير مڇ مچائي ببيٺي هيس، سو زوريءَ وڃي جهاز ۾ سوار ٿيو.

"مون چاڙهيندو وڃ، ٻيڙائتا ٻيڙن وارا!"

ان وقت ائين ڪونہ ٿي سمجهيم تہ سندس اهو سفر ڪو آخري سفر ثابت ٿيڻو آهي.

حج پورو ٿيو، حجاج موٽيو، پر حاجي بيگ ڪونہ آيو:

"اڄ نہ پکي آئيا، ٿين واهيري جي ويل!"

واجهائيندي ورهيہ گذري ويا، پوءِ وڃي پيئي ڪل تہ پنهنجا قول پاڙيائين! حج پڙهي، فارغ ٿي، دلبر جي در اڳيان دم ڏيئي، پاڻ کي ساڳيءَ ئي خاڪ پاڪ جي سپرد ڪري ڇڏيائين، جنهن جي آغوش ۾ خود آقاءِ دوجهان آرامي آهن.

۽ جنهن خوشنصيب کي رحمت اللعالمين جي دائمي همسائگي حاصل ٿي ويئي، تنهن ڏانهن هينئر اسين گنهگار، سنڌ مان ويٺي دعائن ۽ رحمتن جون کهڙيون سوغاتون موڪليان:

پاڻ ڪٿان يا پنبہ هٿان!

البت، ڪڏهن ڪڏهن، رکيو رکيو، دل مان دانهن پيئي نڪري:

هتڙي اسان جا هي حال، ڙي يار!

تو کي پنهنجا سانگ سيباٺا!

## ڀائي ڏاسو مل

ڪپڙن جو گهورڙيو، ڀائي ڏاسومل، پڻ پنجوديري جو هڪ خاص سمپل هو. زنانن ڪپڙن جا تاڪيا خريد ڪري، ڳنڍڙين ۾ ٻڌي پاڙي جي خاندانن وٽ کڻي ويندو هو. هڪ ڳنڍڙي پنهنجي پٺيءَ ڏانهن ڇڪي ٻڌندو، ٻي ڳنڍڙي پٽ کي

ڪٽائيندو. لوهي گزي هٿ ۾. گرميءَ ۾ ته ڪان مٽي کي محفوظ رکڻ خاطر، چڱي پڳ سر تي ٻڌل. مهينين ٻي مهينن مڙيو ٿي اچي پيو منهن ڪيندو. نفعو ٿورو رکندو. جيئن موڙيءَ جي ڦير گهير تڪڙي ٿيندي رهي. ڪجهه بروقت وٺندو، ڪجهه اوڌر تي. اها اوڌر موسم پڇاڙي ديرن ۾ پيئي وصول ٿيندي. پرده نشين مستورات مان هر هڪ کي ڪهڙي قسم جو ڪپڙو وٺي ٿو، تنهن جي پروڙ ڏاسي مل کي ٻاهر ويٺي پيل هوندي. پيري پيري ان در تي ايندو ته انهيءَ ئي قسم جي ڪپڙي جا ٻه – چار نوان نمونا ڪنيو ايندو. جيئن بنا "ڏني ورتي" موٽڻو نه پويس. مردن لاءِ پٽئي (جنهن کي مسلمان محمودي سڏيندا هئا)، بافتي، يا ململ جو هڪ – اڌ تاڪيو هوندس. باقي بارود زنانيءَ پسند جو: ڏوريا[1] ، بوند، هيرا ساڪري، نوريٽڙا، قناصرا، شبنما، چيرا، قول بيگ، گلبدن، چڪنا، گاجرا، مونٽڙا، رنگارنگي پٽ، وغيره. سستائيءَ جا ڏينهن هوندا هئا. قيمتن جا حساب آنن ۾ ٿيندا هئا. رپيو ته بلڪل وڏي شيءِ هو، جنهن جو نالو ادب سان ورتو ويندو هو. ڪپڙي جي ماپ هٿن پيرين ٿيندي هئي. هٿ کان گهٽ ماپ کي ٻاڪون، گرانٽ، يا "چارڪ"، پيرين ڦلاٽيندا هئا. ڏاسو ايندو ته گهر گهر ۾ چرپر پئجي ويندي. مرڪزي جاءِ تي ڪٽ وڇائي، بڌڙيون ۾ بڌڪون ڪولي، تاڪيا وڇائي، ٽيمپرري هٽ ڪولي ويهي رهندو. زالن کي هرڪائڻ لاءِ متائڻ چمڪندڙ رنگارنگي ڪپڙي جا تاڪيا رکندو پهرينءَ ۾ آخري قيمت جي وچ ۾ آني – ٻني جو فرق رکندو، جو ته ڪيس معلوم هوندو ته بنا چڏ چوڻ ڪرائڻ جي ڳوٺ جي زالن جي تسلي ڪانه ٿيندي. ڪپڙي جي ڪٿالٽيءَ تي زالن جي ٽيڪا ٽپٽي ٻڌڻ وٽان هوندي. رنگ ڦٽڻ ۾ "سوس" (ڏوپ ۾ ڪپڙي جو سسڻ) جي امڪان جو خاص خيال رکنديون. تسلي نه ٿيندين ته پاٽيءَ ۾ پسائي، رنگن کي اچي ڪپڙي تي گسهي ڏسنديون ته رنگ لهيس ٿو يا نه. سوس جي چڪاس لاءِ ڪپڙي جي ڪنڊ پاٽيءَ ۾ پسائي، سج تي سڪائي ڏسنديون.

جيستائين جيئرو رهيو، پسگردائيءَ جي ڳوٺن اندر چهچٽو لائيندو رهيو.

## واهڙ جي وٽ سان، ٻيرن جي جهلي هيٺان

سنڌي ڳوٺاڻن جي سروپچ سنگتين ۾ غير فاني دوستين جا ٻول ٻجهندا آهن، نه اميراڻن ڊرائنگ رومن ۾، نه سرمائيدارن جي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن اندر،

---

[1] ڪپڙا سڀ ولائتي نهيل هوندا. جن تي محض نالا سنڌي عورتن جا چسپان ڪيل هوندا.

پر واهن ۽ واهڙن جي وٽ تي، پيرن ۽ پيرن جي جهلن هيٺان: نه زير سرپرستي يو - اين، پر زير سايه آسمان: نه بوسيله تمسڪات، پر بذريعي حرف زبان!

سينا سينن سان مليا، اکيون اکين سان اٽڪيون، دليون دلين سان ڳنڍيون، پڳون مٽجي ويون، پيچ پئجي ويا، جيءَ جڙجي ويا، مرندي گهڙيءَ تائين جا سوٽا ڪجي ويا!

انسان جي روحاني زندگيءَ لاءِ خوراڪ فراهم ڪرڻ ۽ مجموعي حياتيءَ کي معنيٰ بخش جو ڪم پڻ ان قسم جون دوستيون ڪن ٿيون، باقي دوستيون، دوستيون نه، "درآمدي ۽ برآمدي" قسم جي تجارت آهن.

۽ نه وري اها وٽ ڪا اهڙي وٽ آهي، جا ماڻهو پئسا ڏيئي بازار مان خريد ڪري سگهي. سچيءَ مشڪ جي نافي وانگر، ان جو ميسر ٿيڻ ڏاڍو مشڪل ٿئي ٿو. ۽ محض اتفاق طور، سو به نه محلن جي مسڪينن اميرن ڪبيرن وٽان، بلڪ "ڪلهن ڦاٽل ڪنجرن" پهرينڌڙ گودڙين ۽ گوڏرين وٽان، جي ڏسڻ ۾ ته ڪنگال پر حقيقت ۾ وفا واري مشڪ ختن جا مالڪ هوندا آهن.

سنگت ڪرڻ ۽ سنگت ۾ سر تائين ڏيئي ڇڏڻ، سنڌ وارن جي تاريخي ميراث هئي، ۽ سنڌن ڪئريڪٽر جو چمڪندڙ جزو! پر جيئن جيئن ٻاهرين جو تجارتي اثر مٿن پوندو ويو، ۽ سنڌن ڏيٺ ويٺ ٻاهرين ماڻهن سان ٿي، تيئن تيئن اها ميراث سنڌن هٿان نڪرندي ويئي. منهنجي پنهنجي ڏسندي ڏسندي، ڪيڏو نه فرق اچي ويو! وڏن ماڻهن، اميرن، پيرن، سردارن، عملدارن منجهان ته خارجي اثرن ۽ غلاميءَ جي پهرينءَ ئي سَٽَ سان اها وٽ بنهه موڪلائي ويئي. سنڌن دوستي نڳي، ۽ سنڌن واعدو ۽ انجام پاڻيءَ جا ليڪا بڻجي پيا. صبح کان شام تائين ڏنتو ئي ڪوڙ بدوڙ. ٿوري لالچ ملين ته مٺن پيارن جو مٿو وجائي وجي ٻاهر چڙهيا! اهو شيوو اڳوٽن سنڌين جو هرگز نه هوندو هو. اُنهن دوستيءَ جو دم هنيو ته آخري قدم تائين قائم رهيا، سام جهليائون ته سر ڏنائون، سنگت رکيائون ته توڙ نباهيائون، زبان مان ڪو اکر نڪتن ته چڻ صحيفو آسماني لهي آيو، جنهن ۾ ڪنهن به ردبدل ٿيڻ جو امڪان نه رهندو.

جنهن زماني جو آءٌ ذڪر ڪري رهيو آهيان، ان ۾ اها خصوصيت اڃا تائين غريب ڳوناڻن ۾ موجود هوندي هئي. سنڌن دوستيءَ ۽ سچائيءَ ذريعي جو روحاني اطمينان ميسر ٿيندو هو، سو اڄ دنيا جي وڏي کان وڏي ماڻهوءَ جي تقرب مان به حاصل ڪونه ٿو ٿئي. مون چڱيءَ پر تجربو ڪري ڏٺو آهي. سنڌ ته ساري ڏٺي اٿم، بلڪ همعصر ٻاهرينءَ

دنيا جي ٻہ گهڻن ئي مشاهيرن سان پاند اٽڪيو اٿم، پر محبت ۽ وفا جي معاملي ۾ سنڌ جي ڳوناڻن جو همپايي ماڻهو نظر ڪونہ چڙهيو اٿم. جيڏا اُٿ تيڏا لوڏا - وڏا ماڻهو ۽ وڏا غرض، وڏا مرض- وفا ۽ محبت لاءِ وٽن ڪٿان ايندي گنجائش؟

## قادر بخش

قادر بخش خروس هڪ مسڪين ڳوناٺو هو، منگين تعلقي ڳڙهي ياسين جو رهاڪو. ابتدا ۾ "ڏاڍو مڙس" ليکيو ويندو هو. پاڻ ڳالهيون ڪندو هو تہ ڪيترن ڌاڙن ۾ بہ شريڪ رهيو هو. اصول هوندو هوس تہ دوستن جي "بيگر" وهجي، ڏکئي وقت ۾ سندن ساٿ ڏجي، بنان لالچ ۽ بنا مقصد، پوءِ سر وڃي تہ ڀل وڃي: اهو مڙسيءَ ۽ مردانگيءَ جو لوازمو آهي، ان اصول ڪان جو هٽيو، تنهن کي زنانو رئو ڍڪي، پردي پٺيان لڪي، گهر ۾ ويهي رهڻ گهرجي، مڙسن اڳيان مرڪي منهن ڏيکارڻ جو ڪيس ڪو حق ڪونہ آهي. اهو بہ چوندو هو تہ دوست گهڻا رکڻ وڏي غلطي آهي، يار فقط هڪ - بہ رکجي، جنهن جي دوستيءَ جا حق بہ چڱيءَ طرح ادا ٿي سگهن.

اوائلي ڏينهن ۾ مٿس هڪ ڏکيو وقت اچي ويو. سندس نانءُ، بطور جوان مرد جي، مون اڳ ۾ ئي ٻڌو هو. محمد پناهہ خان ڊکڻ ۽ سندس عزيزن جي وچ ۾ جهيڙو لڳي پيو هو. مرڻ مارڻ تائين نوبت اچي ويئي. هر هڪ ڌر کي سرويچ ساٿين جي ضرورت محسوس ٿي. محمد پناهہ خان قادر بخش کي ڪوٺ ڪئي، قادربخش کهاڙي کڻي وڃي موجود ٿيو. جيستائين جهيڙو هليو، نہ جان ۽ نہ جيل جو خيال ڪيائين. اهڙي ماڻهوءَ تي احسان ڪرڻ مون پنهنجو فرض سمجهيو. بيشڪ غريب هو، نظر بظاهر ڪنهن ڪم جو بہ ڪونہ، مگر "مڙس" هو. ويل آئي مڙس ئي مٿا ڏيندا آهن - ۽ نہ وري ويل پڇي ئي ايندي آهي. ڀهراڙيءَ ۾ رهڻو هو تہ انهن ئي اصولن تي هلڻو هو، تنهنڪري مون قادربخش سان وڪ کڻي ڇڏي.

ان کان پوءِ ٽيهن ورهين تائين قادر بخش مرحوم، اُن هڪ احسان عيوض، مون وٽ گروي پيو رهيو. مان گهڻو ئي ڪانئس پاسو ڪريان، پر هو ڪٿان ٿو مون کي ڇڏي! ڪجهہ سالن کان پوءِ مون تي بہ هڪ مصيبت اچي ويئي. قادربخش مرحوم جي گهر ۾ جيڪو بہ ٽپڙ ٽاڙي هو، سو بازار ۾ وڪڻي، پئسا کڻي اچي موجود ٿيو. پوئتي ٻچن لاءِ فقط رليون ۽ گودڙيون ڇڏي آيو. جنهن وقت بہ خطري جي گهنٽي وڳي تہ سندس سر ترڙيءَ

تي هوندو. مرڪندو، مشڪندو اڻ ڪونيو، پاڻهي پاڻ ميدان ۾ هليو ايندو. نه حساب ڪندو، نه ڪتاب. نه اڳ جي پڇندو، نه پوءِ جي خبر لهندو. اڪيون ٻوٽيو پيو يارن سان ياريءَ جا حق نباهيندو. عيوض، لوڀ ۽ لالچ جو ته ڪو سوال ئي ڪونه هوندو.

مان ڳوٺ ڇڏي سکر ويس، ۽ سکر کان پوءِ وڃي ڪراچيءَ رهيس، مگر مرحوم پيرو نه ڇڏيو. فقط ڀاڙي جيترا پئسا هٿ ايندس، ته جهٽ اچي سکر يا ڪراچيءَ ۾ منهن ڪڍندو. شوق فقط اهو هوندس ته گهڙي - پهر ويهي مون سان روح جي رهاڻ ڪري.

پنهنجي وت آهر، سواليءَ کي خالي نه موٽائيندو هو. مون ۾، ڪنهن وقت، ماڻهن جا گهڻا ڪم پوڻ لڳا. سفارش لاءِ در پيهي، جنهن به وڃي قادر بخش کي سوال ڪيو ته مرحوم ساڻس گڏيو ايندو.

واجبي ڪواجبيءَ جو ڪو خيال ڪونه ڪندو. سندس اصول هو ته "اڙئي موڙهئي" کي اڌ ۾ ڪونه ڇڏڻو آهي. سواليءَ جي حق ۾ مون سان خوب جهيڙا ڪندو. رسي ويهي رهندو، مانيءَ تائين موٽائي ڇڏيندو. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪاوڙجي، بنا موڪلائي واپس به هليو ويندو. پر ڳوٺ رسڻ بعد، ڪنهن ٻئي سواليءَ اچي صدا ڪيس ته وري ان سان گڏيو ايندو. چوندو هو ته "پير، توکي ته سنگتيءَ ساٿيءَ جي لڄ ڪانه ٿي پوي، پر اسين به بيحيا آهيون جو وري وري اچيو توکي ستايون. پر ڪيئن ته ڪيئن ڇا؟ ماڻهو اچيو ٿا الله جو نانءُ وجهن، الله جو نانءُ ڏاڍو ڳورو ٿئي ٿو!"

پوءِ مير علي مراد خان، والي خيرپور، جو قصو ٻڌائيندو - سفارشي وٺي ايندو هو. هڪ دفعي تنگ ٿي، مير صاحب کيس چيو ته "فقير صاحب! هن دفعي اوهان جو ڪم ڪريون ٿا، پر ان شرط تي ته اوهين ڏاڙهي ڏيو ته وري ڪنهن جي سفارش نه آڻيندا." فقير ڏاڙهي ڏيئي، سواليءَ جو ڪم پورو ڪرائي، اچا ڳوٺ مس پهتو ته پيو سوالي موجود وينو هو. الله جو نانءُ وجهي، فقير کي آڻي مير صاحب اڳيان پيش ڪيائين. مير صاحب پڇيس:

"خير محمد، تون ته ڏاڙهي ڏيئي ويو هئين ته وري سفارش نه آڻيندين، هينئر ته ڏينهن مس گذريا آهن ته وري موٽي آيو آهين!"

"خير محمد وراڻي ڏنيس:

"مير صاحب، اهو صحيح آهي ته مان توکي ڏاڙهي ڏيئي ويو هوس ته وري توکي اچي تڪليف نه ڏيندس. پر ڳوٺ پهتس ته هن سواليءَ اچي الله تعاليٰ جو نانءُ

وڏو. پوءِ ترازيءَ جي هڪ پڙ ۾ پنهنجي ڏاڙهي ۽ ٻئي پڙ ۾ الله تعاليٰ جو نانءُ وڌو. ڏنم تہ منهنجي ڏاڙهيءَ کان الله تعاليٰ جو نانءُ ڳورو هو. تنهنڪري، ڏاڙهيءَ جو خيال نہ ڪري، ڏٽيءَ خاطر، ۽ سندس ساڳيو مٺو نالو وٺي، اچي تو وٽ پهتو آهيان - اڳتي تنهنجو اختيار. مير صاحب ڳالهہ سجاڻندو هو، فقير صاحب جي حڪم جي تعميل ڪري ڇڏيائين."

قادربخش مرحوم خاص پنهنجي وجود يا مقصد لاءِ ڪڏهن ڪو سوال ڪونہ ڪيو. حالانڪ آءٌ سندس غير معمولي عزت ڪندو هوس. وڏي ڪان وڏا ماڻهو ملڻ لاءِ ايندا ۽ ساڳئي وقت قادر بخش بہ آيل هوندو، تہ آءٌ پهرين وڏي وڃي قادربخش کي ڀاڪر پائي گڏبس، ۽ ان ڪان پوءِ ئي انهن وڏن ماڻهن سان هٿ ملائيندس.

هڪ ڀيري اهڙو واقعو ٿيو جو جنهن وقت قادربخش آيو، ان وقت سندس پاڙي جا وڏا ماڻهو بہ اچي رسيا. انهن وڏن ماڻهن مان هڪ محمد پناهہ خان ڊڪڻ بہ هو، جو قادربخش جي علائقي جو مکيہ ۾ مکيہ حاڪم ليکيو ويندو هو. پر مون هٿ پهرين وڃي قادربخش کي ڏنو، بلڪ ساڻس ڀاڪر پائي بہ مليس. محمد پناهہ خان اها ڳالهہ سخت محسوس ڪئي.

ڪجهہ وقت بعد ڏوراپو ڏنائين. چي، "تو وٽ اسان معززن ڪان وڌيڪ عزت ۽ قدر قادروءَ جهڙن لاءِ آهي." مون عرض ڪيس:"جا موڙي قادربخش جهڙن مسڪينن وٽ آهي، سا اوهان وڏن ماڻهن وٽ ڪٿان آئي. يعني غير مشروط محبت ۽ غير محدود وفاداري!"

سندس پنهنجي غريباڻي حلقي اندر، سندس دوست پڻ ساڳيءَ طرح سرويچ هوندا هئا. عام ڇوٽي هوندي هئي تہ قادر بخش جو دوست ويلَ ڪڏهن نہ وڃائيندو، يار ڪڏهن نہ مَتائيندو، سر مال جو سانگو بنهہ ڪونہ ڪندو. سندس پاڻيجو سُکيو مرحوم پڻ قادربخش وانگر بهادر، وفادار ۽ دوست لاءِ انتهائي قرباني ڪندڙ شخص هو.

جهڙيءَ طرح مٿي عرض ڪيو اٿم، اوائلي سنڌ ۾ انهن ڳڻن جو ڏاڍو قدر هوندو هو. ان زماني اندر ڳوناڻي سوسائٽيءَ جو ڪاروبار ئي انهن ڳالهين جي بنياد تي هلندو هو. حڪومت غير همدرد هوندي، يا غير ملڪي هوندي، يا اهڙي جنهن جي اصولن ۽ قانونن، ۽ مقامي ماڻهن جي پيدائشي قدرن ۽ بنيادي احساسن جي وچ ۾ ڪابہ مناسبت يا يڪرنگي نہ هوندي، تہ پوءِ مقامي ماڻهن

ڪي خود پاڻ تي پاڙڻو پوي ٿو. ۽ پنهنجي حفاظت ۽ زندگيءَ لاءِ پاڻ اصول ناهڻا پون ٿا. انهن اصولن جو مدار وري ڪن اخلاقي قدرن تي ٿئي ٿو، جن قدرن جي ڪوڊ اندر وفاداريءَ جي ڳڻ کي سڀ کان مٿانهون مقام حاصل رهي ٿو.

سنڌ جي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو به هميشه کان ڪنهن نه ڪنهن جابر حاڪم يا خارجي فاتح جي لٽن هيٺان لتاڙبا پئي رهيا آهن. تنهنڪري انهن لاءِ ضروري هو، ۽ ضروري آهي ته هو پنهنجي حفاظت لاءِ به اهڙا اصول ۽ قدر ناهي انهن تي هلندا رهن. منهنجي پنهنجي ڏسندي ڏسندي، حالتن ۾ گهڻو ڦير اچي ويو هو، پر ان هوندي به اجا تائين سارو ملڪ سڄ تي ڪونه ويو هو. قادربخش جي سنگت جهڙيون سنگتون ڪڻ نه ڪٿ پيون نظر چڙهنديون هيون، جن جي رڳ ريشي اندر، صبح و مسا، وفا جو خون صفا گردش ڪندو ٿي رهيو.

## اُڏل

قادربخش جي پاڙي ۾ گهانگرن جي وانڍ اندر، هڪ پيو به اهڙو شخص هو - اُڏل نالي، عيد کان سواءِ، باقي سال جا سمورا ڏينهن گوڏ ۾ گذاريندو. لٺ دائما هٿ ۾، مٿي تي پڳ، جسم تي ڏگهو بافتي جو پيرهن، ڏاڙهي چاپئين، پيرن ۾ سنڌي موچڪي جتي. پنهنجي وقت جي وڏن پيراڌن مان ليکيو ويندو هو. ڪنهن چوريءَ يا واردات جي سلسلي ۾ هڪ دفعي ڪو پير ڏنائين ته سالن کان پوءِ به ساڳيو رند سڃاڻي ڪڍندو. پنهنجو گذران چوپايي مال تي هوندو هوس. ان سان گڏ، پوکي راهي به پيو ڪندو هو.

غريبيءَ هوندي به خودداريءَ ۽ عزت نفس جو ڪيئن لحاظ رکجي، سو ڪو ڪانئس سکي ها. ملڪ تي ڪن وڏيرن جو مارو هوندو هو. ڪنهن جي به جان يا مال، يا ننگ محفوظ ڪونه هو. وڏيرن کي مرغوب خاطر هوندو هو. ڪوڙ، خوشامد - عام چوڻيءَ مطابق، "راءِ تي رسو پيچڻ!" مثلاً، پيراڌن مان ڪين اُهو شخص پيارو لڳندو هو، جيڪو وارداتن جي سلسلي ۾ ڪوڙا رند ڪڍي، ۽ بيگناهن جا پير ڪڍي، ڪين پوليس جي ٻوهي ۾ ڏئي.

اُڏل مرحوم اهڙو ڪم هرگز نه ڪيو. جا سچي ۽ صحيح حقيقت هوندي، سا ٻڌائي ڇڏيندو، پوءِ وڏيري صاحب يا پوليس کي وڻي يا نه وڻي. تنهنڪري پاڙي جا وڏيرا مٿس ناراض رهندا آيا. هڪ دفعي 110 قلم هيٺ اڙائي ڇڏيائونس. نه داد نه فرياد. بدمعاشيءَ جي مقدمن ۾ ڪوڙو بيان ڏيڻ وڏيرن لاءِ

ائين هوندو هو. جيئن ڪنوار لاءِ ونواهه ڪاڻ. مُرڪي سرڪي، تيل ڦليل ڪري، ريشمي رومال پڳن ۾ ٽنگي، وڃي ڪورٽن اڳيان حاضر ٿيندا. ۽ الله تعاليٰ کي حاضر ناظر ڄاڻي، جو اکر پيا چوندا، سو ڪوڙ هوندو. اڏل مرحوم تي به اهڙي آپدا اچي ويئي. مون کي خبر پيئي، پاڙي وارن ۽ پوليس جي ڪا به پرواهه نه ڪري، مون وڃي سندس ضامن ڪرايو. مرحوم محمد اسحاق بدرالدين، جو پوءِ ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ٿيو، انهن ڏينهن ۾ شڪارپور جو مختيارڪار هوندو هو. منهنجي خانگي چوڻ ۽ تسلي ڏيڻ تي، اڏل کان ضمانت وٺي، ڪيس آزاد ڪري ڇڏيائين. اُن کان پوءِ اڏل، جو دم جيئرو رهيو، سو مون ساڻ بيٺو رهيو. نه هٿي ڪنهن وٽ ايندو نه ويندو. منڌون موٽنديون رهيون، سالن پٺيان سال گذرندا رهيا. مگر اڏل جو، جو قدم اُٿيو سو محض منهنجي در ۽ گهر طرف. ڪيس ڪنهن به ڳالهه يا ڪم چوڻ جو سوال ئي ڪونه هوندو هو. ويٺو اکين جو مطالعو ڪندو، ۽ حال تي سخت مطمئن رهيو. چوندو هو، "سڄي عمر هڪ سائينءَ جي ڳولا رهي هيم. سائين مليو. ڏوجهرو لٿو. هينئر سائين ڄاڻي ڪم ڄاڻي. باقي اسان کي ڪهڙو فڪر."

مرحوم ڪچهريءَ ۾، ويهي گفتگو ڪندو ته اهڙي سليقي سان ۽ اهڙن چونديل اکرن ۾، جو ڪيس ٻڌي دل کي خوشي پئي حاصل ٿيندي. پهرين اڳلي جي ڳالهه ٻڌندو، خيال سان، صبر سان، ۽ تحمل سان. ان کان پوءِ ڪنگهي، گلو صاف ڪندو. گهڙي ساعت توقف ڪندو، پوءِ پنهنجو جواب پيش ڪرڻ شروع ڪندو، ٿورن لفظن ۾. پر جو اکر ڪيندو، تنهن جو بنياد ذميداريءَ جي احساس تي هوندو. اجائي گفتگو ڪرڻ، يا چغليون هڻڻ، يا پين ۾ جي گفتگو هلندي وچ ۾ ٽپي پوڻ سخت معيوب سمجهندو. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪچهري هلندي سڄو ڏينهن گذري ويندو، پر اڏل جي پنهنجيءَ زبان مان هڪ حرف به ڪونه نڪرندو، بُت بڻيو ويٺو ٻڌندو. جيڪڏهن هٿ هلندس ته فقط ناس جي دٻليءَ ڏانهن، جنهن مان چپٽيون پري نڪ ۾ وجهندو، ۽ نڪ کي بوڇڻ جي ڪنڊ سان صاف ڪري، وري چپ ڪري ويهي رهندو. مانيءَ يا پاڻيءَ تائين ڪنهن پاڙهرتو آڏي اڳيان رکيس ته ڪائيندو پيئندو، ورنه سارو ڏينهن اڃيو بکيو ويٺو هوندو، پاڻان لڪا پوڻ هرگز ڪونه ڏيندو. سانجهيءَ سومهاڻيءَ موٽي وڃي پنهنجي گهر ڪائيندو، چلم سان ڏاڍو چاهه هوس، پر نه چلم خاطر

ڪچهري چڏي ويندو، نه ڪنهن کان گهُري وٺندو. خود محفل اندر چلم رکي رهندي، ته به جيستائين هٿ کان وٺي کو نڙ کيس نه ڏيندو، پاڻ طلب نه ڪندو. ڀهراڙيءَ جو چَٽُ هو، اٽيڙهيل، پر سندس زبان منجهان ڪنهن شخص نه ڪڏهن ڪا گار ٻڌي، نه پِٽ پاراتو. ڪنهن سان ڪا وک ڪنيل هوندي ته وري زبان تي نه آڻيندو ۽ نه ان جو عيوض ئي طلب ڪندو. بيماريءَ بي خوشائيءَ جي خبر پوندي ته رڙهي اچي پهچندو. ٻاهران اچبو، ته به خير عافيت پڇڻ لاءِ موجود هوندو. پاڻان ڪم حاج بلڪل نه چوندو. خوف خطري کان لاپرواهه هو. چور ڇڪار، جن جا پيرا ڪڍي کين ڦاسائڻ جو سبب بڻيو هو، سي سندس رت جا پياسا رهندا آيا، پر اُڌل ڪڏهن به هيڻانهين نه ٻولي. اڪيلي سر، لٺي جي لٺ ڪنيو، پيو جهنگ جهر ۾ هلندو. سويل توڙي اويل چوندو هو ته "سر هڪ آهي، نه ٻه، مقرر وقت کان اڳ ڪونه ويندو. ان جو مدار آهي مالڪ تي، بندو پاڻ پنهنجي کهڙي سنڀال ڪري سگهندو."

ڀهراڙيءَ ۾ عام رواج هوندو هو ساک ڪڻڻ جو - يعني ماڻهو قرآن مجيد مٿي تي کڻي ڳالهه ڪندا هئا. بطور شاهد جي، يا پيراڊوءَ جي، يا متهم جي. اُڌل پاڻ قرآن مجيد تي ڪڏهن ساک نه ڪنئي. سندس اکر ساک برابر سمجهيو ويندو هو. اُڌل ڳالهه ڪئي، معاملو ختم ٿيو. شڪ يا ٻي ويساهيءَ لاءِ کو سبب باقي ڪونه رهندو.

هڪ دفعي ٻروچن جي ڪنهن پاڻاريءَ جا ماڻهو، جيڪي مٿس ناراض هئا، سندس مينهن جو وڳ چوريءَ ڪاهي ويا. اُڌل پير سڃاتا. ڏانهن ماڻهو موڪليائين، پر چورن مال وراڻڻ کان انڪار ڪيو. ڪجهه ڏينهن بعد اُڌل جا ننيا ٻه، عيوض ۾، ٻروچن جون ست - اٺ مينهون ٺڳائي آيا. ٻروچن جا ڪُنا اوننا ٿي پيا. قرآن شريف کڻي مينهون ووڙڻ لڳا. اُڌل کي خبر پئي. پنهنجي ڇوڪرن کان پڇيائين، جن ساڻس سچي سچي ڪئي. پاڻ لنگهي وڃي ٻروچن وٽ پهتو - چي:

"اوهين پلو سونهارو موٽائي رکو. اوهان جون مينهون منهنجن ڇوڪرن وٽ آهن، جي اچي ڪاهي وڃو. باقي مون وارو مال موٽائي ڏيو يا نه، سا نيت اوهان جي. مون کي ارمان آهي ته منهنجن ڇوڪرن کان ڇوڪراٽي ٿي وئي آهي!"

پر ان جي معنيٰ اها نه هئي ته اُڌل ڀڻ ڊڄڻو هو. هڪ دفعي ضد تي چڙهي بيٺو، ته وري نه لهندو - پوءِ پل ته ڪيس ڪيڏو به نقصان ڇو نه رَسي. جن

زميندارن مٿس ڪوڙا بيان ڏيئي ڪيس 110 جي ڪيس ۾ ڦاسايو هو. انهن جو مرندي گهڙيءَ تائين وري منهن نہ ڏنائين. پاڻ، جڏهن بہ موقعو ملندو هوس، انهن کي نقصان پهچائي ڇڏيندو هو. انهن زميندارن مان هڪڙي جي اڳڃائي ڇوڪري ڪنهن پاهرئين خسيس ماڻهوءَ سان تعلق پيدا ڪري وڌو. اُڌل، ان زميندار کي ذليل ڪرڻ خاطر، سندس ڇوڪريءَ کي، ڪوٽ پيرائي، پرڻائي ڇڏيو. "ننگاوتيءَ" جو معاملو هو. سرن تائين وڃڻ جا خوف هئا. مگر اُڌل هڪ لحظي لاءِ بہ خيال ڪونہ ڪيو. چوندو رهيو:"دشمن جو تہ نڪ وڍي ڇڏيو اٿم، هينئر جيڪڏهن منهنجو سر بہ ويو تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ ٿي پئي."

ڀراڙيءَ جي ڪوڊ اندر "انتقام ۽ بدلي" کي جائز قدم سمجهيو ويندو هو، ڇو تہ ٻيءَ صورت ۾ ماڻهوءَ لاءِ ناممڪن هو تہ پنهنجن حقن جي حفاظت ڪري سگهي.

مهمانداريءَ ۾ پڻ اُڌل مشهور هو. غريبيءَ هوندي سندس اوطاق پيئي هلندي هئي. هئي ڪکائين، پر ڪکن ۾ ڪتين سان سٽيل. آيو ويو پنو آجهاپ ڪندو ۽ جائو جوارو مانيءَ ٽڪر کائيندو. ڪامورو يا ڪو معزز مهمان آيو تہ اُن لاءِ ڪڪڙ ڪسجي ويندو، ۽ ڏِڳڙين کي مکڻ سان جهبي، نين ڇپين تي رکي، آڻي سندس اڳيان رکندا. نڪر جي دکيءَ ۾ ڏڌ يا لسي بہ ايندي، جنهن ۾ تازي مکڻ جو وڏو ٽيرو پڻ پيل هوندو. نيرن جي ويل هوندي تہ مکڻ سان گڏ ماکيءَ جو پيالو بہ گڏيو ايندو. رات جو ڇانور ۽ ماهيي کير جا دلا. معمولي ماڻهو آيو تہ جوئر جي مکيل ماني، لسيءَ جو وٽو، ۽ دال (يا چٽڻ يا مٽرن جي پليءَ) جو ڳنڍڻ. چلم هر وقت ۽ هر حال ۾ چالو رهندي.

## سائينداد

سائينداد جيهو، ڏاڪڙائي جيهن جي واند جو ويٺل، منهنجو هڪ ٻيو غريب يار هو. جو ٻڌان ٿو تہ اڃا تائين حيات آهي. پنجويهن ورهين کان منهنجو شيدائي ٿي رهيو. سندس زندگيءَ جا مقصد فقط بہ هوندا هئا: مون سان ڪچهري ڪرڻ، ۽ منهنجي نالي ٿيل ڪڪڙ دعوت ڪري، مون کي کارائڻ. بنهہ غريب هو. ڪنهن زماني تائين تہ ڪيئي ويلا ويهي گذارڻا پوندا هئس، مگر اُن نالي پيل ڪڪڙ کي پاليندو رهيو. ان آسري تي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن آءٌ سندس گهر ويندس ۽ ان ڪڪڙ مان طعام تيار ڪري مون کي

ڪارائيندو. ورهيه گذري ويا، ڪيئي ڪڪڙ ان وچ ۾ پنهنجي عمر طبعي پوري ڪندا اڳئين جهان ڏانهن هلندا رهيا، پر آءٌ سندس دعوت تي وجي نه سگهيس. هميشه شڪايتون ڪندو رهيو: چي، "پير، غريب ڏسي، مون وٽ نٿو اچين، منهنجو ڪو خيال ڪونه ٿو پوئي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪڪڙن تي ته ڪو رحم ڪر! حلال شي آهن، مفت ۾ مردار ٿيندا مرندا پيا وڃن. ايڏي خدائي گناهه جو بمبال ڪنهن جي ڳچيءَ تي پيو پوندو هوندو. ڪو شرع شريعت جو ويچار به ته رکُ! پل پير هجين، پر الله جي سرڪار ڏاڍي اٿئي. قيامت ڏينهن اهي ڪڪڙ توتي دانهين ٿي بيهندا - توکان وڏو پڇاڻو ٿيندو!"

تقريباً پندرهن - ويهه ورهيه اهو حال رهيو. سائينداد هر وقت هڪ ڪڪڙ موجود رکندو آيو - ايستائين، جو اُن وانڍ بلڪ ساريءَ پسگردائيءَ اندر ان ڪڪڙ تي "پيراڻي ڪڪڙ" جي ال پئجي ويئي. مجال آهي جو ڪو ماڻهو ان "پيراڻي ڪڪڙ" جي حق ۾ ڪا گستاخي ڪري. ڪڏهن ڪنهن پاڙي واري جي ڪتي ڪان ڪڪڙ جي شان ۾ ڪا هيٺ - مٿانهين ٿي ويئي، ته سائينداد لٺ هٿ ۾ ڪٽي وڃي ڪتي جي مالڪياڻيءَ تائين پهچندو. مخصوص ڳوناٽيءَ زبان ۾ خطاب ڪري چوندس:

"... تنهنجو ڪتو پيراڻي ڪڪڙ کي ڊوڙائيندو پيو وتي، ڪا خبر به پوي ٿي يا نه؟ پنهنجا ٻئي جهان پئي ڪارا ڪرائين! ٻچي ٻار جو به ته ڪو ويچار ڪر. نيٺ ته پيراڻي شي آهي."

مائي ويچاري ڊچي ويندي:

"ادا ڙي سائينداد، ڪتو جانور آهي، منهنجو کهڙو ڏوهه. مان ته پيراڻي ڪڪڙ ڏانهن ڪڏهن آڱر به نه کنئي آهي. سارو ڏينهن اسان جي گهر ۾ پيو چُگي. اَن ٻُڪي سُڪائي به ساهه نٽا ڪريون. هوڏانهن اَنُ سُڪٽو وڌوسون ۽ هيڏانهن اچي تو ڪڪڙ اَن ۾ پوي. دانگيءَ مان اجا مس ٽا ماني ڪڍون ته پنيان ڦريو اچيو مانيءَ ۾ چهنبون هڻي. ڪالهه جهڻ جي چاڏيءَ تي چڙهي، مٿانئس ونيون لاهي هليو ويو. ماريو ٻي سناختو آهي. ادا سائينداد، تو به کهڙو ڪڪڙ پيراڻو ڪيو آهي."

سائينداد: وري ساڳي جهڳ؟ پيراڻيءَ شي لاءِ اهڙا شُڪن ڪيڻ پنهنجي پاڙ پٽائڻي آهي. پر توکي ايترو ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته پيراڻي ڪڪڙ سان ڪا هيٺ

- مٿانهين ٿي، تہ پوءِ توهانجن سِرن ڏانهن خير ڪونہ هوندا: اها ڳالهہ ٻڌي هجيئي، مٿان تنهنجا مڻ مائٽ پيا پوءِ ميارون ڏين!"

اها هوندي هئي پوزيشن ڪُڪڙ جي!

ان وچ ۾ سکر براج جا واهہ چالو ٿي ويا. سينٽرل رائيس ڪئنال تہ بنهہ سائينداد واريءَ وانڍ جي ڪناري سان وهي هليو. فصل عام جام ٿيڻ لڳا. سائينداد جي حالت بہ گهڻو سڌري ويئي. مون کي اچي چيائين:

"پير، هاڻي تہ تو واري ڪڪڙ کينجهر ڪري ڇڏيا آهن، آءٌ سکيو ستابو ٿي ويو آهيان. گهر ۾ اَن جون ڪيئي گُنديون پريون پيئون آهن. چانور کائين، توڙي ڪٽڪ جا اڦراٽا. گيهہ مکڻ بہ جام آهن، چار سٺائون مينهون بہ آهن. هاڻي تہ گهڻ ۾ گهڻ کنهن ور اچي پير گهمائي، خلق پيئي تي مِهٽا ڏئي!"

ان هوندي بہ، اتفاق ئي ڪونہ ٿي ٿيو جو آءٌ وڃي سائينداد جي دعوت وٺان. هڪ دفعي آءٌ موٽر تي چڙهيو رائيس ڪئنال جو ڪنارو ڏيو ٿي ويس، سائينداد واريءَ وانڍ جي پر ۾ موٽر خراب ٿي پيئي. ڏينهن تتل، نہ اوهي نہ واهي، لاچار سائينداد ڏانهن خبر موڪليم. پوءِ تہ مورڳو عيدون ٿي ويس. اها خبر ڪانہ رهيس تہ منهنجي موٽر خراب ٿي پيل هئي، سمجهيائين اهو تہ آءٌ خاص سندس دعوت وٺڻ لاءِ ڪَهي آيو آهيان. ڪُتي ڪونہ ٿي پُڳو. جيڪڏهن انساني رت حلال هجي ها، تہ انهن ڏينهن سائينداد، مکڻ عيوض پنهنجي رت سان طعام تيار ڪرائي ها.

انهن ڏينهن ۾ ڪم حاج پوندو هو تہ پاڙي وارن کي وانگار ڪئي ويندي هئي. ڪو بند ٻڌائڻو هوندو، ڪا پٽ ڪٽائڻي هوندي، ڪو جهنگ کڻائڻو پوندو، تہ راڄ وارن ڏانهن ڪوٺ ويندي هئي. مزوري ڪونہ وٺندا هئا، فقط منجهند ويلي چانور (مُستيءَ پيل) رڌي، کين کارايا ويندا هئا.

منهنجي وانگار جي سڌ سائينداد کي پوندي، تہ بنا سڏ جي هليو ايندو. پاڻ اچي ڏک ڏورايا ڏيندو تہ مون ڏانهنس وانگار جي ڪوٺ ڇو ڪانہ موڪلي. ڪم کهڙو بہ ڏکيو هوندو، سائينداد چولو لاهي، پٽي اگهاڙي ڪري، هڪدم منجهس جنبي ويندو. آءٌ گهڻو ئي چوانس تہ ڪم ڇڏي اچي ويهي مون سان ڳالهيون ڪري، پر ڪونہ ٻڌندو. چوندو: "هيءَ ويل ڪم جي آهي، ڇڏ تہ ڪم ڪري ڪجهہ دعا ڪٽي وٺان."

چورن چڪارن ۽ مخالف مائٽن بنسبت عملدارن ڏانهن شڪايتن پريل درخواستن موڪلڻ جو گهڻو شوق هوندو هوس. لکيل پڙهيل ماڻهو هٿ اينديس تہ ڪانئس ڪانہ ڪا درخواست لکائي وٺندو. ان مقصد لاءِ خالي اڇا پنا هر وقت گهر ۾ موجود رکندو. درخواست مڏئجيءَ مان وجي ٽپال ۾ وجهندو، ۽ هميشه ٽي آنا ڏيئي رجسٽر ڪرائيندو. رجسٽر جي رسيد پٽڪي ۾ ٻڌيو پيو گهمائيندو، ۽ عام پڙها ڏيندو وتندو تہ

"فلاڻي کي درڪاش (درخواست) جي ٺوڪ ڏيئي آيو آهيان، درڪاش بہ رجيئڻ (رجسٽر) تي ويئي آهي، اجهي تا گهوڙا گهر تي اچنس."

سندس اهڙيءَ "هابيءَ" ڪري پاڙي جا ماڻهو ڪانئس گهڻو ڊڄندا هئا - چوندا هئا: "سائينداد کان پاسو ڪجي، وڏو ڦشادي (فسادي) ماڻهو آهي."

اچا لٽا نہ پائيندو هو، ڇو تہ انهن جي ميري ٿي وڃڻ جو امڪان نظر ايندو هوس. جوڙي يا بافتي مان ٺهيل گوڏ ۽ چولو پائيندو هو، سو بہ نيروٽيءَ ڪان رڱائي، گهڻو ڪري موڱي رنگ تي. چوندو هو: "نير ۾ رڱيل ڪپڙا ڏاڍا تين تا." بشرط ضرورت شرعي. حجامت سال ۾ هڪ - اڌ دفعو.

## سڪيو

سُڪئي مرحوم ڏانهن مٿي هڪ جاءِ تي اشارو ڪيو اٿم. جوانيءَ ۾ اچي مون ساڻ سنگت رکيائين. صورت ۾ مردانہ حسن جو اعليٰ نمونو هو، ۽ همت ۾ پڻ مڙسن جو مڙس. هڪ دفعي مون تي هٿياربند دشمنن حملو ڪيو. اسين جوئر جي پوک ۾ هئاسين. دشمن چئني طرف کان ڪڙو ڪري آيا. سڪئي مون کان بندوق وٺي پنهنجي هٿ ۾ ڪئي، ۽ مون کي چيائين تہ "تون پريان گاهہ جي ڏڙي ۾ وڃي لڪ، آءٌ توکان پري وڃي بندوق جو نڪاءُ ڪريان ٿو. دشمن سڀ اوڏانهن مارو ڪندا، آءٌ بہ ڪين بندوقون هٽندو رهندس، نيٺ مون کي تہ ماري وجهندا، پر ان گوڙ ۾ توکي ڪڙي مان نڪري ٻاهر ڀڃي وڃڻ جو وجهہ ملي ويندو."

ٿيو بہ ائين، فرق صرف هيءُ ٿيو تہ سڪئي جي حياتي بہ بچي ويئي. سندس نڪاءُ ٻڌي، دشمن جي دل دهلجي ويئي. هٿيار ڦٽا ڪري اچي سڪئي وٽ پهتا. سڪيو ڳالهين ۾ ڪين ريجهايو بيٺو رهيو، جيستائين آءٌ ميدان مان نڪري وڃي سلامتيءَ واريءَ جاءِ تي پهتس.

ڪيڏانهن سفر تي وڃڻ جو اتفاق ٿيندو هو تہ منهنجن ڪتابن جي پري سڪئي ڪي مٿي تي ڪٽڻي پوندي هئي. ڪتابن کان سواءِ منهنجو ڪيڏانهن وڃڻ ناممڪن هوندو هو. مون لاءِ ڪتابن جو مطالعو کاڌي کان وڌيڪ اهميت رکندو هو. ٻيا ماڻهو سفر تي نڪرندا هئا تہ خوراڪ ۽ ڪپڙن جو انتظام ڪري هلندا هئا، آءٌ فقط ڪتاب کڻندو هوس. سفر وڏو هوندو، تہ ڪتابن جي ڳوڻ پرجي هلندي، جا سڪئي مرحوم ڪي کڻڻي پوندي هئي. اها ڳالهہ ڪيس ڏاڍي ڏکي لڳندي هئي. چوندو هو. "هيترا ڪتاب پڙهي، خبر نہ آهي تہ ڪڏهن وڃي غَذا ڪندين، بہ ڪتاب پڙهي ماڻهو مولوي ٻڻجي پون ٿا. تون تہ پنارڪون پڙهي بہ اجا پڙڪو ڪونہ پيو ڪائين."

اڪيلائي هوندي تہ سنهي سر ۾ پيو ڪافيون جهونگاريندو. هڪ ڪافيءَ سان خاص چاهہ هوس:

"سسئي بيٺي سڏ ڪري، منهنجي پارت ڪجو تہ پنهل ڪي!"

هڪ دفعي آءٌ آڏيءَ رات ٻاهر اچڻو هوس، پاڻ سيهڙ ماري پچائي رکيائين. آءٌ واپس آيس تہ اُهو پڪل سيهڙ (سهو) آڻي منهنجي اڳيان رکيائين. آءٌ سارو سيهڙ کائي ويس، باقي فقط هڏا پليٽ تي پيا رهيا. مون کي اها خبر ٿي کانہ هئي تہ ڪو سڪيو پاڻ بہ بکيو ويٺو آهي، ان آسري تي تہ آءٌ سيهڙ جو ڪو ذرو بچائيندس جيڪو پاڻ کائيندو. سيهڙ جو منهنجي هٿان مڪمل خاتمو ٿيل ڏسي، هڪ حاضرين سڪئي کي چيو:"سڪيا فقير، تو تہ سيهڙ جي آسري ۾ ماني بہ کانہ کاڌي هئي، هينئر ڇا ڪندين؟"

جواب ڏنائينس:

"مون کي ڪٿان هو سيهڙ جو آسرو؟ اڳيان بہ پيراڻو پيٽ هو، جنهن ۾ سارو زمين زمن سمائجي سگهيو ٿي، سيهڙ جي کهڙي مجال هئي. پيرن اڳيان سارو اُٺ پچائي آڻي رکو، تہ بہ ذرو نہ ڇڏيندس پوئتي."

ماڻهو پيرن کي ڪارائيندا فراخدليءَ سان هئا پر ساڳئي وقت اهو بہ پيا محسوس ڪندا هئا تہ سڳورن جي اشتها ۽ شڪم جي وسعت عام ماڻهن کان گهڻو زياده واقع ٿي آهي.

سڪئي مرحوم جي والده پڻ پنهنجي پٽ وانگر جان نثار ڪندڙ عورت هئي. سالن جا سال گهران ڪائي منهنجي ۽ منهنجن ٻارن جي خدمت ڪندي

رهي. الله تعاليٰ ٻنهي جي روح تي رحم فرمائي. اِهي اُهي انسان هئا، جي محبت ۽ وفا جو معاوضو طلب ڪونہ ڪندا هئا. سنڌن محبت محبت خاطر هوندي هئي، نہ ڪنهن لوڀ لالچ لاءِ.

## ڀوت خروس

هڪ ٻيو ڳوناڻو ڪئريڪٽر بہ نگاھہ جو مستحق آهي.

ڀوت خروس جي واندي منهنجي ڳوٺ کان ميل - ڏيڍ پنڌ تي هوندي هئي. پنهنجي واندي تي سواءِ ذاتيائي ٻروچن جي ٻئي ڪي ويهڻ ڪونہ ڏيندو هو. هونئن بہ اهو عام دستور هوندو هو ٻروچن جو. ٻيلن جي اندر يا ٻيلن جي وٽ سان وانديون ٺاهيندا. جيڪڏهن هڪ - اڌ ڇپر هوندن تہ اُن کي "پاڙ" سڏيندا. ٻيءَ ذات واري ماڻهوءَ کي پاڙ وٽ يا پنهنجي ويجهو هرگز گهر ٺاهڻ نہ ڏيندا. سنڌن ڌنڌو هوندو هو چوپايي مال، خاص طرح سان مينهون، جي "ٻڌي ڇوڙي". ان اصطلاح جي معنيٰ هئي - مال جي چوري، چورايل مال جي پرداخت، ۽ ڀُـنگ (يعني رقم) وٺي چورايل مال ڀاڳئي (يعني مالڪ) کي موٽائي ڏيڻ. اصلي چورايل مال عيوض ٻيو مال ڏيندا تہ اُن کي "ويڳو مال" سڏيو ويندو. سنڌو درياھہ جي ٻنهي ڪنارن سان، ڪشمور کان وٺي ڪوٽڙيءَ تائين ان قسم جون ٻروچن جون دڙيون يا پاڌاريون پکڙيل هونديون هيون. اهي پاڌاريون چوري ٿيل مال جي پاڙ ۾ ڏي - وٺ ڪنديون رهنديون هيون. پنجاھہ يا سؤ ميل پري وڃي مال چورائيندا. اُن مال کي زات جو درياھہ ۾ وجهي، پاڙ سيڌاهن تي چڙهي، ان کي تاريندا، آڻي پنهنجي پاڌاريءَ يا پاڙ وٽان ٻاهر ڪڍندا. ٿڌيءَ ڪوسيءَ جي ڪا پرواھہ ڪانہ هوندي. سياري جي ڇمنڊڙ پاري وارين راتين اندر بہ پيا درياھہ ۾ ترندا. جيڪڏهن بنھہ ٿڌ محسوس ٿيندين تہ ڇانيي جو تيل جسم تي مکي ڇڏيندا. نہ وري مانيءَ جي ئي گهڻي طلب هوندين - وڌ ۾ وڌ، تہ بہ جوئر جي مانيءَ جا ٽُڪر ۽ مُستيءَ جي مُٺ بوڇڻ ۾ ٻڌي، مٿي سان مولهو ڪري، لڙهندا هلندا. جت بہ بک ورائيندين تہ اهي ٽڪر ڇوڙي چٻي ڇڏيندا. رات جيئن اونداهي، تيئن ٻيو ڪين مزو ايندو. چانڊوڪين راتين کي پنهنجي ڌنڌي لاءِ سخت مضر سمجهندا. ٻروچن جون ڪيتريون ذاتيون محض ڪم ئي اهو ڪنديون هيون. مثلاً خروس، تڙت، شر، جتوئي، ڪوسا، چانڊيا، ٻنگلاڻي ۽

ٻڙدين جا مختلف پاڙا. ٻروچن جي چوراڪاريءَ جي ڌنڌي اندر اهي ڪامرانيون ڏسي، ڪيترين غير ٻروچ ذاتين بہ اهو ڪاروبار شروع ڪري ڏنو هو - مثلاً ناريجا، ڪلهوڙا، جوڻيجا، ابڙا، وغيره.

پوٽ خروس، پنهنجي ڪتنب اندر، ”مهاندو مڙس“ ليکيو ويندو هو. مون ڪيس سندس پڇاڙيءَ واري زماني ۾ ڏٺو. اُسي کن ورهين جي ڄمار ڪي پهچي چڪو هو. سنهو، قداور، ڏاڙهي دن ڪان بہ هيٺ پوندي هيس. اکيون هميشه ڳاڙهيون هونديون هيس. چوندا هئا تہ ڀنگ ڪثرت سان پيئندو هو. گهوڙي جي سواري ڪندو هو. ٻروچن جي دستور موجب، ڪپڙا فقط سفيد پهريندو هو، نہ رنگين، نہ ڪومان. سندس ضد ۽ سختدليءَ جون ڪهاڻيون ڏاڍيون مشهور هونديون هيون. چوندا هئا تہ جنهن جو دشمن ٿيو، ان جو سر وڍائي ڇڏيائين. پنهنجيءَ قوم جي ڪيترين عورتن کي جن تي سياهڪاري جو شبهو هوس، بيهي خون ڪرايائين. ڪنهن زميندار مٿس بدمعاشيءَ جو بيان ڏيئي ڪيس تڪليف هيٺ آندو، تہ ساري ڄمار ان جو سڄڻ نہ ٿيندو، بلڪ اوچتو منهن پئجي ويندس تہ پنهنجي منهن کي پڳ جي پلاند سان ڍڪي ڇڏيندو ۽ ڏند ڪوڙي چوندو رهندو: ”ويري آهي ويري، ڪارو ڪارو، ٻوٽيون ڪاوانس، رت پيئانس، هڏا ڇپيانس.“

پوٽ کي ماڻهو سچو مهاندو سمجهندا هئا، ڇو تہ هو انهن سمورين روايتن کي قائم رکيو آيو، جيڪي مهاندن ٻروچن سان وابستہ هونديون هيون. اهو واقعو آهي تہ چورن ۾ بہ اخلاق Honour ٿئي ٿو، جنهن کي هو ڪنهن بہ قيمت تي هٿان نٿا ڇڏين. مثلاً، سنڌ جي مهاندن ڪاٺڪن، يا چورن جا ”رول ريگيوليشن“ ملاحظو فرمايو:

1. چوريءَ جي حالت ۾، پاڳيو قرآن شريف کڻي وٽن لنگهي آيو، تہ هڪدم چوريءَ جو اقرار ڪري ڏيندا. قرآن شريف ڏسي ڪوڙ نہ هڻندا.
2. آيل قرآن شريف تي رنگين ڪپڙي جو پڙ يا غلاف چاڙهي پوءِ واپس ڪندا - گهٽو ڪري مصري، ڪند، يا پتاشا بہ ورهائيندا.
3. هلندي جهيڙي اندر ڪنهن شخص آڻي قرآن شريف وچ ۾ جهليو، تہ جهيڙو هڪدم ختم ڪيو ويندو، ۽ غير مشروط طرح.
4. ميڙ طور، سيد پير در پيهي آيو، تہ ان جي عزت بہ قرآن شريف جهڙي ٿي ڪندا. اُن جو چيو نہ موٽائيندا. ڪيس نذر نياز پڻ ڏيئي روانو ڪندا.

5. ان جُوءِ جي سيد يا فقير جي شي کي هرگز هٿ نہ لاهيندا.
6. ڌاريءَ عورت ڏانهن اکيون کڻي نہ ڏسندا - ڳالهائڻو پوندن، تہ بہ "ادي - امان" ڪري، ۽ وڏيءَ عزت سان.
7. گهڻو ڪري پاڙي مان چوري نہ ڪندا - بلڪ پاڙيوارن جي مدد ۽ حفاظت ڪندا رهندا.
8. ڪنهن تي چغلي هڻندا. ڪا گهٽ - وڌ ڳالهہ ڏسندا تہ سنگتي ساٿيءَ، پاڙي واري يا واقف تان "پن نہ ڪڍندا".
9. ڪا عورت بدپيشي ٿي تہ اُن کي "ڪاري" ڪندا (يعني "ڪاري" ڊڪلئر ڪندا)، ۽ اُن کي ۽ اُن جي يار کي خون ڪري ڇڏيندا، ۽ پوءِ اچي پاڻ پوليس کي اطلاع ڏيندا.
10. ڪا ڪاري عورت يا ڪارو مرد ڪنهن ٻئي شخص جي هٿان قتل ٿيو، تہ ان جي خلاف چغلي نہ هڻندا، نہ ان جي ابتڙ شاهدي ئي ڏيندا، پوءِ ڪري مقتولہ يا مقتول سان ويجهڙي ڪان ويجهڙي مائٽي ئي ڇو نہ هوندين.
11. ڪو چور سنگتي ڪنهن مقدمي ۾ ڦاسي پين، تہ ان جي مدد ڪندا. ڪيس خرچ لاءِ پئسا ڏيندا، سندس لاءِ وڪيل ڪندا، ڪيس جي شنوائي ٿيندي تہ ان تي وجي موجود ٿيندا، ملزم حوالات ۾ هوندو تہ پوليس وارن کي پئسا ڏيئي ساڻس ملاقات ڪندا. گهڻو ڪري بيڙيون ۽ ميوو بہ کيس ڏيندا. مسڪيني حال هوندن، تہ بہ گهران مکڻ ۾ اُڦراٽو پچائي، بوچڻ ۾ ٻڌي، کڻي ويندا، ۽ ملاقات وقت کسڪائي کيس ڏيئي ڇڏيندا. ڏنڊ پوندس تہ چندو ڪري ڏيندس، ڇٽي ايندو، تہ "مبارڪيءَ" جا رپيا ڏيندس.
12. پنهنجي قومي سردار (جنهن کي "لٽ سردار" بہ چوندا) جا فرمانبردار ٿي رهندا. سندس ڪٽ تي هٿ رکي، جا ڳالهہ ڪندا، سا ڪوڙ کان خالي هوندي. سردار جيڪو فيصلو ڪندو، ان جي تعميل ڪندا. چندو گهرندن، يا ڏنڊ طور ڇَٽي رکندن، تہ پري ڏيندا. سردار سان ڪنهن جو جهيڙو يا مقابلو ٿي پيو، تہ سندس ڪوٺ تي سرُ ترِيءَ تي کڻي وجي وٽس موجود ٿيندا.

13. پنهنجي پڳ ۽ ڏاڙهيءَ جي عزت ۽ حفاظت پنهنجي سِر کان وڌيڪ ڪندا. ڏاڙهي ڏيئي واعدو ڪيائون تہ ان کي ضرور پاڙيندا. ڪنهن پڳ يا ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وڌن تہ ان جو سِر وڍي ڇڏيندا.

14. ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي عورت (جنهن کي "ننگ" سڏيندا) آڻي سندن گهر ۾ ڇڏي، تہ ان کي "سام" سمجهندا ۽ ان جي حفاظت پنهنجيءَ جان سان ڪندا. مري ويندا، پر اها عورت ڪڏهن ڪي نہ ڏيندا - چوندا، "سامن تي سِر آهن!"

15. هڪبئي جي گهر ڏانهن نہ تڪيندا. گهوڙي تي چڙهيل هوندا تہ گهر کان پري گهوڙي تان لهي پوندا.

16. انتقام ۽ بدلي نہ وٺڻ کي سخت نامردي تصور ڪندا. خون جو عوض ضرور خون سان ئي ٿيندو. پيءُ انتقام وٺي نہ سگهيو، تہ پٽ، پوٽو، بلڪ پوٽي جو پوٽو بہ انتقام وٺڻ جي ڪوشش ڪندو ايندو.

17. جنهن سان دشمني ٿيندي، ان جي گهر جي ماني نہ کائيندا. "نمڪ کائي" وڙهڻ ڪمينن جو ڪم سمجهندا.

18. هر مهيني جي يارهين تاريخ، ميهاڳ مان ايندڙ سارو ڪير حضرت غوث الاعظم شيخ عبدالقادر گيلانيءَ جي نيت ورهائي ڇڏيندا.

19. آئي وئي، مسافر مَڙي کي ڪُليءَ دل سان پيا ماني ٽڪر کارائيندا. پاڻ بک تي بہ ويهي رهندا، پر مهمان کي بکيو وڃڻ هرگز نہ ڏيندا.

20. پنهنجي پاڙي مان هڪ شخص کي پنهنجو "مهاندو" مقرر ڪندا، جنهن جي اڳيان نہ ڪوڙ ڳالهائيندا، نہ ان جي راءِ کي ئي ريٽيندا.

پوءِ انهن اصولن جي ساري عمر پوئواري ڪئي، جنهنڪري سندس عزت قائم رهي.

## ليلومل

عام چوٽي هوندي هئي تہ "واڻيو ڳوٺ جي سونهن آهي". جنهن ڳوٺ ۾ واڻئي جو هٽ نہ هوندو، ان ڳوٺ کي نہ مڪمل سمجهيو ويندو، نہ ان جي رهاڪن کي سکيو سنابو. "واڻئي" جي معنيٰ هوندي هئي ٻهراڙيءَ جو هندو ننڍو دڪاندار.

ڳوٺ جي "واڻئي" سان ڏاڍائي ڪرڻ يا ان ڪي نقصان پهچائڻ يا ان جي مذهبي ضرورتن ۽ روايتن جو لحاظ نہ رکڻ، نامردي ۽ خسيسپڻو سمجهيو ويندو هو.

ساڳئي وقت "واڻيا" بہ ڪن خاص حدن اندر پيا رهندا هئا. سنڌن ڪم ڪم سان، يعني پنهنجي واپار سان هوندو هو. ٻين معاملن ۾ مداخلت ڪانہ ڪندا هئا. هميشہ هيٺانهين ونيو پيا هلندا. پاڻ کي "ڪچيءَ پنڊيءَ" سان مشابهت ڏيندا. معزز مسلمان کي ڏسندا تہ نوڙي سلام ڪندا. گڏھ يا گهوڙي تي چڙهيل هوندا تہ هيٺ لهي، رستو ڇڏي بيهي رهندا. قرآن مجيد جي اهڙي ئي عزت ڪندا، جهڙي گيتا جي. قرآن مجيد ڏسي، ڪڏهن ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندا. مسجدن ۾ راتين جو ڏيئا ٻاري رکندا. پير سيد کي پيرين پئي گڏبا. مهيني جي يارهين، جنهن تاريخ کي حضرت غوث الاعظم سان نسبت آهي، مسلمانن کان بہ وڌيڪ ملهائيندا: اولھ ڏانهن نہ پيرُ ڊگهو ڪندا ۽ نہ ان پاسي ڪٺ جا پير ئي ڪندا. سوئر جي گوشت کي مسلمانن وانگر حرام سمجهندا.[1] سارو سال مسلمانن کي اوڌر کٽائيندا رهندا، ۽ سال جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن ديرو ٻڌائي ٿيندو، تڏهن ئي پنهنجي رقم وصول ڪندا. سنڌن لباس بہ سنڌن روش جهڙو ئي سادو هو. مردن کي پير ۾ جوتو يا گهيتلو، هيٺتي ڌوتي، جسم تي لنڊو چولو، چولي اندر جٺئي جو ڌاڳو، مٿي تي معمولي پرت سان ڪپڙي جي ننڍي ٽوپي يا مختصر پڳڙي. زالون هيٺتي پڙو، جسم تي پريل ڳچيءَ سان چولي، ۽ مٿي تي اچو رئو پائينديون. سواءِ پنهنجي اولاد يا پنهنجن ننڍن جي، ٻين سڀني مردن جي اڳيان منهن ڍڪي هلنديون، حتاڪ گهر ۾ پنهنجن مڙسن اڳيان بہ گهُنڊ ڪنديون. جوان زالون گهرن اندر پردي جي حالت ۾ رهنديون، سواءِ ڏڻ وارَ يا شاديءَ غميءَ جي، ڳوٺ جي وڏيري جي گهر ۾ بہ نہ اينديون. منجهانئن غير شادي شده نڪ ۾ پاسي ڏانهن ننڍي بولي پائينديون. شادي شده سڌو بولو پائينديون، جيڪو مٿئين چپ جي مٿان لڙڪندو رهندو. ڪنن ۾ حيثيت آهر چانديءَ يا سون جا پنڙا.

مسلمان ڳوناڻن جي مقابلي ۾، هندن کي پنهنجن گهرن ۽ دڪانن يا هٽن کي صاف رکڻ جو وڌيڪ اونو هوندو هو. هفتي ۾ هڪ - اڌ دفعو ساري فرش

[1] جنهن ٻڪر يا ليلي کي مسلمان ذبح نہ ڪيو هوندو، ان جو گوشت نہ کائيندا. پاڻ پنهنجن هٽن سان "تڪبير" ڪڏهن نہ وجهندا.

تي نٿون ليپو پائيندا. ڏياريءَ جو ڏڻ ايندو تہ پتين کي چوني جو هٿ ڏيندا ۽ انهيءَ تي ڳاڙهي رنگ سان پنهنجن ديوتائن جون مورتون ڪيندا. وهنجندا هر روز، منجهند کان اڳ، جسم تي صابڻ جي جاءِ تي ميٽ مکيندا. سيارو هوندو تہ وهنجڻ کان اڳ بدن تي سرنهن يا ڇانيي جي تيل جي مالش ڪندا. غسل گهر کان ٻاهر رستي تي ڪندا. پاٽي متي تي پرٽائيندا. ”رام رام“ چوندا ۽ هلندا رهندا، جيئن غسل جو پاٽي هڪ جاءِ تي جمع ٿي، گپ نہ ڪري وجهي. ڳوٺ جي پر ۾ واهہ هوندو يا ڪا ڍنڍ يا ڍورو يا ڪڏ. تہ علي الصباح وڃي ان ۾ پوندا. حساب ڪتاب ڪاٺ يا پاڻي جي ڦرهين تي لکندا، ”هندو سنڌي“ اکرن ۾. ”عربي سنڌي“ اکر ڪين گهٽو ڪري ڪين ايندا هئا، پر منجهانئن جن اسڪولن ۾ پڙهيو هوندو، سي بہ پنهنجو حساب لازماً ”هندو سنڌي“ رسم الخط ۾ ئي لکندا. چني چپاتي پڻ هڪڙي ڏانهن ”هندو سنڌي“ ۾ لکندا. اڄ تائين ڪنهن شايد اها تحقيق ڪانہ ڪئي تہ اها مخصوص ”هندو سنڌي“ ڪڏهن کان شروع ٿي. ڪنهن ڳوٺ اندر هندن جا ٻہ - چار گهر هوندا تہ اُت مڙهي بہ ناهيندا، جنهن ۾ ديوتائن جون مورتون رکيل هونديون ۽ اُت پاٺ پوڄا لاءِ وقتاً فوقتاً ويندا رهندا. سُکائون ۽ باسون گهڻو ڪري مسلمان درگاهن ۽ پيرن تي ئي باسيندا. ڪنهن مسلمان پير جي درگاهہ يا مزار تي ميلو لڳندو، تہ هندو بہ ان ۾ انتهائي خلوص نيت سان وڃي شريڪ ٿيندا. چوندا هئا: ”الله جي پيارن، چڱن موچارن ۾ سيني جو حصو ٿئي ٿو. پير ڪنهن ورهائيا ڪين آهن!“

ان عام تصوير کي سامهون آڻڻ کان پوءِ، ليلي مل جو قصو عرض آهي.

سرڳواسي اسان جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. مون ڪيس سندس پڇاڙيءَ واري زماني ۾ ڏٺو، جڏهن پوڙهو ٿي چڪو هو. ڪيس جوان پٽ بہ هوندا هئا، پر هٽ جو ڪاروبار پڇاڙيءَ تائين پاڻ هلائيندو رهيو. ڪاروبار تمام مختصر هوس، ساري هَٽ اندر شايد ڏهن ربين جي موڙيءَ جو سامان بہ ڪونہ رکي سگهندو هو.“هٽ ۾ هوندو ڇا هوس؟ تيل جو سير - اڌ، گاسليٽ جو شيشو، چانورن، ڪٽڪ، جوئر ۽ ٻاجهريءَ جا ٻہ - ٻہ سير، لوڻ، مرچ، ڏاٽا، گيهہ جو سير - سوا، ناس، تماڪ، ماچيس، سُتيون، سڻ جا ڏاڳا، لالٽين ڇاپ سگريٽن جا ٻہ - ٽي پاڪيٽ (ان قسم جي سگريٽن جو هڪ پاڪيٽ انهن ڏينهن ۾ هڪ پئسي ۾ ملندو هو)، متي يا ڏاڙهيءَ ۾ وجهڻ لاءِ مينديءَ جي پنن جا ٻہ - ٽي ٻڪ، ۽

مڪتب جي شاگردن ۽ استادن جي دفتري ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ فلوسي پنن جو هڪ دستو موجود رکندو هو. ۽ هڪ پئسي ۾ هڪ پنو پيو وڪڻندو هو. ان کان سواءِ ٻارن جي واپرائڻ لاءِ ڪجهہ پيون "شيون شڪليون" بہ موجود رکندو هو: مثلاً منائي، پکڙا، جوئر جا ڦلا وغيره وغيره.

ليلي مل جي هڪ ڪمزوري سندس هَٽ جي سمورن گراهڪن کي معلوم ٿي ويل هئي. هو الله تعاليٰ جي نالي ٻڌڻ سان ڏڪي ويندو هو. گراهڪ ڪانئس پهرين سودو تورائي پنهنجَي هٽ ڪندا، ان کان پوءِ چوندس "ليلا مل، سودو تہ ڏنئہ، پر خبر نہ آهي تہ اگهہ ڪهڙو ڏنئہ. ۽ تور ڪيئن بيهاريئہ. ڏٿيءَ کان ڊڄجانءِ!" ڏٿيءَ جو نالو ٻڌڻ ۽ ليلي مل جو ڪنبڻ. ڊوڙي وجي ساڳيءَ شيءِ مان وڌيڪ ہ ٻُڪ پري آٽي گراهڪ جي جهوليءَ ۾ وجهندو! اسان ليلي مل جي هٽ جي پاسي ۾ مڪتب ۾ پڙهندا هئاسون. مڪتب مسجد شريف ۾ هوندو هو. خرچيءَ طور روزانو بہ پئسا ملندا هئا. اهي کٽي وجي ليلي مل وٽ رسندا هئاسين. شي وٺڻ کان پوءِ چوندا هئاسونس:"ليلامل، ڪجهہ ڏٿيءَ جو بہ خوف ڪر. تڪي ۾ چا ڏنو اٿئي؟" جيتري شي تڪي ۾ پهرين ڏني هوندائين، ان کان سوائي هينئر آٽي اسان کي ڏيندو. اسين پنهنجي ڪاميابيءَ تي کلندا. شي کائيندا، موٽي اچي مڪتب ۾ رسنداسين. ان خصوصيت سبب ليلومل نفعو گهٽ ڪمائي سگهيو. ۽ هٽ جي آمدنيءَ مان سندس گهر ٻار جو پلجڻ مشڪل ٿي پيو. پڇاڙيءَ ۾ تيل پيڙهڻ جو گهاٽو بہ چالو ڪيائين. جنهن مان ڪجهہ قدر ڪمي پوري ٿيندي رهيس. گهاٽي جي ڏاند سان گڏ ڪيس هلندو ڏسي، ماٺهو ٺوڪون ڪندا هئس: "ليلا مل، هاٽي گهاٽي ۾ پيو ڏاند وانگر وهين؟"

وراٽي ڏيند هو:"ميان، يار پيو تو گهاٽي سان گهمائي. جا وٺيس سا واه! اهو بہ شڪر آهي، جو گهاٽي جي ٻاهران پيو گهمائي. جي خود گهاٽي اندر وجهي پيڙهائي ها تہ ڪيس ڪير چوي ها؟" ائين چوندو، ڏاند جي پنيان هلندو رهندو.

ڏياريءَ واري عيد ايندي، تہ ليلي مل لاءِ قيامت ڪڙي ٿي ويندي. شهر جا سمورا ٻار خالي نڪر جا ڏِيئا کٽي وجي سندس هٽ تي جمع ٿيندا: "ليلا مل ڪکڙا ڏي، تيل ڏي، ڦتاڪا ڏي، سوسڙيون ڏي". "ليلي مل، حتي الوسع اهي وٺون منجهن ورهائيندو ويندو. جڏهن سامان هٽ مان ڪُٽي ويندس، تڏهن ڇوڪرا مشعلون ٻاري هلندا، پر هلندي هلندي، سندس احسان جو بدلو هي ڏيندا ويندا، چي:

"عيد مشعالو، ليلي جو منهن ڪارو!"

ليلومل پاڻ کلندو رهندو، چوندو:"ڇوڪراٽي پوتي، ڏوتي نہ ڏوتي!"

سندس وڏي پٽ، هڪ ڏينهن، ڪيڏندي ڪيڏندي، شهر جي هڪ گابي کي ماري وڌو. وڏو پاپ جهڙو ڪم تي پيو! ڇوڪري کي ڪٺي وڃي ٽڪاڻي ۾ چڏي آيو، جتي ساري عمر بطور ساڌوءَ جي گذارڻي پيس، ۽ وڏندي وڏندي وڃي پير ڳوٺ جي مرڪزي ٽڪاڻي جو مکيہ ڀائو بڻيو. ليلي مل پاڻ پٽ جي ان پوزيشن مان بہ ڪڏهن فائدو ڪونہ ورتو. چوندو هو، "ساڌن فقيرن کي ڏبو آهي، کائڻ ونبو نہ آهي".

قرض ڪٽائيندو هو تہ ڪاڻ جي ڦرهين تي حساب لکندو ويندو هو. هڪ دفعي کي مقروض چور سندس سموريون ڦرهيون ڪٺي ويا. پاڙي وارا همدردي ڪرڻ آيس. پاڻ چيائين:"چڱو ٿيو. پنهنجي بہ جان ڇڏايائون ۽ اسان جي بہ! ڪين چنتا هوندي هئي قرض ڏيڻ جي، ۽ اسان کي چنتا رهي ٿي رقم وٺڻ جي: هاڻي حساب جون ڦرهيون ويون تہ اهي چنتائون بہ لهي ويون. پل سندن ئي پت گهاٽو هجي!"

ليلي مل جي ڌرم پتني، مائي "مونوءَ ماءُ"، پڻ پنهنجي مڙس جهڙي ئي نيڪ نفس هوندي هئي. سندس ڪم هوندو هو صبح جو رستن تي ٻهاري ڏيڻ، جيئن ماڻهن کي پيرن ۾ ڪنڊا نہ لڳن، ۽ رات جو بلاناغي پر واريءَ مسجد شريف ۾ ڏيئو ٻارڻ. ۽ شب معراج ايندي تہ سڄيءَ مسجد ۾ ڏيئا ٻاري چراغان ڪندي. قرآن مجيد تي اڇي باسون باسيندي، حاجت پوري ٿيندس تہ حال سارو ڪپڙن جي پوتي ڪٺي آڻي قرآن مجيد کي پهرائيندي.

شهر ۾ ڪنهن کي ماتا نڪرندي تہ لولي ڏيڻ لاءِ "مونوءَ ماءُ" اچي موجود ٿيندي. ڌوتل اڇا ڪپڙا پائي ايندي. مريض کي صاف بستري تي سمهاريندي. فرش تبي واري وڇارائي، مٿانئس پاڻيءَ جي ڇٽڪار ڪرائيندي. گهر اندر گوشت جو اچڻ ۽ پچڻ بند ڪندي. پکو هٿ ۾ ڪري، پاڻ مريض جي پر ۾ ويهي لولي ڏيڻ شروع ڪندي:

"مائي ڏاڻ ڏيندي، پنهنجو پاڻ ڏيندي...

مائي پنهنجي گُلڙن کي پاڻي پاڻ ڏيندي."

مني سُر سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ اها لولي بہ هلندي رهندي ۽ پکو بہ ڦرندو رهندو. ماتا جا داغ سُڪي ويندا تہ ليمي يا نم جا پن پاڻيءَ ۾ وجهي، ان پاڻيءَ

سان مريض کي غسل ڪرائيندي. ان غسل کي "مٽي تي پاڻي وجهڻ" چوندي هئي. غرض تہ ساري ڳوٺ جي ماڻهن سان موٽوءَ ماءُ پٽي ڀال پلائيندي هئي.

عام عقيدي موجب، بهشت برين مخصوص تہ آهي مسلمانن لاءِ، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ ان جي ايڏين وسعتن اندر، ڪنهن ڪنڊ پاسي ڏانهن، جيڪڏهن اهڙي ڪنهن غير مسلم جوڙي لاءِ بہ ڪا گنجائش نڪري آئي، تہ رب العالمين جي شان کان بعيد نہ هوندو!

## پريو مرهيات

انگريزن آئي، سنڌ مان ٻانهن جو رواج تہ ختم ٿي چڪو هو، پر جن شخصن هڪ لڱا "ٻانهپ جي ٻولي" ڪري ڇڏي هئي، تن جا پويان بہ پشت بپشت، ان ٻوليءَ اندر ٻڌا رهيا - تَڙيون، تڙ نہ مَٽيندا، ڏڪيون، در نہ ڇڏيندا: جت جنم ورتائون، اتانهون ئي "اڻ ڏني ڏيهہ" روانا ٿي ويا. نہ ڇمندي لولي ٻڌي هئائون، نہ ڪڻ ڪهڻدي ئي پارن جا پرلاءَ نصيب ٿين! پر نمڪ جا ناتا، بدرجہ ألا، نباهيندا ويا.

پريي جو پيءُ ساڻي ڏٺيں. اسان جي ڏاڏي مرحوم کي بطور ٻانهي جي ورثي ۾ مليو هو. ساڻي مري ويو. پنهنجو پٽ پريو، ڇڏي ويو هو. پريي جو فرض ٿيو چوڪيداري، ۽ سندس ٺڪاڻو هو، ڪوٽ جي دروازي ٻاهران، ڪکائين جهوپڙي. ان جهوپڙي اندر جيئو. ان جهوپڙيءَ ۾ ئي مئو - وچ ۾ سٺ سال گذاري ڇڏيائين. ريل ۾ بہ مشڪل سان ٻہ يا ٽي دفعا چڙهيو. اوائلي زماني ۾ ڪنهن هڪ دفعي ڏاڏي مرحوم سان گڏ بمبئي ۽ پوني جو سفر ڪري چڪو هو. ۽ پوءِ تہ ساري عمر اتانهون جا قصا پئي بيان ڪيائين. بمبئيءَ کي "مبئي" سڏيندو هو، ۽ "مبئيءَ" جي ڪسوٽيءَ تي ئي پيو هر واقعي، هر معاملي کي تڪيندو توريندو هو. "اڄ تہ پوني جهڙا تذڪار ٿي ويا آهن"، "اهڙي ڳالهہ تہ مبئي ۾ بہ ڪانہ ٻڌيسين"، "مائي حرمت بہ ائين پئي ٿليءَ جو جڻ مبئيءَ جي ڪراڦٽ (ڪرافورڊ) مارڪيٽ جو سير پئي ڪري"، "مائيءَ نازيءَ اڄ اهڙو سينگار ڪيو آهي، جو جڻ هاٿي تي مبئيءَ رواني ٿئي"، "رمضان ٻير اهڙو پيپ وڏو آهي جو جڻ مبئيءَ جو ميمڻ پيو لڳي"، وغيره، وغيره.

ساري عمر شادي ڪانہ ڪيائين. طبيعت جو تيز هوندو هو، تنهنڪري ذات ضائفان پٽي سندس پاڇي کان ٿهندي هئي. البت مزاج ضرور مجاز آگين

هوس، جنهن جو اسين ڪافي فائدو وٺندا ٿي رهياسين. پريي جي هٿ ۾ اسان جي قسمت جون واڳون هونديون هيون. اسان جي خرچيءَ جي رقم سندس حوالي هوندي هئي، ۽ اهو سندس اختيار هو ته اسان کي روزانو، ٽڪو يا آنو، خرچي ڏئي يا مورڳو نه ڏئي. سندس ٻيو نمبر پاور اهو هو ته مڪتب جي وقت پوري ٿيڻ بعد اسان کي ڪوٽ اندر موڪلي ڏئي يا ٻاهر گهمڻ ڦرڻ ۽ راند ڪرڻ جي مهلت ڏئي. تنهنڪري، پريي کي راضي رکڻ اسان لاءِ سخت ضروري هو. پر، پريو راضي ڪيئن ٿئي؟

هڪ ڏينهن ڏٺوسين ته مائي ڪوڙي شيخياڻي دلا ڀرڻ کوهيءَ تي آئي، ۽ پريان پريو، بند تي چڙهيو، ڏانهنس مُنهن ڪريو ڀيو مڇون مروٽي. ٻه ـ چار ڏينهن وڌيڪ نظر رکيسين، جنهن بعد يقين ٿي ويو ته جنهن وقت ڪوڙي کوهيءَ تي اچي ٿي، ان وقت پريو به بلاناغي مڇون مروٽيندي اچي ٿو موقعي واردات تي موجود ٿئي.

پريي جي اها ڪمزوري معلوم ٿي ويئي، ۽ هينئر ان بنياد تي مستقبل جي ساريءَ پاليسيءَ جي پيڙهه رکي ڇڏيسين. مثلاً، ڪوڙيءَ جا ڪوڙا سلام آڻي ڪيس ڏيڻ، ڪوڙيءَ کي ڪنهن پاسي ويندو ڏسي، ڊوڙي اچي اها ڳالهه سندس ڪن تي وجهڻ، "ڪاڪوءَ ڪُتابيءَ" جي آنڊل خبر ته جنهن وقت پريو هٽ تي اچي ٿ و، ان وقت ڪوڙي ڪيس ڏسڻ لاءِ لڪيو اچيو پنهنجي پُٺيءَ ۾ بيهي ٿي، وغيره، وغيره ۽ جڏهن انهن خبرن جي قلعي کلڻ جو خطرو پيدا ٿيو، تڏهن ڪيس نئين ۽ وڌيڪ زوردار ڊوز ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿي. ڪيس چيوسين ته "صالح چاچڙ خبر ٻڌائي آهي ته مَنگين جو مُلان اهڙا تعويذ لکي ٿو جو مطلوب مِهري انڌي اونڌي ٿيو اچيو ڇيڪوءَ اڳيان ڪري!" تصديق لاءِ خود صالح پيش ڪيو ويو. صالح تي اهو بار رکيو ويو ته پريي ۽ ڪوڙيءَ واري معاملي لاءِ ملان کان تعويذ لکائي اچي. ڪجهه ڏينهن بعد صالح اچي قصو ڪيو ته "ملان چوي ٿو ته تعويذ سان گڏ پليدا يا پليتا به تيار ٿيندا. جن جي سڙڻ شرط مِهريءَ جي پيرن کي اهڙي ٻاهه لڳندي جو جيستائين ڇيڪوءَ سان نه ملندي، اوستائين اها ٻاهه نه اُجهامندس. پر پليدن تيار ڪرڻ لاءِ هنن شين جي ضرورت آهي: وڏي ڇٻري جا ڪن، سرڻ جون اکيون، سوندي جي ڇُهنب، ڪانءَ جي ڇپ، ٻگهڙ جي کل، گدڙ جون مڇون، ۽ خود مطلوب مهريءَ جا ٻه ـ چار وار."

ان "تعميري پلان" جي تڪميل جو فرض مون خاص پنهنجن ڪمزور ڪلهن تي هموار ڪيو. خود پريي کان فقط ايتري مدد گهري ويئي ته:

1. اسان جي روزاني خرچيءَ واريءَ رقم ۾ مناسب اضافو ٿئي، جيئن ان پلان جي "فنانشل سائيڊ" ڪچي سگهي.
2. ڪوٽ ڪان ٻاهر رهڻ، ۽ جهنگن جهرن ۾ گهمي ڦري انهن اٺليپ پکين ۽ جانورن کي هٿ ڪرڻ لاءِ سهوليت فراهم ٿئي.
3. 28 بور واريءَ بندوق جا ڪارتوس ڪافي انداز ۾ ملن، جيئن اهي جانور ماري سگهجن.

پريي سڀ سهولتون ڏيڻ قبول ڪيون: خرچي ٽَڪي مان وڌي ٻه آنا روز ٿي، ٻاهر گهمڻ ڦرڻ تان بندش لهي ويئي، جنهنڪري خوب شئل شڪار جا موقعا ملي ويا، ۽ ساڳيءَ طرح ڪارتوسن جي ڪمي پڻ ڪانه رهي، ڇو تہ بنگلي جون ڪنجيون پريي جي حوالي هونديون هيون.

ان مهم هلندي، پريي هڪ ٻي ڊيوٽي پڻ منهنجي سپرد ڪئي: اُها هيءَ هئي تہ منجهند ويل جڏهن گهر جا سڀ ياتي سمهي پون، تڏهن آءُ ڪسڪي ٻاهر نڪري اچان ۽ سندس اڳيان ويهي، "جانعالم ۽ انجمن آرا" [1] واري قصي جو هڪ باب ڪيس پڙهي ٻڌايان. ان قصي سان مرحوم جي ڏاڍي دلچسپي هوندي هئي. ڪتاب (گلخندان) جنهن ۾ اها ڪهاڻي لکيل هئي، هميشه پنهنجي پيتيءَ ۾ موجود رکندو هو، توڙي جو پاڻ هوندو اٽپڙهيل هو. جنهن وقت آءُ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪندو هوس، ان وقت پاڻ منهنجي پاسي ۾ "همہ تن گوش" ٿي ويهي رهندو هو. ڪو چست يا دل پِـڇائيندڙ جملو آيو تہ اکين مان پاڻي اچي ويندو هوس – ميچ هر حال ۾ مروٽيندو رهندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن "موڊ" ۾ هوندو هو تہ سنهي آواز سان "پيرل" جي ڪافين جا تلهہ بہ پيو جهونگاريندو هو: "خوش تو گذارين منهنجا پرين، عاشق تنهنجا آهن عذاب ۾."

درٻانيءَ کان سواءِ، ٻورچيءَ جو ڪم بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪرڻو پوندو هوس، جنهن فن ۾ تہ پنهنجو مثال پاڻ ئي هوندو هو. پريي جو رڌل پلاءُ ۽ دم پختو، ۽ تتر جي سيخ مشهور هوندا هئا. ڏاڍي مرحوم جا جيڪي بہ دوست ايندا هئا، تن کي پريي جي رڌل طعام کائڻ کان سواءِ آرام نہ ايندو هو. حقيقت بہ اها هئي تہ جا لذت سندس هٿ جي رڌل شين ۾ هوندي هئي، تنهن جو مثال ڪونہ هوندو هو.

---

[1] ڪتاب جو نالو هو "گلخندان". ۽ مصنف هوس آخوند لطف الله.

پر وري بہ وڏو مدار "موڊ" تي هوندو هوس. مرحوم کي دم جي بيماري هوندي هئي، جنهنڪري طبيعت سخت غضبناڪ ٿي پئي هيس. ديڳڙن رڌيندي ڪا ناگوار ڳالهہ ٿي پئي تہ ديڳڙا لاهي اڇلائي ڇڏيندو هو. هڪ دفعي تہ خود ڪوٽ مٿان اڇلائي ڇڏيائين. هفتي ۾ بہ - ٽي دفعا پنهنجي رلهي رسيءَ ۾ ٻڌي، "نوڪري ڇڏي وڃڻ" لاءِ تيار ٿي ويهندو هو ۽ اعلان پيو ڪندو هو تہ:

"پير شاهہ [1] ٻاهر نڪري تہ اُن کي بہ اکر چئي، ساريءَ پونگيءَ کي ٻاهہ ڏيو وڃان ٿو. ۽ وري ٻهمڻ [2] ڏانهن جيٺري بہ منهن نہ ڪندس". پر ڏاڏو مرحوم ٻاهر ايندو تہ ان سان ڪو بہ اکر ڪڇي ڪونہ سگهندو. اُن کي ڏسي خودبخود رلهي ڇوڙي ويهي رهندو.

ساري عمر مرحوم جي اها حالت رهي: غصو ايندس تہ روانگيءَ لاءِ رلهي تيار ٿيندي، مانيءَ رڌڻ جو وقت آيو تہ رلهي ڇوڙي ويهي ماني رڌيندو. ۽ شام کان اڳ ڪاوڙ ختم.

سڄو گهر سندس نازبرداري ڪندو ٿي رهيو - خانداني ملازم هو. سندس حق اهڙا ئي هئا. جهڙا ڪنهن بہ ٻئي گهر جي ڀاتيءَ جا.

هڪ موقعي تي اسان ۽ پريي جو پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو. مون سندس هَجو ۾ نظم تيار ڪري، شهر جي ڇوڪرن کي سيکاري ڇڏيو. رديف قافيي جو ڪو سوال ڪونہ هو. مقصد مڙيوئي پريي کي چيڙائڻ ۽ تنگ ڪرڻ جو هو. نظم جو مهڙ -

پريا، اي ڇريا، اي ڪريا، اي خوار،
خبر رک ڪنگهندڙ خوار ۽ خراب -

ڇوڪرن ۾ ڏاڍو مقبول ٿي ويو. پريو جيڏانهن نڪري، پويان شهر جا ڇوڪرا وڏي آواز ۾ اهو "شعر" پڙهندا وڃن. پاڻ ڪاوڙجي پٺيان لٺ ڦيرائين. تہ سندس زد کان زوريءَ پڇيو وڃن - غريب ڏاڍو تنگ ٿيو هڪ دفعي باقاعدي "ڪرائسس" (crisis) اچي ويو. هڪ ڇوڪري (حمزي نالي شيخ) کي پٺسو خرچي ڏيئي پٺي ٽَنگن کي زور ڏياريائين. ڪيس اچا ننڍ ئي ڪانہ آئي هئي تہ ڇوڪري جي زبان تي بي اختيار نظم اچي ويو. جيڪو هو جهونگارڻ لڳو:

پريـــــا، اي ڇريـــــا، اي ڪريـــــا، اي خـــــوار!

---

[1] منهنجو ڏاڏو مرحوم.

[2] اسان جي ڳوٺ جو نالو.

بس، پوءِ تہ پريو بنهہ باهہ ٿي ويو. لت هٿي ڇوڪري کي ڪڍ تان هيٺ ڪيرائي ڦٽو ڪيائين. ڇوڪرو ڦتڙي اچا مس اُٿيو تہ پاڻ لت ڪٽي اچي پنيان پيس. ڇوڪرو اڳ ۾، پريو پٺ ۾! هلندي هلندي، ڇوڪري جي ماءُ، مائي الله جياريءَ جي باري ۾ پڻ ڪافي آزاد خياليءَ کان ڪم وٺندو ويو.

ڪجهہ عرصي بعد تڪرار جا سبب رفع ٿي ويا، جنهنڪري اسان نظر "وٽ ڊرا" ڪري ورتو. ۽ پريي جون حالتون موٽي درست ٿي ويون!

لباس بہ عجيب غريب پهريندو هو. سياري 'ساوڻ' هينتي گرم بريچز. ۽ جسم تي ڪوٽ، مٿي تي پشميني بالڪلاوا قسم جي انگريزي ٽوپي، هٿ ۾ لٺ، ڪيسي ۾ (دم جي علاج طور) ڌاتوري جي پنن مان ٺاهيل بيڙيون، ۽ ماچيس. سياري جي موسم ۾ ڏينهن رات باهہ جو مچ ٻاريو ويٺو هوندو هو. صبح جو تڙڪو نڪرندو هو تہ گهڙي پهر سج ڏانهن منهن ڪري ويهي لڳ ڪوسا ڪندو هو.

## استاد

"نصاري" جي ٻوليءَ، انگريزيءَ، لاءِ سنڌ جي خاندانن کي سخت ڌڪار هوندي هئي. نصارو پاڻ "دين جو دشمن"، سندس زبان "ڳٽ مٽ"، بقول علمائن سڳورن جي، دوزخ جي رهاڪن لاءِ ذريعہ گفتگو تجويز ٿيل هئي. خود هن دنيا اندر پڻ انگريزي سکڻ ڪري گهٽن ٿي خراب نتيجن نڪرڻ جو خطرو ٿي رهيو. مثلاً انگريزي پڙهيلن کي ڏاڙهي ڪوڙائڻي ٿي پيئي، جا ڳالهہ سنت سڳوريءَ جي سخت خلاف هئي ۽ حديث سڳوري صاف "بيٺل" هئي تہ "من تشبہ بقوم فهومنہ" انگريزي لباس پائڻ، جو انگريزي تعليم جو لازمي نتيجو ٿيٺو هو، سو ان کان بہ وڌيڪ ممنوع هو، خاص طرح ٽائي پهرڻ، جا نشان هئي صليب جو! ممڪن هو تہ وقت جا علماءَ سڳورا انهن گناهن تي بہ عفو جي نظر فرمائين ها، مگر انگريزي تعليم جو هڪ بيو نتيجو نڪتو ٿي، جنهن کي هو قطعاً برداشت ڪري ڪونہ ٿي سگهيا: يعني انگريزي پڙهيلن جو پتلون پهرڻ بعد بيهي پيشاب ڪرڻ، بغير "وَٽَ پچائڻ" ۽ بغير استنجا جي!

علمائن سڳورن جي اهڙيءَ تبليغ سبب سنڌ جي ڪنهن بہ "خاندان"، پنهنجن ٻارن کي جديد تعليم ڪانہ ڏني. ان خلاءَ جو فائدو هندن ۽ شهري يا هيٺئين درجي جي مسلمانن کي رسيو، جن پنهنجن ٻارن کي انگريزي پڙهائي

سرڪاري ملازمتن ۾ داخل ڪيو، ۽ اڳتي هلي، انگريز جي نالي ۾ سنڌ تي راڄ ڪيو، ۽ نہ فقط "خاندانن" بلڪ خود علمائن سڳورن ۽ سنڌن طريقۂ تعليم جو پڻ تڏو ڪڍي ٻاهر ڪيو.

"خاندانن"، پنهنجن ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ، خانگي مڪتب پنهنجن ڳوٺن جي مسجدن اندر کولايا. سنڌ اندر شايد ئي اهڙو ڪو ڳوٺ يا واهڻ هو، جنهن ۾ مسجد، ۽ مسجد اندر مڪتب نہ هوندو هو. پڙهائيءَ جو ڪم "ملان"، يا "آخوند"، يا "مولوي" صاحب جي سپرد هوندو هو. پڙهائيءَ کان سواءِ ڪيس پيش اماميءَ جا فرائض پڻ ادا ڪرڻا پوندا هئا جن کي عام زبان ۾ چيو ويندو هو "ٻانگ صلات (صلوات) ۽ روزو نماز" ڪرڻ.

علم جي لحاظ سان "ملان" ۽ "آخوند" جي گريڊن اندر ڪو گهڻو فرق ڪونہ هوندو هو. عام ماڻهو احتراماً "ملان" کي "آخوند" ئي سڏيندا هئا. "آخوند" عربيءَ کان قطعاً، ۽ فارسيءَ کان گهڻي حد تائين ناواقف هوندو هو. ٻارن کي فقط قرآن مجيد جو سبق ڏيئي سگهندو هو، بغير معنيٰ ۽ مفهوم سمجهڻ جي. البت نمازون پڙهائڻ، ٻانگون ڏيڻ، نڪاح پڙهڻ، مُردن کي ڪفن ڍڪائڻ ۽ ڪين "قرآن بخشڻ"، سندس ذاتي هٿ جو ڪرتب هوندو هو. وٽس هڪ ڪتاب موجود رهڻ لازمي هوندو هو: اُهو ڪتاب هوندو هو مجموعو خطن ۽ دعائن جو، ماستر هريسنگهہ سکر واري، يا پوڪرداس شڪارپوري، يا منن شاهہ حيدرآباديءَ جو ڇپايل. باقي علمي ڪاروبار يا درس تدريس جو ڪم محض دماغ جي سوجهري تي پيو هلندو هو.

آخوندن کي ماهوار پگهار ڪانہ ملندي هئي. سندن گذارو هوندو هو خيرات جي ٽڪر ۽ ششماهي ٻنئين وقت مليل "حق الله" جي ٽوپي تي. خيرات جي ٽڪر جو شرح هيءَ آهي: ڳوٺ جو هر حيثيت وارو گهر، شام ويلي، پنهنجن مئلن ياتين جي نيت، هڪ ماڻهوءَ جي خوراڪ جيتري ماني آخوند جي گهر موڪلي ڏيندو هو - ان طرح سان ملان جي گهر ۾ ايتريون مانيون گڏ ٿي وينديون هيون جو ورنڌڙ شام تائين خود سندس گهر اندر ماني پچائڻ جي ضرورت ڪانہ رهندي. "حق الله" جي ٽوپي جي وري هيءَ حقيقت هئي: هر فصل تي، ٻنئيءَ وقت، هر ٻارِ مان، هر خرار پنيان هڪ ٽوپو ڪڍيو ويندو هو، جو ملان کي ڏنو ويندو هو. ان طريقي سان ملان کي هر فصل جي موقعي تي، يعني سال ۾ ٻہ دفعا، ججهي انداز ۾ اناج ٻہ ملي ويندو هو.

"ملان" جي آمدنيءَ جا ڪجھ ٻيا ذريعا بہ هوندا هئا: مثلاً، دعائون تعويذ لکڻ، جن جي وسيلي سوالين جون ڪيتريون مشڪلون آسان ٿي پونديون هيون. ڳئون يا مينهن پورو کير نہ ڏيندي تہ ملان جي تعويذ جو "پليتو" ساڙي ٿڻن کي واس ڏيندس، ڪا "مِهري" ڇيڪوءَ کي هٿ نہ ڏيندي تہ ملان جو ڏنل تعويذ سندس اڳ - وڃ واري رستي تي زمين اندر پوريو ويندو، مڙس زال جو مطيع نہ ٿيندو تہ تعويذ پاڻيءَ ۾ ذوئي اهو پاڻي پياريو ويندس، زال کي ٻار نہ ٿيندو تہ تعويذ چيلهہ ۾ ٻڌڻو پوندس، ٻار کي روئڻ جي عادت هوندي تہ تعويذ مڙهي ڳچيءَ ۾ وڌو ويندس، ڪنهن شخص تي مقدمو ٿي پيو تہ تعويز وٺي پڳ جي پلاند ۾ ٻڌي ڇڏيندو، ڪنهن شخص کي پنهنجي دشمن کي ختم ڪرڻ جي ضرورت پوندي تہ ملان ان کي ميڻ جو بوتو ناهي، ان ۾ سُيون هڻي، سندس حوالي ڪندو تہ وڃي دشمن جي گھر اندر پوري، جيئن جيئن بوتو ڳرندو ويندو، تيئن تيئن اهو دشمن بہ نجهرندو ويندو (ان قسم جي ملان کي عرف عام ۾ ڪيترن لقبن سان سڏيو ويندو هو: "پوپو"، "ڪاريھر نانگ"، "واسينگ"، "ارڙ بلا"، وغيره، وغيره).

هڪ ٻئي فن جي وسيلي پڻ "ملان" کي ڪافي ڪمائي ٿِي ٿي سگھي. - يعني زوريءَ نڪاح وجهڻ، ۽ زوريءَ نڪاح ٽوڙڻ مان.

ڪا "رن جوءِ" نئين مڙس ڪرڻ تي راضي نہ ٿيندي تہ سندس عزيز قريب ڪيس ٻڌي گھر ۾ بند ڪندا، ۽ "ملان" کي سڏائي، سندس نڪاح ڪنهن شخص سان پڙهارائي ڇڏيندا. عورت پل دانهون ۽ انڪار ڪندي رهي، پر ملان نڪاح پڙهي وڃي ٻاهر پوندو. نڪاح ڪان پوءِ، مڙس زوريءَ زال تي قبضو ڪري ويندو. ملان مناسب "نڪاحاڻو وٺي، گھر هليو ويندو.

ساڳيءَ طرح، ملان، نڪاح ٽوڙي بہ سگھندو هو، پر ان لاءِ ضرورت ٿيندي هئي تہ تحرير لکي وڃي، ۽ ان تي ٻين ملن مولوين جون پڻ مهرون لڳن.

غرض تہ ڳوناٺي زندگيءَ اندر "ملان" کي ڪافي اثرائتو مقام حاصل هوندو هو. ڳوٺن اندر، انهن ڏينهن ۾، گوشت ملڻ مشڪل هوندو هو. هوڏانهن "ملان" هر روز مناڻ ڪائي ڪائي ٽڪجي پوندو هو، تنهنڪري هر "ملان" دعا تعويذ عيوض، پئسن ۽ "پنج هٿ" ڪوري ڪپڙي ڪان سواءِ، هڪ عدد ڪڪڙ بہ وصول ڪندو رهندو هو. جنهن کي رستي ڪان پاسي تي "حلال" ڪري ديڳڙيءَ

۾ داخل ڪرڻو پوندو هوس. شريعت سڳوريءَ جو اهڙو حڪم هو. ڪڪڙ جي رت وهڻ کان سواءِ، دعا اثر ڏيکارڻ کان عاجزهئي!

ڪن "ملن" سڳورن کي عورتن مان جنن ڪيڻ جو اختيار پڻ حاصل هوندو هو. عورت کي "جن" وٺندو ته وار ڇوڙي "لهر" هڻڻ لڳندي، ڪڏهن ڏندڻ پئجي ويندس، ۽ ڪڏهن زبان اهڙي کلي ويندس جو زمين آسمان جا راز پئي ٻڌائيندي. "جن" گهڻو ڪري نوجوان ۽ خوبصورت عورتن کي اچي وٺندا هئا، ۽ اوستائين جان نه ڇڏيندا هئن، جيستائين "ملان" واردات تي پهچي ڪو "ساٺ سڳڻ" ۽ "جهاز ڦيٽو" نه ڪندا هئن. اڪثر "جن اهڙا هوندا هئا جي ملان جي ڦيٽي کان پوءِ هڪدم رخصت ٿي ويندا هئا. پر ڪي اهڙا "نامراد" به هئا، جي خود "ملان" کي گاريون ڏيئي، ڪيس ڏڪ هٽي اٿاري ڇڏيندا هئا. ان حالت ۾، مريض کي ڪنهن مماتيءَ واري پير جي درگاهه تي وٺي وڃي ڪجهه ڏينهن رهائڻو پيو ٿي.

دنيا جو دستور آهي، طاقت يا اثر حاصل ٿيندو ته حسد ۽ دشمنيءَ کي پڻ منهن ڏيڻو پوندو. ان عام قانون مطابق، "ملن" جي زندگي به دشمنين کان محفوظ ڪانه ٿي رهي. ڪنهن به معاملي ۾ هڪ ڌر جي طرفداري ڪيائون ته ٻي ڌر سندن حق ۾ نامناسب زبان درازي ڪندي وتندي. سنڌ جي ڳوناٺي لٽريچر اندر مُلن ۽ آخوندن خلاف ناهيل ڪيترا شعر ۽ پهاڪا موجود آهن، جن جو خواهه مخواهه استعمال شروع ٿي ويندو. مثلاً، خود حضرت شاهه لطيف عليه الرحمته سان هيءُ بيت منسوب آهي:

ملان ملان نه ڪيو، آهيڙي آهين،
مرونءَ سندي ماس تي تا ماٽڪ مٽائين!

هڪ ٻئي شاعر جو فرمودو آهي:

لڳي اُلي ته آخوندن کي،
ڊرڙ نتا ڊاپن، ڙي اديون!

سچل سائين درازائيءَ ته ملن سان منهن ڏيڻ جو عملي رستو به ٻڌائي ڇڏيو:

ڪُٽ مُلان جي نوڙ قاضيءَ واري مسئلو!

وغيره، وغيره.

خصومت جي حالت ۾، ملن جي دشمنن هرويرو محض شعر شاعريءَ کان به ڪم ڪونه ٿي ورتو، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته "ڊائريڪٽ ايڪشن" به ڪنيو ٿي

وڌائون. ان "ڊائريڪٽ ايڪشن" جون ڪجهہ صورتون هي هونديون هيون: ملان جي گهر ڏانهن رات ويلي ڦورن جو وسڪارو ڪرڻ، سندس "ٻڪري نڪري" تڳائي ڇڏڻ، اک ونئي سندس دعائن جا ڪتاب گم ڪري ڇڏڻ، نماز وقت سندس جتي چورائي وڃڻ، وغيره وغيره.

علم ۽ معلومات جي لحاظ سان، ملن بنسبت، مولوي صاحبن جو درجو گهڻو بلند هوندو هو. فارسيءَ کان شروع ڪري، عربيءَ تي انتها ڪيل هوندي هُين. سنڌيءَ کي بنهہ هٿ ڪونہ لاتل هوندن، ڇو تہ سنڌي "اسڪولي" زبان هوندي هئي، ۽ ان جو "دين محمدي" ۽ "علم شرعي" سان ڪو بہ لاڳاپو ڪونہ هوندو هو. منجهانئن گهڻن کي تہ مولويت جي دستار ٻڌڻ کان پوءِ بہ صحيح سنڌيءَ ۾ فقط خط لکڻ بہ ڪونہ تي آيو. پر ان زماني ۾ زور هوندو هو ديني (عربي) ۽ علمي (فارسي) ٻولين جو. جنهنڪري سنڌي نہ اچڻ ڪري مولوي صاحبن جي علمي مقام ۾ ڪا گهٽتائي ڪانہ ٿي رهجي ويئي.

پاڻ سڀُورا فارسيءَ ۾ "ڪريما" ۽ "پندنامہ" کان شروع ڪري، "گلستان"، "بوستان"، "سڪندر نامہ" پڙهندي، وڃي "بهار دانش" تي پڄاڻي ڪندا هئا، عربيءَ ۾ صرف – نحو کان هلي قرآن، حديث ۽ فقه تي تعليم ختم ڪري، مولويت جي "پڳ" حاصل ڪندا هئا. مولانا جاميءَ جو "يوسف – زليخا" فقط خانگي وقت اندر مطالع فرمائيندا هئا، ڇو تہ ان ۾ "جامي صاحب"، بيبي سائڻ يعني حضرت زليخا جي جسماني جغرافي بيان ڪندي ڪندي، تصوف ۽ عشق الاهي جا ڪي اهڙا نازڪ نڪتا اهڙن مجازي محاورن ذريعي آشڪار ڪري ويو آهي، جي حقيقت کان ناآشنا عام مجهول ماڻهن جي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ کان ٻاهر هئا.

درس تدريس کان سواءِ، عام مولوي صاحبن جي ٻي "هابي" هوندي هئي فقهي مسئلن جي سلسلي ۾ هڪٻئي خلاف ڪفر جون فتوائون جاري فرمائڻ ۽ مناظرا رچائڻ، جن جي دوران هرويرو پارليامينٽري زبان ڪانہ استعمال ٿيندي هئي.

پر ان جي معنيٰ اها نہ هئي تہ ان زماني جا سمورا مولوي صاحب انهن سطحي جهيڙن ۾ مبتلا ٿي رهيا. منجهانئن ڪيترا اهڙا بہ هئا، جن پنهنجون ساريون حياتيون الله تعاليٰ جي واٽ ۾ وقف ڪري ڇڏيون هيون، ۽ سندن زبان مان جو بہ ڪلمو ٿي نڪتو، سو ڪلمہ حق هوندو هو. فرمان الاهي جي عين مطابق، ۽ مدني مير جي سنت موجب.

ان عام "پس منظر" کي سامهون رکندي، ڪن بزرگن جو ذڪر ٻڌو.

اسان جي پنهنجي ڳوٺ جو آخوند هوندو هو. فارسي ۽ طب کان واقف، ٻارن پڙهائڻ سان گڏ مطب بہ هلائيندو رهندو هو. پهرين پڙهائيءَ جو ڪم خود مطب اندر ڪندو هو، پر جڏهن خبر پيس تہ سندس غير حاضريءَ جو فائدو وٺي، ٻار سندس معجونن جون برنيون کولي پنهنجي زبان مٺي ڪندا ٿا رهن، تڏهن مجبوراً مطب ٻاهران ڇپرو اڏائي ان هيٺان درس ڏيڻ شروع ڪيائين. رنگ سانورو هوس، پر دل اڇي، جنهن مريض "ملان منو" سڏيس، اُن جي نبض بہ نہ ڏسندو، پر جنهن "آخوند منل" ڪونيس، ان کي پيـن دوائـن سـان گڏ "ڪاڪت جو مازون" (طاقت جو معجون) بہ اوڙر تي، بلڪ مفت بہ، ڏيئي ڇڏيندو. نهايت نيڪو ڪار شخص هو. ٻچڙيـوال، ٻـن زالـن جـو ور، ۽ وڏي ڪٽنب جو پالينڊڙ. پر لالچ ۽ لوڀ کان قطعاً خالي هوندو هو. هڪ هٿ سان ڪمائيندو هو تہ ٻئي هٿ سان ساڳي رقم نادار ڳوٺاڻن جي دوا سُـتيءَ تي صرف ڪري ڇڏيندو هو. ٻارن جي پڙهائيءَ جو ڪو بہ معاوضو نہ وٺندو هو. پاڻ پنهنجي هڙان ڦرهيون ۽ ڪتاب بہ وٺي ڏيندو هون.

مون پاڻ پهريون سبق ڪانئس ورتو. هڪ ڏينهن آءٌ نل هيٺان وهنجي رهيو هوس، ڏاڏي مرحوم مون ڏانهن ڏسي حڪم ڪيو تہ جنهن صورت ۾ آءٌ هينئر پڙهائيءَ واريءَ عمر کي پهچي چڪو آهيان، تنهن صورت ۾ مون کي هڪدم لٽا ڍڪائي ملان منل وٽ حاضر ڪيو وڃي. ان زماني جي دستور موجب، منهنجي مٿي تي لونگي ٻڌائي ويئي، ۽ جسم تي نون لٽن مٿان مخمل جو ڪوٽ، جيتري قدر ياد اٿم، ڳوڙهي آسماني رنگ جو. ملان منل ڏانهن حڪم اهو روانو ڪيو ويو تہ الف - ب جي تختيءَ تي وقت ضايع ڪرائڻ بدران، مون کي پهريائين "زليخا" سان شروع ڪرائي.

ملان مون کي ڏسي، مٿي تي پيار جو هٿ گهمائي، گوڏن ڀر سامهون ويهاري، منهنجي حق ۾ دعا گهري. ان کان پوءِ ڪتاب "يوسف - زليخا" ڪڍي اڳيان رکيائين، ۽ چيائين، "پڙهہ:

الاهي غنچہ اميد بکشا،

گل از روضہ جاويد بنما."

پهرئين ڏينهن اهو شعر ياد ڪرايائين، ٻئي ڏينهن شعر جو ترجمو سمجهايائين. ڇي:

"اي الله تعالىٰ ڪول مڪري اميدن منهنجن جي،
ڏيڪار مون ڪي قل ڪنان باغ بهشت جي."

ان طرح سان ڪيترا مهينا "زليخا" جي تعليم هلندي رهي. هڪ ڏينهن ڏاڏي مرحوم پاڻ امتحان ورتو. سندس راءِ ٿي تہ ملان منل ڪان سندس شاگرد وڏيڪ ذهين ثابت ٿي رهيو آهي، تنهنڪري سندس پڙهائيءَ لاءِ هاڻي مولوي سومر بوهڙو ڏڪڻ جي شهر (تغلقي ڳڙهي ياسين) مان گهرايو ويو.

مولوي صاحب آيو. بنهہ ڳوناٺو، سادو ۽ الله لوڪ، پر پڙهائيءَ جي معاملي ۾ خبردار ۽ سختگير. تجربي جو اهو عالم جو پسگردائيءَ جا اڪثر تعليم يافتہ ماڻهو، سڌيءَ طرح يا سندس شاگردن ذريعي، سندس شاگرد هئا. خود منهنجي والد مرحوم ڪجهہ عرصو وٽس تعليم ورتي هئي. پڙهڻ پڙهائڻ ڪان سواءِ، ٻيءَ ڪنهن بہ دنيا جي شي سان قطعاً ڪا دلچسپي ڪانہ هيس.

صورت ۾ وقت جو پورو پورو مولوي هوندو هو. قد جو ڊگهيرو، جسم پريل، رنگ ڪٽڪائون، ڏاڙهي چاپوئين اچي، نڪ هيٺان مڇون ٻن آڱرين تائين ورتل. مٿي تي اڇي بافتي جي پڳ، جسم تي ڊگهو پيراهن ۽ ٻہ - تختي شلوار. جنهن جا پاچا مُري ڪان مٿي بيٺل، پير ۾ سنڌي نموني جي موچڪي جُتي، هٿ ۾ لئي جي ڊگهي لٺ، ڪلهي تي ڪومون بوڇڻ. جنهن جي ڪنڊ ۾ ناس جي دبلي ٻڌل رهندي هيس. لٺ جو فقط هڪ وڳو هوندو هوس، جو هفتي ۾ هڪ دفعو ڳونان وجي ڌئاري ايندو هو. خميس جي شام جو پيدل اٺ ميل پنڌ ڪري پنهنجي ڳوٺ پهچندو هو، جمعي ڏينهن گهر ۾ رهي، لٺا ڌئاري، غسل ڪري، ڇنڇر جي صبح جو ساڳيو فاصلو طئہ ڪري موٽي اچي اسان وٽ پهچندو هو. ان لحاظ سان، اسان، سندس شاگردن لاءِ، خميس جو ڏينهن روز عيد، ۽ ڇنڇر جو صبح ڏهين محرم جو صبح هوندو هو.

پڙهائيءَ جو ڪم مسجد شريف اندر ٿيندو هو، جت استاد ۽ شاگردن جي ويهڻ لاءِ تڏا وڇايل رهندا هئا. پڙهائي شروع ٿي تہ مولوي صاحب لٺ مسجد جي محراب ۾ ايپي بيهاري، تختيءَ تان ٻہ - چار لئي جا سنها لڪڻ لاهي آڻي پنهنجي سامهون رکندو هو. جن جي ذريعي سست ۽ غافل شاگردن جي وقت بوقت طبع پرسي ٿيندي رهندي هئي.

شاگردن جي لکڻ لاءِ مڪتبن اندر انهن ڏينهن ۾ ڪاپيون استعمال ڪين ٿينديون هيون. ڪاغذ مهانگو هوندو هو ۽ پئسي ۾ هڪ يا ٻه فلوسي پنا ملندا هئا. ان ڪان سواءِ ڪاغذ پاڪ شي هو. ۽ ٻارن جي استعمال واريءَ حالت ۾ ڪاغذ سان بي ادبي ٿيڻ جو امڪان هوندو هو. مولوي صاحب پاڻ ڪاغذ جي معاملي ۾ ايتريقدر احتياط ڪندو هو جو رستي هلندي ڪاغذ جو جيڪو به پرزو زمين تي پيل نظر تي چڙهندس، سو ڪٽي ڪنهن پٽ جي ڏار ۾ وجهي ڇڏيندو يا گڏ ڪري کوهه ۾ اڇلائيندو. فرمائيندو هو. "جنهن شخص ڪان ڪاغذ جو ادب نه ٿيو. تنهن ڪان قرآن پاڪ جي ادب جا حق به ادا نه ٿي سگهندا."

پٽر جون سليٽون رواج ۾ اچي چڪيون هيون. پر مولوي صاحب انهن جي استعمال جي به اجازت نه ڏيندو هو. سندس خيال هو ته سليٽ تي لکڻ سان شاگرد جو خط خراب ٿيندو ۽ هو ڪڏهن به خوشخط نه ٿي سگهندو. سندس پنهنجو خط تمام سهڻو هوندو هو. ۽ پڙهائڻ ڪان جو به وقت بچندو هوس سو ڪتابن نقل ڪرڻ ۾ صرف ڪندو هو.

اسان جي حوالي وڏيون ڦرهيون هونديون هيون. انهن جي مهڙ تي پاڻ وڏن اکرن ۾ ڪونه ڪو شعر يا قرآني عبارت لکي ڏيندو هو، ۽ چوندو هو ته ان ڪي ڏسي پنهنجا اکر پڪا ڪريو. ڪن فارسي شعرن سان خاص دلچسپي هوندي هيس، مثلاً:

روز محشر ڪه جان گداز بود،
اولين پرسش نماز بود،
اگر خواهي ڪه خطت خوب گردد،
نويس و مينويس و مينويس.
قلم گويد ڪه من شاهِ جهانم،
قلم ڪش را بدولت مي رسانم.

مولوي صاحب جي تنخواهه فقط پنج رپيا مهينو هوندي هئي، ان سان گڏ ٽوقتي ماني ۽ ڇهين مهيني لٽن جو هڪ وڳو ملندو هوس. ماني به سادي ڳوٺاڻي قسم جي هوندي هئي: صبح جو ڪڪڪ جي مکيل تلهي ماني ڏڌ جي وٽي ساڻ، منجهند جو ماني ۽ دال يا ساڳ، رات جو چانور ۽ کير. ان نعمت ميسر ٿيڻ تي مولوي صاحب بار بار پيو شڪرانا ادا ڪندو هو. ناس سان ڏاڍو

شوق هوندو هوس. دہلي هيٺ مٿي ٿي ويندي هيس ڪدم ڦرهيءَ تي هي شعر لکي ڇڏيندو هو، جو غالباً سندس پنهنجو ٺاهيل هو:

ڪجا شد درجڪ نسوار من،
بيائيد يابيد پسران من.

ٻارن جي تعليم ۽ هشياريءَ متعلق وٽس ٽي درجا هوندا هئا: (1) "اجا پر نہ ڇاوا اٿس". (2) "هاڻي پر ڇاوا اٿس ۽ ڪنيڙائيون پيو هڻي". ۽ (3) "هاڻي آسمان ۾ پيو پرواز ڪري". ڪو شاگرد خاص طرح هشيار نظر ايندو هوس تہ ان جي پڙهائيءَ تي گهڻو زور ڏيندو هو. غير هشيار شاگرد سان بنهہ ڪانہ پوندي هيس.

ملان ٽلو جيهو اسان سان گڏ وٽس پڙهندو هو. ذهن جو غير معمولي طرح مُڏو هوندو هو. اڄ سبق ورتائين تہ ڪالهوڪو سبق دل تان ميسارجي ويندو هوس. اکر بہ بلڪل ڪچا هئس. مولوي صاحب جيتري بہ محنت ٿي ڪئي، سا رائگان هئي. آخر تنگ ٿي فرمايائين، "ٽلوءَ ڪي هنيانءَ تي وارا آهن. ڪيتري بہ محنت ڪندؤ، دل تي اثر ڪونہ ٿيندس". ملان ٽلو ورهين جا ورهيہ پڙهندو رهيو، ايستائين جو ڏاڙهي ۾ مٿي جا وار بہ اڇا ٿيڻ لڳس، پر علم ۾ ڪو سوجهرو ڪونہ ڪيائين. پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي متعلق پاڻ فيصلو ڪيائين تہ هاڻي هو "ملان ٽلو" نہ، پر "مولوي محمد رمضان" ٿي چڪو آهي. ان ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو "ملان ٽلو" سڏيندو هوس تہ هڪدم لٺ کڻي پنيانس ڪاهي پوندو هو: "عقل جا انڌا، ناماقول (نامعقول)، اها بہ خبر ڪانہ ٿي پويئي تہ مان هينئر جنديديره مان تاسيل (تحصيل علم) ڪري پڳ ٻڌي آيو آهيان! منهنجو سچو نالو آهي مولانا مولوي محمد رمضان صاحب جيهو ابڙو. تون اڃا پيو بڪين - ٽلو، ٽلو، ٽلو! ڪاٿي آهي هاڻي ٽلو؟ هڪڙي تحرير ڪيان تہ ماڻهين پٺهين جو نڪاح سندن قبرن ۾ بہ ٽُٽي پوي!"

ملان ٽلوءَ جي علم جا اهي جلوا مولانا محمد سومر جي انتقال بعد ظاهر ٿيا. تنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن مون کي اچي چوندو هو: "سائين علڻ شاهہ! ڪر خبر، اڄ اسان جو علم ڇا ٿو ڀانئين؟ جيڪڏهن اڄ پنهنجو استاد مولوي محمد سومر جيئرو هجي ها، تہ جيڪر ڇا چوي ها؟"

انهن ڏينهن ۾ علمي ڪمال جي هڪ ڪسوٽي اها بہ ليکي ويندي هئي تہ ماڻهو فارسي زبان ۾ شعر، خاص طرح سان سجع چئي، ۽ ڄمڻ مرڻ جي تاريخ

ابجد جي حساب سان ڪڍي. اهڙين سجعن چوڻ ۽ تاريخن ڪڍڻ تي وڏا ماڻهو شاعرن کي پهرائيندا هئا ۽ ڪين انعام ڏيندا هئا.

مولانا محمد سومر منهنجي ۽ حسام الدين جي ڄمڻ جي تاريخ ڪڍي، هڪ ڊگهي نظم تيار ڪري، ڏاڏي مرحوم اڳيان پيش ڪئي. آسرو هوس ته پهراڻيءَ ۾ مينهن نه، ته گهٽ ۾ گهٽ ململ جي پڳ ضرور ملنديس. پر بدقسمتيءَ سان ڏاڏي مرحوم جي ڀاءِ ٻيءَ طرح هئي. نظم ڏانهن ڏسي، مولوي صاحب ڏانهن پيغام موڪليائين ته:

"مولوي صاحب کي ڇئو ته شعر گوئيءَ تي وقت ضايع ڪرڻ بدران، اهو وقت ٻه جيڪڏهن ڇوڪرن جي تعليم تي ڏيو ها ته وڌيڪ فائديمند ثابت ٿئي ها".

ان ڏينهن بعد مولوي صاحب وري ڪڏهن شعر جي ميدان ۾ طبع آزمائي نه فرمائي. شاگردن کي استاد انهن ڏينهن ۾ خوب ماريندا هئا. مار جا ڪيئي نمونا هوندا هئا: چماٽ، چهبڪ، ڪن گوشي، اٽ ويهه، سڄ ڏانهن منهن ڪرائي بيهارڻ، آڱرين جي وچ ۾ پينسل ڏيئي مٿان زور ڏيڻ.

مارڪٽ جي جواز ۾ مولوي صاحب دليل پيش ڪندو هو:

"جور استاد به ز مهر پدر."

آءٌ هرويرو ڪاهل شاگرد ڪونه هوندو هوس جو مولوي صاحب کي منهنجي مرمت ڪرڻي پوي، پر ڪڏهن ڪڏهن غلطيءَ جو ٿي وڃڻ لازمي هو. هڪ دفعي مولوي صاحب چماٽ هنئي يا دڙڪو ڏنو، سو ياد ڪو نه اٿم، پر ايترو يقين اٿم ته مولوي صاحب ناراضگيءَ جو اظهار فرمايو. ۽ هڪدم تڏو مٿان پائي، سنئون نئون ٿي سمهي پيس، ۽ مولوي صاحب کي چيم: "ڪيترو به ماريندا، پر آءٌ هرگز ڪونه اٿندس. نڪي پڙهندس ئي!" هنگامو برپا ٿي ويو. گهر تائين وڃي خبر پهتي. منهنجو اصرار هو ته مولوي صاحب مون کي ماريو يا مون سان سختي ڪئي، ته آءٌ ڪڏهن به وٽس نه پڙهندس. آخر فيصلو منهنجي حق ۾ ٿيو ۽ مولوي صاحب وري ڪڏهن به درشتي ڪان ڪم ڪونه ورتو- گهٽو ڪري ڪيس سبب آءٌ به ڪونه ڏيندو هوس. پر مون تان بلا لٿي، ته حسام الدين مٿان وڃي پئي. هڪ ڏينهن مولوي صاحب کيس چماٽ هڻي ڪڍي. حسام الدين ٽپ ڏيئي ڪٽي ڏاڙهيءَ کان جهليس. مولوي صاحب ٻي چماٽ هڻي ڏاڙهي ته ڇڏائي، پر ان کان پوءِ حسام الدين سان به ڪڏهن سوڙهو ڪونه پيو.

مولوي صاحب مرحوم ڪيترا سال مون کي پڙهايو. دنيا جو سفر ڪهڙيءَ ريت طئه ڪجي، سو ڪو ڪانئس سکي ها. زندگيءَ جون ضرورتون گهٽائي وجي هڪ وڳي ڪپڙن، هڪ لٺ ۽ هڪ دٻليءَ تائين پهچايون هئائين. رلهي نه مليس ته مسجد يا اوطاق جي نڪ تي سمهي آرام سان ننڊ ڪري اٿندو. سواريءَ جو نانءُ نه ڳنهندو، جيڏانهن ڪم پوندس، پيدل هليو ويندو. سوال بنهه نه ڪندو. سارو ڏينهن درس تدريس، ڪتابن نقل ڪرڻ، ۽ عبادتگذاريءَ ۾ گذاري ڇڏيندو. اوائل ۾ شادي ڪئي هئائين. ٻه پٽ ٿيا هئس، جي جوانيءَ ڪي رسي ڪاٽڪو ٻڌجي پيا هئا- گهٽ ۾ گهٽ مٿن الزام ته اهڙا هئا. مولوي صاحب ڪي ساڻن ڏاڍو پيار هوندو هو، پر ساڳئي وقت ڪڏهن ڪڏهن هيءُ به زبان مان نڪري ويندو هوس:

"شاديءَ جي غلطي ٿي ويئي، اهي سڀ ان هڪ جرم جون سزائون آهن، الله تعاليٰ اولاد ڏئي ته صالح، ورنه

پسر نوح با بدان بنشست،<br>خاندان نبوتش گم شد!"

آءٌ نٿو سمجهان ته مولوي صاحب ساريءَ عمر اندر ڪڏهن ڪو ڪوڙ ڳالهايو هوندو، يا ڪنهن انسان کي رنجايو هوندو. جنم جو جنتي هو. اتفاقاً اڃي هن دنيا منجهان گذر ٿيو هوس. الله تعاليٰ جون مٿس رحمتون هجن!

مولوي محمد سومر جي رخصت وٺي وڃڻ بعد، ڏاڏي مرحوم، مولوي محمد صديق نالي هڪ ٿاريلي استاد کي منهنجي وڌيڪ تعليم لاءِ گهرايو. محمد صديق مرحوم اصل ٻاڙمير طرف سروپي جي ٽڙ تي رهندڙ هو، ۽ مولوي عبدالرزاق مرحوم جو شاگرد هو. مولوي عبدالرزاق، وڏيري ٻلاول هاليپوٽي جي ڳوٺ ۾، ڊوري ناري (ضلعي ٿرپارڪر) جي نزديڪ، پڙهائيءَ جو ڪم ڪندو هو، ۽ پنهنجي دؤر اندر وڏو عالم ليکيو ويندو هو.

مولانا محمد سومر مرحوم وانگر، مولانا محمد صديق مرحوم به سادگي پسند انسان هو. جهڙا ٿر جا ماڻهو عام طرح ٿين ٿا. مار - ڪٽ ڪان وڌيڪ، پيار سان پيو شاگردن کي پڙهائيندو هو. انگريزن جو سخت دشمن هوندو هو. ان زماني ۾ پهرين عالمگير لڙائي هلي رهي هئي. مولوي صاحب مسجد جي ٻاهران ميدان ۾ پترن جون نُلهيون نهرائي، شاگردن کي چوندو هو ته انهن کي پتر هڻي

ڍاهيو. هر ٽلهيءَ تي ڪنهن نہ ڪنهن انگريز جرنيل جو نالو رکندو هو، ۽ جا ٽلهي ڍهي پوندي هئي تہ چوندو هو تہ اهو جرنيل مارجي ويو. هڪ وڏو ڪئلينڊر انهن ڏينهن ۾ آيو هو، جنهن تي لارڊ ڪچز جي تصوير ڇاپيل هئي. اهو ڪئلينڊر پٽ تي هٽائي، مون کي هوائي بندوق ڏيندو هو تہ اُن سان ڪچز جي صورت کي ڇُٽيان. هر روز اها ورزش ٿيندي رهندي هئي، تان جو ڪئلينڊر پرزا پرزا ٿي ويو.

سرءُ جي موسم ۾ مليريا جي تپ جا راڱهڙا هوندا هئا. انهن ڏينهن تائين اجا فقط "ڪونين" بہ ميسر ڪانہ ٿيندي هئي. غريب ويچارا مرندي مري ويندا هئا، پر علاج ڪرائي ڪونہ سگهندا هئا. مولوي صاحب مرحوم پاڻ بہ مليريا جو مريض هوندو هو، پر جڏهن بخار اچي حملو ڪندو هوس تہ مسجد ۾ تڏي تي ليٽي ۽ انتهائي خوش الحانيءَ سان ڪلام پاڪ جي سورت يوسف پڙهڻ شروع ڪري ڏيندو هو. سورت شروع ڪرڻ شرط ڪيس پگهر اچڻ لڳندو هو. هوڏانهن قرئت پوري ٿيندي، ۽ هيڏانهن مولوي صاحب جو بخار ختم.

مرحوم کي ڳاڙهن گوگائي مرچن کائڻ جو سخت شوق هوندو هو. ڳنڏڻ نہ ملندس تہ ڳاڙها مرچ، پاڻيءَ ۾ گيهہ جي ذري ۾ وجهي، ٽانڊن جو تَوُ ڏيئي، سموري ماني انهن سان کائي پوري ڪري ڇڏيندو.

سندس "هابي" هوندي هئي خط لکڻ. هر هفتي هيڏانهن هوڏانهن پيو پنج - چار خط لکندو هو، جا تمام وڏي ڳالهہ هئي انهن ڏينهن جي لحاظ سان. مون کي ياد آهي تہ انهن ڏينهن ۾ پوسٽ ڪارڊ تي هڪ پئسو ۽ لفافي تي ٽڪو لڳندو هو. پر پئسي جو بہ ان زماني ۾ مانُ هُوندو هو، ٽڪو تہ بنهہ وڏي رقم هوندو هو. مولوي صاحب، سرڪاري دفترن وانگر، پاڻ وٽ ٽپال جي آمدني - روانگيءَ جو رجسٽر ناهي رکيو هو: جو خط روانو ٿيندو تنهن جي داخلا ٿيندي، ۽ جڏهن جواب ايندو تہ داخلا جي سامهون "جواب موصول شد" جو نوٽ ٿيندو.

پئسو ٿيندو هوس تہ فارسي عربي جا ڪتاب گهرائيندو هو. ان باري ۾ دهليءَ جي هڪ ڪتبخاني سان مستقل لکپڙهہ جاري رکيو ايندو هو. ڪتبخاني جو نالو هوندو هو "مطبع مجتبائي"، دهلي، جنهن جو مالڪ هوندو هو مولانا عبدالاحد صاحب.

مولانا محمد صديق جي زماني ۾ منهنجي فارسي عربي پڙهائي ختم ٿي. ايستائين زمانو بہ ڪجهہ ترقي ڪري چڪو هو، انگريزي تعليم جي ضرورت

خاندانن کي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. اسان جي گهر ۾ ڪنهن انگريزدان نه هجڻ ڪري، ڏاڏي مرحوم کي هڪ - ٻن معاملن جي سلسلي ۾ تڪليف رسڻ لڳي. ڪيس شوق هوندو هو شڪار ۽ بندوقن جو. بندوقن جي سلسلي ۾ سندس لکپڙهه لنڊن جي بندوق سازن سان هميشه پئي هلندي هئي. خاص پنهنجيءَ منشا مطابق، آرڊر ڏيئي بندوقون ٺهرائيندو هو ۽ سالن جا سال ان باري ۾ نوشت - خواند جاري رهندي هئي. ان کان سواءِ، وقت جي عملدارن ڏانهن به ڪڏهن ڪڏهن چٺي چپاٽي رواني ڪرڻي پوندي هيس، جيڪا اوستائين سوال سُٽي تي پيو لڪائيندو هو.

مون کي انگريزي اسڪول ۾ موڪلڻ جو خيال تنهن هوندي به پيدا ڪونه ٿيس. اتفاقاً پاڻ آبو روڊ شڪار تي ويو، جتي سيد همت علي نالي، آبو هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر سان دوستي ٿي ويس. سيد صاحب کي چئي، هڪ نوجوان انگريزي ماستر هٿ ڪيائين، جنهن کي ٽيهه رپيا درماهه پگهار تي مقرر ڪري، پاڻ سان گڏ وٺي آيو. ان ماستر جو نالو هو **محمد رفيق،** اصل وينل هو رياست ٽونڪ (راجپوتانا) جو.

انگريزي ماستر محمد رفيق صاحب ئي مون کي پهريون سبق ڏنو. پاڻ به شايد مئٽرڪ تائين پڙهيو هئائين. نماز، روزي، صفائيءَ ۽ طهارت سان خاص چاهه هوندو هوس. گفتگو اردوءَ ۾ ڪندو هو، سنڌيءَ کان ناآشنا هجڻ سبب. جنهن تي به ناراض ٿيندو هو ته اُن کي "چغد" سڏيندو هو. مون کي پرائمر پڙهڻ بعد اجا انگريزي درسي پهريون ڪتاب ئي مس پورو ڪرايو هئائين ته هڪ معاملو ٿي پيو، جنهنڪري هو ناراض ٿي واپس پنهنجي وطن هليو ويو. بنگلي جي اگڻ ۾ هڪ ڪنڊ ڏانهن چوديواريءَ اندر پاخانو هوندو هو، جنهن جي استعمال جي مانوپلي ماستر صاحب کي ميسر هوندي هئي. ڳوٺ ۾ ڀنگي ڪين هوندا هئا، جنهنڪري ان پاخاني جي صفائي ڪانه ٿي ٿي سگهي. هوا لڳي ٿي ته صحن ۾ ويهندڙن کي بدبو ٿي آئي. تنهنڪري ڏاڏي مرحوم، ماستر صاحب جي زوردار احتجاج هوندي به، پاخاني کي ڪيرائي ختم ڪري ڇڏڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو. هيڏانهن ڪاڪوس جون ديواريون ڪريون. ۽ هوڏانهن ماستر صاحب جو بسترو گول ٿيو.

ماستر صاحب جي روانگيءَ بعد، منهنجيءَ والده جي اصرار تي، ڏاڏي مرحوم انتظام ڪري ڏنو ته آءٌ هر صبح جو نصرت اسٽيشن تي وڃي اتانهون

جي اسٽيشن ماستر کان سبق وٺي اچان. فاصلو ميل کن جو هو. پهرين پنڌ ويندو هوس، پوءِ هڪ ننڍي گهوڙي وٺي ڏنائين. گهوڙيءَ جو نالو هوندو هو "بجلي"، جا عملاً بہ بلڪل اسم بامسميٰ هوندي هئي. منهنجي مٿانئس لانگ وري، ۽ پاڻ سرپور وٺي گهر ڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪندي هئي. رستي ۾ ڪو سائي گاهہ جو ٻوٽو نظر آيس، تہ ڊوڙندي ڊوڙندي، هڪدم ۾ اوچتو اچي ان ٻوٽي وٽ بيهي رهندي، تنهنڪري لوڏي تي آءٌ هيٺ ڪِري پوندس. جيستائين آءٌ ڏڏڙ چندي ڪتابن جو ٿيلهو هٿ ڪري وري مٿانئس سوار ٿيندس، اوستائين گاهہ جو ٻوٽو ڪائي پاڻ بہ فارغ ٿي ويل هوندي. ان طرح سان، هفتي ۾ ٻہ - چار دفعا زمين بوسي ڪرڻ جو اتفاق پيو ٿيندو هو.

نصرت اسٽيشن جي بابوءَ جو نالو هوندو هو مسٽر **چيتانند نارومل هگّوراڻي**، وينل هو نارو شاهہ ضلعي نوابشاهہ جو. انگريزيءَ جا ٻہ - چار درجا پڙهيل هو، پر وڏيءَ عمر سان گڏ وڏي تجربي جو صاحب بہ هوندو هو. ماستريءَ جا ڍنگ پورا پورا ياد هئس. منهنجي پڙهائيءَ تي سخت ڌيان ڏيندو رهيو. نظر بہ ڏاڍي ڪرڙي هيس. ڇا مجال منهنجي، جو سندس اڳيان فقط مرڪي بہ سگهان. پگهار سرڪار مان فقط ٽيهہ رپيا ڪٽندو هو، ۽ اسان وٽان پنج رپيا ماهوار، مگر نصيب وارو شخص هو. انهن ڏينهن ۾ مال جي چڙهائيءَ لاءِ ريلوي گاڏن جي سخت تنگي تي پئي. پر واريون وڏيون اسٽيشنون (نئون ديرو ۽ مدئجي) مال جي چڙهائيءَ لاءِ بند ڪيون ويون، تنهنڪري پسگردائيءَ جو سارو مال (اناج وغيره) نصرت تان چڙهڻ لڳو. هر ڳوڻ پٺيان چار آنا بابوءَ جي خرچي مقرر ٿي، شاهہ شاهوڪاري - نہ شڪايت جو شائبو، نہ ائنٽي ڪرپشن پوليس جي وٽ پڪڙ جو خطرو. ان طرح، بابو چيتانند هر مهيني ڪيئي سؤ رپيا ڪمائيندو رهيو. رهڻي ڪرڻيءَ ۾ ڪفايت شعار هوندو هو. دال - ڦلڪي تي پيو گذر ٿيندو هوس، گوشت مڇيءَ جي فڪر کان آجو هوندو هو، البت ڪڏهن ڪنهن پاڙيواري آڻي ڪا مفت جي ڪُرڙي پيش ڪيس تہ ان جي واپرائڻ ۾ بہ ڪو اعتراض ڪونہ هوندو هوس. هر صبح، "ڏنڊڻ لائڻ" ۽ "سنان پاڻي" ڪرڻ بعد، ٻہ گهڙيون ويهي "پرارٿنا" ڪندو هو. پرارٿنا بعد ئي پيو ڪم شروع ٿيندو هو. ڪيس ٻہ پٽ هوندا هئا: رامچند ۽ ريواچند. ماستر صاحب کي انهن جي پڙهائيءَ، نوڪريءَ ۽ شاديءَ جو سخت فڪر لڳل هوندو

هو. سندس همعصر ڪو شخص اچي ساڻس مليو، ته فوراً رامچند ۽ ريواچند جي مستقبلؔ جو ذڪر ڇيڙي ڏيندو.

ماستر چيتانند جي بدلي ٿي وڃڻ بعد **ماستر ڪشنچند** آيو، جو روهڙيءَ جو وينل هو. ماٺهو ڪلٹو ۽ سلڇڻو، پر انگريزيءَ جي گهٽي واقفيت ڪانه هوندي هيس. منهنجي پڙهائيءَ ۾ پڻ تنهنڪري "لم ٺپ" ڪرڻ لڳو. مثلاً، مون کي حڪم ڪيائين، ته انگريزي - سنڌي ڊڪشنري هٿ ڪريان، ۽ هر صبح گهران هر هڪ ڏکئي انگريزي اکر جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڏسي اچان. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو سبق وٺڻ بدران آءٌ خود کيس سبق ڏيڻ لڳس. سال - اڌ اهو حال رهيو. پاڻ بدلي ٿي ويو ته اسان جي انگريزي تعليم به ختم ٿي.

ان حقيقت مان انهن ڏينهن جي "تعليمي سرشتي" جو ڪجهه پتو پوندو.

## وڏيرو سائين

ڳوٺ جي وڏيري زور ورتو، راڄ هٿ ڪيائين، ڪامورن جي پشتي مليس، "بدمعاشن" خلاف ٻن - ٽن ڪيسن ۾ ڊپٽي صاحب اڳيان ڪاميابيءَ سان اظهار ڏيئي آيو، لاڳيتا ٻه - ٽي سال فصل به چڱا ڪنيائين، ته هڪدم "وڏيرو سائين" ٻڌجي ويو.

پر ان منصب جو حاصل ڪرڻ ايترو ڏکيو نه هوندو هو، جيترو اُن جو سنڀالڻ ۽ ان جون ذميواريون نڀاهڻ. وڏي هشياري ۽ معاملي فهمي درڪار هوندي هئي. ماڻهوءَ کي ڏينهن رات خبردار رهڻو ٿي پيو. عام چوڻي هوندي هئي: "جيڏا اوتا تيڏا پوتا، جيڏا اُٺ اوڏا لوڏا". پاڙيوارن جون رقابتون، عملدارن جون متلون مزاجيون (اڄ هڪ وڏيري کي هشي ٿي ڏنائون ته سڀاڻي ٻئي وڏيري تي سندن نظر ڪرم ٿي پيئي)، مهمانخاني جا خرچ، گشتي عملدارن جون رسايون، "پوزيشن" کي سنڀالڻ لاءِ آمدني وڌائڻ جا ويچار، راڄ جي اندروني جهيڙن جهڳڙن کي سموهي ساري پاڙي کي پنهنجي هٿ ۾ رکڻ، پنهنجن گهرن ۽ ٻارن جي حفاظت ڪرڻ، جيئن ڪو دل سڙيو "بدمعاش" يا زهريلو رقيب جاني يا مالي نقصان پهچائي نه سگهي، وغيره، وغيره — هزارين هونديون هيون مصيبتون هڪ "وڏيري سائين" جي گردن ۾.

جن ماڻهن انهن سمورين جوابدارين کي ساري عمر احسن طريقي سان نباهيو، انهن مان هڪ شخص **وڏيرو جان محمد خان ابڙو** مرحوم، پونيٽ پور تعلقي رتيديري جو زميندار هو.

زمين ٿوري، گهاڙ واهه جو پاڻي ڪڏهن چڙهي ڪڏهن لهي، فصل ڪڏهن پچن ڪڏهن سوڪ ٿي وڃن. پاڙي جا وڏا زميندار راضي "گهڙي پهر". باقي سارو وقت چيٽن پورڻ ۾ مصروف. عملدارن جي ياري "هڪ هٿ پڪ ٻي سچي واري"، چوطرف هڪ راڄ نه پر "ست راڄي"، تعليم بنهه ڪانه. وڏي ڪوشش سان صحيح وجهي سگهبي، پر جڏهن ڳوٺ جو نالو لکڻو پوندو ته "پونيٽ پور" "پوپٽ پور" پڻي پڙهبي، اولاد فقط هڪ پٽ، سو به ڦوهه جوانيءَ اندر گذاري ويو. مٽ مائٽ ڪجهه حاسد، باقي سڀ اٽڪهڙيا ڪاٺ: غرض ته حالتون ناسازگار، ذريعا محدود، مگر وڏيري جان محمد مرحوم جي وڏيرپ جو ڏونڪو پورا پنجاهه سال انتهائي ڪاميابيءَ سان وڄندو رهيو.

عجيب خوبين جو صاحب هوندو هو. سياُستدان، دور انديش، موقعي جو ڄاڻو، متحمل مزاج، حوصلي مند، ڪفايت شعار، گفتگو ۾ سخت هشيار. ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ پيدا ٿئي ها ۽ تعليم پرايل هجيس ها ته وڏو نانءُ پيدا ڪري ها. هت سندس هشياريءَ کي نظر ۾ رکي، عام ماڻهو، پنهنجي مخصوص ڳوٺاڻيءَ زبان ۾، فقط ڪيس "ڪانءَ" سان تشبيهه ڏيندا ٿي رهيا.

ڪانءَ سان سندس پيٽ جو مقصد هرگز سندس گهٽتائي ڪرڻ ڪانه هئي. سنڌ جي ادب ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ اندر ڪانءَ تمام وڏي شيءِ هوندو هو، هر خيال ڪان ۽ هر لحاظ سان. سياڻپ ۽ دورانديشيءَ جي معاملي ۾ سندس ثاني ڪونه سمجهندا هئا. خير ۽ خوشيءَ جو خاص خابرو ليکيو ويندو هو. وڇڙيلن ۽ آسائتن جو آخرين آسرو هوندو هو. ستن ڪوٽن اندر ڪڙيل ۽ قابو ٿيل مُـنيءَ مارئيءَ تائين منن ماروئڙن جي مخفي سنيهن ۽ سنديسن پهچائڻ جو ڪم سندس سپرد ٿي رهيو. ان عالمِ حبس اندر، جيڪڏهن ڪنياتو هر فجر جو ان ڪاري ڪوٺ جي ڪنگرن تان ويهي پنهنجين لاڪيٽين لاتين سان ڪيس وندرائيندو ۽ آزاديءَ ۽ مارن سان ميلاپ جا آسرا نه ڏيندو رهي ها، ته هوند گهٽا ڏينهن مارئي زنده رهي سگهي ها؟ اهڙين خصوصي خدمتن عوض ئي سنڌ جي شاعرن ڪانءَ کي اهو درجو ڏنو، جو ايران اندر بلبل کي حاصل هو. منجهانئن ڪيترن سندس خدمت ۾ جيري ۽

هنيانءَ جا هديا پيش ڪيا. جن ڪان ايترو گهٽو پڇي ڪونہ سگهيو، تن پڻ گهٽ ۾ گهٽ ڪيس منا لولا ضرور ڪارايا.

تنهنڪري وڏيري جان محمد خان مرحوم ڪي جن ماڻهن اهڙي پڪيءَ سان ٿي پيٽيو، تن حقيقت ۾ محض سندس سياڻپ ۽ ڪارآمدگيءَ جو داد ٿي ڏنو.

سندس ڪچهري ڏسڻ وٽان هوندي هئي.

پاڙي جي معززن ۽ عزيزن، ۽ ابڙا قوم جي مهاندن لاءِ ڪٽون هونديون، باقي آئي وئي لاءِ نڪون ۽ تڏا. صبح ٿيندو تہ غسل ڪندو، نماز پڙهندو، نماز بعد وار ڪولي اچي ڪچهريءَ ۾ ويهندو ۽ ڪين سيرون ڏيئي پيو سڪائيندو. گهڙيءَ پهر اندر ماڻهو اچڻ شروع ٿيندا. ڪن جون ہڏيءَ چوڙيءَ جون دانهون هونديون، ڪن جا پاڻ ۾ ملڪيتن جا تڪرار هوندا، ڪن جا ڪن ڏانهن "پاڻيءَ جا پاءَ" رهيل هوندا. پاڻ ڳالهيون ٻڌندو فيصلا ڏيندو ويندو، جيڪو فيصلو نہ مجيندو تنهن ڪي دپ دڙڪو پيو ڪندو. ڪنهن ليچ لونبڙ واتان ڪو نا مناسب گفتو نڪري ويو تہ سخت تنبيهہ ملنديس. ڪامورن جو بيحد آڌر ڀاءُ ٿيندو رهندو. وڏن عملدارن جي ويجهو گهٽو ڪري ڪونہ ويندو. هيٺين ڪامورن سان سخت نياز ۽ نوڙت سان پيو هلندو. ۽ ڪين هميشہ راضي رکيو ايندو. مٿين عملدارن مان وڌ ۾ وڌ ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي سپريڊنٽ پوليس تائين ويندو، عام طرح سندس اٿ - ويهہ مختيارڪار ۽ صوبيدار تائين هوندي. پاڙي جا ٻيا زميندار سڀ وڏا ماڻهو ۽ مغرور هوندا هئا، جن جي ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ ڪان هيٺين عملدارن ۾ بنهہ اک ئي ڪانہ ٻڌندي هئي - ان ڳالهہ جو فائدو جان محمد خان وٺندو رهيو.

هيٺين عملدارن سان حسن سلوڪ ڪري ڪين هميشہ پنهنجو طرفدار ۽ مددگار بڻايو وٺنو رهيو. انهن جي وسيلي، پنهنجي درجي آهر، هر سرڪاري عزت حاصل ڪيائين. ڪمشنر جي دربار جي ڪرسي، ڪجهہ عرصي لاءِ آنرري مئجسٽريٽي، بندوقن جا ليسن، وغيره وغيره. پنهنجيءَ وزارت جي زماني ۾ مون ڪيس "جسٽس آف دي پيس" (جي. پي) پڻ مقرر ڪيو.

پاڙي جا زميندار، حسد وچان، ڪيس نقصان پهچائڻ لاءِ هزار ڪوششون ڪندا، پر حد جا ننڍا عملدار سندس پاسو وٺيو بيٺا هوندا، جنهنڪري ڪيس ڪا بہ تڪليف ڪانہ ٿي رسي.

"رعب تاب" ۽ "حفظ مراتب" جي اصولن جو خاص خيال هوندو هوس. ڇڻ ڇاموٽ کي اک ۾ رکيو ايندو. مجال آهي جو ڪو سندس اڳيان گستاخي ڪري يا ڪڻ يا موڙي تي چڙهي ويهي، هڪدم هڪل ڪري متان اٿاري هيٺ ويهاريندس.

مون پنهنجي ڳوناٺي زندگيءَ واري زماني ۾ دستور جاري ڪيو ته ڪو به ماڻهو منهنجي اڳيان هيٺ نه ويهي. هر آئي وئي ۽ غريب ماڻهوءَ لاءِ به ڪرسيون، ڪٽون ۽ موڙا رکائي ڇڏيم. جان محمد خان مرحوم کي اها ڳالهه ڪانه وڻي، سو هر پيري شڪايتون ڪندو رهيو - ڇي، "تو لچن لوفرن جي دل وڌائي ڇڏي آهي، ان مان ڏاڍو ڏچو پيدا ٿيندو." پسگردائيءَ جي ڪنهن "ڇڻ" سرڪشي اختيار ڪئي ته هڪدم صوبيدار سان بندوبست، ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر اڳيان شڪايت ڪري، بدمعاشيءَ ۾ جهلائي ڇڏيندس. ننگاوتيءَ جي ڳالهه تان ڪنهن خون ڪري وڌو ته پراڻي فيوڊل دستور موجب ان شخص جو هرگز "پن نه ڪٽندو"، بلڪ ڦاسي پوندو ته مناسب مدد ڪري ڇڏائي به وٺندس.

سندس دوراندیشيءَ جو هيءُ عالم هوندو هو جو پاڻ ڪان ڏاڍي سان بنهه هٿ نه اٽڪائيندو. اڳواڻ ڏسي وٺندو هو ته ڪهڙي شخص مان ڪيتري فائدي ۽ ڪيڏي نقصان پهچڻ جو امڪان ٿي سگهي ٿو، پوءِ بعينه ان انداز ۾ ان سان تعلقات رکيو ايندو. مثلاً، منهنجن بزرگن سان اوائل ڪان وٺي سندس تعلقات اهڙا نه هوندا هئا، جهڙا هجڻ کپندا هئا. انهن جي انتقال بعد منهنجو وارو آيو، سمجهي ورتائين ته مون ۾ نقصان پهچائڻ جي وڏيڪ صلاحيت آهي، تنهنڪري مون سان هڪدم ميناج، بلڪ فرمانبرداريءَ جو سلوڪ ڪرڻ لڳو. سالن جا سال اها ڪيفيت قائم رهي. مرحوم مون سان اهڙا پير ڪنيا جو سندس قضيو ٿيو ته مون ائين سمجهيو ته ڄڻ منهنجو هڪ بزرگ گذاري ويو.

هڪ ٻيءَ خوبيءَ سبب پڻ آءُ سندس ڏاڍي عزت ڪندو هوس. مثلاً، ڪنهن پاڙيواري سان ڪيڏي به دشمني هونديس، مگر ان شخص تيءَ ڪا تڪليف اچي وئي ته هر مناسب طريقي سان اُن جي مدد ڪندو. هڪ واقعو مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي. جنهن زماني ۾ منهنجن بزرگن ۽ وڏيري جان محمد خان جا تعلقات خراب هوندا هئا، ان زماني ۾ هڪ دفعي اسان جي ڳوٺ جي پر ۾ پڻي واهه کي ڪنڊ پئجي ويو، جنهنڪري اسان جي ڳوٺ ٻڏي وڃڻ جو سخت خطرو پيدا ٿيو. پاڻيءَ جو ايڏو زور هو جو ڳوٺ ٻڏڻ ۾ باقي گهڙيءَ پهر جو سوال

وڃي رهيو، ۽ ڳوٺ غرق ٿئي ها تہ اسين هميشہ لاءِ برباد ٿي وڃون ها. جان محمد خان کي خبر پئي، پاڻ لٽا لاهي، گوڏ ٻڌي، پنهنجي شهر جا سمورا ماڻهو ڪٺا ڪري اچي ڪنڌ ٻڌائڻ بيهي رهيو. سنڌس پنهنجو پاءُ پاڻيءَ کان ٻاهر واهہ جي پر تي بيٺل نظر آيس، هڪل ڪري چيائين: "نامراد، اڃا پڪ تي ويٺو آهين! اندر گهڙ، مر، مري سر ڏي، ويل اٿئي، ويل ٿو وڃائين!" سنڌس پاءُ ٽپو ڏيئي واهہ ۾ گهڙي پيو. وڏيءَ محنت بعد ڪنڌ ٻڌو، ۽ اسان جو ڳوٺ غرقابيءَ کان بچي ويو. چوندو هو:"ميان علي محمد شاهہ! پاڙي ۾ ويٺا آهيون، ورو وري تي رکيو، پاڙو پيغمبرن کي بہ پيارو هوندو هو."

مون سندس ڪفايت شعاريءَ جو ذڪر ڪيو آهي. مرحوم جي زمينداري تمام محدود هوندي هئي، مگر تنهن هوندي بہ هيءَ طرف ڪفايت ڪري پنهنجي "اوطاق" قائم رکيو آيو. آئي وئي لاءِ مانيءَ جو ٽڪر هر وقت موجود هوندو. اجائي خرچ کان اڻين ويندو، جيئن "ڪانءَ ڪمان ڪان". ساري عمر ٽرڊ ڪلاس ۾ سفر ڪيائين. نصرت اسٽيشن کان لاڙڪاڻي جو ڀاڙو فقط چار آنا هوندو هو، پر بغير اشد ضرورت جي لاڙڪاڻي تائين بہ ڪونہ ويندو. ڪنهن لڳا لاڙڪاڻي وڃي نڪرندو تہ شهر ۾ بگي ڀاڙي نہ ڪندو، پنڌ هلندو رهندو، مگر اهڙي شان سان، جو ٻہ - چار ماڻهو ضرور ڪڍ هوندس. صورت ۾ بہ ڏاڍو معزز پيو لڳندو هو - بت ڀريل، قداور، ڏاڙهي چاپئين، سهڻي. لباس: ڪنيل سفيد پڳ، ڊگهو سفيد پيراهن، سفيد سٿڻ، پيرن ۾ سنڌي جُتي، ڪلهي تي دائما سفيد بوڇڻ. ڪوٽ گاهي ماهي پائيندو، هٿ ۾ سنهو نيٽ جو لڪڻ.

گفتگو ڪندو تہ سمجهي سوچي، اثرائتن اکرن ۾، دليلن، سببن ۽ ثابتين جي بنياد تي. هر جملي مان اڳلي لاءِ عزت پئي بکندي، جنهنڪري ٻڌندڙ هڪدم موهجي ۽ طرفدار بڻجي پوندو. پنهنجن ذات ڀائين ابڙن کي هميشہ چاتيءَ سان لايو ويٺو هوندو هو. ڪيس پنهنجيءَ قوم آبڙ جي ماضيءَ تي فخر هوندو هو، ۽ سياسي فائدن جي خيال کان "آبڙ" جي حلقي ۾ پسگردائيءَ جي هر ذات کي شامل ڪري ڇڏيو هئائين، مثلاً ڪماريا، دائودجا، راهوجا، جيها، ڪڪراٽي، ڏيتا، گهانگهرا، جوٽيجا، وغيره. جا ذات سڌيءَ طرح آبڙ ۾ اچي نہ سگهندي، تہ ان کي "سماٽ" ۾ داخل ڪري، ابڙن جو سوٽ ثابت ڪري ڇڏيندو. ڀاڙي جي هر ڳوٺ اندر هڪ "مهاندو" پيدا ڪيائين، جنهن جي ذريعي

ان ڳوٺ جي ماڻهن تي پنهنجو اثر قائم رکيو آيو. سندس سلوگن (Slogan) يا نعرو هوندو هو: "آبڙ جو ننگ!" ان "ننگ" جي بنياد تي ساريءَ آبڙ کي سلهاڙيو وينو رهيو. پري پري جا ابڙا بہ کيس پنهنجو اڳواڻ سمجهندا رهيا. ساريءَ اپر سنڌ اندر جت بہ کو ابڙو وڏيرو نظر آيس تہ ان سان وڏي وجي تعلقات پيدا کيائين. کين چوندو: "ادا، ابڙا آهيون، پاڻ ۾ پائر آهيون، آبڙکيءَ جو ننگ اسان کي نہ پوندو تہ ٻئي ڪنهن کي پوندو!" غرض تہ نہ فقط خاص پنهنجي پسگردائيءَ اندر، بلڪ ساريءَ اپر سنڌ ۾ سندس دوست هوندا هئا: وڏيرو صاحب خان جوڻيجو مرحوم (ڏامراهن تعلقي لاڙڪاڻي وارو)، وڏيرو شير محمد خان کماريو، (لاڙڪاڻي وارو)، عبدالرحمان موهل (نئين ديري جي پر وارو)، رسول بخش خان جوڻيجو (مرزانپور تعلقي ڳڙهي ياسين وارو)، وڏيرو پيرل خان ککراڻي (لڳ نوشهرو تعلقو ڳڙهي ياسين). کهڙن مان محمد ايوب خان کهڙي زور ورتو تہ کهڙا بہ "سماٽ" ۾ شامل ٿي ويا، باقراڻيءَ واري وڏيري غلام عمر خان انڙ ترقي ڪئي تہ انڙ بہ ان زمري ۾ منسلڪ ٿيا. غرض تہ مرحوم جان محمد خان جي اها پاليسي پڇاڙيءَ تائين ڪامياب رهي، ۽ پاڻ کي ڪڏهن بہ اڪيلو شمار ٿيڻ نہ ڏنائين. في الحقيقت، ان زماني جي هوندي بہ اها وڏي ۾ وڏي ضرورت هئي.

پنهنجي ڳوٺ تي ساهہ ڏيندو هو. سندس بيٺلائي ڏسي، ڪيترائي ماڻهو ٻاهران لڏي اچي سندس ڳوٺ ۾ وينا، جنهنڪري سندس ڳوٺ ڏاڍو وسيو. هر قسم جا ڪاسبي ۽ پيشہ ور ماڻهو، جن کي ڳوٺن جي سونهن سمجهيو ويندو هو، موجود ٿي ويا. لوهرن مان مرحوم عثمان عجيب، سچو، معزز، همدرد ۽ نيڪ سيرت انسان سمجهيو ويندو هو. سندس دڪان هڪ قسم جي ڪلب يا ڪچهريءَ جي جاءِ هوندو هو. مُلپيءَ جو ڪم ملان الله بخش (يا ملا علو) جي سپرد هو. ڳوٺ جو موچي استو عارب هوندو هو، جنهن جون ناهيل سنڌي جُتيون پنهنجو مثال پاڻ هونديون هيون. پر گراهڪن کي جُتين ناهي ڏيڻ بدران گهٽو ڪري "موچڪن دلاسن." تي رکندو هو. استو محمد ڪنير هوندو هو، جنهن جي آوي تان لٽل ٿانو ڏاڍا مرغوب هوندا هئا. واڻين (هندن) جو هڪ سچو پاڙو هوندو هو، جن جو مُکي هوندو هو وهنواريو مل. وهنواريومل، وهنوار جي ڪمن ۾ پنهنجي ڳوٺ جي وڏيري وانگر "صاحبِ پاليسي" هوندو

هو. هڻ هلائڻ کان سواءِ، زمينن جا نيڪا بہ ڪڍندو رهيو. پنهنجي نياز نوڙت ۽ هيڻانهيڻ ۽ وسيلي ياڙي جي ڪاتيدارن جا ڪَـنَ ڪتري ڇڏيائين. غريب ڪان غريب مسلمان ڪاتيدار جي اڳيان بہ ڌرتيءَ تي ويهي رهندو، ۽ هٿ ٻڌي پيو چوندس. "سائين، تون هاتي آءُ ڪـِول، تنهنجو پير مون تي پوندو تہ منهنجو نشان بہ ڪونہ رهندو" - پر ان "ڪول"، وقت آئي، ڪيترن ئي "هاتين" جا نشان مٽائي ڇڏيا. پائي هرداسمل پونيـٽپور جو ٻيو مهانڊو هوندو هو. وهنوارئي مل کان گهٽ "پيرڙيو"، ۽ وقت آئي "مڙس ماڻهو".

جان محمد خان جو ڳوٺ وسيو، تنهن جا سبب اُهي ئي هئا، جن جي بنياد تي ان زماني ۾ ٻهراڙيءَ اندر ڳوٺ وڌندا تي رهيا. مثلاً:

(1) ڳوٺ – وڏيري جي زوراٽي هجڻ سبب چوريءَ چڪاريءَ جو امڪان ڪونہ رهيو.

(2) لچ لونبڙ اشرافن سان "آسيب" ڪري ڪونہ تي سگهيو.

(3) آئي وئي ڪاموري سان وڏيرو پاڻ منهن ڏيندو تي رهيو، جنهنڪري شهر جا ماڻهو عملداري آزار کان محفوظ تي رهيا.

(4) وڏيري پاڻ يا سندس ڪٽنب جي ننڍين وڏن مان ڪنهن بہ راڄ جو لوڙهو ڪونہ تي لتاڙيو، جنهنڪري ننگاوتيءَ جي معاملي ۾ راڄ جي ماڻهن ڪي اطمينان حاصل هو.

عام چوڻي هوندي هئي تہ "ماڻهو ٿڌيءَ ڇانو هينان ئي اچيو آسائش وني ٿو". وڏيري جان محمد خان مرحوم ٿڌي ڇانوَ پيدا ڪئي، جنهنڪري هيڏانهن هوڏانهن جي ماڻهن ڊوڙي اچي ان ٿڌيءَ ڇانوَ هينان آسائش ڪئي.

مائي حليمان ميربحر، پونيـٽپور جو هڪ خاص ڪٿريڪٽر هوندي هئي. سياڻي، فضيلت پري، شاديءَ غمي جي ڪمن ۾ هرهڪ جي همدرد. پاڙي ۾ جنهن بہ سڏ ڪيس، خوشيءَ سان ورنائيندي. سڱابنديءَ جو معاملو هوندو تہ طرفين جي وچ ۾ نياپا سنيها پڄائيندي ۽ آخر آڻي گهوٽيتن خواهہ ڪنواريتن کي هڪ ئي نڪتي تي بيهاريندي. ڪنوار کي "ونواهہ" جي ڏينهن اندر "ناهڻ"، سينگارڻ ۽ سنوارڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪڻندي. هر صبح جو اچي ڪنواريتي گهر رسندي: ڪنوار جي جسم کي اٽي ۽ سرنهن جي تيل سان مليندي، مٿي کي سير ڏيئي صاف ڪنديس، ميٽ تيل سان وهنجاريندس، ۽ وهنجارڻ کان

پوءِ مٿي ۾ تيل وجهي ۽ سينڌ ڏيئي، سندر وجهنديس، هٿن پيرن تي مينديءَ لائينديس، اکين کي ڪجل جي "ريهه" ۽ چپن کي سرخيءَ جو چٽڪو ڏينديس، ڪاڏي لاءِ بُسريءَ، چُوريءَ، ڪُٽيءَ، مکڻ ۽ مُستيءَ جو انتظام ڪنديس. آخري "مٿاميڙ" جي موقعي تي، لاٽن ڏيارڻ ۽ سانن سڳڻن پوري ڪرائڻ جي ذميواري پڻ سندس سر تي هوندي. جيستائين نڪيٽي (يا رخصتي) جو وقت ايندو. مائي حليمان اهي سمورا ڏينهن هر شام جو ڳوٺ جي زالن کي گهوٽيتن جي گهر جمع ڪري، انهن سان گڏجي ويهي سهرا چوندي. سهرن ۾ زياده تر ذڪر هوندو زيورن جو. سونن ۽ نـِهرن جو - "دُري گهڙائج نـِهري" جن زيورن جي سلسلي ۾ سون مهيا ٿيڻ جو امڪان نه هوندو. تن جي باري ۾ پڻ اصرار هوندو ته گهٽ ۾ گهٽ "نـِهرا" ضرور هجن.

وڏيري جان محمد خان مرحوم جي صورت هينئر به اکين اڳيان پئي ڦري. توڙي جو آءٌ سندس ڳوٺ کان چار هزار ميل پري، منيلا فلپائن ۾ ويٺو هيءُ مضمون لکان -

...اڇو اجرو، ڪميت گهوڙيءَ تي چڙهيل، هنج ۾ ٻارهن بور جي دونالي بندوق گهوڙن سان (آءِ. هالس ڪمپنيءَ جي ٺهيل) رکيل، اڳ ۾ هڪ يا ٻه ڪنجڪي، گهاڙ واهه جو ڪنارو ڏيو پيو ڳوٺ اچي يا ڳوٺ مان نڪري: يا اوطاق جي ٻاهران ويٺو آهي، گهاڙ واهه جي ڪناري تي، ٻٻر جي ڇانوَ هيٺان، کٽ تي: مٿي تي پرت پريل ننڍي ٽوپي، سفيد چولو، سفيد گوڏ، چوڏاري ڪچهري، جنهن ۾ ويٺا آهن سندس پاڙي جا مهاندا - ميهو خان ککراڻي، وڏيرو جهان خان ککراڻي، بهادر خان، بالاچ خان، مرزا خان (يا سندس پٽ نهال خان) ککراڻي، فيض محمد ڏيٿو، محمد پناهه راهوجو، وغيره وغيره: پيون هلن اوياريون نهواريون حڪايتون، ٻـَـڌيءَ چوڙيءَ جون شڪايتون، آبڙڪيون روايتون: هرڪو خوش، هر ڪو مطمئن...

مرحوم نوي ورهين جي ڄمار ۾ انتقال ڪيو. ساري عمر سندس هاٺي مضبوط رهي. ان جو سبب هو ڳوناٺي خوراڪ (ماهيو ڪير، ڏُڌ، ڏهي، مکڻ، ڇيلي جو گوشت، گهر اندر جنڊ ۾ پيهيل هٿ جو صاف ۽ تازو اٽو)، تازي ڪليل هوا، سانوڻ ۾ ڏکڻ جي هير، سياري ۾ اتر جي جهـَـڪ، جهنگ جي خوشبو، فطري ورزش، پـَـنڌ يا گهوڙي جي سواري، رفتارِ زندگيءَ جي آهستگي: اڄڻ

وچڻ جا پروگرام ٺهندا، تہ نہ ڪلاڪن نہ ڏينهن پيرين، پر چنڊ جي چڪر ۽ موسمن جي ڦيري جي بنياد تي. رات وڳڙي روشني هوندي تہ چنڊ جي چانڊاڻ ۽ تارن جي جهرمر جي، اونداهيءَ ڪونيءَ ۾ وچٿو پوندو تہ تيل جو ڏيئو ڪٻو. ڏينهن جو گرمي ٿيندي تہ ڇت جي جهلي هلندي يا هاٿائون پکو، سياري ۾ پارو پوندو تہ ٻاہرا، ڪانڌاوان، يا ٻاهڻ جا ٻنڊ ٻرندا، طعام وجهندو تہ ٺڪر جي ڪُنيءَ ۾ يا وڏ ۾ وڏ ٽامي جي قلعي ٿيل ديڳڙن ۾. ڊگڙي پچندي تہ پاهڻ جي ٺوڪيءَ يا ٺڪر جي دانگيءَ تي. چلهي هيٺان باهہ هوندي تہ ڪاٺين جي، ۽ نہ گاسليٽ نہ ڪوئلن نہ گئس نہ بجليءَ جي - آهستو آهستو پئي ٻرندي - نہ وٺامن سڙڻ جو خوف، نہ ديڳڙن جي ڪس لهڻ جو امڪان، نہ ڪاڏي جي اصلي ذائقي ڦري وڃڻ جو احتمال. ڀاڄي هوندي تہ پنهنجي واڙيءَ جي، يا فصلي ۽ جهنگائين- سرنهن ڄانپي جا ڳنر، مٽرن ڇٽن جي پلي، اِڪڙ جا پن، گوار جون ڦريون، لوٽڪ ۽ للر جا موڙ- هٽ جي مکڻ ۾ رجهندي، ٿوم جو واس ڏنو ويندو. ليلو يا گهر جو پليل ڇوزو چڙهندو تہ ٻوڙ ۾ ڏاٿن جا تازا پن داخل ٿيندا، جيئن سڳنڌ پيدا ٿئي، ڇني ڇماهي ڪو تتر اڇي ويو تہ سبحان الله، بهشتي ميوو، جنت جو لڏون سمجهيو ويندو!

۽ نہ وري اها زندگي موسيقيءَ کان ئي خالي ٿي رهي. يڪتاري يا گهڙي وارو ڪافير نہ هوندو تہ قدرتي آڪسٽرا موجود هوندو: سانوڻ جا ٻاٽي وهي ايندا تہ ڏيڏرن جا ٻٽنڊ ۽ ٽيٽهر جي وائلن پئي ٻڌبي. چيٽ آيو تہ ڪارڙو تتر ميدان ۾ موجود هوندو، پيو سڏيندو "پير پير ڪدو". خواجہ خضر آيس نہ آيس، پر "مسيون" (ڪارڙي تتر جون ماديون) گهٽيون ئي اچي ملنديس. عشق ڪي اندازَ اندر هلايائين تہ مدتن تائين مرڪندو رهندو. ٻيءَ صورت ۾ هر عاشق زار وانگر ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي وڃي ديڳڙي داخل ٿيندو. هر پرهہ ڦٽندي، ڪنياتي جي منين لاتين سان، ۽ هر شام ايندي بگڙي تتر جي تنوار بعد. ۽ نہ وري قدرت جو اهو پروگرام ان وچ ۾ ئي بند رهندو. گهرن اندر جهرڪين جي جهٽ مٽ ۽ جهيڙا هوندا، گهر جي ٻاهر وٽن مٿان ڳيري جي "گهوگهو"، ۽ وٽن هيٺان ڳوناٽي ڳيري جي "هو هو"!

پوءِ انسان جا اعصاب ڪمزور ٿيندا تہ ڇو، بدهاضمي جي شڪايت ٿينديس تہ ڇا وڳهي؟ ۽ اهڙي اطمينان بخش، صاف ۽ ستريءَ فضا اندر جيڪڏهن نوي ورهين تائين جيئرو رهيو تہ عجب جو ڪهڙو سبب؟

## طيب جا ديوان

## راءِ صاحب مولچند

پنجوديري کان سواءِ طيب جو شهر، جيڪو رتيديري کان ٻن - ٽِن ميلن جي فاصلي تي، نئين ديري واري رستي جي ڪناري تي آهي، سو پڻ هندو ديوانن جو ڳڙهه هوندو هو. ديوان انگريزي پڙهيل، انگريزي طرز رهائش جا دلداده! ۽ وڏين املاڪن جا مالڪ هوندا هئا. هليءَ چليءَ ۾ مسلمان زميندار جي ڪاريان ڪاپي. سنا بنگلا، پيڪيدار ڪمدار ۽ نوڪر، سواريءَ لاءِ قيمتي گهوڙا بگيون ۽ موٽرون. لباس گهر اندر مسلمانڪو، اندر - ٻاهر لاءِ انگريزي سوٽ - ڪوٽ. ناٽي جي نمائش لکن پيرين. ونڊر لاءِ هڪ - اڌ مسلمان سُريت، جنهن جي رهائش جو انتظام ٽيل هوندو ڏيهن تي.

راءِ صاحب مولچند سخاوتراءِ هڪ صوفي منش صاحب هوندو هو. شلوار پهريندو هو ۽ مٿي تي پٽڪو رکندو هو. ڏاڙهي مٺ کان وڏي هوندي هيس، پري کان مولوي پيو نظر ايندو هو. ويدانت سان واهپو ۽ سرود سماع سان ڳوڙهي دلچسپي رکندو هو. انگريز سندس عزت ڪندا هئا. آنرري ماجسٽريٽن جو سرشتو جاري ٿيو تہ ڪيس هڪ بينچ جو چيئرمن مقرر ڪيائون. صحيح ڪندو هو تہ پنهنجي نالي کان پهريائين، پنهنجي هٿ سان پاڻ کي "R.S"، (راءِ صاحب) لکندو هو.

## ديوان آتمارام

ديوان آتمارام وڏيءَ همت ۽ نالي وارو شخص هوندو هو. ڪنهن جي پرواهہ ڪانہ ڪندو هو، حتاڪ گهٽو ڪري وقت جي حاڪمن کان پڻ پاسيرو پيو رهندو هو. پئسا جام هوندا هئس، جنهنڪري هرڪو پيو ڪانئس ڪن هٽندو هو. هڪ دفعي، اتفاقاً مٿس جعلسازيءَ جو مقدمو ٿي پيو. ڪنهن دستاويز ۾ درستي ٿيل هئي، سندس مخالفن الزام آندو تہ اها درستي جعلي آهي، جيڪا آتمارام پاڻ ڪئي آهي. وقت جا آفيسر اڳ ۾ ئي سندس مخالف هئا، بهاني ملڻ تي هڪدم طوفان ڪڙو ڪري ڏنائون. مقدمو سيشن تائين ويو. آتمارام پنهنجي بچاءَ لاءِ، ڪلڪتي جو ناليوارو انگريز بئريسٽر سَر اردلي نارٽن گهرايو، جنهن جو نالو ٻڌي مقامي عملدارن جا وار ڪڙا ٿيڻ لڳا. سيشن جج، وائر فيلڊ نالي انگريز هو، جنهن ڪيس ٻڌڻ کان پوءِ ملزم کي بيگناهہ سمجهي باعزت آزاد ڪري ڇڏيو. ان واقعي کان پوءِ آتمارام جو

رعب اڳ ڪان بہ اڳرو ٿي ويو. ڀھراڙيءَ جي حالتن کي ناسازگار ۽ عزت نفس جي منافي سمجھي، طيب ۾ مستقل رھڻ ڇڏي ڏنائين. ڪراچيءَ ۾ بنگلو ورتي، اڪثر وقت وڃي اُت رھڻ لڳو. عام ماڻھو ڪيس سخن جو سچار ۽ بھادر سمجھندا ھئا. وقت آئي، واقعي ھر دوست سان ڪلھو ڏيئي بيھڻ وارو ھو.

## ديوان جيوتراءِ

آتمارام جو ھڪ سؤٽ ديوان جيوتراءِ ھوندو ھو. ساڳيو نمونو ۽ ساڳي طرز رھائش. يار ويس ھوندو ھو. منھنجو ننڍڙائيءَ جو دوست. پاڙي جي مسلمان زميندار کي شڪار ڪندو ڏسي، پاڻ بہ بندوق ڏاريائين. پڪي مري نہ مري، پر رسم پوري ڪندو رھندو ھو.

طيب جي مکيہ ديوانن مان ڪنھن بہ انگريزن جي نوڪري ڪانہ ڪئي. انگريزي زبان سکيا ضرور، مگر ان مان زميندار ي معاملات کان ٻاھر ڪو بہ فائدو ڪونہ ورتائون. برعڪس ان جي، خيريديري ۽ بنگلديري جا عامل ديوان زياده تر نوڪرين جا متلاشي رھيا، ۽ منجھانئن ڪيترن ڊپٽي ڪليڪٽر تي رٽائر ڪيو.

## آتمارام

خيريديري جو ھڪ ديوان، جنھن جو نالو پڻ آتمارام ھو، ڊپٽي ڪليڪٽريءَ تان رٽائر ڪرڻ بعد، پھرين بينچ ماجسٽريٽ ۽ بعد ۾ اسپيشل فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ مقرر ٿيو. ڪجھ وقت تائين ڏاڏي مرحوم سان گڏ بينچ جو ميمبر ھوندو ھو. عقلمند، تجربيڪار، خداترس، ۽ منصف مزاج سمجھيو ويندو ھو. مون کي مطالعي جو شوقين ڏسي، ھڪ دفعي صلاح ڏنائين تہ "ڪتاب پڙھندي جيڪا شي اھم ڏسين، سا جدا ڪاپي - بڪ تي نوٽ ڪندو وڃ. ان طرح سان خودبخود مطالعي جو نچوڙ دماغ تي نقش ٿي ويندءِ. ٻيءَ طرح سان مطالعو بي نتيجي رھجي ويندو." اڳتي ھلي، تجربي ثابت ڪيو تہ سندس اھو مشورو بلڪل صحيح ھو.

## الله بخشڪ خان ھَڪڙو

خيريديري ۾ زور تہ ھوندو ھو، ھندو ڪامورن جو. شھر جي زميندار ي وري بہ پشت بپشت ھَڪڙن زميندارن جي ئي حوالي ھوندي ھئي. منھنجي زماني ۾ خيريديري جو مکيہ زميندار ھوندو ھو، الله بخش خان ھَڪڙو. مدبر،

بااخلاق، ۽ مڙسيءَ وارو ليکيو ويندو هو. گهٽو ڪري پاڙي جي وڏن زميندارن جي ڪاڻ ڪانه ڪڍندو هو. حلقهءِ اثر محدود سهي، پر پنهنجي "خانيءَ خان" هوندو هو. سياري جي موسم ۾ ڊگهو اوورڪوٽ پايو وتندو هو. جنهن جي پنيان واري پٽيءَ تي هيءُ شعر ڪاري ڌاڳي سان پرائي چڙهيو هئائين:

اللہ بخش هڪڙه زهي نيڪ نام،

خدا بخش ابوش شده نيڪ ڪام.

تعلقي جو مرڪزي شهر هوندو هو رتيديرو. ميونسپالٽي پيبل هيس، تعلقي آفيس به اتي ئي هوندي هئي.

ان شهر سان تعلق رکندڙ ٻه شخصيتون قابل ذڪر آهن.

## راءِ صاحب گوڪلداس ميولداس

راءِ صاحب گوڪلداس ميولداس ميونسپل پريزيڊنٽ هوندو هو. شريف، امن پسند، ۽ زبان جو وزني سمجهيو ويندو هو. سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي ته لاڙڪاڻي ضلعي مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. وزارتن ڦرندي گهرندي، ٻه - ٽي دفعا وزير به بڻيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ديس کان موڪلائي وڃي هندستان ۾ رهڻ لڳو. پويان پنهنجي شهر جي هندن خواهہ مسلمانن اندر چڱو نالو ڇڏي ويو.

## حاجي علي نواز خان گهانگهرو

مسلمانن مان مرحوم حاجي علي نواز خان گهانگهرو، رتيديري ۽ پسگردائيءَ اندر وڏيءَ هلنديءَ وارو هو. خلافت تحريڪ ۾ سندس خاندان خاص بهرو ورتو هو. جنهنڪري تحريڪ ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ به علي نواز خان انگريز عملدارن اڳيان معتوب رهندو آيو. پر پاڻ به سندن پرواهہ ڪانه ٿي ڪيائين. شايد ئي وڃي ڪڏهن ڪنهن ڪليڪٽر يا ڪمانيءَ جو سلام ڪيائين. ديندار هوندو هو. ۽ قمبر واري پير ميان تراب علي شاهہ رحمة عليه جي حلقهءِ احباب سان وابسته هو.

## علي حسن خان گهانگهرو

مرحوم علي نواز خان جو سوٽ، علي حسن خان گهانگهرو، ته خلافت تحريڪ جي هڪ تاريخي شخصيت ٿي گذريو هو. سڀ کان پهرين، تحريڪ جي

سلسلي ۾، بغاوت جو مقدمو مٿس هليو هو. الزام هيءُ هوس ته هن ماڻهن کي وطن ڇڏي، افغانستان ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ لاءِ آماده ٿي ڪيو: اُن دؤر جو اهو هڪ زبردست مقدمو بڻجي پيو هو. پوليس عملدارن پاڙي جي ڪيترن زميندارن کي بطور شاهد جي آڏي پيش ڪيو. اپر سنڌ ۾ ڌرتلو پئجي ويو. مقدمو لاڙڪاڻي جي ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ، ايڪٽ (A.S.V Acott) نالي انگريز وٽ هليو. مرحوم علي حسن خان پاران، بطور وڪيل، لاڙڪاڻي وارو رئيس غلام محمد غلام علي وڪيل پيش ٿيو. جنهن مقدمي هلندي پنهنجي قانوندانيءَ جا وڏا جوهر ڏيکاريا. نتيجو اهو نڪتو جو خود انگريز ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ انگريزن جي باغيءَ کي بيقصور ٺهرائي، آزاد ڪري ڇڏيو. انصاف ٿيندو هو. حاڪم بيشڪ ڌاريا هوندا هئا، پر عدل ۽ انصاف جي معاملي ۾ رڪ رڪاوٽ ڪانه ڪندا هئا. اهو ئي سبب هو جو سندن حڪومت ايترو وقت، اهڙي شان ۽ مان سان هلندي رهي. جنهن حڪومت انصاف جي اصولن کان انحراف ڪيو، ان جي ڪهڙي ساک، ۽ ان جي مستقبل ۽ بقاءَ جو ڪهڙو يقين؟

علي حسن خان مقدمي مان آزاد ٿيڻ بعد ستت ئي انتقال ڪري ويو، ۽ سندس سياسي ورثو علي نواز خان جي حصي ۾ آيو. جنهن بعد جي ڦريل سياسي حالتن پٽاندڙ ايترو ئي ڪافي سمجهيو ته ڌارين حاڪمن سان قطع تعلق قائم رهي. ڪفايت شعار هوندو هو، ۽ دور انديش. پنهنجيءَ املاڪ کي چڱيءَ طرح سنڀاليائين، ۽ اولاد جي تعليم جو خاص اونو رکندو آيو. الله تعاليٰ کيس غريق رحمت ڪري!

## لاڙڪاڻي تعلقي جون مقتدر شخصيتون

# وڏيرو شير خان کهر مرحوم

نئين ديري کان لاڙڪاڻي ڏانهن روانو ٿبو ته رستي ۾ کهرن جو شهر ايندو- پراڻي گهاڙ واهه جي قريب، وڙاهه جي وچ ۾، وسيل ۽ متل. شهر جو وڏيرو ان زماني ۾ مرحوم شير خان کهر هوندو هو. بزرگانه صورت ۽ سيرت، سفيد سُنهاري ڇاپٽين، جسم ۾ ڀريل. سواري ڇڪڙي جي پسند ڪندو هو، جنهن ۾ چڙهي ماهوٽن تائين ايندو هو، ۽ اتان ريل ۾ سوار ٿي لاڙڪاڻي ويندو هو. ان خاندان جو علم ۽ پيري - فقيريءَ سان گهڻو واسطو رهندو آيو.

خليفو محمد پناهہ مرحوم پير صاحب پاڳارن جو هڪ نالي وارو خليفو ٿي گذريو هو، جنهن جي علم دوستيءَ جون پڻ گهڻيون روايتون پيون ٻڌبيون هيون. مرحوم شير خان، نئين زماني جون ضرورتون محسوس ڪندي، پنهنجي پٽ غلام رسول خان کي اعليٰ انگريزي تعليم ڏياري، سرڪاري ملازمت ۾ داخل ڪرايو. غلام رسول خان مختيارڪاريءَ مان ترقي ڪري ڪليڪٽر ٿيو. اتان رٽائرڊ ڪري سياست ۾ آيو، جتي مون ساڻ گڏ وزير ٿي رهيو. اهڙا بااخلاق، باوفا ۽ بااصول پٽ مرحوم شير خان جهڙن ديندار ۽ نيڪوڪار پيئن کي ئي قدرت طرفان عطا ٿي سگهيا ٿي.

## وڏيرو صاحب خان جوڻيجو

ڏامراهن جو زميندار هوندو هو، ڇاڻندو فقط سنڌي هو، پر تدبر ۽ زماني شناسيءَ ۾ پنهنجن همعصرن جي حلقي اندر ممتاز هوندو هو. رنگ جو سانورو، پريل جسم، قداور، مٿي تي سفيد پڳ، جسم تي پيراهن، هيٺتي لنڊي شلوار پهريندو هو. جڏهن گفتگو شروع ڪندو، تہ دل کي موهيندو ويندو. ايڙي قوم جو ممتاز اڳواڻ ليکيو ويندو هو. پنهنجي پاڙي اندر وڏو ڏاڪو هوندو هوس. مجال آهي ڪنهن ڪاٽڪوءَ ڪڙي کي، جو سنڌس ڪچهريءَ ۾ رَسڻ بعد ڪوڙ ڪري! اوطاق تي صبح کان شام تائين ماڻهن جا ميلا لڳا پيا هوندس. جيڏانهن ويندو، ڪمن ڪارين وارا پنيان لڳا وتندس. وقت سارو، وڏي همت جو صاحب هو. سياسيءَ طرح خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي پارٽيءَ سان وابستہ ٿيو. موت جي گهڙيءَ تائين ان تعلق ۾ ڦيرو اچڻ نہ ڏنائين. جا صلاح ۽ راءِ ڏيندو هو، ان جو بنياد دُورانديشيءَ ۽ پختگيءَ تي هوندو. مقامي ننڍن عملدارن سان خاصي رس رسائي هوندي هيس، جنهنڪري وڏن آفيسرن جي محتاجيءَ کان بچيو پيو هوندو هو. سَوڙ کان ٻاهر پير ڪڏهن ڪونہ ڊگهيڙيائين، جنهنڪري مالي پريشانين کان مستقلاً محفوظ رهندو آيو. تعلقي لوڪلبورڊ جي ميمبريءَ کان مٿي ڪنهن بہ جاءِ جي تمنا ڪانہ رکيائين، جنهنڪري شخصي طرح ڪنهن بہ سياسي چڪر ۾ مبتلا ڪونہ ٿيو. پنجهٺ يا ستر ورهين جي عمر ۾ سنڌس انتقال ٿيو. ڪانئس پوءِ، ان علائقي اندر، وري ڀيو ڪو اهڙو شخص پيدا ڪونہ ٿيو، جو سنڌس خالي ڪيل جاءِ پري سگهي. عام ماڻهو ائين ئي چوندا رهجي ويا، "صاحب خان، صاحب خان ٿي گذريو"!

# مرحوم حاجي امام بخش خان ماھوٺو

وري اهڙا يار مٺار ڪٿان ملندا؟ هي اڪيون پل ورهيہ واجهائينديون وتن!

پڙهيل فقط سنڌي، ساريءَ عمر ۾ "جان عالم" جي قصي کان مٿي ڪنهن ڪتاب کي ويجهو اچڻ ڪونہ ڏنائين. اخبار بہ واٽ ويندي، ڪا مفت جي اک چڙهي وينديس تہ گهڙي - سوا ڏسي وٺندس، ورنہ ٽيو پلو. مگر زندگيءَ جي اصلي عملي ۽ ٺوس معاملن اندر بيمثل اهل الراءِ هوندو هو. پارٽيبازيءَ ۾ هرگز حصو نہ وٺندو. ڪنهن سان بہ پنهنجي وابستگي ايتريقدر نہ وڌائيندو جو ان تي نازل ٿيندڙ مصيبتن جو ڪو حصو ڪيس بہ برداشت ڪرڻو پوي- هر واٽ جو وچ وٺيو پيو هلندو. ڪنهن بہ معاملي جي جيستائين سچي ۽ صحيح تصوير کُلي پڌري پٽ نہ پوندي، تيستائين حاجي صاحب جي پنهنجي راءِ محفوظ ۽ پاليسي غير معين رهندي ايندي. آخري وقت تي قدم ضرور کڻندو، مگر حدن اندر، سهڻو ۽ سيبائيندڙ. جنهن جي مخالف ويندو، ان کي بہ ڏانهنس گهٽي ڏک ڪرڻ جو سبب ڪونہ ٿيندو. انهن ڏينهن اندر لاڙڪاڻي جا وڏا زميندار، سياسي معاملن جي سلسلي ۾ سانَنِ وانگر سِگين لڳا پيا هوندا هئا: هڪ طرف هوندو هو سرشاهنواز خان، جنهن سان وابستہ هوندا هئا - خانبهادر (بعد ۾ نواب) حاجي امير علي خان لاهوري، خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ، خانبهادر محمد پريل خان ڪلهوڙو، ۽ بيا ڪيترا ضلعي جا وڏا ننڍا وڏيرا. ٻئي طرف کان هوندو هو خانبهادر محمد ايوب خان کهڙو، جنهن سان ملحق هئا: خانبهادر علي حسن خان هَڪڙو، ڏوڪري تعلقي جا انڙ، ميرو خان جا چانڊيا، ڊامراهن جا جوڻيجا، لاڙڪاڻي تعلقي جا بقاپوري سيد ۽ ٻَل زميندار. غرض، سڀ ڏاڍا مڙس، سڀ خانيءَ خان. منجهن رات ڏينهن جون رقابتون، وڪ وڪ ۾ "وڙهسان، وڙهسان"...تعلقي لوڪلبورڊ کان بمبئي ڪائونسل ۽ وائسراءِ واريءَ اسيمبليءَ جي ميمبرين تائين، جا جاءِ خالي ٿيندي تہ اُن تي مانداڻ مچي ويندو. سڄو ضلعو زلزلي ۾ هوندو. ٻنهي طرفن کان ڇڪ، دڙڪا داٻ، لالچون لوڀ، ست ستاءُ، ميڙيون منٿون، مرشد سڳورن جا دعا ناما، عملدارن جا عتاب آميز اشارا - هڪ ڪٽڪ لهندو تہ ٻيو پيو چڙهندو. ماڻهوءَ لاءِ مشڪل ٿي پوندو تہ ڪنهن بہ طرف قدم کڻي سگهي! پر حاجي امام بخش مرحوم انهيءَ ساريءَ ڇڪتاڻ هلندي، اٿين پيو نظر ايندو ڄڻ ڪير جي وَٽي تي

گلاب جو گل پيو تَري. هرڪو ڏانهنس راضي، هر ڏر جي دل جو پيمانو اميدن سان لبريز. آخر گهڙيءَ تي وڃي ڪندو فيصلو. جنهن ڏر جي ڪامياب ٿيڻ جو 75 سيڪڙو امڪان نظر ايندس، ان کي 75 سيڪڙو ووٽ ڏيندو ۽ جنهن ڏر جي قسمت جو ترماميٽر، 25 سيڪڙي جي ڪڙيءَ تي بيهجي ويل هوندو، تہ ان کي سندس امداد بہ 25 پرسينٽ ئي ميسر ٿيندي. چوندو هو تہ "سياسي ماڻهو فقط وقتي واقف ٿين ٿا، انهن کي انهن جي پنهنجي ليول تي ئي پيو هلائبو آهي. ڪا اصولن جي لڙائي هجي يا ڪا ذاتي ياري هجي، تہ ماڻهو ويهي ڪري ڪو ٻيو ويچار- هت لڳي پئي آهي ڇڙي نہ - پتائي."

مون سان مرحوم جي پريت هئي - قطعاً ذاتي، ۽ قطعاً غير سياسي! پر هميشه اهو ڪَنَ سِيءُ هوندو هوم تہ وقت آئي، شايد حاجي صاحب مون کي بہ ساڳئي ئي اصول جو شڪار نہ بڻائي. آخر امتحان جو وقت اچي ويو.

لاڙڪاڻي ضلعي جي اسڪولبورڊ ميمبريءَ لاءِ اتفاقاً آءٌ اميدوار ٿيس. حاجي صاحب ضلعي لوڪلبورڊ جو سرڪاري تاقيل ميمبر هو. منهنجي ڪاميابيءَ جو مدار هو سندس ووٽ تي. منهنجي مخالفت ضلعي جي هندو ڪليڪٽر طرفان شدت سان ٿي رهي هئي. ان ڪليڪٽر سان ڪجهہ وقت اڳ مان جهيڙو ڪري چڪو هوس. اهو زهر سندس دل مان خارج ٿيڻ جهڙو نہ هو، جنهنڪري منهنجي اميدواري هينئر سندس لاءِ هڪ چئلينج بڻجي پيئي.

ضلعي جي ٻنهي ڊويزنن جا ڊپٽي ڪليڪٽر مسلمان هئا، قطعاً چمچي قسم جا- حڪم صادر ٿين تہ "امام بخش کي ياد ڏيارين تہ هو سرڪاري تاقيل ميمبر آهي ۽ سرڪار جو حڪم اهو آهي تہ علي محمد کي هرگز ووٽ نہ ڏنو وڃي". حڪم رسڻ شرط امام بخش مرحوم جي ڪڍ ڪوتوار ڪاهي پيا- آڻي ڪيائونس حاضر حضور ۾. چونڊ سخت زورائتي هئي، ضلعي جون اکيون هيون ڪتل امام بخش تي. هر ڪنهن ڀانيو ائين پئي تہ امام بخش ضلعي جي آفيسرن کي انڪار ڪري ڪونہ سگهندو، تنهنڪري منهنجي اميدواري جو معاملو اڳ ۾ ئي ختم ٿي ويندو. آفيسرن کي پاڻ بہ اهڙي ئي خاطري هئي. ڪهڙي مجال هئي هڪ ننڍڙي زميندار ۽ تاقيل سرڪاري ميمبر کي، جو خود سرڪار جي حڪم جي انحرافي ڪري سگهي؟ پر امام بخش مرحوم ٻنهہ تريءَ تيل ئي لائڻ ڪونہ ڏنن! نڙنپ جواب. چيائين تہ "صاحب! جناب ڊسٽرڪٽ

ماجسٽريٽ صاحب بهادر جو حڪم اڪين تي، پر ووٽ ڏيندس علي محمد کي، ۽ نه وري اها ڳالهه مخفي ٿي رکندس، ڇو ته انڪري ٻين ووٽرن تي خراب اثر پوڻ جو امڪان آهي."

اتانهون نڪري سڌو مون وٽ آيو ۽ اچي مون سان گڏ رهڻ لڳو. جيترا ڏينهن اليڪشن هلي، مون کان ڌار نه ٿيو. سندس مثال ڏسي ٻين وڏيرن کي به همت ٿي. مون کي ڪافي کان زياده ووٽ مليا ۽ آءٌ ڪامياب ٿيس.

ماڻهن پڇيس ته "اها همت ڪٿان آندءِ؟"

چيائين، "همت جو هٿيار هر وقت پاڻ وٽ موجود رهي ٿو، پر ڪتب آڻبو آهي وقت سر. ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي ڏِسي. "ڪونجن وارا ڪانَ ڪيرين تي ته ڪونه وجائبا آهن!"

پوئين زماني ۾ بيمار رهڻ لڳو. مون کي گهرائي لاڙڪاڻي ۾ پاڻ سان رهايائين. اوستي عبدالله واريءَ اوطاق ۾ رهندا هئاسين. پوريءَ طرح ياد نه اٿم ته سال 1932ع هو يا 1933ع. انهن ڏينهن ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ لاءِ تحريڪ هلي رهي هئي. ان تحريڪ جو اڳواڻ هو خانبهادر محمد ايوب خان کهڙو. آءٌ سندس سيڪريٽريءَ طرح پيو تحريڪ لاءِ لٽريچر وغيره لکندو هوس. اوچتو اطلاع آيو ته برٽش پارليامينٽ جي جائنٽ پارليامينٽري ڪاميٽيءَ اڳيان کهڙي صاحب کي لنڊن ۾ پيش ٿي، سنڌ جي جدائيءَ بنسبت بيان ڏيڻو آهي. کهڙي صاحب جي لنڊن رواني ٿيڻ ۾ وقت بچيو هو ڪنهن ڏينهن - اڌ جو. تنهنڪري هڪڙيءَ رات جي پيٽ اندر ئي مون کي سندس بيان لکي تيار ڪرڻو پيو. امام بخش مرحوم کي بيماريءَ جي حالت ۾ آءٌ ڇڏي ڪونه ٿي سگهيس. ساڳئي وقت جنهن اوطاق ۾ اسان جي اقامت هئي، اتي بجليءَ جو بندوبست به ڪونه هو. آخر اوطاق ٻاهران رستي تي، ميونسپل جي بجلي بتيءَ جي روشني هئي، ان هيٺان ويهي، آءٌ لکڻ جو ڪم ڪري سگهيس ٿي. ساري رات نه مون ننڊ ڪئي نه مرحوم امام بخش. صبح جو ٻانگ آئي ته بيان به لکجي وڃي پورو ٿيو. بعد ۾ وڃي ظاهر ٿيو ته سنڌ جي علحدگيءَ آڻڻ ۾ ان بيان "حرف آخر" جو ڪم ڪيو.

بهرحال، اُها رات وسرڻ جي نه هئي. مرحوم امام بخش جي سياست سان ڪا دلچسپي ڪانه هئي، ۽ نه وري سنڌ جي جدائيءَ واري سوال جو ئي ڪڏهن ڪو مطالعو ڪيو هئائين. ان هوندي به ڳالهين ٻڌندي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي راءِ ڏيندو ٿي ويو. مثلاً چيائين:

"سنڌ کي پل جدا ڪرايو. اسان تہ اوستائين جيئرا ڪونہ هونداسين جو ويهي ان جا نفعا نقصان ڏسون. پر ايترو معلوم آهي تہ نهيل جاءِ کي ڍهرائي پنهنجي ڏاڙهي اُستن جي هٿن ۾ ڏيڻي آهي."

سنڌ جدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي مرحوم جو انتقال ٿي ويو.

## ميان نور محمد شاھ بقاپوري

بذلہ سنج، سخن فهم، خوددار ۽ ۽ بطور دوست قابل اعتماد. سيد ميان نور محمد شاھ بقاپوري، وڏيءَ عزت ۽ اثر سان زندگيءَ جو سفر طئہ ڪيو. اهڙو شخص هو جنهن جي گفتگو ٻڌندي ماڻهو ڪڏهن ڪونہ ڍائبو هو. رنگ جو البت سانورو هوندو هو. هڪ پيري پاڙي جي هڪ مقتدر شخصيت مٿس چٿر ڪئي: چي، "شاھ صاحب، اوهان جو رنگ اهڙو سانورو ڇو ٿي پيو آهي؟" — شاھ صاحب جواب ڏنس: "خانصاحب! انڪري جو الحمدالله بابي سائينءَ جو رنگ بہ اهڙو ئي هو، سائينءَ ۽ دعا ڪن فورڊ صاحب کي، جيڪو اوهان صاحبن کي رڱي ويو." (عام افواھ هوندا هئا تہ هڪ انگريز انجنيئر فورڊ، جنهن ان نالي سان لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هڪ واھ بہ کٽايو هو، اُن جو هن خاندان جي هڪ خاتون سان مجاز هوندو هو.)

اليڪشن جي نقشي ناهڻ، ۽ ماڻهوءَ جي منهن مان سندس دل جي مطلب پروڙڻ جو وڏو ماهر هوندو هو. دوستن جو هڪ خاص حلقو هوندو هوس، جنهن اندر اٿندو ويهندو رهيو. مثلاً، خانبهادر محمد ايوب خان کهڙو ۽ قنبر وارو خانبهادر حاجي علي حسن خان هَڪڙو. اهي صاحب شاھ صاحب مرحوم جا مکيہ دوست هوندا هئا. سياست کان هميشه ڪناره ڪش رهيو. دوستن جي حال سارُو مدد ڪندو رهيو، پر پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن بہ ميدان ۾ پيش نہ ڪيائين.

## لاڙڪاڻو ساھ سيباڻو

جنهن زماني جي مون کي سانڀر آهي، لاڙڪاڻو شهر پنهنجي جوڀن ۽ جوانيءَ جي منزلن مان گذري رهيو هو. پراڻي شڪارپور، ضلعي کان جدا ٿي، پنهنجي مٿي ضلعي بڻئي، کي اجا ڏھ سال کن مس ٿيا هئس، تہ سندس هر شي نئين ۽ هر مقام من کي وڻندڙ لڳو. انهن ڏينهن ۾ اجا تائين ہي دنيا بہ ڏٺل ڪانہ هئي، جنهنڪري تصور کي لاڙڪاڻي جي دلفريبين ۽ هلچل کي

شهري زندگيءَ جو انتها نُـڪتو قبول ڪندي، ڪا بہ جهـَجهڪ ڪانہ ٿي ٿـِي.

ريلوي اسٽيشن تان لهندي ڪليڪٽريءَ جي بلڊنگ ٿي اکين اڳيان آئـي. اها عمارت انگريزي حڪومت پنهنجي جوانيءَ جي زماني ۾ تعمير ڪرائي هئي (1904 ۾) اجا تـائين نـہ پهرين عـالمي جنـگ لڳي هئـي ۽ نـہ خـود ملڪ انـدر آزاديءَ جي تحريڪ شروع ٿي هئي. انگريزن ائين پئي سمجهيو تـہ ڪيـن قيـامت تـائين هن ملڪ تـي راڄ ڪرڻـو پوندو. لاڙڪاڻي جـي ڪليڪٽـريءَ واري اهـا عمارت انهن ئي اميدن جي بنياد تي کڙي ڪئي هئائون. ساريءَ سنڌ اندر ٻئـي ڪنهن بہ ضلعي جي هيڊ ڪوارٽـر لاءِ اجا تـائين اهڙي بلڊنگ تعمير ڪرايل ڪانہ هئي. ڪليڪٽريءَ جي پريان ٻيا ٽـي سرڪاري بنگلا هوندا هئا. هـڪ سيشن جج جي رهائش لاءِ، ٻيـو ڪليڪٽـر جـو، ۽ ٽيـون سـپرنٽينڊنٽ پوليـس واسطي. اهي بنگلا وسيع باغن جي وچ ۾ ٺهرايل هئا. جن جي سنيالڻ ۽ وڏائڻ تي بنگلن اندر رهندڙ انگريز، دل کولي خرچ ڪندا ٿي رهيا. لاهورين جي ڳوٺ ۽ هاٽوڪيءَ لوڪلبورڊ بلڊنگ جي وچ ۾، انهن ٽن بنگلن، ڪليڪٽريءَ ۽ آرمڊ فـورس هيڊ ڪوارٽـر ڪـان سـواءِ، ٻي ڪا بـہ عمـارت ڪانـہ هوندي هئـي- پٽـو ڪالوني، هاءِ اسڪول ۽ خود لوڪلبورڊ بلڊنگ گهڻو بعد ۾ ٺهيون.

* * *

ريلوي لائين جي ٻئي طرف کان، شهر ڏانهن هلندي، تجر بـاغ مـان گذرڻـو ٿـي پيـو. وڏو بـاغ هونـدو هـو، جنهـن جي وچ ۾ پراڻـي تجر نمونـي جـي ٺهيـل عمـارت هوندي هئي، جنهـن ۾ لائبرري کوليـل هئـي. لائبـرري، هـڪ اڳوڻـي ڪليڪٽر مسٽر جائلس جي نالي سان منسوب ٿيـل هئـي، ۽ منجهس انـگريزي ڪتابن جو قيمتي ذخيرو موجود ٿي رهيـو. اخبـارون بـہ جـام گهرايون وينديـون هيون، جن جي مطالعي لاءِ صبح - شام ماڻهن جي پيڙ لڳي پيئي هوندي هئـي. آءٌ سڀ کان اول ان لائبرريءَ جو ميمبر ٿيس. مون کان سواءِ ٻيو ڪو بہ مسلمان اجا تائين ان لائبرريءَ جي رُولن تي ميمبـر طـور داخل ڪونـہ ٿيـو هـو. ديـوان لالچند نولراءِ وڪيل، جيڪو بعد ۾ وائسراءِ جي اسيمبليءَ جو ميمبر بہ منتخب ٿيو، لائبرريءَ جو سيڪريٽري هوندو هو. جيتريقدر مون کي ياد آهي، لائبـرريءَ جو مستقل پريزيڊنٽ ضلعي جو ڪليڪٽـر ئي هونـدو هـو. لاڙڪاڻي جـي هنـدن اندر سياسي ۽ قومي شعور پيدا ڪرڻ ۾، ان لائبرريءَ ۽ ريڊنگ روم وڏو ڪـم

ڪيو. اخبارن پڙهڻ بعد شهر جا ديوان لائبرريءَ پاهران، يا باغ جي بينچن تي ويهي، ملڪي حالتن تي تبادلہ خيالات ڪندا هئا ۽ مقامي معاملات متعلق پنهنجون پاليسيون ٺاهيندا هئا. جن اخبارن ۽ رسالن ڪي ان حلقي اندر خاص اثر حاصل هوندو هو ۽ جن جي پڙهڻ لاءِ شوقين سخت آتا هوندا هئا، سي هي هئا: (1) ڪلڪتي جو "ماڊرن ريويو"، جنهن جو ايڊيٽر هوندو هو رامانند چٽرجي، هندستان جي آزاديءَ جي متعلق انتهائي جذبي جاڳائيندڙ مضمون پيا منجهس شايع ٿيندا هئا، (2) لاهور جي روزانہ "ٽريبون"، جنهن جو ايڊيٽر هندستان جو مشهور اخبار نويس، ڪاليناٿ ري، هوندو هو. ان جي پاليسي بہ ساڳي "ماڊرن ريويو" واري هوندي هئي، (3) ڪراچيءَ جي روزانہ "نيو ٽائيمس"، جنهن جو ايڊيٽر هوندو هو. ٽي. ڪي. جيسواڻي، مگر ان جو اصلي روح روان هوندو هو ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، جنهن "تحريڪ آزادي" متعلق ڪيترا رسالا شايع ڪيا ۽ اڳتي هلي حيدرآباد ۾ "ميران هائي گرلس اسڪول" جو بنياد وڌو. لائبرريءَ اندر، هر روز اهي اخبارون ٽپال ۾ اچڻ ان ڪان اڳ ۾ ئي شوقينن جو انبوهہ لائبررينِ جي ارد گرد جمع ٿي ويندو هو.

خود تجرباغ جي رونق ڏسڻ وٽان هوندي هئي. هر قسم جا ميويدار وڻ ۽ گل ٻوٽا منجهس پوکيل هوندا هئا. "تجر جا زيتون" تہ خاص طرح سان مشهور هوندا هئا، جن جا هوڪا، گهورڙين واتان شهر جي هر حصي مان پيا ٻڌبا هئا.

ساڳئي رستي تي "لاڙڪاڻي مدرسي ۽ بورڊنگ هائوس"، جون عمارتون هونديون هيون. وسيع، شاندار، ۽ پختيون. مدرسي جي حاطي ڪان ٿوري پنڌ تي، شهر جي وچ ۾ پاڻيءَ جو وڏو تلاءُ هوندو هو، جيڪو پوءِ ميونسپل وارن هٽائي، ختم ڪري ڇڏيو.

* * *

شهر جون مکيہ بازاريون هونديون هيون: سيٺو بازار، ۽ ڊڪيل بازار. وڏيون وڏيون "شاپون" سيٺو بازار ۾ هونديون هيون، پر گهٽي ۾ گهٽو ۽ عام واپار هلندو هو ڊڪيل بازار ۾. سيٺو بازار جا ٽي-چار دڪان خاص طرح سان مشهور هوندا هئا. پهلاجراءِ شيوڪرام جي دڪان تي جديد زندگيءَ جي ضرورتن جو سمورو سامان موجود هوندو هو. وڏو ڊپارٽمينٽل اسٽور هو. ضلعي جا انگريز عملدار ۽ وڏا وڏا زميندار اڪثر ان اسٽور جا گراهڪ هوندا هئا.

اڳتي هلنديِ، هڪ ئي بلڊنگ اندر پاسي سان قائم ڪيل ٻه ٻيا اسٽور ايندا هئا، جن جا مالڪ ٻه ڀائر، نانڪرام ۽ دوارڪاداس هئا. عام مجار ڪان سواءِ، انهن دڪانن تان انگريزي دوائون، بندوقون ۽ ڪارتوس ٻـ ملندا هئا. جنهنڪري وڏيرن ۽ شڪار جي شوقينن جو مٿن ميلو لڳو پيو هوندو هو. ساري ضلعي اندر بندوقن ۽ ڪارتوسن جو ٻيو ڪو دڪان ڪونه هوندو هو.

سيٺو بازارلتاڙينديِ، ڊڪيل بازار ڏانهن وڌبو هو، تہ ڪٿي پاسي ڪان مولانا محمد عاقل، عاقليءَ، جي ڪتابن جو دڪان ايندو هو. دڪان ننڍو هوندو هو، پر گهڻو ڪري فارسي عربيءَ جا سمورا درسي ڪتاب موجود رکيل هوندا هئا. مولانا پاڻ ٻہ اڪثر دڪان تي ويٺل نظر ايندو هو. اڳئين زماني جو بزرگ هو- سادو، ڏاڙهي مٺ ڪان ٿورو وڏي، جنهن تي مينديءَ جو رڱ ڏنل هوندو هو، ڊگهو پيراهن، سٿڻ ٻہ - تختي مُرين ڪان مٿي، مٿي تي پڳ، ڪپڙا سڀ بافتي جا. فارسيءَ جو وڏو شاعر هوندو هو. پير صاحب پاڳاري سائين حزب الله شاهہ رحمة الله عليه، جو درباري شاعر رهي چڪو هو. جنهن زماني ۾ مون ڪيس ڏٺو، سندس رفيق شاعر سڀ گذري چڪا هئا ۽ انهن اڳوڻين محفلن جو باقي بچيل اهو ڏيئو پاڻ ٻہ آخري گهڙين تي هو! چوندا هئا، هڪ موقعي تي پير صاحب حزب الله شاهہ رحمة الله عليہ، پنهنجي مصاحبن جي وچ ۾ ويٺي هيءَ مصرع جهونگاري:

صحرا چہ خوش است ڪہ در ندارد

سندن صاحبزادي، ميان علي اصغر شاهہ مرحوم، برمحل ہي مصرع ٻَڌي:

.عاشق چہ خوش است ڪہ سر ندا رد

سندن محفل جي هڪ بذلہ سنج شاعر، جيڪو "چٽڪي" تخلص ڪندو هو، عرض ڪيو:

"چٽڪي" چہ خوش است ڪہ گهرندارد

محفل جو اهو خاص رنگ ڏسي، مولانا عاقل ٻـ پنهنجو "پرابلم" پيش ڪري ڏنو، فرمايائين:

مفلس چہ خوش است ڪہ زر ندارد

پير صاحب "چٽڪيءَ" کي گهر ٺهرائي ڏنو ۽ مولانا محمد عاقل کي مالي مشڪلات مان آجو ڪري ڇڏيو.

مولانا محمد عاقل جي دڪان لڳ وري ڪَمن درزيءَ جي ٽيلرنگ شاپ هوندي هئي. ڪَمن درزي نہ فقط وقت جو بهترين ٽيلر ماسٽر هوندو هو، پر ڪامورن ۽ زميندارن جو بہ يار غار هوندو هو. خاص طرح سان پوليس صوبيدارن سان سنگت هوندي هيس. ان وقت جا صوبيدار بہ "راجائون" هوندا هئا. حلال جو پگهار فقط پنجاهہ - سٺ رپيا در ماهو ملندو هون، پر مٿا پيا ڏوئندا هئا هزارن تي. انگريز ضلعي عملدارن جو حاصل هوندو هون اعتبار، انگريز ڪماني ڪنهن بہ صوبيدار خلاف ڪنهن بہ پبلڪ جي ماڻهوءَ واتان شڪايت ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ هوندا هئا، جنهنڪري ساري ٻَڌي ڇوڙي، نيڪي ۽ بدي حوالي هوندي هئي سب انسپيڪٽرن جي. مٿي تي زريءَ جا ڪُلاهہ، ان مٿان مشهدي لونگي، جسم تي اعليٰ ڪپڙا، هٿ ۾ سيم چڙهيل بيد جو لڪڻ، پٺيان اردلي بغل ٿيلهي ۽ بندوق ڪنيو پيو هلندو، وڏي شان سان پيا شهر ۾ هلندا. جنهن دڪان تي اچي بہ گهڙيون ساهہ پٽيائون، ان دڪاندار جي عيد ٿي ويئي، هرڪو وڏيرو سڏيرو پيو اچي ساڻس منهن رڪندو، جيئن وقت آئي بہ اکر سفارش جا صوبيدار جي سامهون چئي وجي. انهيءَ لحاظ کان ڪَمن جي هاڪ ساري ضلعي ۾ هوندي هئي. ان دؤر جو سڀ کان زياده مٿي ڦريل صوبيدار هوندو هو، عبدالله خان پٺاڻ. جنهن جو نالو ٻڌي وڏن زميندارن ۽ سردارن کي ڪنبڻي وٺي ويندي هئي — ان عبدالله خان جو يار غار هوندو هو ڪَمن، پوءِ ڇو نہ ماڻهو ڪَمن کان ڪَوَءُ کائين ها؟

جيستائين زندهہ رهيو ڪَمن لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪاروبار اندر مشاهير جو درجو ماڻيو.

* * *

وڪيل بازار ۾ داخل ٿيندي، سيد سڪندر علي شاهہ ۽ محمد شاهہ جو مچارڪو دڪان سامهون ايندو هو. شاهي دڪان هو، هر قسم جي شي ملندي هئي، خاص طرح سان سندن دڪان جي هڪ شي مون کي اڄ تائين ياد آهي، اهو هو مٿي ۽ منهن کي مکڻ جو تيل، جيڪو خالص منيءَ سرنهن جو هوندو هو، ۽ منجهس عجيب قسم جي خوشبوءِ مليل هوندي هئي. اهڙو تيل مون ساري هندستان - پاڪستان بلڪ دنيا جي ٻئي بہ ڪنهن ملڪ اندر ڪونہ ڏٺو! سندن دڪان ختم ٿيڻ سان گڏ، تيل جو اهو نسخو بہ شايد گم ٿي ويو.

ان کان پوءِ ايندا هئا صرافن، سرازن ۽ نانارن جا دڪان. لاڑڪاڻي جا سراز ڪاريگر ڏاڍا مشهور هوندا هئا، گهوڙن ۽ اُنن جا ساز اهڙا ٺاهيندا هئا، جن جو مثال هٿي هنڌان دستياب ٿيڻ ناممڪن هو. اوستي عبدالنبي سراز جو دڪان خاص طرح سان مشهور هو. ان گهر جا اسان سان دوستانہ تعلقات هوندا هئا. سندس سس، مائي لعل ماءُ مرحومہ، بطور مريدڻ جي پٽي هلندي هئي. جيستائين جيئري رهي پيرو نہ ڀڳائين، هر پيري منهنجي لاءِ کيڏوڻا، مٺايون، ۽ تحفا ورتيون ايندي هئي.

ساڳيءَ طرح لاڙڪاڻي ۾ ٺهندڙ ڪُٽ جو سامان بہ ساريءَ سنڌ ۾ ويندو هو. ان زماني ۾ چينيءَ جي ٿانوَن جو رواج اجا ڪونہ پيو هو، بلڪ چينيءَ جي رڪابين ۾ مهمانن کي ماني ڏيڻ پاڻ گهٽتائيءَ جو سبب ليکيو ويندو هو. ڪُٽ جا ٿانوَ بہ قسما قسم جا هوندا هئا: ڪٽورا، وٽا، وٽيون، ٿالهيون، ڍاڪون وغيره، وغيره. ڇانهہ پيئڻ جو رواج پيو تہ بہ ماٺهو اجا ڪُٽ جي وٽن کي استعمال ڪندا رهيا.

شهر جي ٻاهران پراڻي قافلي سراءِ هوندي هئي، جنهن ۾ اڳوڻي زماني ۾، افغانستان ۽ ايران کان ايندڙ واپارين جا قافلا اچي رهندا هئا. جنهن وقت جو آءٌ ذڪر ڪري رهيو آهيان، ان وقت لاڙڪاڻي جي قافلہ سراءِ اُجڙيل حالت ۾ هئي، ۽ اُن جي چوڏاري ضلعي جي زميندارن ۽ ٻين ماڻهن پَٽ خريد ڪري، اوطاقون ۽ مستقل رهائش جون جايون ٺهرائڻ شروع ڪيون هيون.

* * *

قافلي سراءِ کان ٿوري فاصلي تي، ٻن پاسن کان چڪلا هوندا هئا: هڪ کي نئون ۽ ٻئي کي پراڻو چڪلو سڏيندا هئا. رستن تان گذرندي ڏسبو هو تہ ڪجريون ڪٽن ۽ آرام ڪرسيون وجهيو، گهرن ٻاهران وٽن جي ڇانوَ هيٺان پيرو آنند ڪنديون هيون. گهڻو ڪري ڪُراڙيون هونديون هيون ۽ عملاً رٽائرڊ. نوجوان ۽ عملي قدم ڪڻندڙ اندر گهرن ۾ رهنديون هيون. ان مناسبت سان شوقينن، لاڙڪاڻي تي شعر چيا ۽ چوٽيون گهڙيائون - مثلاً:

لاڙڪاڻو ماهہ سيباڻو، معشوقن جو مڪان آهي.

---

هجئي ناڻو تہ گهمر لاڙڪاڻو.

شادين، ميلن ۽ ملاکڙن جي موقعن تي کليو کلايو ڪچريون ڪهرايون ويندڙيون هيون. ميلا پيرن جي مزارن تي لڳندا هئا. مون پنهنجيءَ ساري عمر اندر سنڌ جو فقط هڪ ميلو ڏٺو، ۽ اهو ان زماني ۾ ۽ خود لاڙڪاڻي ڀاهران، پير شير رحمة الله جي درگاهه تي.

آءٌ بلڪل ننڍو هوس، شايد ڏهن ورهين جي عمر هئي. صوبيدار عبدالله خان پٺاڻ لاڙڪاڻي شهر جو صوبيدار هوندو هو. سندس دوستي منهنجن بزرگن سان هوندي هئي. ڪانئن اجازت ورتي. لاڙڪاڻو شهر ڏيکارڻ لاءِ مون کي پاڻ سان وٺي ويو. پير شير جي ساليانو ميلي جو موقعو هو. دستور موجب ٻين آفيسرن سان گڏ ڪيس به دعوت ملي. شام جو راڳ جي محفل ٿيڻي هئي، ان محفل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پاڻ هليو ته مون کي به وٺي ويو.

شام جو وقت هو. گئس - گ۔ن جي روشنيءَ ۾ پير صاحب نالي چڳي، جو ان وقت درگاهه جو سجاده نشين هو، پنهنجي بنگلي جي صحن ۾ غاليچا وڇارائي، طول وهاڻا لڳائي معززين جي محفل منعقد ڪرائي: ٽن پاسن ڪان معزز مهمان اچي ويٺا، چوٿون پاسو عام پبلڪ لاءِ کليل ڇڏيو ويو. وچ ۾ اچي ويٺيون ڳائڻيون ڪچريون، جن جي پٺيان سارنگين ۽ طبلن وارا حلقو ڪري ويهي رهيا. راڳ شروع ٿيو - ٺمريون، دادرا، غزل ۽ ڪڏهن ڪڏهن سنڌي ڪافيون پڻ. حاضرين تعريفون ڪرڻ، ڪنڌ ڌوڻڻ، ۽ رپيا ۽ گينيون ڏيڻ لڳا. شوقينن پري ڪان رپيا، گينيون ۽ نوٽ ڪيسي مان ڪڍي پنهنجي هٿ ۾ ٿي جهليا، ۽ ڪچرين اٿي اچي ٿي اُهي ڪانئن ورتا ۽ ونڻ بعد پٺيان ويٺل سارنگيباز جي سارنگيءَ جي سوراخ ۾ اڇلائي ٿي ڇڏيا.

مير محفل پير صاحب "نالو چڳو" پاڻ هو، جنهن محفل ۾ ويٺي ويٺي ٻاهرئين ميلي جو پڻ انتظام ٿي هلايو. سندس مکيه ڪم ڪار ڪندڙ ماڻهو، خليفو عارب هو، جنهن کي هر پنجن منٽن ڪان پوءِ وڏي آواز سان پڪاريندو ٿي رهيو. اوطاق ۽ بنگلي جي چوڌاري دڪاندارن اچي دڪان کوليا هئا ۽ ان جي ٻاهران عام سَستي ڪلاس وارين ڪچرين جون به ٽڪيون هيون.

* * *

لاڙڪاڻي جا پيا به ڪيترا ادارا وساريئي نٿا وسرن.

ميان پير محمد فوٽو گرافر، لاڙڪاڻي جو اوائلي فوٽو گرافر هوندو هو. سيئو بازار ۾ دڪان هوندو هوس. جتي به ڪا پارٽي يا محفل ٿيندي هئي ته

ميان پير محمد پنهنجو ڪاٺ جو نهيل بيلوز ڪئميرا ڪٽي اچي موجود ٿيندو هو. ڪئميرا مٿان ڪاري لٺي جو پردو وجهي، ان مان منهن لنگهائي فوڪسنگ گلاس تي فوڪس صاف ڪندو هو. ان ڪان پوءِ منهن ٻاهر ڪڍي، هڪل ڪندو هو - "خبردار". ۽ ائين چئي هٿ سان لينس جي ٽوپي لاهي، ٻه - چار ساعتون ترسي، وري ٽوپي لينس تي چاڙهيندو هو. سندس دڪان ٻاهران هر وقت پرنٽنگ جا فريم اُس ۾ رکيل نظر ايندا هئا. انهن ڏينهن ۾ پي. او. پي. پيپر. هوندو هو. جنهن کي سج جو تؤ ڏيکاريو هو ته تصوير نيگيٽو يعني شيشي تان لهي اچي مٿانئس چڙهندي هئي. پير محمد اصل دربيلي ضلعي نوابشاهه جو هو، پر عمر ساري لاڙڪاڻي ۾ فوٽا ڪيندي بسر ڪيائين. ان دؤر جي تصويرن جو وڏو ذخيرو وٽس جمع ٿي ويل هو. بدقسمتيءَ سان مون کي ان ذخيري مان فقط ٻه - چار تاريخي تصويرون هٿ لڳي سگهيون. جيڪي دڪان بند ٿيڻ بعد خود ميان پير محمد اچي تحفتاً ڏنيون.

* * *

لاڙڪاڻي مان اخبارون نڪرڻ به شروع ٿيون هيون. سڀ کان پهرين اخبار، جيتريقدر مون کي ياد آهي، "خير خواهه" جي نالي سان هڪ هندو صاحب جاري ڪئي. خوشامدي پرچو هوندو هو. زياده تر ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ جون تعريفون شايع ٿينديون رهنديون هيس. جنهنڪري قومي تحريڪ شروع ٿيڻ بعد ان اخبار جو وقار قطعاً ختم ٿي ويو. مهيني ۾ ٻه - ٽي دفعا ان کان پوءِ به نڪرندي رهندي هئي، مگر گهڻو ڪري سرڪاري اشتهارن سان پرپور هوندي هئي.

"خير خواهه" جي مقابلي ۾، ڪانگريس ۽ خلافت تحريڪن شروع ٿيڻ شرط، مسٽر ٿهلرام مولچند "لارڪاڻه گزيٽ" جاري ڪئي. زوردار مضمون ڇپيا هئس. "تحريڪ آزاديءَ" کي سندس ذريعي، گهڻ ۾ گهڻ مقامي طرح گهٽي هٿي آئي. ٿهلرام پاڻ سنجيدي قسم جو ايڊيٽر هوندو هو. قد جو ٻندرو، بت جو ڀريل، پيٽ ٿورو ٻاهر نڪتل، ۽ لباس شڌ کاڌيءَ جو. رستي تي گهمڻ نڪرندو هو ته سندس پاجامو پيٽ تان هيٺ ترڪندو رهندو هو، جنهن کي جهلڻ لاءِ سندس هٿ هميشه اُبداڻي ۾ پيل هوندو هو. قميص ڊگهي پائيندو هو، جنهن جو مٿيون کيسو ڪاغذن ۽ پينسلن سان ٽمٽار رهندو هو. پنهنجي پريس هوندي هيس، گهاڙ جي پر تي، سيئو بازار جي پڇاڙيءَ وٽ.

پهرين عالمگير جنگ بعد، ستت ئي گڏيل ڪانگرس ۽ خلافت تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي. لاڙڪاڻي ضلعي انهن تحريڪن ۾ ڪافي دلچسپي ٿي ورتي. پير تراب علي شاهه رحمة الله عليه، قمبر وارو، پير علي انور شاهه راشدي، ۽ مرحوم مغفور رئيس جان محمد جوڻيجو، ان تحريڪ جا اڳواڻ ٿي بيٺا هئا. پراونشل خلافت ڪانفرنس جو هڪ زوردار اجلاس خود لاڙڪاڻي شهر اندر منعقد ڪرايو ويو هو، جنهن جي استقباليه ڪاميٽيءَ جو چيئرمن پير تراب علي شاهه رحمة الله عليه ۽ صدر حضرت پير رشدالله شاهه صاحب، جهنڊي وارو هو. ان تحريڪ کي ضلعي جي ليول تي ناڪامياب بنائڻ لاءِ سرڪار طرفان به ڪوشش ٿيندي ٿي رهي. ضلعي جو ڪليڪٽر ته هميشه انگريز هوندو هو (پهرين بولس صاحب ۽ بعد ۾ اين. ايچ. هي صاحب)پر بطور دفتردار جي، هڪ مسلمان ڊپٽي ڪليڪٽر (خانبهادر عبدالقادر صاحب) کي مقرر ڪيو ويو هو، جنهن جي زير نگرانيءَ زميندارن جي هڪ گروپ کي ميدان ۾ آندو ويو. ان گروپ ۾ هئا: سر شاهنواز خان ڀُٽو مرحوم، خانبهادر غلام محمد خان اِسراڻ مرحوم، ۽ خانبهادر حاجي امير علي خان لاهوري. انهن صاحبن "الحقيقت" جي نالي سان، هڪ هفتيوار پرچو جاري ڪرايو. بطور ايڊيٽر جي نالو ڪنهن جو به هو، مگر اخبار جو ايڊيٽوريل هميشه مرحوم مغفور غلام سرور صاحب قادري لکندو هو. پاڻ سرڪاري ملازمت ۾ هوندو هو. جنهنڪري پنهنجي نالي ۾ مضمون ڪونه لکي ٿي سگهيو. مضمون پختا هوندا هئا، مگر طويل، زبان شاعرانه، بلڪ عاشقانه، اشارا ڪنايا، خفيف نوڪ جهوڪ، ۽ "علمِ مجلسيءَ" مان ڪيڏيل اردو فارسي مثالي بيت، حتاڪ تقريباً هر جملي جي ابتدا خواهه انتها ڪنهن نه ڪنهن شعر سان پئي ٿيندي. ڪي شعر ته ايتري قدر مقبولِ خاطرِ محرر هوندا هئا، جو انهن جو هر مضمون ۾ درج ٿيڻ لازمي ۽ ابدي قرار ڏنل هو، مثلاً:

من از بيگانگان هرگز نه نالم،
ڪه با من هرچه کرد آن آشنا ڪرد.

يا

خط بڙهي، ڪاڪل بڙهي، گيسو بڙهي،
حسن کي سرڪار مين جتني بڙهي، هندو بڙهي.

هر مضمون لکندي، اصلي مطلب هوندو هو هن ڳالهه ڏيکارڻ جو تہ انگريز جي دؤر ۾ جيتريون نوازشون ٿيون تہ هندن مٿان، مسلمان غريب تہ محض يڪطرفيون وفاداريون ڏيکاريندا، خالي هٿين رهجي ويا. تنهنڪري هينئر انهن تشنہ ڪام عشاقن ڏانهن بہ ڪجهہ نگاهہ لطف و ڪرم ٿيڻ گهرجي. پوءِ نڪ ايندو هيءُ شعر:

گل ڦينڪي هين اوروں ڪي طرف بلڪ ثمر ڀي،
اي خانہ برنداز چمن ڪُڇ تو اڌر ڀي!

هندن سان ايتريءَ ۽ اهڙيءَ ڪشمڪش هوندي بہ، تلخ کان تلخ مضمون ۾ بہ هندوءَ ڪي بطور "هندوءَ" جي صريحاً نہ لکندا هئا. وضعداريءَ ۽ پاڙيچائيءَ جا خيال هردم دامنگير ٿي رهين، ۽ قدري هيءُ ويچار بہ، تہ لاڙڪاڻي ميونسپل چوندن ۾ هندن جا بہ ووٽ آهن، ۽ خانبهادر حاجي امير علي لاهوريءَ کي پريزيڊنٽ ٿي رهڻو آهي. تنهنڪري، مضمونن ۾ جت بہ "هندو" لکڻو هوندو هون، ات لکندا هئا "برادرانِ وطن." معاملو وڌو ۽ غصو سخت هوندن، تہ بہ وڌ ۾ وڌ "برادرانِ يوسفيِ" لکي ڇڏيندا ۽ نہ ان کان وڌيڪ.

فقير ميان غلام سرور مرحوم سالن جا سال لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪيو ۽ ان عرصي اندر ڪيترا مقابلا ٿيا- اخباري خواهہ شاعرانہ- مگر مون کي هڪڙو بہ اهڙو مثال ياد ڪونہ آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي تہ مرحوم پنهنجي قلم يا زبان سان ڪنهن بہ شخص جي دل آزاري ڪئي هجي- حالانڪ زمانو ڦري چڪو هو، اخباري مضمونن خواهہ شاعرانہ مقابلن ۾ گارگند جي ڏي - وٺ جو رواج عام ٿي ويو هو.

ميان صاحب مرحوم سان مون کي بہ ڪيترا ڀيرا روبرو ملڻ جا موقعا ميسر ٿيا. قداور، چشم موزون، رنگ قدري ڳوڙهو، منهن تي سيبائيندڙ مڇون، ڏاڙهي شيو ٿيل، مٿي تي مشهدي لونگي يا ترڪي ٽوپي، انگريزي ڪٽ جي قميص، شلوار سفيد، ڊگهو فراڪ يا شارٽ ڪوٽ، قميص مٿان ڪالر ۽ ٽائي، پيرن ۾ جوراب ۽ شوز. هڪ يا ٻہ دفعا مون ڪيس مڪمل انگريزي سوٽ ۾ بہ ڏٺو. بطور شاعر، نهايت پختہ گو تسليم ڪيو ويندو هو. مزاحيہ قصيدن ۽ اردو طرز جي فارسي آميز سنڌي غزلن لکڻ ۾ وڏو ملڪو حاصل هوندو هوس. "مجلس جو مور" هو، جت هوندو، سندس شخصيت هر طرح پئي محسوس ٿيندي.

ساڳئي قادريہ خاندان جو پڳدار، مرحوم مغفور فقير ميان علي محمد صاحب قادري پڻ شعر شاعريءَ جو شغل ڪندو ٿي رهيو. نہ فقط صورت ۾، بلڪ سيرت ۾ بہ بزرگ هو. سندس مٿي تي سنڌي طرز جي سفيد پڳ خاص طرح سان ڏاڍي سهڻي لڳندي هئي. فارسي خواهہ سنڌي ڪلام گهڻو چڱيائين. سندس همعصر شاعر کيس استاد ڪري مڃيندا هئا.

لاڙڪاڻي جي اخبارن جو ذڪر ڪندي، بي اختيار هيٺريون ٻيون ڳالهيون وچ ۾ اچي ويون. اصل غرض محض هن عرض ڪرڻ جو تہ "لاڙڪاڻہ گزيٽ" ۽ ٻاهرين هندو اخبارن جي اثر کي مقامي طور زائل ڪرڻ لاءِ "الحقيقت" اخبار وجود ۾ آئي، جنهن ڪيتري عرصي تائين ڪافي اهميت ماڻي.

اخبارن کان سواءِ، لاڙڪاڻي مان هڪ ماهوار ادبي رسالو "الڪاشف" جي نالي سان بہ نڪتو، مگر گهڻو وقت هلي نہ سگهيو. اهو رسالو پير ميان عبدالغفار شاهہ راشدي، ريلٽن واري، ڪڍيو، جيڪو صاحب اهل قلم هجڻ سان گڏ طبيب بہ تسليم شده هو. رسالي ۾ قسما قسم مضمون شايع ٿيندا هئا. پنهنجي زماني اندر معياري مخزن ليکي ويندي هئي. ايڊيٽريءَ جا فرائض مولانا دين محمد "وفائيءَ" جي سپرد رهيا، جنهن صاحب جا اُهي اوائلي ڏينهن هئا.

* * *

لاڙڪاڻي جي مردم خيز زمين، ذڪر ڪيل ٻين قادري حضرات کان سواءِ، ٻيا بہ ڪيترا اهلِ سخن پيدا ڪيا. شعر شاعريءَ جي معاملي ۾، ڪجهہ وقت تائين تہ لاڙڪاڻي ساريءَ سنڌ جي اڳواڻي ڪئي. مرحوم ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي، هو تہ اصل پنجاب جو، مگر لاڙڪاڻي ۾ جانورن جي اسپتال جو ڊاڪٽر مقرر ٿي آيو. ان صاحب جي لاڙڪاڻي ۾ اچڻ بعد ادبي محفلون ۽ مشاعرا عام جام ٿيڻ لڳا. پاڻ تہ شعر چوندو هو اردو زبان ۾، مگر پنهنجي سرپرستيءَ کان سنڌيءَ کي بہ محروم رهڻ نہ ڏنائين.

ميان محمود "خادم" مرحوم، سنڌي شاعريءَ جي طرزِ جديد جو بعد ۾ وڏو استاد تسليم ٿيڻ لڳو، پر انهن ڏينهن ۾ اڃا سندس مشق سخن جي ابتدا هئي. هڪ پير کان لڱائي هلندو هو. قد ۽ بت ۾ موزون، رنگ قدري سانورو، شعر جي فن تي سڀ کان پهريون ڪتاب، سنڌي زبان ۾، پاڻ لکيائين، جيڪو گهڻو مقبول ٿيو.

سنڌي شاعرن جي ٻن حصن ۾ تقسيم ان وقت کان ئي شروع ٿيڻ لڳي هئي. هڪڙا شاعر اهي هئا، جن ڪافين، ڏوهيڙن، مناجاتن ۽ مداحن ذريعي اصلي سنڌي جذبات جي ترجماني نيٺ سنڌي ڳوناٺيءَ زبان ۾ ٿي ڪئي، پنهنجي سنڌي دل جي صدا سنڌي زبان ۾ پئي ادا ڪيائون. مقابلتاً، ٻئي ماحول جي شاعرن جي ڪوشش اها هئي ته اردو ۽ فارسي طرز تي غزل چئجن ۽ ٻاهرين استادن جي نقالي ڪجي. منهنجي پنهنجي دلچسپي شروع کان وٺي پهرين قسم جي ڪلام سان هئي. منهنجي خيال موجب، شعر محض ذريعو آهي دل اندر محسوس ٿيندڙ جذبات جي اظهار جو. هر ملڪ جي ماڻهن جي جذبات ۽ احساس ۾ فرق ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن به ملڪ جي ماڻهن جي دلي ڪيفيتن ڪي، سندن حقيقي ڳُوڙهائين ۽ مخصوص باريڪ پهلوئن سميت، مڪمل طرح ٻاهر آڻڻو آهي، ته پوءِ نه فقط زبان انهن ماڻهن جي هجڻ گهرجي، پر طرز ۽ طريقهٔ ادا به ان زبان جي عين بنيادي اصولن مطابق، ۽ ان زبان جي مخصوص صلاحيتن ڪي سامهون رکندي. مثلاً، جيڪڏهن شيڪسپيئر جي احساسات جي اظهار جو ذريعو سنڌي ڪافين ڪي بنايو وڃي ۽ سندس ڪلام جي ترجماني سنڌي ڏوهيڙن وسيلي ٿيڻ لڳي، ته پوءِ هوند شيڪسپيئر جي ڪهڙي حالت رهجي وڃي؟ ساڳيو قانون لاڳو آهي، سنڌي جذبات جي اظهار واري مسئلي سان. تنهنڪري اصل کان وٺي آءٌ غزلگو سنڌي شاعرن جي محفلن کان ڪناره ڪش رهندو آيس، ۽ حاجي محمود "خادم" ۽ ان قسم جي ٻين شاعرن جي قريب اچي نه سگهيس.

لاڙڪاڻي جي شاعرن مان، منهنجي دلچسپي هوندي هئي مرحوم مغفور ميان نواز علي خان "نياز" سان. اُهي ڏينهن به هئا سندس جوانيءَ بلڪ مستيءَ جا. ان کان سواءِ، پاڻ شاعر به هوندو هو باعمل. پهرين پيدا ڪندو هو اهڙو ماحول، جنهن ۾ احساس تيز ٿين ۽ جذبات جوش ۾ اچن. ان کان پوءِ سليس سنڌي زبان ۾، ۽ ڪافين جي وسيلي، ويهي ڪندو هو بيان ۽ اظهار انهن ذاتي ۽ قلبي وارداتن جو.

ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي مرحوم، حاجي محمود "خادم" ۽ ان قسم جي ٻين استادن ۽ نواز علي خان "نياز" مرحوم جي وچ ۾ هي بنيادي فرق هوندو هو: پهرئين قسم جا صاحب ساري عمر پاڻ عشق ڪرڻ ڪي غير سنجيده

فعل، بلڪ اوباشيءَ جو هڪ قسم تصور فرمائيندا رهيا. نہ ڪڏهن عاشق بڻيا، نہ هجر ۽ فراق جون تلخيون برداشت ڪيائون. محض ٻڌين ٻڌين ئي ڳالهين جي آذار تي اُتي خيالي طوفان ڪڙا ڪيائون، ۽ شعرن جا طومار ٻڌائون. مثلاً، رات ڏينهن همدردي ڪندا تہ هئا بلبل سان، پر اهو ڪڏهين بہ ويچار ڪونہ فرمايائون تہ سنڌ بلڪ ساري هند اندر بلبل جو بنهہ بنياد ئي ڪونہ آهي! مقابلتاً، ميان نواز علي خان مرحوم محض اُهو ۽ اوترو بيان ڪيو، جيترو پاڻ محسوس ڪيائين. اهو ئي سبب هو، جنهنڪري سندس ڪلام ۾ ڏاڍو اثر هوندو هو- ڪڏهن ڪڏهن نئون رواج نظر ۾ رکي، ۽ همعصر شاعرن جي هنگامن کان متاثر ٿي، غزل جي ميدان ۾ بہ طبع آزمائي ڪندو رهيو. اڪثر مشاعرن ۾ ايندو رهيو، ۽ طرحي مصرعن تي غزل ٻڌندو ۽ ٻڌائيندو رهيو. پر اهو ڪو سندس اصلي ڪلام ڪونہ هو.

مرحوم کي مون گهڻو ويجهو ٿِي ڏٺو. عجيب طبيعت جو صاحب هو. وڻندڙ ۽ وندرائيندڙ دوست، پختہ مزاج ڪامورو، حسن کان سخت ۽ فوري متاثر ٿيندڙ دل جو مالڪ، خوش گلو، خوش پوش، تصنع کان قطعاً آزاد، ۽ ڪم سوال ماٺهو هو، ساري حياتي پنهنجي پيدا ڪيل هڪ خاص دل جي دنيا اندر گذاري ڇڏيائين.

هڪ دفعي هڪ مشاعري جي سلسلي ۾ سکر آيو. مان ڪيس سج لٿي بعد، بئراج جي پل وٽ، درياهہ پر تي وني ويس، ڪيس عرض ڪيم تہ پنهنجي چيل ڪا خاص مرغوب ڪافي ٻڌائي. انتهائي خوش الحاميءَ سان هيءَ ڪافي ٻڌايائين:

دل منهنجي دوست ڏتاري، ڙي اديون،
باهہ تہ ٻاروچل ٻاري، ڙي اديون،
جيرو منهنجو جوشن آ تہ جلايو.

جن کان جانب ٿئي جدا،
تن کي ڏجي ڪ! دلداري، ڙي اديون،
اوهين وينيون طعنن ساڻ تپايو.

ڏينديس "نياز" لحاظ سان،
سورن جي سڌ ساري، ڙي اديون،
هوت پنهل جڏهن اڳڻ منهنجي آيو.

ورهيہ گذري ويا آهن، پر اڄ تائين سندس آواز پيو ڪنن ۾ گونجي - چانڊوڪي رات، درياهہ جو ڪنارو، خاموشيءَ جو عالم، ڏکڻ جي هير، ۽ اها هير معطر پر وارن باغن ۾ بيٺل گلن ٻوٽن جي خوشبوءِ سان، ۽ وچ ۾ "نياز" سو بہ پيو چوي:

جـــن ڪـــان جـــانب ٿئـــي جـــدا،
تن ڪي ڏجي ڪا دلداري، ڙي اديون،

اوهين ويتر طعنن سان پيون تپايو!

ملازمت جي سلسلي ۾، بطور ماستر جي زندگي شروع ڪئي هئائين، ڪجهہ عرصي بعد روينيو کاتي ۾ ويو، ورهين جا ورهيہ ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ جو سرشتيدار ۽ لاڙڪاڻي سب جيل جو جيلر ٿي رهيو، آخر مختيارڪار ٿي رٽائر ڪيائين. منهنجي ساڻس آخري ملاقات 1953ع ۾ ٿي. جسماني طور نحيف حالت ۾ هو، پر طبيعت ۾ زور اجا تائين ساڳيو ئي هوس. هن ڪتاب لکڻ وقت ڏانهنس خط موڪليم تہ پنهنجي اها ڪافي (جنهن جو ذڪر هيٺئر ڪري چڪو آهيان) ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ خاص پنهنجي هٿ سان لکي موڪلي. وٽانئس آيل جواب مناسب هنڌ تي درج ڪيل آهي.

مولوي غلام رسول جتوئيءَ جي ڪلام جو پڻ انهن ڏينهن ۾ ڪافي شهرو هوندو هو. پاڻ وينل ڏوڪري تعلقي جو هو، پر لاڙڪاڻي گهڻو ايندو رهندو هو. مشاعرن ۽ غزلن سان سندس ڪو تعلق ڪونہ ٿي رهيو، محض سنڌي ڪافيون، مداحون ۽ مناجاتون چوندو رهيو، ڪلام ۾ خاصو اثر هوس. وڏي خوبي سندس ڪلام جي اها هئي جو ان ۾ تصنع بلڪل ڪونہ هوندو هو. ڏاڍو سادو انسان هو، بنهہ ڳوناٺي رهڻي ڪرڻي، قد ۾ ڊگهو، جسم ۾ سنهو، ڏاڙهي مُٺ جيتري، مٿي تي پٽڪو، هيٺ پيراهن ۽ هلڪي شلوار، ۽ پيرن ۾ سنڌي جُتي. مون جڏهن ڏٺو تہ عمر ۾ سٺ ورهين کان مٿي تي لڳو.

* * *

لاڙڪاڻي جا وڪيل بہ ساريءَ اپر سنڌ ۾ مشهور هوندا هئا.

ميان غلام محمد غلام علي، جنهن کي عام طرح ماڻهو "رئيس غلام محمد شيدي" سڏيندا هئا. وڏي دماغ ۽ شخصيت جو صاحب هو، قد ۾ بندرو، صورت ۾ قطعاً حبشي، وار گهنڊيدار، منهن تي ڏاڙهي، لباس جي معاملي ۾

قطعاً بيپرواهہ. مٿي تي سنڌي لونگي ٻڌندو هو. جسم تي ڪوٽ – پتلون، پيرن ۾ نيٺ سنڌي جُتي. ڪورٽ ۾ ڪڏهن ڪڏهن سرائڪي ٽوپي پڻ پهري ويندو هو. پرواهہ ڪنهن جي ڪانہ ڪندو هو. انگريزن کان ٽيڏو رهندو هو. جنهن بہ ڪيس ۾ عملدارن خاص دلچسپي ڏيکاري، ۽ عام وڪيلن ان ڪيس ۾ وڪالت ڪرڻ کان دڙي پاسو ڪيو، تہ رئيس غلام محمد بغير ڪنهن بہ سوچ ويچار، خوف يا خطري جي اٿي کڙو ٿيندو. پنهنجن خيالن ۽ شوقن ۾ هردم مست رهندو هو. ڪتابن، علم نجوم ۽ فوٽو گرافيءَ سان شوق هوندو هوس. سارو وقت انهن "هابين" جي حوالي هوس. اصيل اڇي وڪيل ڪندس. پئسا ڏيئي ويندس، پر حاضريءَ جي تاريخ تي موٽي ايندا تہ سڀ کان پهرين رئيس صاحب چڙهي ڏيئي پڇندن، "ڪير آهيو؟ ڇو آيا آهيو؟ اڄ مون کي وقت ڪونہ آهي! موڪ ٿيس تہ ڪورٽ ۾ ويندو، ٻيءَ صورت ۾ منشي موڪلي حاضري رڪارائي ڇڏيندو- اصيل پل رڙندا رنيندا واپس هليا وڃن! قانوندان تمام وڏو هو، پر طبيعت جو سير، ۽ لاابالي. گهري ها تہ لک ڪمائي ها، پر پئسن جي پرواهہ مطلق ڪانہ ڪيائين، حتاڪ فوت ٿيو تہ سندس ڪفن دفن جو خرچ بہ سندس ڪتاب وڪڻي ڪيائون. ذاتي دوستيءَ جي معاملي ۾ سخت پختو هوندو هو، دوست جي هر تڪليف کي پنهنجي تڪليف تصور ڪيائين.

ڪجهہ وقت تائين ڪبوتر بازي بہ سندس مشغلن ۾ شامل رهي. هڪ دفعي رياست خيرپور جو چيف سيڪريٽري مقرر ٿيو پنهنجا ڪبوتر ساڻ ڪٺي وڃي ات رسيو. اتفاقاً خيرپور جي واليءَ مير امام بخش خان، کي وڃي ڪنهن شخص ٻڌايو تہ چيف سيڪريٽري وٽ ڪبوتر تمام سٺا آهن. مير صاحب ڏانهنس ماڻهو موڪليو تہ اهي ڪبوتر اسان ڏانهن موڪلي ڏيو. رئيس صاحب ڪبوترن موڪلڻ بدران پنهنجي استعفا ڏانهنس رواني ڪئي، ۽ ساڳيءَ شام جو پاڻ ٽپڙ ٻڌي، موٽي اچي لاڙڪاڻي پهتو. چيائين، "پرائي نوڪريءَ جي مقابلي ۾ ڪبوتر وڌيڪ قيمتي آهن".

آخري پيري مون ڪيس سندس اوطاق جي صحن ۾ اهڙيءَ حالت ۾ ڏٺو جو پاڻ گوڏ ٻڌيو، صندليءَ تي پلٿي ماريو ويٺو هو. غسل جي غرض سان، جسم تي ميٽ ۽ پير ۾ پاٽيءَ جا دلا رکيل هئس، جن مان لوٽا ڀريندو جسم تي وجهندو ٿي ويو. ان وچ ۾ ملاقاتي بہ ايندا ويندا ٿي رهيا. گفتگو جاري رهندي آئي، بلڪ هڪ معاملي جي

سلسلي ۾ تہ منشيءَ ڪي سڏي درخواست بہ "ڊڪٽيٽ" ڪرائي ڇڏيائين. اندر دفتر واري ڪمري ۾ هر طرف ڪتابن جا انبار. ميز تي رکيل سامان انتهائي بي ترتيبيءَ سان پکڙيل، مس ڪپڙيءَ مان مس سڪل، قلمن جون نبون ڀڳل يا مورڳو غائب!

"خلافت تحريڪ" سان دلي همدردي هيس، پر ان تحريڪ جي زير سايي ليبري ڪرڻ يا پنهنجي لاءِ ڪنهن سياسي ميدان تيار ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪانہ ڪيائين.

جيتريقدر رئيس صاحب مرحوم پاڻ رهڻي ڪرڻيءَ ۾ بيپرواهہ هو، اوتريقدر ئي انهيءَ معاملي ۾ خوش ذوق ۽ نازڪ مزاج هو سندس ڀاءُ، خانبهادر نانا نورالدين، جو صاحب بحمدالله اڄ تائين حيات آهي، ۽ ساڳئي ذوق شوق سان پنهنجي رٽائرمينٽ جو زمانو پيو ڪراچيءَ ۾ بسر ڪري. قداور، وجيهہ، ۽ رعبدار شهپر.

ملازمت تعليم ڪاتي ۾ ڪيائين، اهڙيءَ نرم مزاجيءَ سان، جو نہ ڏنائين ۽ نہ ڏڪويائين. پهريائين اسڪولن جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو، ان ڪان پوءِ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ۽ حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج جو پرنسيپال. سندس تعليمي خدمتن ۽ ديانتمنديءَ جي صلي ۾ انگريز حڪومت کيس خانبهادر جو لقب بہ ڏنو. نيپولين اعظم جي سوانح حيات سان ڏاڍي دلچسپي رکيائين. جيڪو ڪتاب ان مضمون تي مليس سو خريد ڪيائين، حتاڪ نيپولين ۽ ان جي خاندان متعلق ڪتابن جو ايڏو ذخيرو وٽس موجود ٿي ويو جو ان جو مثال ٻيءَ ڪنهن بہ خانگي يا پبلڪ لائبرريءَ ۾ مون ڪي اڄ تائين نظر ڪونہ آيو آهي.

لاڙڪاڻي جي وڪيلن ۾ ديوان لالچند نولراءِ (ڪارنا) بہ وڏو نالو پيدا ڪيو. پر ان شهرت جو اصل ڪارڻ ڪهڙو هو، سو مون ڪي ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. انگريزي ڳالهائيندو هو تہ هر جملي ۾ بہ-چار گرامر جون ۽ لفظن جون غلطيون ڪري ويندو هو! مون کيس آڏي پڇا ۽ تقرير ڪندي بہ ڏٺو ۽ ٻڌو، مگر ڪا بہ خاص ڳالهہ مون ڪي نظر ۾ ڪانہ آئي. ان هوندي بہ سنڌ جي چوٽيءَ جي وڪيلن ۾ شمار ٿيندو رهيو. پڇاڙيءَ جو سياست ۾ بہ حصو ورتائين، ۽ سنڌ جي هندن پاران هندستان جي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ سالن جا سال اها ميمبري ماڻيندو رهيو. ساري هندستان جي طول ۽ عرض ۾ ڪو بہ ۽ ڪهڙي قسم جو واقعو يا معاملو ٿيندو، تہ ديوان صاحب ان متعلق

اسيمبليءَ ۾ سوال ضرور پڇندو. زير بحث مسئلو کهڙو به ايندو، ديوان صاحب جي هڪ عدد تقرير ان تي لازماً ٿي ويندي. ڪاميٽيءَ کهڙيءَ جي به ميمبري خالي ٿيندي، ديوان لالچند جي اميدواريءَ جو فارم يقيناً داخل ٿي ويندو. اهو زمانو سندس عمر جي پڇاڙيءَ جو هو، ۽ عام طرح سندس طبيعت کي ان وقت تائين ٿڌو ٿي وڃڻ کپندو هو، مگر ديوان صاحب فيصلو ڪري چڪو هو ته زبان جيستائين هلندي رهي، اوستائين ان کي مصروف رکيو اچبو. اسيمبليءَ کان ٻاهر به، هندو - مسلم ڇڪتاڻ جي سلسلي ۾ (جنهن ڇڪتاڻ جي سنڌ اندر ابتدا لاڙڪاڻي مان ٿي)، ديوان لالچند هندن پاران گهٽو ڪم ڪيو. 1947ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ هندو - مسلم فساد ٿيا. سنڌ جي تاريخ اندر ان قسم جو اهو پهريون واقعو هو. گيريلي جي ڳوٺ مان هڪ هندو عورت ڪنهن مسلمان سان بدپيشه ٿي ڀڄي ويئي. معاملي فرقيوارانه نوعيت اختيار ڪئي. مقدمو لاڙڪاڻي جي مسلمان حضور ڊپٽي ڪليڪٽر (محمد هاشم) وٽ هليو. جنهن عورت ۽ ان جي ٻارن جو قبضو هندن کي ڏياريو. هندن پنهنجي ڪاميابيءَ جو اظهار اهڙي طريقي سان ڪيو، جو "مسلماني" جوش وچان لاڙڪاڻي شهر جا مسلمان به اٿي کڙا ٿيا. مقابلا ۽ فساد ٿي پيا، ۽ ان کان پوءِ مسلمان اڳواڻن خلاف مقدميبازيءَ جو سلسلو شروع ٿي ويو. جيڪو به مسلمان اڳواڻ هندن کي ڇُرندو ڦِرندو نظر آيو، تنهن تي هڪ عدد فوجداري مقدمو داخل ڪري ڇڏيائون. مقصد اهو ڪونه هون ته انصاف ٿئي، يا جن مسلمانن واقعي جرم ڪيا آهن تن کي سزا اچي: حقيقي مطلب اهو هون ته لاڙڪاڻي جي مسلمان قومي ورڪرن کي، موقعي جو فائدو وٺي، فوجداري مقدمن ذريعي ايتريقدر پيڙهي ڇڏجي جو وري منجهانئن ڪنهن کي به هندن جي مقابلي ۾ ڪنهن به سلسلي ۾ آواز اٿارڻ جي جرئت ڪانه ٿئي، ۽ لاڙڪاڻي شهر تي عملي طرح هندن جو راڄ قائم ٿي وڃي. اها هڪ اهڙي افسوسناڪ ذهنيت هئي، جنهن جا نتيجا اڳتي هلي بيحد خطرناڪ نڪرڻا هئا. خود هندن کي ان باري ۾ دوراندیشيءَ کان ڪم وٺڻ کپندو هو، مگر انهن صاحبن، ديوان لالچند جي اڳواڻيءَ هيٺ فوري ۽ محدود فائدن کي مستقبل جي مجموعي قومي ۽ ملڪي مفاد ۽ مصلحتن تي ترجيح ڏيڻ پسند ڪئي. ان طرح، هڪ اهڙي "چين ري ائڪشن" (Chain reaction) جو بنياد وڌائون، جنهن اڳتي هلي نه فقط

هندن کي سنڌ منجهان گهات ڪري ڇڏيو، بلڪ سنڌ جي قسمت کي بہ لوڏن ۾ لهرن ۾ وجهي ڇڏيو.

ان ڇين ري ائڪشن جون مختلف ڪڙيون، جي وقت گذرندي جدا جدا صورتن ۾ نمودار ٿينديون ويون، ملاحظي ۾ غور جي قابل آهن:

1 - لاڙڪاڻي جي فسادن ۽ مقدمن بعد ساريءَ سنڌ اندر هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ تلخي وڌي ويئي.

2 - طرفين جي اخبارن ان تلخيءَ کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي.

3 - سنڌ ۾ هين جاين تي بہ ساڳئي قسم جا فساد ٿيڻ لڳا.

4 - مسلمانن کي پوءِ لڳو تہ هندو کين برباد ڪري، ساريءَ سنڌ مٿان پنهنجو سياسي ۽ اقتصادي قبضو قائم ڪرڻ گهرن ٿا.

5 - مسلمانن اهو بہ ڏٺو تہ سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان وابستہ هجڻ سبب، پريزيڊنسيءَ جي هندو اڪثريت جو فائدو سنڌ جا هندو بہ وٺي رهيا آهن، ۽ ان وابستگيءَ ڪري توڙي جو سنڌ اندر مسلمان ميجارٽي ۾ آهن، مگر عملي طرح ان ميجارٽيءَ جو کين ڪو بہ فائدو پهچي ڪونہ ٿو سگهي.

6 - تنهنڪري، سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ لاءِ مسلمانن طرفان تحريڪ شروع ٿي ويئي، جنهن جي هندن شدت سان مخالفت ڪئي، ۽ جنهن تناسب سان هُنن سنڌ جي جدائيءَ جي مخالفت ڪئي، انهيءَ تناسب سان مسلمانن کي يقين ٿي ويو تہ بمبئيءَ وارو تعلق سندن حق ۾ واقعي نقصانڪار آهي ۽ سندن نجات جو راز ان ۾ ئي مضمر آهي تہ سنڌ کي بمبئيءَ کان ڇني، پنهنجي مٿي جدا صوبو بڻايو وڃي. ان تحريڪ جي اڳواڻي خانبهادر محمد ايوب کهڙي ڪئي. جيڪو پاڻ لاڙڪاڻي جو وينل هو، ۽ جنهن کي لاڙڪاڻي جي فسادن دوران ڪوڙن فوجداري مقدمن ۾ ڦاسائڻ لاءِ هندن طرفان سخت ڪوشش ٿي چڪي هئي.

7 - اڳتي هلي نيٺ سنڌ جدا ٿي.

8 - سنڌ جي جدا ٿي وڃڻ بعد بہ هندن طرفان اها ئي ڪوشش جاري رهي تہ مسلمان اڪثريت کي ان علحدگيءَ جي فائدي ماڻڻ کان روڪيو وڃي.

9 - ان مقصد سان هندن، اسيمبلي اندر مسلمان اڪثريت کي ٽوڙڻ خاطر، متحد ٿي هيءَ ڪوشش شروع ڪئي تہ مسلمان گروپن کي ڪڍهن بہ پاڻ گڏجي

ڪم ڪرڻ جو موقعو نہ ڏنو ويجي ۽ منجهانئن هميشہ اهڙي گروپ ڪي پاور ۾ رکيو اچجي، جنهن جو مقدار زياده تر مسلمان ووٽن تي نہ، پر سنڌن (يعني هندن جي) ووٽن تي هجي.

10 - 1937ع ۾ "جدا يا آزاد سنڌ" جون پهريون چونڊون ٿيون. ڪامياب مسلمان ميمبرن جي اڪثريت توڙي جو يونائيٽيڊ پارٽيءَ ۾ هئي، ۽ سر غلام حسين جي مسلم پارٽيءَ کي فقط ڇهن ميمبرن جي پٺڀرائي حاصل هئي، مگر ان هوندي بہ جڏهن گورنر، سر لانسلاٽ گراهم، وزارت عظميٰ تي سر غلام حسين کي ويهاريو تہ هندن پٺڀرائي انهن ڇهن ميمبرن واري گروپ جي اڳواڻ يعني سر غلام حسين جي ئي ڪئي. مقصد اهو هون تہ جنهن صورت ۾ سر غلام حسين کي مسلمان ميمبرن جي اڪثريت جي حمايت حاصل نہ آهي، تنهنڪري ڪيس بطور وزيراعظم جي هر وقت هندن اڳيان ئي محتاج رهڻو پوندو.

11 - ايندڙ سال، يعني 1938ع ۾، سر غلام حسين کان بہ ناراض ٿي پيا، تنهنڪري ڪيس ڪيرائي خانبهادر الله بخش جي وزارت قائم ڪرايائون. ڪجهہ مهينن بعد، خانبهادر الله بخش ۽ سندس مسلمان حمايتين جي وچ ۾ ڊلن جي معاملي تي اختلاف پيدا ٿي پيو ۽ مسلمان ميمبرن جي اڪثريت خانبهادر الله بخش کان جدا ٿي ويئي.

12 - مسلمان ميمبرن جي اڪثريت، الله بخش مرحوم کان جدا ٿيڻ بعد، هندن کان تقاضا ڪئي تہ جنهن صورت ۾ الله بخش وزارت قائم ڪرڻ وقت سنڌن (يعني هندن جي) اڳريمينٽ ان ساريءَ پارٽيءَ سان ٿيل هئي ۽ نہ ذاتي طرح خانبهادر الله بخش سان، ۽ هينئر جنهن صورت ۾ اها پارٽي خانبهادر الله بخش کان جدا ٿي ويئي آهي، تنهن صورت ۾ هندو ميمبرن کي پڻ الله بخش کي ڇڏي، اڪثريت واري پارٽيءَ سان پنهنجي اصلوڪي وابستگيءَ کي قائم رکڻ گهرجي. پر هندن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. الله بخش کي اقليت، ڪمزوريءَ ۽ محتاجيءَ جي حالت ۾ ڏسي، ڪيس هڪدم پنهنجي سرپرستيءَ هيٺ ورتائون، بلڪ ڪانگريس کي اهڙا ڪم ڪرايائون، جنهنڪري مسلمانن کي اڳ کان بہ وڌيڪ يقين ٿي ويو تہ هندن جي نيت محض اها آهي تہ سنڌ مٿان وزارت هميشہ اهڙي قائم رکبي اچجي، جنهن جي زندگيءَ جو د ـار سنڌن ووٽن تي هجي.

13- ان اسٽيج تي سمورا هندو ميمبر، ڪانگريسي خواهه غير ڪانگريسي، پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي، خانبهادر الله بخش جي زور سان پٺڀرائي ۽ حوصلہ افزائي ڪرڻ لڳا. آل انڊيا ڪانگريس ڪي اپيلون ٿيون: سردار پٽيل، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ آچاريہ ڪرپالاڻي، دهليءَ مان ڪاهي اچي ڪراچيءَ پهتا. طرفين جون ڳالهيون ٻڌائون، مگر فيصلو اهو ئي قائم رهيو تہ مسلم اڪثريت جي مخالفت هوندي بہ الله بخش کي قائم رکجي.

14 - هندن ۽ ڪانگريسين مان آخري طرح نااميد ٿي، واسطيدار مسلمان ڪم ڪندڙن، جن جو اڳواڻ جي. ايم. سيد صاحب هو، ٻهريون دفعو مسلم ليگ ڏانهن رخ رکيو. هيلتائين سنڌ اندر مسلم ليگ جو ڪو بہ نانءُ نشان ڪونہ هو، حالانڪ هندستان جي ٻين حصن ۾، اڳ ۾ ئي، 1935ع کان وٺي، ان تحريڪ جو نئون ۽ آخري دؤر شروع ٿي چڪو هو.

15 - 1938ع جي پڇاڙيءَ ۾، ٻهريون دفعو، سنڌ جي سرزمين تي، ڪراچي شهر اندر، قائداعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ، مسلم ليگ جي ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن جي سلسلي ۾ هندستان جي مختلف صوبن جا مسلم ليگي اڳواڻ ڪَهي اچي سنڌ ۾ پهتا. ڪانفرنس سڏائڻ جو فوري مقصد محض اهو هو تہ الله بخش جي وزارت خلاف آواز پيدا ڪيو وڃي، مگر هڪ سياسي سيلاب کي بند پڄي پنهنجي طرف رخ وٺائڻ بعد ڪير ٿي روڪي سگهيو! ڪانفرنس هلندي، هندن اڳ کان بہ وڌيڪ الله بخش مرحوم جي پُٺي ڀري، ۽ ڪانگريس جي نالي ۾ خود پاڻ بہ اڳئين کان اڳرا ٿي بيهي رهيا.

16 - اها ڪانفرنس اهڙي عظيم پيماني تي ٿي رهي هئي، جو ڪانفرنس ڏسندي، هندن کي هڪدم هوا جو رخ پروڙي، محسوس ڪرڻ کپندو هو تہ سندن شروع کيل پاليسي هندو اقليت ۽ مسلم اڪثريت کي مستقلاً هڪٻئي کان جدا ڪري رهي آهي ۽ صوبي جي سياست کي هميشہ لاءِ فرقيوارانہ رنگ وٺائي رهي آهي، جنهن جو نتيجو اڳي پوءِ اقليت لاءِ ئي نقصانڪار ثابت ٿيڻو آهي، مگر هندن تدبر ۽ دورانديشي ڏيکارڻ بدران پاڻ وڌيڪ شوخي ۽ ضد جو رستو اختيار ڪيو.

17 - آخر انهيءَ ئي ڪانفرنس ۾، سنڌ جي هندن مان نااميد ٿيل مسلمان ورڪرن جي تجويز تي، پاڪستان متعلق ٻهريون دفعو ٺهراءُ پاس ٿيو. خاص

سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس، آل انڊيا ليگ کي استدعا ڪئي ته جنهن صورت ۾ هندو اهو فيصلو ڪري چڪا آهن ته مسلمانن جي اڪثريت وارن صوبن اندر به مسلمانن کي ڪنهن به فائدي وٺڻ جو موقعو نه ڏنو وڃي، تنهن صورت ۾ هينئر آل انڊيا ليگ کي ڪا اهڙي اسڪيم تيار ڪرڻ گهرجي، جنهن هيٺ مسلم اڪثريت وارا صوبا هندستان کان جدا ٿي، پنهنجي مٿي ملي، هڪ علحده فيڊريشن قائم ڪري سگهن. اها آهي پهرين لڪير، جنهن جي بنياد تي اڳتي هلي پاڪستان جو سارو نقشو تيار ٿيو.

18 - ان بعد به هندن کي مت ڪانه آئي. سکر جي مسلمانن، سرڪار کان تقاضا ڪئي ته بندر تي ويران حالت ۾ پيل منزلگاهه واريون عمارتون جنهن صورت ۾ اولاً مسجد طور تعمير ٿي ۽ ڪتب اچي چڪيون هيون، تنهن صورت ۾ انهن جو قبضو هاڻي ورائي مسلمانن جي حوالي ڪيو وڃي. هندن، حسب دستور ان مطالبي کي به هڪ سياسي اِشُو بڻائي، ان جي بنياد تي مخالفت شروع ڪري ڏني. الله بخش تي زور آنَدائون ته ڪنهن به طرح مسلمانن جي خواهش پوري ٿيڻ نه ڏئي. چنانچ الله بخش انڪار ڪيو، ۽ مسلمانن ستياگرهه شروع ڪئي. الله بخش سختي ڏيکاري، ته ستياگرهه خونريزيءَ جي صورت ورتي. سوين هندو مارجي ويا، هزارين مسلمان گرفتار ٿيا، آخر ۾ مجبور ٿي، هندن کي الله بخش وزارت کي ختم ڪري، خود پنهنجن هٿن سان مسلم ليگين کي وزارت جي مسند تي ويهارڻو پيو. ان دوران ۾ سرڳواسي ڀڳت ڪنور رام پڻ، ريل ۾ ويندي، رڪ اسٽيشن تي خواهه مخواهه خون ٿي ويو.

19 - پر جيئن منزلگاهه جو مسئلو ختم ٿيو ۽ صوبي اندر ناپر ايندي ويئي، تيئن هندن کي وري الله بخش مرحوم جي ياد ستائڻ لڳي. سنت ئي ليگ وزارت کي ڪيرائي، وري الله بخش کي پاور ۾ آندائون.

20 - سنڌ جا مسلمان اڳ کان به وڌيڪ زور سان پاڪستان تحريڪ ۾ ڪاهي پيا. نه فقط سنڌ بلڪ ساري هندستان اندر، پنهنجي صوبي جو مثال سامهون رکي، پاڪستان جي فائدي ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. ساري هندستان اندر، سنڌ جي اسيمبلي پهرين ئي قانون ساز جماعت هئي، جنهن پاڪستان جي فائدي ۾ باقاعدي نهراءُ پاس ڪيو.

21 - 1947ع ۾ آخر پاڪستان قائم ٿيو، ۽ سنڌ جي هندن کي پنهنجي وطن مان لڏي هندستان وڃڻو پيو.

22 – 1948ع ۾ ڪراچي سنڌ کان جدا ڪئي ويئي.

23 – 1955ع ۾ سنڌ بطور هڪ علحده صوبي جي ختم ٿي، مغربي پاڪستان جو حصو بڻي.

غور فرمايو: شروع ڳالهہ ٿي لاڙڪاڻي مان، ڳيريلي جي رن تان، ۽ ديوان بلوچ جي ڪٽرپائيءَ سان، ۽ پوءِ؟ مختلف منزلن مان گذرندي گذرندي، آخر وڃي پهتي ڪٿي! اڄ سنڌ جا هندو صاحب، بي گهر ۽ بي وطن، مستقل شرنارٿي آهن، ۽ سنڌ جا مسلمان ۽ ڀٽائي عليہ الرحمت جا بيت:

وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾،
دهلين دمامين نفرين، پر ۾ پڇياس،
ڏولي ڏيلياس، تيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾!

لاڙڪاڻي، ساهہ سيباڻي، معشوقن جي مڪان جي امڪانات ۽ قوتن جو اهو فقط هڪ معمولي مظاهرو هو، جنهن حقيقي طرح ساريءَ تاريخ ۽ قومن ۽ ملڪن جي قسمت کي چڪر ۾ آڻي ڇڏيو.

جن هندن کي پاڪستان ٺهڻ بعد پهرئين ئي پهر وطن ڇڏڻو پيو، تن مان هڪ ديوان لالچند بہ هو. هندستان پهچڻ کان پوءِ، سندس پرلاءُ وري ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو- شايد ستت ئي سرڳواسي ٿي ويو.

* * *

جيتريقدر ديوان لالچند تنگ نظر هو، اوتريقدر ئي وسيع المشرب ۽ غير متعصب لاڙڪاڻي جو ٻيو هندو وڪيل، ديوان گوبندرام هاسومل سيوهاڻي هو، جنهن لاڙڪاڻي وارن فسادن ۽ هندو ڪشمڪش جي دوران، هندن جي زوربار هوندي بہ، مسلمانن جي مدد ڪئي. سندس اصول هوندو هو تہ وڪيل کي قوم ۽ مذهب جي بنياد تي هرگز متعصب ٿيڻ نہ گهرجي. وڪالت جي ڌنڌي ۾ وڏو مقام حاصل ڪيائين. سندس ٻيا اصول هي هوندا هئا.

(1) ماجسٽريٽ يا جج يا سرڪاري عملدار سان ذاتي لڳ لاڳاپو رکي ڪيس کڻڻ، وڏيءَ حقارت جو ڪم آهي. ڪيس کڻڻو آهي تہ قانون ۽ محنت ۽ ايمانداريءَ جي ذريعي، ۽ نہ ٻيءَ طرح (انڪري پاڻ، وقت جي دستور خلاف، ڪڏهن بہ ڪنهن ماجسٽريٽ يا جج سان خانگي تعلقات نہ رکيائين).

(2) هڻ واٺئي ۽ ٻروچ جو ڪيس ڪڏهن بہ نہ کڻجي، ڇو تہ هو وڪيل کي ڏاڍو تنگ ڪن ٿا، ۽ ڪورٽ ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ ئي سندس دماغ ڇڻي وجن ٿا.

(3) پنهنجي اصيل سان مڪمل وفاداري هجڻ گهرجي، ۽ ڪنهن بہ خوف، لوڀ يا لالچ ڪري ان جي حقن کي فراموش ڪرڻ نہ جُڳائي.

(4) وڪيل کي پنهنجو سارو وقت پنهنجي ڌنڌي تي ڏيڻ گهرجي، ۽ ڌنڌي کان ٻاهر ساري دنيا کي فراموش ڪري ڇڏڻ گهرجي، ان ۾ ئي وڪيل جي ڪاميابيءَ جو راز ٿئي ٿو. جنهن وڪيل وڪالت سان گڏ ٻيا بہ شوق ۽ شغل ڪيا ۽ مصروفيتون اختيار ڪيون، سو ڪامياب وڪيل ٿي ڪونہ سگهندو.

(5) جج يا ماجسٽريٽ غلط فيصلو ڪندو نظر اچي تہ ان سان هڪدم وڙهي پوڻ گهرجي ۽ ڪا بہ مروت ساڻس ٿيڻ نہ گهرجي.

(6) وڪيل برادريءَ جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ خلاف ڪو بہ مقدمو نہ کڻجي.

شخصي طرح ديوان گوبندرام ڏاڍو دلچسپ ماڻهو هوندو هو. ڪِلائي ڪِلائي پيٽن ۾ سور وجهي ڇڏيندو. اهڙيون ڪهاڻيون ٻڌائيندو ۽ اهڙيون لاهٽيون لاهيندو جو گهٽو ڪري ٽرڙا ۽ هلڪي طبعيت رکندڙ وڪيل کانئس پاسو ڪندا رهندا. ساڳئي وقت وري جڏهن متين ۽ سنجيده ٿيڻ جي ضرورت پوندي، تہ ايتريقدر گنڀير ٿي ويندو جو سندس منهن ڏسيو ماڻهن کي هيبت ونيو ويندي. جاهل ۽ ڪاهل اصيلن سان ڏاڍي سختي ڪندو هو. اهڙو اصيل، شنوائيءَ جي صبح جو منهن چڙهي ويس تہ هڪدم رهڙون ۽ چڙٻون ڏيئي پگهر ڪڍي رکندس. انڪري سندس اصيل حقيقت ڏيڻ، شنوائيءَ تي اچڻ، ۽ فيءَ پهچائڻ ۾ ڪڏهن بہ سستي ڪين ڪندا هئا. آواز ڏاڍو گرجدار هوندو هوس، ۽ ان خصوصيت کي شوق سان استعمال ڪندو هو. ڪورٽ ۾ ڳالهائيندو تہ پري تائين پيو سندس پڙلاءُ پوندو. اصيل ڏاڍا خوش ٿيندا: چي، "سائين، اسان جو ديوان ڪيئن پيو ڳالهائي؟ ڄڻ شينهن پيو راڙيون ڪري، ۽ دهل پيو وڄي، مخالف ڌر جي وڪيل بلڪ ماجسٽريٽ تائين جون هٽي پتلونون ڍريون ڪري ڇڏيائين". اصيل کي نتيجي ۾ سزا اچي ويندي، تہ بہ پنهنجي وڪيل کان راضي ٿيو ويندو.

لاڙڪاڻي ۾ سوين وڪيل هوندا هئا، مگر گوبندرام نہ ڪنهن وٽ ايندو نہ ويندو. دوستي هوندي هيس تہ فقط هڪ همعصر وڪيل سان، جنهن جو نالو هوندو هو صوبراج ۽ اصل حيدرآباد جو هو. هر شام جو ٻيئي پاڻ ۾ گڏجي ويهي وسڪيءَ جو پيگ ڪڍندا ۽ پٽ شٽ هڻندا. اوطاق جي ٻاهران شام جو

ڇڻڪار ٿيندو، آرام ڪرسيون لڳي وينديون، سچ لهندو تہ ڪنومل منشي آٽي وسڪيءَ جي ٻاٽلي، گلاس ۽ سوڊائون سامهون ٽپائيءَ تي رکندن. جيئن جيئن پئگ ڪٽندا ويندا، تيئن تيئن طبعيت ۾ رنگيني پيدا ٿيندي ويندين. سومهاڻيءَ تائين ٻنهي دوستن جي وچ ۾ پيو ڪل ڇرچو هلندو. مانيءَ جو وقت ٿيو تہ ديوان صوڀراج پنهنجي گهر روانو ٿي ويندو، ۽ گوبندرام اُتي اچي اوطاق ۾ ويهندو.

وڏي افسوس جو مقام آهي تہ ملڪ جي ورهاڱي ڪان پوءِ، اهڙي ماڻهوءَ لاءِ بہ سنڌ جاءِ رکي نہ سگهي! روئندو، رڙندو، دهليءَ روانو ٿي ويو. وطن ڇڏڻ ڪري ايترو صدمو پهتس جو بيمار ٿي پيو ۽ سست ٿي گذاري ويو.

انقلاب اچن ٿا تہ سُڪن سان گڏ آلا بہ سڙي وڃن ٿا!

## پير تراب علي شاھ راشدي رحمة الله عليه

سائين تراب علي شاھ جهڙا پنهل پير ڪنهن سڀاڳيءَ صديءَ ۾ پيدا ٿيندا آهن.

هونئن تہ پيرن فقيرن جي معاملي ۾ الله تعاليٰ سنڌ کي ڪڏهن ڏک يا ڏڪار ڪونہ ڏيکاريو آهي، پر پير روشن ضمير، جن ڏٺي اچ بک لهيو وڃي، سي نصيباً نظر ايندا رهيا آهن.

چون ٿا انگريز آئي، ۽ مغربي تعليم ۽ تهذيب جي يورش کان اڳ، سنڌ ۾ گهڻا سچا پير هوندا هئا. سجادن جي ڪثرت ۽ اڳوڻي زماني جي ڪتابن مان اُن جو ثبوت ملي ٿو. پر فرنگيت ڦهلجڻ بعد ان جنس جي گهڻتائي ٿيندي ويئي آهي. مون هڪ دفعو حضرت مخدوم غلام محمد صاحب مهيسر رحمة الله عليه (ساڪن کهڙا تعلقو گمبٽ) کان هاٺوڪيءَ سُڃ جو سبب پڇيو. فرمايائين: "بابا! دڪاندار وڪر اهو ئي وهائيندا آهن، جنهن وڪر جا گراهڪ موجود هوندا آهن. هينئر نہ اُهي گراهڪ، نَہ اُهي واپاري، نہ اُهو وڪر!"

آءٌ پاڻ کي بختاور سمجهان ٿو، جو مون کي ڪن سچن پيرن سان صحبت ڪرڻ جو موقعو مليو- يعني پير تراب علي شاھ سائين رحمة الله عليه ۽ سندس پير جناب سيد احمد شامي رحمة الله عليه سان اڳ ۾ ئي گهڻي دير ٿي ويل هئي. زمانا ڦري چڪا هئا. اڳيان وِير وڃڻ وارا هئا. محفلون سميٽجڻ تي هيون. ڏيئا اجهامڻ هارا هئا. گهڙيءَ پلڪ جي ويرم وڃي رهي هئي. ان وچ ۾ آءٌ بہ وڃي سهڙيو هوس. ياڳن يرايو هو. چوڻ جو موقعو ملي ويو تہ

”مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي.“

مون پنهنجي زندگيءَ اندر گهڻائي ماڻهو خواهه مــرون ڏٺا آهن- قسما قسم، رنگ برنگ، چڱا ۽ مٺا، رهبر ۽ رهزن، دردوندا ۽ بيدردا. ورلي ڀيو کو سنڌي اهڙو سياڳو هوندو، جنهن پنهنجي زماني جي ايترن دودن خواهه چنيسرن جا ديدار ڪيا هوندا. هلندڙ دؤر جي ساري تاريخ منهنجي اکين اڳيان ٿهي آهي. انسان جي فطرت کي مون غلاف ڪعبه ۾ ملبوس به ڏٺو آهي ۽ الف- عُريان به. آخر هنن نماڻين اکڙين ڇا نه ڏٺو يا پَسيو هوندو؟ پر اڄ پاڻ کان پڇان ٿو ته اِن ساري سفر اندر گهڻن مڪمل انسانن ڏسڻ جو وجهه مليو، ته اندر مان آواز پيو اچي: ”مشڪل سان ٻن - ٽئن جو!“ انهن مان ٻن جا نالا هينئر ٻڌايا اٿم.

”مڪمل انسان“ مان منهنجي مراد ڪهڙي آهي؟ سچ آهي ته ”مڪمل انسان“ جي سر تي سڱ ڪونه ٿا ڄمن. ڏسڻ ۾ ماڻهن جهڙو ماڻهو ٿئي ٿو، پر ان جي سڄاڻپ جو وڏو اهڃاڻ هيءَ ٿئي ٿو ته ان جي قرابت يا محبت طبيعت تي اُها ڪيفيت پيدا ڪري ٿي، جا محسوس ته ٿيندي رهي ٿي، پر نه ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ۽ نه ڏسڻ ۾. مثلاً نسيم بهاريا شميمِ يار جو رشتو بصارت سان نه، پر دل ۽ دماغ سان رهي ٿو. اهي نعمتون اکين سان ڏسڻ ۾ نٿيون اچن، پر انهن جي آمد ۽ موجودگي ماڻهوءَ جي لوءَ لوءَ اندر محسوس ٿيندي رهي ٿي.

سائنس ثابت ڪيو آهي ته هر انسان جي جسم مان مختلف قسم جا برقي شعاع نڪرن ٿا، جن جا مختلف ماڻهن تي مختلف اثر ٿين ٿا. ان برقي رَو جي مقناطيسيت ۽ بين امڪانن جو اڃا مطالعو پيو ٿئي. پر جيتريقدر ظاهر ٿي چڪو آهي، ڪن انسانن ۾ ڪشش جي گهٽيءَ قوت جو هجڻ، يا ڀهرئين ئي ديدار ۾ بعض دلين جي وچ ۾ پيوندن جو پئجي وڃڻ، ان برقي رَو يا برقي شعاعن جو ئي نتيجو ٿئي ٿو. جيتريقدر آءٌ سمجهي سگهيس، پير تراب علي شاهه رحمة الله عليه جو جسم مبارڪ هڪ مرڪزي بجلي - گهر مثال هو. جيڪو آيو ٿي، سو اڙجي ويو ٿي. جنهن تي گهُور ٿي ٿِي، سو هميشه لاءِ گهائجي ٿي ويو. ڪانئس ڇنبي هن مسڪين کي ڇويهه سال ٿيا آهن، پر اُن بجليءَ جي رَو هينئر به رڳ جان ۾ اڳئين وانگر پئي محسوس ٿئي.

ڪڏهن يا ڪٿ سائنس پهرين ملڻ جو موقعو مليو، سو هينئر ياد ڪونہ اٿم. پر ايترو ياد اٿم تہ ننڍڙائيءَ کان ئي آءٌ سندس نيازمندن ۾ شامل ٿي چڪو هوس. سندس عمر ڪافي هئي. منهنجي منهن تي اڃا ريهہ بہ ڪانہ لٿي هئي. پاڻ عالم ڪامل هو، آءٌ اڃا محض طالب علم. پاڻ اسلامي تهذيب ۽ سنڌي تمدن جو نمونو هو، ۽ منهنجي سر تي انگريزيت سوار. پاڻ اسوه رسول (صلعم) جو پيڪر هو، ۽ آءٌ بانگ ٻڌي ڪڙي ڪڻڻ تي تيار. پاڻ ڏارئي راڄ جو پيدائشي دشمن هو، ۽ مون لاءِ بندوق جو پروانو بهشت جو پروانو! پاڻ ۾ ڪا بہ مناسبت ڪانہ هئي. ڪشش جو ڪو بہ ظاهري ڪارڻ ڪو نہ هو. پر ان هوندي بہ ڪا شيءِ هئي، ڪا ڇڪ هئي، بجليءَ جي شاڪ هئي، يا بنهہ ازل جو ڪو انتظام، جو دل جو ڪاڌو هر دم قنبر ڏانهن ٿي رهيو. رات هجي يا روهہ، جهڙ هجي يا مينهن، ڏينهن هجي يا شينهن، پير اُن پاسي ئي ٿي پيو. اها ويڌن ڇڙو مون ساڻ واٽيل ڪا نہ هئي. مون نہ ڏٺو تہ ڪنهن ماڻهوءَ شاهہ سائين (احتراماً ڪين شاهہ سائين چوندا هئاسين. سچو نالو نہ وٺڻ ۾ ايندو هو) کي هڪ دفعو ڏٺو ۽ پوءِ پيرو پڳو. هڪ پيري آءٌ آڌيءَ رات اچي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيس. حيران ٿي پڇيائين! "خير تہ آهي؟" جواب ۾ مون حضرت مولوي عبدالغفور صاحب همايوني عليہ الرحمة جو ڪافي چئي ٻڌايس:

"تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا،
زندان هزارين مان نہ رڳو."

سچ بہ ائين هو. پاڻ پنهنجي ڳوٺ (علي خان) قنبر ۾ هجي يا سفر ۾، پروانا شمع کان پري رهي ڪونہ ٿي سگهيا. جيڏانهن ويندو هو، ساري انجمن ساڻس گڏ هوندي هئي. سرمائيدار نہ هو. وٽس نہ حڪومتي اقتدار هو، نہ دنياداريءَ جو دٻدٻو، نہ سجاده جو سوال هو، نہ پيراڻا گهنڊ گهڙيال، نہ دنيوي بهتريءَ جو دلاسو ٿي مليو، نہ آخرت ۾ سفارش جو آسرو، نہ ڏيک هو نہ ويک. کدر يا ڪوري بافتي جو چولو، گيڙو يا اڇي گوڏ. ڪلهي ۾ دلائل الخيرات ۽ ڪلام مجيد، هٿ ۾ نيٽ جو لڪڻ يا ڪهاڙي، پيرن ۾ ڳوڙرو بلوچستاني جوتو- اهو هو سندس ظاهري لباس. پر پوءِ بہ ماڻهن جا ڳاهٽ لڳا پيا هئا— ديسي توڙي پرديسي. ڪن نہ هڪ دفعو وٽس پهچڻ ۽ ڪيس ڏسڻ پڇاڻا مري وٽانس موڪلايو. مولانا بخاري نالي هڪ بزرگ تاشقند يا بخارا مان ڪـهي اچي وٽس پهتو هو. هن سنڌي پيـر جي پريت ۾ اڳيان پويان وساري ويهي

رهيو. مٿو بہ سندس در تي، ۽ علي خان واريءَ وڏيءَ مسجد جي دروازي ٻاهران دفن ٿيو. هڪ ٻيو شخص "ملنگ" نالي وٽس رهندو ڏٺم. ڪٿان جو هو، اصل نسل ڇا هوس، سو معلوم ڪونہ ٿيو. ساري زندگي شاھ سائينءَ جي خدمت ۾ گذاريائين. ملنگ جي مسرتن ۽ ڪامرانين جو معراج اهو هوندو هو تہ شاھ سائين ساڻس بہ اکر ڳالهائي يا ڪيس ڪنهن ڪم ڪار لاءِ حڪم ڏئي. اهڙا ٻيا بہ ڪيئي مثال ٿي گذريا.

انسان رِيجهائڻ، نانگ ريجهائڻ کان ڏکيو آهي. ڪتو ٽڪر وٺي پُڇ لٽڪائيندو آهي، مِرون ڇُوڻ ڪائي پنهنجو مٿو وجائيندو آهي، پر انسان ٺي اها آفت آهي، جنهن پيٽ پرڻ ۽ مٿس ٿورن ٽڪڻ کان پوءِ بہ منجهس شرم ۽ شڪر گذاريءَ جو آسرو رکڻ ڇڻ جوا کيڏڻي آهي. پر پير تراب عليءَ جي نوڙي جنهن نڪ ۾ پئجي ويل هئي، تنهن جو ڇڇڻ يا ان ماڻهوءَ جو ناڪيلي ڇنائي ڀڄڻ ناممڪن هوندو هو.

سندس حلقہ احباب ۾ امير بہ هوندا هئا ۽ غريب بہ. پر سندس لطف جو لاڙو زياده تر غريب دوستن طرف هوندو هو. سندس خيال هو تہ امير بنسبت غريب جو ضمير زياده صاف، ۽ غريب دوستي زياده بيغرض ۽ زياده پائدار ٿئي ٿي.

سعدالله نالي هڪ پوڙهو ٻناڻ نانوائي، لاڙڪاڻي جي سيڻو بازار ۾، ونگن واري چوسول وٽ ڪٽ رکيو، ديڳڙو چاڙهيو، ويٺو هوندو هو. پير صاحب جي ساڻس ڪڏهن کان ۽ ڪيئن دوستي ٿي، تنهن جو پتو ڪونہ اٿم. پر مون کي ياد نہ آهي تہ ڪڏهن پير صاحب لاڙڪاڻي آيو هجي يا لاڙڪاڻي مان لانگهائو ٿيو هجي ۽ پهرين سعدالله جو سلام نہ ڪيو هجيس. سعدالله جا رڌل نان - پاوا کائڻ، پيٽ ۾ بارود پرٽو پوندو هو. پر سعدالله سان پير صاحب جي دوستيءَ ڪري اها ڪسٽي، پير صاحب سان گڏ، اسان کي بہ ڪاٽڻي پوندي هئي. آءُ قدري گستاخ هوس. ڪڏهن ڪڏهن سعدالله جي غليظ رهڻي ۽ سندس مغلظ نان - پاون تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري ويهندو هوس. پاڻ ڪلي فرمائيندو هو:

"سعدالله جي ڪپڙن ۽ چنوڙي ڪٽولي ڏانهن نہ نهاريو. سعدالله جي انساني لڇڻن تي نظر ڪريو. سندس غريباڻا نان - پاوا پيٽ لاءِ ثقيل سهي، پر اميرن جي دم المساڪين ۾ دم ٿيل ديڳڙن وانگر، روح تي گران گذرڻ وارا نہ آهن.... وقت ايندو، جڏهن سعدالله جي سچائيءَ وارا ماڻهو ڳولئي بہ ڪو نہ لبندا. ميان علي محمد! ٻڌو ٿا؟ اها ڳالھ ياد رکجو!"

پر شاهه سائينءَ جي صحبت ۾ رهندي، محسوس ٿي ڪونه ٿي ٿيو تہ ڪو اهڙو سمو بہ ڏسڻو پوندو، جنهن ۾ ماڻهو موجود هوندا، پر صحيح ماڻهپو موڪلائي ويل هوندو.

سعدالله ڪان سواءِ هڪ ٻي مصيبت بہ هوندي هئي. اهو هو هڪ تمام پوڙهو، نيم نابينا، ٽانگي وارو، پڳوڙيءَ ٻگهيءَ ۾ سڪل ۽ چُٽر ٽَٽون جوٽيو وتندو هو. ٽَـٽون ڻڪبو هو تہ وچ رستي ۾، حوائج ضروري پوري ڪرڻ جي بهاني سان، بيهي رهندو هو. ڇهبوڪ هڻوس تہ اِتون هٽندو، واڳ مان وٺي بہ قدم اڳتي ڇڪيوس تہ چار پير پوئتي هٽي ويندو. ڪجهہ ٽڪ، ڪجهہ ضد، ڪجهہ موڊ جو معاملو. سواريءَ کي هميشه ٽٽوءَ جي مرضيءَ تي هلڻو پوندو هو. شاهه سائين جڏهن بہ لاڙڪاڻي ايندو هو تہ گهڻو ڪري ان ٽانگي ۾ ئي سواري ڪندو هو، ڇو تہ ٽانگي واري سان پراڻي دوستي هيس!

هڪ ڏينهن شاهه سائين ۽ آءٌ ان ٽانگي ۾ سوار هئاسون. دستور موجب، گهوڙو هلندي هلندي اڌ پنڌ تي بيهي رهيو. شاهه سائينءَ حڪم ڪيو تہ "ٽانگي مان لهي بيهي رهو، جيستائين گهوڙو وري هلڻ جو خيال ڪري." حڪم جي تعميل تہ ٿي، پر ٽٽوءَ جي شان ۾ منهنجي واتان چند ناگفتہ بہ "وردِ" ادا ٿي ويا. شاهه سائين مشڪندو رهيو. اهو ڏينهن ڪليڪٽر صاحب سان وڏيرن جي ملاقات جو هو. وڏيرن سان ڀريل ٽانگن جا ٽانگا ڪليڪٽريءَ ڏانهن وَهندا ٿي رهيا. اهي قافلا ڏسي، شاهه سائين فرمايو:

"ڇا ٿا ڀانيو، مسٽر راشدي! اسانجن دوستن وڏيرن ڪان تہ هيءُ ٽٽون وڌيڪ خوددار آهي. پنهنجي مرضيءَ ڪان سواءِ ڪو نہ ٿو هلي، ۽ زور زبردستيءَ کي بنهہ ڪونہ ٿو ليکي. پر اسانجن دوستن کي جيڪڏهن ڪليڪٽر وٽان حڪم ملي تہ ٽانگن ۾ جوٽجي سرڪاري سواريون ڇڪيو، تہ ٿيندي ڪين مجال جو هن ٽٽوءَ وانگر وچ رستي ۾ بيهي، سرڪاري سوارين کي اِتون هٽن؟ اوهين انگريزي پيا پڙهو، ٿورو انصاف ڪري ڏسو! ڪير وڌيڪ آزاد طبعيت وارو، ۽ تنهنڪري وڌيڪ عزت جو لائق آهي؟ هي ٽٽون يا هو اشرف المخلوقات؟"

شاهه سائينءَ جي انگريزن سان قطعاً ڪانہ پوندي هئي. سندس سياسي نظرين ۽ ڪار گذارين جو حصو اڳتي ايندو. هت ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ

انگريزن جي گورن خواهہ ڪارن اهلڪارن کان سخت نفرت هوندي هيس. منجهانئن ڪنهن سان بہ ملاقات ڪو نہ ڪندو هو. انگريز ڏسندو هو تہ منهن پاسي ڪري ڇڏيندو هو. فرمائيندو هو: "بيوس آهيون. پر جي ويريءَ تائين هٿ رسي نٿو سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ اکين جي غيرت تہ قائم رکون!"

هڪ دفعي جو قصو آهي، شاهہ سائينءَ جي بلوچستان وڃڻ تي سرڪار طرفان بندش پيل هئي. سندس ارادو ٿيو تہ بلوچستان وڃي. مون پنهنجي ڏاڏي مرحوم کي عرض ڪيو تہ سنڌ جي ڪمشنر کي چئي، شاهہ سائينءَ تان اها بندش لهرائي. ان زماني ۾ سنڌ جو ڪمشنر ريسُو صاحب هوندو هو. ڏاڏو مرحوم، شاهہ سائين، ۽ آءٌ، ڪراچيءَ ۾ هئاسون. ڏاڏي مرحوم ڪمشنر سان ڳالهہ ڪئي. ڪمشنر صاحب چيس تہ "شاهہ صاحب کي مون وٽ وني اچو. مون کي ساڻس ملڻ جو شوق آهي. بندش لهي ويندي." ڏاڏو مرحوم ڏاڍو خوش ٿيو. موٽي اچي شاهہ سائينءَ کي ڪمشنر ڏانهن هلڻ لاءِ چيائين. شاهہ سائينءَ وراڻي ڏنيس:

"سائين منهنجا! اهڙا ڪم اسان کان ٿي سگهن ها تہ پوءِ اها بندش ئي ڇو پوي ها؟ هن پٺي بلوچستان جو اهڙو سير، جنهن جي خاطر آءٌ پنهنجو اصول ٽوڙيان."

ڏاڏو مرحوم ڪمشنر سان واعدو ڪري آيو هو تہ هو شاهہ سائينءَ کي وٽس وني ويندو. شاهہ سائينءَ جي انڪار بعد موٽي وڃي نرم ۽ مناسب اکرن ۾ کيس ٻڌايائين تہ شاهہ صاحب اچڻ کان معذور آهي. ڪمشنر زور ڀريس تہ شاهہ صاحب جي جواب جا اصلي اکر ٻڌائي. ڏاڏي مرحوم لفظ بلفظ شاهہ صاحب جو جواب ٻڌايس. غصي ۾ اچڻ بدران، انگريز ڪمشنر جي چهري تي رونق اچي ويئي. چيائين:

"اهڙي اصول واري ماڻهوءَ لاءِ اسان کي عزت هجڻ گهرجي. پير تراب علي شاهہ کي اسان جا سلام ڏيو. کيس ٻڌايو تہ اسان بندش لاهي ڇڏي. پاڻ ڪنهن بہ وقت بلوچستان وڃي سگهي ٿو. افسوس آهي اسين کيس ڏسي نٿا سگهون!"

شاهہ سائين بلوچستان هليو تہ آءٌ بہ سندس خدمت ۾ گڏ ويس. ايترا ڏينهن ڪانئس پري رهڻ ناممڪن هو. سندس پهتي، بلوچستان ۾ بہ سندس چوڌاري ساڃهو ميلو لڳي ويو.

پنهنجي پيري - مريديءَ يا روحاني حيثيت جي شاهہ سائين ڪا بہ نمائش ڪانہ ڪندو هو. سندس نمونو ڪاروباري پيرن کان بلڪل جدا هوندو هو. نذر نياز ونڻ بدران، پاڻ پنهنجي پرورش ڪندو هو. رات ڏينهن سندس لنگر پيو هلندو هو. لنگر تي نالو تہ لنگر جو هو، پر حقيقت ۾ اميراڻو دسترخوان هوندو هو. سفر ۾ سمورن ساٿين جو ڪرايو خرچ پاڻ ڀريندو هو. پاڻ حڪيم هو، ۽ تمام وڏي پايي جو، پر دوا درملُ ڪندو هو تہ پئسن خاطر نہ. قيمتي کان قيمتي دوائون مفت ڏيئي ڇڏيندو هو. سندس دواخانو هميشه خساري ۾ رهيو.

سندس پيري دڪانداري ڪانہ هئي. ان زماني ۾ ڪن دڪاندار پير صاحبن جا بيا نمونا هوندا هئا: مذهب ڏيک ويک، تقدس جي تشهير، پرهيزگاريءَ جي نمائش ۽ پاڻ کان گهٽ رياڪارن تي ٺٺول ۽ تمسخر، عمل کان وڌيڪ ظاهرداريءَ تي زور، رياءَ جي گريوزاري، سٽين مريدن سان رازداريون، غريب مريدن کي مسجد ۾ وجي مانجهاندي ڪرڻ جو ڏس، نذرانن ميڙڻ لاءِ گهر گهر گهمڻ، زيارتون، دعوتون، گهنڊ گهڙيال، مولود، مناجاتون — جتان گهمي ويا، ڇڻ ماڪڙ ڦيرو ڏيئي ويئي.

شاهہ سائينءَ جو ان تجارت سان ڪو واسطو ڪو نہ هو. سندس پنهنجي زندگي اسوهٴ رسول صلي الله عليه وسلم جو نمونو هئي، ۽ بس. جنهن شخص تي ان نموني جو اثر پاڙهوتو نہ پيو، ان کان باز پرس ڪانہ ٿيندي هئي. ماڻهن سان سندس هلت ۾ هڪ خاص قسم جي لطافت هوندي هئي. ساڻس تقرب جو اثر آهستي آهستي اڳلي جي طبعيت ۾ سرايت ڪندو رهندو هو. پيراڻي وٺ پڪڙ يا مولويانہ مواخذي جو سوال ڪونہ هوندو هو. پاڻ صبح جي نماز لاءِ اٿندو، مون کي ستل ڏسندو، تہ پري کان پنهنجو پاڻ ڳالهائڻ شروع ڪندو، تہ جيئن آواز تي منهنجي اک کلي وڃي. ڪڏهن ڪڏهن ويجهو اچي مشفقانہ انداز ۾ سرهاڻ ڪندو. "ميان صاحب! اٿي بہ ٺَڪر نماز جا هٿي ڇڏيو تہ هوند ڇا ٿي پوي!" ڪنهن ڏينهن طبعيت تي خاص انبساط جي ڪيفيت هوندس تہ ٽنگ يا ٻانهن کان وٺي ڌوڏيندو: "اُٿ! شرم ڪونہ ٿو اچيئي؟ اٿ، وضو ڪر... اُٿ! اُٿ.... اُٿ!" سندس اها بي تڪلفي وڏي اعزاز مانند هئي، ۽ اهو ڪن خوشنصيبن کي حاصل ٿيو.

رسول ﷺ جو اهڙو عاشق مون ساريءَ زندگيءَ ۾ بيو ڪونہ ڏٺو آهي. اسلامي دنيا جا گهڻا مرڪز ڏٺا اٿم. گهڻين ئي خانقاهن، درگاهن ۽ سجادن

جون زيارتون ڪيون اٿم. پر سندس پاڻي جو پيو عاشقِ رسول نظر ڪو نہ پيو اٿم. حضور پاڪ جو نالو ايندو هو تہ چهرو مبارڪ سرخ ٿي ويندو هوس ۽ اکين ۾ غير معمولي چمڪ اچي ويندي هيس. سندس ڪمري ۾ ڪاغذ جي پرزي تي "الله" تعاليٰ ۽ "محمد" صلعم لکيل، ديوار تي لڳو پيو هوندو هو. تحرير سنئي ڪانہ هئي، سو مون عرض ڪيو تہ اهو ڪاغذ لاهي، ان جي جاءِ تي ڪو سهڻو لکيل ۽ گلڪاريءَ سان سينگاريل قطعو چو نٿا هڻو؟ جواب ڏنائين: "غرض ان مئي ناںءَ سان آهي. ڪنهن جي تحرير سان نہ آهي." ويني ويني نظر ان ڪاغذ تي پوندي هيس تہ جسم ۾ ڏُرڙي اپري ويندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ تنهائيءَ ۾ وينو ان ڪاغذ ڏانهن ڏسندو هو.

آل رسول جو بيحد احترام ڪندو هو. هڪ دفعي آءُ نوابشاهہ ضلعي جي هڪ سيد ڪان سخت شاڪي ٿي پيس، ووٽن جي ڳالھہ هئي. سيد صاحب هڪ غلط اميدوار ڪان "نذرانو" وٺي ۽ ڪامورن جي دٻاءَ ۾ اچي، پنهنجن مريدن جا ووٽ ان اميدوار کي ڏيارپا ها. شاهہ سائين پاڻ بہ ان قسم جي رشوتي "مرشدن" کي ڏاڍو ڌڪاريندو هو. چوندو هو: پئسا وٺي، يا ڪامورن مان پنهنجن ڪمن ڪيڻ خاطر، ووٽ جهڙي قومي امانت کي وڪڻڻ ايڏو گناهہ آهي، جو شايد الله تعاليٰ بہ معاف نہ ڪري. ووٽ جو اثر حقوق العباد تي پوي ٿو، ۽ حقوق العباد جي سلسلي ۾ ٿيل گناهہ ۽ قصور معاف ٿيڻ مشڪل آهن." سندس انهن خيالن جو فائدو وٺي، آءُ نوابشاهہ واري سيد متعلق ڪجهہ ڪَچا پَڪا اکر چئي وينس. پاڻ فرمايائين: "خبردار! سنڌي چوڻي آهي: ڪتا تو نہ لَڄ، تنهنجي ڌڻين لَڄ. ان سيد جي پنهنجيءَ روش ڏانهن نہ ڏس، سندس ناني ڏاڏي جو لحاظ رک، ڏکيا اکر نہ استعمال ڪر." ان موقعي تي پاڻ پنهنجي استاد حضرت مولانا غلام صديق صاحب شهداد ڪوٽيءَ رحمة الله عليہ جو هڪ قصو بيان فرمايائين: چي، مولانا صاحب جن هڪ رات پنهنجيءَ مسجد شريف جي صحن ۾ سمهيا پيا هئا. جنهن دم سندن اک ٿي لڳي تہ حضور ﷺ جن کي پنهنجن پيرن ڏانهن بيٺل ٿي ڏٺائون. بي ادبيءَ جي پوءِ وچان، ڇرڪ ڀري اٿي ٿي ڪڙا ٿيا. ننڊ ڪرڻ جي ڪيترا ڀيرا ڪوشش ڪيائون، مگر هر دفعي اها واردات ڏسندا رهيا. ڪين ڏاڍي بي آرامي محسوس ٿي. آخر اٿي مسجد جي صحن ۾ سمهيل مسافرن جو جائزو وٺڻ لڳا. ڏٺائون تہ سندن پيرن

واري پاسي ڏانهن، فاصلي تي هڪ شخص سمهيو پيو آهي. ان کي اٿاري، ڪانئس سندس نالو ذات پڇيائون. معلوم ٿين ته اهو شخص هڪ غريب مسافر سيد آهي. ڪيس اٿان اٿاري، پنهنجن مٿن ڏانهن سمهاريائون. ان ڪان پوءِ اڳين ڪيفيت نظر ڪانه آين ۽ سمهي آرام ڪيائون."

مون شاهه سائينءَ کان پڇيو ته "رات ڏينهن پيا سيد ڏڪا کائين ۽ خلق جي پيرن ڏانهن ۽ پيرن ۾ سمهن، مگر ڪنهن کي به رسول ﷺ جي زيارت نصيب ڪانه پئي ٿئي؟ "فرمايائين" ڏوراپا پنهنجن کي ڏبا آهن. غيرن تي ڪهڙيون ميارون؟ اکين سڄي انسان جو پير غلط رستي تي پوندو ته ڏک ٿيندو. پر اکين جي انڌي واٽهڙوءَ کي جيڏانهن وڻي تيڏانهن پيو هلي. انڌي ڪي شرمائڻ تي ڪير پنهنجو وقت ضايع ڪندو؟"

ان زماني جو هڪ امير ڏاڍو مغرور انسان هوندو هو. ڪجهه لکيل پڙهيل ۽ جهانديدو به هو. ٽوڪبازيءَ ۽ چٽرن ڪرڻ جو شوق هوس. قدرت خدا جي، منجهس هڪ خاص قسم جي ڪمزوري هئي، جيڪا ماڻهن ۾ عام مشهور ٿي چڪي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو هو پاڻ ماڻهن تي ڪلون ڪندو وتندو هو ۽ ماڻهو ڪيس ڏسي پيا کلندا هئا. هڪ دفعي ريل جي سانگي ئي گاڏي ۾ شاهه سائينءَ کي ان "امير" سان گڏ سفر ڪرڻو پيو. ٻه - ٽي ٻيا ماڻهو به گاڏيءَ ۾ هئا. امير جي طبعيت ۾ چُرپر پيدا ٿي. شاهه سائينءَ سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو.

"جناب پير صاحب! تاريخ جي مستند ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿيندو رهي ٿو ته اڳئين زماني جا پير صاحبان ڏاڍا روشن ضمير، ڪامل اڪمل ۽ ڪانيءَ ڪرامت جا صاحب هوندا هئا. خبر نه آهي ته هن زماني ۾ اهڙا اعليٰ درجي جا پير ڇو نٿا پيدا ٿين. هن زماني جا پير ته فقط نذرانا وصول ڪرڻ لاءِ وتن جهٽيون هڻندا."

شاهه سائينءَ وراڻي ڏنيس:

"جناب والا! اڳئين زماني جا مريد به ته اعليٰ پايي جا انسان هوندا هئا. اهڙي قسم جي مرتدن خاطر الله تعاليٰ ڇو اهڙا چڱا پير ضايع ڪري ها. جهڙا هاڻوڪا مريد، تهڙا هاڻوڪا مرشد."

پِٽ ڪُڇي جي اڳلو ڪُڇي!

پير تراب علي شاهه سائينءَ جي سياسي زندگيءَ جي بهار مون کانسواءِ ڏٺي، مون کان اڳ تي گذري هئي. جيتريقدر معلوم ٿيو، سو هيءُ هو تہ انگريز کي اسلام جو دشمن ۽ انگريزي راڄ هيٺ سنڌ ۽ هند کي دارالحرب سمجهندو هو. سنڌ جي پنهنجي تهذيب، روايتن ۽ طرز زندگيءَ تي کيس ڏاڍو فخر هوندو هو. سندس خيالات تي ٽن ماڻهن جو خاص اثر رهيو هو:

(1) سندس استاد (۽ سهري) حضرت مولانا غلام صديق صاحب شهداد ڪوٽي عليہ الرحمة جو. (2) سيد اختر شاهه عليہ الرحمة جو، جيڪو اصل يو . پي. جو هو ۽ ترڪ وطن بلڪ ترڪ دنيا ڪري اچي لاڙڪاڻي لڳ لاهورين جي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو، اهلِ ڪمال هو. (3) مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم جو، جنهن جي "الهلال" ۽ "البلاغ" جو وڏو قدر ڪندو هو- (مون کي هڪ پيرو پنهنجي هڪ خط جو نقل ڏيکاريائين، جيڪو مولانا آزاد ڏانهن لکيو هئائين. خط ۾ درخواست هئي تہ سندس فرزند پير عبدالقادر شاهه کي مولانا آزاد پاڻ وٽ رهائي ۽ کيس عربي تعليم ۽ اسلامي تعليم ڏئي. پر خط مولانا آزاد تائين پهچي نہ سگهيو. مولانا آزاد اڳ ۾ ئي نظر بند ٿي چڪو هو.)

انگريز سان ڪنهن بہ حالت ۾ صلح ڪرڻ يا تعلق رکڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. سندس نظريو هو تہ "جيستائين انگريز جو تعلق مشرق سان قائم آهي، اوستائين اسلام ۽ مسلمانن جو خير ڪونہ رهندو. مسلمانن جو فرض آهي تہ انگريز خلاف جهاد ڪن. جهاد جي ڪامياب ٿيڻ لاءِ البت بين الاقوامي حالتن جي سازگاريءَ جو سوال پيدا ٿئي ٿو. پر جيستائين اهي حالتون سازگار نہ ٿيون آهن، اوستائين گهٽ ۾ گهٽ ڌارئي راڄ سان تعاون نہ هئڻ گهرجي ۽ ان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش جاري رکجي."

شاهه سائين اسلام جي مرڪزيت کي ڏاڍي اهميت ڏيندو هو. خلافت تحريڪ کي سنڌ اندر پکيڙڻ ۾ وڏو حصو ورتائين. فيالحقيقت سندس ئي ساٿي، عزيز، دوست، مريد ۽ معتقد هئا، جن پهريون دفعو سنڌ اندر، سنڌ جي عام پيرن ۽ وڏيرن جي روايتن کي ٽوڙي، حڪومت خلاف، خلافت جي سوال تي جهاد جو جهنڊو بلند ڪيو. لاڙڪاڻو ضلعو سندس خلافت تحريڪ جو مرڪز

ٻڌيو. پهرين خلافت ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ٿي، ۽ هجرت واري تحريڪ جي سلسلي ۾ سنڌي مهاجرن جي پهرين اسپيشل ٽرين لاڙڪاڻي مان ئي رواني ٿي.

هجرت جي تحريڪ جو مقصد هيءُ هو تہ هندستان مان انگريزن کي ڀڄائي ڪڍڻ لاءِ افغانستان جي اسلامي برادريءَ کان، اسلام جي ڪَڍ تي، مدد ورتي وڃي. طريقو هيءُ سوچيو ويو هو:

(1) پهريائين مولانا عبيدالله سنڌي مخفي طرح سنڌ مان نڪري، ڪابل پهچي، وڃي پٺاڻن سان گفتگو هلائي ۽ کين ان منصوبي مطابق مدد لاءِ تيار ڪرائي، ۽ ڪانئن اهڙو پڪو واعدو وٺي. (مولانا عبيدالله پير صاحب جهنڊي واري جي مدرسي ۾ معلم هو، ۽ پير صاحب سياست جي معاملن ۾ شاھ سائينءَ جو رفيق ڪار هو)،

(2) جيڪڏهن پٺاڻ اهڙو واعدو ڪن تہ پوءِ سنڌي مجاهدن کي تيار ڪجي، جيڪي هجرت ڪري وڃي افغانستان ۾ مقيم ٿين، ۽ اتان پٺاڻن جي لشڪر سان گڏجي، موٽي اچي هندستان ۾ انگريزن سان جنگ جوٽين.

انگريزن کي ان منصوبي جو بروقت پتو پئجي ويل هو، سو ڏاڍي ڪوشش ڪيائون تہ مولانا عبيدالله کي، ڪابل پهچڻ کان اڳ ئي روڪي وجهن، پر ڪامياب نہ ٿي سگهيا. مولانا پيرين پنڌ، جبل جهاڳيندو، پوليس ۽ انگريزي جاسوسن کان بچندو، خير سلامتيءَ سان سرحد اُڪري وڃي ڪابل پهتو، ۽ پٺاڻن سان ڳالهيون هلائي، ڪانئن واعدا وعيد وٺي، پوين ڏانهن پيغام موڪليائين تہ هاڻي هجرت ڪريو. پويان جو ڪم شاھ سائينءَ جي حوالي هو.

شاھ سائينءَ کي سنڌين جي همت ۽ بهادريءَ تي ڏاڍو ڀروسو هوندو هو. چوندو هو، "سنڌي ڏاڍا سست آهن، پر وقت آئي مست ٿيو پون". وقت آيو تہ سنڌين متعلق سندس اهو قياس صحيح نڪتو. لاتعداد سنڌي سِر ڏيڻ ۽ گهر ٻار لُٽائڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا. کين ان ارادي تان موڙڻ ۽ ان ريت انگريزن کي خوش ڪرڻ خاطر، لاڙڪاڻي جي ڪن وڏيرن، سنڌ جي مسلمان ڪامورن ۽ ڪن پِيرن پنهنجي پاران ٻنهہ ڪونہ گهٽايو. هر طرح جا حيلا هلايائون تہ سنڌين جي اهڙي عزم کي ٽوڙين. پر وريو ڪجهہ بہ ڪونہ. سنڌي عوام مستيءَ ۾ اچي چڪو هو. پهرين ئي ڪوڪ تي منجهانئن هزارين ماڻهو گهر ٻار، مال ڍڳا ۽ زمين جا ٽڪر "تين واڪ" ڪري وڃي ڪابل پيڙا ٿيا. وڏو آسرو هون تہ مسلمان ڀائي پٺاڻ،

پنهنجي وعدي موجب لشڪر تيار ڪري، ساڻن گڏجي اچي سنڌ ۽ هند کي انگريز جي چنبي مان آزاد ڪرائيندا! پر واعدو وفا نہ ٿيو. انگريز ۽ پٺاڻن جي جنگ جي شروعات ٿي، پر سنت ئي منجهن ناهہ بہ ٿي ويو. انگريزن افغانستان جي آزادي تسليم ڪئي، ۽ افغانن هندستان جي آزاديءَ جي پچر ڇڏي ڏني. مهاجر ويچارا نہ هيڏانهن جا رهيا نہ هوڏانهن جا. مال مڏي ۽ باقي ٽپڙ ٽاڙي بہ وڃائي ويهي رهيا. ڪي واپس موٽي آيا، ڪي اُتي ئي مري دفن ٿي ويا. قافلي جي سالار، رئيس جان محمد مرحوم، پاڻ موٽي اچي اجمير شريف ۾ پساهہ ڏنا. مولوي عبيدالله سنڌي ڪابل مان روس روانو ٿي ويو. شاهہ سائينءَ کي شديد ذاتي صدمو رسيو. ان تجربي کان پوءِ اڪثر فرمائيندو رهندو.

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟

پر تحريڪ جي شروعات ۾، تحريڪ جي تنظيم جو سچو بار شاهہ سائينءَ پاڻ پنهنجن ڪلهن تي کنيو. مهاجرن جي پهرئين قافلي جو سالار (متي ذڪر ڪيل) سنڌس دوست ۽ سياسي رفيق، لاڙڪاڻي جو بئريسٽر، مرحوم مغفور رئيس جان محمد جوڻيجو بڻيو. جڏهن مهاجرن جي پهرين ٽرين رواني ٿي تہ شاهہ سائين پاڻ (پنهنجي عزيز ۽ سياسي نائب الامور، پير حاجي علي انور شاهہ راشدي سميت) ان اسپيشل ٽرين سان پشاور تائين گڏيو ويو. اُتان موٽي، ہي اسپيشل ٽرين تيار ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي رسيو، تہ پنيان انگريزن ۽ پٺاڻن جي پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي وڃڻ ڪري هجرت جي مقصد تي ئي پوچي گهمي ويئي.

ان کان پوءِ، هڪبئي پنيان، ٻيا بہ ڪي ناگوار واقعا ٿيا. مثلاً، خلافت کي ترڪن صاحبن پاڻ پنهنجن هٿن سان ختم ڪري ڇڏيو. هندستان اندر هندو - مسلم اتحاد ٽُٽي پيو. هندن، انگريزن کي پڃائي ڪڍڻ بدران، مسلمانن کي مرتد بڻائڻ لاءِ شڌي ۽ سنگٺن جي هلچل هلائي ڏني. انگريز پنهنجي ٻاران بہ نئين ڪيڏ ڪيڏي. اسيمبليون، ڪائونسلون ۽ وزارتون چالو ڪيائين، جن جي عشق ۾ وڏيرا وڙهي پاڻ بہ اڌ مئا ٿي پيا ۽ سنڌي عوام کي بہ ارَن مان ڪڍي ڇڏيائون.

شاهہ سائينءَ کي بد دل ۽ مايوس ٿي، سياسي هلچل کان ڪناره ڪشي ڪري، خانگي زندگي بسر ڪرڻي پئي.

پر جيستائين پاڻ سياست جي ميدان ۾ رهيو، اوستائين سنڌس سياسي ساٿي ان وقت جا آفتاب ۽ ماهتاب هئا. سندن نالا ٻڌڻ وٽان آهن: يعني

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي عليه الرحمة، رئيس جان محمد جوڻيجو مرحوم، پير صاحب جهنڊي وارا (حضرت پير رشدالله شاھ رحمة عليه)، پير محبوب شاھ عليه الرحمة حيدرآباد وارو، مولانا عبيدالله سنڌي عليه الرحمة، پير حاجي علي انور شاھ راشدي، شيخ عبدالعزيز مرحوم، مولانا عبدالڪريم درس عليه الرحمة ڪراچيءَ وارو، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيٺ حاجي عبدالله هارون عليه الرحمة، حڪيم شمس الدين مرحوم حيدرآباد وارو.

انهن بزرگن مان، سواءِ ٻن جي، ٻيا سيئي موڪلائي ڪري ويل آهن. منجهانئن هر هڪ جا حالات لکڻ ۽ پڙهڻ جي قابل هئا. نئين نسل جي ماڻهن لاءِ شمع راه جو ڪم ڏين ها، سنڌن ايمان اُجارين ها، سنڌن دلين ۾ همت پيدا ڪن ها، ڪين سنڌ جي مٽيءَ مان مايوس ٿيڻ بدران اُن مٽيءَ جي تقديس ڪرڻ تي تيار ڪن ها، بلڪ ان تاريخي مواد جي ملڻ بعد ڪين سينو ساهي هن چوڻ جو حق حاصل ٿئي ها تہ ڳهڻ ۾ ڳهڻ سنڌن بزرگ اهڙا نہ هئا، جيڪي:

"مرونءَ سنڌي ماھ تي ماڻڪ مَنائين!"

پر ڪُٿو نہ ڪنهن اهل نظر مان، نہ اهل قلم مان. گذريل سڄا سارا ڇاليهہ سال محض پنهنجي شان ۾ مانَ جي ڇاليهن ڪندي گذري ويا. پنهنجن اباڻن جي املهہ روايتن ۽ ملير جي ريتن رسمن وسارڻ بعد، فقط پانڌين ۾ پيرادِن ڪان پڇندا رهياسين:

ڪــو واڻ ونــدر جــي ڏســي؟
ڪــو واڻ ونــدر جــي ڏســي؟

پر وندر جي واڻ ڪير ڏسيندو؟ اُهو ئي جواب ڦرندو، جيڪو مير رستم خان مرحوم وٽان جاگير جي پـٽي قبـول ڪـرڻ ۾ انڪري روحـاني انقبـاض محسوس ڪرڻ بعد ڪنهن درويش کي ڪنهن واڻهڙو فقير وٽان مليو هو:

جـاگير ڏيئـي جـُـٽ ڪـري ويئـن، رانـد رسـتم ڪسـي،
..... هــاڻي ڪــو واڻ ونــدر جــي ڏســي؟

شاھ سائين عليه الرحمة هميشه سياست کي مذهبي زندگيءَ جو هڪ ادنيٰ جزو تصور ڪيو. مذهب مان سندس مراد صريحاً اهو اسلام هوندو هو، جيڪو حضور ﷺ جي سنت سڳوريءَ جي عين مطابق هجي. سندس زندگيءَ جو بنيادي اصول هوندو هو: "ما آتاڪم الرسول فخذوه وما نهاڪم عنه

فانتهو"، ۽ ان اصول تان قول خواهه فعل ۾، رهڻي خواهه ڪهڻيءَ ۾ سَرمُو نه هٽيو. هر وقت اها آيت سڳوري سندس زبان مبارڪ تي رهندي هئي ۽ زندگيءَ جي هر مسئلي متعلق سنت رسول سامهون رکي فيصلو ڪندو رهيو.

سندس اثر زائل ڪرڻ لاءِ، خلافت تحريڪ هلندي، انگريز طرفان وقت بوقت ڪوشش ٿيندي رهي. جڏهن حضرت شيخ الهند عليه الرحمة ۽ هندستان جي ٻين بزرگن مشهور ۽ تاريخي متفقه فتوا جاري ڪئي، ته سنڌ منجهان شاهه سائين ۽ سندس رفيق پيرن ۽ علمائن فوراً ان تي دستخط ڪياءِ ان جي تائيد ۾ پنهنجي پاران بيان پڌرا ڪيا. اها حالت ڏسي، سنڌ جي انگريز حڪمرانن جا ڪن به ڳاڙها ٿي ويا. ڪين ڏاڍي مَنيان لڳي ته سنڌ جهڙي مانيٺي ۽ "هر ميراڻ رعيت" ملڪ مان به اهڙي باغيانه صدا بلند ٿي. مسلمان عملدارن سان مشورو ڪيائون. انهن لاءِ محض حڪم جي دير هئي. هڪدم ٻن مولوين ڪي پرتي ڪري، سندن حوالي هيءَ ڪم ڪيو ويو ته متفقه فتوا جو رد ۽ پير تراب علي شاهه جي تائيدي بيانن جو جواب لکن. ساڳئي وقت هيءَ ڪوشش به شروع ٿي ـ انهن ترديدي ڪاغذن تي صحيحن ڪرڻ لاءِ سنڌ جي پيرن جي ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي. ڪانفرنس جي باري ۾ سنڌ جي پوليس تاڻن ڏانهن حڪم ڪيو ويو ته هر ٿاڻي وارا پنهنجي حد جي پيرن جي لسٽ تيار ڪن ۽ ٻئي حڪم اچڻ تي انهن کي چڪي ٿاڻي وجي ڪانفرنس ۾ حاضر ڪن.

ترديدي فتوا جو مسودو تيار ٿيو. ڪانفرنس راڻيپور شريف ۾ سڏائي وئي. پوليس کي آخري حڪم مليو ته پنهنجي حد جي پيرن کي، بنان ڪنهن عذر معذور ٻُڌي، ڪنيي ڪٺي ڪانفرنس ۾ ويهارين. پوليس ڏاڍو پاڻ پتوڙيو. جت ضرورت پيش آئي، ۽ ٻيو ڪو رستو نه رهيو، تہ ات پوليسي حڪمت عمليءَ کان به ڪم ورتو ويو: يعني جن پوليسي صوبيدارن کي پنهنجيءَ حد اندر سچو پير هٿ ڪونه لڳو، تن مناسب شڪل مشابهت رکندڙ پوليسي پيرادن ۽ پاٽاريدارن کي وهنجاري سهنجاري، اڇيون پڳون ٻڌائي، تسبيحون ڪنڌن ۾ وجهي، عصائون هٿن ۾ ڏيئي، ڳهلي وجي ڪانفرنس ۾ موجود ڪيو.

ڪانفرنس جو اهڙين حالتن هيٺ ڪامياب ٿيڻ يقيني هو. چنانچ ڪانفرنس ڏاڍي ڪامياب ٿي. انگريز "اولي الامر" سان وفاداري ۽ خلافت خلاف تحريڪون يڪراءِ پاس ٿيون. محض تحريڪ پيش ڪرڻ جي ضرورت ٿي

تي. مخالفت يا موافقت ۾ تقريرن وڳهي وقت ضايع ڪرڻ تي ٿيو. پيرن خواهه پيرادن خواهه پاٿاريدارن کي نه تقرير جو ڏانءُ ٿي آيو ۽ نه کين تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت ئي هئي. فتوا جي مسودي تي ڪن بزرگن مهرون ثبت ڪيون، ڪن صحيحون وڌيون ۽ ڪن محض پنهنجن ڪپن آگوٺن ڪان ڪم ورتو. الو الان ٿي ويئي. سرڪاري ٻوڙ پلاءَ ڪائي هرڪو اٿي ڪڙو ٿيو.

ٻئي ڏينهن ڪانفرنس جي ڪارگذاري، فتوا ۽ نهراءَ سرڪاري اشتهارن جي بڪين ۽ خوشامدي اخبارن ۾ شان سان شايع ٿيا. اهڙي قسم جون ڪيئي اخبارون هونديون هيون: "سنڌ ورسي"، "خير خواهه"، "ڊيلي گزيٽ"، "الحق"، وغيره. ماڻهو پڙهن يا نه پڙهن، چندو ڏين يا نه ڏين، پر اهي اخبارون پيون هلنديون هيون.

راڻيپور ڪانفرنس جي ڪارروائيءَ جو پڌرو ٿيڻ ۽ چئني طرفن ڪان لعنت ملامت جو وسڻ! وڏا پير شرم ۽ خلق جي خوف وچان حجرن ۽ گهرن ۾ لڪي پيا. ننڍن پيرن سان ڪٽ ڪٽ مار ڪٽ تي. پوليس جا ناهيل "پير" پڳون اڇلائي، تسبيحون ڇني، موني پيراڊؤ جو ڪم ڪرڻ يا پاٿاريون هلائڻ لڳا.

ترديدي "فتوا" جي جواب ۾ شاهه سائينءَ پنهنجي نالي هڪ "کليل خط" لکي، ڇپرائي، سنڌ اندر تقسيم ڪرايو. خط فقط خط نه هو. پر هڪ سبق آموز هدايت نامو هو. ڪاش اڄ ان جي ڪاپي ليي پوي! خط ۾ شاهه سائينءَ سنڌ جي سرڪاري پيرن کي سندن ڪردار جي نتيجن کان خبردار ڪيو هو. کين آگاهه ڪيو هئائين ته محض خوف وڳهي يا ذاتي فائدي وٺڻ خاطر انگريز سرڪار جي خوشامد ڪرڻ ۽ سرڪار سان غير مقبول قومي سوالن جي سلسلي ۾ ٻانهن پيلي تي بيهڻ، پيرن جي ساري فرقي ۽ سجادن جي ساري نظام لاءِ تباهيءَ جو باعث ٿيندو. عام پبلڪ ڏسي وٺندي ته پير صاحب فقط پنهنجن مطلبن سڌ ڪرڻ لاءِ پيا پنهنجا سجادا استعمال ڪن ۽ سرڪاري دلال ٻڌجي سياسي جوابازي ڪن. وقت ايندو. جڏهن خلق اهڙن پيرن مان بيزار ٿي کين رستو وٺائيندي ۽ هو ڪوٺي ڏوڪڙ وانگر ٿي پوندا. کليل خط جي مهڙ ۾ هڪ اردو شعر لکيو هئائين، جو مون کي ياد رهجي ويو آهي:

نہ چيڙ اي نکهت باد بهاري، راه لگ اپني،
تجهي انکيليان سوجهي هين، هم بيزار بيٺي هين.

شاهه سائين زبردست اهل قلم هو. مضمون مختصر ۽ اڪر ٿورا هوندا هئا. پر ان اختصار اندر معنيٰ جا درياهه سمايل هئا. تحرير مولويانه، ڦڪي يا خشڪ بنهه نه هئي. عبارت سليس پر ڏاڍي دلچسپ ۽ جاندار هوندي هئي. پنهنجي علم يا معلومات ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪانه ڪندو هو. گهڻو ڪري ننڍيءَ سائز جي نوٽ پيپر جي هڪڙي ئي صفحي تي وڏي مان وڏو بحث ۽ مضمون پورو ڪري ڇڏيندو هو. طوالت سخت ناپسند هيس. خدانخواسته ڪنهن سببان طبعيت ۾ تيزي اچي ويس ته پوءِ خدا پيو خير ڪري. چند چونڊ لفظن، اشارن ۽ استعارن جي استعمال سان مڪمل تباهي آڻي ڇڏيندو هو. معياري درجي جو خوشخط هو. سندس خط موتين جي مالها هوندو هو. صحيح ۾ به اُٺ - پٽانگ ڪانه ڪندو هو. فقط "فقير تراب علي راشدي" يا "خادم تراب علي راشدي" لکندو هو.

راڻيپور واريءَ ڪانفرنس کان پوءِ شاهه سائينءَ کي پيرن جي مستقبل بابت ڏاڍو اونو ٿي پيو. پاڻ پير هو. سندس خيال هو ته پير سنڌ جي معاشري تي زندگيءَ جو هڪ اهم ۽ مفيد جزو بڻجي سگهن ٿا. پيريءَ جو نظام سنڌ اندر صدين کان رائج رهيو آهي، ۽ عوام جي ان نظام سان وابستگي ٿي ويل آهي. ان نظام ٽٽڻ کان پوءِ خبر نه آهي ته ڪهڙي نئين قيادت پيدا ٿيندي! اها قيادت ملڪي زندگيءَ کي ڪيتريقدر اسلام ۽ سنڌي تهذيب جي قريب رکي سگهندي، يا ماڻهن کي مورڳو اسلام مان ڪڍي وجهي ڪنهن نئينءَ مصيبت ۾ گرفتار ڪندي.

ان زماني جي حالتن کي نظر ۾ رکندي، پاڻ مناسب نٿي سمجهيائين ته سنڌ جي اڳواڻيءَ جو سڄو بار زميندارن يا مسلمان سرڪاري ڪامورن تي پيل رهي. کيس معلوم هو ته ٻهراڙيءَ ۾ رهي زميندراي ڏنڊي ڪرڻ ڪري زميندارن کي ڪيتريقدر مجبوريءَ جي حالت ۾ رهڻو پوي ٿو. ڪنهن به زميندار لاءِ آزاد خيالي ڏيکارڻ جي معني ٿي ٿي، ڪامورن هٿان پنهنجي لاءِ مصيبت کي سڏ ڪرڻ. ان کان سواءِ زميندارن اڃا علم ڏانهن به توجهه ڪونه ٿي ڏنو. اسلام جي اصولن ۽ بين الاقوامي مسائل کان ته قطعاً ناواقف هئا.

ساڳيءَ طرح مسلمان ڪامورن کي به مجبور ۽ وڪاٽل گهوڙو ٿي سمجهيائين. عوام ۾ خود اڃا اعليٰ تعليم ڪانه آيل هئي. ابتدا تعليم به خال خال هئي. 1920ع تائين ساريءَ سنڌ اندر فقط ويهه ٽيهه مسلمان گريجوئيٽ پيدا ٿيا هئا؛ جيڪي پڻ امتحان پاس ڪندي ئي وڃي سرڪاري نوڪرين ۾ بند ٿيا

هئا. وچولي درجي جي ماڻهن (يعني مڊل ڪلاس) جو نانءُ نشان ڪونہ هو. انگريز جا ڏنل آئيني اصلاحات نئين سر نافذ ٿي رهيا هئا. کهڙو، الله بخش، ميران محمد شاهہ، پير الاهي بخش ۽ انهن جا ٻيا همعصر اڃا ڪاليجن ۾ هئا. سنڌ بمبئيءَ سان ڳنڍيل هئي. مٿس ڪمشنري راڄ هو. هندو سياسي، تعليمي ۽ اقتصادي زندگيءَ ۾ تيزيءَ سان ترقي ڪندا ٿي ويا. پاڻ بہ وڌندا ٿي رهيا ۽ پنهنجي قوم جي هيٺين طبقي کي بہ اڳتي وڌڻ جا موقعا ڏيندا ٿي ويا. مقابلتاً مرحوم مغفور رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، يا هڪ ٻن ٻين روشن خيال ۽ حريت پسند اڳواڻن کان سواءِ، سنڌ جي زميندار "اڳواڻن"جو ڪو بہ چاڙهو ڪونہ هو. سينٽرل اسيمبليءَ ۾ چونڊيا تہ اسيمبليءَ کي اسلمبي ٿي ڪوٺيائون. بمبئي ڪائونسل ۾ ويا تہ ات سنڌ مان ٿي ويل ڪمشنرن کي ڏسيو مورڳو ڏرتيءَ تي ويهي رهڻ جو خيال ٿي ٿين. جڏهن مانٽيگو چيلمسفورڊ اصلاحات جي باري ۾ تحقيقات ٿي تہ "سنڌ محمدن ائسوسئيشن" (جنهن ۾ گهڻو ڪري سنڌ جا زميندار ۽ ڪامورا ڀرتي ٿيل هئا) جي وفد وائسراءِ ۽ سيڪريٽري هند مانٽيگو کي وڃي عرض ڪيو هو تہ سنڌ رائج الوقت ڪمشنري راڄ مان بلڪل راضي آهي ۽ اصلاحات وغيره جي ڪا ضرورت ڪانہ اٿس.

راٽيپور ڪانفرنس ٿيندي ئي شاهہ سائين خطرو محسوس ڪيو تہ انگريز سرڪار هينئر پيرن ۾ بہ هٿ وڌا آهن. سندس اکر هئا تہ "انهن ساده لوح غريبن کي ڪجهہ وقت تائين باندر وانگر نچائي، ڪانئن عوامي مصلحتن ۽ مقصدن خلاف غلط ڪم ڪرائي، خراب ۽ خوار ڪري، پوءِ منجهانئن هٿ ڪڍي ويندا. نہ عام ماڻهن ۾ سندن وقار رهندو، نہ سرڪار ۾ ئي ڪو ڪين پڇندو. دنيا تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. نئين نسل جي ماڻهن ۾ روشني ايندي پئي وڃي. ممڪن آهي. نئون نسل، پيرن کي عوامي مفاد جي خلاف ڪم ڪندو ڏسي، سندن مخالف ٿي پوي ۽ انگري پيريءَ - فقيريءَ جو سارو نظام ختم ٿي وڃي ۽ سنڌ جي سماجي ۽ مذهبي زندگيءَ ۾ وڏو خلاءُ پيدا ٿي پوي.

انهن حالتن جي پيڙا کان پيرن کي بچائڻ لاءِ، پاڻ "جمعيت الراشديہ" جي نالي سان پنهنجي خاندان جي پيرن جي تنظيم لاءِ تحريڪ شروع ڪرايائين. ان تحريڪ جو مقصد هو تہ پيرن کي سرڪار ۽ ڪامورن جي چڪر کان ٻاهر ڪڍي، عوام جي قريب رکجي، ۽ آزاديءَ جي جدوجهد ۽ عوامي مسئلن ۾ ڪانئن ڪم ونجي: سندن وساطت سان نون سماجي رجحانن کي قرآن ۽ سنت

جي حدن کان ٻاهر نڪري وڃڻ کان روڪجي، يعني پير فرقي کي سرڪاري دلال بڻجڻ، عضوو معطل ٿي پوڻ، ۽ محض مريدن جي اٽي تي ڇٽي ٿي رهڻ کان بچائي.

ان تحريڪ جي پنيرائيءَ ۾ هڪ رسالو بہ ڪڍارايائين. رسالي جو نالو "الراشد" هو.

پنهنجي طرفان شاهہ سائين وڏي ڪوشش ڪئي، پر تحريڪ هلي نہ سگهي. تحريڪ جي ناڪاميءَ تي افسوس ظاهر ڪندي فرمايائين:

"بابا، پنهنجي فرقي کي پن جي پٽَ ۽ سڄ تي سيٽ جي عادت ڪائي ويئي. وڏا ۽ سچا پير گذاري ويا. انهن جي مسندن تي هينئر گداگر ويهندا پيا وڃن. گداگرن جو کهڙو اخلاق ٿي سگهي ٿو؟ ڪنهن ڏينهن باقي رهيل اهي وڏن جون قبرون بہ وڪڻي يا هٽان وڃائي ويهي رهندا. ان فرقي جو اجل اچي رهيو آهي. "اذا جاء اجلهم لايستاخرون ساعتاً ولا يستقدمون".

اها آخري تحريڪ هئي، جنهن ۾ پاڻ حصو ورتائين سندس سياسي زندگي اڳ ۾ ئي پوري ٿي چڪي هئي. پوئين زماني ۾، جيتريقدر ٿي سگهندو هوس، آزاد خيال نوجوانن جي پنيرائي ڪندو هو.

شاهہ سائين کي سنڌ ۽ بلوچستان جي تهذيب ۽ تمدن تي ڏاڍو فخر هوندو هو. اهو ئي ڪارڻ هو جو پاڻ هميشہ گڏيل سنڌي ۽ بلوچي وضع جو لباس پهريندو هو. فرمائيندو هو: "ديسي تهذيب متعلق عصبيت پهرين علامت آهي قومن جي زندهہ هجڻ جي." انگريزي وضع جي لباس کان ڏاڍي نفرت هوندي هيس. ان کي مانع الصلواة ۽ غير مهذبانہ لباس سمجهندو هو. هڪ دفعي آءٌ پتلون ڪوٽ پهري سندس خدمت ۾ حاظر ٿيس. منهنجي هيئت ڏسي کلي ويٺو. چيائين: "ميان صاحب، تو چو پاڻ سان جُٺ ڪئي آهي؟" مون عرض ڪيو: "سو ڪيئن؟" وراڻي ڏنائين:

"ڪاش، ماڻهوءَ لاءِ ممڪن هجي ها تہ ڪنڌ ورائي پنهنجي پٺ ڏسي ها. پتلون پهرڻ کان پوءِ نظر ائين اچيس ها، ڄڻ ابتيءَ ستار تي ڳوٺري چڙهيل آهي".

بحالت سفر اڪثر هٿ ۾ ڪهاڙي رکندو هو. قمبر تعلقي جي جوڻيجن واري ڳوٺ ۾ اعليٰ قسم جون ڪهاڙيون نهنديون هيون ۽ تحفي طور پيون وٺس

ايندڙيون هيون. آءٌ حيران هوندو هوس ته ايڏي درجي جو انسان هر وقت (يعني ريل ۾ هجي يا ڪچهريءَ ۾) ڪهاڙي ڇو ٿو کڻي وتي؟" طبعيت رهي ڪانه سگهي، هڪ لڳا سوال ڪري ويٺس. فرمايائين:

اسان بي هٿيارن جو اهو بي خرچو هٿيار ۽ ڪارائتو قومي نشان آهي. الله تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي ته "اسان اوهان کي قرآن ۽ رُڪ ڏنو ۽ رُڪ ۾ وڏا فائدا آهن.(... انزلنا الحديد فيه باسا شديد)." اسان کان جهاد ته ٿي ڪونه ٿو سگهي، پر نشانڙو ته اکين اڳيان رهي ٿو."

سنڌي تهذيب مان شاهه سائين جي مراد ڪهڙي هئي؟ ڇا، تهذيب معنيٰ آهي محض لباس جي خاص وضع ۽ قطع؟

مون ڪانئس پڇيو. ان ڏينهن ڪنهن پاسي، گڏ ٽانگي ۾ وڃي رهيا هئاسين. ڪافي فرصت هئي، ۽ پاڻ به موڊ ۾ هو. سندس تقرير جو اختصار هيءُ آهي:

لباس تهذيب جو فقط ابتدائي نقطو ٿئي ٿو. جيئن سپاهيءَ لاءِ يونيفارم. يونيفارم ذريعي سڃاڻپ ٿئي ٿي، دوست دشمن کي خبر پئجو وڃي. ساڳئي وقت يونيفارم پهريل سپاهيءَ کي خود به نفسياتي طور هر دم اها ڳالهه چُـڀندي رهي ٿي ته سندس تعلق ڪهڙيءَ فوج سان آهي ۽ ان تعلق ڪري متس ڪهڙيون ذميواريون عائد ٿيل آهن. في الحقيقت، هڪ وسيع ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيت ٿئي ٿي. لباس ، خوراڪ، رهڻي ڪرڻي، ٻولي، اخلاقي امرونواهي، سماجي ريتون رسمون، تعلقات رکڻ ۽ نباهڻ جا نمونا، نيڪ و بد ۾ تميز ڪرڻ جا طريقا— اِهي محض ان وڏيءَ ۽ همه گير ڪيفيت جا لازمي مظاهر، يا ذريعه اظهار، ٿين ٿا.

**سوال:** سنڌي تهذيب جي سڃاڻپ جا ڪهڙا نشان آهن؟

**جواب:** اول، سنڌ جي ڌرتيءَ سان اٿاهه محبت ۽ ان کان پوءِ ٻيا ڪيترا اهڃاڻ. مثلاً، پنهنجي پنهنجي مذهب سان حد وابستگي، پر ساڳئي وقت ٻين بنسبت به تنگ نظري ۽ تنگدلي کانه: مهمان نوازي، ڪشاده دلي، دوستيءَ ۾ وفاداري، سخن جي سچائي، غيرت، حياءُ ۽ حجاب، پاڙي جي لڄ، در آئي خون بخشي ڇڏڻ، سامُن تي سر ڏيڻ، همت، توڪل، محنت ڪشي، الله تعاليٰ تي

پروڙس، پنهنجن ڪٽن ۾ لوين، پُسين ۾ پيرن، ڪپڙن، ۾ ڪنياتن تي فخر، ۾ انهن جي پيٽ ۾ پراون پٽن پٽيهرن، پوڙن پلاون، باغن ۾ بلبلن ڪي تپ پاٽنڻ.

**سوال:** اوهان تہ سنڌين ڪي سمورين خوبين جو خزانو بنائي ڇڏيو، پر ان هوندي بہ سنڌ جو حال ايتريقدر ڇو هيٺو رهي ٿو؟

**جواب:** اهڙا عبوري دؤر ايندا آهن. تاريخ جو هڪ باب پورو ۽ ٻيو شروع ٿيڻ تي هوندو آهي تہ ان وچ واري زماني اندر انساني دماغن ۾ مونجهارو پيدا ٿيندو آهي ۽ سندن عمل مان يقين جو عنصر گهٽ ٿيڻ لڳندو آهي. ماڻهو خود اعتمادي وڃائي، پنهنجي اصلي ۽ روايتي مقام تي ثابت قدم رهڻ بدران، نئين ماحول سان همرنگ ٿي، پاڻ کي آسانيءَ سان بچائڻ جي ڪوشش شروع ڪندو آهي. پر اهڙي تبديليءَ رنگ يا اظهارِ ڪمزوريءَ مان ورندو ڪجهہ ڪونہ آهي. وقت ۾ تجربي پڄاڻا ماڻهو خودبخود پنهنجي غلطي محسوس ڪري، اڳي کان پاڻ وڌيڪ يقين سان، موٽي اچي پنهنجي اصلوڪي مقام تي پير کوڙي بيهي ٿو. عبوري دؤر اندر فڪر خواهہ عمل جون ڪيئي غلطيون ٿيو وڃن، ڪيتريون خراب عادتون پيدا ٿيو پون، ڪيترا نقصان سهڻا ٿا پون. مگر وقت گذرندي، جيئن جيئن حالتون متوازن ٿيڻ شروع ٿين ٿيون، تيئن تيئن اصليت جي ڇڪ بہ شدت اختيار ڪري ٿي ۽ راهہ رليل ماڻهوءَ کي ورايو آڻي صحيح ۽ اصلوڪي رستي تي بيهاري. ان ڪشمڪش هلندي، نوان ماڻهو بہ ميدان ۾ قدم رکن ٿا، نوان مقصد بہ سامهون اچن ٿا ۽ نوان ولولا بہ پيدا ٿين ٿا. نظر ائين اچي ٿو، چڻ ڪٽيل ۽ پراڻي رڪ کي قدرت يا فطرت جو لوهار نئين باهہ مان ڪڍي، نون هٿيارن جي صورت ۾ ڍالي، نئون پاڻي ڏيئي ٻاهر آڻي رهيو آهي. ان ڪان پوءِ محض مهميز جي ضرورت رهي ٿي. مهميز آئي، رد عمل شروع ٿيو، ۽ ساريون اڳيون پريون ليٽون پرجي ويون!

**سوال:** هلندڙ انگريزي دؤر اندر اسان ۾ ڪهڙيون اوڻايون پيدا ٿيون آهن؟

**جواب:** اندروني بي اتفاقي، هيڃ ۾ لالچ، هڪٻئي سان مسهائپ ۾ حسد، وڏن ماڻهن ۾ غريبن جي وچ ۾ اقتصادي فرق ۾ ذهني بُعد،

گڏيل وڏن مقصدن جي سلسلي ۾ افرادن جي بي تعلقي، يعني پاڻ کي تڪليف، محنت ۽ قرباني کان بچائڻ خاطر ٻين جي تڪليف جو ٻڌي چوڻ ته "تَنهن ۾ منهنجو ڇا؟"

**سوال:** پوءِ انهن ڪمزورين کي ڪيئن لاءِ ڪليل تحريڪ ڇو نه هلائجي؟

**جواب:** هر وڏي ڪم لاءِ وقت ٿيندو آهي — هر جنس پوکڻ لاءِ موسم هوندي آهي. اسان کي[1] اڃا گهڻو فاصلو طئه ڪرڻو آهي. اڃا مهميزون لڳڻيون آهن. منهنجو خيال هو ته آزاديءَ جي تحريڪ، خلافت جو سوال ۽ هجرت واري هلچل مهميز جو ڪم ڏيندا، پر تجربي ثابت ڪيو ته اهو خيال صحيح نه هو. ڪانگريس تحريڪ جي باري ۾ هندستان جي هندن کي تعصب جي نانگ ڪائي وڌو، خلافت جو سوال مورڳو ديس کان ٻاهر جو سوال هو. يعني ان جو تعلق ساريءَ اسلامي دنيا سان هو. ساڳيءَ طرح هجرت واريءَ تحريڪ جي ڪاميابيءَ جو مدار به ٻاهرين تي هو، انهن ٽنهي سوالن جي باري ۾ ٻاهرين تي ڀاڙيوسين، تنهنڪري ناڪامياب ٿياسين. هاڻي ڪنهن ٻئي ڦيري جو انتظار ڪرڻو پوندو. ڪا نئين مهميز سهڻي پوندي.

ان گفتگو هلندي پاڻ اها به صلاح ڏنائين ته آءٌ تاريخ جو مطالعو ڪريان. خاص طرح ابن خلدون جي مقدمي جو ترجمو سامهون رکان، ڇو ته انساني تاريخ ۽ سياسي ڪاروبار جي لاهين چاڙهين سمجهڻ لاءِ ازحد ضرور آهي ته ان ڪتاب ۾ واضح ڪيل احوال تي عبور هجي.

ڪتابن سان سندس ڏاڍو شوق هوندو هو. مون اڳ عرض ڪيو آهي ته قرآن مجيد هميشه پاڻ سان رکندو هو. ان کان سواءِ گهر ۾ هجي يا سفر ۾، ڪو نه ڪو ڪتاب اکين اڳيان يا پير ۾ رکيو هوندو هوس. امام ابن تيميه ۽ امام ابن قيم جي رسالن سان دلچسپي هوندي هيس. هڪ دفعي مون سر سيد احمد خان مرحوم جو ڪتاب "اسباب بغاوت هند" وٽس ڏٺو. مون پڇيس، "ڇڄو ڪتاب آهي؟" فرمايائين، "اهو هڪڙو ئي رسالو مون کي پسند آهي." اخبارن مان "الهلال" ۽ "البلاغ" کان پوءِ "مدينه" بجنور جي تحرير وڻندي هيس ۽ ان اخبار جا پرچا ضايع ٿيڻ نه ڏيندو هو. مولانا ابوالڪلام جي تحرير کي

---

[1] هيءَ گفتگو 1924ع ۾ ٿي رهي هئي، يعني بمبئيءَ کان سنڌ جي جدا ٿيڻ کان به يارهن سال اڳ.

نثر نويسيءَ جو معراج سمجهندو هو. ابوالڪلام جو تذڪرو پنهنجن هٿن سان ڏيندي چيائين "هي ڪتاب وري وري پيو پڙهجانءِ." سندس ذاتي ڪتبخانو هن لحاظ سان بيمثال هو تہ ان ۾ چونڊ ۽ ناياب عربي ۽ فارسي قلمي نسخا هئا، جن جا نقل دنيا جي ڪنهن بہ ٻيءَ لائبريءَ ۾ ڪونہ هئا. سڄو ڪتبخانو گهر ۾ رکيل هو ۽ پردي سببان مون کي ڏسڻ جو وجهہ ڪونہ ملي سگهيو.

سنڌ جي (بمبئيءَ کان) جدائي واريءَ هلچل جو آخري ۽ فيصلہ ڪُن دؤر 1928-29ع ۾ شروع ٿيو. في الحقيقت شاهہ سائين جي ئي تعليمات جو اثر هو جو ان هلچل سان منهنجي دلچسپي پيدا ٿي. پاڻ وقت بوقت ان باري ۾ مشورا ڏيندو ٿي رهيو ۽ جڏهن بہ ڪو مشڪل مقام آيو ٿي تہ ڪانئس وڃي صلاح پڇندو هوس. منهنجو پنهنجو پارٽ معمولي هوندو هو. ڪم جا اڳواڻ ٻيا هئا. پر هلچل، وقت جي ٽن وڏين قوتن جي منشا خلاف ٿي هلي. اهي ٽي قوتون هيون: بمبئي سرڪار، هندو قوم، ۽ سرڪار جي راءِ تي رسي پيچڻ وارا سنڌي ليڊر ۽ ڪامورا. سنڌ جي جدائيءَ جو ٽنهي تي اثر ٿي پيو، تنهنڪري ٽنئي قوتون مخالفت ڪنديون ٿي رهيون. انهن جي مخالفت خطري کان خالي نہ هئي. قوت ورهائجڻ کان سواءِ منتقم بہ هونديون هيون، تحريڪ کي ناڪام بڻائڻ لاءِ، اجتماعي خواهہ انفرادي طور هر وقت در پئي آزار ٿي رهيون، ننڍي وڏي ورڪر ۾ تميز ڪانہ ٿي ڪيائون.

ان انديشناڪ دؤر اندر شاهہ سائين هميشه مون کي همت ڏياريندو رهيو. فرمائيندو هو تہ "ماڻهن ۾ عزم پيدا ڪريو. عزم ريءَ حصول مقصد مشڪل آهي. مظلوم ۾ عزم پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڀهريائين ظلم کي ٿوري وقت لاءِ ڊگهي رسي ڏجي تہ هو پاڻ کي ايتريقدر پڌرو ڪري وجهي، جو ماڻهن کي منجهس نيڪيءَ يا اصلاح جي بنهہ ڪا اميد ڪانہ رهي. ان کان پوءِ خودبخود سندس خلاف جذبو پيدا ٿيندو، جنهن جي جواب ۾ ظالم ڀهريائين ڏڍڪا داٻ ڏيندو ۽ بعد ۾ تشدد شروع ڪندو. سندس اهو تشدد ئي، بطور رد عمل، مظلوم جي مايوسيءَ کي پختو ڪندو ۽ مظلوم جي اوائلي جذبہءَ نفرت کي انقلابي ۽ انتقامي عزم جي صورت ڏيندو. ان کان پوءِ معاملو گهڻو آسان ٿيو پوي. مثلاً، اوهان فقط ماڻهن کي ايترو چئو تہ پنهنجي جسم تي اهڙو نشان ڀهري گهمن، جنهن جو سنڌن مطالبي سان تعلق هجي. اهو نشان نفسياتي طور تير و تفنگ جو ڪم ڏيندو. جيڪو گهڻو ڊيڄاري، سو اندر ۾ گهڻو بزدل

ٿئي ٿو. انگريز دڙڪن ڏاڍن جي گهٽي نمائش ۽ وڙڪا ڪندو رهي ٿو. ان مان ظاهر آهي ته سنڌس اندر ڪاڏل ضمير داغدار آهي. ٿوريءَ سخت جانيءَ ۽ ٿوري استقلال جي ضرورت آهي. انگريز خواهه هندو همت هاري پوندو-

ان موقعي تي ٻه - ٽي ٻيا سياسي ٽوٽڪا به ٻڌاياءِين، جيڪي مون سکر منزلگاهه تحريڪ جي سلسلي ۾ پندرهن سال پوءِ استعمال ڪري ڏٺا ۽ ايتريقدر ڪامياب ٿيا جو ٻن ڏينهن اندر حڪومت کي مورڳو جيل جو قبضو ڇڏي اتان پٺي وڃڻو پيو.

سندس آخري ڏينهن جو واقعو بيان ڪري، مضمون ختم ڪريان، ان کان اڳ سندس هڪ ٻي خصوصيت ٻڌائڻ به ضروري سمجهان ٿو.

شاهه سائينءَ جي ذاتي ڪچهري جن ڏٺي ٿي، جن خوش نصيب ماڻهن کي سندس محفلن ۾ موجود رهڻ جو موقعو مليو ٿي، تن کي وري ٻي ڪا محفل پاڻ ڪانه ٿي پئي. ڪانئس پوءِ هن مسڪين گهٽي دنيا ڏٺي آهي. گهڻن وڏن وڏن ۽ چڱن ماڻهن جي مجلسن ۾ اٿيو ويٺو آهي. پر شاهه سائينءَ جي ڪچهرين جي پيٽ ۾ انهن مجلسن جي ڪا وٿ ڏسڻ ۾ ڪانه آئي.

ان ماحول ۽ انهن روحاني مسرتن کي قلم ذريعي پيش ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو پيو لڳي.

سنڌ جي ڪچهري خاص سنڌ جي شيءِ هئي. سنڌ جي لونگيءَ ۽ اجرڪ وانگر، گج ۽ گهگهي وانگر، ڊگهيءَ خوش خير عافيت ۽ پڳ مَٿو ياريءَ وانگر، لوڙهه ۽ لَوڙَ وانگر، لٺ ۽ کهاڙيءَ وانگر، وڏيءَ چلم ۽ اٻاوڙي جي حقي وانگر، ڪونڊيءَ جي پلي ۽ ساڌ ٻيلي جي ڪڳي وانگر، ڪير ٿر جي سرهه ۽ سنهي سهڻي ڪنياتل وانگر.— اهي سوغاتون سنڌ جون مخصوص پيداوار آهن ۽ ٻاهر شايد ڪنهن ملڪ ۾ نظر ڪونه اچن. ساڳيءَ طرح سنڌي ڪچهري به.

ڪچهريءَ جي معنيٰ هوندي هئي ته چار دلگهريا دوست اوري پري کان اچي هڪ هنڌ اوطاقي ٿين. سيارو هجي ته مچ جي چوڌاري، ساوڻ هجي ته نمن يا ٽارين جي ٿڌيءَ ڇانوَ هيٺان، ڪانيون ڪڍي ويهن ۽ ويهي پاڻ ۾ ونڊر ورونهه ڪن، حال احوال ونڊين، ڏک سور اورين، اوياريون لاهواريون هڻن، ڪل پوڳ ڪن ۽ لاهٽيون لاهين، ڪافيون ۽ ڪلام ٻڌن ۽ ٻڌائين. نه غرض نه مطلب، نه ڪم نه حاج، نه ٽڙ نه ٽڪڙ، نه ريل ڇٽي وڃڻ جو پؤ، نه گهڙيءَ گهڙيءَ گهڙيال ڏسڻ جي ضرورت: پهر پاڇي لاءِ ايندا، هفتا رهي پوندا. ورهه ونڊيندي!

سڪ لاهيندي، هفتا پورا نہ پيا تہ عمريون گذاري ڇڏيندا. ٻہ دوست جي در تان مري ڪٽولي تي ڪڇي نڪرندا.

سنڌ جي انهن ڪچهرين ۽ دوستين جو مثال دنيا اندر فقط قديم چين جي تاريخ ۾ ملي ٿو. اُتي بہ اڳوڻي زماني جا چيني، سنڌين وانگر، ڪنهن ڪم يا غرض خاطر نہ، پر محض محفل ۽ دوستاڻي گفتگو جي مزي ماڻڻ لاءِ پاڻ ۾ ملندا هئا. چيني شاعريءَ ۾ دلــگهريي ۽ ڳالهين جي ڳهير دوست کي اهو مقام حاصل آهي، جيڪو ايراني شاعريءَ ۾ معشوق کي.

گفتگو جو آرٽ چينيـن ڪنهن زماني ۾ انتها کي پهچايو. گفتگـو لاءِ مناسب ماحول جو خاص خيال رکيـو ويندو هو. بهار جي رُت هجي، پهاڙ جي سانت هجي، آبشار جي سرسر هجي. گلن ڦلن جي سڳنڌ هجي، جهوپڙي گوڙ گهمسان کان پري هجي. چنڊ جي چوڏهين هجي، ڪڪرن جون ڪاهون هجن، وڄن جا وراڪا هجن، اُپ جا نيڻ وهندا رهن، شراب هجي، شباب هجي، شعر هجي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ وقت جي حاڪم تي ڪا اهڙي آفت آيل هجـي، جـو ڪوهن ۾ سندس نانءُ نشان يا پڙلاءُ ڪو نہ رهي!

انهن چيني مجلسن جي حقيقي ڪاميابيءَ جو مدار هوندو هو وانڊڪائيءَ تي. وانڊڪائي ۽ ڪم ڪار کان بيفڪريءَ کي چيني ماڻهو زندگيءَ جو معراج سمجهندا هئا ۽ ان "معراج" جي حقيقي معنيٰ هوندي هئي تہ دوستن سان روح رهاڻ ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت ميسر رهي.

مجلس ۾ گفتگو جي آرٽ کي ان ڪڙيءَ تائين پهچائڻ لاءِ سنڌي غريبن وٽ نہ غير محدود وسيلا هئا، نہ اٿاهہ وقت. پر ان هوندي بہ وس ۽ وت آهر ڪو نہ ٿي گهٽايائون. شاهہ سائين عليہ الرحمة جون محفلون شايد ان سلسلي جون آخري ڪڙيون يا سنڌ جي تمدني شمع جون پويون لاٽون هيون.

شاهہ سائينءَ جي سوسائٽيءَ جا "نوَ رتن" هوندا هئا. هر هڪ ڪنهن نہ ڪنهن خصوصيت جو حامل، ڪنهن نہ ڪنهن خوبيءَ جو مالڪ هو:

پير حاجي فتح الدين شاهہ مرحوم يار غمّار هو. زندگيءَ جو فلسفو هوس: "خوش باش دمي کہ زندگاني اين است." غم ۽ مايوسيءَ لاءِ سندس دل ۽ دماغ جا دروازا پوريل هوندا هئا. مصيبت ۾ چڱائيءَ جو پهلو ۽ مذاق جو مضمون نظر ايندو هوس. نہ پاڻ ڪڏهن ڪنهن تي ڪاوڙيو، نہ ڪنهن ٻئي کي پاڻ تي ڪاوڙجڻ جو موقعو ڏنائين. سندس صورت ڏسندي ڏک دور ٿي ويندا هئا. حياتيءَ جو سارو سفر ٽن منزلن ۾ طئہ ڪري ڇڏيائين. سير و سفر، مطالعو ۽ محفل.

پير حاجي مصطفيٰ شاھ مرحوم نفاست جو نمونو ۽ محبت ۽ اخلاص جو آئينو هو. ڪنهن لڳا طبيعت تي مجاز جو حملو ٿيل هوس، جنهن جا نشان سوز درون جي صورت ۾ پڇاڙيءَ تائين لـَـڪندا ۽ بـَـڪندا ٿي رهيس. ڏاڍو خوش گلو هو. پراڻين سنڌي ڪافين تي وڏي قدرت حاصل هيس.

پير نورالدين شاھ عليه الرحمة، صاحب الراءِ هو ۽ سنجيدگيءَ جو پتلو. ڪنهن به ڳالهه ۾ ذاتي دخل يا غرض نـہ رکندو هو، پر هر اهم معاملي تي سوچيل سمجهيل راءِ ڏيڻ جي اهليت رکندو هو. شاھ سائينءَ جو حال محرم يار هو. ساري زندگي شاھ سائينءَ جي اردگرد گذاري ڇڏيائين.

پير حاجي علي انور شاھ صاحب، شاھ سائينءَ جو قريبي عزيز ۽ سياسي زماني جو رفيق هو. خلافت خواھ هجرت واريءَ تحريڪ جي زماني ۾ گڏجي ڪشٽ ڪاٽيا هئائون. سياسي معاملن ۾ پڇاڙيءَ تائين سندس پانهن ٻيلي رهيو. عوام تي اثر جي لحاظ سان، حلقهٔ مريديءَ جي وسعت ڪري، پير علي انور شاھ صاحب جو مقام سڀ ڪان مٿانهون هوندو هو ۽ شاھ سائين سندس اهو مقام هميشه ملحوظ رکيو.

پير غلام مصطفيٰ شاھ مرحوم آچن وارو، شاھ سائينءَ جو فدائي هو. پاڻ بہ وڏيءَ همت، حشمت ۽ رعب داب جو صاحب هو، ٿور ڳالهائو هوندو هو. شاھ سائينءَ جي اشارهٔ ابرو ڏانهن ڏسندو رهيو ٿي.

سائين پيرل شاھ مرحوم پير ڳوٺ وارو، پُراڻي پِيراڻي ۽ ميراڻي تمدني روايتن جو آخري آئينہ دار هو. وڏو مهمان نواز، دل جو ڪشادو ۽ حضور شرم انسان هو. شاھ سائين سان پاند اٽڪي ويو هوس، جيسين زنده رهيو، پاند نہ ڇنائين.

پير هدايت الله شاھ مرحوم، خوشطبع ۽ مستعد نوجوان هو. غمٽار طبيعت هيس. سندس هوندي محفل ۾ مذاق ۽ خوشطبعيءَ لاءِ مواد جي ڪمي ڪانہ رهندي هئي. شاھ سائين جي خدمت ڪرڻ پنهنجي لاءِ سعادت سمجهندو هو.

پير محمد امام شاھ مرحوم جهنڊي وارو پنهنجيءَ جاءِ تي وڏو خوددار ۽ مضبوط ڪئريڪٽر جو انسان هو. ڪم گو ۽ گهٽو ڪري تنهائي پسند. جهڙي تهڙي سان راھ رسم نـہ رکندو هو. شاھ سائينءَ سان قرب جو ڪاڍو هوس. سندس علم ۽ مذاق سليم جي وسعتن جو پتو شاھ سائينءَ جي مجلس ۾ موجودگيءَ ۾ پوندو هو! گلاب جي گل وانگر سندس طبيعت ۾ ٻي پوندي هئي.

وڏيرو حاجي علي نواز خان گهانگهرو مرحوم، انتهائي آزاد خيال ۽ بهادر شخص هو. انگريز ۽ سندس ڪامورن کي تڇ سمجهندو هو. ڪامورا ڏاڍيون تڪليفون ڏيندا هئس، پر منهن تي گهنج نہ ايندو هوس. چوندو هو، عزت نفس قائم رکڻ خاطر اها قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي. سندس سوٽ مرحوم علي حسن گهانگهرو پهريون ۽ پويون شخص هو، جنهن تي هجرت واريءَ تحريڪ جي سلسلي ۾ باقاعدي فوجداري مقدمو هليو. سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ ان مقدمي کي وڏي اهميت حاصل آهي. پر افسوس آهي تہ زندگيءَ جي هماهميءَ ۾ ڪنهن کي ان تي غور ڪرڻ جو موقعو ڪونہ مليو آهي. حاجي علي حسن خان جي انتقال بعد حاجي علي نواز خان پنهنجون اُهي خانداني روايتون قائم رکيون ۽ زندگي شينهن وانگر آزاد گذاريائين. شاهہ سائينءَ جو پراڻو ساٿي ۽ مخلص دوست هو.

حاجي ابوبڪر ٻرڙو مرحوم، ابتدا ۾ پير سائين محمد معشوق شاهہ رحمة الله عليہ گهٽهڙ واري جو مصاحب ٿي رهيو هو. پير معشوق شاهہ نہ فقط وڏو عالم، وڏو حڪيم ۽ وڏو اهل سخن هو، پر عظيم المرتبہ انسان هو. اهڙا انسان صدين پڄاڻا هيڪڙ - ٻيڪڙ پيدا ٿيندا آهن. حاجي ابوبڪر سندس مجلسي ٿي رهيو. گهٽو پراڻي هوس. قوت گذران جي فڪر کان جو وقت بچندو هوس، سو شاهہ سائينءَ جي خدمت ۾ صرف ڪندو هو. بذلہ سنج هو. سندس گفتگو طبعيت جون تُرشيون لاهي ڇڏيندي هئي.

اِن اندروني حلقہء احباب جي ٻاهران، انهن مستقل مصاحبين کان سواءِ، شاهہ سائينءَ جي نيازمندن جو هڪ ٻيو گروهہ بہ هوندو هو، جنهن ۾ قسم قسم جا ماڻهو شامل هئا. منجهانئن ڪيترا تہ نظر بظاهر، بي فڪرا، بي فن، محض اٽي تي چٽي هوندا هئا، پر شاهہ سائين سڀ نڀاهيندو رهيو. ٻرزگن جون وضعداريون ۽ قلب جون وسعتون هيون. هر ڪو ائين پيو سمجهندو هو تہ ان چشمہء شيرين تي هر هڪ جو هڪجهڙو حق آهي- مرغ ۽ ماهيءَ جو، مرونءَ ۽ ماڻهوءَ جو.

پنهنجي مورث اعليٰ، حضرت پير سائين محمد راشد رحمة الله عليہ جي اولاد مان نوجوانن جي سرپرستي، مشفق والد ۽ ڪريم النفس استاد وانگر ڪندو رهيو. ڪيترين بہ اوٽايون پوٽايون ٿين، پر سندس طبعيت تي تڪدر پيدا نہ ٿيندو هو. اصول هوس تہ جواني ديواني آهي! نوجوانن جي طبعيت واهڙ جي وهڪري وانگر ٿئي ٿي، اُن کي موڙي مٿانهين ٻني تي چاڙهڻ ۽ ان جي ٽيءَ تي فصل پوکڻ لاءِ تحمل، شفقت، هنرمنديءَ ۽ وقت جي سڃاڻپ جي

ضرورت رهي ٿي. سختي، تيزي، تڪڙ ڪجي ته حيا ۽ حجاب جو پردو ٽٽي پوندو ۽ بشريت جو اهو واهڙ پڪون پيچي وجي بئي پار نڪرندو. سندس اهڙيءَ غير مشروط بي انتها شفقت ڪري، هر قسم جا ڏکيا سُوريا، معتوب ۽ مقهور، پاٽئون پٽڪيل ۽ حالتئون ويل، ازين سُو رانده وازان سُودر مانده ماٺهو سندس در کي دارالشفا سمجهي، چانئٺ کي چنبڙيا پيا هوندا هئا.

شاهه سائينءَ جي سوانح جي سلسلي ۾ بن شخصيتن جي ذڪر جي وڏي ضرورت آهي. پر اُهي شخصيتون بجاءِ خود ايتريقدر بلند هيون جو ضمني طور انهن جو ذڪر ڇيڙڻ سوءِ ادب ٿيو پوي. حضرت سيد احمد شامي رحمة الله عليه، شاهه سائينءَ جو پير هو ۽ پير حسين شاهه رحمة الله عليه (جنهن کي ادب وچان ميان سائين سڏيندا هئاسين) شاهه سائينءَ جو وڏو ڀاءُ هو. صورت انساني هئي، باقي وصفون آسماني هيون. عمر وفا ڪئي ته انهن جا حال به ونديا. هت ايترو عرض ڪرڻو آهي ته انهن ٻنهي بزرگن جڏهن هڪٻئي پٺيان جلد جهان ڇڏي وڃڻ ڪان پوءِ، شاهه سائينءَ جي طبعيت جي مکڙي ڪومائجي ويئي ۽ زندگيءَ جي پري انجمن ۾ به اڪيلائي محسوس ڪرڻ لڳو. حضرت شامي صاحب رحمة الله عليه جو انتقال بمبئيءَ ۾ ٿيو. اها خبر شاهه سائينءَ کي خيرپور ۾ ملي. آءُ ان ڏينهن سندس خدمت ۾ حاضر هوس. خبر ٻڌندي، سندس اکين مان به ڳوڙها ڳڙي اچي سندس دامن ۾ پيا. وڏيڪ نه پڇيائين، نه ڪڇيائين. باقي سارو وقت پنهنجو پاڻ سان جهونگاريندو رهيو.

جوڳي ويا جبروت، ماءُ ڏنم اڄ ماٺ مڙهين ۾.

ڪجهه وقت پڄاڻا ميان سائين رحمة الله عليه به موڪلائي ڪئي ۽ مڙهين ۾ مطلق ماٺ ٿي ويئي. شاهه سائين جي پنهنجي روانگي ان ڪان پوءِ اکئين نٿي ڏٺي.

شاهه سائينءَ جي پنهنجيءَ رحلت ڪان به سال اڳ سنڌ بمبئيءَ ڪان جدا ٿي چڪي هئي. ڪين ڏاڍو اونو هو ته اهو پهريون قدم ڪامياب ثابت ٿئي. آخري دفعي مون کي سندس زيارت شروع مارچ 1938ع ۾ نصيب ٿي. خيرپور يا سکر ڪان موٽندي، واپس قمبر ويندي، رستي ۾ منهنجي ڳوٺ لهي پيو. منهنجي والد مرحوم جي قضيي کي سال کن ٿيو هو. آءُ سياست خواهه اخبار نويسي ڇڏي گهر ۾ رهڻ لڳو هوس. ان موقعي تي گفتگو جي شروعات هنن دل ڏاريندڙ لفظن سان ڪيائين:

"علي محمد! منهنجي روانگيءَ جو وقت اچي ويو آهي. شايد هيءَ پنهنجي آخري ملاقات آهي. آءٌ تو کي ڪن ڳالهين ڇوڻ لاءِ آيو آهيان."

ان کان پوءِ سنڌ جي سياست متعلق پنهنجي راءِ جو اظهار فرمايائون، جنهن جي تفصيل لاءِ هن موقعي تي گنجائش ڪانہ آهي. مختصراً، سندس خيال هو تہ جدا سنڌ جي پهرينءَ وزارت هوڻو ڪونہ ھاريو — ساڳي ئي ڪامورا شاهي ۽ انقتباض جي حالت قائم آهي - موٽي سياست ۾ ويجان — وغيره وغيره.

دوران گفتگو ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيائين:

"مولانا عبيدالله جو اسان ڏانهن قرض رهيل آهي. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ نئينءَ سنڌ جي پهرينءَ وزارت وسيلي اهو قرض ادا ڪريان، پر منهنجي ڪنهن ڪانہ ٻڌي... اسان جي اسڪيم مطابق ئي عبيدالله غريب کي ملڪ بدر ٿيڻو پيو، پر اڄ تائين سندس واپس وطن اچڻ تان بندش لهرائي نہ سگهيا آهيون. اسان جا پنهنجا ماڻهو بہ اڃا پيا پنهنجن ماڻهن کان انگريز پاران حساب - ڪتاب وٺن. مولوي صاحب بحالت جلاوطني دربدر پيو ڦري ۽ اسين پيا هت الوليون ماڻيون. مولوي صاحب هاڻي پوڙهو بہ ٿيو هوندو. اسان جو فرض آهي تہ مٿانئس بندش لهرائي، پڇاڙيءَ ۾ ڪيس موٽائي اُٿي وطن جا وڻ ڏيکاريون. آءٌ ذاتي طرح پاڻ کي سندس مقروض پيو سمجهان."

شاهہ سائين منهنجي ڳوٺان روانو ٿيو تہ آءٌ بہ ڪراچيءَ هليو ويس. اتفاقاً، چند ڏينهن اندر ئي سنڌ جي اها وزارت ڪري پيئي، ۽ نئين وزارت مولانا عبيدالله تان بندش لاهي، کيس واپس آڻڻ جو اعلان ڪيو. مون شاهہ سائينءَ جي خدمت ۾ تار موڪلي تہ حڪم جي تعميل ٿي ويئي. تار پهچڻ کان پوءِ، چوٿين ڏينهن پاڻ لاڏاڻو ڪيائين: اناالله و انا اليہ راجعون.

حريفان بادها خوردند رفتند،
تهي خمخانها ڪردند رفتند.